غلام محمد لاكو

# سنڌ جو تاريخي

# ۽

# تحقيقي جائزو

مارئي سماجي سنگت ملير كراچي

# سنڌ جو تاريخي
# ۽
# تحقيقي جائزو

# سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو

(مقالا ۽ مضمون)


## غلام محمد لاکو



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



مارئي سماجي سنگت

عمر مارئي ڳوٺ

ملير / ڪراچي

١۴١٧هه / ١٩٩٧ع

چاپو اول — سال 1997ع — تعداد 1000

(حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ)

قيمت: ٻہ سؤ روپيہ

Sindh Jo Tarikhi - aeen - Tahqiqi Jaizo. (Historical and Research based survey of Sindh)
Written by: Ghulam Muhammad Lakho.
Published by: Ghulam Ali Bagani,
for Marvi Samaji Sangat
Malir, Karachi.
Year: 1997 Rs: 200/=

هي ڪتاب امپيريل ڪمپيوٽر ڪمپوزرز ڪراچيءَ ۾ ڪمپوز ٿيو. ان جا ڪجهہ صفحا ڪونڊر ڪمپيوٽر اڪيڊمي حيدرآباد ۾ ڪمپوز ٿيا ۽ مارئي سماجي سنگت مليـر (ڪراچي) پاران غلام علي باگاڻي، المخزن پرنٽرس پاڪستان چوڪ ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

# انتساب

مولانا غلام محمد گرامي مرحوم
جي نالي

محترم عزيز غلام محمد لاکي سلام ۽

مليل ليو. دعا آهي ته

نوجوان سنڌي تاريخ ۾ ڪي ايترو

غور ۽ تحقيق سان مطالعو ڪري

جنهنجو روح خوش ٿئي ۽

هو وڏو اسڪالر بڻجي -

غلام محمد گرامي

گرامي منزل، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

---

١٢- آڪٽوبر ٧٥ع



غلام محمد لاکو

# پبلشر پاران

غلام محمد لاکو سنڌ جي هن وقت جي محققن ۽ اسڪالرن ۾ پنهنجي انفرادي سڃاڻپ رکي ٿو. هن جا ڪافي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب ڇپجي علمي دنيا ۾ پاڻ مڃائي چڪا آهن. تاريخ، فارسي ڪتاب، تذڪرا، قديم سنڌي قلمي ڪتاب ۽ موجوده سنڌي ساهت، هن جي جاکوڙ ۽ جستجو جا ڪي خاص پهلو آهن. ان هوندي بہ سنڌ جي ثقافت ۽ اتهاس بابت، هن اڪثر عنوانن تي لکي پاڻ مڃايو آهي.

اسان سورهن سال اڳ گرامي پبليڪيشن ذريعي، سنڌس پهريون ڪتاب "سنڌ صدين کان" ڇپرائي پڌرو ڪيو هو. ان ريت هن جي مقالن ۽ مضمونن جو پهريون جلد ڇپرائڻ جو موقعو بہ اسان کي مليو آهي. هن جلد ۾ سنڌ بابت مختلف رخن کان تحقيق ڪيل آهي. لاکي صاحب کوجنا جي ڪم ۾، وڏي محنت ۽ جاکوڙ جو ثبوت ڏنو آهي. هي ڪتاب پڙهڻ سان بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ وڌيڪ لکڻ مناسب نہ ٿو لڳي.

هن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ ڪافي دوستن اخلاقي ۽ مالي مدد

ڪئي آهي. خاص ڪري محترم بخش علي لاڪو، چيئرمين سنڌ گريجيوئيٽس ايسوسيئيشن، اسان لاءِ هر طرح مددگار ثابت ٿيو. سندن همٿ افزائي ۽ مالي مدد بغير هي ڪتاب شايد ايترو جلد ڇپجي نہ سگهي ها. ڊاڪٽر خليل احمد لاکي بہ هن ڏس ۾ هر طرح جو تعاون ڪيو. منهنجي عزيز غلام مصطفيٰ لغاري، امپيريل ڪمپيوٽر ڪمپوزرز ڪراچي، تمام ٿوري وقت ۾ مواد ڪمپوز ڪيو. ڪجهہ صفحا موهن لال مڪواڻا، ڪونڊر ڪمپيوٽر اڪيڊمي حيدرآباد ۾ ڪمپوز ڪيا. پريس جي غلطين جي اصلاح عبدالسلام پٿو صاحب ڪئي. ان لاءِ سڀني دوستن جو دلي طرح شڪريو ادا ڪجي ٿو.

مخلص

**غلام علي باگاڻي**

# فهرست

### خاص اپياس:


| | | |
|---|---|---|
| ١. | سنڌ جي تاريخ تي سرسري نگاهہ | ٣ |
| ٢. | سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد | ١۴ |


### تاريخ، قديم آثار ۽ سوانح:


| | | |
|---|---|---|
| ٣. | سنڌ جا قديم آثار: از هينري ڪوزنس | ٣١ |
| ۴. | سنڌ جا قديمي شهر: اروڙ | ۴٠ |
| ۵. | ٿل مير رکن | ۴٣ |
| ٦. | برهمڻ آباد جي قلعي جو دفاعي لحاظ کان مطالعو | ٦۴ |
| ٧. | سمن جي دور جا ڪي مشهور شهر | ٧٣ |
| ٨. | دريا خان شهيد - سوانح ۽ مدفن | ٨٢ |
| ٩. | ڇا درياخان ۽ مبارڪ خان ٻہ الڳ شخص آهن؟ | ٨٩ |
| ١٠. | ننڍي ڪنڌ ۾ سياسي مخالفن لاءِ عبرتناڪ سزائون | ١٠۵ |
| ١١. | شهيد مخدوم بلال سمون | ١١٠ |
| ١٢. | مخدوم بلال جي شهادت جو مسئلو | ١١٧ |
| ١٣. | سيوهڻ سرڪار جو معاشرتي جائزو | ١٣٦ |
| ١۴. | ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌ | ١۵١ |
| ١۵. | وتايي فقير تي تحقيق جي ضرورت | ١٦٢ |
| ١٦. | مخدوم عبدالله منڌرو | ١٦٧ |
| ١٧. | سنڌ سڀا: سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم | ١٧۵ |
| ١٨. | شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ | ١٩٧ |


### فارسي ادبيات:


| | | |
|---|---|---|
| ١٩. | سنڌ ۾ مرتب ٿيل فارسي گوشاعرن جا تذڪرا | ٢١٣ |
| ٢٠. | بيگلارنامه: سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ماخذ | ٢٣٣ |
| ٢١. | انتخاب منتخب: سنڌ جي تاريخ جو هڪ وڏيڪ ماخذ | ٢۴١ |
| ٢٢. | سنڌ جي تاريخ جا ماخذ ۽ اسان جون جوابداريون | ٢۵١ |

## سنڌي ٻولي ۽ ساهت:


٢٣. سنڌي ادب جي تاريخ جي موجوده صورت ٢٧٣
٢٤. مغليه دور جي سنڌي شاعري ٣٠١
٢٥. عربي سنڌي رسم الخط جي اوسر جو تاريخي پس منظر ٣٠٦
٢٦. انڊيا آفيس لئبريري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب ٣٢١
٢٧. برٽش ميوزم لنڊن ۾ سنڌي قلمي نسخا ٣٣٨
٢٨. سنڌي ساهت جا سڄڻ ٣٥١
٢٩. سنڌي ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻو ادب ٣٥٨


## سيد حسام الدين راشدي:


٣٠. راشدي صاحب جو علمي مان مرتبو، ادبي اثاثو ۽ اسان جون جوابداريون ٣٦٣
٣١. ڪتاب "سنڌي ادب" اشاعت جو سال ۽ اهميت ٣٩٥
٣٢. سيد حسام الدين راشدي مرحوم جو منتشر ادبي ذخيرو ٤٠٤
٣٣. سيد حسام الدين راشدي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ٤١١
٣٤. يادداشت: مواد جي ڇپائي موجب ٤٢٠

# پيش لفظ

منهنجو پهريون مضمون سال ١٩٧٦ع ۾ ڇپيو. سال ١٩٩٦ع ۾ مون پنهنجي ادبي سفر جا ويهه سال پورا ڪيا آهن. هيل تائين منهنجا سٺ کن مقالا ۽ مضمون، مختلف رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. اردو مقالا ۽ مضمون ان کان علاوه آهن. ادبي سفر جي ويهن سالن ۾ ڪجهه اصلي، ڪي ترجمو ۽ ڪي ترتيب ڏنل ڪتاب پڻ شايع ڪيا اٿم.

منهنجن ڇپيل مقالن ۽ مضمونن مان، هت تيئيهه تحريرن ۽ لکتن جو انتخاب ڪيو ويو آهي. هنن لکتن کي ڇپجڻ جي سال واري رٿا بجاءِ، عنوانن ۾ ورهائي سنڌ جي تاريخ جي دورن موجب رکيو ويو آهي. ان ريت هي ڪتاب پنج مکيه موضوعن تي مدار رکي ٿو.

هي ڪتاب سڄي جو سڄو سنڌ جي مطالعي تي مبني آهي. تاريخ، سوانح، قديم آثار، تاريخي ماخذ، ادبي اتهاس، فارسي تذڪرا، سنڌي ساهت ۽ سنڌي قلمي نسخا، ڪجهه خاص خاص عنوان آهن، جن تي قلم کنيو ويو آهي. هي ڪتاب سنڌ بابت مختلف نوعيتن جي تحقيقي اڀياس بابت آهي. رسرچ ۽ کوجنا واري دنيا جو کوڙ ڇيهه ڪونهي. نت نوان ڪتاب ظاهر ٿيندا رهن ٿا. هر روز نيون حقيقتون عيان ٿينديون رهن ٿيون. ڏينهن و ڏينهن مطالعي جا نوان سرچشما ملندا رهن ٿا. ان ريت علمي ۽ تاريخي تحقيق جو کوڙ انت ڪونهي ۽ ان لاءِ حرف آخر نہ ٿيندو آهي.

هي قاعدو سنڌ بابت تحقيقي اڀياس سان بہ لاڳو ٿئي ٿو. هن جلد ۾ شامل مقالن جي ڇپجڻ کان پوءِ، ڪجهه نڪتن بابت وڌيڪ مواد نظر مان نڪتو آهي. ڪجهه وڌيڪ ماخذن جي نشاندهي ٿي آهي ۽ ڪي نوان ڪتاب ڇپجي ميدان تي آيا آهن. هن مواد کي تمام تڪڙ ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي. ان ڪري سواءِ جزوي واڌارن جي، سڄي جو سڄو مواد ساڳيو آهي. مفصل طرح

سان لکڻ مستقبل جي مؤرخ ۽ محقق جو ڪم هوندو. هن جلد ۾ شامل مواد جا پنج مکيه ڀاڱا آهن. هت ڪجهه نڪتن بابت مختصر اپٽار ڪجي ٿي.

پهريون ڀاڱو خاص ايپاس تي مبني آهي ۽ ان ۾ ٻه مقالا آهن. پهريون مقالو سنڌ جي تاريخ جو سرسري تعارف ڪرائي ٿو. هن مقالي کي هن جلد جو مقدمو به سڏي سگهجي ٿو. هي مقالو پڙهڻ کان پوءِ باقي سڄي ڪتاب کي پڙهندي سولائي محسوس ٿيندي. هن مقالي کي ڪجهه وڌايو ويو آهي. ٻئي مقالي ۾ اهڙن ڪتابن جو ذڪر ٿيو آهي، جي سنڌ بابت ڪوڄنا ڪندڙن جي هٿ ڏس ڪن ٿا. ويجهڙ ۾ هن ڏس ۾ ٻه مکيه واڌارا ٿيا آهن: سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي لوڪ ادب رٿا جي هڪ ڊئريڪٽري ڪڍي آهي ۽ ڊاڪٽر نجم الاسلام صاحب اردو شعبي (سنڌ يونيورسٽي) جي "تحقيق" مخزن ذريعي ڄامشوري جي مخطوطات جو ڪيٽالاگ ڇپرائڻ شروع ڪيو آهي.

هن جلد جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڪل سورهن مضمون ۽ مقالا شامل ٿيا آهن. ڪزنس جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي. هي ترجمو عطا محمد ڀنڀري جو ڪيل آهي. ان کان علاوه سنڌ جي ثقافت ڪاتي، هن اسڪالر جي سنڌ جي ڪاشيءِ وارو، يادگارڪارنامو به وري نروار ڪيو آهي. منهنجي لکيل اوائلي سنجيده مقالن مان "نل ميرڪن" هڪ اهم مقالو آهي. هي تاريخي عجوبو منهنجي ڳوٺ جي ڀرسان آهي. آرڪيالاجي ڪاتي ان کي بنهه نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. ان صورتحال ۾ تاريخ جي هڪ مکيه علامت جلد ڊهي ڍير ٿيڻ جو انديشو آهي.

هن حصي ۾ پنج مقالا سمن ڄامن جي سونهري دور بابت آهن. درياخان ۽ مخدوم بلال هن دور جا معتبر انسان ٿي گذريا. موجوده دور ۾ محققن ڀنهي کي ڪنهن نه ڪنهن نموني تڪراري بنائي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي ته درياخان لاشاري هو. سائين محمد ابراهيم جويي جو خيال آهي ته پاڻ ذات جو قبوليو هو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مرحوم، درياخان کي پروچ نه ٿو سمجهي (ماهوار ڪينجهر، جون ١٩٩٦ع). ان بابت مون پنهنجي ڪتاب "سمن جي سلطنت" ۾ ڪجهه روشني وڌي آهي. مخدوم بلال جي باري ۾ ويجهڙ ۾ لکيو ويو آهي ته هو شهيد ڪونهي. ان باري ۾ گهڻو بحث ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مخدوم صاحب بابت ٻه مقالا، ان

مرحوم محمد صديق ميمڻ وارو ترجمو پڻ وري نڪتو آهي. منهنجي تحقيقي جاڪوڙ ”انتخاب منتخب“ کي ڳولي لڌو. علمي دنيا کي ان بابت اڳ خبر نہ هئي. ڪو وقت ٿيو جو سنڌي ادبي بورڊ، پنهنجي تاريخي ماخذن ڇاپڻ وارو ڪم ڇڏي ڏنو آهي. البت ڪجهہ ٻين ادارن ڪوششون جاري رکيون آهن. هن ڏس ۾ سيپٽمبر ١٩٩٦ع ۾ ٿيل ڪلهوڙا دور تي بين الاقوامي سيمينار دوران، ڪجهہ مکيہ ڪتابن جو ڇپجڻ وڏو واڌارو ليکيو ويندو. ان موقعي تي: ڪليات سرفراز، تاريخ بلوچي (مجيد جوکيو) ۽ باقيات از احوال ڪلهوره- شايع ٿيا آهن. اسي واري ڏهاڪي ۾ سنڌ بابت هڪ جهوني ماخذ ”نصرت نامه ترخان“ جو نالو سامهون آيو. مصنف جو نالو محمد بن بايزيد پوراني چيو وڃي ٿو. ٻي راءِ موجب لکندڙ جو نالو بايزيد آهي. هي ڪتاب جلد شايع ٿيڻ جي اميد آهي ۽ ان ريت نالي جي صفائي ٿي ويندي. جن هي ڪتاب نظر مان ڪڍيو آهي، انهن جو چوڻ آهي تہ مصنف دل کولي سنڌي ماڻهن کي گاريون ڏنيون آهن!

هن ڪتاب جي چوٿين حصي ۾ ڪل ست مقالا ۽ مضمون آهن. هڪ مقالو سنڌي ساهت جي اتهاس بابت آهي. هي مقالو پندرهن سال اڳ ڇپيو هو. ان وچ ۾ جامشوري جي پل هيٺان گهڻو پاڻي وهي چڪو آهي. ڪي اديب جهان ڇڏي چڪا آهن ۽ ڪن لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. سنڌي ساهت جي ميدان تي، هر صنف ۾ ڪجھ چهرا منظر تي اڀريا، پاڻ مڃرائي چڪا آهن. اڪثر صنفن تي ڪوڙ سارا نوان ڪتاب پڻ ڇپيا آهن. ادبي تاريخ بابت هي هڪ مقالو آهي ۽ ڪتاب ڪونهي. ان ڪري ڪي نالا هت اچڻ کان رهجي ويا هوندا، جي هوند نہ رهن ها تہ چڱو. ان هوندي بہ مقالي کي ڪجهہ سڌاري ۽ وڌائي هن ڪتاب ۾ شامل ڪجي ٿو. ادبي تاريخ جي حوالي سان ٻن ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو، جي هن مقالي کان پوءِ ڇپيا آهن. پوپٽي هيراننداڻي سال ١٩٨٤ع ۾ بمبئي مان ”هسٽري آف سنڌي لٽريچر“ ڇپيو آهي، جنهن ۾ ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۾ پيدا ٿيل سنڌي ساهت جو سروي ڪيل آهي. ٻيو ڪتاب محمد آصف خان پنجابي زبان ۾ ”سنڌي ادب“ جي نالي سان، سال ١٩٩١ع ۾ پاڪستان پنجابي ادبي بورڊ لاهور مان ڇپيو آهي. محمد آصف خان جي هن اوک ڊوک ۾ بہ وزن ڏسجي ٿو تہ، عرب دور ۾ هن خطي

ڪيو هو. راشدي مرحوم بابت ٻين مقالن تي بہ نئين نظر وڌي اٿم. راشدي صاحب منهنجي مطالعي ۾ اڀياس جو هڪ مستقل موضوع آهي. خدا گهريو تہ هن ڏس ۾ ترتَ وڏيڪ تحقيق نروار ڪبي.

ڪٿي ڪٿي اردو لفظن جي املا درست قائم نہ ٿي سگهي آهي. انڊيا آفيس ۽ برٽش ميوزم وارن مقالن ۾، ڏنل اقتباسن ۾ اصل صورتخطي ڏيڻ جو ارادو هو. پر ائين نہ ٿي سگهيو. انگريزي لکتن ۾ خاص ڪري "سنڌ" نالي ۾ بہ هيٺ مٿانهيون رهجي ويون. اهي سڀ ڪوتاهيون ڪمپيوٽر ۽ آپريٽرن جي ڪاتي ۾ اچن ٿيون.

سال ١٩٧٥ع ۾ غلام علي باگاٽي ۽ هنن مقالن جو لکندڙ، رسالي "مهراڻ" جي تڏهوڪي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي صاحب سان مليا هئا. اڌ ڪلاڪ ڪن جي ڪچهريءَ ۾ مولانا صاحب منهنجي همت افزائي ڪندي چيو تہ، تو ۾ لکڻ جي صلاحيت ڏسجي ٿي. تون لک. ان حڪم جي بوٺواري ۾ مون قلم کنيو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. ان ۾ ڪيترو سفل ٿيو آهيان، اهو هي ڪاڳر ئي ٻڌائي سگهندا. گرامي مرحوم ڪي هي ڪتاب منسوب ڪندي ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ مون مٿان هڪ ادبي قرض هو جو اڄ لاهي رهيو آهيان:

سربر قدم يار فدا شد چہ بجاشد

اين بار گران بود، ادا شد چہ بجا شد.

منهنجي پراڻي دوست غلام عليءَ هي ڪتاب ڇپرايو آهي. ان لاءِ سائين بخش علي لاکو صاحب وقت ۾ وقت مددگار ٿيو. عزيز دوست ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب پروف ريڊنگ ڪئي. ارشاد اوٺو پريس جي ڀڄ ڊڪ ۾ شامل رهيو. محمد قاسم سومري ڪجهہ صلاحون ۽ مشورا ڏنا. ان لاءِ سيني دوستن ۽ يارن جا ٿورا مڃڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو. اميد تہ مضمونن ۽ مقالن جي هن پهرئين جلد ڪان پوءِ، ترت ٻيو جلد بہ پريس جي حوالي ڪيو ويندو.

**غلام محمد لاکو**

٣ جنوري ١٩٩٧ع

# خاص اپیاس

سمن جي سلطنت کي (۱۵۲۰ع تائين)، اسان جي تاريخ ۾ نهايت ئي مٿانهين حيثيت حاصل آهي. هن دور ۾ سنڌ جي سرحدن ۾ وسعت پيدا ٿي ۽ سبي، لسٻيلي ۽ ملتان تائين اسان جو سياسي اثر پيدا ٿيو. هن گهراڻي جي اوٺيهه سلطانن حڪومت ڪئي. جن مان ڄام تماچي، ڄام سنجر، ڄام نندو ۽ ڄام فيروز، اهم حڪمران ٿي گذريا آهن. هن ئي زماني ۾ ٺٽي شهر کي "بغداد ثاني" سڏيو ويو. سنڌين جي اها خوشقسمتي آهي جو، امير تيمور هندستان جي قتل و غارت ۽ ڦرلٽ تي پروسو ڪيو ۽ سنڌ ۾ داخل نه ٿيو. ياد رهي ته تيمور هند جي هڪ ڪلاڪ جي جنگ ۾، هڪ لک ماڻهن جو قتلام ڪرايو. سمن ڄامن جي تباهي گهرو ويڙهه جي نتيجي ۾ ٿي. سن ۱۵۲۰ع ۾ دريا خان سنڌ جي بچاءَ جي جنگ لڙندي، ميدان جنگ تي شهيد ٿي ويو. بعد ۾ ارغونن شاه بيگ جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سنڌي عوام ڌارين جي حاڪميت کي قبول نه ڪيو ۽ انهن خلاف جدوجهد جاري رکي. هن مهم ۾ مخدوم بلال اهم ڪردار ادا ڪيو، جنهن کي پوءِ شاهه بيگ جي حڪم تي گهاڻي ۾ پيڙايو ويو.

# سنڌ جي تاريخ تي سرسري نگاه

سنڌ- نالي بابت قديم وقت کان بحث پئي هليو آهي. مير علي شير قانع لکيو آهي ته، حام بن نوح جي ٻن پٽن؛ سند ۽ هند جي نسبت سان، ننڍي کنڊ جا ٻه ملڪ - سنڌ ۽ هند- سڏجڻ ۾ آيا (تحفة الڪرام، اردو، ص ۲). ساڳئي وقت قانع لکيو آهي ته، هن وقت دنيا ۾ ڪل ايڪهٽ ملڪ آهن، جن مان سنڌ جو نمبر ٽيتاليهون آهي. ياد رهي ته ان زماني ۾، سنڌ مغلن جي مرڪزيت مان آجي ٿي، هڪ خود مختيار رياست جو روپ ورتو هو. موجوده دور ۾ پڻ "سنڌ" اکر جي متعلق بحث جاري آهي. ڀيرو مل مهر چند لکي ٿو ته، هي نالو سنڌوندي تان پيو آهي. سنسڪرت ۾ سنڌو معنيٰ وڏو درياءُ يا سمنڊ. فاضل محقق "سنڌ" لفظ جو بڻ بنياد هن ريت ڏنو آهي- "سنڌو اصل ۾ سيند (SYAND) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وَهڻ، انڪري سنڌو معنيٰ اها ندي جيڪا سدائين وهي" (قديم سنڌ، ص ۴۳). مولانا غلام محمد گرامي مرحوم به "سنڌ" لفظ تي پنهنجن خيالن جو ويچار ظاهر ڪيو آهي (انٽرويو، رسالو برسات). سندس چوڻ آهي ته، سنڌو لفظ اصل ۾ چينين ڏنو، جنهن جون اوائل ۾ هي صورتون هيون- شين، شن، سنتو، شنڌو ۽ پوءِ ڦري ٿيو سنڌو- ايرانين انکي ڦيرائي ڪيو هندو. ان ريت دنيا ۾ ٻه ملڪ- سنڌ ۽ هند - مشهور ٿيا. پوءِ يونانين (هيرو ڊٽس) به، هن خطي کي "هند" ۽ "سنڌ" جي نالن سان پڪاريو. عربن وري هن پوري علائقي کي، صرف هند جي نالي سان ياد ڪيو. بعد ۾ وري يونانين پنهي نالن جي اصليت کي خراب ڪيو ۽ سنڌ کي انڊو ۽ هند کي انڊ سڏيائو . پوءِ يورپ وارن پوري ننڍي کنڊ لاءِ لفظ "انڊيا" ڪتب آندو. ڊاڪٽر ليمبرڪ تاريخ سنڌ جلد پهرئين ۾، لکي ٿو ته سنڌ، جنهن جو صحيح اچار "سنڌو" آهي، سو ابتدا ۾ ان نديءَ جو نالو آهي، جنهن کي الهندن ملڪن ۾ "انڊس" سڏيو وڃي ٿو. اهو غلط اچار ان ڪري قائم رهيو جو، سڪندر اعظم جي ساٿين سندس ڪاهن جي تذڪرن ۾ ڪتب آندو هو ۽ اهو پوءِ عام استعمال ۾ اچي ويو (ص ۱).

(۱)

سنڌو جنهنکي هاڻي "سنڌ" سڏجي ٿو، ان جي تاريخ پنج هزار سال پراڻي تسليم ڪئي وئي آهي. جنهن سال کان اسين پنهنجي ملڪي تاريخ جي ابتدا ڪيون ٿا، سو حضرت عيسىٰ کان ٻه، پنجويهه سؤ سال اڳ پڌايو ويو آهي. سنڌ ۾ هي زمانو، سنڌو ماٿر جي تهذيبن جي زماني سان پڻ ياد ڪيو ويو آهي. سنڌ جي هن تمدني اوج جي پڄاڻي پندرهن سؤ سال اڳ مسيحي دور ۾ ٿي. هي دور سنڌ جي شاندار تهذيبي ترقي، اقتصادي خوشحالي ۽ مستحڪم سياسي ڍانچي جي موجودگيءَ جي علامت آهي. "موهن جو دڙو" سنڌ جو تختگاهه هجڻ سان گڏ، بين الاقوامي شهرت يافته مرڪز به هو. هن دور جي سياسي اپياس بابت مواد گهٽو گهٽ آهي، تاهم ايڏي شاندار تهذيب ۽ پرڏيهي ساک، ڪنهن منظم ۽ مضبوط قيادت کان سواءِ ممڪن ڪونهي. موهن جي دڙي مان مليل رسم الخط، اڄ به سنڌ کي متانهون مان ڏيو بيٺو آهي. هي تهذيب ڪيئن پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتي، اهو هڪ راز آهي، جيڪو اڃا حل ٿيڻو باقي آهي!

(۲)

ان بعد اسين جنهن سنڌ ۾ داخل ٿيون ٿا، سا اڄ به آرين جي آمد جي پڙاڏي سان گونجي پئي. حقيقت ۾ اسان جي تاريخ جو هي پهريون زمانو آهي، جنهنکي اونداهو سڏڻ ۾ ڪابه، هٻڪ محسوس نه ڪرڻ گهرجي. هن دور ۾ سنڌ ۾ آرين جي ڪثرت سان لڏي اچڻ ڪري، مقامي آباديءَ جو تناسب گهٽجي ويو، جنهنڪري سنڌي معاشرت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ڌارين جي اچڻ ۽ ظلمن سبب، ڪيئي مقامي قبيلا ڏکڻ هندستان ڏي لڏي ويا. هي اهو دور آهي، جڏهن سنڌوءَ جي ڪناري تي ويد لکيا ويا ۽ ويدن واري ڌرم کي هتي به شهرت ملي. آرين جي آمد کان ڪري، هن ملڪ هڪ هزار سالن جي عرصي ۾ (۵٦۳. ق. م. تائين)، ڪيئي لاها چاڙها ڏٺا. هي پورو عرصو سنڌ نيم وحشي قبيلن جي حاڪميت ۾ رهي.

هن دور جي پڄاڻيءَ ڌاري، اسانکي هتي راڻي دهسلا ۽ بادشاهه جٿدرت جو ڏس ملي ٿو. راڻي سنڌ ۾ هندو مت کي پکيڙڻ لاءِ، انڊيا کان سوين هزارين برهمڻ، پرچار واسطي گهرائي ورتا. سنڌ جو ذڪر مهاڀارت ۾

نمايان طور تي ملي ٿو، ليڪن رامائڻ ۾ ان جو ذڪر نہ هجڻ جي برابر آهي.
ان دور ۾ اسانجي ديس ۾ سوي، شوستان (شو + استان)، اچ، الور ۽ هنگلاج مکيہ تهذيبي مرڪز هئا. سنسڪرت کي عزت ۽ احترام حاصل ٿيو. ۽ منو شاستر (۹۰۰ ق. م) جي سماجي ڀڃاڙ، هتي جي معاشري کي اوچ ۽ نيچ ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو.

جڏهن برهمڻن جو ظلم اوج تي پهتو، تڏهن گوتم ٻڌ، امن ۽ صلح جو پيغام کڻي، ننڍي کنڊ ۾ داخل ٿيو. گوتم سنڌ ۾ پڻ، مذهبي تبليغ لاءِ آيو ڏسجي ٿو. ان ئي زماني ۾ جين ڌرم جي اوسر پڻ ٿي، جنهنجو اثر سنڌ جي ڏکڻ - اوير واري سرحد تي گهڻو پيو. پالي ٻولي، ٻڌڪي ٻولي هجڻ ڪري، تمام گهڻي اهميت حاصل ڪئي. ڊاڪٽر ليمبرڪ ٻڌڪي ادب جي حوالي سان لکي ٿو تہ، ان زماني ۾ سڄو ننڍو کنڊ سترن ملڪن ۾ تقسيم ٿيل هو ۽ جن مان سنڌ کي "سوويرا" سڏيندا هئا. هتي جو بادشاهہ پارتا ۽ سندس گادي "راوروڪا" جي نالن سان، تاريخ ۾ محفوظ آهن (سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ، ص ۷۱).

سن ۵۱۸ يا ۵۱۹ قبل مسيح ڏاري دارا پهرئين، سنڌ کي پنهنجي امير البحر (SKYLAX) ذريعي قبضي ۾ ڪيو. اسانجي تاريخ جو هي پهريون واقعو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين لکت ۾ ملي ٿو. ايراني لشڪر کي هن مهم ۾، سال ڪان بہ وڌيڪ عرصو لڳي ويو؛ جنهن مان ظاهر آهي تہ، سندس هن ملڪ ۾ ڇپي ڇپي تي مقابلو ٿيو. هي اهو زمانو آهي، جڏهن سنڌ ۾، زردشتي دين جي تبليغ ٿي ۽ باه جي پوڄا لاءِ مرڪز تعمير ٿيا. هن ئي زماني ۾ سنڌو لفظ بگڙي "هندو" ٿيو.

تاريخ جي ڳوڙهي ابياس جي آڌار تي هي خبر پوي ٿي تہ، سنڌ جو ملڪ ايراني ڪياني سلطنت جي حاڪميت ۾ تمام ٿوري عرصي لاءِ رهيو. ايراني اثر کي ختم ڪري، هتي سمن قبيلن پنهنجي حڪومت جو بنياد رکيو. سندن مرڪزي شهر سيوهڻ هو. ان کان علاوه اتر ۾ اروڙ جي علائقي تي، سنڌ جي هڪ ٻئي قبيلي ماڇين جي حڪومت قائم ٿي. هنن ٻن حڪومتن کان علاوه، ان دور جي موجوده سنڌ ۾، ڪجهہ وڌيڪ خودمختيار رياستون پڻ

ڏسجن ٿيون.

مشهور نوجوان يوناني بادشاهہ ۽ فاتح سڪندر اعظم، سنڌ کي ٣٢٦ قبل مسيح ۾ فتح ڪيو. سندس هٿان سيوهڻ جي راجا سامبس جو قتل عمل ۾ آيو، جو تہ هن سنڌي سورمي پنهنجي ملڪ جي بچاءُ لاءِ زبردست مدافعتي جنگ لڙي هئي. سڪندر جي ڪاهہ، واپسي ۽ موت بعد هي خطو مختلف حاڪمن جي ور چڙهي ويو. يوناني باخترين، سٿين ۽ پرٿين قبيلن - هتي لڳ ڀڳ اڍائي سؤ سالن تائين (٢٠٥ - ٥٠ع تائين)، حڪومت ڪئي. انونجاهہ قبل مسيح ڌاري، ننڍي کنڊ جو مشهور "وڪرما جيت" ڪيلينڊر شروع ٿيو. ڪشن گهراڻو جڏهن هن خطي تي حاوي رهيو (٥٠ - ٢٢٦ع)، تڏهن پالي ٻولي ۽ ادب تورڙي ٻڌ مذهب لاءِ سنڌ ۾ گهڻو ڪم ٿيو. سال ٢٢٦ع کان ڪري ٥٥٠ع تائين واري عرصي ۾، ساسانين، هَنَ قبيلي ۽ گپتا خاندان وارن - سنڌ کي پنهنجي اثر ۾ آندو. چون ٿا تہ مشهور ايراني بادشاهہ نوشيروان، پاڻ سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ ان موقعي تي سنڌي وڏيري، پنهنجي روايت تي عمل ڪندي، کيس خوش آمديد چيو هو.

اڳتي هلي راءِ گهراڻي جي حاڪمن، ايران کان سنڌ جي خود مختياري حاصل ڪئي. سندن پنج بادشاهہ ٿي گذريا. اندازو آهي تہ راءِ وارا، سنڌ جي سمان قبيلن مان هئا. سندن حڪمرانيءَ جو سلسلو هن ريت بيهي ٿو-

١ - راءِ ڏياچ؟ (؟؟)،

٢- راءِ سيهرس اول (؟؟)،

٣- راءِ ساهسي اول (؟؟)،

٤- راءِ سيهرس ٻيون (؟ ــــ وفات ٤ هہ / ٦٢٦ ع)،

٥- راءِ ساهسي ٻيون (٦٢٦ع کان ٦٥٢ع)،

راءِ سيهرس ٻيون نيمروز جي جنگ ۾ ايرانين هٿان قتل ٿيو، تڏهن سندس پٽ راءِ ساهسي ٻئين، جنگ جاري رکي ۽ دشمن تي سوڀ پاتي. هن فتح جي خوشيءَ ۾ سنڌي ڪيلينڊر شروع ٿيو، جنهنجي پهرين تاريخ، مهينو چيٽ، آڳاري ڏينهن تي گذري (چوٿين مارچ ٦٢٦ع برابر ٢٩ رمضان ٤ هجري). بعد ۾ راءِ ساهسي ٻئين اناويهہ سال سنڌ تي راڄ ڪيو. سندس

پڄاڻي ٣٢ هه / ٦٥٢ع ۾ ٿي (سنڌ صدين کان، انگريزي، دي هسٽوريڪل سنڌ ايرا مضمون).

راءِ وارن جو تختگاهہ اروڙ هو. سنڌن حڪومت ۾ مرڪز سميت ڪل پنج صوبا هئا ۽ ان وقت سنڌ جي پکيڙ موجوده پاڪستان کان بہ وسيع هئي. هن دور ۾ هر طرف سک، آرام، امن ۽ خوشحالي ڏسجي ٿي. راءِ وارن ملڪ جي دفاع لاءِ قلعن ۽ ڪوٽن جو ڄار پکيڙيو هو. هن دور ۾ سنڌ اندر ٻڌمت کي اوج حاصل ٿيو. ان زماني ۾ هڪ طرف ساسانين جو اوج گهٽجي ويو، تہ ٻئي طرف عرب ۾ اسلام جي پذيرائي ٿي رهي هئي. جڏهن عرب، ايرانين تي حملي آور ٿيا، تڏهن سنڌين ايرانين جي ڀرپور مدد ڪئي هئي.

راءِ گهراڻي کان پوءِ، سنڌ تي برهمڻن جو راڄ قائم ٿيو. سنڌن حاڪمن جو سلسلو هن ريت مقرر ڪيو ويو آهي:

١- چچ (٦٥٢ع کان ٦٩١ع).

٢- چندر (٦٩١ع کان ٦٩٩ع).

٣- ڏاهر (٦٩٩ع کان ٧١٢ع).

برهمڻن جي آخري حاڪم راجا ڏاهر جي پڄاڻي، سن ٧١٢ع ۾ ٿي، جڏهن هو راوڙ جي جنگ ۾ عربن هٿان مارجي ويو. چچ پنهنجي اقتدار کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ، ڪيئي ڀيرا سنڌ جو دورو ڪيو. هن زماني ۾ سنڌ اندر برهمڻن ۽ ٻڌمت جي پوئلڳن ۾ ٽڪراءُ شروع ٿيو، جنهن آخرڪار هن گهراڻي جو خاتمو آندو.

هونئن تہ سنڌ تي عربن پاران ڪاهہ جو سبب ديبل تي ٿيل ڦرلٽ کي ڄاڻايو ويو آهي، ليڪن اصل ۾ ان جو مکيہ سبب سنڌين ۽ ايرانين جي دوستي ۽ ڏکئي ويل ۾، هڪٻئي جي مدد ڪرڻ آهي.

(٣)

ٽن عربي ڪٽنبن - بنواميہ، بنوعباس ۽ هبارين، سنڌ تي ١٠١٠ع تائين راڄ ڪيو. آخري گهراڻي بغداد کان خودمختياري حاصل ڪري، هتي پنهنجو سڪو جاري ڪيو. هبارين ڪنهن حد تائين، گذريل ٻن قبيلن جي ڪوتاهين جو ازالو ڪيو. سنڌ ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين جي حيثيت ختم ڪري،

ان جي جاءِ تي عربي زبان کي مذهبي ۽ سرڪاري اهميت ڏني وئي. آرين کان پوءِ سنڌ ۾ عربي دور حڪومت ۾، هي ٻي وڏي سماجي ڦيرڦار ٿي، جو ته ڪيئي عربي قبيلا لڏي پلاڻي هتي اچي آباد ٿيا. جهڙيءَ طرح ايران ۾، عربي زبان جديد فارسيءَ جي نسرڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو؛ نيڪ ان ريت عربي ٻوليءَ، سنڌي زبان تي پڻ دور رس اثر ڇڏيو. اروڙ کان پوءِ عربن - المحفوظه ۽ المنصوره - کي پنهنجو تختگاهه بنايو. فتوحات جي اٿل پٿل ۾، اتڪل روءِ سڀ قديم شهر ختم ٿي ويا؛ تاهم سيوهڻ وري به قائم رهيو. عربن سنڌونديءَ کي المهراڻ سڏيو. وقت جي تقاضا موجب، سنڌين پڻ عربي زبان ۽ ادب ۾ حصو ورتو. عربي دور حڪومت ۾ "فتح نامه" عربي زبان ۾ ترتيب هيٺ آيو. هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ جو پهريون ڪتاب آهي. هن زماني ۾ سنڌ اندر تصوف جو بنياد پڻ پيو. ان ڏس ۾ ٻه نالا - شيخ بو علي سنڌي ۽ شيخ تراب - ڌيان جوڳا آهن.

عربن کان پوءِ سومرن سنڌ تي راڄ ڪيو. سومرن ٽن صدين کان به وڌيڪ (١٠١٠ - ١٣٥٠ع) حڪومت ڪئي. جيتوڻيڪ غزنوي، غوري ۽ دهلي سلطنت جا امير، سنڌ کي لاڳيتو حملن جو نشانو بڻائيندا رهيا؛ تاهم سومرن نه رڳو پنهنجي حڪومتي وجود ۽ سلسلي کي برقرار رکيو، ليڪن ساڳئي وقت هو پنهنجي آزادي ۽ خود مختياريءَ کي بچائڻ ۾، پڻ ڪامياب ۽ ڪامران رهيا. هنن جا ويهن کان به وڌيڪ بادشاهه ٿي گذريا ۽ متعدد تختگاهه وجود ۾ آيا. سومرن جي زماني ۾ سنڌي ادب جا ابتدائي اهڃاڻ پڻ ملن ٿا. ٻَنِ ۽ ٻانن، سنڌي ادب ۽ زبان جي خدمت ڪئي. جڏهن ٿوري دير لاءِ، سنڌ ناصر الدين قباچه جي اثر هيٺ آئي؛ تڏهن هتي فارسي زبان ۽ ادب جو بنياد پيو. هن زماني ۾ عربي ڪتاب "چچ نامه" فارسي زبان ۾ ترجمو ٿيو. فارسي زبان ۾ شاعرن جو پهريون تذڪرو "لباب الالباب" پڻ قباچه جي درٻار ۾، مرتب ٿيو ۽ پذيرائي حاصل ڪيائين.

سومرن جي سلطنت ثقافتي تاريخ ۾ زبردست اهميت رکي ٿي. ڪيئي عشقيه ۽ نيم تاريخي داستان، هن دور سان واسطو رکن ٿا، جن تي پوءِ سنڌي ادب جي عمارت اڏي وئي. تصوف جو بنياد ته اڳ ۾ پئجي چڪو هو،

تاهم سومرن جي دور ۾، سماع ۽ راڳ جي محفلن جي رونق ۾ اضافو ٿيو ۽ ائين صوفين جي درگاهن ۾ واڌارو ٿيو. دودي سومري جي، خلجين خلاف ڪيل جنگ، اسانجي سورهيائي، بهادري ۽ غيرت جو اڻ مٽ نشان آهي. هن ئي زماني ۾ سنڌودرياه اروڙ کي ڇڏي، بکر وٽان پنهنجو نئون پيچرو پيدا ڪيو. ديبل جي بجاءِ لاهري بندر اسريو ۽ دنيا ۾ نمايان ٿيو. سومرن جي زوال ڏاري مشهور سياح ابن بطوطه، سنڌ جي سير سفر تي آيو هو.

سمن جي سلطنت کي (١٥٢٠ع تائين)، اسان جي تاريخ ۾ نهايت ئي مٿانهين حيثيت حاصل آهي. هن دور ۾ سنڌ جي سرحدن ۾ وسعت پيدا ٿي ۽ سبي، لسٻيلي ۽ ملتان تائين اسان جو سياسي اثر پيدا ٿيو. هن گهراڻي جي اوڻيهه سلطانن حڪومت ڪئي، جن مان ڄام تماچي، ڄام سنجر، ڄام نندو ۽ ڄام فيروز، اهم حڪمران ٿي گذريا آهن. هن ئي زماني ۾ ٺٽي شهر کي "بغداد ثاني" سڏيو ويو. سنڌين جي اها خوشقسمتي آهي جو، امير تيمور هندستان جي قتل و غارت ۽ ڦرلٽ تي پروسو ڪيو ۽ سنڌ ۾ داخل نه ٿيو. ياد رهي ته تيمور هند جي هڪ ڪلاڪ جي جنگ ۾، هڪ لک ماڻهن جو قتلام ڪرايو. سمن ڄامن جي تباهي گهرو ويڙهه جي نتيجي ۾ ٿي. سن ١٥٢٠ع ۾ دريا خان سنڌ جي بچاءَ جي جنگ لڙندي، ميدان جنگ تي شهيد ٿي ويو. بعد ۾ ارغونن شاه بيگ جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سنڌي عوام ڌارين جي حاڪميت کي قبول نه ڪيو ۽ انهن خلاف جدوجهد جاري رکي. هن مهم ۾ مخدوم بلال اهم ڪردار ادا ڪيو، جنهنکي پوءِ شاه بيگ جي حڪم تي گهاڻي ۾ پيڙيو ويو سنڌ جي تاريخ جو هي ڏک ڀريو واقعو ٦ مئي ١٥٢٤ع تي ٿي گذريو.

سنڌ جي تاريخ ۾ هاڻي ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جو وارو اچي ٿو. هن زماني ۾ بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽو، سنڌ جي سياست ۽ طاقت جا اهم محور هئا. شاه بيگ جي موت بعد (١٥٢٤ع)، شاه حسن سنڌ جو حاڪم بڻيو. ان بعد ترخانن جو راڄ قائم ٿيو. سندن زماني ۾ بکر ۽ ٺٽي جون ٻه الڳ حڪومتون بڻيون. ارغونن، ترخانن ۽ بکر جي سلطان محمود - ڪيئي سنڌي قبيلن ۽ شهرن کي نيست و نابود ڪيو. هن زماني ۾ سنڌ اندر متعدد وچ

ايشيائي ۽ ايراني قبيلن، لڏي پلاڻي اچي مستقل رهائش اختيار ڪئي. ڏارين ڪي حڪومت جي مڪيه عهدن تي فائز ڪيو ويو. ارغونن سنڌ ۾ عربي زبان جي جاءِ تي، فارسي ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي ڏني. ارغونن ۽ ترخانن جا ظلم ۽ مغلن جي بدنظمي، اسانجي تاريخ ۾ عالم آشڪار آهن. سنڌي زبان جي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ، سنڌي عالمن هن دور ۾، سنڌي الف - بي جو بنياد رکيو ۽ ان ريت سنڌي ڪتب نويسي شروع ٿي. قاضي قادن، ميون شاه عنات، لطف الله قادري، شاه ڪريم ۽ مخدوم ابوالحسن - هن زماني جي سنڌي ادب جا اهم نالا آهن. مغلن جي زوال ڏاري، لاهري بندر ختم ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي "اورنگا بندر" جو بنياد رکيو ويو. هن ئي زماني ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ مشاهيرن بابت، ڪيئي فارسي ڪتاب لکيا ويا، جيڪي اسانجي اتهاس جو اهم ذريعو آهن.

سن ١٥٩٢ع ڏاري جاني بيگ جي دور ۾، سنڌ جو سڄو ملڪ مغلن جي قبضي ۾ اچي ويو. اهل سنڌ مغلن خلاف ٻه پنهنجي جدوجهد جاري رکي. اورنگزيب جي حڪومت جي ابتدا ٿيندي ئي، برصغير ۾ مختلف قومن ۾ بي آرامي پنهنجي انتها کي پهتي. سک، پٺاڻ، مرهٽا ۽ راجپوت - اجا پنهنجي وجود مڃائڻ ۾ ڦاٿل هئا؛ تڏهن ميان نصير محمد ڪلهوڙي، سال ١٦٨٢ع ڏاري، سنڌ جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو. ڪلهوڙن لڳ ڀڳ هڪ صدي (١٧٨٢ع) تائين هن ملڪ تي راڄ ڪيو. حڪومتي ڪارج حاصل ڪرڻ تائين، ڪلهوڙن مغلن سان ڪافي معرڪا ڪيا، نتيجي ۾- محمد آدم، شاهل محمد ۽ دين محمد - جداجدا وقتن تي شهيد ٿيا. ڪلهوڙن ڪل ٻارهن تختگاه تعمير ڪيا. هن گهراڻي ۾ ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاه ناميارا حاڪم ٿي گذريا. ڪلهوڙن جي سورهيائي، حب الوطني ۽ بهتر انتظام سبب، سنڌ ۾ مثالي معاشي استحڪام پيدا ٿيو. ليڪن نادري قهر ۽ افغاني ڌاڙن، ان کي گهڻو وقت جاري رهڻ نه ڏنو. محمد ابراهيم جويي موجب، شاه عنايت جي شهادت اچا ٻه، سنڌ جي حالتن تي خراب اثر ڇڏيو ۽ ويندي ويندي ٻه، ڏاريا حڪمران هتان جي ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهايو ويا (شاه - سچل - سامي، ص ٥٦ - ٥٧). ڪلهوڙن بلاشبه اهم تاريخي ڪاميابيون حاصل

ڪيون. هن هڪ صدي بعد، وري، "سنڌ" جو نالو اجاگر ڪيو ۽ ان کي هڪ وطني ۽ ملڪي روپ ڏنو. ڪلهوڙن بنا ڪنهن امتياز جي، پنهنجي درٻار ۾ هندن ۽ مسلمانن کي اهم عهدا ڏنا. هن دور ۾ مير علي شير قانع، سنڌ بابت اهم ڪتاب تيار ڪيا. سنڌي ادب جي حوالي سان پڻ، هي زمانو سونهري دور ليکجي ٿو. خواجه محمد زمان، روحل فقير ۽ شاه عبداللطيف جو شعر ۽ فڪر، هن دور ۾ پيدا ٿيو. ميان غلام شاه هڪ طرف "شاه بندر" اڏايو ۽ ٻئي طرف حيدرآباد جو شهر ۽ پڪو قلعو به سندس يادگار آهن. هن ئي دور ۾ درياه سنڌ، سيڪاٽ، نصرپور وارو پيچرو ڇڏي، موجوده رخ اختيار ڪيو.

سال ١٧٨٢ع ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن ۾ "هالاڻي" جي ميدان تي، هڪ دنگل ٿيو. نتيجي ۾ ٽالپور سياسي طاقت وٺي، سنڌ جي اقتدار اعليٰ تي قابض ٿي ويا. ٽالپورن بلاشڪ سنڌي سرحدن جي حفاظت ۽ وڃايل علائقن جي واپسيءَ لاءِ جوڳا قدم کنيا؛ تاهم سندن طرفان هن ملڪ جو ٽن ڀاڱن ۾ تقسيم ٿيڻ رياستي اتحاد لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيو. انگريز سياح ميرن کي ان ڳالهه جو ذميدار سڏين ٿا ته، انهن سنڌ جون سرسبز ۽ سدا ٻهڪندڙ زمينون، شڪار گاهن جي حوالي ڪري ڇڏيون. ٽالپورن جا ايران جي قاچاري سلطنت سان، خاص لاڳاپا هئا؛ انڪري سندن درٻار ۾ هر وقت فارسي گو شاعرن جا ميڙ ڏسبا هئا. سنڌ ۾ فارسي زبان ۽ ادب جي اوج جو هي آخري دور آهي. ٽالپورن جي دور ۾ متعدد سنڌي بزرگ، وطني زبان جي آبياريءَ ۾ مصروف هئا؛ جن مان سچل سرمست ۽ ساميءَ جو نالو خاص طرح اهم آهي. انگريزن ۽ ميرن ۾، سال ١٨٤٣ع ۾ معرڪا ٿيا. آخرڪار هي ملڪ انگريزي راڄ جو حصو بنجي ويو. "مياڻي" ۽ "دٻي جي جنگ" ۾، هوش محمد شيدي، وطن تان سر گهوري، سنڌي سورهين جي قطار ۾ شامل ٿي ويو!!

(٤)

سنڌ جي فتح کان پوءِ نيپئر کي هتان جو گورنر مقرر ڪيو ويو. سنڌ جو آزاد ملڪ هندستان جو حصو بنجي ويو. نئين گورنر حيدرآباد بجاءِ ڪراچيءَ کي سنڌ جو تختگاهه مقرر ڪيو ۽ هتي نئين طرز جي انتظاميه قائم ڪئي. ١٨٤٧ع ۾ نيپئر جي رواني ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم

ڪري، ان کي هڪ ڪمشنر جي تابع ڪري، بمبئي صوبي سان ملايو ويو. ان ريت لاڳيتو نوي سال سنڌ جي صوبائي حيثيت بہ ختم رهي. ڪمشنرن جي دور ۾ سنڌ ۾ مختلف ضلعا قائم ڪري، حڪومت جو ڪارج هلايو ويو. ريلوي جو نظام قائم ڪيو ويو. ڪراچيءَ جو بندرگاه نسري نروار ٿيو. مغربي طرز جي تعليم کي رائج ڪرڻ لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيا ويا. فارسي زبان جي سرڪاري حيثيت پوري ٿي ۽ ان جي جاءِ تي سنڌي ٻولي قائم ٿي. آهستي آهستي ڪري انگريزن برصغير ۾ پارٽي سسٽم لاڳو ڪيو. ان طرح سنڌ ۾ پڻ سياسي پارٽيون ۽ تنظيمون وجود ۾ آيون. ان ڏس ۾ سنڌ سڀا، سنڌ محمدن ايسوسيئيشن، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا نالا وڏي اهميت رکن ٿا. ١٩٣٢ع ۾ انگريزن سکر بئريج قائم ڪري، سنڌ ۾ جديد آبپاشي نظام جو وڏو چارو وڇايو. هن بئريج جي قيام سان سنڌ ۾ زرعي انقلاب اچي ويو ۽ سنڌي سماج ۾ وڏيون تبديليون آيون.

اوڻيهين صدي پوري ٿيڻ سان سنڌ جي سياسي قيادت جدا صوبي جي تحريڪ شروع ڪئي. هندن ابتدا ۾ هن تحريڪ جي حمايت ڪئي. ليڪن اڳتي هلي زبردست مخالفت ڪيائون. ان هوندي بہ ١٩٣٦ع ۾ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪري هڪ صوبي جو درجو ڏنو ويو. هن تحريڪ ۾ جي. ايم سيد، محمد ايوب کهڙو، غلام حسين هدايت الله، سر شاهنواز ڀٽو ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي سرگرم ڪردار ادا ڪيو. ١٩٣٧ع ۾ صوبي ۾ اليڪشن ٿي. سر غلام حسين هدايت الله وزيراعظم ٿيو. ١٩٤٠ع تائين سنڌ جي قيادت آل انڊيا سياست ۾ شموليت اختيار ڪري مسلم ليگ سان وابستگي اختيار ڪئي. سنڌ اندر مسلم ليگ کي جي. ايم. سيد ۽ حاجي عبدالله هارون منظم ڪيو. ١٩٤٠ع ۾ لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ پاڪستان جو نعرو پاس ڪيو. ١٩٤٣ع ۾ سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي حمايت ۾ نهراءُ منظور ڪيو. هن ئي دؤر ۾ هڪ طرف الهہ بخش سومرو شهيد ٿيو ۽ ٻئي طرف انگريزن سنڌ ۾ مارشلا هڻي پير صاحب پاڳاري کي ڦاسي ڏني. ١٩٤٧ع ۾ انگريزن ٽپڙ گول ڪيا. برصغير کي ٻن ملڪن هندستان ۽ پاڪستان جي نالن سان آزاد ڪيو ويو. سنڌ جو صوبو پاڪستان ۾ شامل ٿيو.

پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل قائداعظم محمد علي جناح ٿيو. سنڌ جو گورنر سر غلام حسين هدايت الله ۽ وزيراعليٰ ايوب کهڙو ٿيو. هڪ سال پوءِ ڪراچي مرڪز کي ڏني وئي. سنڌي هندن جي پارت ڏي لڏ پلاڻ ٿي. نتيجي ۾ اردو ڳالهائيندڙ مهاجرن جو وڏو تعداد سنڌ ۾ آيو. سال ١٩٥٥ع ۾ ون يونٽ ناهي مغربي پاڪستان جي چئن صوبن ۽ رياستن کي ان ۾ شامل ڪيو ويو. سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ٿي. ون يونٽ جي دور ۾ جناب جي. ايم. سيد ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سنڌ جي صوبائي حيثيت ۽ ثقافتي توڙي مادي حقن جي بحاليءَ لاءِ زبردست ڪردار ادا ڪيو. ١٩٧٠ع ۾ جنرل يحيٰ خان ون يونٽ توڙي ڪراچيءَ کي سنڌ جو تختگاهه مقرر ڪيو. ون يونٽ ٽٽڻ ڪانپوءِ سنڌ کي پنهنجي وجود ۽ حقن جي حاصلات لاءِ، زبردست جدوجهد ڪرڻي پئي آهي. پاڪستان ۾ ٽين مارشلا جنرل ضياءالحق سال ١٩٧٧ع ۾ لاڳو ڪئي. هن دور جي سنڌ جي پاپولر اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي کي، ۴ اپريل ١٩٧٩ع تي ڦاسي ڏني وئي. ڀٽو خاندان سان گڏ سنڌي عوام کي ٻه وڏين آزمائشن مان گذرڻو پيو. آگسٽ ١٩٨٥ع ۾ ڀٽي صاحب جي ننڍي پٽ شاهنواز کي فرانس ۾ زهر وگهي مارايو ويو. هونئن ته پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ، سنڌ ۾ ٻاهران ايندڙن جو وڏو سيلاب آيو آهي، ليڪن ان ۾ بي انداز واڌارو، سقوط ڍاڪي ۽ افغان انقلاب ڪانپوءِ ٿيو آهي. سال ١٩٨٥ع ۾ سياسي حڪومت بحال ٿي، تڏهن ڪان ايم. ڪيو. ايم ٻه جنم ورتو. سنڌ جي سياست تي مني صديءَ کان مستقل مزاج رهندڙ اڳواڻ، جناب جي. ا يم. سيد ڏکهي ڄمار ۾ نظر بنديءَ جي حالت ۾، ٢٥ اپريل ١٩٩٥ع تي وفات ڪري ويو. سنڌ بابت سندس خيالن، فڪر ۽ جدوجهد کي تاريخ ۾ هميشه ياد ڪيو ويندو. ٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٦ع تي ڀٽي صاحب جو وڏو فرزند مير مرتضيٰ ڀٽو، ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر جي ڀرسان پوليس هٿان مارجي ويو. هن واقعي سبب سنڌي ماڻهن کي گهرو صدمو پهتو.

(ايل.ا يم. سي ڄامشورو، ميگزين ”سرواڻ“ سال ١٩٩٠ع ۾ هي مقالو ڊاڪٽر غلام سرور خاصخيلي ڇپيو. ماهوار ”پيغام“ ڪراچي جولاءِ ١٩٩٢ع، ۽ روزانه ”عبرت“ حيدرآباد ۾ به متعدد ڀيرا ڇپيو. بعد ۾ هن مقالي کي ڪجهه سڌاريو ۽ وڌايو ويو آهي).

# سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد

سنڌ جي باري ۾ روايتي ڪتابن لکڻ ۽ اپياس جو مستند رڪارڊ عربن جي دور کان ميسر ٿئي ٿو. ان نوعيت جي تصنيف ۽ تاليف بلاشبه تالپورن جي زوال تائين جاري رهي. ١٨٤٣ع ۾ سنڌ تي انگريزي قبضي کان پوءِ، هڪ طرف مطالعي، جستجو ۽ کوجنا جا نوان باب کليا، ۽ ٻئي طرف وري تحقيقي اپياس کي وسعت ڏيڻ لاءِ، حوالاجاتي نوعيت جي مواد تي به توجه ڏنو ويو. جيئن نه ٿو سگهجي ته هن ڏس ۾ پهريون قدم ڪڏهن کڻيو ۽ ڪنهن ڪنيو. تاهم ايليٽ لاءِ ننگر نئين جي ڪتبخانن جي ڪيل سروي کي، متعلقه ضمن ۾ پهرين ڪوشش چئي سگهجي ٿو. اڄ جڏهن مغربي دنيا ۾ ڪتبخانن جي علم کي وڏي ترقي حاصل ٿي آهي، تڏهن لئبريرين ۾ حوالاجاتي قسم جي مواد کي به خاص وقعت ملي آهي. ليڪن اسان جي ملڪ ۾ نه ته اجا ڪتاب جو قدر ٿيو آهي، ۽ نه وري ڪتبخانن کي گهٽي ميٽا ملي آهي، جو رفرنس مٽيريل طرف به ڪو ڌيان ڏنو وڃي. رفرنس مٽريل ڇا آهي ان بابت مختلف وضاحتون ملن ٿيون. محترمه نسيم فاطمه لکي ٿي ته: حوالاجاتي خدمت اهو عمل آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن ۽ دستاويزن ۾ ذاتي رابطو قائم ڪيو وڃي. دستاويزن مان مراد اهو سڀ مختصر مواد آهي، جنهن جي ڪيس ان وقت ضرورت هجي. گويا ڪِ معلومات جي تلاش ۾ گهربل چاڻ تائين، رسائيءَ جو ذريعو حوالاجاتي خدمت سڏي سگهجي ٿو" (حوالاجاتي خدمات، ص ٣، ڪراچي ١٩٨٥ع).

هت هڪ وڏيڪ سوال اڀري ٿو ته هن نوعيت جي مواد ۾ ڇا ڪجهه اچي سگهي ٿو. محترمه نسيم فاطمه هن بابت وڌيڪ لکي ٿي ته: قاموس يعني انسائيڪلوپيڊيا، لغات، سالنامه، سوانحي ماخذ، جاگرافيائي ماخذ، سرڪاري دستاويز، ڪتابيات يعني ببليوگرافيز، اشاريه (Indexes)، خلاصه (Abstracts)، ڇپيل ڪيٽلاگ ۽ سلسلي وار مواد - کي رفرنس مٽيريل سڏي سگهجي ٿو (ص ٨).

مٿين وضاحت مان خبرپوي ٿي ته هر اهو ڪتاب يا مواد، ڪنهن موضوع

تي تحقيق ۽ اڀياس ۾ مدد ڪري، يا گهربل مواد جي نشاندهي ۽ هٿ ڏس ڪري، ان ڪي حوالاجاتي قسم جو مواد سڏيو ويو آهي. ان جو مطلب ته هي مواد خاص مطالعي لاءِ ڪونهي، پر گهربل ڪتابن يا ڄاڻ تائين پهچڻ لاءِ اهو رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو.

سنڌ جي باري ۾ رفرنس مٽيريل گڏ ڪرڻ جي ابتدا ڏيڍ صدي اڳ ٿي هئي، تڏهن به اهڙي مواد جي اڄ تائين گهڻي قلت آهي. ايندڙ ورقن ۾ اسين هيل تائين سنڌ بابت ٿيل اهڙي ڪم جي مختصر اپٽار ڪنداسين. هي اهو مواد آهي جنهن بابت ڄاڻ ملي سگهي. ليڪن پوءِ به پڪ آهي ته هن ڏس ۾ ڪي اهم شيون هونديون، جن تائين منهنجي پهچ نه ٿي سگهي هوندي.

۱ . ٺٽي جي ڪتبخانن جون فهرستون

لنڊن جي جڳ مشهور برٽش ميوزم ۾ مشهور محقق ايليٽ جا فائيل موجود آهن، جن ۾ "فهرست ڪتبخانه ٺٽه" جي سري سان ڪجهه مواد ملي ٿو. هي مواد O.R.۲۰۷۳ نمبر تي داخل ٿيل آهي. ۱۸۴۳ع کان پوءِ ايليٽ لاءِ ٺٽي جي ڪتبخانن جي سروي ڪئي وئي هئي. هن فهرستن راشدي صاحب مرحوم کي، مير علي شير قانع جي علمي ذخيري جي ڪاٿي ڪرڻ ۽ ميرمائل جي ڪم ٿيل تذڪري "مجمع البلغا" جي نشاندهيءَ ۾ وڏي مدد ڪئي هئي. بعد ۾ راشدي صاحب ننگر ٺٽي ۾ ڪتب نويسيءَ بابت پڻ، هن فهرستن جي مدد سان ڪم ڪيو ٿو ڏسجي. ايليٽ جي فائيلن ۾ موجود هن مواد جو مڪمل مطالعو، ممڪن آهي ته سنڌ جي علمي دنيا لاءِ مفيد ثابت ٿئي.

۲ . هرمن ايٿي ۽ چارلس ريو جا ڪيٽالاگ

انگريزن سنڌي ڪنڌ تي قبضو ڪندي ئي، هن خطي جي دولت سان گڏ، علمي ذخيرا پڻ انگلينڊ منتقل ڪرڻ شروع ڪيا. ان علمي ۽ ادبي سرمايي ۾ گهڻو حصو فارسي زبان جو هو. اڳتي هلي انگريزن ان سرمايي جا ڪيٽالاگ ترتيب ڏنا ۽ دنيا کي ٻڌايو ته، سندن ملڪ جي ڪتبخانن ۾ ڪهڙي نوعيت جو مواد موجود آهي. هن ڏس ۾ چارلس ريو برٽش ميوزم جي فارسي قلمي ڪتابن بابت، ٽن جلدن ۾ هڪ ڪيٽالاگ مرتب ڪيو جو ترتيب وار ۱۸۷۹ع، ۱۸۸۱ع، ۱۸۸۳ع ۾ شايع ٿيو. ريو جي هن ڪيٽالاگ جو چوٿون

جلد ١٨٩٥ع ۾ سپليمينٽ جي صورت ۾ پڌرو ٿيو. هرمن ايٿي وري انڊيا آفيس جي اڻ ڇپيل فارسي ذخيري بابت ڪيٽالاگ ٺاهيو، جنهن جو پهريون جلد ١٩٠٣ع ۾ ظاهر ٿيو. اسٽوري (C.A. STORY) جو ڪيٽالاگ "پرشين لٽريچر" به هن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ويهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌ جي فارسي ادب جو اڀياس شروع ٿيو، تڏهن هنن ڪيٽالاگن هڪ مکيه رهنماءَ جو ڪردار ادا ڪيو.

۳. برٽش ميوزم ۾ ڇپيل سنڌي ڪتاب

جي. ايف. بلم هارڊٽ هندستاني ٻولين خاص ڪري؛ هندي، سنسڪرت ۽ بنگالي زبانن جو وڏو ڄاڻو هو. سندس تعلق آڪسفورڊ يونيورسٽي ۽ يونيورسٽي ڪاليج لنڊن سان هو. هن صاحب سنڌيءَ سميت هندستان جي مختلف ٻولين جي، اڻڙن ڇپيل ڪتابن جو هڪ ڪيٽالاگ تيار ڪيو، جي برٽش ميوزم ۾ موجود هئا. هي ڪيٽالاگ ١٨٩٣ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو هو. هن ڪيٽالاگ ذريعي ١٠٣ سنڌي ڇپيل ڪتابن جو تعارف ٿئي ٿو، جي ان وقت تائين برطانوي عجائب گهر جي ڪتبخاني تائين پهتا هئا. بلم هارڊٽ جي هن ڪيٽالاگ جو سچو نالو هن ريت آيو.

" ڪيٽالاگ آف دي هندي، پنجابي، سنڌي اينڊ پشتو پرنٽيڊ بڪس ان دي لائبريري آف دي برٽش ميوزم".

ساڳي لسٽ ڪجهه سال پوءِ بليموريا پڻ پنهنجي ببليوگرافيءَ ۾ ڏني هئي. سنڌي ڪتابن جي حوالي سان هي پهريون ڪيٽالاگ ڏسجي ٿو.

۴. برٽش ميوزم ۾ سنڌي قلمي ڪتاب

سنڌ بابت مددي مواد جي ڳولا ڪندي، اينڊڙ ڪيٽالاگ پڻ بلم هار ڊٽ جو مليو ٿو. هندستاني ٻولين جي هن اسڪالر سال ١٩٠٥ع ۾، لنڊن مان هڪ وڏيڪ ڪيٽالاگ شايع ڪيو، جنهن ۾ پاڻ برٽش ميوزم جي ڪتبخاني ۾ موجود مرهٽي، گجراتي، بنگالي، آسامي، اوڙي، پشتو ۽ سنڌي قلمي نسخن جو تعارف ڪرايائين. هي ڪيٽالاگ ڏيکاري ٿو ته ان وقت برٽش ميوزم ۾، سنڌي مخطوطن جا ڪل يارنهن جلد موجود هئا. ڪنهن ڪنهن جلد ۾ ته هڪ کان وڌيڪ به قلمي ڪتاب يا ننڍا ننڍا رسالا ڏسجن ٿا. راقم الحروف

هن ڪيٽالاگ جي مدد سان، برٽش ميوزم جي سنڌي قلمي ڪتابن جو تعارف، رسالي مهراڻ ٣ / ١٩٨٨ع ذريعي ڪرايو آهي.

٥. سنڌ ۽ بلوچستان بابت ببليوگرافي

هي پهرين جامع ببليوگرافي آهي جا سنڌ ۽ بلوچستان بابت ترتيب هيٺ آئي ۽ ڇپجي ظاهر ٿي. هن جو مرتب اين. ايم. بليموريا، پوليٽيڪل ايجنٽ ڪڇ جي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ رهي چڪو هو. جنهن ڪري ڪيس ٻنهي صوبن بابت انگريزي مواد جي چڱي ڄاڻ هئي. هن ڪتاب ۾ ڪل داخلائون ٨٧٢ آهن، ليڪن ڪن جا وري ذيلي عنوان به ڏنل آهن. ان ريت داخلائن جو انگ هزارن تائين وڃي پهچي ٿو. بليموريا سنڌ بابت ڪن قلمي نسخن جو تعارف به ڏنو آهي. ليڪن هن ببليوگرافيءَ جي خاص خوبي هي آهي ته، ان ۾ اوڻيهين صديءَ ۾ مختلف رسالن ۾، ڇپيل انگريزي مضمونن جي لسٽ به ڏني وئي آهي، جي لنڊن، بمبئي، يا ڪلڪتي مان شايع ٿيا هئا. بليموريا جو هي ڪتاب "ببليوگرافي آف دي پبليڪيشنس رليٽنگ ٽو سنڌ اينڊ بلوچستان" ١٩٣٠ع ۾ شايع ٿيو. ١٩٧٧ع ۾ وري لاهور مان هي ببليوگرافي ڇپي آهي.

٦. سنڌ بابت جاگرافيائي اهميت وارو مواد

پروفيسر ماڻڪ پٿاوالا جو نالو اڄ سنڌ جي جاگرافيءَ بابت ڪم ڪرڻ سبب، وڏي اهميت حاصل ڪري چڪو آهي. هن صاحب جا سنڌ جي جاگرافيءَ بابت به ڪتاب ۽ ڪيئي مقالا وڏي شهرت رکن ٿا. پاڻ سالن جا سال ڊي. جي. سنڌ ڪاليج، سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو. ملازمت کان فارغ ٿي پٿاوالا بمبئي هليو ويو. سنڌ متعلق ڪم جي ابتدا ڪندي، پاڻ هن صوبي جي جاگرافيائي اهميت واري مواد متعلق هڪ ببليوگرافي ترتيب ڏنائين. انگريزي زبان ۾ هي مختصر ببليوگرافي سترهن صفحن تي مشتمل هئي، ۽ سال ١٩٣٩ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپجي ظاهر ٿي.

٧. سرڪاري ڪيٽالاگ ۽ فهرستون

سموري برصغير وانگر سنڌ متعلق پڻ مواد جي باري ۾ فهرستون، ڪيٽالاگ ۽ ببليوگرافيز توڙي مواد جا انتخاب- انگريزي دور ۾ ترتيب هيٺ آيا، ۽ ڇپجي ظاهر ٿيا. بلاشبه هن نوعيت جو مواد هزارن صفحن ۽ سوين

جلدن تي مشتمل آهي. ليڪن انهن بابت اچ اسان کي ڪابہ درست ڄاڻ نہ ٿي ملي. ان جو وڏو سبب هي آهي جو سرڪاري پبليڪشن هوندي، انهن تي نہ تہ مرتب جو نالو لکيو ويو ۽ نہ وري ڪو انهن جو پبلشر بہ ظاهر ٿي سگهيو. ان کان علاوه برٽش دور ۾ سنڌ جي اڪيلي ۽ منظم لئبريري "فريئر هال لئبريري" بہ ون يونٽ جي دور ۾ برباد ٿي وئي. ان هوندي بہ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪيٽالاگ يا فهرستون اڄ سوڏو موجود آهن. انهن جو واسطو وري بہ گهڻي ڀاڱي برٽش دور سان آهي.هن ڏس ۾ هي ٽي فهرستون مکيہ اهميت رکن ٿيون:-

(i) سليڪشنس فرام دي پري ميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنر ان سنڌ.

(ii) اي هئنڊ بڪ آف دي گورنمينٽ رڪارڊس لائنگ ان دي آفيس آف دي ڪمشنر ان سنڌ اينڊ ان ڊسٽرڪٽ آفيسز.

(iii) الفابيٽيڪل ڪيٽالاگ آف دي ڪنٽينٽس آف دي پري ميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنر ان سنڌ.

هن نوعيت جي مواد جا ڪيئي جلد ڪراچي توڙي بمبئيءَ مان ڇپيا. ياد رهي تہ سنڌ جو صوبو نوي سالن تائين بمبئي علائقي سان ملحق رهيو هو. ان نوعيت جا ڪيٽالاگ اڄ سوڏو ڇپجي رهيا آهن. سال ١٩٧۴ع ۾ سنڌ گورنمينٽ خيرپور ميرس مان هڪ فهرست شايع ٿي، جنهن ۾ هڪ صديءَ دوران جاري ٿيل آرڊيننس، ايڪٽ، گزيٽس ۽ انڪئاري رپورٽس جو وچور ملي ٿو. هن فهرست جو نالو "سنڌ گورنمينٽ ڪيٽالاگ آف پبليڪيشن" آهي. ڪهڙو نہ بهتر ٿئي جو ڪو صاحب تڪليف وني، هن نوعيت جي ڪيٽالاگن ۽ فهرستن جو مفصل جائزو پيش ڪري.

٨. راشدي صاحب جون خدمتون

سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌ بابت ببليوگرافيڪل قسم جو ڪم، ابتدا ۾ سيد حسام الدين راشديءَ شروع ڪيو. سندن اهڙا چار ترتيب ڏنل آرٽيڪل شايع ٿيا. پهريائين سنڌ بابت عربي ماخذن جو ذڪر ڪيو اٿن. هي مضمون ٻن قسطن ۾ سال ١٩٥٢ع جي "نئين زندگي" رسالي ۾ ڇپيو هو، جو گهڻو

ڪري پهريان اردو ۾ شايع ٿيو ۽ پوءِ ان کي شمشاد احمد جوڻيجي ترجمو ڪري پيش ڪيو. ان بعد ساڳئي رسالي جي آڪٽوبر ١٩٥٣ع واري پرچي ۾ "سنڌي زبان جا قديم ڇاپي ڪتاب" عنوان سان هڪ مضمون ڇپيو. رسالي "مهراڻ" سيارو، ١٩٥٥ع ۾ تاريخ سنڌ جي فارسي ماخذن بابت، راشدي صاحب جو مقالو ڇپيو. هي مقالو رسالي "رياض" ۾ ڇپيو. جتان اياز قادري صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. راشدي صاحب جو چوٽون پيپر ننگر ٺٽي ۾ تصنيف تاليف بابت هو، جو رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو (١-٢ / ١٩٨٠ع).

٩. سنڌ ۾ اردو مخطوطات

هي ببليوگرافي سيد علي احمد زيدي صاحب ترتيب ڏني. هن جي رٿا ٻن حصن ۾ آهي. سنڌ ۾ موجود قلمي اردو نسخن جو تعارف ڏيندي، پهرئين حصي ۾ نظم، ۽ ٻئين حصي ۾ نثر جي ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هر صفحي تي هڪ ڪتاب جو احوال ڏنل آهي. ڪجهه مخطوطن جا عڪس به نموني طور ڏنل آهن. هي ڪتاب ٣٢٥ صفحن تي مشتمل آهي ۽ ان کي مرڪزي اردو بورڊ لاهور ١٩٦٩ع ۾ پڌرو ڪيو هو.

١٠. سنڌ ۾ اردو مطبوعات

هي ببليوگرافي سنڌ ۾ ڇپيل اردو ڪتابن جو احاطو ڪري ٿي. محترم عبدالجميل ۽ محترم اسلام اختر گڏجي هن تي ڪم ڪيو آهي. اردو ۽ سنڌ جي حوالي سان هي ٻي ببليوگرافي آهي. ابتدا ۾ نظم جا ڪتاب ۽ پوءِ نثر جي ڪتابن جو ذڪر ڪيل آهي. هر ڪتاب جي داخلا نئين صفحي تي ڏنل آهي. ذڪر هيٺ ڪتاب جو انگ ڏنل ڪونهي. هي ببليوگرافي٥٠٧ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن کي پڻ مرڪزي اردو بورڊ لاهور ١٩٧٠ع ۾ ڇپيو آهي.

١١. نئين زندگي مواد نمبر

پاڪستان ٺهڻ بعد رسالي "نئين زندگي" سنڌي علم ۽ ادب جي مثالي خدمت ڪئي. جناب شمشير الحيدريءَ جي ايڊيٽريءَ وقت، رسالي ۾ ڇپيل مواد بابت اپريل ١٩٧١ع ۾، هڪ انڊيڪس ترتيب ڏئي شايع ڪئي وئي. هن ۾ فيبروري ١٩٥٠ع کان ڊسمبر ١٩٧٠ع تائين، ڇپيل مواد جي نشاندهي

ڪئي وئي آهي. هي فهرست يا انڊيڪس جداگانه ڪتابي شڪل ۾ به شايع ٿي هئي. هي ترتيب سنڌ بابت ڪم ڪندڙن لاءِ نهايت ڪارائتي ثابت ٿي.

۱۲. سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽالاگ

هي ڪيٽالاگ سٺين جنوري ۱۹۷۱ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، منعقد ڪيل سنڌ جي ديني ادب جي نمائش جي موقعي تي شايع ڪيو ويو. هن نمائش منعقد ڪرڻ ۾ ان وقت جي وائيس چانسلر پروفيسر غلام مصطفيٰ شاه صاحب نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو. تڏهوڪي گورنر سنڌ ۽ چانسلر سنڌ يونيورسٽي ليفٽيننٽ جنرل رخمان گل هن تاريخي نمائش جو افتتاح ڪيو هو. هن ڪيٽالاگ ۾ هڪ هزار ديني ڪتابن جي داخلا ٽيل آهي، جنهن ۾ ڪجهه قلمي نسخن جو تعارف به اچي وڃي ٿو. اهي نسخا مختلف ذاتي ڪتبخانن مان، صرف هن نمائش جي خيال ڪان آندا ويا هئا. هي ڪيٽالاگ مشهور شاعر امداد حسيني صاحب مرتب ڪيو، جو ان وقت سنڌالاجيءَ ۾ رسرچ فيلو هو. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانه ۽ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نگرانيءَ ۾ تيار ٿيل هي ڪيٽالاگ اداري سنڌالاجيءَ، جنوري ۱۹۷۱ع ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو هو.

۱۳. سنڌالاجيءَ ۾ موجود مخزنن جو ڪيٽالاگ

هن جو مرتب چاٿايل ڪونهي. ڪيٽالاگ ۾ مذڪوره اداري ۾ موجود مخزنن، رسالن ۽ ميگزينن جو وچور ڏنل آهي. ڪيٽالاگ جي ورق گرداني ڪندي خبر پوي ٿي ته، هن ۾ ۱۹۰۰ع کان ڪري ۱۹۷۲ع تائين ڇپيل رسالن جو تذڪرو ملي ٿو، جي سنڌالاجيءَ جي تحقيقي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهن. پهرين داخلا زراعت رسالي جي آهي، جو ڪمشنر پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو هو. سنڌالاجي هي ڪيٽالاگ ۱۹۷۴ع ۾ پڌرو ڪيو هو.

۱۴. سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري

هن ڊائريڪٽريءَ جو مرتب ڊاڪٽر غلام علي الانه صاحب آهي، جو ان وقت اداري سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر هو. هن ۾ هر ان سنڌي اديب، شاعر ۽ عالم جو ذڪر ملي ٿو، جنهن پاڪستان پيرڊ ۾ لکيو آهي. سنڌالاجي هي گائيڊ بڪ بين الاقوامي ڪتابي سال جي، پاڪستان لاءِ ڪميٽيءَ جي تعاون

سان تيار ڪيو، جنهن ۾ ڪل ٻه سؤ پنجنيهه ليکڪن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هي ڊئريڪٽري اٺلائڻ سان ذڪر ڪيل اديبن بابت نهايت اهم معلومات ملي ٿي، جنهن ۾ ڄم ۽ وفات جي تاريخ، تعليم، ملازمت ۽ ائڊريس ڪان ڪري، ليکڪ جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد به معلوم ٿئي ٿو. اداري سنڌالاجي هي ڊائريڪٽري ۱۹۷۴ع ۾ شايع ڪئي.

۱۵. ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي

هن ببليوگرافيءَ ۾۱۹۴۷ع کان ڪري ۱۹۷۳ع تائين، ڇپيل سنڌي ڪتابن جي فهرست ڏنل آهي. هيءَ ببليوگرافي ترتيب ڏيندي ڪتابن کي اوڻيهه عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي، جن کي وري ذيلي موضوعن تحت وڌيڪ تقسيم ڪيو ويو آهي. ان کي پوريءَ طرح ترتيب ڏيندي ببليوگرافيءَ جي آخر ۾ متفرقات ۽ ضميمو به ڏنا ويا آهن. هن ۾ ڪتابن جو ڪل تعداد ۳۲۱۱ درج ٿيل آهي. هي ببليوگرافي پڻ بين الاقوامي ڪتابي سال جي حوالي سان تيار ٿي، جنهن کي آخري طرح جناب ڊاڪٽر غلام علي الانه صاحب مرتب ڪري، سنڌالاجيءَ ذريعي سال ۱۹۷۶ع ۾ شايع ڪيو.

۱۶. لطيفيات

هن ببليوگرافيءَ جو مرتب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب آهي. ڊاڪٽر صاحب وڏي محنت سان لطيف جي ڪلام، سوانح ۽ فڪر بابت ٿيل ڪم کي، هن مختصر ڪتاب ۾ سموهي پيش ڪيو آهي. هڪ کوٽ جا هن ببليوگرافي ڏسڻ بعد شدت سان محسوس ٿئي ٿي، سا لطيف بابت ٻين ڪتابن ۾ ملندڙ حوالن بابت آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ متعلق هي پهرين ببليوگرافي، سنڌالاجيءَ سال ۱۹۷۷ع ۾ ڇپي آهي. ڪافي وقت کان لطيف بابت هي معتبر حوالي جو ڪتاب، ناياب ٿي ويو آهي. انگريزي گذريل ڪجهه سالن ۾ عنوان تي ٿيل وڌيڪ ڪم کي سهيري، ببليوگرافيءَ کي جامع صورت ۾ پيش ڪرڻ جي ازحد ضرورت آهي.

۱۷. سنڌ تي مواد

بليموريا کان پوءِ سنڌ بابت هي پهرين مڪمل ببليوگرافي آهي، جنهن کي ايم. ايڇ. پنهور صاحب انگريزي زبان ۾ ترتيب ڏنو. پنهور صاحب

بنيادي طرح سان هڪ انجنيئر آهي. ليڪن سنڌ بابت جديد انداز سان تحقيق ڪرڻ سبب، ڪيس اچ وڏي ميجتا حاصل ٿي چڪي آهي. پنهور صاحب گهڻو ڪري انگريزي زبان ۾ لکيو آهي. سندن تحقيق گهڻو ڪري ببليوگرافيءَ جي انداز جي هجي ٿي. هن ببليوگرافيءَ ۾ سنڌ بابت مختلف ٻولين ۾ موجود پنج هزار مقالا ۽ ڪتاب درج ٿيل آهن. ڪٿي ڪٿي ڪتاب جي ڏهري داخلا ٻه ڏسجي ٿي. آخر ۾ مفصل نوٽس ڏنا ويا آهن، جن ذريعي هي خبر پوي ٿي ته، ڪهڙي ڪهڙي عنوان تي ڪيترو ڪم ٿيل آهي. ان ڪان علاوه فارسي ماخذن بابت پڻ تفصيلي طرح لکيو ويو آهي. هن ببليوگرافيءَ جي آخر ۾ انڊيڪس به شامل ڪئي وئي آهي. ان ڪري ڪتاب جي اهميت ويتر وڌي وڃي ٿي. جڳ مشهور اداري سنڌالاجيءَ "سورس مٽيريل آن سنڌ" نالي هي ببليوگرافي سال ١٩٧٧ع ۾ شايع ڪئي آهي.

## ١٨. انڊيا آفيس ۾ سنڌي قلمي ڪتاب

هي لئبريري سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. انگريزن جي سنڌ جي فتح بعد، هت به سنڌ بابت مواد اچڻ شروع ٿيو، جنهن ۾ ڪجهه سنڌي قلمي نسخا به هئا. انهن نسخن جو تعارف ڊاڪٽر شيڪل پنهنجي ڪيٽالاگ ۾ ڏنو آهي. پاڻ لنڊن جي هڪ اسڪول ۾ استاد آهي؛ ۽ ڪيس سنڌي توڙي سرائڪي ٻولين جي چڱي ڄاڻ حاصل آهي. هن ڪيٽالاگ ۾ سنڌي ۽ پنجابي نسخن جو تعارف ڏنو ويو آهي، جي انڊيا آفيس جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن. هي ڪيٽالاگ انگريزي ٻوليءَ ۾ لنڊن مان سال ١٩٧٧ع ۾ ڇپيو هو. هن جي مدد سان هن مضمون جي ليڪڪ، سنڌي مخطوطن جو تعارف رسالي مهراڻ (٣ / ١٩٨٦ع) ۾ شايع ڪرايو آهي.

## ١٩. سنڌ بابت منتخب ببليوگرافي

هي ببليوگرافي ايس. فخر عالم نقوي ترتيب ڏني، راولپنڊيءَ مان ليٿو ۾ سال ١٩٧٧ع ۾ ڇپي آهي. پني جي هڪ پاسي ڇپيل ڪيٽالاگ صرف ٣٧ صفحن تي مشتمل آهي. هن ۾ تعارف، ڪتاب، ڊزرٽيشن، رسالن ۾ موجود مقالا ۽ سبجيڪٽ انڊيڪس ڏسجي ٿي. هي ڪيٽالاگ يا ببليوگرافي "سنڌ: اي سليڪٽ ببليوگرافي" نالي سان پڌري ٿي، جن بابت تمام ٿورن ڪم

ڪندڙن کي علم آهي.

## ٢٠. ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليو گرافي

اداري سنڌالاجيءَ طرفان عنوان تي هي ٻي ببليوگرافي آهي. هن ۾ انهن سنڌي ڪتابن جي لسٽ ڏنل آهي. جي سال ١٩٧٣ع کان ڪري سال ١٩٧٩ع تائين شايع ٿيا. هن حصي جو مرتب مرحوم مانيٽو اوٺو آهي. سال لکيل ڪونهي. ليڪن گمان آهي ته ١٩٨٠ع ۾ هي ببليوگرافي شايع ٿي هئي. ان بعد سنڌالاجيءَ طرفان هن عنوان تي ڪابه نئين سيريز نه ڇپي آهي، حالانڪه گذريل ٻارنهن سالن ۾ سنڌي ڪتابن جو وڏو تعداد ظاهر ٿيو آهي.

## ٢١. سنڌي زبان ۾ سيرت تي ڪتاب

هجري پندرهين صديءَ جي آغاز تي پاڪستان ۾ مختلف تقريبات ٿيون. ڪتاب ڇپيا ويا. جلسا منعقد ڪيا ويا. سيرت ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون ۽ رسالن خاص نمبر ڪڍيا. ان نسبت سان ملتان جي بهاءُالدين ذڪريا يونيورسٽي، اردو زبان ۾ سيرت بابت پاڪستاني ٻولين ۾ ڇپيل ڪتابن جو ڪيٽالاگ، ٻن جلدن ۾ "ارمغان حق" جي نالي سان ١٤٠٠ هه ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. سنڌي ڪتابن جي لسٽ تيار ڪرڻ لاءِ، ڊاڪٽر گل حسن لغاري صاحب جي مدد حاصل ڪئي وئي. پهرئين جلد ۾ ٿورا سنڌي ڪتاب، ۽ ٻئين جلد ۾ زياده ڪتاب داخل ڪيا ويا، جي سيرت طيبه بابت ڇپيل آهن. ساڳي لسٽ رسالي "مهراڻ" جي سيرت نمبر (٣-٤ / ١٩٨٠ع) ۾ پڻ شايع ٿي، جنهن موجب مرتب کي عنوان تي ١٦٥ ڪتابن جو پتو پئجي سگهيو هو. هي لسٽ ڏسڻ سان صفحه، مرتب، مترجم، مصنف، اشاعت جو سال، ناشر، ڪتاب جو نالو ۽ قيمت پڻ معلوم ٿئي ٿي.

## ٢٢. سنڌالاجيءَ ۾ قلمي نسخا

اداري سنڌالاجيءَ جي تحقيقي ڪتبخاني ۾ موجود قلمي نسخن جي ڪيٽالاگ تيار ڪرڻ جو ڪم، ابتدا ۾ مولانا محمد صديق "مائل"سنڌيءَ جي حوالي ڪيو ويو هو. ڪم اڃا پورو نه ٿيو هو جو مولانا صاحب ٦ مئي ١٩٧٨ع تي وفات ڪري ويو. ان بعد ڪيٽالاگ جي تياري لاءِ قاري امان الله صاحب عباسيءَ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون. ڇپيل ڪيٽالاگ ڏسڻ

سان خبر پوي ٿي تہ، هن ۾ سنڌي، فارسي، عربي ۽ اردو قلمي ڪتابن جي داخلا ٿيل آهي. اداري سال ١٩٨٠ع ۾ ڪيٽالاگ جو اڌ حصو شايع ڪيو، جڏهن تہ باقي اڌ حصو اڃا سوڌو نہ ڇپيو آهي.

### ٢٣. لوڪ ادب ببليوگرافي

مرتب اقبال علي جتوئيءَ جي "ببليوگرافي آف فوڪ لٽريچر"، اسلام آباد جي لوڪ ورثي جي قومي اداري ١٩٨٠ع ۾ ڇپي آهي. آرٽ پني تي ڇپيل هي ببليو گرافي ١٦٠ صفحن تي مشتمل آهي. لوڪ ادب جي صنفن کي جدا جدا عنوانن هيٺ ورهائي ترتيب هيٺ آڻي، آخر ۾ عشقيہ داستانن بابت مفصل احوال ۽ انڊيڪس بہ ڏنل آهي. هن ۾ پهرين داخلا سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپيل "لوڪ ڪهاڻيون، جلد اول" آهي. هي ڪتاب پهريون ڀيرو سال ١٩٦٠ع ۾ ڇپيو هو.

### ٢٤. ساهتيہ ڪلا درسني (ڊئريڪٽري)

هي ڊئريڪٽري هندستان مان هري هوتو مل تنواڻي مرتب ڪري ڇپي آهي. جا ڊيمي سائيز جي ٣٦٥ صفحن تي پکڙيل آهي. هن ڪلادرسنيءَ جي ترتيب ۾ مختلف اديبن: پروفيسر رام پنجواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، پوپٽي هيراننداڻي، گوبند مالهي، ديپڪ آشا ۽ هري مونواڻيءَ جا ليک ڪارائتا ثابت ٿيا. هندستان ۾ سنڌي ساهت، ساهتڪارن، سنڌي ڪلاڪارن، ناٽڪ منڊلين، سنڌي فلمن، اخبارن، رسالن، پبلشرن ۽ بڪ سيلرن بابت هي ڊئريڪٽري ڀرپور ڄاڻ مهيا ڪري ٿي. هندستان مان شايع ٿيل هي مفيد ڪتاب بمبئيءَ مان ١٩٨٠ع ۾ پڌرو ٿيو.

### ٢٥. سنڌ بابت هڪ تشريحي ببليوگرافي

سنڌ جي باري ۾ ببليموريا ۽ پنهور صاحب کان پوءِ، هن ٽين معياري ببليوگرافي جو مرتب محمد قاسم سومرو آ هي. سومرو صاحب ان وقت نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل رسرچ اسلام آباد ۾ رسرچ فيلو هو. هن ببليوگرافيءَ ۾ ان مواد جي نشاندهي ڪيل آهي، جو ملڪ جي تختگاهہ يا راولپنڊيءَ جي جدا جدا ڪتبخانن ۾ ملي ٿو. ڪتاب جا ٽي حصا آهن. انگريزي حصي ۾ سنڌ بابت ڪتابن، ڊاڪٽوريٽ جي مقالن ۽ رسالن ۾

آيل مضمونن جو ذڪر آهي، جن جو ڳاڻيٽو ٣٧٨ بيهي ٿو. اردو واري حصي ۾ ڪجهہ ڪتاب، ۽ اڪثر ڪري اخباري مضمونن جي لسٽ ڏنل آهي، جن جو تعداد ٩١ ٿئي ٿو. ان بعد سنڌي حصو آهي جنهن ۾ صرف ٣٤١ ڪتابن جو ذڪر ملي ٿو. ڪجهہ سنڌي ڪتابن جي داخلا مناسب نہ ٿي ڏسجي. محمد قاسم سومري جي "سنڌ؛ اين اينوٽيٽيڊ ببليوگرافي" اسلام آباد جي اسلامڪ هسٽري، ڪلچر ۽ سويلائيزيشن واري اداري ١٩٨١ع ۾ شايع ڪئي آهي. مرتب هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي جنرل هسٽري ڊپارٽمنٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي، ۽ سنڌس ايم. فل جي ٿيسز "مسلم پالٽڪس ان سنڌ" بہ ڇپجي چڪي آهي.

٢٦. سنڌو ماٿر جي تهذيب بابت مواد

هي ببليوگرافي انگريزي ٻوليءَ ۾ آهي، جنهن کي هندستان جي ٻن سنڌين؛ آشم ڪمار راءِ، ۽ اين. ايم. گدواڻيءَ مرتب ڪيو آهي. هندستان ۾ سنڌ ۽ سنڌين بابت هي ٻين ڊئريڪٽري ۽ ببليوگرافي ڇپي آهي. هن ۾ هڙپا، موهن جي دڙي، آمري ۽ ڪوٽ ڏجيءَ جي تهذيبي آثارن ۽ دورن جي متعلق، ٿيل ڪم جي نشاندهي ڪيل آهي. ڪتاب جو نالو "انڊس ويلي سويلائيزيشن؛ اي ببليوگرافڪ ايسي" آهي. ابتدا ۾ ٣٠ صفحن تي مشتمل هڪ تعارف ڏنل آهي، جنهن ۾ لاڳاپيل دور جي ڪيئي پهلوئن تي مفصل بحث ڪيل آهي. تعارف سميت هي ببليوگرافي ٢٦٤صفحن تي پکڙيل ڏسجي ٿي. هن جي ورق گرداني ڪندي خبر پوي ٿي تہ، انگريزي زبان ۾ سنڌو ماٿر بابت ڪٿي ۽ ڪيترو ڪم ٿيو آهي. هي ببليوگرافي دهليءَ مان سال ١٩٨٢ع ۾ ڇپي آهي. ان ڪان علاوه بہ مذڪور دور بابت هندستان ۾ تمام معياري تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي، جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪنهن ٻئي پيپر ۾ ڪيو ويندو.

٢٧. سچل سرمست تي ببليوگرافي

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي حوالي سان هي ٻي ببليوگرافي آهي، جنهن ۾ سچل سرمست تي ١٩٨١ع تائين ٿيل ڪم جو احاطو ڪيو ويو آهي. هن ببليوگرافيءَ ۾ سچل جي سوانح، ڪلام ۽ فڪر بابت مختلف ٻولين

۾، ٿيل ڪم جو جامع سروي ڪيو ويو آهي. سرمست بابت ڪيترو اخباري مواد ڇپيو آهي، ان جو بہ ذڪر ڪيو ويو ڏسجي ٿو. ڪتاب جي آخر ۾ ڇهن قسمن جي انڊيڪس ڏني، ببليوگرافيءَ کي معياريءَ مڪمل بنائڻ جي جستجو ڪئي وئي آهي. محمد علي صاحب حداد جي هي ڪاوش، سچل نيشنل سيمنار ڪميٽي خيرپور ١٩٨٢ع ۾ ڇپي هئي. هن ڏس ۾ حداد صاحب جون ڪوششون اڃا بہ جاري آهن.

**٢٨ . مهراڻ فهرست نمبر**

سنڌي ادبي بورڊ جي مشهور رسالي "مهراڻ" سال ١٩٨٤ع ۾ فهرست نمبر ڪڍيو، جنهن ۾ مذڪوره ميگزين جي ١٩٥٥ع کان ڪري ١٩٨٠ع تائين ڇپيل مواد جي انڊيڪس ڏني وئي آهي. هن جي ترتيب ٻن حصن ۾ آهي. پهرئين حصي ۾ مواد وار فهرست آهي، جڏهن تہ ٻئين ڀاڱي ۾ ليکڪ وار مواد جي نشاندهي ڪيل آهي. ڪل٤٥٣ صفحن تي مشتمل مهراڻ جو هي پرچو ( ١ / ١٩٨٤ع)، نفيس احمد شيخ صاحب جي ايڊيٽريءَ جي دور جو، هڪ شاندار ادبي يادگار رهندو. رسالو "مهراڻ" پنهنجي ابتدائي زماني کان ڪري، سنڌي علم ۽ ادب توڙي تاريخ بابت معياري مقالا ڇپيندو رهيو آهي. ان ڪري هي فهرست نمبر ڇپجڻ سان، خاطري آهي تہ تحقيق ڪندڙن جي لاءِ آساني ٿيندي. هي خاص پرچو ثناء الله مجاهد مرتب ڪيو ۽ ان جو پيش لفظ ابو سلمان شاهجهانپوريءَ لکيو.

**٢٩ . ضبط ٿيل سنڌي ڪتاب**

هندستان تي انگريزن جي دور حڪومت ۾، جي ڪتاب ضبط ٿيا انهن جو ڪجھ حصو اڄ بہ، برٽش ميوزم ۽ انڊيا آفيس ۾ محفوظ آهي. جنهن ۾ سنڌي زبان سميت برصغير جي مکيہ ٻولين جا ڪتاب اچي وڃن ٿا. تازو اهڙن ضبط ٿيل ڪتابن جو هڪ ڪيٽالاگ ڇپيو آهي، جيڪو گراهام شا ۽ ميري لائيڊ جو ترتيب ڏنل آهي. ابتدا ۾ هڪ مفصل تعارف ڏنل آهي.هن ڪيٽالاگ ذريعي ٢٣ سنڌي ڪتابن، ڪتابڙن ۽ چوپڙين جي نشاندهي ٿئي ٿي، جي برٽش سرڪار جي حڪم سان ضبط ٿيا هئا. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ هن دور ۾، گهڻو ڪري هندن جو لکيل ڪانگريسي لٽريچر بندش هيٺ آيو هو. هن

ڪيٽالاگ جو مڪمل نالو "پبليڪيشنس پروسڪرائيبڊ باءِ دي گورنمنٽ آف انڊيا" آهي، جيڪو دي برٽش لئبريري لنڊن ۱۹۸۵ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو. هلال پاڪستان جي چيف ايڊيٽر مدد علي سنڌيءَ، پڻ اهڙن ڪتابن جو وچور رسالي "مهراڻ" (۱ / ۱۹۹۰ع) ذريعي شايع ڪيو آهي.

۳۰. فارسي زبان مان ترجمو ٿيل سنڌي ڪتاب

هي جامع ببليوگرافي اختر راهي صاحب فارسي زبان ۾ ترتيب ڏني، جنهن ۾ پاڪستاني ٻولين جي انهن ڪتابن جي لسٽ ڏنل آهي، جي مذڪوره ٻوليءَ مان ترجمو ٿي شايع ٿيا آهن. ڪتاب جو پهريون حصو اردو زبان لاءِ آهي، ۽ هن ببليوگرافيءَ جو ڪجھ حصو والاري ٿو. جڏهن ته ٻئي حصي ۾ ٻين ٻولين کان علاوه سنڌي ڪتابن جو مذڪور به ملي ٿو. هن ذريعي اهڙن ڇتيهه ڪتابن جي نشاندهي ٿئي ٿي، جي بنيادي طور تي فارسي زبان ۾ هئا، ۽ پوءِ ترجمن ذريعي سنڌيءَ ۾ منتقل ٿيا. حقيقت ۾ سنڌي ڪتابن جي حوالي سان هي لسٽ ڪافي اڻپوري آهي. اسلام آباد مان نڪرندڙ رسالي "دانش" جي مدير، سيد عارف نوشاهي صاحب هن ڏس ۾ وڌيڪ مواد جي نشاندهي ڪئي آهي. مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد هي ببليوگرافي "ترجمہ هاي متون فارسي به زبانهاي پاڪستاني" جي نالي سان، سال ۱۹۸٦ع ۾ ڇپي پڌري ڪئي. راقم الحروف وڌيڪ ۸۲ ڪتابن (مهراڻ ۱۹۹۵/۳ع) ۽ ڊاڪٽر محمد ادريس السندي مزيد ۱۱۸ ڪتابن جي (مهراڻ ۱۹۹٦/۲ع) نشاندهي ڪئي آهي جيڪي فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن.

۳۱. نيچرل هسٽريءَ تي مواد

هن ببليوگرافيءَ جو مرتب محمد عطاءُ الرحيم آهي، جنهن ۾ پاڪستان جي نيچرل هسٽريءَ سان لاڳاپيل مواد جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مرتب سنڌ جي جيالاجي، جاگرافي، زولاجي ۽ باٽنيءَ بابت ٿيل ڪوجنا کي پڻ، هڪ جداگانه حصي ۾ سهيڙيو آهي. "نيچرل هسٽري آف پاڪستان: اي ببليوگرافڪ سروي" نالي هي ڪتاب، پاڪستان سائنس فائونڊيشن اسلام آباد ۱۹۸۷ع ۾ شايع ڪيو آهي.

## ٣٢. بڪ ٽريڊ ڊئريڪٽري صوبہ سنڌ

هن ڊئريڪــٽــريءَ جو مــرتب چاٿايل ڪونهي. سنڌ بابت اردو زبان ۾ شايع ٿيندڙ هن ٽين ڊئريڪٽريءَ ببليوگرافيءَ ۾، صوبي ۾ ڪتاب شايع ڪندڙ ادارن ۽ ڪتابي واپارين جو احوال ڏنل آهي. تعجب آهي تہ هن گائيڊ بڪ ۾، نہ تہ ضلعي نٽي، ۽ نہ وري نٽي شهر جو مذڪور ڪيو ويو آهي. يقينن هي تعجب جي ڳالهہ آهي. ان ڪـان عـلاوه اندرون سنڌ بابت بہ درست ڄاڻ ڏنل ڪانهي. ڪل ١٢١ صـفحن‌جي هي مختصر ڊئريڪـٽري انڊيڪس سـميت، نيشنل بڪ ڪونسل آف پاڪستان ڪراچي ١٩٨٨ع ۾ ڇپي آهي.

ان ڪان علاوه سنڌي ادبي بورڊ وٽ قلمي نسخن جي شاندار ڪليڪشن آهي. ان بابت هڪ ڪيٽالاگ ڊاڪٽر نجم الاسلام صاحب تيار ڪيو آهي. سيد حسام الدين راشدي مرحوم وٽ بہ اورينٽل نسخن جو وڏو ذخيرو هو، جنهن جو ڪيـٽـالاگ پڻ ڪراچي يونيـورسـٽيءَ جي ڊاڪـٽـر روشن آرا بيگم صاحبہ تيار ڪيو هو. هي ٻئي ڪيٽالاگ شايع ٿيڻ سان، سنڌ بابت تحقيق جا نوان رخ متعين ٿيندا.

(نئين زندگي، حيدرآباد، مارچ - اپريل ١٩٩٢ع ۾ ٻن قسطن ۾ ڇپيل)

# تاریخ، قدیم آثار ۽ سوانح

ظاهر آهي تہ گذريل هڪ هزار سالن جي علمي سفر ۾ جتي تاريخ جا ڪتاب، سوانحي تذڪرا، شاعرن بابت ماخذ، صوفين جي باري ۾ مسودا، ملفوظات ۽ سياسي خط وغيره – سون جي تعداد ۾ فارسي زبان ۾ لکيا ويا هجن، اهي نہ شايع ٿيا هجن، نہ تہ دستياب هجن ۽ نہ وري ترجمن ذريعي بہ اسان تائين پهتا هجن، اتي ڪنهن خاص مسئلي يا تاريخي نقطي بابت، ڪو هڪ اڌ ڪتاب رفر ڪري، مثبت جواب لهڻ مشڪل تہ آهي، پر اهو هڪ خوفناڪ لاڙو پڻ ٿيندو. اهي ڪتاب نہ تہ سچي جا سچا رد ڪري سگهبا، ۽ نہ وري هر ڳالهہ ۾ اکيون ٻوٽي قبول ڪري سگهبا. سنڌ جي تاريخ بابت سوچيندي هڪ تہ علمي انداز اختيار ڪرڻو پوندو ۽ ٻيو تہ سنڌ جي پنهنجي علمي مفاد واري سوال کي بہ ذهن ۾ رکڻو پوندو!

# سنڌ جا قديم آثار - از هينري ڪوزنس

[The Antiquities of Sind - By: H. Cousens]

## - هڪ جائزو -

سنڌ تي انگريزن جون حريص نگاهون گهڻي وقت کان ڪتل هيون، پر اڻويهين صدي شروع ٿيندي ئي ان ۾ تيزيءَ سان واڌ آئي. ڪين هن خطي بابت هر قسم جي معلومات گهربل هئي، ارضياتي، تاريخي، موسمياتي، ثقافتي، جاگرافيائي ۽ لسانياتي. هيءَ معلومات هڪ ته ڪين ڏيهي دلالن معرفت ملندي هئي ته، ٻئي طرف انگريز آفيسر، سياح، واپاري ۽ سفير رپورٽن، ڪتابن ۽ خطن وغيره جي صورت ۾ مهيا ڪندا رهندا هئا. ميرن جي راڄ جي خاتمي کان اڳ ئي، انگريزيءَ ۾ سنڌ بابت ڪيئي ڪتاب لکجي چڪا هئا.

سال ١٨٤٣ع ۾ جڏهن هيءُ ملڪ انگريزن جي راڄ ۾ شامل ٿيو، تڏهن سنڌ بابت انگريزيءَ ۾ بيشمار ڪتاب لکجڻ لڳا. افسوس جو سنڌ جي ماڻهن کي "بمبئي" ۾ شامل هجڻ ڪري (سياسي ۽ اقتصادي نقصانن کان علاوه) زبردست گهاٽو پيو. پنجاسي ورهين ۾، سنڌ صرف ٻه ڊاڪٽر (سنڌ يافته عالم) پيدا ڪري سگهي. جڏهن ١٩٣٦ع ۾ سنڌ جو جدا صوبو بنيو، تڏهن سنڌ جي علم، ادب ۽ تاريخ تي ڪم ڪرڻ جو پروگرام ٻه نهيو؛ ته سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ٻه مجلسون وينيون؛ ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا بنياد ٻه پوڻ لڳا ۽ ٻين يونيورسٽين ۾ ٻه سنڌ تي تحقيقي ڪم ٿيڻ لڳو.

هر معاملي جا ٻه پهلو ٿين ٿا. چڱائي ۽ برائي. انگريزن جي زماني ۾ بهرحال سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي نصيب ٿي ۽ سنڌ تي معلوماتي مواد ٻه مهيا ٿيو، ته قديم آثارن جي ڪوتائي ۽ کوجنا ٻه ٿي. اهوئي سبب آهي جو اڄ سنڌ جي تاريخ پنج هزار سال پراڻي قبول ڪئي وڃي ٿي. سنڌ اندر جديد ڪتبخانن جو بنياد ٻه هن زماني ۾ پيو. "فريئر هال لائبريري ڪراچي" جو بنياد ١٨٥١ع ۾ پيو. افسوس ته سنڌ جو هي صدي کن پراڻو ڪتبخانو، پوءِ ون يونٽ جي ٻڪ ٿي ويو. نادر جي ڦرلٽ بعد، سنڌ کي هي ٻيو وڏو

علمي نقصان برداشت ڪرڻو پيو. قدرت جو قانون بہ نرالو آهي، هڪ در پوريو تہ ٻيو کليو. ون يونٽي زماني ۾ سنڌالاجي جو بنياد پيو، جتي سنڌ بابت معلوماتي سرمايو ڪٺو ڪيو پيو وڃي. ون يونٽ ٽٽڻ بعد، سنڌ تي ڪيئي ڪتاب ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ لکجي رهيا آهن ۽ ڪافي نادر ڪتاب وري ڇپجي نروار ٿي رهيا آهن. بهتر آهي تہ نئين نسل يا سنڌ جي شائقين کي ان قسم جي معلومات پهچائڻ لاءِ سنڌالاجي ڪو جوڳو قدم کڻي. هونئن بہ لائبريريون، اطلاعات جو اهم ذريعو سمجهيون وڃن ٿيون. هينري ڪوزنس جو ڪتاب "سنڌ جا قديم آثار" (The Antiquities of Sind) ، جنهنجو ذڪر هيٺ ايندو، سو پڻ اهڙن ڪتابن ۾ شامل آهي جيڪي تازو وري ڇپيا آهن.

برطانوي راڄ ۾ قديم آثارن جي تحفظ لاءِ "آرڪيالاجيڪل ڊپارٽمينٽ" قائم ٿيو ۽ ننڍي کنڊ جي قديم آثارن تي ڌيان ڏنو ويو. محترم ايم. ايڇ. پنهور لکي ٿو تہ: هيءُ کاتو هر سال هيٺين ٽن قسمن جو اشاعتي مواد جاري ڪندو هو:

(i) انڊين آرڪيالاجيڪل جائزي جي سالانہ رپورٽ،

(ii) اولاهين حصي (سرڪل) جي آرڪيالاجيڪل جائزي جي سالانہ رپورٽ، ۽

(iii) انڊين آرڪيالاجي متعلق سالانہ ببليوگرافي.

["سنڌ تي مواد" ص ٣٦٢، ناشر سنڌالاجي]

جائزي هيٺ آيل ڪتاب بہ خاطري آهي تہ ڪاتي جي اشاعتي پروگرام جي پهرين ڪڙي تحت گورنمينٽ آف انڊيا جي سينٽرل پبليڪيشن برانچ ڪلڪتي پاران پهريون ڀيرو سال ١٩٢٩ع ۾ ڇپيو ۽ اشاعتي سلسلي جي ڇائيتاليهين (٣٦) جلد طور نروار ٿيو. سنڌ متعلق هي جڳ مشهور ڪتاب، ٻيو ڀيرو سال ١٩٧٥ع ۾ سنڌ سرڪار جي سعيي سان، ڪراچي آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس وارن نروار ڪيو آهي.

## ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت:

اڪثر ڪري آڪسفورڊ، وري ڇپجندڙ ڪتابن تي تعارفي نوٽ لکرائيندو آهي، پر خبر نہ آهي تہ ڇو مسٽر ڪوزنس جي هن اهم ۽ لاثاني ڪتاب تي

ڪو مهاڳ وغيره لکڻ جي ضروت محسوس نہ ڪئي وئي. بهرحال سنڌ جي قديم آثارن تي هڪ جامع ۽ مستند ڪتاب هجڻ ڪري، هي ڪتاب ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي. ڪتاب جي ڪور تڻي، نامعلوم ليکڪ تعارفي نوٽ ۾ نکي ٿو: " ڪوزنس آرڪيالاجيڪل ڊپارٽمينٽ جي اولهہ سرڪل جي سپرنٽينڊنٽ طور ١٩١٠ع ۾ رٽائر ڪيو ۽ پوين سٺ سالن ۾ خاص طرح سان موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ پنيور جي کوٽاين ۽ کوجنائن سان سنڌ جي قديم آثارن جي خزانن متعلق اسان جي ڄاڻ ڪوزنس جي لکت کان تمام گهڻو وڌي آهي. ان جي باوجود، هن جو ڪتاب (موضوع تي) بنيادي پٿر جي حيثيت رکي ٿو، جنهن تي پوئين ڪم جو بنياد رکيو ويو." تعارف ڪرائيندڙ خاص طرح سان موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ پنيور جي کوٽاين جو ذڪر ڪيو آهي. هن ان حقيقت کي وزن نہ ڏنو آهي تہ پوئين دور ۾ آمري ۽ ڪوٽ ڏجي بہ کوٽايا ويا تہ چانهوڙ جو دڙو بہ. ان کان علاوه سيد حسام الدين راشدي صاحب مڪليءَ تي سالن جا سال ڪم ڪيو آهي (مڪلي نامہ) ۽ ان ڏس ۾ ڪجهہ آرٽيڪل ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ تحرير ڪيا آهن.

پوين پنهي عَالمن ان موضوع تي نهايت ئي قابل فخر ڪم ڪيو آهي. ان هوندي بہ ڪوزنس جي هن ڪتاب جي اهميت پنهنجي جاءِ تي باقي آهي:

"As a comprehensive illustrated survey of Sind's antiquities it remains unsurpassed".

## ڪتاب بابت هينري جي پنهنجي راءِ:

جيئن مٿي ذڪر آيو آهي، ڪوزنس سال ١٩١٠ع ۾، انڊين آرڪيالاجيڪل ڊپارٽمينٽ جي اولاهين سرڪل جي سپرنٽينڊنٽ طور رٽائر ڪيو. ذڪر هيٺ آيل ڪتاب کان علاوه سندس هي ڪتاب بہ ڇپجن ٿا.

(i) Antiquities of Kathiawar and Kachh.

(ii) Portfolio of illustrations of Sind Tiles, London 1906.

(iii) Progress report of Archaeological survey of western India for 1895-97.

[Source Material on Sind P-52]

لائق ليڪڪ ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو: ”هن وقت سنڌ جي قديم آثارن تي مونوگراف لکڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ڇو ته اڃا ڪيترا ڏڙا ڪوٽائيءَ جي انتظار ۾ آهن. هن صوبي ۾، ته هن ڪم جي شروعات مس ٿي آهي. اولاهين سرڪل ايڏي ته طويل آهي، جو سپرنٽينڊنٽ لاءِ اهو مشڪل آهي ته هو پنهنجي وقت جو ٿورو حصو به هر هڪ ضلعي کي ڏئي. نه وري اسان کي هن معاملي ۾ مقامي آفيسرن جو ڪو تعاون حاصل آهي.“

بمبئي سان شامل هجڻ ڪري، سنڌ کي تمام گهڻو نظرانداز ڪيو پئي ويو. ان ڏس ۾ هن خطي سان، هن کاتي ۾ به انڌير پئي ٿيو. هينري ڪوزنس مهاڳ لکندي، هن راز تان پردو کڻندي لکيو ته:

"............. for these reasons Sind has been to a great extent neglected."

آخر ۾ هو صاحب لکي ٿو ته، ”اگر هتي ڪو ڪم ڪرڻو آهي ته پوءِ سنڌ لاءِ خاص ڪوٽائي ڪرائيندڙ آفيسر ۽ جدا عملو ضروري آهي.“

افسوس ته پاڪستان جي نهڻ ڪانپوءِ به سنڌ جي قديم آثارن ڏي جوڳو ڌيان نه ڏنو ويو آهي.

## سنڌ جا قديم آثار (تعارف):

هينري ڪوزنس جي هن جڳ مشهور ڪتاب تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته هي تاريخي دستاويز ڪل ٽيويهن عنوانن تي مشتمل آهي. پهريون عنوان آهي ”سنڌ، نديون ۽ قديم آثار“، جيڪو ٻارهن صفحن تي پکڙيل آهي. هن ۾ نيرون ڪوٽ بابت ريورٽيءَ جي راءِ تي خيال آرائي ڪيل آهي؛ سنڌ جي قديم آثارن جي نوعيت ٻڌايل آهي ۽ مهاڀارت واري دؤر ۾ سنڌ جو ڪردار ٻڌائيندي، ليڪڪ هن عنوان جي پڇاڙي ان بحث تي ڪئي آهي ته سنڌ جو قديم ورثو ڪيڏانهن ويو؟

ڪتاب جو ٻيو عنوان آهي ”سنڌ جي تاريخ جو اختصار“، جيتوڻيڪ ليڪڪ هن خطي جي قديم تاريخ تي روشني وجهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، تاهم سرسري طرح خاڪو اهوئي ڏسجي ٿو. جيڪو ”چچ نامي“ ۾ آيل آهي. سنڌ تي عرب حملن جو قدري تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪوزنس

جو خيال آهي تہ، سومرا اصل ۾ سامري نسل جا عرب آهن.● هن موضوع جي پڇاڙي مير مراد علي جي سڪي تي ڪئي وئي آهي.

"سنڌ جا قبل از تاريخ يادگار" ۽ "پنڊ ٽيل جسر" هن ڪتاب جو ٽيون عنوان آهي، جيڪو پنجن صفحن تي پکڙيل آهي. هن عنوان تحت پٿر جي قديم قبرن توڙي سيوهڻ جي هڪ ٽنيي (غار) جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي.

ايندڙ موضوع آهي "برهمڻ آباد - منصوره - محفوظہ". برهمڻ آباد قبل مسيح ۽ منصوره بني اميہ دور جا تاريخي شهر آهن، جيڪي هاڻي کنڊرات ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. مزي جي ڳالهہ تہ هتي جيڪا کوٽائي ۱۸۵۴ع ڌاري ميشرز بيلاسس ۽ رچرڊسن شروع ڪرائي، سا اجا تائين هلندي اچي. آثار قديمہ پاڪستان جي محڪمي پاران، ڪڏهن ڪڏهن حيرت انگيز دريافتون، اخبارن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن. ڪوزنس چوي ٿو تہ: "اولهہ سرڪل ۾ هن جڳهہ کان وڌيڪ ٻي ڪابہ تڪراري (Controversial) جڳهہ نہ آهي."

"وڄنوٽ" (Vijnot) ڪوزنس جي ڪتاب جو ايندڙ موضوع آهي.هي پراڻو مقام، ريتي ريلوي اسٽيشن کان پنج ميل ڏکڻ طرف آهي. کوٽائيءَ دوران، هتان پراڻا سڪا ۽ مٽيا مليا هئا.

ان بعد جڳ مشهور شهر "اروڙ" جو ذڪر اچي ٿو. ياد رهي تہ عربن جي آمد وقت هي شهر سنڌ جو تختگاهہ هو. هن علائقي جي کوٽائي ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي. ڪوزنس ان ڏس ۾ رقم طراز آهي تہ:

"Here, after rain, the people still pick up coins, which are said to be more bits of metal"

هيءَ صورتحال رشيد ڀٽيءَ جي مقالي لکڻ تائين جاري هئي ۽ شايد اجا بہ هجي (مهراڻ ۱۹۷۴/۲ع).

تازي دور ۾ جن ڪوجنائن سنڌي تهذيب، تاريخ ۽ ٻوليءَ تي ڪم

● سومرن جي حسب نسب تي اڄ تائين بحث جاري آهي. ان ڏس ۾ جيڪي تازا مقالا ڇپيا آهن، تن مان قابل ذڪر آهن:
(۱) قريشي حامد علي خانائي "سنڌ جي سومرا قوم" تہ ماهي مهراڻ ۱۹۷۴/۱ع.
(۲) مير محمد بخش ٽالپر "سومرا قوم جو حسب نسب" تہ ماهي مهراڻ ۳-۱۹۷۹/۴ع.

ڪرڻ لاءِ نئون مواد مهيا ڪيو آهي، تن مان ٻنيپور بہ هڪ آهي. اروڙ کان پوءِ پڙهندڙ کي هن ڪتاب ۾ ٻنيپور جو مختصر ذڪر ملي ٿو. ڪوزنس لکي ٿو تہ، ڪي محقق هن راءِ جا آهن تہ ٻنيپور پراڻو "ديبل" شهر آهي- پر سندس خيال ۾ هيءَ تمام ننڍي بستي آهي، جيڪا عظيم ديبل ٿي نہ ٿي سگهي. ديبل جي سڃاڻپ بہ سنڌ جي عالمن لاءِ هڪ تڪراري مسئلو پئي رهيو آهي. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ پنهنجي ٿيسز ۾ ٻنيپور کي ديبل سان متعارف ڪرايو آهي، پر جڏهن موصوف ادبي بورڊ واري تاريخ سنڌ جو ٽيون جلد (عرب پيرڊ) لکيو تہ مٿين راءِ اجهو هيئن تبديل ڪري ٿو:

"Hypocritical and unscholarly conjectures have been put forward by certain quarters to connect the ruins of Bhambhor with Al-Daybal (P-352).

سنڌ ۾ ٻڌ مت جا جيڪي بہ قديم تهذيبي مرڪز هئا، تن مان "ڪاهوءَ جو دڙو" بہ هڪ آهي. ڪوزنس پنهنجي ڪتاب ۾ هن دڙي ۽ ڏيوري جو ذڪر "ميرپورخاص ۾ ٻڌ مت جو ڏيورو" عنوان تحت ڪيو آهي. هن دڙي جي سڀ کان اول کوٽائي جان جيڪب (قائم مقام ڪمشنر) ڪرائي هئي. پوءِ مسٽر مئڪنزي (١٩٠٧ - ١٩٠٩ع) جي لکپڙهہ تي، مسٽر ڪوزنس، جيڪو ان وقت اولهہ سرڪل جو سپرنٽينڊنٽ هو، پنهنجي سر ١٩١٠ع ۾ هن دڙي جي کوٽائي ڪرائي. هتان چڱو خاصو تهذيبي ورثو دريافت ٿيو، جيڪو پوءِ سنڌ کان ٻاهر جي عجائب گهرن کي ڏنو ويو.

خوش قسمتيءَ سان سنڌ جا ڪجهہ قديم تاريخي ۽ تهذيبي آثار اڄ بہ پنهنجي مڪمل صورت ۾ موجود آهن. نوابشاهہ ضلعي جو "ٺل مير رڪن" بہ انهن مان هڪ آهي. هن ٺل جي ذڪر بعد، ڪتاب ۾ "سوڌرن جي دڙي" ۽ "جهرڪن پرسان ٻڌ جا نشان" عنوان آيا آهن

مسٽر ڪوزنس هاٿي همت ڪري ٺٽي پهتو آهي. موصوف ٺٽي جي قدامت تي هن عنوان تحت، ابتدا توڙي انتها ۾ سٺو بحث ڪيو آهي. سنڌ جي

---

• سنڌ ۾ ٻُڌ مت جي عروج ۽ زوال، ڏيورن جي تاريخ ۽ ٺل ميررڪن جي موجوده حالت تي ايندڙ ورقن ۾ مقالو پڙهندا.

مقبرن، فن تعمير ۽ ڪاشيءَ جو ذڪر ڪندي، مڪليءَ جي احوال جي ابتدا سيد علي شاهه شيرازي جي مدفن کان ڪندي، وڃي مرزا جاني بيگ جي مقبري تي پهچي ٿو. ليڪ ٺٽي جي جامع مسجد، دابگيرن جي مسجد ۽ ڪلان ڪوٽ کان ٿيندو، قديم يورپين قبرن تي پهچي، هن عنوان جي پڄاڻي ڪري ٿو.

ان بعد قديم شهر "نيرون" ۽ هاڻي "حيدرآباد" جو ذڪر اچي ٿو. ياد رهي ته سنڌ جي بادشاهه ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، هن عظيم شهر جو بنياد وڌو هو. ميان صاحب پوءِ پاڻ به هتي ئي دفن ٿيو. حيدرآباد جو احوال لکندي، ليڪ ان وقت ميرن ۽ ڪلهوڙن جي مقبرن جي حالت اجها هيئن لکي آهي:

"While the Kalhoras mausolea are in rather a dilapidated conditon, those of the Talpurs are in very good repair, being kept in order by descendents of that family."

پر هاڻي جهڙي سٺ، تهڙي تي ويهون! جهڙو حشر ڪلهوڙن جي قبن جو، تهڙو آهي ميرن جي مقبرن جو. ننڍي کنڊ ۾ اسلامي فن تعمير جا جيڪي به نادر يادگار آهن، تن مان حيدرآباد جو پڪو قلعو به هڪ آهي. ويهين صديءَ جي اوائل ۾، قلعي جي حالت ڪجهه چڱي تي ڏٺي:

"It is still in a tolerable state of preservation".

پر هاڻي قلعو به پنهنجي اوج تي نوحه خواني ڪندي ڏسجي ٿو. آخر ۾ ڪوزنس، قلعي جي مکيه دروازي جي سامهون چاليهه فوٽ ڇهه انچ ڊگهي قبر جو ذڪر، بنان ڪنهن تشريح جي ڪيو آهي.

قرون وسطيٰ ۾ (١٥٢٠ - ١٧٠٠ع) سنڌ جا جيڪي اهم شهر هئا، تن مان سيوهڻ به هڪ آهي. هيءُ شهر سنڌ جي موجود جملي شهرن ۾ وڏيڪ چمار جو آهي. مذڪوره دؤر ۾ اگر بکر "سلطان محمود" جي ظلمن ڪري ياد ڪيو وڃي ٿو، تيئن هاڻي سيوهڻ به هن ئي زماني ۾ "احمد بيگ" جي ظلمن ڪري نمايان ٿي بيٺو آهي. "سيوهڻ"، عنوان تحت، قلندر لعل شهباز

جي قلعي جو چڱو ذڪر ڪيو ويو آهي.

بکر چنگيزي دور ۾، فوجدارن ۽ جاگيردارن جو مرڪز هو. هن ڪتاب ۾ سيوهڻ بعد هن شهر کي کنيو ويو آهي، جنهن جو موضوع آهي "وچ درياءَ ۾ بکر جو قلعو". اڄ جڏهن غير سنڌي عالم، هن شهر جو ذڪر ڪن ٿا ته لکندا آهن (Bhakkar) يعني ڀڪر! خبر نه آهي ته اهو اچار هنن ڪٿان سکيو آهي؟ بکر جي تعارف کان پوءِ، ان جي تاريخ تي روشني وجهندي، ليکڪ کي خوني برج اکين آڏو ڦري آيو:

"It was at Shah Beg's orders that Sultan Muhammad or Mahmud slew the Dharejah chiefs one dark night, and pitched their bodies from one of the towers into the river, which was thence forth called the Khunin Burj or the 'Bloody Tower'.

(شاه بيگ هن سخن ٻڌڻ شرط انهن ماڻهن جي قتل جو حڪم فرمايو. سلطان محمود خان هڪدم شهر ۾ پهتو ۽ راتو رات انهن ماڻهن کي قتل ڪرائي، انهيءَ برج کان هيٺ ڪيرايو جو خوني برج جي نالي سان مشهور آهي- معصومي صہ ١٦٣). ساڳ ٻيلي ۽ زنده پير کان پوءِ اليگزينڊر برنس جي بکر جي قلعي ۽ هتي جي پلي متعلق ڏنل بيان تي، هن عنوان جو خاتمو ڪيو ويو آهي.

ايندڙ عنوان سکر آهي، جنهنجو ذڪر ڪندي، اهميت مناري کي ڏني وئي آهي. ڪوزنس جو خيال آهي ته مناري جي اڏاوت ١٥٩٤ع / ١٠٠٣ هہ ۾ شروع ٿي ۽ ڪم جي تڪميل ١٦١٨ع / ١٠٢٧ هہ ۾ ٿي. تاريخ معصوميءَ جو سنڌي مترجم ان ڏس ۾ چوي ٿو ته اڏاوت ١٥٩٤ع / ١٠٠٣ هہ ۾ شروع ٿي ۽ ڪم جي تڪميل ١٦١٧ع / ١٠٢٦ هہ ۾ٿي. مير معصوم جو سوانح نگار، محترم سيد حسام الدين راشدي صاحب اڳين محققن جي غلطيءَ جي اصلاح اجهو هيئن ٿو ڪري: "ڪم جي ابتدا ١٥٩٤ع / ١٠٠٢ هہ ۾ ٿي ۽ مير پنهنجي زندگيءَ ۾ ١٦٠٤ع / ١٠١٣ هہ ۾، ڪم جي پڄاڻي ڪرائي."

" روهڙيءَ" جي ذڪر بعـــد، هن ڪتـــاب جو ايندڙ مـــوضـــوع آهي " لاڙڪاڻو". هتي ليکڪ جي نظر انتخاب سنڌ جي عظيم مدبر ۽ سپهہ سالار " شـاهہ بهـاري" جي مـقـبـري تي پئي آهي. ياد رهي تہ ڪتـاب جي مـهـڙ پر، سندس مقبري جي گنبذ جي روشندان (Lantern) جي خوبصورت ۽ رنگين تصوير (Plate) ڏنل آهي.

سيوهڻ واري "خدا آباد" ڪتاب جو ايندڙ موضوع آهي. اسان هن عنوان جو ترجمو ڪري، متس وضاحتي حاشيہ لکيا، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڪوزنس ڪانپوءِ سنڌ تي ڪيترو نہ نئون مواد موجود ٿيو آهي. +

بعد ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏکڻ جي پرسان وارن مقبرن جو ٿورو ذڪر ڪيو ويو آهي.

" بلوچن جا مقبرا ۽ مـدفن" ايندڙ عنوان آهي. هي مـقـبـرا جهـرڪن ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ پکڙيل آهن.هن ۾ هڪ تصوير ذريعي ڏيکاريو ويو آهي تہ جنگجو گهوڙي سوار تير ڪلهي تي ڪيو، پنهنجي منزل ڏي راهي آهي. ان بعد "متـفـرقـہ يادگـار" عنوان آهي؛ جنهن ۾ ڪل ٽيويهن مـوضـوعن تي قلم کنيو ويو آهي. ڪتاب جو آخري عنوان آهي - "سنڌ جا سڪا".

متن ۾ جيڪي تصويرون آيل آهن، تن جو تعداد ويهہ آهي. ڪتاب جي پڇاڙيءَ تي سنڌ جي قديم ثقـافـتي ورثي بابت ڪل هڪ سـئـو ٻن تصـويرن (Plates) جو رنگين ۽ سـهـڻـو سيٽ ڏنل آهي، جنهن ۾ هڪ عدد سنڌ جو نقشو بہ ڏنل آهي. ڪتاب جو هي ڇاپو (ٻيو) آرٽ پيپر تي شايع ڪيو ويو آهي، جيڪو ١٨۴ صفحن تي پکڙيل آهي. ڪلاٿ بائيڊنگ ۽ ٻن رنگن واري سـهـڻـي ۽ من مـوهيندڙ ڪور پڻ ڪتـاب جي تاريخي اهمـيت کي چڱيءَ طرح چٽو ڪيو آهي.

(مهراڻ ١ - ٢ / ١٩٨٢ع ۾ ڇپيل)

---

+ ڏسو ماهنامہ "پيغام" اپريل ١٩٧٩ع ڪراچي سنڌ

# سنڌ جا قديمي شهر: اروڙ

(سنڌ جي شهرن تي، انگريزن جي دور ۾، مرحوم مرزا قليچ بيگ هڪ ڪتاب "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" لکيو. پاڪستان بعد موري جي عبدالرحمان سومري" سنڌ جا جهونا شهر" نالي ڪتاب مرتب ڪيو، جيڪو ١٩٦٨ع ۾ ڇپيو آهي. هن ڪتاب جو ذڪر، سنڌالاجي واري "ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي" ۾ ڪونہ ٿو ملي. هتي اسان نئين تحقيق جي آڌار تي سنڌ جي تاريخي شهرن تي، مضمونن جو هڪ سلسلو شروع ڪري رهيا آهيون. اميد تہ باک جي پڙهندڙن کي هي سلسلو پسند پوندو) (١).

سنڌ ۾ تهذيب جي ابتدا ٿيندي ئي جيڪي شهر وسيا، تن مان سيوهڻ ۽ اروڙ کي نمايان اهميت حاصل آهي. هي شهر ويدن ۽ مهاڀارت توڙي رامائڻ جي دور ۾ بہ وسيل ۽ آباد هئا. سنڌ جا چڱا ۽ مکي هتان ئي ويهي سنڌ جي قسمت جا فيصلا ڪند اهئا. اروڙ جي قدامت لاءِ مولائي شيدائي لکيو آهي: "اروڙ ونسي آرين جو تختگاه مهراڻ تي هو. يونانين متس موسيڪانس نالو رکيو هو" (تمدن سنڌ، ص ٧٣). مطلب تہ هي شهر آرين کان يونانين تائين ۽ راءِ گهراڻي کان برهمڻ راج تائين، سنڌجي سياست جو مرڪز هو. عربن جي سنڌ تي حملي وقت، هي شهر نهايت ئي عمدي طريقي سان آباد ۽ سينگاريل هو. شهر جي خاصيتن بابت، ڪجهہ اقتباس "چچ نامي" جا ڏجن ٿا: "اروڙ جو شهر، جو هند ۽ سنڌ جو تختگاه آهي، سو اڳئين زماني ۾ سيحون نديءَ تي، جنهن کي مهراڻ چوندا آهن، قسمين قسمين ماڙين ۽ چراگاهن، گلن، باغن، حوضن، بهرن، باغيچن ۽ گلڪارين سان سينگاريل هڪ وڏو شهر هو ۽ هن رونقدار شهر ۾ "راءِ سيهرس بن ساهسي راءِ" نالي هڪ راجا رهندو هو. جنهن وٽ گهڻا خزانا ۽ بيحد پوريل ناڻا هئا جنهن جو عدل دنيا ۾ مشهور ۽ سخاوت جهان ۾ پکڙيل هئي (چچ نامہ ص ٢١، سنڌي ڇاپو). ڏسو تہ هي اڻ ڇاتل غير سنڌي مؤرخ، ڪيئن نہ پيو سنڌ جي

(١). هي ڪتاب باک پبليڪيشن مورو جو آخري ڪتاب ثابت ٿيو. انڪري هي سلسلو وڌيڪ جاري رهي نہ سگهيو.

اقتصادي ۽ معاشي خوشحالي جا گيت ڳائي: ”هن ملڪ جا ماڻهو رازا آهن ۽ ڪي واپاري آهن. هي شهر انهن جي ڪري ئي آباد ۽ سرسبز آهي. سندن ئي ڪمائي ۽ ڪيتي ڪري خزاني ۾ مال موجود رهي ٿو. جيڪڏهن انهن ڪي قتل ڪندين ته تنهنجو مال هليو ويندو“ (چچ نامہ، ص ٢٣۴). ظاهر آهي ته عرب فتوحات جي نتيجي ۾، هتي ڪافي بربادي ٿي ۽ ماهرن ۽ ڪاريگرن ڪي به برا ڏينهن ڏسڻا پيا. ان ريت اروڙ جي ويراني شروع ٿي وئي.

سنڌ سڄڻ تاريخدانن جو مجيل فيصلو آهي ته اموي ۽ عباسي گورنرن جي دور ۾ سنڌ ڪڏهن به سڪون نہ ڏٺو. سنڌ جي شهزادن ۽ گورنرن درميان چڪتاڻ هباري خاندان جي اقتدار ۾ اچڻ تائين جاري رهي. جڏهن حَڪمُ سنڌ جو گورنر ٿي آيو ته سڄي سنڌ تي ۽ خاص طرح راڄڌاني اروڙ تي ڏيهي ماڻهن جو قبضو هو ۽ ڪيس پناهہ لاءِ جاءِ به نہ ٿي ملي. ان ڪري لاڙ ۾ المحفوظه تعمير ڪرايائين. پوءِ جي چڪتاڻين، سنڌ سميت اروڙ ڪي بہ تباهہ ڪري ڇڏيو. حڪم ڪان پوءِ سنڌ جو دارالحڪومت هتان تبديل ٿيو ۽ اڳتي هلي هبارين جي دور ۾، پوين عرب حاڪمن (يعني اوائلي گورنرن) جي نااهلين ڪري، ملتان سنڌ کان جدا ٿي ويو. يعني ته عربن جي دور نہ رڳو اروڙ ڪي تباهہ ڪيو، بلڪہ سنڌ جي جاگرافيائي وحدت به ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي.

سنڌ جي تاريخ ۾ ان جي ڪردارن ڪي چاٽي واٽي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪافي هٽ نات ناهيا ويا آهن. اسين ائين ڪونہ ٿا چئون ته هرويرو سنڌ جا حاڪم اصحابي هئا، پر زماني جو دستور آهي ته ڪڏهن صالح قومون ۽ فرد ڪرسي والارين ٿا ته ڪڏهن ظالم ۽ سفاڪ!! بهرحال اهڙي ئي هڪ من گهڙت واقعي ڪي جنم ڏئي ”دلوراءِ“ جو نالو بدنام ڪيو ويو آهي. چون ٿا ته هن جي ظلمن جي ڪري درياهہ هتان رخ مٽي بڪر ڏي وهڻ شروع ڪيو، ان ڪري ئي شهر تباهہ ٿيو (مير علي شير - تحفة الڪرام، صہ ١١۴، سنڌي). ليڪن حقيقت اها آهي ته درياهہ گهڻو اڳ پنهنجو رخ بڪر ڏي، صرف ۽ صرف زلزلي جي تباهڪارين بعد ڪيو. مٿي آيل ٻنهين واقعي جي ڪري اروڙ جي

سياسي اهميت ختم ٿي، پر هن واقعي شهر جي واپاري توڙي بين الاقوامي حيثيت پوري ڪري ڇڏي (رشيد ڀٽي، "اروڙ جو عروج ۽ زوال"، مهراڻ ۱۹۷۴ / ۲).

ان بعد آخرين زوال ارغونن جي دور ۾ ڏٺائين. جڏهن شاهه بيگ اروڙ مان پڪل سرون ۽ سامان ڪڍائي اچي بکر جي قلعي کي مضبوط ڪرايو. ان هوندي به اڪبري دور ۾ هن شهر کي ڪجهه اقتصادي اهميت حاصل هئي.

هي هئا تاريخ جا مختلف دور جن مان گذرندي اروڙ جي عظيم شهر آهستي آهستي تباهي ڏي وک وڌائي. سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪندڙ هن شهر جا ڪنڊر اڄ به روهڙي کان ۵ ميل اوير ڏکڻ ۾ اوير ناري جي نزديڪ، ڪالڪان ٽڪرين جي ماٿري ۾ موجود آهن. افسوس جو آثار قديمه جي ماهرن اڃا تائين هن شهر ۾ کوٽائي ڪرائڻ جي تڪليف نه ڪئي آهي.

(پاڪ پبليڪيشن مورو، ڪتاب: ٦ "سچ سيائي جا ڪري"، مرتب قاضي نذير، اپريل ۱۹۷۸ع تان ڪنيل).

# ٿل مير رکن

راجا ڏاهر جي شڪست کان اڳ، جن ٻه گهراڻن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي، تن مان "راءِ گهراڻي" کي تاريخ جي ورقن ۾ تمام گهٽي اهميت مليل آهي. جو ته ان دور ۾ هڪ طرف سکي ستابي سڪاريل ۽ پرامن سنڌ جو ڏس ملي ٿو، ته ٻئي طرف "ٻڌ ڌرم" لاءِ به اهو عروج جو زمانو ليکيو ويو آهي. هن دور ۾ اروڙ کان وٺي جهرڪن تائين ٿل، اسٽوپا، توڙي ٻڌ ڌرم جون خانقاهون نظر اچن ٿيون، جن جي ياترا لاءِ چيني سياح هوئن سيانگ ٦۴٢ع ڌاري سنڌ پهتو هو. اسان به هن مقالي جي پاڇين، هلون ٿا "ٿلن"جي دنيا ۾. مير رکن ٿل ڪڏهن ٺهيو؟ ڪنهن ٺهرايو؟ ڇو ٺهيو؟ ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ ٿل ڪهڙي پوزيشن ۾ هو؟ ۽ هن وقت اتي جي حالت ڇا آهي؟ موقعي جو فائدو وٺندي، عربن جي فتح کان اڳ سنڌ جي مذهبي تاريخ جو اپياس ڪندي اسٽوپاز جي اهميت کي به سمجهون ته قدامت کي به. مقالي کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي: (الف) ٻڌ ڌرم جو سنڌ سان لاڳاپو (ب) ٿل مير رکن.

**(الف) ٻڌ ڌرم جو سنڌ سان لاڳاپو**

(١) ٻڌ مت کان اڳ (برهمڻ دور): تاريخدانن برهمڻن جي دور جو تعين ١٢٠٠ ق.م. کان ٦٠٠ ق.م. تائين ڪيو آهي. ٥٥٠ ق.م. ڌاري ايران ۾ ڪيانيء خاندان برسر اقتدار آيو، ته اتي آتش پرستيءَ کي گهڻو زور مليو. ان ئي دور ۾ ذات الاهيءَ برهمڻن مان انسان ذات جي نجات لاءِ، گوتم ٻڌ جهڙي اعلا هستيءَ کي جنم ڏنو، جيڪو ٥٦٣ ق.م ڌاري دنيا اندر آيو ۽ ۴٨٣ ق.م. ڌاري، پنهنجو مَشن پورو ڪري راهِ رباني وٺي رمندو رهيو. برهمڻن جي دور جو خاتمو اتي سمجهڻ نه گهرجي، تاهم سنڌن قهر ۽ ڪلور کي قدر ڪم تي ويا. عوام لاءِ سنڌن ڪهڙو خيال هو؟ سنڌن مذهبي پاليسي ڪهڙي هئي؟ سنڌن نظر ۾ امير ۽ سرمائيدار جي عزت ڪيتري هئي؟ سو ٻڌي يا پڙهي، حقيقت ۾ لڱ ڪانڊارجيو وڃن.

منوشاسترنالي هڪ عالم ٩٠٠ ق.م. آرين جو مکيه عالم تي گذريو آهي.

هن جي مذهبي ٿيوري، انسانذات تي انيڪ برا اثر ڇڏيا، جيڪي صدين گذرڻ بعد اڄ به اسان جي معاشري لاءِ ناسور بڻيل آهن.

(i) آدم جي اولاد کي برهمڻ، کتري، ويش ۽ شودر چئن طبقن ۾ ورهايو ويو. جنهنڪري ذات پات جو فرق پيدا ٿي پيو ۽ هڪ انسان کي ٻئي تي برتري حاصل ٿي ويئي.

(ii) برهمڻ ۽ کتري مٿانهين طبقي ۾ شمار ڪيا ويا، باقي ٻن طبقن کي نيچ سڏي، ڪانئن تعليم توڙي واپار جو حق کسو ويو.

(iii) زرعي زمين امير طبقي لاءِ وقف ڪئي ويئي، جيڪي راجائن کي وقت سر مدد ڪندا هئا ۽ انجي عيوض غريب هارين (شودرن) کان حيوانن وانگر ڪم وٺندا هئا.

(vi) نووارد آرين پهرين شودرن (دراوڙن) کي سپه گيري ۽ هارپ جو حق ڏنو، پر منوءَ جي قانون ڪانئن هي حق به کسي ورتو. اهي نه رڳو غلام هئا پر ناپاڪ به سڏجڻ لڳا.

(v) شودرن کي باقي ٽن طبقن جي سماڏين ۽ گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ کان به منع هئي (۱)

اهڙي نفسانفسي جي دور ۾، ذات الاهيءَ گوتم ٻڌ جهڙي اتم شخصيت کي جنم ڏنو، جنهن اڳي برهمڻن جي هٺرادو قاعدن کي ريٽي انسانن کي برابريءَ جو فلسفو ڏنو. نئين ڌرم نيپال، سري لنڪا، چين، برما، هندستان، ٿائلينڊ وغيره سان گڏ، سنڌ تي به ڀرپور اثر ڇڏيو. ڪيس سنڌ ۾ ڪڏهن سرڪاري سرپرستي ملي ته ڪڏهن محرومي به نصيب ٿي. راءِ گهراڻو، جنهنکي سنڌ جي تاريخ ۾ "سنڌ جي ٻڌمت بادشاهت" جي نالي سان ياد ڪجي ٿو، ٻڌڌرم لاءِ عروج جو زمانو هو، پر جڏهن برهمڻ گهراڻو پاور ۾ آيو ته ٻڌ ڌرم تيزيءَ سان تباهيءَ ڏي وک وڌائڻ لڳو.

(۲) ٻڌ مت کان پوءِ (گوتم کان ڏاهر تائين): ڪن تاريخدانن جو خيال آهي ته گوتم ۵۶۳ ق.م. ۽ ڪن جو رايو آهي ته ۵۶۰ ق.م. ۾ جنم ورتو. ان وقت جڏهن برهمڻن خلاف پورهيت طبقي ۾ زهر هو، نيپال جي ڪپل وستو رياست جي ساڪيا راجا سڌو ڌن جي پٽ سڌارٿ، جو پوءِ گوتم ٻڌ سڏيو

ويو، نئون مذهب جاري ڪيو. اهو مذهب برهمڻن لاءِ موت جي مثل ثي آيو. پوري ننڍي کنڊ سان گڏ سنڌ بہ ان مذهب کي قبول ڪيو، جيڪو صدين تائين هتي جو عوامي مذهب ٿي رهيو (٢). گوتم پنهنجي سروچي مختلف ملڪن جي ماڻهن ۾، پنهنجي متي جو پرچار ڪيو. تاريخ جي ڄاڻن کي اهو ڄڻو پتو پيو آهي تہ، "گوتم ٻڌ" پنهنجا پير مبارڪ اسان جي سنڌ ۾ بہ گهمايا آهن. انڪري سنڌ ملڪ بہ "ٻڌ مت" جي دائره اثر ۾ شامل ٿي ويو (٣).

گوتم ٻڌالله جي مخلوق کي برابريءَ جي نگاه سان ڏسڻ جي تلقين ڪئي، ذات پات جي فولادي زنجيرن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو، قرباني ۽ پيتا کي غير ضروري ڄاڻايو.هن جي نظر ۾ نجات حاصل ڪرڻ جو طريقو نفس کي قابو ڪرڻ سان هو.

بدقسمتيءَ سان تاريخ جا ورق اهو ٻڌائڻ کان قاصر آهن تہ، گوتم ڪهڙي سال ۾ هتي آيو، پر ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو، تہ پنج صديون قبل مسيح جي شروع ڌاري سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم پهچي چڪو هو. ان دور ۾ سياسي طور تي سنڌ جي اعلا اختياري برهمڻن جي هٿ ۾ هئي. ڪيانيہ خاندان جي حاڪم دارا اعظم، ٥١٩ ق.م. ڌاري، سنڌ کي بہ پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو. هاڻي سنڌ ايران جو ويهون صوبو بڻجي پئي. لازمي آهي تہ جتي هندو مت ۽ ٻڌمت اڳ ۾ ئي موجود هئا، اتي "باه پوڄا" بہ اچي جاءِ والاري (٤). ايرانين جڏهن سڪندر هٿان شڪست کاڌي، تڏهن٣٢٥ ق.م. سڪندر پنجاب کان ٿيندو، سنڌو درياءَ رستي سنڌ ۾ داخل ٿي ويو. ان دور ۾ ٻڌمت جا ڀڪشو تارڪ الدنيا هئا ۽ اڪثر وقت جهنگلن ۽ جبلن ۾، رياضت ۽ عبادت ڪندي گذاريندا هئا. جڏهن سڪندر ساڻن ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي، تڏهن هنن بادشاهہ سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اها حالت ڏسي "برهمڻن" وجهہ وٺڻ چاهيو ۽ عوام ۾ ٻاهرئين ڄڻهہ ڪندڙ خلاف تاءُ پيدا ڪرڻ لڳا. نتيجي ۾ سڪندر، وڏي پيماني تي سندن قتل عام ڪرايو ۽ نتيجو اهو نڪتو، جو سنڌ مان برهمڻن جي پاڙ پٽجي ويئي.تنهنڪري سنڌ ۾ ٻڌمت، اڪيلوئي مذهب رهجي ويو (٥).

يونانين جي خاتمي تي "موريا گهراڻي" سنڌ ۾ به اچي پير کوڙيا. هن گهراڻي جو باني "چندر گپتا" ٻڌمت جو شيدائي هو، تنهنڪري هن مذهب کي پوري ننڍي کنڊ ۾ سرپرستي ملي ويئي. هوئن شيانگ ذڪر ڪري ٿو ته، "آسوڪا جي گروءَ جو نالو سوامي اپگپت هو. سو سنڌ جي جنهن به شهر ۾ آيو هو، تنهن لاءِ آسوڪا حڪم ڪيو ته، اتي گوتم ٻڌ جي پاڪ سنک موڪلي وڃي ۽ مٿانئن ٿل ٺهرايا وڃن. لڳ ۾ عبادتگاهن لاءِ خانقاهون وغيره به تعمير ڪيون وڃن" (٦). ان ريت تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سياڳي سنڌ کي به گوتم جي رک مان حصو مليو ۽ هتي به ٿلن ٺهڻ جو رواج پيو. راجا آسوڪا پنهنجي دور حڪومت ۾، ڌرم جي واڌ ۽ ياد لاءِ گهٽي ڪان گهٽو پرچار ڪرايو. هن ٻڌمت جي اصولن جا ڪتبا، اتاهن جبلن ۽ ٽڪرين تي اڪرائي ڇڏيا هئا. اهي فرمان ڪشمير کان ديبل تائين مليا آهن. بقول مولائي شيدائي جي، اهڙا فرمان هاٿوڪي دور ۾، سنڌ اندر به مليا آهن، جيڪي بلڪل صحيح ۽ سلامت هئا (٧).

مورين جي خاتمي تي جيڪو دور آيو، تنهن کي "يوناني باخترين" جو دور تسليم ڪيو ويو آهي. اهو دور ١٨٠ ق.م ڌاري شروع ٿئي ٿو. ان بابت مسٽر ليمبرڪ جي راءِ آهي ته، سنڌ يونانين جي غلام نه ٿي هئي، نه وري "سنگا" وارن جي جنهن پيشي مترا کي ماري مورين جو خاتمو ڪيو هو، بلڪ سنڌ تي ڏيهي شهزادا حڪومت ڪندا هئا، جي "سوويرا" قبيلي سان تعلق رکندا هئا ۽ مذهبي طور تي ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا (٨).

سنڌ وقت به وقت پنهنجي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي آزادي ٻي وڃائي آهي. ان ڪري ئي سنڌ ڪجهه عرصو آزاد رهڻ بعد وري سٿين ۽ پرٿين جي هٿ هيٺ غلام ٿي. تاهم مذهبي طور تي، هتي ڪابه تبديلي آئي نه ٿي ڏسجي ۽ عوام جو مذهب ٻڌ ڌرم ئي رهيو (٩).

ان کان پوءِ جي دور ۾، ٥٠ کان ٥٥٠ع تائين، سياسي ميدان تي سنڌ ڪڏهن آزاد رهي، ته ڪڏهن غلام، ڪڏهن ڪشن جي ور چڙهي، ته ڪڏهن هڪ ڀيرو وري سٿين جي هٿ آئي، ڪڏهن ساسانين جي ور چڙهي، ته ڪڏهن گپتا وارن وارو وڃايو. هڪ ڀيرو وري ساسانين جي هٿ هيٺ غلام

تي، تہ مٿان وري هن قبيلن بہ سنڌ تي قسمت آزمائي ڪئي، نوشيروان سنڌ کي غلام بنايو، تہ هرش جي "پر ياڪر ورڌن" بہ سنڌ کي هيسايو ۽ آخر ڇهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙي ۾، راءِ خاندان آزاد سنڌ جو تاج ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پنجن صدين جي سياسي محاذ کي ڏسڻ بعد اچو تہ مذهبي مطالعو بہ ڪريون. مؤرخن جو خيال آهي تہ، اهو پورو عرصو سنڌ ۾ سنڌين جو مذهب "ٻڌمت" هو. ڪشن جو دور ٻڌ مت لاءِ سٺو سونُ ثابت ٿيو. ٻڌمت جون ڪجھ اڏاوتون هن دور ۾ ڪرايون ويون آهن (١٠).

راءِ خاندان جا حاڪم (٥٥٠ - ٦٤٣ع)، شريف النفس ۽ سادا سودا هئا. هو عوام منجهان هئا ۽ عوام جو درد رکندڙ هئا. هوئن شيانگ ٦٤٢ع ڌاري جڏهن هتي آيو تہ، سنڌ جي حاڪمن کي شودر ٻڌائي ٿو. جيڪي راءِ خاندان وارا هئا. سندن مذهب بہ ٻڌ مت هو. اهوئي سبب آهي جو تاريخدانن هنن جي حاڪميت کي "سنڌ جي ٻڌمت بادشاهت" جي نالي سان ياد ڪيو آهي. چيني سياح، سنڌ اندر سوين عبادتگاهن ۽ هزارين پادرين جو ذڪر ڪري ٿو. هي زمانو ٻڌ مت جي عروج جو زمانو چئجي تہ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

سنڌ ۾ چچ جي حڪومت ٺهندي ئي برهمڻن کي صدين بعد، ساهہ کڻڻ جو وجهہ مليو. برهمڻ حڪومت جي، ٻڌ مت ڏانهن بغض ۽ عناد واري پاليسيءَ گوتم جي مذهب جا سنڌ مان پير ڪڍڻ شروع ڪري ڇڏيا. انڪري ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن، ڌرم جي ۽ پنهنجي بچاءُ لاءِ، برهمڻن خلاف سازشون سٽڻ شروع ڪيون.٧١٢ع ڌاري جڏهن محمد بن قاسم سنڌ جي فتح لاءِ آيو هو، تہ ڪافي "ٻڌ ڌرم" وارن سندس پرخلوص آجيان ڪئي، نہ رڳو ايترو پر تمام گهڻي تعداد ۾، مسلمان ٿيڻ لڳا. انڪري سنڌ ۾ ٻڌمت جو خاتمو ٿي ويو. ان کان علاوه عربن جي هٿان ٻڌمت وارن جي مذهبي ادارن کي بہ ڪافي نقصان پهتو (١١).

(٣) استوپاز (ٿلن) جي اهميت ۽ قدامت: جيئن مون اڳ ۾ لکيو آهي تہ، مذهبي ادارا، ڌرمي اهميت رکڻ سان گڏوگڏ، پنهنجي طور تي مڪمل تاريخ آهن. انڪري هن حصي ۾ اهو ڏسبو، تہ استوپاز کي ڪيتري اهميت ۽ قدامت مليل آهي. گوتم ٻڌ ٥٦٣ ق.م. ڌاري دنيا اندر آيو ۽ ٤٨٣ ق.م ۾ پر لوڪ

پڌاريو. ساڪ(ستين) لوڪن جو رواج هو تہ، جڏهن بہ ڪنهن بزرگ جو چالاڻو ٿيندو هو تہ هن ڪي ساڙي، سندس هڏن ۽ رک مٿان قبا ٺهرائيندا هئا. جڏهن گوتم چالاڻو ڪيو، تہ هن جي سنک ائن ملڪن ۾ تقسيم ڪئي وئي، جن ان مٿان ڏيورا ۽ ٺل ٺهرايا، جيڪي پوءِ وڏا تيرٿ ليکجڻ ۾ آيا (١٢). ان پهرين ورچ ۾ سنڌ ڪي "خاڪ" جو حصو نہ مليو ۽ ظاهر آهي، تہ ان وقت ڪنهن بہ ڏيوري ٺهڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.

ٻڌ مت وارن جون اڏاوتون ٻيون ڀيرو، موريا گهراڻي جي حاڪم آسوڪا جي دور حڪومت ۾ ٿيون. جيئن مٿي ذڪر آيو آهي، تہ سندس سوامي اپگپت سنڌ ۾ ڪافي وقت رهيو ۽ ٻڌمت جي ڦهلاءَ لاءِ گهڻي جاکوڙ ڪئي؛ تنهنڪري راجا حڪم ڏنو تہ "خاڪ" جي ٻيهر ورچ وقت سنڌ کي بہ جائز حصو ڏنو وڃي. چون ٿا تہ راجا آسوڪا اڳ ٺهيل ائن ڏيورن مان سٺ کي کولڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ منجهن رکيل، ٻڌ جي "خاڪ" کي ٨٤٠٠٠ نون تعمير ٿيندڙ ٺلن ۾ ورهائڻ جو چيو هو (١٣). ان ٻئي دور جي وقت "ڪاهو وارو ٺل" پهريون ڀيرو ٺهرايو ويو (١٤).

ٽيون ڀيرو اڏاوتون، ڪشن گهراڻي جي راجا ڪانشڪا (٧٨ - ١٢٣ع) واري حڪومت جي دور ۾ ڪرايون ويون. راجا هڪ ڀيري پاڻ پنجاب، بهاول پور ۽ سنڌ جي دوري تي آيو. واپسيءَ ۾ حڪم ڏنائين تہ، منهنجي دوري جي ياد ۾ مکيہ هنڌن تي ٺل ۽ ڏيورا جوڙيا وڃن، جيڪي هن وقت سنڌونديءَ جي پراڻن وهڪرن جي ڀر ۾ زبون حالت ۾ موجود آهن (١٥). سنڌ ۾ اڪثر ٻڌمت جون اڏاوتون ان ئي دور ۾ ٿيون. سو ڏرن جي دڙي واريون ٻڌمت جون اڏاوتون عيسوي پهرين صديءَ ۾ ٿيون. موهن جي دڙي واري "ٻڌ مت" ليول بہ ٻي صدي عيسويءَ جي معلوم ڪئي وئي آهي. مشاهدي ۽ فن تعمير جي آڌار تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ "ٺل مير رکن" ۽ "ٺل ميرپورخاص" بہ ان دور ۾ ئي اڏيا پيا ٿا ڏسجن (١٦).

حاصل مطلب تہ اهي اڏاوتون، چار صديون قبل مسيح شروع ٿيون ۽ عيسوي ٻي صديءَ تائين جاري رهيون.

## (ب) ٺل ميرڪن

(۱) نالو ۽ قدامت: اصل موضوع تي ايندي، پهرين سورس مٽيريل تي به ڪجهہ روشني وجهڻ لازمي آهي. سنڌ بابت پهريون تاريخي ڪتاب ”چچ نامه“ آهي، جيڪو سومرن جي دور ۾ فارسيءَ ۾ ترجمو ٿي اسان تائين پهتو آهي. ان بعد ”تاريخ معصومي“ ۽ ”تحفة الڪرام“ وغيره لکيا ويا. تاهم سيئي ماخذ اسان جي تاريخي خلاءَ کي عربن جي فتوحات، برهمڻن جي مذهبي پاليسي ۽ راءِ خاندان جي حاڪميت تائين پرين ٿا. ان کان اڳ ڇا هو؟ سو ڪنهن به مقامي مؤرخ نہ ٻڌايو آهي!

انگريزن سنڌ جي قديم تاريخ کي آثار قديمه ذريعي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. سال ۱۹۲۲ع تائين سنڌ ۾ جيڪي به ڪوٽايون ٿيون يا آثار قديمه وارن سروي ڪرائي، تنهن بابت هينري ڪوزنس هڪ جامع ڪتاب انگريزي ۾ ”آثار قديمه سنڌ“ نالي سان لکيو. هي ڪتاب پهريون ڀيرو ڪلڪتي مان سال ۱۹۲۹ع ۾ ڇپيو، ۽ وري آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، ان کي سنڌ سرڪار جي اجازت سان سال ۱۹۷۵ع ۾ ڇاپيو آهي. هي ڪتاب اڄ به سنڌ جي قديم آثارن تي لکڻ وقت بنيادي سورس بڪ جي حيثيت رکي ٿو. اسان جو مقالو به جيئن تہ آثار قديمه بابت آهي، لهاذا پنهنجو مدار به زياده تر هن ڪتاب تي آهي.

مون علائقي جي هڪ پرائمري استاد کان پڇيو هو تہ، هن ٺل تي ”مير رڪن“ نالو ڇو پيو؟ تڏهن هن چيو تہ ”مير رڪن الدين“ هي ٺل ٺهرايو سو مٿس نالو ئي ”مير رڪن“ پئجي ويو. ان روايت کي تہ اسان يڪسر ٺڏي ٿا ڇڏيون. پر ڪوزنس لکي ٿو تہ، ”نالو تہ اهڙو ئي اٿس جيڪو مسلم راڄ جي ساک ڀيو ڀري“. پر ان لاءِ ڪوبہ مستند ثبوت ڪونهي، تہ اهو مسلم حاڪم ڪير هو؟ يا ڪڏهن حاڪم هو؟ مرڪزي انڊيا جو حاڪم هو؟ يا سنڌ جو ڪو حوالدار هو؟ آثار قديمه وارن کي موقعي تي نالي بابت جيڪي روايتون مليون آهن سي ڪجهہ هن ريت آهن.

(i) رڪن مالدار مهاڻيءَ جو نالو آهي.

(ii) هڪ بادشاه هو، جنهن کي پٽ نہ هئڻ ڪري، پنهنجي ياد هميشه لاءِ رکڻ واسطي هي يادگار ٺهرائڻو پيو.

(iii) ميـر رڪن هڪ هندو راجا؟ ١٢٣٠ع / ٦٠٠ هہ ۾ حـڪـومت ڪندو هو. اُڪتي هلي رياست ٽن حصن ۾ ورهائجي وئي. ٻہ حصا ٻـائرن کي ڏنائين ۽ ٽيون واري حـصي ۾ ٿل تـعـرايائين. جو سندس نالي "مـيـر رڪن" سڏجڻ لڳو (١٧).

متئين بحث مان نالي بابت ڪوبہ اطمينان بخش جواب نہ ٿو ملي؛ پر "چچ نامي" جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿـو، تہ هتي "وڪر بهـار" نالي ٻڌمت وارن جو مندر هو ۽ غالباً پهرين هي ٿل "وڪر بهار" جي نالي سـان سڏبو هو (١٨)؛ جو پوءِ قياس آهي تہ هتي ڪنهن مسلم زميندار يا جاگيردار جي جاگير هجڻ ڪري "مير رڪن" سڏجڻ لڳو. ڇو تہ هيل تائين هتي جي زمين بہ ديهہ "مير رڪن" سڏجي ٿي.

هينري ڪوزنس پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٩٨ ۽ ٩٩ تي ٿل مـيـر رڪن جو ذڪر ڪيـو آهي؛ پر قـدامت تي خامـوش نظر اچي ٿـو. ليـڪـن "سوڊرن جي ٿل" واري موضوع ۾ بحث جي پڇاڙي ڪندي چئي ٿـو "مسٽر پندار ڪر جو خيال آهي تہ اصلي اسٽوپا ڪانشڪا (پهرين صدي) ڪان پوءِ جو نہ آهي، انـڪـري اسـان بہ هن ڪي اوائلي عيسوي دور جو شمـار ڪندي غلط نہ ٿينداسون. تہ پوءِ هن فرض ڪرڻ ۾ ڪابہ هيڪ نہ ٿي ٿئي تہ، ٿل مير رڪن ۽ ٿل ميرپورخاص يا ٻئي هڪ قسم جي اڏاوت ۽ سجاوٽ وارا ٿل ساڳئي دور جا آهن" (١٩).

هن بحث مان ظاهر ٿـيـو تہ، "ٿل مـيـر رڪن" ڪانشـڪـا جي دور ۾ پهرين صدي عيسويءَ ۾ تعمير ٿيو.

(٢) <u>ماڳ مڪان ۽ ان جي تاريخ ۾ اهميت:</u> جنهن علائقي ۾ ٿل واقع آهي؛ ڇا ان کي بہ تاريخ ۾ ڪا اهميت آهي؟ جيڪڏهن گهربل بحث ڪجي تہ، شايد ٿل مير رڪن جي اهميت ويتر وڌي وڃي. اچو تہ تاريخ تي نظر ڪريون ۽ واضح ثبوت وٺون تہ هن ايريا کي تاريخ ۾ ڪيتري اهميت مليل آهي. هي ٿل ضلعي نواب شـاه جي موري تعلقي ۾ موجود آهي. جنهن زمين ۾ ٿل آهي، ان کي پڻ "ديهہ مـيـر رڪن" سـڏجي ٿـو. ان کـان عـلاوه ڏکڻ موري کي آباد ڪرڻ لاءِ جيڪا برانچ روهڙي ڪئنال مان نڪري ٿي، ان کي بہ "ٿل برانچ"

سڏجي ٿو ۽ پڻ هن علائقي کي آباد ڪندڙ شاخ کي "مير رڪن" جو نالو ڏنو ويو آهي. دولت پور کان اٺ ميل ۽ دوڙ کان ٻارنهن ميل پري "دولت پور- دوڙ" رستي جي ڏکڻ ۾ واقع ٺل وٽ، هن وقت اڪيچار گهر آهن، جيڪي ڪيس کهيري ۾ آئيو. هر سياح لاءِ زحمت بنيو بيٺا آهن (١٩- الف).

جيتري قدر هن علائقي جي تاريخ جو پس منظر آهي ته ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته، سنڌ ڏيهه جي تاريخ جو مدار گهڻو ڪري "سنڌو" تي ٻڌي رهيو آهي. عربن جي فتح تائين سنڌوندي "ٺل" توڙي "ساوڙي" جي نزديڪ و هندي هئي، جنهن جي ذريعي فاتح سنڌ، ڍنڍ وڪر بهار تي "ساوڙي" جي پسر ۾ اچي منزل ڪئي هئي. جڏهن "سنڌو" اروڙ تان منهن مٽيو، ته ٢٠ ميل اولهه ڏي هٽي، وچي سيوهڻ سائو ڪيائين.

مجمل التواريخ جي مصنف جو قول آهي ته، قديم وقت ۾ ڪشمير جي راجا "ساوندي"جي شهر کي سنڌونديءَ جي ڪناري تي ٻڌايو هو (٢٠). هي ڪشن گهراڻي جو راجا "ڪانشڪا" هو، جيڪو جڏهن سنڌ جي دوري تي آيو ته، سندس دوري جي ياد ۾ پنجاب، بهاول پور توڙي سنڌ ۾ ٻڌمت جا تعميرات ٿيا، ۽ هي اڏاوتون سندس موت بعد پوين به پيي هلايون (٢١). يعني ته شهر "ساوڙي" ۽ "ٺل مير رڪن" بيئي، ڪشن گهراڻي جي ياد تازي ڪن ٿا.

ڇهين ستين صدي عيسوي ۾ هن علائقي جي سياسي پوزيشن يا انتظامي ونڊ ورڇ ڪهڙي هئي؟ ان متعلق صاحب چچ نامه هي اقتباس ڏنو آهي:

"راءِ سيهرس بن ساهسي راءِ نالي هڪ هندو راجا پنهنجي ملڪ تي چار حڪمران مقرر ڪيا هئا: هڪ برهمڻ آباد، ۽ نيرون ڪوٽ جي قلعي کان وٺي ديبل، لوهاڻو يعني لاکا ۽ سما (ايراضين وارو علائقو) ويندي سمنڊ تائين هن جي انتظام هيٺ ڏنائين، ٻيو سيوستان جي مرڪزي شهر ۾ ۽ ٻڌيه، جنگان، رونجهان، ڪوه پايه، ويندي مڪران جي حد سندس حوالي هئي، ٽيون اسڪلنده ۽ پاٽيه جي قلعي ۾، جنهن کي تلواڙو ۽ چڇپور به چوندا آهن، رهندو هو، ۽ اتي جي آسپاس وارا ملڪ ديوَهلپور تائين سندس تصرف ۾ هئا. چوٿين کي ملتان جي شاندار شهر ۾ رهايائين، ۽ سڪه، برهمپور،

ڪرور، اسھار، ۽ ناڪيہ ويندي ڪشمير جي حد تائين انھيءَ جي حڪومت ھيٺ رکيائين، ۽ پاڻ اروڙ جي تخت گاھ ۾ ٿي ويٺو ۽ ڪردان، ڪيڪانان ۽ برھاس پنھنجي حڪم ھيٺ رکندو ھو" (٢٢).

مٿئين اقتباس مان خبر پئي ٿي تہ وسيع "سنڌ ملڪ" پنجن صوبن ۾ تقسيم ھو جن ڪي الور، برھمڻ آباد، سيوھڻ، اسڪلنده (اچ) ۽ ملتان دارالحڪومت ھئا. ھي سياسي ۽ انتظامي تنظيم، راءِ گھراڻي جي ھئي، جن ڪي اسان جي تاريخ ۾ "سنڌ جي ھڏ مت بادشاھت" جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. تاريخدانن انھيءَ صوبائي ونڊ ورڇ ۾، "ساوندي" توڙي "نل مير رڪن" کي سيوھڻ جي صوبي ۾ آندو آھي (٢٣). تاريخ جا صفحا شاھد آھن تہ، برھمڻ خاندان جي دور حڪومت (٦٤٣-٧١٢ع) ۾ بہ، مٿين انتظامي ونڊ ورڇ برقرار رکي وئي ھئي.

بنواميہ خاندان جي دور حڪومت ۾، خليفي وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾، عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف جي سياسي حڪمت عملي ڪري، محمد بن قاسم کي سنڌ جي فتح لاءِ موڪليو ويو. فاتح سنڌ برھمڻ آباد جي تسخير بعد، اروڙ جي فتح لاءِ جڏھن اتر سنڌ ڏي ڪوچ ڪيو تہ، پاڻ واٽ تي ڪيترين منزلون ڪري ٿو. صاحب چچ نامه واٽ تي سندس ھڪ منزل جو ڏس سمن جي شھر ساوندي وٽ بہ ڪري ٿو. مذڪوره اقتباس پڙھڻ بعد ھن علائقي جي سياسي، سماجي ۽ مذھبي حالتن جي پوري خبر پوي ٿي:

"جڏھن محمد بن قاسم برھمڻ آباد جي بندوبست، ۽ ايرندي، الھندي، ڳوٺن ۽ پسگردائي جي معاملن مضبوط ڪرڻ کان فارغ ٿيو، تڏھن خميس جي ڏينھن، ٣ ماه محرم سنہ ٩٤، * منزل پٽي ويجي، ساونديءَ جي پسگرداٿيءَ ۾ انھيءَ جاءِ تي لٿو ھو جنھن کي منھل چون ٿا. اتي ھڪ فرحت افزا ڍنڍ ۽ سرسبز چراگاھ ھو، جنھن کي ڍنڍ وڪر بھار چوندا ھئا. انھيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي منزل ڪيائين، انھيءَ پاسي جا سڀ ماڻھو، شمني ۽ ٻڌ وارا واپاري ھئا" (٢٤).

چچ نامي جي مٿئين فقري مان اسان کي جاگرافيائي طور تي ٽن ماڳن -

ساونديءَ، منهل ۽ ڍنڍ وڪر بهار جا نالا ملن ٿا ۽ اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ: مذهبي طور تي هتان جا ماڻهو ٻڌ مت جا پيرو هئا، ۽ معاشي طور تي هتان جي ماڻهن جو گذر واپار تي هو. هتي اسان انهن ٽن جاگرافيائي ماڳن تي ٿورو بحث ڪنداسين.

ساونديءَ:- اسان مٿي چئي چڪا آهيون تہ هي شهر ڪانشڪا اڏايو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب چچ نامي صہ ٥١١ تي هن شهر کي، تعلقي موري جي موجوده شهر "ساوڙي" سان تشبيهہ ڪيو آهي. ڏنو وڃي تہ ساونديءَ جي ماڳ تي باقي اختلاف رهي ٿو. مسٽر هينري ڪوزنس بہ پنهنجي ڪتاب جي صہ ٥٩ توڙي پليٽ نمبر ٥ ۾، ساوندي کي "ڏيپر گهانگهري" سان تشبيهہ ڏني آهي؛ پر حقيقت ۾ ڏيپر گهانگهرو، برهمڻ آباد جو پيو نالو ۽ پڙو المنصوره جو پيو نالو آهي (٢٥). اسان چچ نامي واري بيان تہ، "برهمڻ آباد جي انتظام بعد، فاتح سنڌ، اروڙ لاءِ ڪوچ ڪندي، واٽ تي ساوندي ۾ قيام ڪيو هو"؛ تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ کي وزن ڏيون ٿا.

منهل؟:- چچ نامي جو شارح هن ماڳ متعلق خاموش آهي، تاهم اسان جو خيال آهي تہ موري تعلقي جي شهر "منهڙي" جو نالو آهي. ساڳئي وقت منهنجي نظر ۾ اهو فقرو يا تہ ڪاتب جي سهو ڪري غلط ٿيو آهي يا مترجم جو ڪمال آهي. اسان جي نظر ۾ جملو هن ريت آهي: "٣ محرم سنہ ٩٤ بروز خميس منزل پٽي وڃي، منهل جي علائقي ۾ انهيءَ جاءِ تي لٿو، جنهن کي ساوندي چون ٿا. اتي هڪ فرحت افزا ڍنڍ ۽ سرسبز چراگاه هو، جنهن کي ڍنڍ وڪر بهار چوندا هئا. انهيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي منزل ڪيائين". منهل "منهڙه" ٿي سگهي ٿو، جو تاريخ جي مختلف دورن ۾ ڦري گهري "مَنهڙو" يا "مِنهڙو" جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. ممڪن آهي تہ منهل ان وقت تعلقي جي حيثيت رکندو هجي ۽ ساوندي ان جو هڪ وسندڙ ۽ ٻهڪندڙ شهر هجي.

ڍنڍ وڪر بهار:- ڊاڪٽر بلوچ صاحب چئي ٿو تہ: ساوڙيءَ جو ڳوٺ "سنڌ" جي هڪ قديم ڍوري جي ڪپ تي ٻڌو ويو هو، جنهن جا نشان ساوڙيءَ جي ڳوٺ لڳ الهندي طرف اڄ تائين موجود آهن. اسان پنهنجي سر جيڪا

ڳولا ڪئي آهي، تنهن موجب موجوده "سن" ۽ "ساوڙي" جي وچ ۾، هڪ پراڻو ڊورو يا ڊنڊ اڄ به موجود آهي. ممڪن آهي ته چچ نامي واري "ڊنڊ وڪر بهار" اهو ئي ڊورو هجي.

مٿئين تاريخي اقتباس تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب هيءَ راءِ ڏني آهي؛ "وڪر بهار جي لفظ بهار مان ظاهر آهي، ته هي هڪ ٻڌ جو مندر هو، ممڪن آهي ته ان مندر ڪري ئي ڊنڊ به وڪر بهار سڏبي هجي. ٿل مير رڪن يقيني طور تي وڪر بهار وارو قديم ٻڌ جو مندر آهي" (٢٦).

(٣) فن تعمير ۽ همعصر ٿلن سان مقابلو: سنڌ ۾ پڪي سر جو استعمال نهايت ئي آڳاٽو آهي. موهن جي دڙي ڪان وٺي ٿلن جي تعمير تائين، ۽ المنصوره جي ديوارن ڪان وٺي رني ڪوٽ جي تعمير تائين، رڳو پڪي سر ئي نظر اچي ٿي. ٻڌ ڌرم وارن جي تعميرات ۾ اڪثر ڪري سينگاريل ۽ سهڻيون پڪل سرون نظر اچن ٿيون. ڪچي سر ٺاهڻ لاءِ پهرين چيڪي مٽيءَ جي ڳولا ڪئي ويندي هئي. ان بعد سرن ٺاهڻ لاءِ جيڪو ڪارب استعمال ٿيندو هو ان جو به ڦولدار هئڻ لازمي هو. هن سڄي ڪم بعد ڪچي سر کي، پڪي ڪرڻ لاءِ ضروري ڪم ڪيو ويندو هو. اهو طريقو سنڌ، پنجاب توڙي سرحد ۾ به ڏٺو ويو آهي. ٻڌ ڌرم وارن جون اڏاوتون؛ کهڙي خطي جي فن عمارتسازيءَ جو مظهر آهن، ان لاءِ ماهرين جو خيال آهي ته اها طرز اڏاوت "يوناني ۽ هندستاني" فن تعمير سان مشابهه آهي (٢٧). جيتري قدر ٿل مير رڪن جو تعلق آهي ته ماهرين هي تسليم ڪيو آهي ته هي پڻ "اندو - يوناني" فن جو بهترين مثال آهي (٢٨).

فن تعمير کي ڄاڻيندي هيٺ اسين، سنڌس همعصر ٿلن سان تقابلي مطالعو ڪنداسين. مسٽر ڪوزنس ٿل ميرپورخاص ۽ ٿل مير رڪن جي ڀيٽ ڪندي لکيو آهي ته، "ٿل ميرپورخاص جنهنجا طبقا (برج) هڪ ئي قطار ۾ مٿي هليا وڃن ٿا سو، سانچي ۾ ٺهيل يا گلن وارين پڪين سرن جي استعمال سان ٺهيو آهي. ساڳئي وقت سنڌس بهترين ڪانس به ٿل مير رڪن سان مشابهت رکي ٿي (٢٩).

هڪ قدم اڳتي وڌائيندي ڪوزنس لکيو، "ميرپورخاص ٿل کي پنهنجي

اڏاوت جو واحد مثال ميڻ محض خام خيالي ٿيندي ڇو تہ، ساڳئي طرز جي اڏاوت، سرن تي نقاشي ۽ مورت سازي ان ڳالهہ جو مظهر آهن تہ ٺل مير رڪن، ٺل ڏيپر گهانگهرو، ۽ سوڊرن جو ٺل هڪ ٻئي فن تعمير سان مشابهت رکن ٿا" (٣٠).

سنڌ جي جملي ٺلن جي برابري آثار قديمه وارا اجهو هيئن ٿا ڪن، "آخر ۾ هي چئبو تہ ٺل ميرپورخاص ۽ سنڌ جا جملي ٺل هڪ ٻئي نموني جا ٺهيل آهن ۽ هي ظاهر ڪن ٿا، تہ قدامت جي لحاظ کان بہ هڪ ٻئي عمر جا آهن. نقش نگار ۽ سرن جو استعمال، جنرل ڪننگهام پنجاب ۾ بہ ڏٺو هو، جن تي اکر بہ لکيل هئا. اهڙي ٻئي قسم جا ۾ ٽوٽا مون ٺل مير رڪن وٽ بہ ڏٺا هئا، جن تي بہ ساڳئي قسم جا اکر لکيل هئا. شور ڪوٽ (پنجاب) جي سرن تي لکيل اکرن جي آڌار تي سندن زمانو ٩٧ -٣١٩ع مقرر ڪري سگهجي ٿو (٣١).

سنڌو ماترڪيء ۾، ٻڌمت جي جملي اڏاوتن بابت ماهرن لکيو آهي: "سنڌ جا چاتل سچاتل ٺل جهڙوڪ ٺنڊي محمد خان جي ۾ وارو ٺل، جهرڪ، ميرپورخاص، ڏيپر گهانگهرو ۽ ٺل مير رڪن - سنڌو ماتر ۾ هڪ پوري سلسلي جي نشاندهي ڪن ٿا. ان کان بہ پري، بهاول پور (جتي ڪانشڪا جو ڪتبو مليو هو) يا پنجاب ۽ ڪشمير جا ٻڌمت جا آثار، بلڪل هڪ سلسلي جي نشاندهي ۽ پٺڀرائي ڪن ٿا" (٣٢).

(۴)ظاهري بناوت: سنڌ جا جملي ٺل ٻڌمت جا چڱا يادگار آهن، پر آثار قديمه وارن جي نظر ۾ ٺل مير رڪن کي تمام گهڻي اهميت مليل آهي. ڪوزنس لکيو:

It is the only Stupa in Sind, so far as we are at present aware with so complete a tower.

ڪرسچن ايرا جي شروع ۾ ٺهيل هي بهترين ٺل، ٢٠ صدي تائين ڇو محفوظ رهيو؟ ڪوزنس لکي ٿو:

Its material was found very useful by the contractors.

سندس بناوت ۽ بنياد ڪهڙي نوع جو آهي:

That it had a great square basement, as at the M. Khass

سلامت نہ رهيو آهي، جنهن ڪري ٻئي طبقي سان پهرئين طبقي جي صحيح ڳانڍاپي جي خبر نہ ٿي پئجي سگهي.

(iii) حقيقي بناوت جو صحيح خاڪو، ٽئين طبقي ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هي طبقو ٩٩ سيڪڙو سلامت ۽ جيئن جو تيئن موجود آهي. بناوت ۾ پڪي سر جي استعمال سان گڏ، گچ پلستر نمايان ڪم ڏنو آهي. مکيہ ڪانسون، گچ پلستر جي استعمال ڪري ئي ايترو جٽاءُ ڪري سگهيون آهن، جيڪي ئي سڄي ٿل جي زينت جو سبب آهن.

(iv) مسٽر ڪوزنس جي ڏنل پليٽ نمبر xxix جو صحيح رخ ٽئين طبقي جي اتر - اولهہ واري پاسي کان ڏسي سگهجي ٿو، پر ڪنهن بہ ڦولدار سر جو استعمال نظر نہ ٿو اچي؛ جيئن ڪوزنس جو خيال آهي تہ، ڪانسون ۽ پيڙ ٺهني لاءِ بهترين ۽ ڦولدار سرون استعمال ڪيون ويون هيون. حقيقت هيءُ آهي تہ، ان وقت جي ڪاريگرن جي بي مثال رٿا ۽ مهارت ڪري ئي ڪانسن وغيره کي بنا ڪنهن گلن جي سرن جي غير معمولي حسن مليو آهي.

(v) ٽئين طبقي جي اختتام تي، ڪيترائي پيڙ ٺهيا، جيڪي پڻ بهترين قسم جي ڪانس جو ڏيک ڏين ٿا، ٽئين طبقي سان سندس تعلق ظاهر ڪن ٿا.

(vi) ٽيون ۽ آخري طبقو، هيٺين ٻن کان بلڪل هلڪو، مختلف ۽ الڳ ڍنگ تي ٺهيل آهي. سندس ٻاهريون ڪور (ليپو) هن وقت قائم نہ رهيو آهي، جو چئي سگهجي تہ ان جي بناوت هيٺين ٻن طبقن جهڙي هئي يا غير معمولي طور تي اوچي هئي. ممڪن آهي تہ ٽئين برج جي ٻاهرين ڪور لاءِ خاص قسم جون پڪل سرون (جن تي گوتم جي تصوير هئي) استعمال ٿين ها، جيئن ڪوزنس جو خيال آهي.

(٥) ڪوتائي، حاصلات ۽ آرڪيالاجي جي نظرن ۾: انگريزن جي آمد ٿيندي ئي، قديم سنڌ جي تاريخ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ، هر طرح سان ڪوششون ٿيڻ لڳيون. فريئر پهريون انگريز آفيسر هو، جنهن ڪراچيءَ لڳ، نئين پٿر جي دور (Neo-Lithic Age) جي قبرن جي نشاندهي ڪري، سنڌ جي ١٥٠٠٠ ق.م. سالن جي تهذيب جي نشاندهي ڪئي هئي. جان جيڪب جڏهن

سنڌ جو قائم مقام ڪمشنر ٿي آيو، تہ هن صاحب پڻ، ڪجھہ نہ ڪجھہ سنڌ جي آثار قديمه ڏي ڌيان ڏنو.

ڪوزنس جو خيال آهي تہ، جان جيڪب پهريون انگريز آفيسر هو،جنهن ٺل مير رکن تي خاص ڌيان ڏنو هو. صاحب موصوف هتي ڪجھہ کوٽائي بہ ڪرائي هئي؛ پر ڪيس ڪا ڪارگر شيءِ هٿ نہ لڳي.

فريئر ڪمشنر واري عرصي (٥١ - ١٨٥٩ع) ۾، ٺل مير رکن تي چڱو ڌيان ڏنو ويو.هن صاحب جي صلاحڪار ڪائونسل ۾ مسٽر جيمس گبسن، مسٽر جي. ايچ. ايلس؛ ايف. جي. گولڊ سمٿ ۽ مسٽر ايم. جي. شااسٽوئرٽ شامل هئا. هي صاحب هر سال سياري ۾، اندروني سنڌ جي گشت تي ويندو هو ۽ ماڻهن سان ملاقات ۽ وڏيرن جون مليل دعوتون ڪائيندو هو (٣٤). اهڙي ئي هڪ گشت ۾ فيبروري ١٨٥٨ع تي، ڪمشنر ۽ سندس ڪائونسل ٺل مير رکن تي ڪئمپ ڪئي. مسٽر گبسن، جيڪو هن ٺل کي "رکن جو ٺل" جي نالي سان ياد ڪري ٿو، سو هن متعلق هيٺن لکي ٿو: "اسان اڳ ۾ ماڻهو موڪليا، تہ پهرين ٺل منجهان سرنگھہ هڻي وجي، تہ جيئن ڪا "خاڪ" (Relics) وغيره هجي، تہ ڳولي سگهجي. شام جو آءٌ ڏاڪڻ ذريعي مٿي چڙهيس، تہ ڏٺم تہ سرنگھہ فقط ٨ فٽ اندر وئي هئي. تن ڏينهن بعد اسان تاريخ ٢٧ فيبروري تي، ٺل تي ڪئمپ ڪئي ۽ رهيل سرنگھہ تري تائين هٿائي؛ پر ڪابہ گهربل شيءِ نہ لڌي (٣٥).

هينري ڪوزنس کوٽاين جو قطعي ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

(i) هڪ ڪليڪٽر کي هتي ڍير اٿلائيندي، هڪ ٽڪر جو ٿانءُ لڌو هو، جنهن جو پيٽ ١٢ انچ مس هو، تنهن ۾ ڪنجهي جي پازيبن جو جوڙو پيل هو.

(ii) هڪ اريگيشن انجنيئر، جنهن هتي مٿيءَ جو ڍير کوٽايو، تہ کيس ڪيترا اهڙا پڪل سرن جا ٽڪرا مليا هئا، جن تي بُت جون تصويرون اُڪريل هيون، سي هو پاڻ سان کڻائي ويو.

(iii) هڪ ايگزيڪيوٽو انجنيئر کي اوچتو کوٽائي ڪندي، ڪجھہ تعداد پڪن ٺوٺن ٽڪرن جو مليو، جن تي گوتم جون تصويرون ٺهيل هيون.

ممڪن آهي تہ اهي سرون، جيڪي ست انچ چورس هيون، سي ٽئين برج لاءِ گهرايون ويون هجن (٣٦).

ان ڪان علاوه هتي ڪجهہ پڪل سرن جو اهڙو تعداد بہ مليو هو،جن تي اکر بہ لکيل هئا. جن مان ظاهر آهي تہ سنڌ ۾ پهرين صديءَ ۾ ئي لکڻ پڙهڻ جو رواج پئجي چڪو هو.

آثار قديمه جي نظرن ۾ ٺل کي کهڙي اهميت مليل آهي، سا مسٽر ڪوزنس کهڙي نہ چٽائيءَ سان بيان ڪئي آهي: فندن جي اٿهوند ڪري ڪوٽاين جو ڪافي ڪم رولي ۾ پيل آهي، جي وڏيڪ ڪوٽائي ٿئي تہ سنڌ جي ٻڌ ڌرم واري دور تي ڪافي روشني پئجي سگهي ٿي. ٺل مير رڪن توڙي ڏيپر گهانگهري جي وڏيڪ ڪوٽائي ٿيڻ گهرجي، تہ جيئن سنڌ جي تحقيق لاءِ وڏيڪ مواد مهيا ٿي سگهي (٣٧).

(٦) ٺل مير رڪن کي بچائڻ گهرجي: ٺل مير رڪن پڪ سان سنڌوءَ جي ڪنهن ڇاڙ يا ڪناري تي نهيو هو، جتي ڪنهن وقت ۾ عاليشان شهر، توڙي ٻڌمت جي عبادتگاهہ موجود هئي. عهد قديم جي سنڌ جا سڀ ئي شهر گهڻو ڪري پاڻيءَ جي سِهي سان ٻڏا ويا هئا ۽ پوءِ اتان درياه جي وهڪري مٽڻ ڪري، هميشه لاءِ ويران ٿي ويا.

پڪ سان ڪشن گهراٽي وارن ٺل جي اڏاوت ڪنهن وسندڙ وستيءَ ۾ ڪئي هوندي، نہ ڪي ويراني ۾، جتي اج ڪنگ پيا رڙن. هتان جي مذهبي عبادتگاه توڙي ٺل جي، مذهبي تقدس واري اهميت عربن جي هتي پير رکندي ئي ختم ٿي وئي، ڇو تہ هتان جي گهڻو ڪري سيني سماٽ قبيلن ۽ ٻڌمت جي پوئلڳن اسلام قبول ڪري ورتو هو؛ پر رهيو کهيو شهر ۽ رونق بہ سنڌوءَ جي وهڪري مٽڻ ڪري ويندي رهي. ٺل مير رڪن، دولت پور کان ايندي، دوڙ ڏانهن ويندڙ روڊ جي بلڪل ڏکڻ ۾، اٽڪل روءِ اٺ ميل پري آهي. هن وقت سندس حالت زبون آهي. مقامي پنجابي آبادگارن ڪيس پنهنجي گهيري ۾ آڻي، وقت بہ وقت گهر ناهڻ لاءِ، ٺل کي کوٽي سرون ڪڍي پنهنجي ڪتب پي آنديون آهن. سنڌي ماڻهو پنهنجي تاريخ کان اڻ ڄاڻ آهي، ان ڪري هي ٺل روز بروز تباهيءَ ڏي وڌندو پيو وڃي.

ماڳ جي معائني کان پوءِ اسان جو خيال آهي تہ بنيادي سطح (Basement) ۾ ٽيون طبقو، وقت پوڻ ۾ مرمت نہ ٿيڻ ڪري، ڏينهون ڏينهن پُرندا وڃن ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن بہ وقت سخت بارش ڪري، ٺل جو مٿيون حصو ڍهي پوي، جيڪو سڄي بناوت جي تباهي لاءِ ذميدار ٿيندو.

انگريزي آثار قديمه وارن کي، بنيادي سطح ڏي پهرين ڏيان ڏيڻ گهرجي ۽ پوءِ ٽئين طبقي کي بہ ناهڻو پوندو. ان کان علاوه هڪدم ٺل واري ميدان کي، آباديءَ کان صاف ڪرڻو پوندو! ڪاش اسانجون آهون ۽ دانهون آرڪيالاجي کاتي وٽ پهچن!!

## ضميمو

مسٽر سمٿ جي گزيٽير ذريعي، هي خبر پوي ٿي تہ ڪنهن زماني ۾، ٺل مير رکن جي مرمت لاءِ ڪجهہ رقم منظور ڪئي وئي هئي. ليڪن ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ، آرڪيالاجي کاتي اهي پيسہ استعمال نہ ڪيا ۽ گهربل ڪم نہ ٿي سگهيو. هيٺ متعلقہ اقتباس ڏجي ٿو:

Thul Rukan is the local name of the Ruin of a Budhist stupa situated at a distance of 16 Miles south of Moro and 8 miles south - East of Dolatpur. It lies on the east of the Hyderabad Rohri Road. There is no village of any size in the vicinity, nor the remains of any........ The superintendent of Archaelogy was unable to visit Thul Rukan again, but in 1905 Government sanctioned Rs. 1,813 for special repairs to the Stupa [Gazetteer of the province of Sindh, B volume V, Nawabshah District, P.P. 38,39, By: J.W. Smyth, Bombay 1920].

## حوالا ۽ واڌارا

(۱) مولائي شيدائي "تاريخ تمدن سنڌ" صـ۶۴ ۽ ۶۵، سنڌ يونيورسٽي پريس سال ۱۹۵۹ع.

(٢) مولائي شيدائي "جنت السنڌ" ص ٣٨ ۽ ٣٩، س. ا. ب. حيدرآباد ١٩٥٨ع.

(٣) ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ص ٤٠، س. ا. ب. حيدرآباد ١٩٧٢ع.

(٤) ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" (انگريزي)، باب ٣ ۽ ٤، س.ا.ب. حيدرآباد ١٩٧٣ع.

(٥) ڀيرو مل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ص ٤٣، "تاريخ" تمدن سنڌ" ص ١٠٧.

(٦) (i) ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" ص ١٠٤، (ii) ڪوزنس جو ڪتاب، ص ٩٤.

(٧) مولائي شيدائي "جنت السنڌ"، ص ٤٦.

(٨) ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ"، ص ١٠٦.

نوٽ: ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ آهي ته "مينئنڊر" جا سڪا، موهن جي دڙي مان مليا آهن، انڪري سنڌ کي "يوناني باخترين" جي تابع سمجهڻ گهرجي (ڏسو، انگريزي بروشر "سنڌ صدين کان"، ص ١٠، ١٩٧٥ع)

(٩) ڀيرو مل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ص ٥٢.

(١٠) ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ"، ص ١٣٢.

نوٽ: ابتدائي پنجن عيسوي صدين ۾، "وائٽ هنز" واري دور ۾، برهمڻن کي وري ساه کڻڻ جو موقعو مليو، ته به سنڌ ۾ اڪثريت ٻڌمت جي پوئلڳ هئي (ڏسو: انگريزي بروشر "سنڌ صدين کان"، ص ١٠).

(11) هينري ڪوزنس "سنڌ جا قديم آثار" (انگريزي)، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي سال ١٩٧٥ع، ص ١٠.

(١٢) عبدالرحمٰن سومرو "سنڌ جا جهونا شهر"، ص ١٨٤، امين ڪتاب گهر حيدرآباد ١٩٦٨ع.

(١٣) ڪوزنس "سنڌ جا قديم آثار" ص ٩٤، حاشيو ٻيون.

(١٤) ڪوزنس "سنڌ جا قديم آثار" ص ٩٦.

(١٥) ڪوزنس "سنڌ جا قديم آثار" ص ١٠٥.

(١٦) ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" صه ١٣٢.
(١٧) ڪوزنس، صه ٩٩.
(١٨) علي ڪوفي "چچ نامه" صه ٥١٠، سنڌي ڇاپو.
(١٩) ڪوزنس، صه ١٠٥.
(١٩- الف) ليمبرڪ ٺل کي تعلقي سڪرنڊ ۾ ڏيکاريو آهي، جيڪو صحيح نہ آهي. ڪوزنس ٺل جو وقوع، ٻانڌيءَ کان ٨ ميل، ڏکڻ اولهہ ڏي ٻڌايو آهي. پر ٻانڌي هتان کان ١٦ ميلن تي ٿيندي. ٺل مير رکڻ دوڙ کان ١٢ ميلن تي، ۽ دولت پور کان ٨ ميلن تي، موري تعلقي ۾ (هاڻي دولت پور صفن تعلقي ۾) رستي جي ڏکڻ ۾، چوٻنديءَ وٽ آهي. هتان هاڻي چار پڪا رستا هن ريت نڪرن ٿا: دولت پور صفن ڏي، هبيري دوڙ ڏي، پيجي موري ڏي ۽ قاضي احمد ڏي - انگريزن ابتدا ۾ هتي بنگلا ٺهرايا هئا، جيڪي اڄ ڦٽل حالت ۾ موجود آهن.
(٢٠) "چچ نامه" مترجم مخدوم امير احمد، صه ٥١١ س.ا.ب. سال ١٩٦٦ع.
(٢١) ڪوزنس جو ڪتاب، صه ١٠٥.
(٢٢) "چچ نامه" صه ٢١ - ٢٣.
(٢٣) ليمبرڪ جي ڪتاب ۾، صه ١٣٨، جي سامهون ڏنل نقشو (سنڌ مسلم فتح کان اڳ).
* صحيح معنيٰ ۾، ٣ محرم ٩٥ هه / ٢٨ سيپٽمبر ٧١٢ع (چچ نامہ، صه ٥١٢).
(٢٤) "چچ نامه"، صه ٣٢٠- ٣٢١.
(٢٥) ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ "عربن جي المنصوره واري بادشاهي"، انگريزي، صه ٧٨. سنڌالاجي ١٩٧٤ع؛ ۽ پڻ ڏسو ڪتاب ۾ شامل نقشو "محل وقوع - المنصوره، المحفوظ ۽ برهمڻ آباد".
(٢٦) "چچ نامه"، صه ٥١٠.
(٢٧) ڪوزنس جو ڪتاب، صه ٨٩.
(٢٨) ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ"، صه ١٣٢.

(٢٩) ڪوزنس جو ڪتاب، صہ ٨٩.

(٣٠) ساڳيو ڪتاب، صہ ٩٦.

(٣١) ساڳيو ڪتاب صہ ٩٧.

(٣٢) ساڳيو ڪتاب، صہ ٥٩.

(٣٣) ڪوزنس جو ڪتاب، صہ ٩٨.

(٣٤) سيٽ نائونمل "يادگيريون" باب ٩، مترجم محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦٨ع.

(٣٥) ڪوزنس جو ڪتاب، صہ ٩٨، صہ ٩٩.

نوٽ: حقيقت هي آهي تہ آخري دور جا ٿهيل ٿل، جيڪي پهرين صدي ۽ ٻي صدي عيسويءَ ۾ ڪشن گهراڻي تعمير ڪرايا، تن ۾ ڪنهن بہ قسم جي خاڪ، ۽ نہ وري ڪا ٻي مقدس چيز رکيل آهي. هي ٿل صرف هڪ گول گنبذ جي ڏيک جهڙا، ڪڙاتڙا برج آهن، جيڪي ٻڌمت جي علامت طور تعمير ڪيا ويا هئا (ڏسو: تارن جو ڪتاب" يوناني- باختر هندستان۾"، انگريزي صہ ١٣٥، حاشيو ٽيون، ڇاپو ٻيون).

(٣٦) حوالو (٣٥)

(٣٧) ڪوزنس جو ڪتاب، صہ ٩٧.

(سہ ماهي "مهراڻ" ١ / ١٩٧٩ع ۾ ڇپيل).

# برهمڻ آباد جي قلعي جو دفاعي لحاظ کان مطالعو

جيتوڻيڪ ماضيءَ جي سنڌ اڄ پـڙن، دڙن، ٿلن، قلعن، کوٽن، واريءَ جي پٽن، درياه جي گسن ۽ پيچرن منارن، ڊورن ۽ هيٺاهين توڙي مٿانهين ۾ دفن آهي، تاهم اسانجي گذريل دورن جا هي آثار ۽ نشان ئي صحيح معنيٰ ۾ عظيم سنڌ جي ساک آهن، سچاٽپ واسطي علامت آهن، ۽ گڏوگڏ تهذيب توڙي تمدن جا امين ۽ محافظ آهن. انگريزن جي آمد کان وٺي هيل تائين، سنڌ جا زمين دوز ٿيل مختلف شهر کوٽيا پيا وڃن، اتان لڌل هرهڪ شيءِ جو پرچار ۽ نماءُ ڪيو پيو وڃي. ليڪن ان ڏس ۾ قابل دلچسپ ڳالهه هي آهي تہ، محققن ۽ مؤرخن پنهنجو سچو ڌيان ان بحث تي ڏنو آهي تہ ديبل ڪٿي هو، ڀنڀور ۽ ديبل ۾ ڪهڙي مماثلت آهي يا وري برهمڻ آباد ڪٿي آهي ۽ دلور يا المنصوره جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

شهرن جي تاريخ، جاگرافي ۽ اتي جي تمدني توڙي سياسي ڇڪتاڻ، بيشڪ اهم موضوع آهن؛ ليڪن ان ڏس ۾ رهيل اسم جيڪو اڃا تائين بحث هيٺ نہ آيو آهي، اهو آهي اهڙن شهرن جو دفاعي ۽ جنگي نقطہ نگاه (Strategic) کان اڀياس ۽ مطالعو! موجوده دور ۾ اهو ضروري آهي تہ، سنڌ جي شهرن ۽ ماضيءَ جي واهڻن جو دفاعي لحاظ سان مطالعو ڪري؛ پنهنجي تاريخ جي رهيل هڪ اهم باب يعني "جنگي تاريخ" کي نروار ڪري، سنڌ واسين جي چاڻ ۽ سوچ ۾ اضافو ڪري، هڪ قسم جي اتساه ۽ تسڪين واري صورتحال پيدا ڪجي. المنصوره، المحفوظہ ۽ برهمڻ آباد جي جاءِ وقوع واري بحث کان پاسو ڪندي (جنهن لاءِ ڪوزنس جو رايو آهي تہ، هي شهر اولهہ هند ۾ نهايت ئي تڪراري پي رهيا آهن)، هن مختصر مضمون اندر اسين صرف برهمڻ آباد جي قلعي ۽ شهر جو جنگي لحاظ کان مطالعو ڪري ڏسنداسين تہ، گذريل زماني ۾ سنڌين پنهنجي ملڪ جي بچاءُ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا هئا، يا ان ڏس ۾ سندن سندر سوچ ڪيتري هئي ۽ هو

سنڌ جي بچاءُ ۽ حفاظت لاءِ ڪيترو درد ۽ فڪر رکندا هئا؟ حقيقت ۾ جيسين پنهنجي قومي ڪردار کي چٽو نہ ڪيو ويو آهي؛ تيسين تهذيبي توڙي سنڌ جي قومي تاريخ اڻ پوري ئي ليکي ويندي.

ماضيءَ جا سنڌي، حب الوطنيءَ کي پنهنجي ايمان جو جزو سمجهي، سنڌ جي حفاظت ۽ بچاءَ تي ڀرپور ڌيان ڏيندا هئا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ، سنڌي جنگي ڏاهپ ۽ طور طريقن ۾ مضبوط ڪوٽن ۽ قلعن کي تمام گهڻو عمل دخل ڏنو ويو. اسين جيئن ئي تهذيبي ۽ روايتي تاريخ مان آجا ٿيون ٿا، تيئن ئي سنڌ کي دارا اعظم جي نالي ۾ ڪياني سلطنت جي تابع ڏسون ٿا. ايراني سپهہ سالار ۵۱۹ يا ۵۱۸ قبل مسيح ڌاري، مهراڻ ذريعي سنڌ کي ايرانين جي قبضي ۾ آندو. اسڪاءِ ليڪس نالي هي سالار، جڏهن پنهنجي مقصد لاءِ هتي پهتو، تڏهن سنڌين پنهنجي حب الوطني ۽ دفاعي صلاحيتن جو ڀرپور ثبوت ڏنو ۽ ڏيڍ - ٻن سالن تائين جنگ جاري رکي ڪيس زبردست پريشان ڪيو (۱). دارا جي جانشين خشيارشا (XERXES-1) جي دور ۾، اسين هڪ طرف اهل سنڌ کي پنهنجي اعليٰ سپاهيانہ ڪردار سبب ايرانين واري يوناني مهم ۾ حصو وٺندي ڏسون ٿا، تہ ٻئي طرف جڏهن بادشاهہ هند - سنڌ ۾ زردشتي دين کي پکيڙڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو، تڏهن سنڌين پنهنجي عقيدي جي بچاءَ لاءِ پڻ حاڪمن سان ٽڪر کائي دنيا جي تاريخ ۾ باعزت مقام پيدا ڪري ورتو (۲).آخرڪار شهزادي بهمن کي (جيڪو پوءِ بهمن اردشير [درازدست] نالي سان ڪياني سلطنت جو پنجون بادشاهہ بنيو)، سنڌ جو ناظم اعليٰ ڪري موڪليو ويو تہ جيئن هو هتي جي مستقل قبضي جو بندوبست ڪري (۳). شهزادي بهمن بچاءَ طور تي هند - سنڌ جي حد، ريگستاني علائقي ۾ نروار ڪئي ۽ ايراني مفادن جي تحفظ لاءِ مهراڻ جي شاخ تي، هڪ شهر ۽ قلعو اڏڻ جو حڪم ڏنو. هي شهر ابتدا ۾ "بهمنيہ" يا "بهمن آباد" سڏيو ويو، جيڪو پوءِ تاريخ ۾ "برهمڻ آباد" جي نالي سان محفوظ رهجي ويو (۴).

برهمڻ آباد جو قلعو پوءِ جي زماني ۾، يونانين توڙي ٻين قبضيدارن ۽ خود اهل سنڌ لاءِ، زندگي ۽ موت جو سوال بنجي ويو. دارا اعظم ۽ راءِ

سلطنت جي قيام تائين، تاريخ لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن جو سفر طئي ڪيو. ان وچ ۾ هن قلعي جيڪي لاها چاڙها ڏٺا، تنهن بابت اسان کي تمام گهٽ ڄاڻ آهي. بهرحال نج سنڌي هجڻ جي ناتي، راءِ وارن سنڌ جي انتظاميہ کي نئين سر ترتيب ڏنو، ملڪ کي چئن صوبن ۾ ورهايو، ڪيترائي دفاعي نوعيت جا اهم قدم کنيا، مختلف جنگجو قبيلن کي منظم ڪيو، ڪيترن ئي قلعن جي مرمت ڪئي ۽ متعدد نوان دفاعي مرڪز ۽ ڪوٽ تعمير ڪيا. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ان دور ۾ سنڌ اندر آسودگي هئي، ڏک ۽ ٽڪار جو نالو بہ نہ هو، هر طرف سک سانت هو ۽ جنهن بہ ڌارئين ملڪ ڏي ميري اک کنئي، تنهنکي ڀرپور طاقتي سان منهن ڏنو ويو. راءِ وارن جي اهڙي ونڊ ورڇ ۾ برهمڻ آباد کي صوبو بنايو ويو ۽ هتي ئي ان صوبي جو تختگاه مقرر ڪيو ويو (٥).

خاطري آهي تہ صوبي جي تختگاه بنجڻ وقت برهمڻ آباد جي قلعي جي توسيع ۽ ضروري مرمت پڻ ڪئي وئي هوندي.

ابتدا کان آخر تائين برهمڻ آباد جو قلعو، نہ رڳو سنڌ جي قبضي لاءِ پر ساڳئي وقت سڄي هند جي فتح لاءِ پڻ اهم دفاعي مرڪز (Key - Fort) جي اهميت رکندو آيو. مؤرخن، عالمن ۽ محققن هن قلعي جي اڏاوت، ان جي دفاعي اهميت ۽ سنڌ جي جنگي تاريخ ۾ ان جي نمايان جڳهہ (Position) جو، نهايت ئي چٽن لفظن ۾ اقرار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ اسان جي هن اهم جنگي مرڪز جو بنياد بهمن دراز دست (Artaxerxes-I) رکيو (٦)، ليڪن پوءِ جي مختلف دورن ۾ ان جي اهميت، دفاعي پوزيشن، هيئت، ساخت، لشڪري گنجائش، جنگي صلاحيت ۽ مدافعتي قوت توڙي مدت متعلق جيڪو ڪجهہ مواد ملي ٿو؛ سو سنڌ جي جنگجو قبيلن، اعليٰ سپهہ سالارن ۽ دفاعي ماهرن جي ذهني ڪاوش ۽ فوجي مهارت جو نمايان مظهر ۽ چٽو ثبوت آهي. ان ڏس ۾ راءِ گهراڻي جي سورهيہ ۽ سپوت بادشاهن (جنگي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌ جو سمون قبيلو سڏي ٿو) کي، وري بہ خاص اهميت ملڻ گهرجي.

برهمڻ آباد جو قلعو ۽ شهر، صدين کان دنيا جي مشهور عالمن ۽ محققن ۽ تاريخدانن جي تحقيق جو موضوع رهندو ٿو اچي. مناسب ائين ٿيندو

تہ. متعلقہ ٽڙيل پکڙيل مواد گڏ ڪري محفوظ ڪيو وڃي. هي شهر پنهنجي اوج واري زماني ۾ هڪ تمام وٽندڙ ۽ وڏو شهر هجڻ سان گڏ. راجا جي قلعي هجڻ ڪري گهڻو مشهور ۽ معروف هو (٧). دنيا جو عظيم دانشور ۽ تاريخدان، ابن خلدون ان کي هند جي مضبوط قلعن مان هڪ سڏي ٿو. مولائي شيدائي ٻن عالمن - رشيد الدين ۽ البيرونيءَ - جي آڌار تي، هن شهر کي ملتان جي تاريخي ۽ ڪشادي شهر کان ٻہ وڏو سڏي ٿو (٨). مشهور مغليہ تاريخدان علامہ ابوالفضل پڻ هن شهر ۽ قلعي متعلق جيڪا تحقيق ڪئي ۽ پنهنجي ڪتاب ۾ مواد ڇڏيو، تنهن ذريعي ان جي ننڍي ڪنڊ ۾ تيل پذيرائي ۽ واڪاڻ جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو آسان ٿي پيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ برهمڻ آباد هڪ وڏو شهر هو، جنهنجو قلعو ڪافي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هو. قلعي کي چوڏهن سؤ برج هئا، جيڪي هڪٻئي کان ڪافي دور هئا (٩). ان ڏس ۾ تاريخ فرشتہ جي لکت کي ٻہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي (١٠). مرزا قليچ بيگ مرحوم جو رايو آهي تہ، جڏهن اروڙ گادي جو هنڌ هو، تڏهن برهمڻ آباد وڏو، وسندڙ ۽ قلعي وارو شهر هو، جو عربن جي هٿن ۾ اچڻ کان پوءِ ويران ٿي ويو (١١). متيان رايا قلعي جي وسعت ۽ ڪشادگيءَ متعلق مثبت دليل سمجهڻ گهرجن. قلعي جي وسعت ۽ ايراضيءَ کي ڏسي محققن هتي جي لشڪري ۽ فوجي قوت چاليهہ هزار ماڻهو، ڪٿي آهي (١٢). سنڌ جي هن عظيم الشان قلعي کي فوجي چرپر ۽ دفاعي مقصدن لاءِ چار دروازا ٻڌايا وڃن ٿا (١٣). ليڪن ڪوزنس وري ان ڏس ۾، راورٽيءَ جي حوالي سان هڪ عدد جو اضافو ڪري ٿو (١٤). حقيقت ۾ قلعي جي دروازن جي تعداد ۽ نالن متعلق خود اسانجي بنيادي ذريعي يعني "چچ نامہ" جي سنڌي ۽ اردو ڇاپن ۾ ٻہ، رات ڏينهن جو فرق نظر اچي ٿو. جيڪڏهن اردو ڇاپي کي صحيح قرار ڏجي تہ پوءِ، راورٽي سچو آهي تہ برهمڻ آباد کي پنج دروازا - هر هڪ جريطري، بهارند، ساتيہ، بنوره (منوره؟) ۽ سالها (Salah) جي نالن سان هئا. (١٤ -الف) اگر "چچ نامہ" جي سنڌي ڇاپي کي درست قبول ڪجي تہ پوءِ اسانجي هن عظيم قلعي کي ڪل چار دروازا هئا، جن مان هڪ جو نالو جريطري هو. بهارند، ساتيہ، بنوره ۽ سالها، انهن سنڌي سورهين

جا نالا معلوم ٿين ٿا، جيڪي عربن جي حملي وقت، جيسينءَ هتي جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيا هئا (١٥).

برهمڻ آباد جي قلعي جي حوالي سان، متعدد قبيلا نظر اچن ٿا، جيڪي ٺي صحيح معنيٰ ۾ هتي جي فوجي (Marshall) قوت هئا. ان ڪان اڳ جو اسين ماضيءَ جي هنن سورهيہ قومن جو ذڪر ڪيون، مناسب آهي تہ صوبي برهمڻ آباد جو جاگرافيو معلوم ڪيون. راءِ وارن توڙي پوءِ چچ (برهمڻ) گهراڻي جي حڪومت ۾ هن صوبي ۾، برهمڻ آباد ڪان وٺي ڪري نيرون ڪوٽ (موجوده حيدرآباد) ۽ ديبل تائين سموري پکيڙ شامل هئي، جنهن ۾ لوهاڻہ، لاکا ۽ سمہ قبيلن واريون ايراضيون بہ اچي ٿي ويون (١٦). ڪن صاحبن هن صوبي کي "لوهاڻو" صوبو بہ سڏيو آهي، جيڪو "چچ نامہ" جي آڌار تي غلط ڏسجي ٿو. مٿي ذڪر ڪيل قبيلن ڪان علاوه، جٽ بہ زبردست فوجي طاقت هئا، جنکي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ بادشاه چچ، مٿن سخت ۽ وحشي قانون مڙهيا هئا (١٧). فرشتہ جو صاحب وري راجپوتن جي دليري ۽ بهادري جو قائل ڏسجي ٿو (١٨). ياد رهي تہ عربن جي فتح بعد، جٽ وري بہ، عتاب ۾ ڏسجن ٿا. هنن پوءِ هزارين ٻيڙيون آڻي، سنڌو درياءَ ۾ غزنوين خلاف هڪ وڏي بحري جنگ لڙي هئي (١٩).

برهمڻ آباد جي قلعي ۾ خاص طرح شهر کي، ٻارنهن سؤ سالن ڪان بہ مٿي جي تاريخ آهي. ڊاڪٽر ليمبرڪ سنڌ جي ريگستاني علائقي جي نيڪي انڪري ڪئي تہ، هتان ٺي هند سان سنڌ جي سرحد نروار ٿئي ٿي ۽ ان ڪان علاوه هي علائقو ڪافي دشوار ۽ مشڪل پڻ آهي. ان ڏس ۾ هو صاحب محمود غزنوي ۽ محمد تغلق توڙي همايون جي ڪيل رولاڪن ۽ تڪليفن کي پڻ ياد ڏياري ٿو (٢٠). ائين لکندي ڊاڪٽر صاحب ڪان هي حقيقت بنهہ وسري وئي تہ، موجوده سانگهڙ ضلعي ۾ ڪنهن سمي "رتوڪوٽ" ۽ "برهمڻ آباد"، جهڙا جنگ قلعا ۽ ڪوٽ هئا، جن ذريعي صدين تائين سنڌ جي ننگ ۽ ناموس جي رکپالي ڪئي وئي. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ باوجود ان جي تہ، ابوالفضل جي قلعي متعلق مٿي آيل راءِ تي تنقيد ڪري ٿو، ليڪن پوءِ بہ هو، اقرار ڪري ٿو تہ "آئين اڪبري" جو هي بيان قلعي جي ڪشادگي ۽

عظيم رٿابندي لاءِ ٺوس مواد مهيا ڪري ٿو (٢١). ميجر هيگ عربن ۽ سنڌين جي فيصلي ڪن معرڪن جي ڏس ۾ هن قلعي جو، سنڌ جي ٻين ڪوٽن سان لاڳاپو ڏيکاريندي، ان جي فوجي اهميت جو ڪاٿو ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو (٢٢).

چون ٿا ته راجا ڪافند (؟) پنهنجي پاڻ ساميد ڪي، سنڌ مان زردشتي دين جون پاڙون پٽڻ لاءِ موڪليو، ته ڪيس هي تاڪيد ڪيو ويو ته برهمڻ آباد جي قلعي جو قبضو بيحد ضروري آهي (٢٣). ان ڪانپوءِ جيڪڏهن سڪندر واري پٽالا ۽ برهمڻ آباد جي ڪنهن ويجهي تعلق کي مڃجي (٢٤)، ته پوءِ يونانين پاران هن خطي تي ڌنل ڌيان پڻ ڪافي ڌيان جوڳو آهي. چچ کي برهمڻ آباد ۾، لوهاڻي اگهم ۽ پوءِ سندس پٽ کي ماتحت ڪرڻ ۾، پورا ٻه سال لڳي ويا. راجا جو هتي ڊگهو عرصو قيام، اگهم جي پٽ ۽ خاندان سان سرچاءَ ۽ پرچاءَ واري پاليسي، ڪجهه قبيلن تي سخت ۽ ڪارا قانون مڙهڻ ۽ ٻڌ ڌرم جي پروهت کي راضي ڪرڻ- اهڙا قدم آهن جن ذريعي سنڌ جي هن دور دراز صوبي ۽ ضلعي جي اهميت سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي (٢٥). پوڊين تي قبضي ۽ سندن صلاح سان، جتن تي وحشي قانون مڙهڻ بعد، مس وڃي چچ ان لائق ٿيو ته هتي پنهنجو سڪو ۽ حڪم هلائي سگهي (٢٦). ان بعد عرب فاتح آڏو، موڪي پٽ وسايي جو خطاب، پڻ قلعي جي نزاڪت سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ڪري ٿو. هن چيو ته:

"اي امير هيءُ قلعو، هند ۽ سنڌ جي سيني قلعن جو مدار ۽ تختگاهه آهي. جيڪو به هيءُ جڳهه فتح ڪندو، سڄي سنڌ انهيءَ جي هٿ هيٺ ايندي ۽ مضبوط قلعا سندس اقتدار ۽ قبضي هيٺ ايندا" (٢٧).

هتي اڳ ۾ ئي هتي جي فوجي قوت متعلق حوالو ڏنو ويو آهي. "تمدن سنڌ" ۽ "ڪيمبرج هسٽري" جي بيان کي مختصر اضافي ۽ قيرقار سان، هتي جي هٿيارن پنهوارن ۽ فوجي قوت ۽ طور طريقن ميڻ ۾ ڪوبه عار محسوس نه ڪرڻ گهرجي (٢٨). هتي جا سنڌي تير ڪمان سان ليس ٿي، جنگي هاٿين، گهوڙن ۽ پيرين پيادل جنگ لاءِ ميدان ۾ ايندا هئا. ڏينهن جو دشمن

ڪي للڪارڻ، رات جو قلعي بند ٿي شهر جي حفاظت ڪرڻ، راتاها هڻي دشمن جي رسد ۽ جانورن جو چارو تباهه ڪرڻ، مخصوص قسم جي ٽري جنگ (جنهن ڪي پوءِ عربن به جٽن کي تباهه ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيو) ۽ ٻيڙين ذريعي بحري جنگ ڪرڻ؛ هتي جي جنگي طور طريقن ۾ شامل آهن (٢٩).

چچ جو ٻارنهن مهينن جو گهيرو ۽ عربن واري ڇهن مهينن جي مشڪل ۽ صبر آزما جنگ، چٽو ثبوت آهن ته، برهمڻ آباد جو قلعو ناقابل تسخير هو. هر ڀيري سنڌين، پنهنجي مذهبي مهندارن جي نصيحتن ۽ نجومين جي اڳڪٿين کي قبول ڪري، هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ حملي آورن کي قلعي فتح ڪرڻ ۾ سوبيا ڏني. قلعو ڪيئن تباهه ٿيو، شهر ڪيئن تاريخ جي صفحن ۾ وڃي باقي رهيو، ان جو جواب ڏيڻ ذرا مشڪل آهي. قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ ان جي بربادي لاءِ، سڌو سنئون عربن کي ذميدار ٺهرائين ٿا (٣٠). ان ڏس ۾ ڪوزنس وري عربن کي آجو ڪندي، منصوره واري اڏاوت کي ذهن ۾ رکڻ جي صلاح ڏئي ٿو (٣١). حقيقت ۾ هن قلعي جي تباهي رفته رفته ٿي، جنهن ۾ عربن جي منجنيقن ڪان وٺي ڪري، المنصوره جي اڏجڻ ۽ ڳاڍي ٿيڻ تو ڙي سنڌو درياهه جي وهڪري تبديل ڪرڻ کي به وڏو دخل حاصل آهي. ابوالفضل ۽ خود پوءِ ڪلهوڙن جي زماني تائين به قلعي جا آثار ڪنهن حد تائين موجود هئا. ليڪن هاڻي برهمڻ آباد جي نيڪي ۽ واڪاڻ، صرف اهل قلم ڪندا رهندا ۽ هر ايندڙ سنڌي نسل اهو عبرت جو داستان پڙهي، پنهنجي تاريخ تي فخر ڪندو رهندو!

## حوالا ۽ اضافا

(١) ڊاڪٽر ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" (انگريزي) ص ٧٧، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سال ١٩٧٣ع.

(٢) يوناني مهم لاءِ ڏسو "ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا" جلد ١، ص ٣٠٤ ۽ سنڌ پاران ڪاڏل تڪر لاءِ ڏسو "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" ص ٧٢ ۽ ٧٨.

(٣) هينري ڪوزنس "سنڌ جا قديم جا آثار" (انگريزي) ص ٣-٦٢، سال ١٩٧٥ع.

(۴) ڪزنس جو ڪتاب، صہ ۲-٦۳، "تاريخ تمدن سنڌ" صہ ۹۱؛ "چچ نامہ" (اردو) صہ ٦-۳۸۵؛ ۽ ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" صہ ۷۲.
(۵) "چچ نامہ" (اردو) ص ۱۸- ۲۰؛ ۽ صوبي جي حدن لاءِ ڏسو ليمبرڪ جي ڪتاب پر (مٿي ذڪر ڪيل)، ڏنل نقشو صہ ۱۳۸.
(٦) ڪياني سلطنت لاءِ "تاريخ ايران" جلد پهريون (اردو)، از پروفيسر مقبول بيگ (مجلس ترقي ادب لاهور ۱۹۷۱ع)؛ "انسائڪلو پيڊيا برٽنيڪا" ڪي ڪتب آندو ويو آهي.
(۷) عبدالرحمان سومرو "سنڌ جا جهونا شهر" صہ ۲۱۹، سال ۱۹٦۸ع.
(۸) مولائي شيدائي "تاريخ تمدن سنڌ" صہ ۹۱، ناشر سنڌالاجي، سال ۱۹۵۹ع.
(۹) ابوالفضل "آئين اڪبري" (اردو) صہ ۱۰۴۸، جلد اول (حصہ دوم) ناشر سنگ ميل پبليڪشنز لاهور.
(۱۰) "تاريخ فرشتہ" (اردو) صہ ۸۹۰، ناشر شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور، ۱۹۷۴ع.
(۱۱) مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ" صہ ۷۵؛ بورڊ ايڊيشن.
(۱۲) حوالو (۳) صہ ۲۵؛ "تاريخ سنڌ" (اردو) قدوسي، جلد پهريون، صہ ۱۸۸.
(۱۳) "چچ نامہ" (سنڌي)، صہ ۲۹۲.
(۱۴) حوالو (۳) صہ ٦۳.
(۱۴- الف)، چچ نامه اردو، صہ ۲۸۰.
(۱۵) "چچ نامہ" اردو ڇاپو صہ ۸۱ - ۲۸۰ ۽ سنڌي ڇاپو، صہ ۲۹۲.
(۱٦) حوالو (۵) صہ ۱۸ ۽ ۱۹.
(۱۷) "سنڌ جو عرب دور" (انگريزي) از ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، صہ ۸۷.
(۱۸) حوالو (۱۰).
(۱۹) قدوسي "تاريخ سنڌ" (اردو)، جلد پهريون، صہ ۴- ۳۲۵؛ ناشر مرڪزي اردو بورڊ لاهور ۱۹۷٦ع.
(۲۰) ڊاڪٽر ليمبرڪ "سنڌ هڪ عام جائزو (انگريزي) صہ ۱۳؛ سنڌي ادبي

بورڊ سال ١٩٧٥ع (محمد تغلق جي جاء تي فيروز تغلق هجڻ گهرجي).
(٢١) حوالو (١٧) صہ ٣٦٦ ۽ ٨١.
(٢٢) ميجر هيگ "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" صہ ٥٥، انڊس پبليڪيشن ١٩٧٢ع.
(٢٣) "چچ نامہ" (اردو) صہ ٢٨٢، ڪزنس "سنڌ جا قديم آثار" صہ ٦٢، ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح کان اڳ، صہ ٧٣.
(٢٤) "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" باب پنجون.
(٢٥) "چچنامہ" (اردو)، صہ ٥١ - ٦١ تائين.
(٢٦) حوالو (٢٣) صہ ١٦٥.
(٢٧) حوالو (٢٥) صہ ٢٨٨.
(٢٨) "تاريخ تمدن سنڌ" صہ ٩٧، "ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا" سال ١٩٦٢ع، صہ ٣٠٣، انڊيا جو ايڊيشن.
(٢٩) "چچ نامہ" متفرق صفحا، ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ "عرب پيرڊ" صہ ٢٨٦، ۽ قدوسي "تاريخ سنڌ" (اردو) جلد پهريون، صہ ٣٢٣.
(٣٠) حوالو (١٧) صہ ١٨٨، ۽ حوالو (١١) صہ ٧٥.
(٣١) هينري ڪزنس "سنڌ جا قديم آثار" (انگريزي) صہ ٦٧، آڪسفورڊ ڪراچي، سال ١٩٧٥ع.
(هي مقالو سانگهڙ ثقافتي ميلي ١٩٨٣ع لاء لکيو ويو. ماهنامہ "پيغام" ڪراچي اپريل - مارچ ١٩٨٤ع ۾ ڇپيو. بعد ۾ سال ١٩٩٢ع ۾ ڪتاب "سانگهڙ صدين کان" ۾ عبدالله ورياه شايع ڪيو).

# سمن جي دور جا ڪي مشهور شهر

هن مختصر مضمون ۾ اسين انهن شهرن جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي يا تہ سري ڪان ئي سمن ڄامن جي سلطنت (١٣٥١ع ڪان ١٥٢٠ع تائين) ۾ آباد ڪيا ويا هئا؛ يا ان دور ۾ بہ اڳي جيان وسندڙ ۽ ٻهڪندڙ شهر مڃيا ويا آهن. هتي هي بہ چٽــو ڪندو هلان تہ ڄامن جي سنڌ، اڄوڪي سنڌ ڪـــان ڪيترو ئي وڏي ۽ وسيع هئي. انڪري جيڪي شهر ۽ ايراضي اڄ جي سنڌ ۾ اچن ٿـا، هت انهن ئي شـهـرن جو تذڪرو ڪبـو، پوءِ ڀاڱي اهي شـهـر اڄ موجود آهن يا صـفحـہ ۽ هستيءَ تان گم ٿي چڪا آهن. سنڌ پنهنجي قومي تاريخ جي جن بہ دورن تي ناز ڪري ٿي، تن مان "سمن" جو زمانو بہ هڪ آهي.

ميرپورماٿيلو:

مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" ۾ لکي ٿو، "مٿي ذڪر ڪيل ڇهن قلعن مان هڪ آهي". ياد رهي تہ هي ڇهہ قلعا اُچ، ماٿيلو، سيوراءِ، مٿو، الور ۽ سيوستان (سيوهڻ)، راءِ ساهسي ٻئين پنهنجي دور حڪومت ۾ تعمير ڪرايا هئا. پراڻي ماٿيلي جي اهميت مغليہ دور تائين موجود هئي. ظاهر آهي تہ سمن جي دور اندر بہ هن شهر کي چڱي اهميت هوندي. روايت آهي تہ پراڻي دور واري ڪوٽ جي اڏاوت ۾ پورا نو سئو ورهيہ لڳا هئا.

پهرين سر ماٿيلوءِ کـي هنئيـن ڄام پڙن
ٿـورا ڏينـهن ٿهـيـر ها وارو وريـو ورياهن
ڪـوٽ بہ اسـري تـيار ٿيـو نو سـؤ ورهين
تنهن ڪان پوءِ چون تہ راڄ شروع ٿيو راجا نند جو!

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ، جيڪي پراڻا شهر عربن جي حڪومت ۾ زوال پذير ٿيا؛ تن مـان ماٿيلو بہ هڪ هو. نئون شهر سن ١٧٣٩ع ۾ مير مسوخان تعمير ڪرايو هو (تحفة الڪرام، سنڌي ڇاپو، صہ ٣٠٩. ليمبرڪ "سنڌ مسلم فتح ڪان اڳ" صہ ١٤٢، سومرو عبدالرحمٰن "سنڌ جا جهونا شهر" صہ ٣٩ - ١٤٣؛ ۽ مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽

ماٿهو"، صه ٣٥).

## گهوڙڪي:

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته: هن کي اڳي گهوڙي چوندا هئا. سو سن ١٤٣٧ع (٨٥١هه) ڏاري پير محسن شاه ٻڌو هو. جنهن هڪڙي عاليشان مسجد به منجهس ٺهرائي هئي. اهو دور ڄام تغلق جو هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ موسن شاه نالي وارو شخص هو. جنهن سان ملڻ لاءِ احمد شاه دراني به هلي آيو هو. هي شهر اڄ به آباد ۽ وسندڙ آهي (قليچ بيگ "قديم سنڌ" صه ٢٥؛ "تحفة الڪرام" صه ٣٣٦).

## بکر:

هن متعلق "تحفة الڪرام" لکيو آهي ته، "سندس پراڻو نالو فرشته آهي. هندو راجائن جي ڏينهن ۾ هي شهر موجود ڪونه هو. اروڙ جي ويران ٿيڻ ڪانپوءِ اتي جا رهاڪو بکر ۾ پنهنجا جاين ڏي لڏي ويا. نيٺ بکر جو ڳوٺ اروڙ ٻڌجي ويو". ليڪن ڊاڪٽر بلوچ صاحب "فتوح البلدان" جي لفظن "الرور و بغرور" جي آڌار تي ٻڌايو آهي ته، هي شهر هندو راڄ جي ڏينهن ۾ به موجود هو. تاريخ مان خبر پوي ٿي ته، سمن جي دور ۾ هن شهر کي زبردست سياسي ۽ فوجي اهميت حاصل هئي. ڄام نندي جي دور ۾ هتي پيدا ٿيل بدنظميءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ دلشاد وزير کي مقرر ڪيو ويو هو. ساڳئي وقت ان دور ۾ جيڪي شهر سنڌ اندر واپار توڙي علمي اهميت ڪري مشهور هئا، تن مان بکر به، اتر سنڌ جو هڪ علمي ۽ واپاري شهر شمار ڪيو ٿي ويو. مير ابوالغيث بکري هن دور جي هتان جي برگزيده شخصيت آهي، جنهن جي طفيل ئي سنڌ ميرزا پير محمد ۽ امير تيمور جي حملن ۽ تباهڪارين کان محفوظ رهي.

ان کان اڳ سومرن ـ . دور ۾ بکرجي قلعي ۾ ناصر الدين قباچه پناه ورتي ۽ پوءِ هتي ئي درياه ۾ ٻ.ي مئو. هڪ راءِ هي به آهي ته اهو پنجاب جو شهر ڀکر هو، جتي قباچه ٻڏي مئو هو. هن شهر توڙي قلعي کي مغل دور ۾ زبردست سياسي ۽ فوجي اهميت حاصل رهي. ڪلهوڙن جيئن ئي اقتدار حاصل ڪري، خدا آباد کي سنڌ جي گادي بنايو، تيئن هن شهر جو زوال شروع ٿيو.

ويهين صديءَ ۾ قلعي جي تباهي شروع ٿي، جنهن متعلق ڪزنس لکي ٿو:
....but now covered with dismantled and forlorn ruins across which the railway runs between the two sections of the landsdowne brigde.

(تحفة الڪرام، ص ٣٠٩، چچ نامہ، ص ٣٧٦، تاريخ معصومي، ص ١١٢، تاريخ تمدن سنڌ، ص ٣١٣، قليچ بيگ "قديم سنڌ"، ص ١٢؛ ۽ ڪزنس "سنڌ جا قديم آثار"، ص ١٤٢).

## ٻيرلوءِ:

پريالو، پرياليو توڙي ٻيرلوءِ- نالن سان هي شهر مشهور آهي. هن وقت ٻيرلوءِ، روهڙي ۽ سکر- جتڪ هڪ شهر جا ٽي حصا پيا معلوم ٿين. پر قديم وقت کان جڏهن روهڙي ۽ سکر اڃا مس ٿي سنبريا، تڏهن کان ٻيرلوءِ موجود هو. نہ رڳو هي شهر موجود هو، پر سمن جي سلطنت جو هي هڪ ممتاز علمي شهر شمار ڪيو ٿي ويو. تاريخ ۾ هي شهر باغن ۽ پاچ ڪاڌل حڪمران همايون جي ٽڪاڻي ڪري گهڻو مشهور آهي (تاريخ تمدن سنڌ، ص ٣١٣؛ ۽ قديم سنڌ، ص ٣٢٣).

## درٻيلو:

مير علي شير قانع هن کي هڪ مشهور ڳوٺ سڏيو آهي. درٻيلو پوئين دور ۾ نهايت اهم صنعتي شهر هو. سمن واري سنڌ جو پڻ هي هڪ ڀڪندڙ شهر آهي. سندس علمي هاڪ هند توڙي سنڌ ۾ مشهور هئي. مغليہ دور اندر لکيل ڇهن تاريخن مان هڪ جي تصنيف ۽ تاليف هتي ئي ٿي هئي. اهو ڪتاب "تاريخ طاهري" آهي، جيڪو مير طاهر محمد سن ١٠٣٠هہ برابر ١٦٢١ع ڌاري لکيو هو. وچئين دور ۾ ڪيترين علمي شخصيتن هتي درس ڏنو. ويجهڙي زماني ۾ خانبهادر الهندو شاه هتان جي نامور هستي ٿي گذريو آهي (تحفة الڪرام، ص ٣٤٧؛ مولائي شيدائي "تاريخ تمدن سنڌ"، ص ٣١٣).

## ٽلٽي:

سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي جڪي شهر هن دور اندر نمايان هئا، تن ۾ ٽلٽي بہ هڪ اهم شهر آهي. سيد حسام الدين راشدي صاحب باغبان ۽ ٽلٽيءَ

ڪي هڪ ٿي شهر لکي ٿو. سمن جي دور جي مشهور علمي ۽ قومي شخصيت "مخدوم بلال" جو تعلق به هن شهر سان هو. پاڻ زياده وقت علم جي خدمت جي حوالي ڪندو هو. پناڻن هتان جڏهن سنڌي سوراج جو خاتمو ٿيو، تڏهن هن شخص ان ڪي للڪاريو. اهوئي سبب آهي جو ارغونن سرڪاري ملن کان فتوي وٺي ڪيس ڪهاٽي ۾ پيڙائي ڇڏيو. ويجهڙائيءَ ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جهڙي برک علمي شخصيت به هتي ئي جنم ورتو (جي. ايم. سيد "پيغام لطيف"، ص ١٧؛ "تاريخ تمدن سنڌ"، ص ٣١٤؛ "تاريخ معصومي"، ص ١٥٦؛ مولانا دين محمد وفائي" تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد اول، ص ٦٣، حاشيو نمبر (٣).

## بُوبڪ:

هي شهر ارغونن جي دور ۾ مخدوم جعفر جي ڪري تمام گهڻو مشهور هو، جيڪو مخدوم نوح جو همعصر هو. سمن جي دور ۾ به، هن شهر جو ڏس ملي ٿو، ليڪن ايترو مشهور نه هو. هتي ان دور ۾ هڪ زبردست علمي مرڪز به هو. مخدوم صاحب ڪيترا ئي علمي ڪتاب لکيا، جن مان هڪ ذريعي ان دور جي سنڌي ٻولي ۽ معاشرت جي خبر پوي ٿي ("قديم سنڌ"، ص ، ٣٠؛ ۽ "تحفة الڪرام"، ص ٣٧٤ ۽ فوٽ نوٽ، ص ٣٧٥).

## پاٽ:

قديم شهر مان هڪ آهي. جناب جي. ايم. سيد جي کوجنا موجب هي شهر ٦٠٣ هه ڌاري ٻڌو ويو، جيڪو ٻهريائين "پاتر" جي نالي سان سڏبو هو. قانع "تحفة الڪرام" ۾ شهر بابت لکي ٿو: "سيوهڻ سرڪار جي آسپاس ۾ هڪ ڳوٺ آهي" (ص ٣٥٨). سمن کان پوءِ واري زماني ۾ حيدر هروي هتي جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص "ڪليچ" هوندو هو ۽ هو صاحب ديوان پڻ هو. علامه آءِ. آءِ قاضي هن پاڪ مٽيءَ جي پيدائش آهي. ان کان علاوه به هن شهر ماضي قريب ۾، تمام سٺا سٺا ماڻهو پيدا ڪيا آهن (جنب گذاريم جن سين، حصو ٻهريون، ص ٢٨٠).

### سيوهڻ:

سڪندر اعظم جي سنڌ تي حملي وقت ٣٢٣ ق.م ڌاري جيڪي شهر سنڌ اندر موجود هئا، تن مان هي واحد نشاني اجا تائين موجود آهي. سومرن جي زماني ۾ قلندر شهباز جي اچڻ ڪري، شهر جو ٻيو جنم شروع ٿيو. سمن جي زماني جي ابتدائي ۽ سومرن جي دور جي آخر ڌاري، مشهور سياح ابن بطوطه سيوهڻ پهتو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ شهر جو احوال ڏنو آهي.

تغلقن جي ڏينهن ۾ جڏهن هڪ هندو امير کي هتي جو صوبيدار ڪري موڪليو، تڏهن ڄام انڙ ان جي مخالفت ڪئي ۽ کيس قتل ڪرائي ڇڏيو. هو ان طرح سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ جا ابتدائي مرحلا طئي ڪري رهيو. هن ئي دور ۾ تغلقن هتان سن ٧٥٧ هه ۾، قلندر شهباز جي درگاه جي تعمير تي. چنگيزي دور ۾ سيوهڻ کي "سرڪار" جي حيثيت ڏني، فوجداريءَ جو مرڪز بنايو ويو. ميرڪ يوسف جي "تاريخ مظهر شاهجهاني" ذريعي هتي جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي صورتحال جو سچو نقشو اکين اڳيان اچيو وڃي ٿو. خدا آباد جي اسرڻ ڪانپوءِ شهر جو زوال شروع ٿيو (مولائي شيدائي "جنت السنڌ"، ص ٣٤٦؛ ۽ يوسف ميرڪ "تاريخ مظهر شاهجهاني"، ص ٨- ٢٦٧).

### ڳاها:

سمن جي امير ڪبير ۽ وزيراعظم جي جاگير به هتي هئي. جڏهن دريا خان جي فيروز سان اٿبت تي پٺي ته هي نئو ڇڏي اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ مقيم ٿيو. هتي جو مدرسو پوري سنڌ ۾ مشهور هو، ان دور ۾ هرات کان مولانا اثيرالدين ابهري، مولانا يار محمد ابهري ۽ مخدوم عبدالعزيز ابهري، پڻ هتي ئي اچي ديني درسگاه ۾ درس ڏنو (تاريخ معصومي، ص ١١٥).

### هالا:

مرزا قليچ بيگ جو خيال آهي ته هي شهر تمام قديم آهي ۽ سندس اصلي نالو "مرتضيٰ آباد" هو. هي شهر "هالا ڪنڊي" به سڏبو هو. چون ٿا ته موجوده شهر نئون پيرو تعمير ٿيو آهي. جڏهن مشهور اسڪالر هينري ڪزنس جو خيال آهي ته هي شهر سمن سلطانن جو ٻڌايل آهي. هالا نوان لڳ ڀڳ ١٨٠٠ع ڌاري ٻڌو ويو. هي شهر ڪاشيءَ جي ڪري، پوري سنڌ ۾

مشهور آهي. مولائي شيدائي چوي ٿو تہ، اصفهان کانپوءِ "هالا" شهر کي ڪاشيءَ جي هنر ڪري وڏ ۾ وڏ اهميت ملي. ڪاشيءَ سان گڏ ٻيا هنر بہ (Handi-Crafts) هتي زنده آهن. هالا جي مردم خيز خطي ماضيءَ کان حال تائين سوين صاحب دل ۽ اهل قلم پيدا ڪيا آهن. مخدوم نوح عليه رحمة، نندي ڪنڊ ۾ سڀ کان اول قرآن پاڪ جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو هاڻي ڇپجي ويو آهي. (ڪزنس "سنڌ جا قديم آثار" صہ ١٧٥؛ مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ" صہ ٥٧؛ ۽ "جنت السنڌ"، صہ ٣٩٥).

## انڙپور:

هي شهر اڄ بہ دادو ضلعي ۾ موجود آهي، جيڪي بہ شهر سمن جي دور سان منسوب آهن، تن مان هي بہ هڪ آهي. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ هي شهر ڄام انڙ جي حڪم تي ٻڌو ويو هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ هن شهر کي آبڪلانيءَ جي ڪري تباهيءَ جو منهن ڏسڻو پيو. ان متعلق "تحفة الڪرام" جو صاحب لکي ٿو: "تازو درياه سندس سموري زمين پائي ويو آهي". مخدوم ساهڙ لنجار سمن جي دور جو مشهور بزرگ آهي، جنهن جي مزار بہ هتي آهي (تحفة الڪرام، صہ ٣٩٠؛ ۽ "قديم سنڌ" صہ ٤٣).

## ڪيبر:

اوائلي سمن جي وقت بہ موجود هو. ٧٩١ هہ ڌاري جڏهن رڪن الدين شاه ڄام تماچي دهليءَ مان آزاد ٿي، سنڌ ڏي اچي رهيو هو. تڏهن ٿي ڏينهن اڳ ۾ ٿي هتي جي بزرگ درويش نوح ڪيبرائي ڄام تماچيءَ جو نعرو هنيو، جيتوڻيڪ اڃا ظاهري حڪومت ڄام جوڻي جي هئي. جڏهن ڄام تماچي هتان لنگهيو تہ هن بزرگ کيس هي بيت چيو هو:

ڄام جوڻو وڃي جهوري ماريو
ڄام تماچي شهرين چاڙهيو

(تحفة الڪرام ، صہ ٣٩٠؛ ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، صہ ٤٢).

## ڪلان ڪوٽ:

محمد طور جي برباد ٿيڻ بعد جڏهن سومرن کي هڪ نئين تختگاه جي

تلاش ڪرڻي پئي، تڏهن سندن نظر انتخاب هن ئي علائقي تي پئي. هتي هڪ نئون شهر تعمير ڪيو ويو ۽ سندس نالو "ڪلان ڪوٽ" رکيو ويو. هن شهر جو زوال ساموئي جي اڏاوت بعد شروع ٿيو. وري ڄام تغلق هي شهر اچي وسايو ۽ نوان ڪوٽ ۽ محل ٺهرايا (مڪلي نامہ، صہ ٦٧٨). مغلن جي پوري دور ۾ هي شهر ڪڏهن عروج تي ڏنو ويو ۽ ڪڏهن زوال پذير. شهر جو آخري ۽ ڪاپاري زوال سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي اقتدار ۾ اچڻ سان شروع ٿيو. هي اهو زمانو آهي جڏهن "خدا آباد" ۽ پوءِ پيا شهر سنڌ جا تختگاهہ بنيا ۽ ٺٽو، نصرپور، سيوهڻ توڙي بکر زوال ڏي وڌڻ لڳا. ٺٽي جي زوال سان ڪلان ڪوٽ بہ پوئتي پوڻ لڳو. هن شهر جا اڪيچار نالا تاريخ ۾ آيا آهن. مثلاً طغرل آباد، ڪلا ڪوٽ، ڪلياڻ ڪوٽ ۽ تغلق آباد وغيره. هن شهر جي موجوده صورت حال متعلق سيد حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ: "اها سرزمين اڄ بلڪل ويران ۽ سنسان لڳي پئي آهي ۽ پهچڻ سان ان جي ويراني ۽ بربادي؛ مٿان تعجب پيو لڳي ۽ حيرت وٺيو وڃي ٿي. بربادي برابر ٿيندي آهي پر اهڙي بربادي شل ڪٿي نہ ٿئي (مڪلي نامہ - ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي).

## ساموئي:

ڄام فيروز الدين انڙ جي وقت ۾ سمن حاڪمن جو پهريون تختگاهہ مڪلي؛ جي اترئين ڇيڙي جي نشيبي علائقي ۾ ساموئي تعمير ڪرايو ويو. هي شهر پوءِ ٺٽي جي زور وٺڻ ڪري زوال پذير ٿيو. هتي جو بزرگ شيخ حماد جمالي هو، جنهن جي دعا سان ڄام تماچي ۽ ڄام صلاح الدين آزاد ٿي، سنڌ جا بادشاهہ بنيا. سمن پوءِ هن بزرگ جي هدايت تي، پير پٺي جو قبرستان ڇڏي، مڪلي؛ تي پنهنجو خانداني دفن گاهہ بنايو (مڪلي نامہ، صہ ٧٨، ۽ "تحفة الڪرام"، صہ ٩ - ٤٥٦).

## سونڊا:

هي شهر اڄ بہ ٺٽي ضلعي ۾ موجود آهي. هي شهر پڻ سنڌ جي سلطان ڄام تماچي؛ جي نالي منسوب آهي. سندس ويجهو قديم دور جو "هير ڪوٽ" نالي پراڻو قلعو ۽ شهر بہ موجود آهي ( تحفة الڪرام، صہ ٤٥٤).

**ٺٽو:**

هي چوڻ تہ هن شهر جو بنياد ڄام ننڍي وڌو غلط آهي. هينري ڪزنس ۽ ٻين انگريز محققن کان علاوه ڪيترن ڏيهي مؤرخن جهڙوڪ؛ ايس. پي. چيلاڻي ۽ سيد حسام الدين راشدي، ٺٽي جي بنياد ۽ قدامت تي ڪافي بحث ڪيو آهي. راشدي صاحب "مڪلي نامہ" ايڊٽ ڪندي، ديبل جي زوال ۽ ٺٽي جي بنياد تي ڪافي مواد گڏ ڪيو آهي. سندس گڏ ڪيل مواد مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو؛ "ٺٽو ٦٥١هہ ڌاري تعمير تي چڪو هو، ليڪن سندس مشهوري ديبل جي زوال (٦٥٨ هہ) بعد گهڻي ٿي". پر پوءِ بہ هي چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ، ڄامن هن شهر کي تختگاه بنايو ۽ ڄام نظام الدين جي دور ۾ شهر جو حقيقي اوج اچڻ لڳو.

سمن جي دور اندر بغداد ثاني سڏجڻ لڳو. سمن جا مڪليءَ تي مقبرا ڏسڻ سان هتي جي ڪاريگرن ۽ هنر کي داد ڏيڻو پوي ٿو. افسوس هي آهي جو شاه بيگ، دريا خان کي قتل ڪرڻ توڙي ٺٽي کي فتح ڪرڻ بعد، هن شهر کي ١١ محرم کان ٢٠ محرم تائين ساڙڻ ۽ ٻارڻ جو حڪم ڏنو. ايترا ڏينهن هي شهر سڙندو، ٻرندو ۽ لٽجندو رهيو. دولتون ڦريون ويون، عمارتون ڊٺ ڪيون ويون ۽ هزارين سنڌي قتل ڪيا ويا. ڏسجي پيو تہ "سنڌي ٺٽي" کي ويران ڪري "ارغوني ٺٽو" تعمير ڪرڻ جو پروگرام هو.

پوئين دور ۾ هي شهر ڪڏهن عروج تي هو تہ ڪڏهن زوال پذير! هي شهر سمن کان ڪلهوڙن جي عروج تائين؛ سنڌ جو تختگاه رهيو، جڏهن طاقت جا مرڪز خدا آباد، محمد آباد ۽ حيدرآباد بنيا؛ تڏهن هي شهر پنهنجو اوج وڃائي ويٺو. هن شهر جا سنڌ جي ادبي تاريخ تي ڪئين احسان آهن. سوين ۽ هزارين ڪتاب مختلف موضوعن تي، ۽ مختلف ٻولين ۾ هتي لکيا ويا. مير علي شير قانع، محمد محسن، فخري هروي، سيد مير محمد، مخدوم محمد هاشم، مخدوم ابراهيم، عطا ٺٽوي ۽ مير طاهر محمد- هتي جا برک ليکڪ آهن (مڪلي نامہ، صہ ٣٨؛ تہ ماهي "مهراڻ" جو ١٩٧٢ع جو ٽيون پرچو؛ ۽ "تحفة الڪرام"، صہ ١٣٩).

# دريا خان شهيد - سوانح ۽ مدفن

سمن جي عظيم ۽ هر دل عزيز سلطان ڄام نظام الدين (٨٦٦ هه کان ٩١٦ هه تائين) پنهنجين نيڪ صلاحيتن سان ڪيترن ئي اهڙن قومي خادمن کي سنڌ جي وزارت ۾ شامل ڪيو، جن سندس جيئري توڙي مئي ملڪ لاءِ لاثاني خدمتون انجام ڏنيون. هن جي حڪومت ۾ ملڪي ڪارج کي بهتر هلائڻ لاءِ باقاعدي هڪ وزارت قائم ٿي، جنهنجو روح روان دريا خان بملقب مبارڪ خان هو. شامل وزيرن ۾ دلشاد خان، لکمير خان ۽ سارنگ ابن دريا خان به ڄڏجن ٿا. (١). ننڍي جي هدايتن ۽ وزيرن جي ملڪ سان محبت ڪري سنڌ هر لحاظ سان ترقي ڪئي. ملڪ جي فارغ البالي جو ڄڏي، خراسان، هرات توڙي گجرات کان يڪايڪ عالمن ۽ قلم ڪارن جو هڪ نه ڪٽندڙ سلسلو سنڌ ڏي لڏ پلاڻ ۾ مصروف ٿيو (٢).

ڄام ننڍي حڪومت وٺڻ شرط، پهريون قدم سرحدن تي پيدا ٿيل بدنظميءَ جي خاتمي لاءِ کنيو (٣). جڏهن ملڪ ۾ اندروني استحڪام پيدا ٿيو ۽ غريب غربي سمهي ننڊ ڪئي، تڏهن هيءُ به پوين سمن حاڪمن وانگر شيل شڪار ڪيڏڻ لڳو. اهڙي ئي هڪ شڪار ۾، هن هڪ بهترين خادم جي چونڊ ڪئي، جيڪو اڳتي هلي درياخان نالي ۽ مبارڪ خان لقب سان مشهور ٿيو ۽ آخر ۾ سنڌ خلاف وڙهندڙ ڌارين سان مقابلو ڪري سر جي قرباني ڏئي سَرهو ٿيو. دريا خان ڄام وٽ ڪيئن پهتو، پهرين سندس حيثيت ڪهڙي هئي ۽ ننڍي وٽ اچڻ بعد ڪيئن ۽ ڪيترو مان مرتبو لڌائين- اهي سڀ سوال اڃا تائين جواب طلب آهن. مير طاهر محمد نسياني ان ڏس ۾ لکي ٿو:

"وزير لکدير وٽ هڪ آبدار قبوليو نالي هو، جيڪو هڪ پيري ڄام ننڍي کي پاٽي پيارينديءَ، سندس منظور نظر بنيو. هي چوڪرو اصل ۾ سيد زادو هو، جيڪو ڪٽي قيدي هو، ۽ پوءِ وزير لکدير جو غلام ٿيو هو. بعد ۾ ڄام سندس ٻانهن، وزير صاحب کان ورتي. نالو دريا خان رکي سندس سٺي پرورش ڪيائين. اڳتي هلي وزيراعظم ٿيو ۽ خطاب مبارڪ خان مليس" (٤).

مير طاهر محمد جي هي روايت، جزوي ڦيرڦار سان، بعد ۾ هر مؤرخ قبول ڪري دهرائي آهي. اوڻيهين صديءَ ۾ هڪ انگريزي تاريخدان رچرڊ برٽن، هن متعلق ٿوري اختلاف سان لکيو آهي لکي ٿو:

" ڄام نندي کي ٻار ڪين ٿيندو هو. تنهن ڪري هن گوڏ جي هڪ ٻار وٺڻ جو خيال ڪيو. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي، ڏٺائين ته هڪ ريڊار جو ٻار وڻ هيٺان سمهيو پيو آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهيءَ کي ڄاڃيندو رهيو. ڏٺائين ته ٻار جي مٿان ڇانوَ ٿي ڇانوَ بيٺي آهي. سمجهيائين ته هي غيب جي نشاني آهي ۽ ٻار وڏيءَ ڳالهه وارو ثابت ٿيندو. تنهنڪري هن کي ڪٺي گوڏ ۾ ورتائين. نالو رکيائينس دولهه دريا خان. خان ساماٽندي ٿي نالو ڪڍيو. گهڻائي بهادري جا ڪم ڪيائين ۽ سنڌ جي آسپاس وارا ملڪ فتح ڪيائين. آخر قنڌار وٺڻ جو ارادو ڪيائين ۽ ان ۾ به ڪامياب ٿيو" (٥).

روايت ڪهڙي درست آهي، ان لاءِ ته ڪو آخري فيصلو نه ٿو ڪري سگهجي. البته ٻنهي ڳالهين ۾ جا متفقه روايت آهي؛ اها هي آهي ته دريا خان ۾ ننڍي هوندي ئي اعلا انسان وارا لڇڻ موجود هئا. جن کي ڄام جي نظر، چڱيءَ طرح تاڙي ورتو. انڪري ئي ڪيس شاهي پاڇو پلئه پيو.

تاريخ جي اپياس مان دريا خان بابت ڪا گهڻي معلومات نه ٿي ملي. البت غير شعوري طور تي مؤرخن سنڌس سوانح لاءِ ڪي ڪڙيون ڇڏيون به آهن؛ جن جي ملائڻ سان چڱي معلومات ملي ٿي. ڄام نندي جي دور ۾ سنڌ ملڪ جي اتر اولهه ۾، سبي شهر وٽ سلطان حسين بايقرا (٨٦٢ هه کان ٩١١ هه)، سنه ٨٩٢ هه ۾ ڪن واپارين جي ڇرچ تي حملي جو حڪم ڏنو. تن ڏينهن ۾ سلطان پاران امير ذوالنون ارغون قنڌار جو حاڪم هو. جڏهن سبي سنڌي حاڪم بهادر خان کان کسجي وئي، تڏهن اتي سلطان محمد بن امير ذوالنون کي والي مقرر ڪيو ويو (٦). سنڌ جي تختگاهه ٺٽي ۾ جيئن ئي هي خبر پهتي ته ڄام نندي، دريا خان کي هدايت ڪئي ته هو مغلن سان منهن ڏي. دريا خان ۽ مغلن جو مقابلو ٿيو. سلطان محمد قتل ٿي ويو ۽ سبي واپس سنڌ ۾ شامل ڪئي وئي. هن فتح جو سال ٨٩٥ هه ٻڌايو ويو آهي (٧).

دريا خان هڪ ڪَنو ٿي، نـٽي پهـتـو. انهيءَ سـال مـڪليءَ تي پنهنجي قبرستان جي چوديواري ٺهرائي اٿس. هي ڳالهہ اسان کي سندس مقام جي چوديواري واري ڏاکڻي پٽ تي لڳل ڪتبي مان معلوم ٿـئي ٿي. هي ڪـتبـو راشـدي صـاحب، مـڪلي نامي ۾ ڏنـي ڇڏيو آهي (٨)، جيـڪـو اتي ڏسـڻ گهرجي. ساڳي چوديواريءَ جي اوڀارين پٽ تي، ٻيو ڪتبو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڪم جي اڏاوت جو سال ٨٩٥ هہ آهي. هي ڪتبا ٻڌائين ٿا تہ، دريا خان مغلن تي سوڀ پاتي هئي.

ان بعد دولهہ دريا خان بابت ڏس تڏهن ملي ٿو؛ جڏهن مهدي جونپوري ٺٽي پهتو. هن بزرگ جو ٺٽي ۾ قيام ٩٠٦ هہ ۽ ٩٠٧ هہ وارن سالن ۾ معلوم ٿـئي ٿـو. ڄام کي حـالات جو جائزو وٺندي خبـر پوي ٿي تہ؛ مـهـدي جي موجودگي سنڌ اندر فساد ۽ فتني جو باعث بڻبي. انڪري هن دريا خان کي حڪم ڪيو تہ؛ هڪدم مڪليءَ تي پهچي مهدي خلاف قدم کڻيو وڃي.

دريا خان جي ڪردار بابت قانع لکي ٿو، "ميران سيد محمد جونپوري جي ٺٽي ۾ اچڻ تي، باوجوديڪ ڄام، عالمن جي چرچ تي هن سان اعتقاد مندي سان پيش نہ آيو هو، مگر هن انهيءَ بزرگـوار جي سـچي دل سـان خدمت ڪري وقت جي صاحب جي خوشنودي حـاصل ڪئي" (٩). ظاهر آهي تہ دريا خان اتلو، مريد ٿي واپس ٺٽي موٽي آيو، ان تي ڄام غصي ٿي ڪيس حڪم ڪيو تہ ضروري هجي تہ مهديءَ کي قتل ڪيو وڃي! پوءِ بہ دريا خان معاملي کي نهايت خوش اسلوبي سان منهن ڏنو؛ ايتري ۾ مهدي بہ پنهنجي خلاف وڌندڙ طاقت ڏسي، سنڌ مـان نڪرڻ جو فـيصلو ڪـيو. باوجود ان جي، مهدي کي، شاہ حيدر سنائي، وچولي سنڌ ۾ تمام گهڻو نقصان پهچايو (١٠).

ننڌي جي دور ۾، دريا خان بابت تاريخ ۾ اهو ئي ڪجهہ ملي ٿو. سنڌ جي هن عظيم فرزند، جيڪو سنڌ جو بااختيار وزيراعظم هو؛ سو ڪنهن بہ لحاظ سـان گهڻ محب وطن ڪونہ هو. هن بنا ڪنهن امـتيـاز جي سنڌ جي خدمت ڪئي. ان صورتحال ۾ هن ڪيئي رفـاہ عـام جا ڪم ڪرايا هوندا. ليـڪن تاريخ ان ڏس ۾ صـرف هڪ واقـعي جي نشـاندهي ڪئي آهي. تاريخ

طاهريءَ ۾ اچي ٿو:

"که دريا خان بر آباداني پرگنہ سانکوره وزمين ديگر
در دامن کوه و احاطہ شـهـر کنـده بـود فـرود آورد" (١١).

يعني تہ دريا خان لاڙ ۾ سـاڪري پرڳڻي ۽ متعلقہ ايريا جي آبادي لاءِ هڪ نهر کوٽائي هئي. افسوس جو مؤرخن جي، سستيءَ ڪري سنڌ جي هن سياستڪار جي خدمتن جو تفصيل معلوم نہ ٿا ڪري سگهون.

ڄام نندي جي دور ۾، وزيراعظم جي عزت توڙي عهدي ۾ ڪابہ ڪمي بيشي نہ ٿي. جڏهن ڄام ٩١٤ هہ جي ڪنهن مهيني ۾ گذاري ويو تہ، اهل ۽ اولاد، ملڪ توڙي مـال ڪيس سپاري ويو (١٢). هتي دريا خان شـهيد جو پهريون دور پورو ٿيو.

فيروز نندو هو انڪري سندس نالي ۾، حڪومت جو ڪارج دريا خان سنڀاليندو هو. هتان سندس لائيف جو ٻيو دور شروع ٿيو. هاڻي ڄام سنجر جي ڏوهٽي ڄام صلاح الدين بہ حڪومت جي دعوا ڪئي. پر دريا خان ٺٽي جي شـهرين جي حمايت سان ڪيس سنڌ مان تـڙي ڪـڍيـو. ان دور ۾ صلاح الدين، گجرات جي سلطان مظفر وٽ رهندو هو (١٣). ڪجهہ عرصي بعـد جڏهن فـيروز جوان ٿـيو، حـڪـومت جو ضـابطو ورتائين، تڏهن سندس اڪثر وقت حرم ۾ گذرندو هو. ٻاهر ايندو هو تہ، موقعي پرست ڪيس عوام کان ڪٽي رکندا هئا ۽ سندس چوڌاري ڪدڙا توڙي مسخرا گڏ ٿي ويندا هئا. هاڻي تہ دريا خان جي بہ حڪم عدولي ٿيڻ لڳي. انڪري دريا خان حڪومت کان ڪناره ڪش ٿي، اچي پنهنجي ڳوٺ ڳاها ۾ رهيو (١٤). مير علي شير لکي ٿو، "فيروز پوري خود مختياري ملڻ بعد، بيخبريءَجي حالت ۾ چور ٿي، عيش عشـرت کي لڳي ويو- دريا خان جي هٿ مان نڪري ويو. جنهن تي دريا خان پنهنجي جاگير ڳاهن ۾ وڃي گوشي نشين ٿي ويهي رهيو" (١٥).

دريا خان مملڪتي امور کان ڪڏهن گوشي نشيني اختيار ڪئي، هي خبر مؤرخن بلڪل نہ ٻڌائي آهي. اندازو آهي تہ هي واقعو ٩١٧ هہ يا ٩١٨هہ جي اوائل ۾ پيش آيو (١٦). دريا خان جي حـڪـومت مـان علحـدگيءَ جي خبر ملڪان ملڪ مشـهور ٿي تہ، ڄام صلاح الدين بہ ٺٽي تي ڪاهي آيو.

دريا خان جي حڪومت مان علحدگيءَ بعد ٺٽي جي صورتحال لاءِ مير معصوم ڪيڏو نہ صحيح لکيو آهي. لکي ٿو: "دريا خان جي علحدگيءَ بعد، ايڏي تہ بدنظمي پيدا ٿي جو، ٺٽي جي ماڻهن صلاح الدين کي خط موڪليو تہ هاڻي اچي حڪومت وٺو. اهو ٻڌي صلاح الدين گجرات جو لشڪر وٺي، تڪڙو تڪڙو درياءَ ٽپڻ لڳو. ڄام فيروز کي پنهنجا ماڻهو ٻئي پاسي کان ٺٽي مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا" (١٧). ان پريشاني واري ڪيفيت ۾، فيروز ماءُ سميت دريا خان وٽ سندس ڳوٺ پهتو ۽ ڪيل گناهن جي معافي وٺي ڪيس مدد لاءِ پڪاريو. دريا خان ڪجهہ حيلي ۽ ڪجهہ ويڙهہ سان، فيروز کي وري حاڪم بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيو (١٨).

دريا خان سان هن وقت بہ، سٺو سلوڪ نہ ڪيو ويو. پرالٽو مٿس ٺئي مغلن ۽ ارغونن کي ترجيح ڏني وئي، جيڪي سندس وقت ۾ شاهہ بيگ کان ڇڇي سنڌ ڏي آيا هئا. فيروز کي هي اميد ٿي تہ، ڏاريان، دريا خان جو نعم البدل ثابت ٿيندا. هنن جي رهڻ وارو علائقو اڄتي هلي تاريخن ۾ مغلواڙو سڏجڻ لڳو (١٩).

دريا خان جي پڇاڙي اچي ڇڪي هئي! شاهہ بيگ سنڌ تي حملو ڇو ڪيو؟ اهو جدا موضوع آهي. بهرحال مختصر هي تہ فيروز جي ڪيني پروري، ماڇي قبيلن جي دريا خان سان عداوت ۽ ڄامن جي گهرو ويڙهہ جو فائدو وٺي؛ شاهہ بيگ جيڪو قنڌار ۽ ڪابل مان تڙجي چڪو هو، تنهن سنڌ تي حملي جي ڀرپور تياري ڪئي. شاهہ بيگ کي ساڳئي وقت ڀاءُ جي خون جو پلاند بہ وٺڻو هو. سنڌ تي حملو ٿيو ۽ ارغون٩٢٧هہ ۾ ٺٽي پهتا. ١١ محرم تي سنڌين ۽ ڀناڻن ۾ ساموئي وٽ سخت لڙائي لڳي. جنهن ۾ سنڌين شڪست کاڌي ۽ دريا خان شهيد ٿي ويو. تاريخن ۾ هي واقعو "خرابي سنڌ" سان مشهور آهي. دريا خان جي شهادت جي صحيح تاريخ ١١ محرم ٩٢٧ هہ برابر ٢٢ ڊسمبر ١٥٢٠ع آهي (٢٠). دريا خان ميدان تي، معرڪو ڪيئن ڪيو، ان متعلق تاريخن ۾ اچي ٿو:

معصومي: "ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ سخت جنگ لڳي جنهن جي شرح کان قلم جي زبان قاصر آهي".

بيگلارنامو: "دريا خان مردانگي ۽ سرداريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. جنگ ڪندي مغلين لشڪر جي هٿ لڳو ۽ قتل ٿي ويو".

طاهري، "تن پهرن جي جنگ ڪانپوء، گلي ۾ تير لڳڻ ڪري شهيد ٿيو".

ترخان نامو: "شاه بيگ چام نندي جي پٽيلي دريا خان سان جنگ ڪئي. اهڙي جنگ لڳي جنهن جي شرح ڪان زبان قاصر آهي".

تحفتہ الڪرام: "دريا خان پاڻ ڪن ڳاڻ ڳڻين ماڻهن سان گڏ، خوب هٿ پير هلائي قتل ٿي ويو" (٢١).

مٿي آيل بيانن مان واضح ٿيو تہ جڏهن سنڌ تي ڏکيو وقت آيو تڏهن، دريا خان وڏي دشمن کي منهن ڏنو ۽ ان ويڙهہ ۾ پنهنجو سر گهوري سرهو ٿيو. ان بعد سنڌ جي حالت ڇا ٿي؟ اها ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي.

دريا خان جيئن مٿي آيو، پنهنجي ٺهرايل مقام ۾ دفن ٿيو. علي شير قانع سندس مدفن گاه کي، اهل الله جي زيارتگاه سڏيو آهي. راشدي صاحب جو خيال آهي تہ دريا خان کي پنج پٽ هئا، جن جا نالا هن ريت هئا- سارنگ خان، علاؤ الدين، محمود خان، احمد ۽ مٺڻ خان (٢٢). سندس پٽ بہ، دريا خان جهڙا بهادر ۽ وطن پرست هئا. هنن ارغونن سان، ڪافي معرڪا ڪيا.

## حوالا ۽ واڌارا

(١) قانع علي شير "مڪلي نامه"، تحت چام نظام الدين، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع.

(٢) مير معصوم "تاريخ معصومي"، از امير احمد مخدوم، ص ١١٢.

(٣) ساڳيو حوالو.

(٤) "تاريخ طاهري"، ص ٥٤ - ٥٦، ايڊٽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

(٥) برٽن "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، ص٢ - ١٢١، مترجم محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٧١ع.

(٦) "مڪلي نامہ"، ص ١٧٦کان ١٨٩.

(٧) "ترخان نامه"، نسب نامه ايف، ۽ "مڪلي نامه"، ص ١١١، ايڊٽ سيد

حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ.
(٨) "مڪلي نامه"، صہ ١١٠ - ١١٢.
(٩) "تحفة الڪرام"، مترجم مخدوم امير احمد، صہ ١٤١، سنڌي ادبي بورڊ.
(١٠) ٽہ ماهي "مهراڻ"، ١٩٧١ / ٣، مقالو از حامد علي قريشي.
(١١) "تاريخ طاهري"، صہ ٥٨، بورڊ ايڊيشن.
(١٢) "تاريخ طاهري"، صہ ٥٦، ۽، "تحفة الڪرام"، صہ ١٤١.
(١٣) "تاريخ معصومي"، صہ ١١٤، ۽ "تحفة الڪرام" صہ ١٣٧.
(١٤) "تاريخ معصومي"، صہ ١١٥.
(١٥) تحفة الڪرام، صہ ١٧٢، اردو ڇاپو.
(١٦) راشدي صاحب، هن حملي جو سال ٩١٨ هہ جي آخر يا ٩١٩ هہ جي شروعات ٻڌايو آهي (ڏسو: مڪلي نامه، صہ ١١٥).
(١٧) "تاريخ معصومي"، صہ ١١٥ ۽ ١١٦.
(١٨) "تحفة الڪرام"، صہ ١٣٧.
(١٩) "تحفة الڪرام"، صہ ١٣٧.
(٢٠) ايضاً، صہ ١٣٩.
(٢١) "معصومي" ص ١٥٣ ۽ ١٥٤؛ "بيگلارنامه"، صہ ٣ ۽ ٤ (مترجم محمد صديق ميمڻ)؛ "تاريخ طاهري"، صہ ٣٨؛ "ترخان نامه"، صہ ١٨ ۽ ١٩؛ ۽ "تحفة الڪرام"، صہ ١٣٩.
- گجرات جي هڪ عربي مؤرخ، ڄاڻايو آهي تہ، دريا خان ننڍي ۽ ڏوه سان قتل ٿيو (مڪلي نامہ، صہ ٨٩ ۽ ٩٠).
(٢٢) "مڪلي نامه"، صہ ١٠١ ۽ ١٠٢.
نوٽ: هي مقالو لنڍي جي هڪ همراهہ ١٢ ڊسمبر ١٩٨٩ع جي عوامي آواز اخبار ۾ اکر بہ اکر نقل ڪري پنهنجي نالي ۾ ڇپرايو.
(ماهنامہ "الرحيم" مارچ - اپريل ١٩٧٩ع؛ ۽ "مڪلي پبليڪيشن ٺٽي جي پهرئين ڪتاب" "دولهہ - درياخان" ۾ آگسٽ ١٩٨٥ع ۾ وري ڇپيل).

# ڇا دريا خان ۽ مبارڪ خان
# ٻہ الڳ شخص آهن؟

اداري سنڌالاجي سال ١٩٧٢ع ۾ "ارغونن ۽ ترخانن جي تاريخ"، نالي هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ شايع ڪيو آهي.هي ڪتاب مير معصوم جي "تاريخ معصومي" (تاليف ١٠٠٩هہ)، جي آخري ٻن بابن جو ترجمو ۽ شرح آهي؛ جنهنجي تيار ڪرڻ تي ايم. ايڇ. صديقي صاحب کي مئنچيسٽر يونيورسٽي، ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني آهي (١). فاضل محقق، مير معصوم جي غلطين جي اصلاح ڪندي، ڪتاب تي پنهنجي طرفان ڏاڍا قيمتي حاشيا ۽ نوٽ درج ڪيا آهن. بهرحال هڪ نوٽ ذريعي، سمن جي سلطنت جي هڪ سورمي "دولهہ دريا خان" (٢)، متعلق غلط بياني ڪندي لکيو آهي تہ-

"درياخان ۽ مبارڪ خان ٻہ الڳ شخص آهن" (٣).

بعد ۾ پنهنجي راءِ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ لکي ٿو.

١. مبارڪ خان، ڄام ننڍي جو وزير هو، جيڪو هڪ پيري شاه بيگ سان وڙهيو هو (طبقات ١١١، فرشتہ، ماثر رحيمي).

٢. سنڌس ذڪر فيروز جي وقت ۾، نہ ٿيو آهي شايد اڳ مري ويو هجي؟

٣. تاريخ طاهري مبارڪ خان ۽ دريا خان جو الڳ الڳ ذڪر ڪيو آهي (۴).

محترم صديقي صاحب جي هيءَ راءِ تہ، دريا خان ۽ مبارڪ خان ٻہ الڳ الڳ شخص آهن- جي ڇنڊڇاڻ ۽ هن سنڌي سورمي متعلق، تاريخي ۽ حقيقي توڙي درست اڀياس لاءِ؛ اسين پنهنجي مقالي جي ٽن مکيہ ڀاڱن - (الف) دريا خان ۽ مبارڪ خان ٻہ الڳ شخص آهن (ب) دريا خان نالو ۽ مبارڪ خان لقب (ج) ڀڃاڻي ۽ نتيجو.

هيٺ موضوع جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪنداسين.

## (الف) دريا خان ۽ مبارڪ خان ٻہ الڳ شخص آهن؟

هن ڀاڱي کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري بحث ڪجي ٿو.

١. مبارڪ خان ڄام ننڍي جو وزير هو، جيڪو هڪ پيري شاه بيگ سان وڙهيو هو؛

فاضل محقق ٻڌائي ٿو تہ، مبارڪ خان، ڄام نندي جو وزير هو ۽ هڪ پيري شاه بيگ سان وڙهيو هو. هت اسين مذڪوره جنگ، ان جي ممڪنہ سال، سنڌي قيادت ۽ خود ڄام ۽ دريا خان وچ ۾ ڪنهن سماجي ناتي جي ٻہ تلاش ڪنداسين. هن جنگ متعلق ٻاهرين مؤرخن (طبقات، فرشتہ ۽ ماثر رحيمي)، اڪثر ڪري ڏڪيبازي ڪئي آهي ۽ مبارڪ خان کي صرف ڄام جو امير سڏيو آهي- ان ڪري مقامي تاريخن تي، هنن جي بيان بازي قابل قبول ڪانهي. هنن ٻاهرين تاريخدانن جا مذڪوره بيان، سيد حسام الدين راشدي صاحب مڪلي نامه ۾، ص ١٧٨ کان ١٨١ تائين ڏنا آهن؛ جيڪي اتي ڏسڻ گهرجن. اسانجي سنڌي مؤرخن مان، آڳاٽي دور ۾ مير محمد معصوم ۽ مير علي شير قانع، ڄام نندي جي دور ۾ سبي ۽ ڪن ٻين حصن تي، ارغونن جي حملي جو ڏس پتو ڏنو آهي. مير معصوم هن حملي متعلق ٻہ اقتباس ڇڏيا آهن.

(i) ڄام نظام الدين جي حڪومت جي پوين ڏينهن ۾ شاه بيگ جي لشڪر قندار کان اچي اڪڙي، چانڊڪي ۽ سيديڇي م ڦر ڪئي. ڄام هڪ وڏو لشڪر مغلن جي فساد بند ڪرڻ لاءِ ڇاڙهي موڪليو، جن جلوگير نالي مشهور ڳوٺ وٽ اڳ وٺي سخت لڙائي ڪئي. انهيءَ لڙائيءَ ۾ شاه بيگ جو ڀاءُ قتل ٿي ويو ۽ ٻيا شڪست کائي قندار موٽي ويا ۽ ڄام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ وري سنڌ ۾ نہ آيا (٥).

هاڻي سوال ٿو اڀري تہ، سنڌي قيادت ڪنهن جي هٿ ۾ هئي؟ هيٺين اقتباس ۾ مير معصوم ان جو جواب ڏنو آهي، پر ان ۾ ابوالمحمد جو زندهہ ڏيکارڻ، البتہ منجهائيندڙ مسئلو آهي.

(ii) نيٺ سنڌ جي فتح ڏانهن رخ رکيائون ۽ پيهر وچي ڪوٽ ماڇين ۽ چانڊڪي ۾ ڦرلٽ ڪيائون. انهيءَ سال ٺٽي جي حاڪم ڄام نندي جو پٽيلو دريا خان اوچتو وڏو لشڪر وٺي سبي ويو. شاه بيگ انهن ڏينهن ۾ زرهي ۽ سيستان ڪاهي ويو هو. مغلن ۽ سنڌين جي وچ ۾ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ ابوالمحمد مرزا شهيد ٿي ويو. روزي بيگ ۽ ٻيا ٿورا ارغون ۽ هزاري جا ماڻهو، جيڪي پوئتي رهيل هئا، تن انهيءَ جنگ ۾ مقابلو ڪيو ۽ سنڌي ٺٽي

واپس موٽي ويا (٦).

پهرئين اقتباس ۾ مير صاحب لڙائيءَ ۾ شاه بيگ جي ڀاءُ جي قتل جو اشارو ڪيو آهي ۽ مغلن جي شڪست توڙي سنڌين جي فتح جو ڪليو اقرار ڪندي، هي تسليم ڪري ٿو تہ ڄام نندي جي دور حڪومت ۾ ارغونن کي وري سنڌ تي حملي جي جرئت نہ ٿي. خبر نہ آهي تہ چاليهہ صفحا وڌيڪ لکڻ بعد، مير معصوم کي ارغونن سان ڪنهن ناتي نباهڻ جو خيال ڇو پيدا ٿيو، جو ابوالمحمد "شهيد" بہ سڏيو، ارغونن مقابلو ڪئيو ۽ سنڌين وري شڪست کائي پويان پير ڪيا! ڏک صرف هي آهي تہ تازي دور ۾، ايم. ايچ. صديقي صاحب پڻ، ميرجي پهرئين اقتباس کي نظر انداز ڪندي، ٻئي اقتباس جي تقليد ڪري سنڌين لاءِ لفظ "ياج" [RETREAT] ڪم آندو آهي (٧).

حقيقت ۾ هي هڪ ئي واقعو آهي، جنهن کي مير معصوم خبر نہ آهي تہ ڇو دوباره لکڻ وقت منجهائي ڇڏيو؟ بهرحال واقعي جي دهرائڻ سان هي خبر چڱيءَ طرح پئجي وڃي ٿي تہ، ڄام نندي جي دور ۾، ارغونن جي حملي کي کهڙي سنڌي سورهيہ ۽ سپوت ناڪام بنايو؟

مذڪوره جنگ، سنڌي قيادت ۽ ارغونن جي عبرتناڪ شڪست متعلق، مير علي شير قانع وري هن ريت رقم طراز آهي:

..... در زمان او شاه بيگ از قندهار آمده موضوع اڪري و چندوڪه وسنديچه را تاخت نمودند. ڄام لشڪر عظيم فرستاده تا جنگ دادند وبرادر شاه بيگ بڪار آمده برگشتند. وديگر در حيات ڄام خيال اين طرف نڪردند....(٨).

هي اقتباس مقالات الشعرا ۾ آهي. ٻئي هنڌ مير صاحب هن جنگ متعلق لکيو آهي.

..... سندس پويان، دريا خان، سيويءَ تائين ڪاهي ويو. ۽ سخت لڙائي ڪري، شاه بيگ جي ڀاءُ ابو محمد مرزا کي ڪهي فتح سان موٽي آيو. هن جي ڏينهن ۾ شاه بيگ وري سنڌ تي لشڪر نہ موڪليو..... (٨-الف).

مٿين اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ڄام نندي جي دور ۾، ارغونن

صرف هڪ دفعو سنڌ تي ڪاه ڪئي هئي. ذلت آميز شڪست کائڻ بعد، هنن وري ڄام جي حياتيءَ ۾، سنڌ تي حملي جي همت نہ ڪئي. صديقي صاحب جنهن جنگ ۾، مبارڪ خان جو ذڪر ڪيو آهي؛ اها ساڳي لڙائي آهي جنهن لاءِ مقامي تاريخ ۾، سنڌي جوڌي جو نالو دريا خان آيو آهي.ان کان علاوه ٻہ، اڳاتا تورڙي هاٿوڪا مؤرخ ۽ محقق، ان تي متفق آهن تہ ڄام نندي جي دور ۾ ارغونن صرف هڪ دفعو سنڌ تي ڪاهيو هو، نہ ڪي متعدد ڀيرا هنن پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پي ڪاهيو (٩). متين بحث ۾ اقتباسن مان، هن خيال جي تصديق ٿئي ٿي تہ، دريا خان ۽ مبارڪ خان هڪڙوئي شخص آهي. تازين ڪوجنائن موجب، ارغونن ٨٩٢ هہ / ١٤٨٦ع ۾، سبي تي حملو ڪيو ۽ هي شهر بهادر خان کان کسي ورتو (١٠). ان بعد سنڌين ۽ ارغونن ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي. آخرڪار سنڌين مبارڪ خان جي سالاري هيٺ، سبي شهر سن ٨٩٥ هہ /١٤٨٩ع، ڌاري پٺاڻن کان واپس ورتو. ان کان علاوه مذڪوره اقتباسن ۾، مبارڪ خان عرف دريا خان کي، ڄام نندي جو پٽيلو پڻ سڏيو ويو آهي.

٢. شايد مبارڪ خان، فيروز کان اڳ مري ويو هو:

محترم صديقي صاحب پنهنجي خيال (تہ - دريا خان ۽ مبارڪ خان ٻہ الڳ شخص آهن) کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ؛ هي راءِ ڏني آهي تہ، مبارڪ خان فيروز جي دور کان اڳ مري ويو هو. سندس هي راءِ پڻ، تاريخي خيال کان درست ڪانهي.

ڄام نندي جي دور ۾ ارغوني حملي، سنڌي قيادت ۽ سنڌين ڀاران حاصل ڪيل سوڀ ۽ ان جو سن مٿي اچي چڪو. مبارڪ خان ان جنگ ۾، نہ تہ ياڄ ڪاڏي نہ شڪست ۽ نہ وري شهادت پاتي. ٻي صورت ۾ مغليہ تاريخدان ان جي آڙ وٺي، اسان جي هن سورمي ۽ تاريخ کي بدنام ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائين ها. هي مبارڪ خان عرف دريا خان، پوءِ فيروز جي دور ۾، شاه بيگ سان وڙهي، ميدان ملهائي سنڌ تان سرگهوري سرهو ٿيو؛ جيئن مقامي تاريخن ۾ اچي ٿو. ان ڏس ۾ مذڪوره واقعن ڏي، اشارا دريا خان جي مدفن واري ڪتبن ۾ اچن ٿا؛ جيڪي اسان هيٺ مناسبت آهر

ڏيندااسين. هت اسين رڳو هي چونداسين تہ، مبارڪ خان پوءِ بہ زنده هو ۽ اهو خيال ڪرڻ تہ هو فيروز کان اڳ مري ويو هو، محض خام خيالي آهي. (١١)

٢. تاريخ طاهري درياخان ۽ مبارڪ خان جو الڳ الڳ ذڪر ڪيو آهي:

هيڏ فاضل محقق جي هن راءِ تہ، تاريخ طاهريءَ ۾ دريا خان ۽ مبارڪ خان جو الڳ الڳ ذڪر ڪيو ويو آهي، جو مطالعو خود ڪتاب جي مطالعي ۽ ان ڏس ۾ مذڪوره اقتباس جي ڇنڊڇاڻ جي آڌار تي ڪيو ويندو. مندرجات ڪتاب (فهرست - تاريخ طاهري) ۾ "طبقه دويم" اندر جن موضوعات جي فهرست آهي، ان ۾ هڪ مضمون جو عنوان آهي-

"تربيت داشتن جام ننده دريا خان را کہ از لکهدير گرفته".

اڳتي مصنف جڏهن صفحي چوونجاه تي، هن موضوع تي قلم کاهي ٿو، تڏهن بہ عنوان ساڳيو لکي ٿو. البتہ تفصيل ۾ ويندي مير طاهر محمد صرف ايترو لکي ٿو تہ، جام نندي لکدير کان غلام زادو "قبوليو" نالي ورتو ۽ سٺي تربيت بعد کيس "مبارڪ خان" خطاب ڏنائين (١٢). موضوع مان خبر پوي ٿي تہ مصنف کي اصل حقيقت جي باري ۾ پوري پوري ڄاڻ هئي. پر جيئن تہ پاڻ پنهنجي ڪتاب کي آخري طرح مرتب نہ ڪري سگهيو (١٣)، انڪري دريا خان ۽ مبارڪ خان بابت واضح ۽ چٽو بيان بہ رڪارڊ تي آڻي نہ سگهيو ۽ معاملو گڏيل رهجي ويو.

ان کان علاوه عقلي دليل بہ هي آهي تہ، عنوان تي آيل دريا خان جيڪو لکدير کان ورتو ويو ۽ خصوصي تربيت ڏيس، سوئي مبارڪ خان بہ آهي تہ دريا خان بہ- نہ ڪي ديوان لکدير کان قبوليہ نالي مبارڪ خان بہ ورتائين ۽ قبوليہ نالي دريا خان بہ! باوجود ان جي هي تاريخ پڙهڻ سان، ازخود معلوم ٿيوويجي تہ، نہ طاهر محمد دريا خان ۽ مبارڪ خان بابت الڳ الڳ باب ڏنا آهن، ۽ نہ وري سندن علحده تفصيل ڏنو ويو آهي.

## (ب) دريا خان نالو ۽ مبارڪ خان لقب

هن ڀاڱي کي بہ ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري بحث ڪبو.

١. تاريخ معصوميءَ کان تحفة الڪرام تائين:

هت ڏسڻو آهي تہ، سنڌ جي فارسي تاريخن ۾، هن عظيم سنڌي سورمي

متعلق ڇا آيو آهي.

● تاريخ معصومي (١٠٠٩ هه / ١٦٠٠ع)

هي سنڌ بابت لکيل فارسي تاريخن مان، هڪ آڳاٽو ۽ جهونو ڪتاب آهي؛ جيڪو ظاهر ۾ ته، مير محمد معصوم پنهنجي پٽ مير بزرگ جي چاهه ۽ هدايت لاءِ تصنيف ڪيو. هن ڪتاب ۾ قديم دور کان ڪري سنڌ جي مغليہ غلاميءَ تائين، ڏيهي حالتن تي سٺي روشني وڌل آهي. مير صاحب ارغوني دور جي، سنڌ جي مشاهيرن جو الڳ ذڪر پڻ، هن تاريخ ۾ ڪيو آهي؛ ليڪن افسوس جو دريا خان بابت پ اڪر جدا لکڻ لاءِ سندس قلم چيو نہ ڪيو. بهرحال مير معصوم جي اڳ ڏنل اقتباس سان گڏ، هي ٻہ ٻيا ٽڪرا بہ پڙهڻ وٽان آهن. لکي ٿو:

"........ نيٺ سنڌ جي فتح ڏانهن رخ رکيائون ۽ پيهر وڃي ڪوٽ ماڇين ۽ چانڊوڪہ ۾ قرلٽ ڪيائون. انهيءَ سال ٺٽي جي حاڪم جام نندي جو پٽيلو دريا خان، اوچتو وڏو لشڪر وٺي، سيويءَ ويو......" (١٤).

...... جام نندي جو پٽيلو دريا خان، جام فيروز کي ٺٽي ۾ ڇڏي، وڏو لشڪر ساڻ ڪري، لڙائيءَ لاءِ نڪتو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ اهڙي سخت لڙائي لڳي جنهن جي شرح ڪان قلم جي زبان قاصر آهي....." (١٥).

آهي ڪو فرق؟ اهو ئي دريا خان جيڪو نندي جي دور ۾ سبيءَ جي ويڙهہ ۾ شريڪ ٿيو ۽ سندس هٿان ابوالمحمد [ڪي سلطان محمد بہ لکن ٿا] مرزا قتل ٿيو ۽ اهوئي دريا خان، فيروز جي دور ۾ بہ شاه بيگ کي سامهون ٿيو ۽ وڏي ڳالهہ تہ مير صاحب سبيءَ جي حملي کان ڪري ساموئيءَ جي ويڙهہ تائين؛ ڪيس جام نندي جو وزير ۽ امير نہ، بلڪہ پٽيلو سڏي ٿو.

● بيگلار نامه ( ١٠١٧ هه / ١٦٠٨ع)

"...... اوچتو نواب شاه بيگ ارغون زبردست لشڪر ساڻ ڪري سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ جبل لتاڙي سنڌ وندي اڪري ساموئي شهر ۾ دريا خان سان اچي جنگ ڪيائين، جو جام نظام الدين جو هڪڙو بهادر امير هو. آخرڪار دريا خان مغلن جي هٿ لڳو ۽ قتل ٿي ويو" (١٦).

● تاريخ طاهري (١٠٣٠ هـ / ١٦٢١ع)

درياخان متعلق، پهريون ۽ تفصيلي ماخذ، مير طاهر محمد جو هي ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ دريا خان عرف مبارڪ خان بابت، آيل اصل حقيقت جي اڳ ۾ چندپاڻ ڪئي وئي آهي. سنڌ جي هن سورمي بابت هيٺ ٻه اقتباس، هن ڪتاب مان وڌيڪ ڏجن ٿا، جيڪي هن بحث جي ڏس ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا-

"........ هن کي پنهنجي پٽن ۽ عزيزن کان به وڌيڪ اهميت ۽ عزت ڏنائين ٿي."

".....پوءِ جڏهن جام نندي وفات ڪئي، تڏهن حڪمران ته فيروز ٿيو پر حقيقي بار سندس منهن بولئي پٽ مبارڪ خان (دريا خان) جي سر تي وڌو ويو، جنهن کي مٿي آيل جملي موجب جام پنهنجن پٽن ۽ عزيزن کان به وڌيڪ سمجهندو هو. هيٺ اصلي اقتباس ڏجي ٿو-

[ و فيروز بجاي پدر گشت، روباد بار آن نهال پربار، پرورده پدر يعني دريا خان آورد ] (١٧).

● تاريخ مظهر شاهجهاني (١٠٤٤هـ / ١٦٣٤ع)

هي ڪتاب بنيادي طرح، سنڌ جي مغل دور جو ماخذ آهي، پر ڪٿي ڪٿي سمن، ارغونن ۽ ترخانن متعلق، اشاراتي مواد به مليو وڃي. دريا خان جو ذڪر ڪندي، ميرڪ يوسف لکي ٿو-

"...... سنڌ جي والي جام نندي (جام نظام الدين) جي زماني ۾ چاڳلا نالي هندو وزير کي جام نظام الدين جي پٽيلي دريا خان سان گڏجي سيوهڻ موڪليو ويو هو. جنهن هتي اچي باراني پاٽيءَ تي وهندڙ ساوه (ساوي) واري واه کي وهايو هو" (١٨).

● ترخان نامه ( ١٠٦٥هـ / ١٦٥٤ع)

سيد صاحب، دريا خان متعلق لکي ٿو-

.... جام نندي جو منهن بوليو پٽ دريا خان، فيروز کي ٺٽي ۾ ڇڏي وڃي لشڪر کي (ارغون) سامهون ٿيو. ٻنهي ڌرين ۾ اهڙي لڙائي لڳي، جنهن جي شرح جي قلم کي طاقت نه آهي" (١٩).

متين اقتباسن مان هي معلوم ٿئي ٿو ته، چئن ئي مؤرخن جا دريا خان بابت ساڳيا خيال ۽ جذبا به هڪجهڙا آهن. مقصد ساڳيو ۽ لفظي صنعت گيري به يڪسان آهي. دريا خان نه رڳو ننڍي جو امير- وزير هو، پر سندس پياري ۾ پيارو ۽ منهن ٻوليو پٽ پڻ هو. هاڻي اسين "تحفة الڪرام" کي ڏسنداسين،جنهن جي مصنف هن موضوع تي قدري دانشمندي ۽ سوچ ويچار سان قلم کاهيو؛ ۽ جنهن کي ئي حال ۾ صديقي صاحب رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

● تحفة الڪرام (۱۱۸۱هه / ۱۷٦۷ع)

دارالحڪومت ۽ سنڌ جي بين الاقوامي شهر، ٺٽي ۾ مير علي شير قانع، تحفة الڪرام جهڙو شاهڪار ڪتاب اٺن سالن ۾ (۱۱۸۱- ۱۱۸۸ هه) لکي پورو ڪيو. گمان آهي ته، صديقي صاحب واري سوچ، مير قانع کي به ذهن ۾ هئي. انڪري هن مڪليءَ جو ديدار به ڪيو، ته مختلف تاريخن کي به پڙهيو. طويل غور ۽ فڪر بعد، مير صاحب آخر ڪار هي راءِ قائم ڪئي ته، دريا خان ۽ مبارڪ خان به الڳ شخص ڪونهن؛ پر هڪ ئي شخص آهي جنهنجو نالو دريا خان ۽ لقب مبارڪ خان هو. اهوئي سبب آهي جو، هن جي حوالي کي پوءِ جي سڀني تاريخدانن، بنا ڪنهن هٻڪ جي پي ڪنيو آهي. مٿي ڏنل ٽڪرن کان علاوه، مير قانع جا هي ٻه اقتباس به ذهن ۾ رکڻ لائق آهن-

"..... ڪانئس پوءِ "ڄام فيروز" ولد ڄام نظام الدين تخت تي ويٺو. هيءُ ننڍيءَ عمر جو هو، تنهنڪري ڄام نظام الدين جي وصيت موجب، سندس استاد ۽ مدار المهام ڄام نظام الدين جو پٽيلو "دريا خان" مقرر ٿيو".

"..... مطلب ته ڄام ڪيس پٽ سڏيندو هو ۽ فوت ٿيڻ کانپوءِ پنهنجو پٽ ڪيس سپاري ويو هو" (۲۰).

مير علي شير مرحوم، پنهنجي هن اهم ڪتاب ۾، سمن جي دور جي اميرن جي ذڪر ۾ "دريا خان" عنوان تحت، جيڪو بيان ڏنو آهي؛ اهو ئي اسان جي بحث لاءِ ۽ صديقي صاحب جي راءِ کي رد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. لکي ٿو؛

پهريائين "قبوليو" نالو هوس. ڄام نظام الدين جي وزير "لڪدير" يا "لڪسير" جو غلام هو. چون ٿا ته اصل ۾ سيد زادو هو. هڪ گشت ۾ ڄام سندس ذاهپ ڏسي، کيس وزير ڪان حاصل ڪيو. کيس "دريا خان" نالو ڏئي، تربيت ڪري بلند درجي تي رسائي، مدارالمهام ۽ امير الامرا ء مقرر ڪيائين. ڄام ننڍي اڳتي هلي کيس "مبارڪ خان" لقب ڏنو......" (٢١).

## ٢. مبارڪ جو مدفن گاه:

پنهنجن عزيزن، قريبن ۽ اهل اولاد سميت، دريا خان شهيد پنهنجي ئي ٺهرايل مقام ۾ دفن آهي؛ جنهن جاء کي پوء مير علي شير اهل الله جي زيارتگاه سڏيو. موجوده دور ۾ اهل دل بزرگن کان علاوه، دريا خان جي تربت سنڌجي تاريخ مان اتساه وٺندڙن لاء پڻ هڪ مکيه مرڪز آهي. دريا خان جو مدفن گاه، سمن سلطانن جي مقبرن جي اولهه ۾، مڪليء تي آهي. دريا خان (مبارڪ خان) پنهنجي مدفن گاه جو احاطو، جمادي الاول ٨٩٥ هه / مارچ ١٤٩٠ع ۾ ٺهرائڻ شروع ڪيو؛ جنهن کي پوء سندس پٽ احمد، سن ٩٢٨هه / ١٥٢١ع ۾ سندس شهادت کانپوء ٺهرائي مڪمل ڪيو (٢٢). مدفنگاه جا ڪتبا هيٺ ڏجن ٿا، جيئن هي چٽو ٿي سگهي ته- دريا خان ۽ مبارڪ خان - اصل ۾ هڪ ئي شخص آهي.

- هي ڪتبو اوير واري دروازي جي ٻاهرين پيشانيء تي ڏنل آهي؛

"هذاالمقام في زمان خان الاعظم ميان مبارڪ خان بن سلطان نظام الدين شاه". سخي حبيب الله

"آغاز بنياد من جماد الاول سنه خمس و تسعين و ثمانمائة".

- ڏاکڻي دروازي جي ٻاهرين پيشانيء تي ڪتبو هن ريت آهي؛

"قال النبي صلي الله عليه وسلم اذا تحيرتم في الامور والستعينو من اهل القبور". صدق يا رسول الله.

"هذاالمقام بامرخان الاعظم مبارڪ خان بن سلطان نظام الدين شاه بن صدرالدين شاه بن صلاح الدين شاه بن سلطان رڪن الدين شاه وهوالمظفر علي مغلان الهري والقندهار".

- ڪتبه، قطب الدين بن محمود- احمد بن دريا خان غفر الله له".

● دريا خان جي تربت تي سيرانديءَ کان هي ڪتبو آهي:

يا الله

هذا مرقد المعطر

للخان الاعظم

شهيد مبارک خان

ابن سلطان نظام الدين (٢٣).

هن ڪتبن جو اڀياس ٻڌائي ٿو ته، هن سنڌي سپهه سالار کي مبارڪ خان کان علاوه هڪ وڏيڪ لقب خان الاعظم پڻ مليل هو. ان ڪانسواءِ سبيءَ تي هراتي قبضي (٨٩٢ هه) جي خاتمي لاءِ، مبارڪ خان سنڌي لشڪر جي قيادت ڪري، مغلن کي شڪست (٨٩٥ هه) ڏني. ٽيون ڪتبو ان حقيقت جي تصديق ڪري ٿو ته مبارڪ خان جو نالو دريا خان هو. ڪجهه محققن ڪتبن جي سرسري اڀياس بعد، هي راءِ قائم ڪئي ته، سنڌ جو هي تاريخي مدفن گاهه سن ٨٩٥ هه ۾ تيار ٿيو هو. ڊاڪٽر عبدالغفور صاحب ٽئين ڪتبي جي اکر غفر الله له جي آڌار تي، هي راءِ ڏني آهي ته، دريا خان جي شهادت (٩٢٧ هه) بعد، سندس پٽ احمد ٩٢٨ هه / ١٥٢١ع ۾، هن مقام جي اڏاوت پوري ڪرائي ۽ ان تي قطب الدين بن محمود نالي ڪاتب کان، ڪتبه لڪائي نصب ڪيا ويا (٢٤).

مير علي شير قانع پڻ مڪليءَ تي هن بزرگ جي تربت جي زيارت بعد لکيو هو ته:

"٩٢٧ هه ۾ شاهه بيگ جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو. مڪليءَ ۾ دفن ٿيل ۽ اهل الله جي زيارتگاهه آهي) (٢٥).

مرحوم مرزا صاحب به لکي ٿو:

"سن٩٢٧ هه ۾ شاهه بيگ جي لشڪر هن کي ماريو. مڪليءَ تي رکيل آهي" (٢٦).

٣. اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي مکيه محققن جا رايا:

محترم صديقي صاحب، پنهنجي هن ڪتاب جي تياري لاءِ، ڪوزنس، برٽن ۽ هيگ- جي ڪتابن کي گهڻو ڪتب آندو آهي، پر پوءِ به دريا خان ۽

مبارڪ خان کي ﭴ شخص سڏي ٿو. هيٺ اسين اوٺيهين ۽ ويهين صديءَ جي مکيہ محققن جا رايا ڏينداسين.

● رچرڊ برٽن

" چاڪر نندي کي ٻار ڪين ٿيندو هو، تنهن ڪري هن گـود جي هڪ ٻار ونڻ جو خيال ڪيو. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي، ڏنائين تہ هڪ ريڊار جو ٻار وڻ هيٺان سمهيو پيو آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهيءَ کي جاچيندو رهيو. ڏنائين تہ ٻار جي مٿان ڇانو ئي ڇانو بيٺي آهي. سمجهيائين تہ هي غيب جي نشاني آهي ۽ ٻار وڏيءَ ڳالهہ وارو ثابت ٿيندو، تنهنڪري هن کي ڪٽي گود ۾ ورتائين ۽ نالو رکيائينس دولهہ دريا خان. خان ساماٺندي ئي نالو ڪڍيو. گهڻائي بهادريءَ جا ڪم ڪيائين ۽ سنڌ جي آسپاس وارا ملڪ فتح ڪيائين. آخر قنڌار ونڻ جو ارادو ڪيائين ۽ ان ۾ ﭴ ڪامياب ٿيو" (٢٧).

● ميجر هيگ

"..... چاڪر نندي سبيءَ جي واپسيءَ لاءِ، دريا خان جي اڳواٽيءَ ۾، جنهنکي هاٽي مبارڪ خان جو لقب مليل چڪو هو؛ زبردست لشڪر موڪليو تہ هو ڌارين کي ملڪ مان ڪڍي. دريا خان ارغونن کي شڪست ڏني ۽ چاڪر نندي جي دور ۾ هو وري سنڌ ۾ داخل نہ ٿيا" (٢٨).

● مرزا قليچ بيگ

"..... جڏهن چاڪر کي اها حقيقت معلوم ٿي، تڏهن هن جي سياٽپ پسند آيس ۽ ان مهل پٽسا ڏيئي هن جي ٻانهن لکدير ڪان ورتائين ۽ دريا خان نالو ڏنائينس. سگهوئي وڏي درجي کي پهتو، بلڪ دلشاد وزير ڪان ﭴ لنگهي ويو ۽ مدارالمهام ۽ اميرالامرا ٿيو ۽ مبارڪ خان خطاب مليس" (٢٩).

● ڊاڪٽر دائود پوٽو

".... دريا خان، جنهن کي مبارڪ خان جو لقب مليل هو" (٣٠).

● ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

"قبوليہ نالي ڇوڪرو، جنهنکي دريا خان لقب ۽ خطاب مبارڪ خان ڏنائين، بلڪہ چاڪر نظام الدين کيس پنهنجو پٽ سڏيو" (٣١).

● سيد حسام الدين راشدي

"دريا خان ابتـــــدا ۾ هڪ لاوارث ڇوڪرو هو. بـادشــــاهہ منجهس ڪارڪردگيءَ جا جوهر ڏٺــا، پاڻ وٽ آڻي سندس پرورش ڪيـائين ۽ اعــلا پيـــمـانـي تي تربيت ڪري، مـــعــمــولي مــلازم جي درجي تان چاڙهي ڪــيس وزيراعظم جي عهدي تائين وڃي رسايو. سنڌ جي فوجن جي سپهہ سالاري بہ سندس سپرد هئي. مبارڪ خان ۽ خان اعظم جا خاصا خطاب ڏيئي، سندس مرتبو بلند ڪري آخر ۾ ڪيس پنهنجي فرزنديءَ سان سرفراز ڪري عروج ۽ اقبال منديءَ جي آخري منزل تي پهچايائين" (٣٢).

● مولائي شيدائي

"قــبـولئي نالي ڇوڪرو، جو پنهنجي ســمـجهـہ، ايمانداري ۽ وفـاداريءَ ڪري، پهريان مبارڪ خان ۽ پوءِ دريا خان جي لقب سان ممتاز ٿيو. تنهن تي ڄام نندي کي ايترو تہ ڀروسو هو، جو حڪومت جي وڏن اهم معاملن ۾ بہ دريا خان کان مشورو وٺندو هو" (٣٣).

● اعجازالحق قدوسي

"هن (ڄام نندي) ڪيس ان وقت ئي دريا خان جو لقب ڏنو. زماني جي رواج موجب ڪيس اعلا تعليم ڏياريائين. غير معمولي صلاحيت ڪري دلشاد وزير کان بہ گوءِ کٽي ويو. آخر ۾ وزيراعظم ٿيو ۽ مبارڪ خان لقب مليس" (٣٤).

## (ج) پڄاڻي ۽ نتيجو

هت پهچي اســان هن بحث جي پڄاڻي ڪنداسين. اميـد آهي تہ صـاحب تاريخ ۽ صاحب مطالع بزرگ معاملي جي اصليت ۽ حقيقت جي تهہ تائين پهچي چڪـا هوندا. آخر ۾ صرف هي چئبـو تہ مـبارڪ خان ۽ دريا خان هڪ ئي شـخص آهي. نہ ڪي بہ شـخص- جيـئن صديقي صاحب جو رايو آهي. اسـان جي هن سنڌي بزرگ ۽ جوڌي جو نالو اوائل ۾ قـبوليـو هو. جيـڪـو پوءِ دريا خان نالي ۽ مـبارڪ خان توڙي خان اعظم جي لقبن سـان مشـهـور ٿيـو. سمـان دور جو هــي سورمـو شـاه بيـگ ارغون سـان سنڌ جي آزادي ۽ عزت خاطر لڙندي، سن ٩٢٧ هہ / ١٥٢٠ع ۾ شـهـيـد ٿي؛ سـنڌ جي قومي تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر ٿي ويو.

# حوالا ۽ حاشيه

١. "تاريخ معصومي" پاڪستان اڳ توڙي پوءِ، سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. تازو مير معصوم جي مفصل سوانح، سيد حسام الدين راشدي شايع ڪئي آهي.

٢. "دريا خان" جي تاريخي سوانح لاءِ مقالو "دريا خان شهيد سوانح ۽ مدفن" گذريل صفحن ۾ اچي چڪو آهي.

3, M.H. Siddiqi "His: of the Arghuns & Tarkhans of Sind " P-22 Foot Note, 2. By: Sindhology 1971.

4, Ibid.

٥. مير معصوم "تاريخ معصومي"، ص ١٣ - ١١۴، از مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٥٩ع.

٦. حوالو (٥)، ص ١٥٢.

٧. حوالو (٣)، ص ٢٠.

٨. مير قانع "مقالات الشعرا"، ص ٨١٦، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي ١٩٥٧ع.

٨. الف- تحفة الڪرام، ص ١٧٠ - ١٧١، اردو ڇاپو.

۽ پڻ ڏسو "تحفة الڪرام" (از مخدوم امير احمد)، ص ١٣٦.

9, HAIG "The Indus Delta Country" F. Note, P.84, Indus Publication Karachi, 1972.

١٠. "مڪلي نامه ص ١٧٩، از سيد حسام الدين راشدي، س.ا.ب. سال ١٩٦٧ع

- ڏسجي ٿو تہ جملي مؤرخن جي هن حملي بابت جدا جدا راءِ آهي. سلطان حسين بايقرا (وفات - ٩١١ هه) جي پيرڊ ۾ لکيل وائٽ پيپر بنام "فتح نامه بلادسند" (٨٩٢ هه)، جي ملڻ سان هن واقعي بابت، بلڪل نئين صورتحال سامهون آئي آهي. امير ذوالنون ٨٨٠ هه کان سلطان بايقرا پاران قنڌار جو والي هو (معصومي، ص ١١٩). ذوالنون توسيع پسند پاليسي تحت، پنهنجن پٽن ذريعي سنڌ جي - شال ۽ سبي- علائقن تي فوج ڪشي ڪئي، جنهن ۾

ارغونن کي عارضي فتح حاصل ٿي. هن فتح جو سال ٨٩٢ هه آهي (مکلي نامه، صہ ١٨٣). ذوالنون هنن علائقن تي، پنهنجي پٽ ابوالمحمد کي نائب مقرر ڪيو. سنڌي لشڪر علائقن جي واپسيءَ لاءِ، سبيءَ تي حملو ڪيو. قيادت مبارڪ خان ڪئي. غالباً طويل ۽ مشڪل جنگ بعد، سن ٨٩٥ هه ۾، سنڌي لشڪر فتح مند ٿيو ۽ ابوالمحمد قتل ٿي ويو ("معصومي"، سنڌي، صہ ١١٢ ۽١١٥؛ تحفة الڪرام صہ ١٣٦؛ ۽ "ترخان نامه"، نسب نامه، ايف؛ "، مڪلي نامه" حاشيه، صہ ١١١).

١١. ڏسو دريا خان جي مدفن جا ڪتبا (مڪلي نامه، صہ ١١١).

- شـــاه بيگ ارغون، ڄام نندي جي دور ۾، پنهنجي طور تي يا هڪ آزاد حاڪم طور، ڪڏهن بہ سنڌ تي حملو نہ ڪيو. ٩١٠ هه ۾ بابر جو ڪابل هٿ ڪرڻ (معصومي، صہ ١٢٨)، ٩١٣هه ۾ امير ذوالنون جو قتل (صہ ١٤٢، معصومي) ۽ ٩١٥ هه ۾ شاه اسماعيل صفويءَ جو خراسان تي قبضو (معصومي، صہ ١٤٣) - اهڙا لاڳيتا واقعا آهن جن شاه بيگ کي مجبور ڪيو تہ هڪدم هتان ڪوچ ڪري، ڪو ٻيو ملڪ هٿ ڪري (معصومي، صہ ١٤٣). عين ان مهل ڪيس ٺٽي مان سنڌي سلطنت ۾، اختلافن جون رپورٽون بہ ملي رهيون هيون. ان بعد شاه بيگ، سنڌ تي مستقل نگاه رکي (تفصيل لاءِ ڏسو، اسان جو مقالو ("ارغونن جا سنڌ تي اوائلي حملا") اڻ ڇپيل.

١٢. مير طاهر محمد "تاريخ طاهري"، صـــہ ٥٣ - ٥٥. ايڊٽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ناشر سنڌي ادبي بورڊ.

١٣. حوالو (١٢)، ايڊيٽر جو انگريزي مقدمو، صہ ١٣ - ١٦.

١٤. "تاريخ معصومي"، سنڌي، صہ ١٥٢.

١٥. حوالو (١٤)، صہ ١٥٣.

١٦. ادراڪي بيگلاري "بيگلار نامه"، ص ٨، ايڊٽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٨٠ع.

١٧. "تاريخ طاهري"، صہ ٥٥ - ٥٧.

١٨. ميرڪ يوسف "تاريخ مظهر شاهجهاني"، صہ ٢٠٧، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٢ع.

١٩. سيد مير محمد "ترخان نامه". صہ ١٩ - ١٨. ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦٥ع.
٢٠. سنڌي ڇاپو "تحفة الڪرام". صہ ١٣٦ ۽ ١٣٧.
٢١. فارسي ڇاپو "تحفة الڪرام" صہ ١٠٩ ۽ ١١٠ ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٧١ع.
22, Dr. A. Ghafoor "Calligraphers of Thatta" P-57, Karachi University 1978.
٢٣. "مڪلي نامه"، ص ١١٠، ١١١، ١٠٢.
- احاطي ۾ اندر، ٻيون ستاويهہ قبرون بہ آهن، جن مان ڪنهن تي بہ ڪتبو نہ آهي.
٢٤. حوالو (٢٢)، صہ ٥٧ .
- ڊاڪٽر عبدالغفور صاحب هن صفحي تي مقام جي چوديواريءَ جو شروعاتي اڏاوتي سال ٨٩٨ هہ /١٤٩٢ع ڏنو آهي، جيڪو پريس جي غلطي ڏسجي ٿو. مذڪوره ڪتاب ۾ وڌيڪ هڪ جاءِ تي (صہ ٥٠)، سال ٨٩٥ هہ / ١٤٨٩ع ڏنل آهي، جيڪو صحيح ٿو لڳي.
٢٥. "تحفة الڪرام"، صہ ١٤١، سنڌي ڇاپو.
٢٦. مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ"، صہ ٢٤٩، سال ١٩٦٦ع.
٢٧. برٽن جو ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، صہ ١٣٠، انگريزي ايڊيشن، ڇاپو ٻيون، ڪراچي.
28, Haig "The Indus Delta Country", P.83, Karachi 1972.
- ڪوزنس لکي ٿو:
"....... but being a minor, an officer of the court, and adopted son of Jam Nindo, Darya Khan, was constituted regent, and managed all public affairs (P.32, "The Antiquities of Sind ").
٢٩. حوالو (٢٦)، صہ ٢٤٨.

۳۰. "تاريخ معصومي"، سنڌي، تعليقات، ص ۳٦۱.

۳۱ "تاريخ طاهري"، ص ۳۱۰.

- ڊاڪٽر صاحب "تاريخ معصومي" اردو ايڊيشن ۾، موضوع تي تفصيلي روشني وڌي آهي.

۳۲. "مڪلي نامه" ص ۹٦.

۳۳. "جنت السنڌ"، ص ۳۵۹. سال ۱۹۵۸ع.

۳۴. "تاريخ سنده"، ص ۷۷ - ۴۷۸. جلد پهريون مرڪزي اردو بورڊ لاهور سال ؟ .

(سه ماهي "مهراڻ" ۱ - ۲/ ۱۹۸۱ع تان سڌاري ۽ واڌاري بعد ڪنيل).

# نندي کنڊ ۾ سياسي مخالفن لاءِ عبرتناڪ سزائون

گذريل ڪجهه مهينن کان ڪري شهيد سنڌ مخدوم بلال جي شهادت، ڪردار ۽ شخصيت بابت رسالن ۽ اخبارن ۾ بحث هلي رهيو آهي. هن بحث هلندي منفي توڙي مثبت تاريخي نقطا سامهون آيا آهن. سنڌ جي تاريخ جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾، مون پڻ ان بحث مباحثي کي غور سان پڙهيو آهي. مباحثي کي سلجهائڻ ۽ ان ۾ حصي وٺڻ لاءِ ڪن دوستن خط لکيا ۽ ڪن وري روبرو چيو. ان طرح معاملي جي اصليت کي پروڙڻ لاءِ گهڻو ڪجهه پڙهيو اٿم ۽ ڪتاب پيتيا اٿم. ڪن عالمن سان روبرو صلاح مصلحت ڪيم ۽ ڪن کان لکت ذريعي ڳالهه جو ڳاتو پڇيم. ان کان اڳ جو اسين مخدوم بلال جي شهادت وارو مسئلو کڻون، بهتر ٿيندو تہ برصغير هند پاڪ جي تاريخ ۾ جهاتي پايون.

گذريل سال روهتاس بڪس لاهور هڪ ڪتاب "جب حکومت قتل کرتي هے" نالي سان ڇپيو آهي. هي ڪتاب اصل ۾ ايمينسٽي انٽرنيشنل جي ١٩٨٩ع واري رپورٽ تي مشتمل آهي، جنهن جو پيش لفظ ملڪ جي مشهور دانشور ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب لکيو آهي. ڊاڪٽر صاحب هندستان جي تاريخي پس منظر ۾، بادشاهن طرفان سياسي مخالفن کي قتل ڪرائڻ ۽ مارائڻ جو مختصر مگر جامع ذڪر ڪيو آهي. عنوان کي نڀاهڻ لاءِ هندستاني تاريخ بابت اهو مواد، مذڪوره ڪتاب جي حوالي سان هيٺ ڏجي ٿو. جڏهن تہ سنڌ بابت جيڪو مواد ڏينداسين، اهو گهڻي ڀاڱي مرحوم سيد حسام الدين راشديءَ جي ڪتابن ۽ مقالن تان ورتو ويو آهي.

هند ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ مختلف ڏوهن تي موت جي سزا جو رواج رهيو آهي. اهي سزائون ٻن قسمن جي ڏوهن تي ڏبيون هيون. سماجي ڏوهہ جن ۾ قتل، چوري، ڌاڙا، زنا ۽ اغوا وغيره شامل هئا. ڏوهن جي ٻئي قسم ۾ بادشاهہ ۽ حڪومت سان بغاوت، بادشاهہ کي قتل ڪرڻ جي سازش يا

حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جهڙا جرم اچي وڃن ٿا. سماجي ڏوهن تي عدالتن ۾ ڪيس هلائي سزائون ڏنيون ويندڀون هيون. مگر سياسي ڏوهن جي لاءِ عدالتي ڪاروائي نہ ٿيندي هئي. ان نوعيت جي ڪيسن جو فيصلو، بادشاهہ بنا دير جي ڪندو هو ۽ اڪثر ڪري اهڙن ڏوهن جي سزا موت هوندي هئي.

اسان وٽ مسلم دور جي هندستان جون همعصر تاريخون موجود آهن. انهن جي مدد سان موت جي سزا ڏيڻ جي مختلف طريقن جي باري ۾ پڪ سان چئي سگهجي ٿو. هن دور ۾ موت جي سزا جا جيڪي بہ طريقا رائج هئا ان ۾ ڦاسي ڏيڻ، سسي ڪٽڻ، ذبح ڪرڻ، زنده دفن ڪرڻ، پٽ ۾ زنده انسان کي لنبڻ، قلعي جي فصيل تان ڪيرائي مارڻ، هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙڻ، گڏهہ ۽ ڳئون جي کل ۾ جيئرو سبڻ، زنده ماڻهوءَ جي کل لاهڻ، وقفي وقفي سان جسم جا مختلف عضوا ڪٽي مارڻ ۽ زهر ڏئي مارڻ جهڙا طريقا موجود هئا. هي بہ دستور هو تہ ماڻهن جي عبرت لاءِ لاش کي شهر جي مکيہ دروازن، قلعي جي ديوار، يا ڪنهن اهڙي جاءِ تي لٽڪايو ويندو هو تہ؛ جيئن گهڻا ماڻهو ان کي ڏسن ۽ عبرت حاصل ڪن. عام نمائش واسطي اڪثر ڪري لاشن کي هاٿيءَ جي پيچ سان ٻڌي شهر ۾ گهمايو ويندو هو. وڏن سياسي ڏوهارين جي لاشن کي دفن ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي هئي، ۽ ان جو لاش ايسين لٽڪندو رهندو هو، جيسين اهو ڳري سڙي نہ وڃي يا وري ان کي پکي پکڻ کائي نہ ڇڏين.

دهلي سلطنت (١٢٠٦ - ١٥٢٦ع) جي دور ۾ بادشاهن پنهنجن سياسي مخالفن کي عبرتناڪ سزائون ڏنيون. ان قسم جي سزا عام طرح بادشاهہ پنهنجي موجودگيءَ ۾ ڏيندا هئا. ماڻهن کي پيرن هيٺان چيپاتي مارائڻ لاءِ هاٿين جي خاص تربيت ڪبي هئي. مجرمن کي هٿ پير ٻڌي زمين تي يا ڪاٺ جي تختي تي ليٽائبو هو ۽ هاٿي پنهنجو پير ان جي مٿان بلند ڪندو هو. هاٿي بادشاهہ جي اشاري ملڻ شرط ان بدبخت مٿان پير رکي ڪيس پيڙي ڇڏيندو هو. اهڙي قسم جي سزا جلال الدين خلجي (١٢٩٠- ١٢٩٦ع) جي زماني ۾ سيدي مولہ کي ڏني وئي، ڇو تہ مٿس حڪومت خلاف سازش تيار ڪرڻ جو الزام هو. علاؤالدين خلجيءَ (١٢٩٦ - ١٣١٦ع) جڏهن منگولن کي

شڪست ڏني، تڏهن سندس حڪم تي گرفتار ٿيل قيدين کي، هاٿين جي پيرن هيٺان لتاڙائي ماريو ويو. همعصر مؤرخ ضياء الدين برني لکي ٿو تہ، ايترو رت وهيو جو تخت جي اڳيان خون جو درياہ وهي هليو.

هن عرصي ۾ سنڌ اندر سومرن ۽ سمن جي حڪومت هئي. سومرن جي زوال وقت سيوهڻ ۾ مخالف سياسي ڪارڪنن کي ماري، سندن ڪلن ۾ ٻُهہ ڀري عبرت لاءِ قلعي جي مکيہ در تي ٽنگيو ويو هو. مشهور آفريقي سياح ابن بطوطہ اهڙي خوفناڪ منظر کي اکين سان ڏٺو هو. سمن جو اربيلو سپہ سالار دريا خان دوکي سان گرفتار ٿيو ۽ پوءِ کيس قتل ڪري شهيد ڪيو ويو. مخدوم بلال ارغونن جي خلاف سياسي محاذ ٺاهيو، ان کي پڻ عبرتناڪ انجام تي پهچائي شهيد ڪيو ويو.

مغل شهنشاهن (١٥٢٦ - ١٨٥٧ع) جي دور ۾ سياسي مخالفن ۽ شاهي باغين کي مختلف طريقن سان موت جي سزا ڏيڻ جو سلسلو جاري رهيو. اڪبر پنهنجي ٿڃ شريڪ ڀاءُ ادهم خان کي قتل جي ڏوہ ۾ موت جي سزا ڏني ۽ حڪم ڪيو تہ کيس قلعي جي ڇت تان ڪيرايو وڃي. ائين ڪيو ويو پر ادهم خان بچي ويو. تڏهن ٻيون ڀيرو بہ کيس مٿان فصيل تان ڪيرائي ماريو ويو. اڪبر جي دور ۾ جهانگير ڪنهن ڏوهہ تي هڪ شخص جي جيئري ئي کل لهرائي. اڪبر کي هن واقعي جو ٻڌي سخت ڏک پهتو ۽ چيائين تہ مون ڪڏهن زنده ٻڪر جي بہ کل نہ لهرائي ۽ جهانگير انسان جي کل لهرائي آهي. جهانگير جي زماني ۾ جڏهن سندس وڏي پٽ خسرو بغاوت ڪئي، تڏهن بغاوت جي خاتمي تي هن جي ٻن ساٿين حسين بيگ ۽ عبدالرحيم کي ڍڳي ۽ گڏهہ جي کل ۾ سبي، گڏهن جي پٺن تي ابتو وهاري سڄو شهر گهمايو ويو. گڏهہ جي کل جلدي سُڪي ٿي. حسين بيگ ان ۾ بند ٿيل هو سو تہ ساہ گهٽجڻ سبب مري ويو. مگر عبدالرحيم ڍڳي جي کل ۾ هجڻ سبب بچي ويو. بعد ۾ سفارشن تي کيس معاف ڪيو ويو. اورنگزيب جي حڪم تي دارا شڪوہ ۽ سندس پٽ سپرشڪوہ کي ڪُٺو ويو. بعد ۾ دارا جي لاش کي هاٿيءَ جي پٺن تي ٻڌي سڄو شهر گهمايو ويو. خافي خان لکي ٿو تہ سڄي شهر ۾ روڄ راڙو پئجي ويو هو.

سورهين صديءَ ۾ سنڌ تي پهريان ارغونن ۽ پوءِ ترخانن جي حڪومت قائم ٿي. ارغونن سنڌ ۾ سياسي مخالفن کي طرحين طرحين جا عذاب ڏنا. بکر ۾ سنڌن گورنر محمود، سون جي تعداد ۾ سنڌي ماڻهن کي گرفتار ڪري، بکر جي قلعي تان اڇلائي ختم ڪرايو. ان برج کي مير معصوم پوءِ خوني برج جو نالو ڏنو هو. ترخانن جي دور ۾ به اهڙا ڪيترا واقعا ٿي گذريا، جن کي پڙهڻ سان دل ڏڪيو ٿي وڃي. مرزا باقي ترخان پنهنجي پيءُ ۽ سياسي مخالف مرزا جان بابا کي قتل ڪرايو. حاجي ماه بيگم، جا پهريان شاه حسن ارغون جي زال هئي ۽ پوءِ مرزا عيسيٰ ترخان جي نڪاح ۾ آئي، ان کي باقي ترخان قيد ۾ رکيو ۽ سندس اَنُ پاڻي بند ڪري کيس بُکن وگهي مارائڻ جو تاريخي ڪم ڪيو. مرزا غازي ترخان پنهنجي دشمن ميرابوالقاسم بيگلار کي گرفتار ڪرائي، سندس اکيون ڪڍائي کيس انڌو ڪرايو. ترخانن کان پوءِ سوا صديءَ تائين سنڌ تي مغلن جو حڪم هليو. سنڌي ماڻهن ۽ خاص ڪري سياسي مخالفن کي هر طرح سان چيپياٽيو ويو. اهڙا ظلم جا داستان تاريخن ۾ محفوظ آهن. ڪلهوڙا خاندان مان ميان آدم شاه ۽ ميان دين محمد کي گرفتار ڪري مغل عملدار ملتان ڪٺي ويا. جتي کين موت جي سزا ڏني وئي ۽ سندن لاش سنڌ ڏي موڪليا ويا. ٺٽي ۾ زوال پذير مغل حاڪميت، شاه عنايت جهوڪ واري کي ڌوکي سان پڪڙي موت جي منهن ۾ ڏنو. ميان سرفراز ڪلهوڙي دربار ۾ ڪجهه ٽالپور اميرن کي قتل ڪرايو. ان طرح خود سرفراز ڪلهوڙو ۽ ميان غلام نبي به سياسي مخالفت سبب پنهنجي عزيز ميان عبدالنبيءَ جي حڪم تي مارايا ويا. ميرن جي دور ۾ مير غلام علي ٽالپر جي حڪم تي، ٻيڙي سفارتڪار ۽ گدو بندر جي باني ديوان گدومل کي، چند ماڻهن گهر ۾ گهڙي لٺين سان اڦٽ ماري ڇڏيو.

مغلن جي دور ۾ آخر ۾ سزا جو هڪ نئون طريقو، يعني ته مجرم کي توپ جي منهن ۾ ٻڌي اڏائڻ جي حڪم تي عمل شروع ٿيو. ان ريت جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿي فضا ۾ اڏامندو هو. ١٨٥٧ع ۾ انگريزن هن سزا تي خاص طرح عمل ڪيو. سنڌ ۾ پڻ باغين کي هي سزا ڏئي دهشت پکيڙي انتظام قائم ڪيو ويو. هي دور آهي جڏهن ڌوهارين کي گولي هڻڻ جو سلسلو به

شروع ٿيو. سخت سزا جي صورت ۾ وقفي وقفي سان مجرم جي عضون کي ڪٽبو هو ته جيئن اهو اذيت ۾ مبتلا رهي. ان طرح ڏوهاري گهڻو رت وهڻ ڪري يا ته مري ويندو هو، يا وري سندس سسئي ڪپي ڪيس ختم ڪيو ويندو هو. ان کان علاوه قيدين کي قلعن جي تهه خانن ۾ به اڇلي ڇڏبو هو، جتي اهي ڪاڏي، هوا ۽ روشنيءَ جي کوٽ سبب، سڙڪي سڙڪي مري ويندا هئا. يورپي سياح منوچي سترهين صديءَ ۾ لکيو هو ته، مغل باشاهه سياسي قيدين کي صبح جو روز ڏوڏي پيارايندا هئا. ان ريت قيدي آهستي آهستي ڪمزور ٿي آخرڪار مري ويندا هئا. سياسي ڪارڪنن ۽ مخالفن کي اذيتون ڏيڻ ۽ مختلف بهانن سان موت جي منهن ۾ ڏيڻ جو سلسلو، پنهنجي تاريخي تسلسل سان جاري آهي. سنڌ ۾ گذريل پندرهن سالن کان ڪيئي ڪارڪن ماريا ويا آهن ۽ اهو سلسلو بنهه تازي دور ۾ يوسف جکراڻيءَ جي شهادت تائين هلندڙ ڏسجي ٿو.

(پندرهن روزه "عبرت ميگزين"، ١ نومبر ١٩٩٢ع ۾ ڇپيل).

# شهيد مخدوم بلال سمون

سنڌ جو هي مثالي عالم سمن جي تاريخي دور سان تعلق رکي ٿو. عام تحريرن ۾ کيس "بلاول" سڏيو ويجي ٿو. مگر سندس درست نالو "بلال" ڏسجي ٿو، جيئن همعصر تاريخن ۾ لکيو ويو آهي. سندس مثالي شخصيت جي باري ۾ مون اڳ ۾ ئي هڪ مختصر مقالو، ٨ نومبر ١٩٨٩ع تي "باغبان" ۾ ٿيل هڪ ڪانفرنس جي موقعي تي تيار ڪيو هو، جو پوءِ رسالي "سهڻي" ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو (پرچو ٦-٧، سال ١٩٩١ع). هت اسين مخدوم صاحب جي شخصيت کي وڌيڪ اجاگر ڪنداسين ۽ اهڙي عنوان کي نباهڻ لاءِ ڪن مکيه مکيه نقطن کي نروار ڪنداسين. مخدوم بلال کي غلط طرح سان ننڍي جي سمن ڄامن جي شاهي خاندان سان مُنسلڪ ڪيو ويو آهي (١). حافظ احسن چنه مرحوم جو هي خيال درست لڳي ٿو ته، سندس تعلق لس ٻيلي جي سمن ڄامن سان هو (٢). هن ڏس ۾ ننڍي جي شاهي خاندان جا شجرا به نظر ۾ رکڻ گهرجن (٣). هن کان اڳ ڄام بايزيد ۽ ڄام ابراهيم کي به شاهي خاندان ۾ شمار ڪري ڄام ننڍي جو ڀاءُ سڏي سنگين غلطي ڪئي وئي هئي (۴).

مخدوم صاحب سمن جي خاندان جو هڪ باوقار فرد هجڻ جي ڪري، نهايت معتبر سماجي رتبي جو مالڪ هو. تلٽي ۾ پوءِ باغبان سان سندس تعلق پيدا ٿيو، جو ان دور ۾ نهايت آباد ۽ وسيل پرڳڻو هو. بعد ۾ سندس مدفن به "باغبان" ۾ ٿيو، جو هن وقت دادو ضلعي ۾ موجود آهي. مخدوم بلال جي شخصيت جي اپياس جا ٽي مکيه روپ آهن. سمن جي قبيلي جو نامور فرزند هجڻ ڪري، ٺٽي سميت سڄي سنڌ ۾ سندس اثر رسوخ هو. ان ڪري سمات جي مڙني ذاتين ۾ کين وڏي پذيرائي حاصل ٿي. ٻيون نقطو عالم ۽ استاد هجڻ وارو آهي. پاڻ زندگيءَ جو وڏو عرصو درس ۽ تدريس سان وابسته رهيو. انڪري سموري ملڪ ۾ سندس طالبن ۽ شاگردن جو وڏو تعداد موجود هو، جنهن مان سندس معتبر حيثيت ۽ ساک جي شاهدي ملي ٿي. ان ئي پس منظر ۾ ڪتابن لکيو ته: تقويٰ ۽ زهد ۾ سائس برابر ڪونه هو.

تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام گهڻو ماهر هو. جملي درجن جو مالڪ هو. سندس سمورن حالات ۽ ڪمالات جي لکڻ جي قلم ڪي طاقت نہ آهي (٥). مخدوم صاحب جي سوانح جو ٽيون مکيہ پهلو هڪ صوفي، مشائخ ۽ اولياء هجڻ وارو آهي. پاڻ سهروردي طريقي جو صوفي هو. هو خانقاه جو مالڪ بہ هو. ان ريت سندن پوئلڳن توڙي مريدن جو وڏو تعداد سنڌ ۽ ملڪ کان ٻاهر بہ موجود هو. سندس ڪي نامور خليفا بہ سُجهن ٿا، جن سنڌجي جدا جدا خطن ۾ درگاهون کوليں، پنهنجي شيخ جي پيغام کي پکيڙڻ جو جتن ڪيو. هندستان جو نامور مصنف ۽ شاعر جمالي دهلوي، عربستان ويندي سنڌ مان لنگهيو هو، تڏهن پاڻ مخدوم بلال سان ملاقي ٿيو هو. هو لکي ٿو تہ:"اڄ ڪلهہ ٺٽي جي علائقي ۾ هن (خاندان) جا اڪثر مريد آهن جي مجاهدن ۽ رياضت ۾ مشغول آهن (٦). مولانا دين محمد وفائي ان ڏس ۾ وڌيڪ روشني وجهندي لکيو آهي تہ: ميان غلام رسول صديقي "ارشاد الطالبين" ۾ لکيو آهي تہ، سموري سنڌ ۾ مرشد فقط ٽي آهن (i) مخدوم عثمان مروندي (ii) مخدوم بلال (iii) مخدوم نوح (٧). هي روايت پوء ٻين لکندڙن بہ نقل ڀي ڪئي آهي. هن حوالي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ هڪ صوفي، استاد، مرشد ۽ مشائخ جي حيثيت ۾ مخدوم صاحب جي حيثيت ڪيڏي نہ معتبر، مٿانهين ۽ مستند رهندي آئي آهي.

مخدوم بلال جا ڇهہ خليفا پڻ ڪتابن ۾ وڏي حيثيت وارا ۽ درجي وارا ڪري ڏيکاريا ويا آهن. اهي هن ريت آهن (i) مخدوم ساهڙ جنهن جو مقبرو انڙپور جي ڀرسان آهي. سيد رڪن الدين بلالي پيغام مخدوم ساهڙ جي معرفت مٽياري ۽ ان جي آس پاس پهچايو (ii) سيد حيدر سنائي جنهن ڪاڇي ۽ سن ۾ تبليغ ڪئي (iii) مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم مٺو جنهن جي مزار مڪليء تي آهي (iv) مخدوم حسن جنهن جو مدفن ڀاٽوٽ (پير بلالي) جي ڀرسان ٿيو ۽ مريدن جو حلقو لاڙ تائين پکڙجي ويو (v) مخدوم هگورو جنهن جو مقبرو گڇيري ۾ آهي ۽ سندس حلقو ساهتيء ۾ هو (vi) مخدوم سعد عرف مخدوم ساند، جنهن بلالي پيغام کي جيسلمير طرف پکيڙيو (٨). هن عنوان تي تڙيل پکڙيل مواد گهڻو آهي ۽ عنوان تي

تحقيق جي تمام گهڻي گنجائش ڏسجي ٿي.

مخدوم بلال هڪ استاد ۽ عالم، صوفي ۽ شيخ توڙي سماج جي هڪ باشعور فرد جي حيثيت ۾، سنڌ ملڪ ۽ ان جي آس پاس ٿيندڙ سياسي ۽ بين الاقوامي تبديلين کان مڪمل طرح آگاهه ڏسجي ٿو. سن ٩٠٨ هه / ١٥٠٢ع ۾ مهدي جونپوري ٺٽي ۾ رهي، ماڻهن جي وڏي تعداد کي متوجه ڪرڻ لڳو، تڏهن اهو مخدوم بلال ئي هو، جنهن پيدا ٿيندڙ صورتحال ۾، سنڌ کي پهچندڙ نقصان جو اندازو لڳايو. مهدي جونپوريءَ کي سنڌ بدر ڪرائڻ ۾، مخدوم بلال جي هڪ خليفي سيد حيدر اهم ڪردار ادا ڪيو (٩). قاضي قادن، شيخ جهنڊو پاٽڻي، شيخ صدر الدين مفتي ٺٽوي، سيد مبارڪ شاهه، پير آسات ۽ محمد يوسف رضوي بکري، اهي مکيه ماڻهو هئا جي مهدي جونپوريءَ جا پوئلڳ بڻيا (١٠). شاهه بيگ ارغون پڻ قنڌار ۾ سندس معتقد بنيو (١١). سنڌ اندر مهدوي تبليغ جي ڪري عالمن، اديبن ۽ دانشورن جا ٻه گروهه پيدا ٿيا. هڪ ڌر مخدوم بلال جي حمايت ڪئي ۽ ٻيو طبقو مهدوين جو پيدا ٿيو. ان ريت صدين جو ملڪي، سماجي ۽ قومي وحدت وارو تاڃي پيٽو ٽٽي پيو. شاهه بيگ ارغون سن ٩٢٧ هه / ١٥٢٠ع ۾ سنڌ کي فتح ڪيو ۽ پوءِ شهر شهر توڙي ڳوٺ ڳوٺ کي تاراج ڪرڻ شروع ڪيو. تڏهن مقامي مهدوي ڪارڪن ساڻس گڏ هئا. هن ڏس ۾ قاضي قادن جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. ٽلٽيءَ جي لڙاين توڙي مخدوم بلال سان صلح جي ڳالهين لاءِ ڪيس ڪتب آندو ويو. ان کان علاوه اتر سنڌ ۾ سيتاليهه ڌاريجا سردار به، قاضي صاحب جي راءِ ذريعي قتل ڪري درياهه ۾ اڇلايا ويا (١٢). مخدوم بلال جي شهادت جي حوالي سان مهدوين جو ذڪر، ڪهڙن جي مخدومن جي تذڪرن ۾ به آيو آهي (١٣).

مخدوم بلال جي شهادت جو پس منظر وطن دوستي ۽ ارغونن جي مخالفت آهي. سندس حب الوطني ۽ سياسي بصيرت جو ذڪر ڪندي جناب جي. ايم سيد لکي ٿو ته: شاهه بيگ ارغون جڏهن سنڌ تي ڪاهون شروع ڪيون هيون، ان وقت ڄام نظام الدين سمي جو وزير دريا خان جيڪا سنڌي اقتدار جي قائم رکڻ جي تحريڪ جاري ڪئي هئي، ان جو روح روان

مخدوم بلال هو. شاه بيگ جي حملن وقت مخدوم صاحب خليفن سميت ان جي مخالفت ڪئي هئي. سيد محمد ميران جونپوري جي تحريڪ جي سنڌ ۾ منظم طرح مخالفت مخدوم طرفان ٿي (١۴).

دريا خان سن ٩٢٧ هه / ١۵٢٠ع ۾ شهيد ٿي ويو. ڄام فيروز ۽ شاه بيگ جي وچ ۾ ٿيل ناهه موجب، سنڌ جو ملڪ ورهائجي ويو. لکي جبلن کان هيٺ وارو ملڪ سمن ڪنيو ۽ مٿي وارو حصو ارغونن کي مليو. ارغون حاڪم سيوهڻ پهچي حصي ۾ آيل ملڪ تي پنهنجي حاڪميت کي، مستحڪم ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو. ڪيس خبر پئي ته هتان جو مشائخ مخدوم بلال ساٿ ڏئي ته، حالتون سڌري سگهن ٿيون، جو ان وقت ڌارين خلاف مزاحمتي قوتن جو اڳواڻ بڻجي چڪو هو (١۵). ان طرح ڏسجي ٿو ته اپر سنڌ جون حالتون سنگين صورت اختيار ڪري ويون. مخدوم صاحب صلح جي آڇ ٺڪرائي ڇڏي. هن نه رڳو حاڪمن سان گڏ هلڻ قبول نه ڪيو، مگر سندن خلاف پروپيگنڊا جو ڀرپور محاذ به قائم ڪيو. ان طرح ارغون حاڪمن کي پاڻ ظالم ۽ اظلم چوندو رهيو. مخدوم بلال جي حق گوئي، دليري ۽ همت بابت هڪ مؤرخ جو ڪجهه لکيو آهي، ان مان سندس مثالي شخصيت ۽ عظمت چٽي ٿئي ٿي:

"ملتان جيڪو حسن لانگاه جي حڪومت ۾ هو، ان کي شاه حسين جنگ جي ذريعي ورتو. هن شيخ بهاءُ الدين ذڪريا قدس سره جي خاندان سان سٺو سلوڪ نه ڪيو. اڪمل اولياءِ مخدوم بلال، جيڪو سيوهڻ ۾ بوبڪن جو رهاڪو هو، ان جي زبان مان نڪتو ته مرزا شاه حسين ظالم آهي. هي ڳالهه وڃي مرزا شاه حسين جي ڪن تي پئي. ملتان جي فتح کان پوءِ سندس ٻيڙا بوبڪن جي ويجهو پهتا، تڏهن مخدوم بلال کي نهايت جبر ۽ قهر سان دربار ۾ ڪٺي بي ادبي ڪيائون. مخدوم چيو ته اڳ توکي ظالم چوندو هئس ۽ هاڻي اظلم (وڏو ظالم) چوان ٿو. هڪدم مرزا شاه حسين کي مرض ورتو. ٺٽي کان ملتان ۽ ملتان کان ٺٽي تائين ٻيڙن ۾ سفر ٿي ڪيائين" (١٦).

فريد بکري هي ذڪر شاه حسين ارغون جي بيان ۾ ضمني طرح ڪيو آهي، انکري هن اقتباس ۾ ڪي جزوي هيٺ مٿانهيون ڏسجن ٿيون. ليڪن

مخدوم بلال جي شهادت کان هڪ سؤ ٽيهه سال پوء، سن ١٠٦٠هه / ١٦٤٩ع ۾ اهڙي ڳالهه لکڻ، سندن غير معمولي شخصيت جي هڪ ڀرپور شاهدي آهي. ان ريت حاڪمن ڏانهن سندن نفرت ۽ مخدوم صاحب ڏي ارغونن جي غير انساني رويي جي خبر پوي ٿي. مير معصوم جو خيال آهي ته هو سن ٩٢٩ هه / ١٥٢٣ع کانپوءِ هن دنيا ۾ نه رهيو هو (١٧). هي راءِ به ڪنهن حد تائين مشڪوڪ آهي جيئن اڳتي هلي ڏسنداسين. هڪ وڌيڪ گمان آهي ته مخدوم صاحب کي ٢ رجب ٩٣٠هه برابر ٦ مئي ١٥٢٤ع تي شهيد ڪيو ويو (١٨). جيڪڏهن هن آخري راءِ کي تسليم ڪجي ته به، مرزا شاهه بيگ ارغون اڃا زنده هو. گمان غالب آهي ته شاهه بيگ گجرات جي فتح لاءِ وڃڻ کان اڳ، مخدوم بلال جو خاتمو ضروري سمجهيو هوندو. ان ريت سندس شهادت عمل ۾ آئي. ڇاڪاڻ ته ايڏو وڏو سياسي مخالف پوئتي ڇڏي وڃڻ نهايت جوکم جو ڪم هو. مير معصوم لکيو آهي ته شاهه بيگ ارغون ٢٢ شعبان ٩٢٨ هه تي فوت ٿيو هو (١٩). جڏهن ته تاريخ معصوميءَ جي جديد ايڊيٽرن جي تحقيق موجب؛ شاهه بيگ ٢٢ شعبان ٩٣٠ هه برابر ٢٦ جون ١٥٢٤ع تي مئو هو (٢٠). مخدوم بلال جي شهادت جو پهريون انڪاري، اعجاز الحق قدوسي مرحوم لکي ٿو ته سندس مزار مڪلي تي آهي (٢١). هي راءِ شيخ اعظم جي حوالي سان ڏني وئي هئي. اصل ۾ اهو مخدوم بلال هڪ ٻيو بزرگ هو، جو اسحاق اربعائي (وفات: ٩٧٥ هه) ۽ سيد علي شيرازي (وفات: ٩٨١هه ) جو همعصر هو ۽ سندس مزار مڪليءَ تي هئي (٢٢). سنڌ جي شهيد مخدوم بلال جي مزار "باغبان" دادو ضلعي ۾ آهي، جنهن تي هن وقت عاليشان مقبرو اڏجي رهيو آهي.

## حوالا ۽ حاشيه

١. مولانا دين محمد وفائي؛ "تذڪره مشاهير سنڌ" ڀاڱو پهريون، صه ٦٣، مرتب سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع.

٢. حافظ احسن چنه؛ "مخدوم بلال عليه الرحمة"، صه ١، سال ١٩٥٥ع.

نوٽ: جناب جي. ايم. سيد جو خيال آهي ته، هو لس ٻيلي جي رونجهن ڄامن مان هو (صه ٤٩٦، جلد ٻيون، "جب گذاريم جن سين"، سنڌي ادبي

بورڊ ١٩٧٩ع).
٣. هي شجرا "مڪلي نامه" ۾ ڏسجن. طبع سيد حسام الدين راشدي، سال ١٩٦٧ع.
٤. غلام محمد لاکو: "سمن جي سلطنت"، صـ ٢٩، پاڪستان اسٽڊيز مرڪز، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ١٩٨٧ع.
٥. مير معصوم بکري: "تاريخ معصومي"، مخدوم امير احمد، صـ صـ ٢٣٠ - ٢٣١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع.
٦. جمالي دهلوي: "سيرالعارفين"، مترجم محمد ايوب قادري، صـ ١٧٣، مرڪزي اردو بورڊ لاهور ١٩٧٦ع.
٧. لطف اللطيف، صـ ٣٢، سال ١٩٩١ع.
٨. جي. ايم. سيد: "سنڌ جا سورما"، صـ ٣٥، سال ١٩٨٤ع.
٩. جي. ايم. سيد: "پيغام لطيف"، صـ ٥، ١٩٧٤ع.
١٠. غلام محمد لاکو (مترجم): "مطالعو سنڌ جو"، صـ ٢٦، ايم. ايچ. صديقيءَ جو مقالو، ناشر سنڌ تحقيقي بورڊ ١٩٩٢ع.
١١. مطالعو سنڌ جو، صـ ٢٥، صديقي صاحب جو مقالو.
١٢. تاريخ معصومي، سنڌي صـ ١٥٦ ۽ پڻ صـ صـ ١٦٢ - ١٦٣.
١٣. مخدوم حاجي محمد شفيع عباسي: "قصص الاولياء سنڌ"، قلمي سنڌي، صـ صـ ٣١ - ٣٤.
١٤. پيغام لطيف، صـ صـ ٦٣- ٦٤.
١٥. تاريخ معصومي، سنڌي صـ ١٥٦ - ١٥٧.
١٦. فريد بکري: "ذخيرة الخوانين"، جلد ١، صـ ١٧٧، ايڊٽ ڊاڪٽر سيد معين الحق، پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي ڪراچي ١٩٦١ع.
- اصل فارسي اقتباس هن ريت آهي: مخدوم شيخ بلال کہ از قصبہ بوبکان توابع سيوستان اکمل اوليا بود از زبان ايشان برآمد که مرزا شاه حسين ظالم است - اين سخن گوش زد مرزا شاه حسين شد - بعد از تسخير ملتان کشتي هاي سواري ايشان نزديک بوبکان رسيد - مخدوم بلال را جبراً وقهراً در مجلس ايشان حاضر آوارده پاره بي ادبي نمودند - مخدوم فرمودند سابق

ترا ظالم گفته بوديم حالاً اظلم مي گوئيم".

١٧. تاريخ معصومي، سنڌي، صہ ٢٤١.

١٨. سنڌ جا سورما، صہ ٤١.

١٩. تاريخ معصومي، سنڌي، صہ ١٦٧.

٢٠. تاريخ معصومي، ايڊٽ ڊاڪٽر دائود پوٽو، حاشيو صہ صہ ٣١٤ - ٣١٥، طبع بمبئي ١٩٣٨ع.

-ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي تصديق پوء، سيد حسام الدين راشدي (تحفة الڪرام، فارسي صہ ٤٩٠) مرحوم بہ ڪئي. ان ريت ڊاڪٽر صديقي جو "تاريخ معصومي" جو انگريزي ڇاپو بہ ان جي ڇنائي ڪري ٿو (صہ ٢٣٤).

٢١. تذڪره صوفيائي سنڌ، اردو، صہ ٦٧، اردو اڪيڊمي سنڌ ١٩٧٥ع.

-تاريخ سنڌ جلد دوم (صہ ١٠١ ۽ صہ ٣٢) ۾ مخدوم بلال جي شهادت جي انڪار سان گڏ، قدوسي مرحوم لکي ٿو تہ سندس مزار مڪليءَ تي آهي. ان ريت سندس مفروضو خودبخود رد ٿي وڃي ٿو. ڇو تہ اسان جي وطن دوست عالم جي مزار "باغبان" ضلعي دادو ۾ آهي.

٢٢. شيخ محمد اعظم: "تحفة الطاهرين"، ايڊٽ بدر عالم دراني، صہ ٢٠ ۽ صہ ٤١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٦ع.

(ماهنامہ "السنڌ" مئي ١٩٩٣ع اسلام آباد، ۽ سہ ماهي "مهراڻ" ١ - ٢ /١٩٩٣ع ۾ ڇپيل).

# مخدوم بلال جي شهادت جو مسئلو

سنڌ بابت بنيادي تاريخي لٽريچر گهڻي حد تائين ڏارين لکندڙن جي قلم مان پيدا ٿيو آهي. هن ڏس ۾ تاريخي ڪتاب، سوانحي تذڪرا، شاعرن بابت مواد، صوفياڻو ادب ۽ ملفوظات وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌ جي تاريخ نويسيءَ جو پهريون دور (چچ نامي کان ڪري لب تاريخ سنڌ تائين) فارسي زبان ۾ مڪمل ٿيو. ارغون، ترخان ۽ مُغل دور ۾ لکيل تاريخي ادب، سڄي جو سڄو حاڪمن جي تابع ۽ خواهشن پٽاندر لکيو ويو. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي زمانن ۾ درٻار ۾ وهندڙ امير سنڌي ڳالهائيندڙ هئا، تڏهن به تحريري مواد اڪثر ڪري فارسي زبان ۾ لکيو ويو ۽ تاريخ جي فلسفي ۾ ڪا به بنيادي تبديلي نه آئي. هڪ طرف اها صورتحال هئي ۽ ٻئي طرف مير محمد معصوم بکريءَ کان ڪري خانبهادر خداداد خان تائين، اسان جا جملي مؤرخ حاڪمن سان گڏ هلندڙ هئا. سنڌ جون علمي گهرجون ڇا هيون، سنڌي عوام جو تاريخي مفاد ڇا ۾ هو، ۽ ذڪر هيٺ دور ۾، سنڌ جي صحيح يا درست صورتحال ڇا هئي، ان بابت ڪم ڪرڻ يا قلم کڻڻ هن زماني جي مؤرخن جي پِڙنامي ۾ ئي نه ٿو ڏسجي.

برٽش دور ۾ جڏهن نوان خيال ۽ نيون سوچون پيدا ٿيون، تڏهن لکڻ پڙهڻ، ڪم ڪرڻ ۽ تحقيق جا انداز پڻ تبديل ٿيا. ان ريت علمي سطح تي ٿوري تبديلي آئي. هڪ پاسي اصل ڪتاب سنڌيءَ ۾ التو ٿيڻ لڳا ۽ ٻئي پاسي فارسي ڪتابن جي طباعت تي به ڌيان ڏنو ويو. بدقسمتيءَ سان پوري برطانوي دور ۾، سنڌ اندر اعلا تعليم ۽ تحقيق جو ڪو به ادارو قائم نه ٿي سگهيو. اهوئي سبب آهي جو ايڏي طويل عرصي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽو، صرف ٻه وڏا اسڪالر پيدا ٿي سگهيا، جي ولايت تائين ويا ۽ اتان ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون وٺي وطن وريا. انهن هت اچي سنڌ جي علم ۽ ادب جي خدمت ڪندي، تحقيق، تنقيد ۽ ايڊيٽنگ جا مستند، مڃيل ۽ بين الاقوامي معيار قائم ڪيا.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ علمي ۽ تاريخي تحقيق ۾ گهڻي پيش رفت ٿي.

سنڌي ادبي بورڊ: جامع سنڌي لغات، لوڪ ادب رٿــا، فــارسي ڪتــابن جي ايڊيٽنگ، بنيادي تاريخي ڪتابن جا ترجما ۽ سنڌ جي تاريخ جو وسيع تر مطالعو- جهڙا علمي پراجيڪٽ هٿ ۾ ڪنيا. سنڌ جي محب وطن عالمن ۽ محققن، هنن علمي منصوبن کي تڪميل تي پهچائڻ جو پورو جتن ڪيو.نہ رڳو ايترو پر سنڌ جي طويل تاريخي سفر ۾، هي پهرين ڪوشش هئي تہ، سنڌ جا پنهنجا محقق، اسڪالر ۽ مؤرخ - سنڌ جي باري ۾ جامع علمي ڪم ڪن. هن ڏس ۾ وڏي حد تائين سنڌ جي وطني گهرجن ۽ مصلحتن کي بہ مد نظر رکيو ويو. افسوس رڳو هي آهي تہ اهي جملي منصوبا (سواء سنڌي لغات ۽ لوڪ ادب اسڪيم جي) پورا نہ ٿي سگهيا. سنڌ جي علمي ۽ تاريخي اپياس جي اوسر ۾ بورڊ کان علاوه ٻين ادارن بہ ڪجهہ پاڻ موکيو آهي.

ظاهر آهي تہ گذريل هڪ هزار سالن جي علمي سفر ۾ جتي تاريخ جا ڪتاب، سوانحي تذڪرا، شاعرن بابت ماخذ، صوفين جي باري ۾ مسودا، ملفوظات ۽ سياسي خط وغيره- سون جي تعداد ۾ فارسي زبان ۾ لکيا ويا هجن، اهي نہ شايع ٿيا هجن، نہ تہ دستياب هجن ۽ نہ وري ترجمن ذريعي بہ اسان تائين پهتا هجن، اتي ڪنهن خاص مسئلي يا تاريخي نقطي بابت، ڪو هڪ اڌ ڪتاب رفر ڪري، مثبت جواب لهڻ مشڪل تہ آهي، پر اهو هڪ خوفناڪ لاڙو پڻ ٿيندو. اهي ڪتاب نہ تہ سڄي جا سڄا رد ڪري سگهبا، ۽ نہ وري هر ڳالهہ ۾ اکيون ٻوٽي قبول ڪري سگهبا. سنڌ جي تاريخ بابت سوچيندي هڪ تہ علمي انداز اختيار ڪرڻو پوندو ۽ ٻيو تہ سنڌ جي پنهنجي علمي مفاد واري سوال کي بہ ذهن ۾ رکڻو پوندو!

تاريخ جي تحرير ۽ توضيح جا اسين اڄ پيش ڪيون ٿا، ضروري نہ آهي تہ مير محمد معصوم ۽ علي شير قانع بہ ائين سوچيو هجي. ان دور جون پنهنجيون علمي گهرجون هيون. ان دور جي سوچ جو انداز بہ پنهنجو هو. خود لکندڙن جي ذاتي پسند ۽ ناپسند توڙي مجبورين جو احاطو بہ ڪرڻو پوندو. وچئين دور جي لکندڙن کي ڪڏهن بہ همت نہ ٿي تہ، اهي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي معلومات گڏ ڪن. پر اهي جستجو ۽ تلاش جي ايتري تڪليف ڪن بہ ڇو؟ ٻيو تہ انهن کي اهي وسيلا بہ دستياب نہ هئا، جي اڄ

اسان کي ميسر آهن. هن صديءَ ۾ جڏهن علم ۽ تحقيق جا نوان رخ متعين ٿيا آهن، ۽ تاريخ توڙي تلاش جا نوان گس نروار ٿيا آهن، تڏهن يارهين صديءَ جي تاريخي سوچ کي مکمل سڏڻ نهايت هاڃيڪار عمل ٿيندو. انهن بزرگن جا ڇڏيل ڪيئي نقطا، تقابلي اڀياس ذريعي، اڳ ۾ ئي غلط ثابت ٿي چڪا آهن.

اعتراض ڪيو ويو آهي ته مخدوم بلال نه ته گهاٽي ۾ پيڙيو ويو ۽ نه وري ڪيس شهيد ڪيو ويو هو. ** مطلب ته حاڪمن کي سندس مخالفت جي پرواهه نه هئي، ان ڪري سندس وار به ونگو نه ٿيو هو ۽ پاڻ پنهنجي طبعي موت مئو هو. هن مسئلي تي هيل تائين جيڪا به گفتگو ٿي آهي، ان کي علمي انداز سان نقطي وار بحث هيٺ آڻجي ٿو.

## مير معصوم جي لک، جو تفصيلي تجزيو:

مخدوم بلال جي سر نح جو پهريون ماخذ مير معصوم جو ڪتاب آهي. هي ڪتاب ١٠٠٩هه / ١٦٠٠ع ۾ لکيو ويو ۽ ان جا متعدد ايڊيشن موجود آهن. مخدوم صاحب بابت هن ڪتاب ۾ آيل مواد کي نه ته صحيح طور تي سمجهيو ويو ۽ نه وري درست طريقي سان اٿو ڪيو ويو. بحث کي اڳتي وڌائيندي سڀ کان اول اسين مير معصوم جي تحرير جو تجزيو ڪنداسين. هي ڪتاب سومرن ۽ سمن جي دور تي پهريون ماخذ آهي ۽ پڻ سڀ کان اول ان ذريعي اسان تائين، ڪجهه سنڌي مشاهيرن جو احوال به پهتو آهي. ارغونن ۽ سمن جا معرڪا، سنڌي سورمن جون جنگيون، ڏيهي ماڻهن جون غداريون، شاهه بيگ ۽ شاهه حسين جا سنڌي عوام خلاف خوني معرڪا، ۽ سڀ کان وڏيڪ ته ٻن همعصر سنڌي عالمن: مخدوم بلال ۽ قاضي قادن بابت، مفصل مواد اسان کي هن ڪتاب ذريعي پهتو آهي. جيئن اسان مٿي ذڪر ڪيو ته، دريا خان جي شهادت کانپوءِ مخدوم بلال اڪيلو، سرگرم ۽ متحرڪ انسان هو، جنهن ارغونن خلاف تحريڪ کي جاري رکيو. مير معصوم لکيو آهي ته قاضي قادن جي معرفت، ڪيس صلح جي آڇ ڏني وئي جا هن ٺڪرائي ڇڏي. صلح ارغونن جي ضرورت هو مگر ائين نه ٿي سگهيو. حب الوطنيءَ جي تقاضا تحت مخدوم صاحب نه ته ڌارين حاڪمن سان ڪو ناهه ڪيو، ۽ نه وري

ڪانئن ڪو عهدو يا انعام اڪرام ورتو. ان پس منظر ۾ ڪيس شهيد ڪيو ويو.

مخدوم بلال جي باري ۾ مير معصوم پنهنجي ڪتاب ۾ ٻن جاين تي مواد ڇڏيو آهي. ارغون دور جي مشاهيرن جي ذڪر ۾ مخدوم بلال جو بيان آيو آهي. چون تا تہ مير معصوم لکيو آهي تہ: وفات ايشان درسنه تسع و عشرين و تسعمايه روي نمود (ص ١٩٩). يعني تہ سندن وفات ٩٢٩ ھ ۾ ٿي. هي جملو آهي جنهن جي آڙ وٺي، هڪ شهيد جي ڪئي ڪمائي چٽ ڪرڻ جي مهم هلائي وئي آهي. سنڌ جي صوفين بابت اولين دستياب ڪتاب ۾، مخدوم بلال جي وفات جي تاريخ ٣٠ صفر ٩٣١ ھ ملي ٿي. ليڪن هن ڪتاب جي ايڊيٽر سيد حسام الدين راشديءَ لکيو آهي تہ، بنيادي نسخي ۾ وفات جو سن وغيره لکيل ڪونهي (١). ان طرح "تاريخ معصومي" جو اقتباس مٿي ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جنهن نسخي کي اساس بنائي، هي ڪتاب ايڊٽ ڪيو ان ۾ پڻ سن وغيره تحرير ٿيل نہ هو (٢). سيد حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو خيال آهي تہ، هڪ طرف مير معصوم سالن يا تاريخن ۾ غير معتبر آهي ۽ ٻئي طرف ڪاتبن بہ ڪتاب ۾ پنهنجي پاران فضول واڌارا پيا ڪيا آهن. محمد غوثي بہ هن دور جو عالم هو، جنهن پڻ هن ڏس ۾ خاموشي اختيار ڪئي آهي (٣). ان جو مطلب تہ سترهين صديءَ جي هڪ ٻئي کي ويجهو ٽن ادبين ۽ محققن - مخدوم بلال جي وفات جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي ۽ نہ وري تاريخ يا سال لکيو اٿن. ارڙهين صديءَ ۾ مير علي شير قانع، هن مسئلي تي نهايت محتاط ڏسجي ٿو. هو نہ تہ مخدوم بلال جي وفات جو ذڪر ڪري ٿو، ۽ نہ وري ڪو سال وغيره لکي ٿو (٤). مذڪوره ٽئي ڪتاب سندس ماخذاتي ذريعا هئا. جي انهن ۾ ڪوسن لکيل هجي ها تہ، ڪيس اهو نقل ڪرڻ ۾ عيب نہ ٿئي ها. ان جو مطلب تہ اهڙا متضاد واڌارا پوين ڪاتبن جو ڪمال آهن.

مير معصوم پنهنجي ڪتاب ۾ مخدوم بلال جو ٻيو ذڪر شاه بيگ ارغون جي فتوحات جي پس منظر ۾ ڪيو آهي. هي بيان وڌيڪ بحث طلب آهي. هو لکي ٿو تہ:

"اما مخدوم بلال که يکي ازعلماي مشايخ آن ديار است مانع آمده نمي گذارد بل ترغيب و تحريص جنگ وقتال مي نمايد وازان جهة بودکه بعد از فتح شاه بيگ نسبت به مخدوم بلال مؤاخذه و مصادره فرمودند" (ص ١١٧).

مخدوم امير احمد مرحوم هي تاريخي جملو هن ريت ترجمو ڪري ٿو:

"پر انهيءَ ملڪ جو هڪڙو عالم ۽ مشائخ مخدوم بلال ڪين روڪي وينو آهي ۽ اچڻ نٿو ڏئي، بلڪ لڙائيءَ جي ترغيب ۽ جوش ڏياري رهيو آهي. اهوئي سبب هو جو فتح ڪانپوءِ شاه بيگ مخدوم بلال تي سختي ڪئي ۽ ملن ڏنڊ ورتو" ( ص ١٥٦ - ١٥٧).

جن دوستن مخدوم بلال جي شهادت جو انڪار ڪيو، انهن هن ترجمي کي به خوب استعمال ڪيو آهي. اصل صورتحال کي پرکڻ لاءِ اچو ته مختلف ترجما ڏسون ۽ ڪجهه لفظن کي به پيش ڪيون. ان طرح حقيقي معنيٰ ۽ مفهوم ڏسجي ته ڇا ٿو نڪري؟

ڪپتان ماليت سڀ کان اول "تاريخ معصومي" جو انگريزي ترجمو شايع ڪيو هو، ان ۾ مخدوم بلال تي ارغونن طرفان ڏنڊ ڇٽي، سزا طور ڏيکاريل آهي (٥).

ماليت کان سنت پوءِ ديوان ننديرام جو ترجمو پڌرو ٿيو. هن جملي جو ديوان صاحب اجهو هي الٿو ڪيو:

"ته ميان محمود ۽ موٽڻ خان ۽ چام سارنگ ۽ رنمل سودي کي اها پيلپ ڪرڻ جي سڌ هئي پر مخدوم بلال هڪڙو پڙهيلن ۽ وڏن ماڻهن منجهان ان ڳوٺ جي آهي جهلي نٿو بلڪ ريسارو جنگ ۽ جهيڙي جو ڪري ٿو هن لاءِ جو شاه بيگ جي فتح کانپوءِ مخدوم بلال کان چٽيون چوڙيون ورتائون" (٦).

ان بعد مرزا قليچ بيگ مرحوم پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هي اقتباس ترجمو ڪيو:

...... as the latter had been ill-treated by the Mughuls after Shah Beg's victory in Sind and compelled to give certain taxes (7).

مشهور محقق ۽ تذڪره نويس مولانا دين محمد وفائي هن جملي کي
هن ريت ترجمو ڪيو:

"هي بنيادي سبب آهي جو شاه بيگ، مخدوم کان وير وٺڻ جو ارادو
ڪيو" (٨).

قيام پاڪستان کانپوءِ محمود الحسن صديقي صاحب، مير معصوم جي
ڪتاب جو انگريزي ترجمو ڪيو ۽ ان جي تشريح ڪري، ولايت مان
ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ورتي. هو صاحب وڌيڪ واضح مطلب سان، بحث هيٺ
ٽڪري کي ترجمو ڪري ٿو:

It was on this account that after his success, Shah Beg took Makhdum Bilal to task and punished him (9).

صديقي صاحب هن جملي جي آڌار تي مخدوم بلال جي شهادت جو
مفهوم ظاهر ڪندي لکيو آهي ته:

His death is 929/1522 - 23 may have been the result of the incident referred to above (P.27, F. Note: 3)

سنڌ جو نامور مؤرخ سيد حسام الدين راشدي هن جملي کي هن ريت
واضح ڪري ٿو:

"مخدوم بلال شيخ وطن دوستي بود ۽ لذا برعليہ اين اشغال ارغونها
نهضتي را آغاز کرد، وبالآخره پس ازبسيار زجرو ستم ازدست ارغونها بسال
(٩٢٩هہ) فوت کرد" (١٠).

ايم. ايچ.. پنهور صاحب هي اقتباس هن طرح کولي سمجهائي ٿو:

Makhdum Bilawal was captured and punished (i.e. he may have been imprisoned, tortured and allowed to die a slow death, if not crushed alive in oil expeller as is believed by the people of Sind specially of Baghban, where he is buried (11).

مختلف ترجمن ۽ تشريحن ڏسڻ بعد اچو ته ڪجهه لفظن پيٺيون. مير
معصوم جي مٿي ڏنل جملي ۾ ٻه اکر "مواخذه" ۽ "مصادره" توجه گهرن ٿا.

لغتن موجب "مواخذه" جي معنيٰ آهي: وٺ پڪڙ ڪرڻ، ڪيتو لوڙائڻ، بدلو وٺڻ، انتقام وٺڻ، عيوضو وٺڻ، ڪيل ڏوهه جي سخت سزا وٺڻ (١٢). ان ڪانپوءِ "مصادره" اچي ٿو. مٿي آيل ترجمن ۾ هن لفظ جي معنيٰ: ڏنڊ، چٽي، ٽيڪس، وير، محصول ۽ سزا - ظاهر ڪيا ويا آهن. ان جو مطلب ته محققن ۽ اديبن جو ڪنهن به هڪ معنيٰ تي اتفاق ڪونهي. ٻن عربي اردو لغتن موجب هن لفظ جي معنيٰ آهي: ڪسي ڪي خون ڪو اس ڪي مال ڪي بدلي بيچنا (١٣). هڪ فارسي لغت موجب: خون ڪسي رابمال او فروختن (١۴)، يعني ته ساڳيو عربي اردو ڊڪشنرين وارو مفهوم ڏنل آهي. ايران جي مشهور لغت نويس علي اڪبر دهخدا مرحوم "مصادره" تي، تاريخي پس منظر ۾ مفصل روشني وڌي آهي. اسين ان جو خلاصو ڏيون ٿا:

"ڪنهن جي خون کي ان جي مال جي بدلي وڪڻڻ، ڏنڊ. ڏوهيءَ ڪان زور تي مال (دولت) طلب ڪرڻ. جو شخص ڏوهه ڪري ان تي حڪومت هلائڻ. ان ڪان حساب وٺڻ. ڪنهن سان سنو سلوڪ نه هلڻ. ان تي حڪومتي پڪڙ ڪرڻ. اسلامي دور جي ابتدا کان مصادره ڏسجي ٿو. هي طريقو خلفاءِ راشدين جي دور کان شروع ٿيو. والي (گورنر) واپار ذريعي يا ڪن ٻين طريقن سان، زياده مال حاصل ڪري هٿ ۾ ڪندا هئا ته، خليفا انهن کان اڌ مال وٺي بيت المال ۾ جمع ڪرائيندا هئا. حضرت عمر ڪوفي، بصري ۽ بحرين جي والين سان مصادره لاڳو ڪيو. هن عمل کي ان دور ۾ مقاسمه ۽ مشاطره چوندا هئا. بنو اميه جي دور ۾ عالي رتبي وارا ظلم ۽ زور زبردستيءَ سان ماڻهن کان مال وٺندا هئا. هي طريقو بنو اميه جي آخر تائين جاري رهيو. عباسي خليفن جي ابتدا ۾ مصادره نه هو. ان بعد حاڪمن جي لالچ ۽ ظلم جي ڪري هي طريقو جاري ٿيو. منصور جي دور ۾ "بيت المال مظالم" جي نالي سان ادارو ٺهيو، ۽ جيڪو مال مصادره طور عاملن کان وٺبو هو، سو ان ۾ جمع ٿيندو هو. مهدي، هارون ۽ مامون به مصادره رائج رکيو. هارون جي خلافت ۾ خراسان جي والي علي بن عيسيٰ کان، مصادره طور سندس موت کان ٿورو اڳ، ڏيڍ سؤ اٺ ورتا ويا. ان بعد عاملن ۽ وزيرن به مصادره شروع ڪيو. لٽ جو مال بغداد ۾ وزيرن وٽ آيو ٿي ته، خليفن ان

ڪي پاڻ وٽ جمع ٿي ڪيو. مقتدر جي دور ۾ هي طريقو ويتر وڌيو. ڇو ته هو ننڍي عمر ۾ خليفو ٿيو هو. ان ڪري وزيرن قرمار ڪري دولت ڀي گڏ ڪئي. ابن فرات، خاقاني، حامد بن عباس، عبدالله بن محمد ۽ احمد بن عبيدالله - مصادره هيٺ آيا. سندن مال ضبط ٿيو. ڪين گرفتار ڪيو ويو. يا اهي قتل ٿيا (١٥).

ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب چيو ته بلوچ رسمن ۾ ڏنڊ نه ڀرڻ جي صورت ۾ مجرم ڪي قتل ڪرڻ جو سلسلو موجود آهي. ان جو مطلب ته مخدوم بلال تي ڪيس هليو ۽ وڏي رقم جي چٽي مٿس وڌي وئي جا هن ادا نه ڪئي. ان طرح ڪيس قتل ڪيو ويو. مولائي شيدائي هن مفهوم کي بلڪل ويجهو ڏسجي ٿو؛ جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، شاه بيگ، مخدوم بلال تي ڏنڊ رکيو جو هن ڀري ڏيڻ کان انڪار ڪيو (١٦).

مير محمد معصوم بکري گهڻ پهلو شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ هڪ ئي وقت مؤرخ، شاعر، سپاهي، امير ۽ ڊپلوميٽ هو. سنڌ جي هن نامور عالم جي شهادت بابت لکندي، پاڻ نهايت احتياط کان ڪم ورتو اٿس. مخدوم بلال جي سزا لاءِ "مصادره" اکر لکندي، پاڻ هن لفظ جي تاريخي معنيٰ ۽ مفهوم کان پوريءَ ريت واقف هو. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ فارسي شعبي ۾ ڊاڪٽر روشن آرا بيگم سان جڏهن هن معاملي تي ڳالهه ٻولهه ٿي، تڏهن چيائين ته وچئين دور جي مؤرخن ڪڏهن ڪڏهن وڏي خبرداريءَ سان، ۽ ڀڻ ڪن خاص واقعن بابت مبهم ٻولي استعمال ڪئي آهي. مير محمد معصوم بکري به اهڙن لکندڙن مان هو.

هن سڄي بحث مباحثي جو نتيجو هي نڪتو ته، مخدوم بلال بابت سنڌ ۾ جاري صدين جي روايت کي آڏو رکندي، مير معصوم جي مذڪوره اقتباس جو ترجمو ڪيو وڃي ها ته، خاطري آهي ته هي غلط فهمي پيدا نه ٿئي ها. مختلف ترجمن، لغتن ۽ روايتن جي تقابلي ذريعي، بحث هيٺ جملي جو ترجمو هن ريت ٿئي ٿو؛

"..... ڀر انهيءَ ملڪ جو هڪڙو عالم ۽ مشائخ مخدوم بلال ڪين روڪي ويٺو آهي ۽ اڃڻ نٿو ڏئي، بلڪه جنگ جي ترغيب ۽ جوش ڏياري

رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو فتح ڪانپوء شاه بيگ، مخدوم بلال جو مواخذو ڪري مٿس ڏنڊ وڌو جو هن نہ ڀريو. انڪري ڪيس قتل (شهيد) ڪيو ويو".

## قديم تحريرن ۾ مواد جي شاهدي:

مخدوم بلال جي شهادت ارغونن جي دور ۾ ٿي. دودي چنيسر جي تاريخي تصادم کي پٽن پانن ڳائي وڄائي مشهور ڪيو ۽ پوء ايندڙ نسلن لاء محفوظ ڪيو. دريا خان سوا ٻہ صديون پوء شهيد ٿيو پر ان لاء ڪوبہ چارڻ يا سگهڙ چپ نہ ٿو چوري. پوء هي چئون ڇا تہ دريا خان شهيد نہ ٿيو هو. هت اسين مخدوم بلال جي شهادت بابت، قديمي مواد جي نشاندهي تاريخي تسلسل جي لحاظ سان ڪنداسين.

(i) تاريخ معصومي:- هي ڪتاب مخدوم بلال جي شهادت کان اسي سال پوء، سن ١٠٠٩ هہ / ١٦٠٠ع ۾ لکيو ويو. ان ۾ مخدوم صاحب بابت آيل مواد جي مفصل ڇنڊڇاڻ اسان مٿي ڪئي آهي. افسوس تہ سندس تحريرن کي درست طور نہ تہ سمجهيو ويو ۽ نہ وري الٽو ڪيو ويو. وڏي ڳالهہ تہ ڪتاب جي مترجم مخدوم امير احمد مرحوم، مخدوم بلال جي شهيد ٿيڻ جي حقيقت مڃي آهي، جيئن هن مقالي ۾ ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ٿي رهيو آهي.

(ii) هڪ قديم تحرير: مشتاق متعلوي جنهن مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر ڪيو ۽ مرثيو بہ لکيو، تنهن لکيو آهي تہ پاڻ مخدوم صاحب جي شهيد ٿيڻ واري ماجرا هڪ قديم تحرير تان ورتي اٿس:

"نقل از منبع قديم، در منقول چنين نوشته بود"(١٧).

ان جو مطلب تہ مرحوم مشتاق هي ڳالهہ روايتن جي آڌار تي نہ ڪئي، پر سندس آڏو نهايت قديم نوشتو هو، جتان مخدوم بلال جي غيرن هٿان شهادت جو ذڪر ورتائين. افسوس تہ هن قيمتي لکت بابت وڌيڪ معلومات اڃ دستياب ڪانهي.

(iii) دليل الذاڪرين:- حاجي پنهور سن ١١٠٦ هہ / ١٦٩٤ع ۾ هي ڪتاب لکيو جنهن ۾ مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر آهي. مولانا وفائي مرحوم هن ڪتاب جي مدد سان، مخدوم ساهڙ جي بيان ۾ لکيو آهي تہ:

پنهنجي مرشد مخدوم بلال جي شهادت کانپوءِ هو حضرت مخدوم نوح هالائي جي صحبت ۾ رهيو ۽ اتان گهڻو ڪجهه فيض پرايائين (١٨).

(iv) سراج العارفين:- هي ڪتاب سن ١٢١٥ هه / ١٨٠٠ع ۾ لکيو ويو. هن جي حوالي سان جناب جي. ايم. سيد لکيو آهي ته: مخدوم صاحب جي شهادت جو واقعو، حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب ۾ پڻ ملي ٿو (١٩).

(v) سچل فقير جي شاهدي:- ميرن جي دور جي هن حق پرست شاعر سن ١٢٤٢ هه / ١٨٢٧ع ۾ وفات ڪئي. هڪ ڪافيءَ ۾ مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر گهاڻي ۾ پيڙجڻ جي حوالي سان ڪري ٿو:

گهاڻي ۾ بلاول پيڙايئي، عنايت ميدان مارايئي (٢٠).

(vi) تاريخ گنجينهٔ جهان نما:- هي ڪتاب فارسي زبان ۾ ٽن جلدن ۾، مخدوم محمد عاقل مرحوم سن ١٢٨٨ هه / ١٨٧١ع ۾ مرتب ڪيو. ڪتاب اڃا نه ڇپيو آهي. هن جو نالو "جام جهان نما" به چيو وڃي ٿو. هن ڪتاب جو سنڌي اختصار مخدوم حاجي محمد شفيع عباسيءَ ڪيو، جنهن ذريعي مخدوم بلال جي شهادت، گهاڻي ۾ پيڙجڻ واري روايت، ۽ ان تعلق ۾ مهدوين جي ملوث هجڻ جو ذڪر ملي ٿو (٢١).

(vii) بياض مشتاق متعلوي:- قاضي هدايت الله مشتاق متعلوي اوڻيهين صديءَ جو مشهور مصنف، نثر نويس، شاعر ۽ عالم ٿي گذريو آهي، جنهن کي عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين تي دسترس حاصل هئي. مولانا وفائي مرحوم "تذڪره مشاهير سنڌ" لکندي سندس بياض مان خاص فائدو ورتو. ان حوالي سان ظاهر ٿئي ٿو ته مرحوم مشتاق متعلوي، مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر به ڪيو ۽ مرثيو به لکيو، جنهن لاءِ وفائي صاحب لکيو ته ان ۾ پوءِ جي هيرا ڦيري ٿيل آهي، ڇو ته هن شعر مان سن ٩٠٦ هه نڪري ٿو:

چو بهره اش ز. ما اوذيت، موهوب

نموده اش قتل قوم چنده ناحق (٢٢).

(viii) ڊاڪٽر دائود پوٽو:- سنڌ جو هي مشهور اسڪالر به ان شهر ۾ پيدا

ٽيو، جنهن جو ذڪر بار بار مخدوم بلال جي حوالي سان ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب ١٩٣٨ع ۾ "تاريخ معصومي" ايڊٽ ڪري شايع ڪئي، ۽ حاشين ۽ تعليقات ۾ ڪٿي به سندس شهادت جي نفي نه ڪئي هئي.

(ix) رڪيل شاه صوفي:- هن مشهور شاعر سال ١٩٤٠ع ۾ وفات ڪئي. شهادت ۽ ڳهاٽي ۾ پيڙجڻ واري وارتا پنهنجي هن ڪافيءَ ۾ ظاهر ڪيائين:

چڙي ڏي ملڪ دنيا کي، ويهي ٻڌ عشق جون ڳالهيون

قديم دور کان هلندڙ زماني تائين، سوين سنڌي شاعرن مخدوم بلال کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. ضروت آهي ته ان سموري شعر کي جداگانه شايع ڪجي.

(x) تذڪره مشاهير سنڌ:- مولانا دين محمد وفائي پهريون محقق آهي، جنهن سنڌ جي مشاهيرن بابت سنجيدو اڀياس ڪيو. هن صاحب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي، سوين مدرسه، ڪتبخانه ۽ خانقاهون پيٽيون ۽ هزارين چپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتاب، بياض ۽ خطي نسخا ڏٺا. ان ريت وڏي تڪليف سان پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" لاءِ مواد گڏ ڪيو. پهريون جلد پاڻ قيام پاڪستان کان سال اڳ ١٩٤٦ع ۾ مڪمل ڪيائين. ٻئي طرف مولانا سنڌجي وطن دوست سياست ۽ حق پرست عالمن جي گروه سان پڻ لاڳاپيل هو. ملڪي سياست جي داءَ پيچن توڙي مختلف نوشتن کي ڏسي ڪري، هو ان نتيجي تي پهتو هو ته مخدوم بلال شهيد ڪيو ويو هو:

"آخر جڏهن سنڌ پوري ارغون خاندان جي هٿ ۾ اچي وئي تڏهن مخدوم بلال کي پهرين محرم سن ٩٣٥ هه يا ٩٢٩ هه جي شام تي سندس شهر باغبان ۾ وقتي سياست سبب مرزا شاه حسن بيگ ارغون جي حڪم سان شهيد ڪيو ويو ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو" (٢٣).

(xi) پيغام لطيف:- جناب جي ايم سيد جو جدامجد شاه حيدر سنائي، مخدوم بلال جي خليفن مان هو. ان طرح هن بزرگ اديب خانداني روايتن ۽ وسيع تر اڀياس جي تناظر ۾، مخدوم بلال جي شهادت بابت پهريون مرتبو سال ١٩٥٢ع ۾ شايع ڪرايل ڪتاب "پيغام لطيف" ۾، نهايه پڌري ۽ چٽي روشني وڌي. پاڻ لکي ٿو ته:

"مخدوم بلال جنهن جي اخلاقي همدردي ان تحريڪ سان هئي، ان

ڪي ڪنهن بهاني تي سرڪاري طرفدار مولوين کان فتويٰ وٺي گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪرايو ويو...... انهن سيني ڳالهين ڪري شاه حسن ارغون ڪن مصنوعي عذرن تي ملن کان فتويٰ وٺي ڪيس گهاٽي ۾ پيڙائي ڇڏيو. اهو حادثو سن ٩٢٩ هه ۾ ٿيو (٢۴).

جيتوڻيڪ فتويٰ واري ڳالهه ڪجهه عجيب لڳي ٿي، پر هن ڏس ۾ شاه عنايت جي شهادت واري ماجرا کي ذهن ۾ رکڻ سان، مسئلي کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ملي ٿي. جناب جي. ايم. سيد هڪ ٻئي ڪتاب "سنڌ جا سورما" ۾ عنوان تي وڌيڪ روشني وڌي آهي.

## همعصر عالمن جا رايا:

مخدوم بلال جي سوانحي جزن جي ميڙا چونديءَ شهادت جي عظمت جي باري ۾، مواد جي حاصلات جو پهريون دور، مير معصوم کان شروع ٿيو ۽ ڪتاب "پيغام لطيف" جي ڇپجڻ تي پورو ٿيو. ان طرح شهيد مخدوم بلال جي سوانح جي تعمير تي ۽ هڪ مربوط خاڪو جڙي سامهون آيو. مولانا وفائي قيام پاڪستان کان ستت پوءِ فوت ٿي ويو ۽ "تذڪره مشاهير سنڌ" ڇيجي جلد منظر تي نه اچي سگهيو. انڪري عنوان تي ڪم ڪندڙ لاءِ اڪيلو ۽ ڇٽو مواد "پيغام لطيف" جي صورت ۾ دستياب هو. ستت پوءِ مولائي شيدائي جا ٻه تاريخي ڪتاب "جنت السنڌ" ۽ "تاريخ تمدن سنڌ" شايع ٿيا، جن ۾ شهيد بلال بابت، سيد صاحب جي تحقيق جا حوالا ڏنا ويا. ان ريت هي حوالا ۽ تحقيق پوءِ اڪثر محققن جي سامهون رهيا.

ليڪن هلندڙ دور جي علمي ۽ تاريخي تحقيق ۾ ٻه نالا وڏي وقعت رکن ٿا. ورهاڱي کانپوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌ جي علم ادب، لوڪ ساهت، تاريخ، شعر ۽ شاعري توڙي مقامي روايتن کي، جنهن سطح تي ڏٺو، ٻڌو، سهيڙيو ۽ گڏ ڪيو؛ اهڙو شاندار مثال تمام گهٽ ملڪن ۽ معاشرن ۾ ملي ٿو. سنڌ جي هن نامور اسڪالر هن طرح مخدوم صاحب متعلق لکيو آهي: مخدوم بلال وڏو مفسر ولي الله جنهن کي شاه بيگ ارغون ڏهين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ شهيد ڪرايو. سنڌس مسجد تلٽي ۾ ۽ مقبرو باغبان ضلع دادو ۾ آهي (٢٥). هي حوالو "جامع سنڌي لغات" جي پهرئين جلد تان

ڪنيل آهي ۽ اهو جلد سنڌ جي هڪ ٻئي سپوت ڊاڪٽر دائود پوٽي جي نظرثانيءَ بعد ڇپيو هو. ان طرح هي ٻيو حوالو آهي جنهن ذريعي مخدوم بلال جي شهادت بابت، اسان کي ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تائيد حاصل ٿئي ٿي.

سيد حسام الدين راشدي مرحوم پڻ مخدوم بلال جي عظمت ۽ شهادت جو قائل هو. پاڻ "تذڪره مشاهير سنڌ" جو جلد اول ايڊٽ ڪيائون، جو سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٧٤ع ۾ شايع ڪيو. راشدي صاحب ڪتاب ۾ جا بجاءِ وضاحتي حاشيا، نوٽس ۽ حوالا شامل ڪيا آهن ۽ ڪٿي ڪٿي سواليه نشان به ڇڏيا آهن. فاضل ايڊيٽر مخدوم بلال جي شهادت جي ڪٿي به نفي نه ڪئي آهي، پر جي هن باب ۾ ڪين ڪٿي ڪو اختلاف آهي ته، پوءِ اهو شجري واري مسئلي تي ڏسجي ٿو. سمن چامن جي شجرن تي راشدي صاحب هن ڪان اڳ مفصل ڪم ڪيو هو. ان ڪري صفحي ٦٣ تي موجود مخدوم بلال جي شجري تي شڪ ظاهر ڪندي، ڪين سواليه نشان هڻندي ڪابه هيڪ نه ٿي هڻي. راشدي صاحب جزوي طرح معصوميءَ جي سنڌي ڇاپي تي به مايوسي ڏيکاري هئي، جڏهن پاڻ سلطان محمود بکريءَ بابت ڪم ڪيو هئائين. سائين محمد ابراهيم جويي جي روايت آهي ته سنڌ جو هي باوقار اسڪالر، مخدوم بلال سان بي حد عشق ڪندو هو. پاڻ شعر جو اهڙو بياض به تيار ڪيو هئائين، جن ۾ مخدوم صاحب جي شهادت ۽ گهاڻي ۾ پيڙجڻ جي وارتا بيان ٿيل هئي. راشدي صاحب "مقالات الشعرا" ايڊٽ ڪندي، هن عنوان تي مفصل ڪم ڪرڻ جو به ارادو ڏيکاريو هو، پر افسوس ته سندن اها خواهش پوري نه ٿي سگهي. راشدي صاحب هڪ هنڌ مخدوم بلال کي شهيد سڏي، شڪايت ڪئي آهي ته تاريخ ۾ اهڙن ڪردارن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي (٢٦). ان ريت به وڏي ۾ وڏا همعصر محقق ۽ مؤرخ، مخدوم صاحب جي شهادت کي تسليم ڪن ٿا.

مخدوم بلال جي باري ۾ پهريون ڪتابڙو لکندڙ مرحوم حافظ محمد احسن چنه، دادو شهر جو رهاڪو هو. پاڻ مخدوم صاحب جي لوهي گهاڻي ۾ پيڙجڻ جي وارتا لکي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته سندس شهادت ميران مهدي جونپوري جي غضب جو نتيجو هئي (٢٧). مخدوم امير احمد جنهن "تاريخ

معصومي" جو جديد سنڌي ترجمو ڪيو هو، سو پنهنجي هڪ مقالي ۾ مخدوم بلال جي گهاڻي ۾ پيڙجڻ جو بيان ڪري ٿو. لکي ٿو ته: آءٌ چوان ٿو ته سنڌ ۾ هي ڳالهه مشهور بلڪ يقيني طور چئي وڃي ٿي ته مرزا شاه بيگ، مخدوم بلال کي گهاڻي ۾ وجهي سرنهن وانگر پيڙايو هو. ان مجاهد اهو عذاب کلندي برداشت ڪيو ۽ زبان مان اف به نه ڪيائين ۽ سر ڏئي سرهو ٿيو (٢٨). ايم. ايڇ. پنهور صاحب تاريخي تحقيق ۾ هميشه سائنسي سوچ اختيار ڪئي آهي، سو پڻ مخدوم بلال جي شهادت ۽ گهاڻي ۾ پيڙجڻ واري روايت جي پٺڀرائي ڪري ٿو (٢٩).

عنوان تي تحقيق ڪندي ڪجهه محققن سان روبرو پڻ بحث مباحثي جو موقعو مليو. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان نائين آڪٽوبر ١٩٩٢ع تي، ملير ۾ ٿيل ٿر سيمينار جي موقعي تي، هن مسئلي تي گفتگو ٿي. ڊاڪٽر صاحب چيو ته مخدوم بلال شهيد ته آهي، پر هو پنهنجي دور جو وڏي ۾ وڏي عالم هو. سندس متعلق اهڙو بحث ڇيڙڻ هڪ ڏکوئيندڙ عمل آهي. مخدوم بلال جي هڪ ٻئي پاڙيسري پروفيسر عبدالله مگسيءَ هن حقيقت جي تصديق هن ريت ڪئي ته، نواب شاه جي مولوي علي محمد جمالي مرحوم، هڪ پيري هڪ عربي ڪتاب جو ٽڪرو پڙهي ٻڌايو، جنهن ۾ ڪنهن شرعي مسئلي تي سَند طور، مخدوم بلال جي فتويٰ جو حوالو ڏنل هو. اهو ڪتاب مولوي صاحب عربستان مان گهرايو هو، جو اتان جي ڪنهن عالم جو لکيل هو. ظاهر آهي ته ايڏي وڏي عالم ڪتاب پڻ لکيا هوندا، جي ارغونن سازائي ختم ڪرائي ڇڏيا. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانه چيو ته مخدوم بلال تاريخ جو وڏو نالو آهي ۽ شاه عنايت جي شهادت سندس قربانين جو تسلسل آهي. قريشي حامد علي خانائي صاحب چيو ته مخدوم بلال شهيد آهي. هن ڏس ۾ مهدوي لٽريچر جو اڀياس ضروري آهي، جن ڪيس قتل ڪرائي پنهنجو انتقام ورتو.

## مخدوم بلال شهيد ٿيو هو:

مخدوم بلال جي شهادت جي باري ۾ ٽن نقطن جي آڌار تي، جيڪو ناڪاري بحث ڇيڙيو ويو، ان بابت علمي حقيقتون مٿي اچي چڪيون آهن.

بحث دوران ڳالهه رڳو مخدوم بلال جي شهادت واري سوال تائين محدود رهي ها ته به چڱو هو. هي سچو مامرو سمن جي دور جي هڪ ٻئي مکيه ڪردار قاضي قادن جي صفائي لاءِ ڪڙو ڪيو ويو. تاريخ جي اپياس جا پنهنجا رويا ۽ ضابطا ٿين ٿا. اتهاس ڪنهن مسئلي جي تائيد ۾ هڪ طرف ٺوس مواد گهري ٿو، ۽ ٻئي طرف ڪنهن نقطي جي صفائي لاءِ واضح منطق ۽ دليل جو هجڻ به ضروري آهي. بحث دوران انيڪ قسم جا مفروضا گهڙيا ويا. چيو ويو ته دريا خان ڪان علاوه مخدوم بلال سندس پٽن کي به مارايو. مخدوم سان جڏهن سڀ سنڌ گڏ هئي ته به هو ڪجهه نه ڪري سگهيو. مخدوم بلال جي ناڪاميءَ تي لکندي هڪ مؤرخ هن ريت وضاحت ڪئي آهي: ڄام فيروز طرفان هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي، مقامي فوج جو مورال (اخلاقي حالت، همت ۽ ايمان) ايترو ته ڪري پيو جو، نهايت بااثر صوفي مخدوم بلال به ان کي بحال نه ڪري سگهيو (٣٠). ان صورتحال هوندي به سندس تحريڪ جي وڏي اهميت آهي. هن ڏس ۾ انصار زاهد خان لکي ٿو. ارغونن جي ابتدائي زماني ۾ سهرو ردين کي زبردست نقصان پهتو. انهن مان مخدوم بلال مقامي خاندانن جي قيادت ڪئي، جنهن سبب شاه بيگ کيس سزا ڏني. هن جو سوڍن تي وڏو اثر هو جن سمن جي مدد ڪئي هئي. خطرناڪ حالتون پيدا ٿيڻ سبب، سخت حفاظتي اپاءَ ورتا ويا. ان پس منظر ۾ ارغونن، سهروردي صوفين کي ختم ڪرڻ شروع ڪيو. ٻي صورت ۾ ارغونن کي سنڌ ڇڏڻي پوي ها. سهروردين جي چرپر تي نگاه رکڻ يا کين ختم ڪرڻ لاءِ، مخدوم بلال کي سزا ڏني وئي ۽ مرڪزي ايشيا مان نقشبندي توڙي قادري طريقي جي عالمن ۽ صوفين کي لڏائي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويو (٣١). مخدوم بلال نه ته ڪو عهدو ورتو ۽ نه وري صلح ڪيو. ساڳيو اسڪالر لکي ٿو ته، هو ارغونن خلاف مزاحمت کي ڏيکهه ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو. سخت تنبيهه جي باوجود به مخدوم بلال پنهنجي جدوجهد تي قائم رهيو. ارغونن اٿندي ئي سياسي مصلحت هيٺ جن به عالمن تي سختي ڪئي، انهن ۾ مخدوم بلال جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو (٣٢).

ڏسجي ٿو ته اهڙا تڪراري يا پيچيده مسئلا، ٻين قومن جي تاريخ ۾ به

رهيا آهن. تيمور منڍو هو يا نہ؟ الغ بيگ جي سِرِي ڪپي وئي هئي يا نہ؟ چنگيز ڪهڙي خطي ۾ دفن ٿيو هو وغيره وغيره. روسين سائنسي انداز سان تيمور ۽ الغ بيگ جي باري ۾ چند ڇاڻ ڪئي ۽ موجود تاريخي تضادن جي ڀرپور صفائي ڪئي. غالباً چنگيز خان کي دفن ڪرڻ وقت قبر جو نالو نشان گم ڪيو ويو هو. تازو بي. بي. سي. ريڊيو ٻڌايو تہ، جپاني سيارن (Sattelites) جي مدد سان، چنگيز جي تربت جي تلاش جاري آهي. مطلب تہ تڪراري ۽ روايتي نوعيت جي تاريخي مسئلن جو سلسلو، ٻين قومن جي اتهاس سان بہ رهيو آهي. پر انهن اهي سوال حل ڪرڻ لاءِ وڏي فراخدليءَ جو ثبوت ڏيندي، جديد کان جديد تر وسيلا ڪتب آندا آهن، ۽ هن ڏس ۾ فرسوده واويلا ڪان هٽي ڪري، نهايت وقار ڀريو طريقو اختيار ڪيو آهي.

مخدوم بلال تي تحقيق ڪرڻ جا وڏا موقعا موجود آهن. نہ رڳو سندس درگاه موجود آهي پر اتي صدين کان وٺي هر مهيني ۾ جلسو بہ ٿيندو رهي ٿو، جتي هن شهيد اعظم کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويجي ٿو. ان کان علاوه سندس خليفن جون خانقاهون بہ آباد آهن، جتان پڻ وڏيڪ مواد هٿ ڪري سگهجي ٿو. اهو بہ امڪان آهي تہ اڳتي هلي ڪو اهڙو قديم دستاويز ملي ويجي، جنهن ذريعي مخدوم بلال بابت ابهام ۾ اجا بہ وسعت پيدا ٿئي. وطن جي راه ۾ جنگ ڪرڻ وقت ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ واري سوچ سامهون نہ هوندي آهي. دريا خان فوجي ماهر ۽ دلير هوندي بہ، نٽي جي چائنٽ تي وڙهندي مارجي ويو. مخدوم بلال تہ هڪ صوفي، عالم ۽ استاد هو. وطن دوستي ڪيس هن منزل تي وٺي آئي. ان ريت وڙهندي شهيد ٿي ويو تہ پلا ڪهڙي خطا ڪيائين. جيئن مٽي انصار زاهد جو حوالو ڏنو ويو آهي تہ، هن وطن جي نجات لاءِ طويل جنگ جو آغاز ڪري ڇڏيو. ٻن صدين جا تاريخي ماخذ اهڙي ڪوپائتي ڪتا سان ڀريا پيا آهن. تاريخ جي ابهاس مان پتو پوي ٿو تہ، حاڪمن سياسي مخالفن سان ڏاڍيون عقوبتون ڪيون آهن (٣٣). مخدوم بلال ارغونن جو سياسي دشمن هو، ان ڪري ڪيس بہ شهيد ڪرايو ويو. سندس شهادت جو پڙاڏو هاڻي سنڌ جون سرحدون پار ڪري چڪو آهي (٣۴). هن جي لافاني قرباني ۽ وطن دوستيءَ جي رتبي کي بي وزن دليل ۽ اخباري مباحثا گهٽائي نہ ٿا سگهن!!

# حوالا ۽ حاشيه

** ماهنامہ "سنڌ دوست ڊائجسٽ" فيبروري ١٩٩٢ع ۾ ڇپيل هڪ مضمون ۾ اهو بحث ڇيڙيو ويو آهي.

١. سيد عبدالقادر ٺٽوي؛ "حديقة الاولياء"، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، صہ ٨١، حاشيو ٣، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع.

٢. تاريخ معصومي، ايڊٽ ڊاڪٽر دائود پوٽو، صہ ١٩٩ ۽ پڻ هن صفحي جا حاشيا بہ ڏسجن.

٣. محمد غوثي شطاري مانڊوي؛ "گلزار ابرار"، اردو فضل احمد جيوري، صہ ٣٧٥، اسلامڪ بڪ فائونڊيشن لاهور ١٣٩٥ هہ.

٤. مير علي شير قانع؛ "تحفة الكرام" صہ ١٤١، مطبع ناصري دهلي ١٣٠٨ هہ.

-مير علي شير قانع ٺٽوي- تحفة الكرام ۽ مقالات الشعرا - ۾ مخدوم بلال جي وفات جو ذڪر نہ ڪري ٿو ڪري ۽ نہ وري سن وغيره لکي ٿو. پر هو زندگيءَ جي آخر ۾ لکيل ڪتاب "معيار سالڪان طريقت" (اڻ ڇپيل) ۾ بہ هن مسئلي تي خاموش ڏسجي ٿو. هي صورتحال دلچسپ تہ آهي پر غور طلب پڻ ڏسجي ٿي.

٥. ماليت جو انگريزي ايڊيشن ١٨٥٥ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپيو هو. هن صاحب "مصادره" جي معنيٰ FINE ڏني آهي. هي ايڊيشن ايم. ايچ. پنهور صاحب جي حيدرآباد واري ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

٦. ديوان ننديرام؛ "تاريخ سنڌ"، صہ صہ ١٧٥ - ١٧٦، مفرح القلوب جو ڇاپخانو، ڪراچي ١٨٦١ع.

- ننديرام صہ ١٧٠ تي دريا خان جي پٽن جا نالا: محمود ۽ متن خان لکيا آهن.

٧. مرزا قليچ بيگ؛ "اي هسٽري آف سنڌ"، صہ ٦٦، نئون ڇاپو، سنڌ ڪلاسڪز ڪراچي ١٩٨٢ع.

٨. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ١، صہ ٦٦.

٩. محمود الحسن صديقي؛ "هسٽري آف دي ارغونس اينڊ ترخانس آف سنڌ"، صہ ٢٧، ناشر سنڌالاجي ١٩٧٢ع.

١٠. مثنوي مهر وماه، مقدمہ صہ ٦٨، مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد، ١٩٧٤ع.

١١. ايم. ايڇ. پنهور: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ"، صـ ٣٧٦، سنڌالاجي ١٩٨٣ع.
١٢. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "جامع سنڌي لغات"، جلد پنجون، صـ ٢٧١٨، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٨ع.
١٣. (i) مولانا ابوالفتح عزيزي: "مفتاح اللغات"، صـ ٧٧٩، محمد سعيد اينڊ سنز تاجران ڪتب ڪراچي.
(ii) قاضي زين العابدين: "بيان اللسان"، عربي-اردو ڊڪشنري، صـ ٧٣٣، مڪتبہ علميه قاضي واڙه ميرٺ ١٩٥١ع.
١٤. ڊاڪٽر محمد معين: "فرهنگ فارسي"، جلد سوم، صـ ٤١٦٠، تهران ١٣٦٤ هـ. ش.
١٥. علي اڪبر دهخدا: "لغت نامه"، شماره مسلسل ٢١٢، صـ ٥٣٩، تهران، سال ١٣٣٦ هـ. ش.
١٦. مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، صـ ٣٧١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع.
١٧. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ١، صـ ٦٣، حاشيو ٤.
١٨. ساڳيو ڪتاب، جلد ١، صـ ٤٣.
١٩. پيغام لطيف، صـ ٦٣.
- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب بہ ساڳيو حوالو ڏنو آهي. هن پنهنجي مقالي ۾ مخدوم بلال جي شهادت جو بہ ذڪر ڪيو آهي (سه ماهي "مهراڻ"، صـ صـ ١٤٣ - ١٤٤، پرچو ٤، سال ١٩٨١ع).
٢٠. سچل جو رسالو، صـ ٣٣٢، عثمان علي انصاري، سال ١٩٧٨ع.
٢١. مخدوم حاجي محمد شفيع عباسي: "قصص الاولياء سنڌ"، قلمي سنڌي، صـ ٣١ - ٣٤.
٢٢. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ١، صـ ٦٦.
٢٣. ساڳيو حوالو.
- جلد ١ جي صفحي ٤٢ ۽ ٤٣ تي بہ مخدوم بلال جي شهادت جي ڳالهہ ملي ٿي. وفائي مرحوم ٻئين جلد ۾ لکي ٿو: جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو مرزا جي سنڌ تي فتح حاصل ڪرڻ ڪانپوء مخدوم بلال کي شهيد ڪرايو

ويو (تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٢، صـ ٢٠٩، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع).
٢۴، پيغام لطيف، صـ ١٧ ۽ صـ ٦۴.
٢۵، جامع سنڌي لغات، جلد ١، صـ ٣٩۴، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٦٠ع.
٢٦، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، مرتب؛ غلام محمد لاکو صـ ٢٩٣، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٩٢ع.
٢٧، حافظ احسن چنہ: "مخدوم بلال عليه الرحمة"، صـ ١۴، سال ١٩۵۵ع.
٢٨، مخدوم امير احمد: "سر زمين سنڌ ۾ علم حديث"، مترجم عبدالرسول قادري، صـ ٣۴، الرحيم، جولاءِ آگسٽ ١٩٨٧ع.
٢٩، مطالعو سنڌ جو، صـ ٦١.
- ان هوندي بہ پنهور صاحب راءِ ڏني تہ، هن مسئلي تي سنجيده سائنسي تحقيق ٿيڻ کپي (ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ، صـ ٣٨٢). ليڪن هن سوال کي مسئلو بنائي پاڻ واويلا وٺڪار نہ ڪري.
٣٠، انصار زاهد خان: "هسٽري اينڊ ڪلچر آف سنڌ"، صـ ٢٩، رايل بڪ ڪمپني ڪراچي ١٩٨٠ع.
٣١، ساڳيو ڪتاب، صـ ٢٨١.
٣٢، ساڳيو ڪتاب، صـ ٣٢٣ ۽ حاشيو صـ ٣٢٠.
٣٣، مون اهڙي مختصر روئداد برصغير جي تاريخ جي حوالي سان اڳ ۾ شايع ڪرائي (عبرت ميگزين، ١ نومبر ١٩٩٢ع وارو پرچو).
٣۴، (i) ڪي. آر. ملڪاڻي: "دي سنڌ اسٽوري"، صـ ۴٢، نيو دهلي ١٩٨۴.
(ii) ساره انصاري: "صوفي سنتز اينڊ اسٽيٽ پاور- دي پيرز آف سنڌ"، صـ ٣٠، وين گارڊ لاهور ١٩٩٢ع.
(سہ ماهي مهراڻ ١ - ٢ / ١٩٩٣ع ۾ ڇپيل. سگا دادو پاران "مخدوم بلال" سووينير ١٩٩۴ع ۾ بہ ڪي تڪرا ڇپيا. مخدوم بلال جي شهادت بابت ڪجهہ وڌيڪ قديم ماخذن جو ذڪر "سمن جي سلطنت" ڪتاب جي ٻئين ڇاپي ۾ ڪيو ويو آهي).

# سيوهڻ سرڪار جو معاشرتي جائزو[1]

## چرپٽ راجا:

ننڍي هوندي هڪڙو پهاڪو ٻڌو هوم "چرپٽ راجا بيدادي نگري". خير اها تہ ٿي لوڪ ڪهاوت. ممڪن آهي اهڙو بہ ڪو راجا ٿيو هجي. البتہ وڏن جي واتان اهو بہ ٻڌوسين تہ، ان راجا جو تعلق ملڪ سيوهڻ سان هو. تاريخ جي ايياس مان پتو پوي ٿو تہ، هن خطي جي اڪثر حصن تي، هڪ اهڙو زمانو ضرور گذريو آهي. ان دور کي "مغل دور" سان (ترخان، ارغون ۽ مغل دور) ياد ڪجي ٿو. هن مضمون ۾ تاريخي ۽ سماجي ايياس ذريعي ڏسبو تہ، ان نافت الاهي، عرف ظل الاهي واري دور ۾ هتي جي معاشرتي ۽ سماجي جيوت ڪهڙي هئي، ماڻهن کي ڪيترو سک ميسر هو، هو ڪهڙن قبيلن ۾ ورهايل هئا، ڪين اجهو ميسر هو يا مورڳو متن لٽين جو وسڪارو هو. مغلن خلاف سندن جدوجهد ڪهڙي نوعيت جي هئي، ۽ ان ۾ ڪاميابي آخر ڪنهن کي نصيب ٿي؟

## پس منظر:

اسان جو ايياس ارغون، ترخان ۽ مغل دور تي (١٥٢٠ - ١٦٨٢ع) مشتمل آهي. سمن جي سلطنت ١٥٢٠ع ۾، دريا خان جي شهادت تي پوري ٿي. ان بعد سنڌ تي ارغونن جو قهري راڄ شروع ٿيو. سنڌ لاءِ هي سٺو سوڻ نہ هو، انڪري مؤرخن هن واقعي کي "خرابي سنڌ" سان تعبير ڪيو (١). ميرڪ يوسف موجب ارغونن سنڌ کي ڇهن سرڪارن ۾ تقسيم ڪيو (٢). پر هاڻي اٿين تسليم نہ ڪرڻ لاءِ ڪوبہ جواز موجود ڪونهي، تہ هي تقسيم ارغونن جي راڄ شروع ٿيندي ئي ٿي هوندي. سنڌ فتح ڪندي، شاه بيگ، مرزا قليچ بيگ موجب سيوهڻ لاءِ پهريون فوجدار مقرر ڪيو، جنهنجو نالو هو مير عليڪ (٣). سن ١٥٥٥ع ۾ شاه حسين جي موت بعد بکر ۽ سيوهڻ سرڪارون، سلطان محمود جي حوالي ٿيون ۽ باقي سنڌ (چار سرڪارون)

---

(١) هي مقالو "رني ڪوٽ سيمينار" منعقده ٢٦ مارچ ١٩٨١ع لاءِ لکيو ويو هو.

ترخانن جي ور چڙهي. پر ڪجهه مدت بعد سيوهڻ به ترخانن جي اثر ۾ اچي ويو. جڏهن اڪبر سنڌ فتح ڪئي، تڏهن هتي لاءِ الڳ عملدار مقرر ٿيڻ لڳا، جن کي عام طرح "فوجدار" سڏيو ويندو هو (۴). شايد سيوهڻ تي مغليه فوجدارن جو سلسلو تڏهن ختم ٿيو؛ جڏهن ميان نصير محمد ڪلهوڙري (١٦٨٢ع؟)، بکر ۽ وچ سنڌ جي ڪجهه علائقن تي قبضو ڪري؛ سنڌ مان مغلن جا لاهه ڪڍڻ جي ابتدا ڪئي (۵).

جيئن مٿي ذڪر ٿيو ته، ارغونن سنڌ کي ڇهن سرڪارن ۾ تقسيم ڪري حڪومت ڪئي؛ جن مان هڪ هئي، "سيوهڻ سرڪار". دهليءَ جي مغلن هن انتظامي ڍانچي کي اچا به وڌيڪ منظم ڪيو. ذڪر هيٺ آيل سرڪار موجوده دادو ضلعي، نواب شاه ضلعي جو اڌ (اوپر ڏکڻ وارو حصو) ۽ سانگهڙ ضلعي جي ريگستانن تائين پکڙيل هئي. وڌيڪ انتظامي سهولت خاطر هن سرڪار کي، ڪل يارنهن پرڳڻن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو؛ جن مان اٺ درياه جي اولهه ۾، ۽ ٽي درياه جي اوپر ۾ هئا. درياه جي اولهه ۾ هي پرڳڻا هئا- باغبان، پاٽ، نيرون قلعو، ڳاها، بوبڪ، حويلي سيوهڻ، نيرون ۽ سن. درياه جي اوپر ۾ هئا- خطو، لاڪاٽ ۽ جوڻيجو- پرڳڻو (٦).

## قبيلا، قومون ۽ ذاتيون:

قبيلائي طرز جي سوچ، قومن کي هر قسم جي اندروني انتشار ڏي گهليندي آهي. اهڙو سماج ڪافي ڊگهي عرصي تائين، غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ويندو آهي (٧). ارغوني انتشار، سنڌ جي بي اتفاقيءَ جي ڪري آيو. اچو ته ڏسون ته، ذڪر هيٺ آيل زماني ۾ سيوهڻ سرڪار ۾ ڪهڙا قبيلا ۽ ذاتيون رهنديون هيون ۽ ساڳئي وقت اهو به معلوم ڪجي ته، سرڪار ڏي سندن ڪهڙو رويو هو؟

پرڳڻي باغبان ۾، ملڪ، پنهور، ابڙا، ۽ سميجن مان ٽي قومون- جوڻيجا، پريا ۽ ٻگهيا پرامن شهري سڏبا هئا (٨). سميجن جي چوٿين قوم هئي، ٽيبا، جيڪي ارڏا هوندا هئا ۽ مٿن شاه بيگ ارغون گهڻو ڏاڍ ڪيو هو. امن پسند خواجه پاٽ پرڳڻي ۾ رهندا هئا. ان بعد پرڳڻو نيرون قلعو اچي ٿو. هن پرڳڻي ۾، ماڇين جي اڪثريت هئي جيڪي ابتدا کان ڏارين سان برسر

پيڪار رهيا. ڪين مغلن دربدر ڪري، سندن جاين ۾ زمينن تي پنهورن ڪي آباد ڪيو. هاڻي اچو ته ڳاها پرڳڻو ڏسجي. هتي جي آباد قبيلن ۾ پنهور، ڪوريجا، سميجا ٻگهيا، سميجا ٽيٻا، راه پوٽا، سميجا، پيان، سيد ۽ شيخ مشهور هئا، جيڪي سڀ پر امن شهري سڏبا هئا. بوبڪ پرڳڻي ۾، بوبڪ، سميجا، دل، سميجا ٻگهيا ۽ خواجه، ڇچا، پنهور ۽ هندو رهندا هئا. امن پسند هئا پر چغل خوري سبب مصيبت ۾ اڙبا هئا. پرڳڻو حويلي سيوهڻ، گهٽو ڪري خاموش هو. اتي جي قبيلن متعلق ڄاڻ گهٽ ملي ٿي. نيرون پرڳڻي ۾ ملاح رهندا هئا؛ جيڪي پنهنجي پيٽ گذران ۾ ئي پورا رهندا هئا. هي پرڳڻو اڳ ۾، منڇر نالي سان به سڏبو هو. ان ڪان پوءِ سن پرڳڻو اچي ٿو. هتي سيد، لاڪا ۽ ڪوريجا، قبيلا رعيت سڏبا هئا. البته ڪماڻ، مانجهند ۽ ڳاهيجا، مغلن لاءِ مٿي جو سور بنيا رهيا. ڪوريجا به ڪڏهن ڪڏهن ارڏايون ڪندا هئا (٩).

جيئن مٿي آيو آهي ته، درياه جي اوير ۾ ٽي پرڳڻا هئا. جوڻيجا پرڳڻي ۾ ڪوريجا، پنهور ۽ شيخ فرمانبردار سڏبا هئا. سميجا ۽ ٻگهيا حڪمرانن لاءِ نافرمان هئا. هتي جا پنهور ۽ ڪوريجا طاقتور هئا پر مغلن پاران سميجن انڙن سان وڙهي ختم ٿي ويا. هاڻي پرڳڻو خطو اچي ٿو، جتي هالي پوٽا، شيخ، سميجا، اوٺا، سميجا پريا، سميجا ٻگهيا، راهوجا، ڪوريجا، ڏيتا، پلي ۽ لاڪا رهندا هئا؛ جيڪي امن پسند سڏبا هئا. ميرڪ يوسف سميجن ڏاهرين ڪي ٻي چيو سڏي ٿو. هالي پوٽا ۽ سميجا انڙ هڪ ٻئي سان وڙهندا هئا؛ جنهنڪري هي پرڳڻو ويران ٿي ويو هو. لاڪاٽ پرڳڻي ۾، جيئن اڄ به آهي، لاڪا، سميجا ۽ انڙ ڪثرت ۾ رهندا هئا. شروع ۾ عوام لاڪن جي طرف هو پر پوءِ سميجن انڙن ڪي اڳواڻي ملي. ان بعد لاڪا زمينون ۽ ملڪيتون وڃائي، فريادي بنجي دهلي ويا (١٠).

## مغلن خلاف هليل تحريڪ جي نوعيت:

جڏهن سيوهڻ سرڪار جي رهاڪن ۽ حڪمرانن جي لاڳاپن جو ذڪر نڪتو آهي؛ تڏهن مناسب آهي ته هتي مغلن خلاف هلايل تحريڪ ۽ هلچل جو به سنجيدو اڀياس ڪجي ۽ ڏسجي ته ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ هو؟ افسوس

جو سنڌ اندر هلايل تحريڪن جو حقيقت تي مبني اڀياس تہ نہيو، پر هيل تائين مــجمــوعي مطالعــو بہ نہ ڪيــو ويو آهي. ذڪر هيٺ آيل زمــاني جي تحريڪن جو جذباتي ذڪر تہ گهڻو ٿيو آهي، پر فڪري لحاظ سان ڪوبہ تجزيو نہ ڪيو ويو آهي. مغلن جي زماني ۾، سنڌ ۾ طاقت جا ٽي مرڪز هئا؛ ٺٽو، بکر ۽ سيوهڻ. ٺٽي جي شاه عنايت واري تحريڪ مشهور آهي. بکر ۾ آدم شاه جي شهادت سان مغلن خلاف هڪ ڀرپور ملڪي ۽ قومي تحريڪ زور ورتو؛ جنهن آخرڪار سنڌ کي غلاميءَ جي چنبي مان آزاد ڪرايو. ٽيون مرڪز هو سيوهڻ، جتي مغلن خلاف وڏي پيماني تي هلچل هلي. ٽي قبيلا- چانڊيا، سميجا انڙ ۽ نومڙيا، خاص طرح سان، هن علائقي ۾ ڏارين خلاف برسر پيڪار رهيا (١١). پر آخر ڪاميابي ڪنهن کي نصيب ٿي؟ جواب آهي- ”ڪلهوڙا جيڪي، سرائي طاقتور قبيلن جي مدد سان منظر تي آيا. سندن ظهور پائدار حالتون پيدا ڪري، ٻي مقامي گهراڻي جو راڄ آندو“ (١٢).

مغلن خلاف ڪاميابي ڪلهوڙن کي ڇو نصيب ٿي ۽ ٻين قبيلن کي ڇو نہ؟ اڄو تہ هن سوال جو جواب ڳوليون. جڏهن بہ ڪو سماج، ملڪ يا قوم، ڪنهن مــصــيــبت ۾ وڪوڙيو ويو آهي، تڏهن ڏکين ڏينهن جي خاتمي لاءِ ڪيئي متير مڙس تدبيرون سوچي تحريڪون هلائيندا آهن. جن کي مختلف اصطلاحن يا نالن جهــڙوڪ - ”قــومي تحــريڪ“، ”ســيــاسي آزادي لاءِ تحــريڪ“ يا ”ســمــاجي بي آرامي“ وغيــره ســان ســڏيو ويندو آهي. هنن اصطلاحن جي آئيني ۾، مٿي ذڪر ڪيل ٽن تحريڪن جو تجزيو ڪندي، هيٺ سيوهڻ سرڪار ۾ مغلن خلاف هلايل تحريڪ جي نوعيت معلوم ڪئي ويندي.

ٺٽي ۾، ٻين انيڪ نامعلوم تحريڪن کان علاوه ”شاهہ عنايت“ واري تحريڪ مشهور آهي. شاهہ عنايت جي شهادت سان هي تحريڪ پنهنجي انجام کي پهتي.

بکر، طاقت جو ٻيو ڳڙه هو. ميان آدم شاه ڪلهوڙي جيتوڻيڪ، مغلن کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ روحاني تقويت ڏني؟، پر سٽت ئي ڪيس پنهنجي ڪيل غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ هو مغلن خلاف منظم قومي تحريڪ جو باني بڻيو.

ميان صاحب کي ملتان ۾ شهيد ڪيو ويو. ميان شاهل محمد بکر جي فوجدارن سان مقابلي ۾ شهيد ٿيو. ميان نصير محمد ڪيترا ڀيرا گرفتار ٿيو، پر هن صاحب همت ڪري غالباً ١٦٨٢ع ڌاري، بکر ۽ سيوهڻ تي قبضو ڪري، سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حاڪميت جو بنياد رکيو (١٣). ڪانئس پوءِ ميان دين محمد گادي سنڀالي. هن کي ١٧٠٠ع ڌاري، گرفتار ڪري ملتان ۾ ڦاسي ڏني وئي. هڪ پاسي امير ۽ سردار - سنڌي طاقت کي منظم ڪيو بيٺا هئا؛ ته ٻئي طرف ميان يار محمد عارضي طرح جلاوطن ٿي قلات هليو ويو. تمام ٿوري عرصي ۾ ميان صاحب سنڌ واپس موٽيو ۽ اچي حڪمراني قائم ڪيائين. ان بعد ميان نور محمد سڄي سنڌ تي قبضو ڪري، مغلن جا لاهه پٽي ڇڏيا. هن خاندان هڪ صدي سنڌ تي راڄ ڪيو!

سيوهڻ سرڪار ۾ جتي سميجن، چانڊين ۽ نومڙين ڌارين خلاف ڇڙوڇڙ ۽ غير منظم جنگ جاري رکي؛ اتي ڪجهه مقامي قبيلن وري سرڪار جو سات ڏنو. باغبان ۾ ماڇين کي دربدر ڪرائڻ ۾ پنهورن اهم ڪردار ادا ڪيو. چوٽي آهي "دير آهي پر انڌير ڪونهي". سو ميان يار محمد قلات کان واپس ٿي، جڏهن سنڌ ۾ "ڪلهوڙن" جي اقتدار کي وري بحال ڪيو، تڏهن سنڌس حملي ۾ فتح جو ڀريون نشانو ساڳيا "پنهور" بنيا. علي شير قانع لکي ٿو: "سراين جي فوج گڇيري جي فتح بعد، پنهورن جي گادي شڪارپور تي قبضو ڪيو ۽ مٿس نالو رکيو خدا آباد" (١٤).

ڪلهوڙن جي تحريڪ هڪ منظم قومي تحريڪ هئي، جنهن وٽ هڪ ڀرپور پروگرام هو. هن جا ڪيئي سورهيه شهيد ٿيا، پر مقصد بهرحال اڳيان رهيو. سندن تحريڪ جي شروعات بکر کان ٿي ۽ آخرڪار سيوهڻ تائين پکڙجي وئي. هو نيٺ ديس دشمن کي ڪيڏڻ ۾ ڪامياب ٿيا.ان راهه ۾ ڪين پنهنجن فقيرن کان علاوه، سنڌ جي ناميارن شاعرن ۽ درويشن جو تعاون ۽ همدردي توڙي حمايت حاصل رهي.

سماجيات جا عالم ٻڌائين ٿا ته، "جڏهن ماڻهن جون خواهشون، امنگ ۽ جذبا پورا نه ٿا ٿين ۽ معاشرو بي يارو مددگار بنجيو وڃي، تڏهن ماڻهو سماجي بي آراميءَ جو شڪار بنجيو وڃي ۽ اهڙي حالت ۾ پريشاني، ناراضگي

۽ غير يقيني واري فضا پيدا ٿيو پوي" (١٥). پوهيي صاحب چواڻي، اهڙي معاشري جون خاص نشانيون، "سندن اڳيان واضح مقصد جو نہ هجڻ، عمل ڪرڻ جي تمنا گهٽي، سماجي ڪارڪردگي بي مقصد ۽ بي ترتيب، جوش، اجايو گمان ۽ ڏپ" (١٦). جيئن اڳ ذڪر ٿيو، ان دور ۾ طاقت جو ٽيون اڏو سيوهڻ هو. هتي پين انيڪ قبيلن ڪان علاوه، ٽن قومن خاص طرح سان مغلن خلاف سالن تائين غير منظم ۽ ڇڙوڇڙ جدوجهد جاري رکي. وٽن جوش توڙي جذبو گهٽو ۽ وڙهڻ جي تمنا حد ڪان وڌيڪ هئي. پر ڏسجي ٿو تہ سندن اڳيان ڪوبہ واضح مقصد نہ هو. ڌارين خلاف وڙهندي، ذات ۽ قبيلي جي حد تائين بہ، هي قبيلا پاڻ ۾ متحد نہ هئا. انڪري جيڪڏهن اسين سيوهڻ جي هلچل ۽ جاڪوڙ کي سماجي بي آراميءَ سان تعبير ڪيون تہ، غلط نہ ٿيندو. ڊاڪٽر پوهيو پڌائي ٿو تہ، "سماجي مسئلا گهٽو ڪري سماجي ۽ ڪلچر جي تبديليءَ جو نتيجو هوندا آهن. اها تبديلي بي وقتي ۽ تڪڙي هوندي آهي" (١٧).

ارغونن اچڻ سان اهڙا قدم کنيا، جيڪي هتي جي معاشري، تمدن ۽ اقتصاديات لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا. سمان سردار جيڪي ماضيءَ ۾ فوج جي اهم عهدن ۽ جاگيرن جا مالڪ هئا، تن کي ارغونن مجبور ڪيو تہ، اهي رعيت، مزدور ۽ هاري بنجي سندن غلاميءَ هيٺ رهن (١٨). بادشاهي ڪندڙ گهراڻو ۽ سندن قبيلا، ڪسمپرسي جي زندگي گهارڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا. سندن سماج ۾ هي تبديلي، سندن منشا ۽ مرضي بغير آيل هئي. سندن ڪلچر خطري ۾ هو، وطن ڏچي ۾ هو، معاشي وسيلا تنگ ڪيا ويا هئا ۽ سڄي سماج ۾ اچي مهيءَ ولوڙ پئي هئي. هي سلسلو ارغونن ڪان هلي مغلن جي زوال تي پورو ٿيو. هونئن تہ هن طويل عرصي ۾ سڄي سنڌ مصيبت ۾ هئي پر سيوهڻ سرڪار سان تہ جنسي ويل هو. اهوئي سبب آهي جو، سڀ ڪان وڌيڪ بغاوتون بہ هتي ظاهر ٿيون.

سميجن انڙن، ترخانن جو ساٿ ڏنو. هنن ترخانن سان مائٽيون ڪيون. مرزا باقي ترخان، سندن پيٽ ڄائو هو، انڪري ڪيس سنڌي ٻچو سڏيو ويندو هو. مغلن جي زماني ۾، سندن مفاد خطري ۾ پيو. جاگيرون بہ ويون،

تہ سپاهہ گيري بہ وٺي (١٩). انهيءَ هو مقابلي تي نڪري آيا. ماڇي ارغونن سان وڙهيا، تہ ترخانن وري ڪين پنهنجي مفاد ۾ استعمال ڪيو ۽ وري مغلن خلاف برسر پيڪار ٿيا (٢٠). ڏارين جي هڪ قوم سان ٺاهہ ۽ ٻيءَ سان ويڙهہ. سميجن جو گروهہ ٻارنهن برادرين تي مشتمل هو، جن مان ٻہ ڏهہ پرامن رهيون (٢١). البتہ ٻہ برادريون- منگواڻا ۽ سميجا انڙ- مغلن لاءِ مٿي جو سور بنيل رهيا. سميجن انڙن مان وري ٻہ، راهو، ڏاهريءَ سانڊ رعيت ڏسجن ٿا (٢٢). ظاهر ٿيو تہ، خود سميجا انڙ جن تي اسانجي تاريخ هڪ طرف فخر ڪري ٿي تہ؛ هنن ڏارين جي راڄ کي ڪوڪلو بنايو، تہ ٻئي طرف ماضي هن ڳالهہ تي ماتم ڪري ٿو تہ، هو پنهنجي پنجن گهرن (ذاتين) کي بہ ويڙهہ لاءِ هم خيال نہ بنائي سگهيا! ٻگهيا چئن پرڳڻن باغبان، ڳاها، بوبڪ ۽ خطي ۾ مغلن سان سهڪاري رهيا، تہ جوٿيجي پرڳڻي ۾ ڏارين خلاف برسر پيڪار ڏسجن ٿا. ٿيٻا باغبان پرڳڻي ۾ برسر پيڪار آهن، تہ ڳاها ۾ وري رعيت ڏسجن ٿا. ساڳيو صورتحال نومڙين ۽ چانڊين جو بہ ڏسجي ٿو (٢٣). ڏيڙان ۾ وڏيرو طيب مناهيجو ۽ ڏٽي پرتو ڏاريجو شهيد ٿين ٿا تہ سندن پاڪ رت مان رڱيل جهنڊي کي ڪٽڻ واري جو نالو بہ ڪونہ ٿو ٻڌجي. هن ٿوري اپياس جي آڌار تي هي چئي سگهجي ٿو تہ، "هتي هر ذات، پاڙو، قبيلو ۽ راڄ ڏارين خلاف وڙهيو پر بي مقصد، بنا ڪنهن تنظيم ۽ قيادت جي. نتيجي طور هو مغل سامراج جي وڏي، منظم ۽ جارح فوج کي شڪست ڏئي سنڌ مان ڪڍي نہ سگهيا". انهيءَ هن بيچيني ۽ هلچل کي نہ تہ سياسي بي آراميءَ سان تشبيهہ ڏبو ۽ نہ وري قومي تحريڪ سڏبو. البتہ هن هلچل ۽ غير منظم جاکوڙ کي سماجي بي آرامي (Social Un-Rest) جو نالو ڏئي سگهجي ٿو. ان هوندي بہ سميجن، چانڊين ۽ نومڙين وغيرہ جي وهايل رت کي رائگان ڪونہ سڏبو. سندن بي پناهہ قوت ۽ ڇروڇڙ جنگ ايترو ضرور ڪيو، جو ڪلهوڙا بکر کان وٺي سيوهڻ تائين پکڙجي ويا ۽ ميان نصير محمد ٻنهي سرڪارن جي علائقي تي قبضو ڪري "ڪلهوڙا" خاندان جي حڪومت جو بنياد وڌو. مذڪورہ زماني جي تحريڪن جي مختصر ڇنڊڇاڻ ۽ پس منظر پيش ڪرڻ بعد لازمي آهي تہ؛ سيوهڻ سرڪار ۾ پيدا ٿيل بي آراميءَ

جي حقيقي سببن تي تفصيلي روشني وجهون. ان ريت اسين اهو معلوم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسون تہ مغلن؛ هتي جي اقتصاديات ۽ معاشرت کي ڪيئن تباھ ڪيو ۽ ساڳئي وقت حڪومت جو عوام ڏي ڪهڙو رويو رهيو؟

## اقتصادي ۽ معاشي صورتحال:

ارغون، ترخان ۽ مغل ڏاريان حڪمران هئا. سندن ثقافت، ٻولي، طرز حڪومت ۽ اٿي ويٺي وچ ايشيا مان آندل هئي. اهڙي صورتحال ۾، سنڌ واسين جي جيڪا حالت ٿي، سا سيد حسام الدين راشديءَ جي لفظن ۾ اجهو هي آهي: "ملڪ جا سيئي قلعا، وسنديون ۽ واهڻ، مال ملڪيتون مطلب تہ سڄو ارڪو ترڪو ڌارين جي قبضي ۾ اچي ويو. جن جي نہ ٻولي سمجهہ ۾ ٿي آئي ۽ نہ سندن اٿڻ ويهڻ، چال چلت ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ مان هتان جي ماڻهن کي ڄاڻ ۽ سڃاڻ هئي" (٢٤).

سنڌ جو وچولو اقتصادي لحاظ سان جيترو اڄ بہ اهم آهي، ايترو مغلن جي ڏينهن ۾ پڻ. ڊاڪٽر سورلي ان متعلق وضاحت ڪندي لکي ٿو، "سنڌ ملڪ انهن خوش نصيب ملڪن مان هڪ آهي،؛ جنهن جي ملڪن جو گذر چوماسي بدران ندين تي هوندو آهي. سنڌ جي ندي ان لاءِ باقاعدگيءَ سان آب حيات مهيا ڪندي رهي ٿي" (٢٥). زراعت کان علاوه مغلن جي زماني ۾ ٻارنهن مکيہ صنعتون پڻ روان دوان هيون (٢٦). سيوهڻ ۾ مڇي، نير، ڪپڙو، مکڻ، آفيم ۽ ڪاشي وغيره، جهجهي انداز ۾ پيدا ٿيندي هئي (٢٧). ڊاڪٽر ڇبلاڻي چوي ٿو تہ، سن، ٻوبڪ ۽ سيوهڻ ڪپڙي جي صنعت جا مکيہ مرڪز هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپني اٽڪل ٻہ سئو مڻ نير هتان ئي سالانہ خريد ڪندي هئي. هن جو مستقل نمائندو سيوهڻ ۾ رهندو هو (٢٨). چوپائي مال جي ڪثرت هجڻ ڪري هتي چمڙي جي صنعت بہ مشهور هئي. جوٺيجہ، نيرون ۽ باغبان پرڳڻن ۾ مڇي جام پيدا ٿيندي هئي (٢٩).

مٿي ڏنوسين تہ "سيوهڻ سرڪار" جي اقتصادي لحاظ سان ڪيتري اهميت هئي. هيٺ اسان مغل ڪارندن جي حرڪتن جي نشاندهي ڪنداسين، جنهن سبب هتي جي معيشيت تباھ ٿي. ارغونن هتان باغبان مان هڪ هزار اٺن جو قرجڻ، ڪيترن قبيلن جو عام ڪوس، سوين ڳوٺن جو ساڙڻ ٻارڻ،

همايون جو وچولي ۾ در در ڀٽڪڻ، ترخانن ۽ سلطان محمود وچ ۾ هتي ٿيل خونريز معرڪا، لٽي جي فتح لاءِ سيوهڻ جو مرڪز بنجڻ ۽ ان کان پوءِ ويڙهايو ۽ راڄ ڪيو واري پاليسي هن سرڪار جي معيشت، صنعت ۽ زراعت جي تباهيءَ لاءِ بنيادي ڪارڻ پيدا ڪيا (٣٠). ساڳئي وقت مغلن هتي جي آبپاشيءَ تي به ڪو ڌيان نه ڏنو (٣١). ڪين حڪومت ڪرڻي هئي، هر سامراج وانگر هنن به سنڌين کي پاڻ ۾ ويڙهائي، حڪومت ڪري پنهنجا مقصد ماڻيا.

ملڪ تباهه ٿئي ته ڇا جي سگهيو هجي ته ڇا! سنڌواسين جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ ملڪي غلاميءَ جي ڏينهن کي هڪ طرف وڌايو ته ٻئي طرف معيشت به ٻڏڻ لڳي. انصار زاهد جو تجزيو ڪيڏو نه مناسب آهي، "معاملو نه ڪتندڙ جنگ تي پهتو، جنهن وچولي سنڌ جي زراعت ۽ واپار کي ڳري جوکي ۾ وڌو" (٣٢). تاريخ مظهرشاهجهاني ذريعي خبر پوي ٿي ته، ڪيئن مغل فوجدارن هٿ وٺي سيوهڻ جي معيشت جي تباهي ڪئي. باغبان ترخانن تائين قدري آباد هو، پر پوءِ شاهي دور ۾ مڪمل تباهه ٿيو. نيرون قلعو پرڳڻو احمد بيگ جي عملداريءَ ۾ تباهه ٿيو. بوبڪ پرڳڻو شاهجهان جي زماني ۾، ڌيان جو مستحق هو، پر ڪير هو جو مٿس ڪرم ڪري! ڳاها پرڳڻو احمد بيگ جي ظلمن جي ڪري نابود ٿيو. نيرون پرڳڻي جي عوام، حاڪم کي ڪڏهن به نه ڏٺو هو. خطو پرڳڻو ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو واري پاليسي تحت ويران ٿيو (٣٣). اها هئي هڪ جهلڪ، جنهن تحت حڪومت جي سرپرستيءَ ۾، سيوهڻ سرڪار جي معيشت تباهه ٿي. اهڙي صورتحال ۾ وائي نڪري ٿي ته-

"والي وسائيج، درد منديءَ جو ديس"!!

## معاشرتي ۽ ثقافتي جهلڪ:

ذڪر هيٺ آيل دور ۾ سيوهڻ جي سياسي سوچ، هليل تحريڪن، قبيلن ۽ قومن توڙي اقتصادي ۽ معاشي مطالعي بعد، ڏسون ته ان دور جي سماجي جيوت ۽ ثقافتي صورتحال ڪهڙي هئي؟ مؤرخ ٻڌائين ٿا ته هتي جي ماڻهن جي، ذڪر هيٺ آيل دور ۾ ڪا سٺي جيوت نه هئي. امير ۽ ڪاردار محلاتن

۾ رهندا هئا ۽ غريب ڪچين جاين ۽ ڪکاون گهرن ۾. وچولو طبقو اڄ جي مفهوم ۾ موجود نہ هو، البتہ زميندارن، واپارين، ڪاريگرن ۽ ڪامورن کي هن فهرست ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. چپلاڻي لکي ٿو تہ هتي يا تہ ڻٽ جي زندگي ڏسبي هئي، يا وري انتهائي ذلت جي. اميراڻو طبقو ڻٽ سان رهندو هو، بهترين شراب پيئندو هو، ست رڃي طعام کائيندو هو ۽ ناچو ڇوڪرين سان پاڻ وندرائيندو هو (٣٤).

اڪبر کان اورنگزيب تائين سنڌ جي عوام جي حالت تنگ هئي. پليزرٽ سنڌ ۾ هر هنڌ بک ۽ هراس ڏٺو ۽ ساڳئي وقت هن عام ماڻهوءَ جي حالت غلام، ٻانهي ۽ نوڪر واري ڏٺي. پورهيت هڪ تہ ڊنل ڏسبو هو ۽ ٻيو وري کيس اجورو نہ ملڻ جيترو ملندو هو (٣٥). سپلر (١٦٤٣ع) سنڌ جي هارين کي نهايت مظلوم، مصيبت جو ماريل ۽ مسڪين ڏٺو. منوڪي (١٦٥٩ع) عام ماڻهوءَ کي نهايت مفلوڪ الحال ۽ غريب سڏي ٿو (٣٦). ٽئي ۽ ٻکر جي ماڻهن لاءِ هڪ طرف ٻکر، ساڌ ٻيلو ۽ مڪلي تفريح لاءِ هئا، جتي هو عيد، جمعي يا ماه پهرئين سومر جي ڏينهن ويندا هئا، تہ ٻئي طرف سيوهڻ جي ماڻهن جا ڏينهن رات مصيبت ۾ گذري رهيا هئا. هڪ طرف هتي ظلم جي انتها هئي، تہ ٻئي طرف هتي جي عام ماڻهوءَ جي عزت ۽ ننگ ناموس بہ محفوظ نہ هو. لکيءَ تي هندو، ٻارين ٻچين گڏ ٿي، اگهاڙي بدن غسل ڪندا هئا. مرزا جاني بيگ هڪ خاص جاءِ ۾ ويهي، لِکي هي تماشو ڏسندو هو (٣٧). آخري عملدارن جي اخلاقي حالت بہ ڪا سڌريل نہ هئي. جنهن سرڪار ۾ اهڙي ذلت آميز زندگي موجود هجي اتي ڪهڙو شريف، وندر، تفريح يا سير سفر جو سوچيندو!!

## بيدادي ننگري:

ارغون حڪومت (١٥٢٠ع) جي شروعات جبر ۽ ظلم، ٻاهين ۽ ڦرلٽ، قتل عام ۽ وحشت سان ٿي. آزادي گهرندڙن جو، سر تلوار سان قلم ڪيو ويندو هو. مخدوم بلال جهڙي بي مثل عالم جو گهاڻي ۾ پيڙجڻ، سندن زندگيءَ جي مثال جي انتها آهي (٣٨). افسوس جو سورلي ۽ چپلاڻيءَ کي پنهنجي ڪتابن لاءِ "تاريخ مظهر شاهجهاني" دستياب نہ ٿي، نہ تہ سندن

۽ وڳوڙ حد درجي تي پهتو. ميرڪ لکي ٿو، ”۽ رعيت جي ٻيڙي ٻڏي وئي، جا وڳوڙين جي وڪڙ ۾ هجڻ ڪري پنهنجو سيڪجهه سير تي چاڙهي چڪي هئي ۽ باقي ڪسر وري جاگيردارن پوري ڪري ڇڏي“ (۴۴). دستورآهي ته جڏهن به ڪا باغي ڌر عملدارن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪندي آهي، تڏهن ان کي معاف ڪبو آهي، پر مغل ڪارندن وٽ ڏوڪي سان هٿيار ڦٽا ڪرائي، سنڌين جو قتل عام جائز هو.

شمشير خان جڏهن ٻيو ڀيرو سيوهڻ جو عملدار ٿيو، تڏهن هڪ عالم (ميرڪ يوسف) جي چرچ تي معاهدو ختم ڪري، ڏيڙان جي ڳوٺ ۾ هڪ هزار سميجا قتل ڪرايا ويا (۴۵). مغل ڪارندا، حريت پسند چانڊين سان پورا نه پون ته، پڇاڙيءَ ۾ انهن جا فصل ضرور ويران ڪرائين (۴۶). سنڌ جو مصلحت پسند وڏيرو هميشه آرام پسند رهيو آهي. پر شير خواجه سيوهڻ جو عملدار ڪنن جو ڪچو هو. چغلخورن جي ڪيڏ لڳي، وڏيرن کان زمينون کسي، ڪين بازارين ۽ گهٽين ۾ چوڪنيو ٻڌي ڪاٺ تي چاڙهيو ويو. ان کان علاوه سوداگرن تي به ڳاٽي ڍڳا، ڏنڊ ۽ محصول مڙهيا ويا (۴۷). هن علائقي جي ماڻهن تي اصل قهر احمد بيگ جي زماني ۾ نازل ٿيو. هن سڄو اختيار پنهنجي پاءُ مرزا يوسف کي سونپيو - ۽ هو ظلم ۽ ستم ۾ حجاج بن يوسف جو درجو رکندو هو- کي سيڪجهه حوالي ڪري، پنهنجي مهر سان کيس اختيار جو پروانو ڏيئي ڇڏيائين (۴۸). مرزا يوسف واڳ وڻندي ئي ظلم ستم جا پهاڙ ڪيرائي وڌا. پنهور جيڪي ابتدا کان مغلن جا سهڪاري هئا، تن تي اچڻ سان اجائي ڍل مڙهيائين.

مرزا يوسف جي ظلمن جي وڏيڪ روئداد ڏيندي ٻڌايو ويو آهي ته، ”روزانو سوين ماڻهن کي ڦٽڪا هڻائيندو هو. پلي کو بيگناه ڦٽڪن لڳڻ ڪري مري پوي، ان جي کيس ڪابه پرواه نه هوندي هئي، هزارين ماڻهن جي ملڪيت ضبط ڪئي وئي. ڪو لچ لوفر سوداگرن کي ڦري اچي، ته سزا نه نهيو، پر کيس انعامن اڪرامن سان نوازيو ويندو هو. بنگال مان جوٺارين جي خاص ٽولي گهرائي، سيوهڻ کي جوا جو اڏو بنايو ويو. سيوهڻ جي قلعي جي تعمير ٿئي ته بيگار لاءِ، معزز شهري مٿن تي تغاريون کڻن. قاضي عبدالواحد

جهڙي معزز کي قتڪا هئائي، مرزا يوسف دل ٿي خوش ڪئي. زوري ڏل وصول ڪرڻ، تور جي وڻن ۾ ڪوٽ ۽ مسڪين جون زمينون ضبط ڪرڻ، سندس خاص مشغلا هوندا هئا. نتيجي طور ماڻهو پڪا ۽ ملڪ ويران ٿيو (۴۹). احمد بيگ جڏهن هتان بدلي ٿيو ته ڪيس ترقي ڏئي "ملتان" جو گورنر بنايو ويو. ان ڪان علاوه شاهجهان جي دور ۾، جڏهن بارش نه پئي ۽ فصل تباه ٿيا، تڏهن ڏل گهٽائڻ بدران مورڳو وڌائي وئي (۵۰).

پڪ آهي ته اهڙي دور، نظام ۽ حاڪميت کي ڏسي هن خطي ۾ مثل مشهور ٿيو ته:

چرپٽ راجا، بيدادي نگري!!

## حوالا ۽ واڌارا


(۱) محمد ابراهيم جويو "شاه سچل سامي"، ص ۳۵ سال ۱۹۷۸ع.
(۲) ميرڪ يوسف "تاريخ مظهر شاهجهاني" ص ۲، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ سال ۱۹۶۲ع.
(۳) مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ" ص ۳۴۷، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۶۶ع.
(۴) غلام محمد لاکو "سنڌ صدين ڪان" ص ۵۶، گرامي پبلڪيشن دولت پور صفن سال ۱۹۸۰ع.
(۵) قانع مير علي شير "تحفة الڪرام" ص ۲۵۹، سال ۱۹۵۹ع.
(۶) حوالو (۴)، ص ۵۷.
(۷) حوالو (۱) ص ۳۱.
(۸) "تاريخ مظهر شاهجهاني" فارسي ڇاپو، ص ۶۳.
(۹) ساڳيو حوالو، ص ۶۵ - ۷۵.
(۱۰) ساڳيو حوالو، ص ۷۵- ۸۱.
(۱۱) مهر غلام رسول "تاريخ ڪلهوڙا"، سنڌي ڇاپو.
(۱۲) انصار زاهد "سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت"، ص ۸۰، ڪراچي ۱۹۸۰ع، انگريزي.
(۱۳) حوالو (۵) ص ۲۵۹.

(١۴) حوالو (١٣) صہ ٢٦٢.
(١٥) ٻوهيو الهداد "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج"، صہ ١٧، سنڌالاجي.
(١٦) حوالو (١٥)،ص ١٨.
(١٧) حوالو (١٦)، صہ ١٩.
(١٨) حوالو (١٢)، صہ ١٣٨.
(١٩) حوالو (١٢)، صہ ١٣٨.
(٢٠) حوالو (١٢)، صہ ١٣٨.
(٢١) "تاريخ مظهر شاهجهاني"، صہ ٨٢ ۽ ٨٣، فارسي ڇاپو.
(٢٢) ساڳيو ڪتاب، صہ ٨۴.
(٢٣)، ڊاڪٽر ڇٻلاڻي "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، مترجم سراج الحق.
(٢۴) سيد حسام الدين راشدي "مير محمد معصوم بکري" صہ ٦٣، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٩ع.
(٢٥) ڊاڪٽر سورلي "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" انگريزي، ص ١٠٩، ڪراچي ١٩٦٦ع.
(٢٦) ڇٻلاڻي، صہ ١١٢.
(٢٧) ڊاڪٽر سورلي ۽ ڇٻلاڻيءَ جا ڪتاب (حوالا ڏنل)، متعلق صفحا.
(٢٨) حوالو (٢٦) صہ ٨٣.
(٢٩) "تاريخ مظهر شاهجهاني"، صہ ١٦٧ -١٧٠، مترجم: نياز همايوني، سال ١٩٧٩ع.
(٣٠) حوالو (١٨) صہ ١٣٨، حاشيو.
(٣١) ڊاڪٽر سورلي "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" صہ ١١٣.
(٣٢) حوالو (٣٠)، صہ ١٣٩.
(٣٣) حوالو (٢٩)، صہ ١٧١ - ١٧٣.
(٣۴) "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، صہ٢١۴.
(٣٥) حوالو (٣١)، صہ ١٢٥.
(٣٦) حوالو (٣٥)، صہ ١٢٥.
(٣٧) فارسي ڇاپو "تاريخ مظهر شاهجهاني"، صہ ٢٢٦.

(٣٨) حوالو (٢۴).

(٣٩) حوالو (٣١)، صہ ١۵۴.

(۴٠) حوالو (٣١)، صہ١١٣.

(۴١) حوالو (٣١)، صہ ١١٣.

(۴٢) سيد حسام الدين راشدي "تذکره امير خاني" صہ ٢٩٦، س.اب. ١٩٦١ع.

(۴٣) حوالو (٢۴)، صہ ٨١.

(۴۴) حوالو (٢٩)، صہ ١٩٨.

(۴۵) حوالو ساڳيو، صہ ٢١٧.

(۴٦) حوالو ساڳيو، صہ ٢٢٠.

(۴٧) حوالو ساڳيو، صہ ٢٣٣.

(۴٨) (۴٩) (۵٠) تاريخ مظهر شاهجهاني، سنڌي ايڊيشن، صہ ٢٣٩، ٢۴٨ ۽ ١۴٠.

[روزانہ "عبرت" حيدرآباد، ٢٦مارچ ١٩٨١ع؛ ۽ - هلال پاڪستان "ميگزين"، ڪراچي، ڊسمبر ١٩٨٢ع تان کنيل ].

# يارهين صدي هجريءَ جي سنڌ

[ يارهين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري، مرڪزي ايشيا جي هڪ سياح، محمود بن امير والي بلخي، ننڍي کنڊ جي سياحت ڪئي. وطن واپس ٿيڻ بعد، هن "بحر الاسرار" نالي هڪ ڪتاب لکيو. هي ڪتاب تازو ڪراچيءَ ۾ ڇپيو آهي، جنهن مان سنڌ بابت مواد، هيٺ ترجميءَ حاشين سان پيش ڪجي ٿو]

## محمود بن امير والي بلخي

محمود ١٠٠٣هه / ١٥٩٥ع ۾ بلخ ۾ ڄائو ۽ اعليٰ تعليم بخارا ۾ ورتائين. ابتدا ۾ سچو ڌيان شاعريءَ ڏي ڏنائين، جنهن ۾ مختصر چمار ۾ ڇهه ڪتاب (محبت نامہ، گلڪده، نجم الثاقب، نزهة الارواح، اخلاق حسني ۽ هڪ عدد ديوان) ترتيب ڏئي سگهيو. ليڪن شاعر جي حيثيت ۾، ڪيس ڪو خاص رتبو حاصل نہ ٿيو. ان بعد تصوف ڏي ڌيان ٿيس، جنهن ۾ پڻ هڪ ڪتاب "روح الطيبہ" نالي لکيائين. افسوس جو سندس مرشد ميرڪ شاه الحسيني ستت ئي فوت ٿيو، جنهن سبب موڙگو زندگيءَ مان نراس ٿي پيو ۽ مختصر مدت بعد ننڍي کنڊ جي سفر تي روانو ٿيو.

محمود بلخ مان ١٠٣٤هه - ٥-١٦٢٤ع ۾ روانو ٿيو ۽ پهرين محرم ١٠٣٥هه (سيپٽمبر ١٦٢٥ع) تي لاهور پهتو، جتان هو هلال آباد آگري پهتو. هي سياح هتان ڪان پٽنا ۽ ڪن ٻين شهرن مان ٿيندو، وچ ذوالقعد ١٠٣٥هه برابر جولاءِ ١٦٢٦ع ۾، حيدرآباد (گولڪنڊو) پهتو. محمود پوءِ ڏکڻ انڊيا جي ڪجهه شهرن مان گهمي ڦري، سيلون جي سفر تي روانو ٿيو.

هي سياح سيلون جي سفر ڪانپوءِ، سوماترا جي سفر لاءِ اسهيو. بدقسمتيءَ سان اها ٻيڙي، جنهن ۾ محمود پڻ سفر ڪري رهيو هو، طوفان جي ور چڙهي وئي؛ ان ڪري سفر ڪندڙن جو قافلو محمود سميت، اچي اوڙيسا جي ڪناري ٻيڙو ٿيو. محمود والي پوءِ اوڙيسا جي تختگاه ڪٽڪ پهتو. هي صاحب، هتي جي گورنر محمد باقر جي دوست ۽ مهمان جي حيثت ۾ اوڙيسا ۾ ٻہ سال وڏي ٺٽ سان رهيو. هتي هڪ هندوءَ سان دوستي ٿيس، جيڪو هڪ ڏينهن اوچتو گهر تي ويو. هڪ سال بعد ڪيس پنهنجي گهر ٿيل

دوست جو پٽو، مانڪ پور (ماڻڪ پور) ۾ پيو ۽ محمود ڪنڪ مان ڪهي اچي ساڻس مليو. وچ ايشيا جو هي سياح اوڙيسا ۾ ٻه سال (رجب ۱۰۳٦ هه - مارچ ۱٦۲۷ع جمادي الثاني ۱۰۳۸هه - جنوري ۱٦۲۹ع) رهيو ٿو ڏسجي. ان بعد پاڻ اوڙيسا جي گورنر جي پاءُ، مرزا حسين (مرزا حسيني) سان گڏ، ذوالحج ۱۰۳۸هه - ۱٦۲۹ع ۾ هندي دارالحڪومت آگري پهتو.

محمود هڪ سال آگري ۾ عيش ۽ آرام سان رهيو. هن جڏهن ذوالحج ۱۰۳۹هه - جولاءِ ۱٦۳۱ع ۾ آگرو ڇڏيو، تڏهن مرزا حسيني پڻ، ساڻس گڏ بکر جي نئين فوجدار جي حيثيت ۾ سفر ڪري رهيو هو. فتح پور، اجمير ۽ جيسلمير ڪان ٿي، سياح ۽ حاڪمن جو هي قافلو شعبان ۱۰۴۰هه - مارچ ۱٦۳۱ع ڌاري بکر پهتو. سنڌ ۾ ٻه سال رهڻ بعد محمود ۲۰ محرم ۱۰۴۱هه - ۸ آگسٽ ۱٦۳۱ع تي واپس بلخ پهتو؛ جتي اتان جي حاڪم نظر محمد (۱)، کيس شاهي ڪتبخاني جو منتظم مقرر ڪيو ۽ ساڳئي وقت کيس حڪم ٿيو ته، هو (محمود) ڪائنات متعلق هڪ ضخيم ڪتاب تيار ڪري. حاڪم هن ڪتاب جو نالو پاڻ "بحرالاسرار" تجويز ڪيو. ليڪ باقي سموري زندگي بلخ ۾ گذاري.

بحرالاسرار (جنهن جو سڄو نالو "بحرالا سرار في مناقب الاخيار" آهي. هڪ ضخيم ڪتاب هو، جيڪو ستن جلدن تي مشتمل هو. هر جلد وري چئن حصن (رڪن) ۾ ورهايل آهي، ليڪن ڇهين جلد جي شروع ۾ (فاتح) ۽ پڇاڙيءَ تي هڪ خاتمو ۽ پڻ ستين جلد جي آخر ۾ هڪ خاتمو ڏيندي، ليڪ هن ڪتاب کي ايڪٽيهن حصن ۾ منقسم ڪيو ٿو ڏسجي. هن وقت دنيا ۾ صرف پهرئين ۽ ڇهين جلد جو اڌ وڃي بچيو آهي. پهرئين جلد جي ٽئين رڪن ۾ زمين، عنصرن، ملڪن، شهرن ۽ جبلن جو احوال ڏنل آهي. هن حصي ۾ سنڌ جي ڪجهه شهرن جو احوال پڻ ملي ٿو (هي مواد اسين پنهنجي مقالي جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڏينداسين). ڇهين جلد جي خاتمي تي ڪجهه ترڪ قبيلن جي ذڪر بعد، ليڪ پنهنجي هند - سنڌ جي سفر جي روئداد ڏني آهي. (هن مقالي ۾ اسين، سنڌ جي سفر جو احوال، پهرئين ڀاڱي ۾ ڏينداسين).

افسوس جو هاڻي دنيا ۾ صرف، هن ڪتاب جي پهرئين جلد جو اڌ ۽

پڻ ڇهين جلد جو اڌ وڃي بچيو آهي؛ جنهن جا هاڻي صرف ٻہ قلمي نسخا (انڊيا آفيس لائبريري ايٿي نمبر ٥٧٥، ۽ تاشڪند نمبر ١٣٨٥) وڃي بچيا آهن. هن ٻنهي نسخن جي آڌار تي، "بحرالاسرار" جي سفرنامي وارو حصو، ڊاڪٽر رياض الاسلام صاحب ايڊٽ ڪري جامع انگريزي مقدمي سان، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي "ويسٽ اينڊ سينٽرل ايشين انسٽيٽيوٽ" پاران سال ١٩٨٠ع ۾ ڇپيو آهي (٢).

## بحرالاسرار ۽ سنڌ

بدقسميءَ سان محمود بن امير واليءَ جو، سفر دوران سچو ڏيان بيڪار ڳالهين ڏي ويو، ان ڪري سندس سفرنامي ۾ ڪم جو مواد تمام گهٽ آهي. سونهن سندس خاص ڪمزوري هئي. سيلون جي سونهن جو پاڻ خاص طرح مداح ڏسجي ٿو. سفر متعلق سندس راءِ آهي تہ؛ "در تمامت آن سير و سفر محض مشاهدت و خالص تماشا منظور بود." [مشاهدو، ديدار بازي ۽ تفريح.] ان جي باوجود بہ، محمود جو هي ڪتاب سيلون سميت ننڍي کنڊ جي سماجي ڄاڻ لاءِ، سٺي مددي ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو.

سنڌ ۽ وچ ايشيا جو ڏهين - يارهين صدي هجريءَ ۾، گهرو ادبي لاڳاپو ڏسجي ٿو (٣). ان دؤر ۾ هي ملڪ، مرڪزي ايشيا جي رولو توڙي ڏتڙيل اديبن ۽ سياحن لاءِ، اهم پناه گاه ۽ پيٽ قوت جو مکيہ وسيلو هو. ان قسم جا ليکڪ سنڌ ۾ پهچي، مملڪت جي ذميدارين ۽ پاليسين ۾ حصيدار ٿي، ڏاڍي عيش ۽ آرام جي زندگي پڻ گذاريندا هئا (٤). پر بدقسمتي اها آهي جو، جڏهن هي اديب وطن واپس ٿيندا هئا، تڏهن سنڌ جو پنهنجن تصنيفن ۾ بلڪل گهٽ ذڪر ڪندا هئا. بهرحال جن چند سياحن ۽ اديبن پنهنجي پنهنجي وطن موٽي، سنڌ متعلق لکت ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ مواد ڇڏيو؛ محمود بن امير والي بہ انهن مان هڪ آهي، ان ڪري سندس سفرنامي "بحرالاسرار" کي اسان جي تاريخي ادب ۾، تمام گهڻي اهميت حاصل آهي.

بلخ جي هن سياح جي سفري ڪيفيت مان، ٺلهي ليکي سنڌ متعلق اسان کي هيءَ ڄاڻ ملي ٿي؛

- مغل سنڌجي سماجي حالتن جي پروڙ پوي ٿي.

- سنڌ جي وسعت ۽ انتظامي حدن جي ڇاڻ ملي ٿي.

- حڪمرانن ۽ اجنبي ليکڪن جي لاڳاپن جي خبر پوي ٿي (۽ انهن لاڳاپن ذريعي، حڪمرانن جو سنڌي ٻوليءَ جي ادبين ڏي، سنڌن رويو معلوم ڪري سگهجي ٿو).

- مغل دؤر ۾ مؤرخن ۽ ليکڪن جو سنڌ لاءِ، جيڪو دشنام طرازي ۽ بهتان بازيءَ وارو رويو ڏسجي ٿو، افسوس جو ان وهڪري ۾، محمود والي به لڙهي ويل ڏسجي ٿو.

- سنڌ واسين، سمن جي سلطنت جي خاتمي (١٥٢٠ع) تي، ارغونن خلاف، جنهن جدوجهد جو آغاز ڪيو، ڏسجي ٿو ته هي تحريڪ سنڌمان مغل راڄ جي خاتمي تائين برابر جاري رهي؛ جنهن جي شاهدي محمود والي پڻ، پنهنجي شهرن جي مذڪور ۾ "ننئي" جو ذڪر ڪندي ڏني آهي.

- ۽ سنڌ جي طبي تاريخ جو اهم ۽ گم ٿيل ڪردار، مولانا صلاح الدين سيوهاڻي، پهريون ڀيرو "بحرالاسرار" ذريعي نروار ٿئي ٿو.

سال ١٩٨١ع ۾، بنده کي محترم سيد حسام الدين راشدي صاحب وٽان "بحرالاسرار" جي ڇپيل ڪاپي عنايت ٿي ۽ خود سندن خواهش تي هي مقالو تيار ڪيو پئي ويو؛ ليڪن افسوس جو هي ڪم سندن زندگيءَ ۾ پورو ٿي نه سگهيو. ڊاڪٽر رياض الاسلام صاحب، هن موضوع تي پنهنجي ڇپيل مضمونن جون ڪاپيون فراهم ڪيون، جنهن لاءِ آءٌ سندن ٿورائتو آهيان ۽ پڻ لاکي رحيم بخش قمر ۽ عبدالرسول مگسي صاحب، فارسي مواد کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنو، ان ڪري سندن شڪراداڻي پڻ واجب آهي.

- غلام محمد لاکو

٦ - جولاءِ ١٩٨٣ع

## (الف) اُتر سنڌ جو احوال

جيئن مٿي آيو آهي، سياح ذوالحج ١٠٣٩هه - جولاءِ ١٦٣١ع ۾، آگرو ڇڏيو، ان وقت بکر لاءِ نئون مغل فوجدار، مرزا حسيني پڻ ساڻس گڏ سفر ڪري رهيو هو. محمود بن امير فتح پور، اجمير ۽ جيسلمير کان پوءِ، سنڌ جي سرحدي ۽ تاريخي شهر اروڙ ۾ داخل ٿيو. پاڻ سنڌ متعلق اسان جي ڇاڻ

۾ هن ريت واڌارو ڪري ٿو:

جڏهن لشڪر جيسلمير جهڙي عصمت سوز علائقي ۾، چوڏهن ڏينهن رهيو ۽ پنهنجي تنظيم ۽ ترتيب لاءِ ڪي رعايتون حاصل ڪيون، تڏهن پندرهين واري رات (پندرهين ڏينهن) قافلي جي ڪوچ ٿيڻ جو گهنڊ وڳو. سٺين ڏينهن الور (۵) پهتو، جيڪو بکر جي تابع آهي (٦). هڪ ڏينهن اتي خوش خورم گذاري، ٻئي ڏينهن سنڌو درياءَ ٽپي، سکر جي شهر ۾ رهائش پذير ٿيا. جڏهن شهر ۾ هر ڪنهن جو مقام مقرر ٿي ويو، تڏهن سيڪو وڃي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿيو. هن ملڪ جي هيءَ عجيب و غريب رسم آهي ته زالون ۽ مرد بنا شرم ۽ حياءَ جي اگهاڙا ٿي، نديءَ جي ڪناري تي ڪپڙا صاف ڪندا هئا (غسل ڪندا هئا؟) [ص ۹۵]، پر پوءِ به تعجب آهي ته مردن کي لذت جو احساس نه ٿيندو هو، توڙي جو سنڌ جي هن علائقي جون عورتون نهايت ئي خوبصورت هيون. عجب ته هنن معاملن هوندي به، اهي ماڻهو پاڻ کي مسلمان، نيڪ ۽ مذهب جو پابند سمجهندا هئا ۽ مذهب جي پيرويءَ ۾ پاڻ کي منفرد ۽ مخصوص ڄاڻندا هئا (۷). ان ملڪ ۾ انب، کجور، گدرو، هنداڻو، انگور ۽ ڊاڙهون تمام بهترين قسم جو پيدا ٿئي ٿو (۸) ۽ هتي جا ماڻهو مسافرن (پناهگيرن ۽ سياحن) لاءِ مهمان نواز آهن ۽ مذهب، خاص ڪري روزي نماز جي پابنديءَ ڏي مائل رهن ٿا.

سال جو هڪ فصل هن شهر ۾ گذريو (شايد ٽي مهينا) ۽ ٻئي فصل ۾ بکر جي واليءَ پاران سيني کي اوڏي منتقل ٿيڻ لاءِ چيو ويو (۹). بکر کي هڪ مضبوط قلعو آهي، جنهن جون ديوارون مضبوط آهن (۱۰). اندرين فصيل ۽ ٻاهرين پٽ جي وچ ۾ سهڻيون عمارتون ۽ باغ اٿس. سنڌو درياءَ قلعي جي چوطرف وهي ٿو. قلعي جو احوال نقشن ۽ چارٽن سميت، سلطان جلال الدين خوارزم شاهه جي بيان ۾ ڏنو ويو آهي (۱۱). غرض ته اهڙي سهڻي شهر ۾ ڇهه مهينا رهيس ( صه ۹٦ ) ۽ منهنجي اميدن جي سڪل پوک تي هميشه احسان ٿيندا رهيا.

نيٺ ڪجهه مدت بعد، حالتن ڦيرو کاڌو ۽ طبيعت خراب ٿي پئي ۽ آلا واري جي تپ (مصنف "تپ ربع" لکيو آهي، جيڪو هو چوٿين ڏينهن اچي

تو)، جيڪو هن علائقي ۾ تيندڙ آهي، ۾ مبتلا ٿي ويس. علاج صحيح نہ هجڻ سبب وري جلندر جو عارضو بہ ٿي پيو. هيءُ مرض اٺ مهينا جاري رهيو ۽ ايترو ڪمزور ٿي ويس، جو چري پري بہ نہ پيو سگهان. ان وچ ۾ حاذق حڪيم ۽ طبيب مولانا صلاح الدين سيوهاڻيءَ جو سايو سر تي پيو (١٢)، جنهن هريڙ جي رس ذريعي (صہ ٩٧)، ڇهن ڏينهن ۾ هن مرض جو ڪامياب علاج ڪيو. جڏهن چاڪ ٿيس، تڏهن هن ملڪ ڪان موڪلائڻ ۽ پنهنجي وطن واپس ٿيڻ جي تمنا اهڙو تہ تنگ ڪيو، جو دل ڪان زبان تي ۽ زبان ڪان بيان (پڌائڻ) ڪرڻ تي مجبور ٿيس ۽ شهر جي واليءَ ڪان جنهن سان رڳو صحبتون قائم هيون، موڪل گهري، ڪيس اجازت ڏيڻ تي راضي ڪيم. جنهن اجازت ڏيئي مون کي گنجابہ پرڳڻي (١٣)، جيڪو افغانستان جي حدن ۾ واقع آهي، جو منتظم مقرر ڪيو. مان بہ ڳڻ ڳوت ڪان سواءِ هائو ڪري هٿ وڏائي وينس (يعني راضي ٿيس) ۽ اتان روانو ٿي ويس (ص ٩٨).

محمود بن امير والي، بکر مان شعبان ١٠٤٠ هہ - مارچ ١٦٣١ع ڌاري وطن لاءِ نڪتو. هتان سياح، بکر جي فوجدار پاران گنجابہ جي حاڪم طور روانو ٿيو، ليڪن جيئن ئي اتي پهتو، تيئن شير خان افغان حملو ڪري، ڪيس گرفتار ڪيو. جڏهن بلخ جو هي سياح آزاد ٿيو تہ وري سفر جاري رکي، پنهنجي وطن واپس پهتو ۽ اتي جي حاڪم جو لائبررين مقرر ٿيو.

## (ب) سنڌ جي شهرن جو احوال

ياد رهي تہ "بحرالاسرار" جو اهو ڀاڱو، جنهن ۾ شهرن جو ذڪر آيل آهي، اصلي حالت ۾ اڃا ڪٿي بہ نہ ڇپيو آهي. اسين هي احوال ڊاڪٽر رياض الاسلام جي مقالي "اي سيونٽينٿ سينچري اڪائونٽ آف سنڌ" جي مدد سان، سنڌ جي شهرن متعلق هي قيمتي احوال هتي ڏئي رهيا آهيون.

### بکر:

بکر سنڌ جي شهرن مان هڪ آهي. اهو سنڌو درياهہ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ وانگر واقع آهي. پراڻي زماني ۾ ان کي منصوره سڏبو هو (١٤). هن کي هڪ زبردست قلعو آهي ۽ ڪيترا مدرسا ۽ مسجدون پڻ. هي سڀ اجير ([Ajir]) (سرون ۽ سينگاريل پٿر) سان ٺهيل ۽ ڪاشيءَ سان سينگاريل

آهن. بکر کي کيئي تابع ملڪ (علائقا) ۽ مضافات (Suburbs) روهڙي ۽ سکر آهن. هي ٻئي جايون نديءَ جي ٻنهي پاسن واقع آهن، جن مـان روهڙي سـاڄي ۽ سکر کـاٻي پاسي آهي (١٥). بکر ۾ کـجي، ڏاک، ڏاڙهون، گـدرا (چانهيون) ۽ انب پيدا ٿين ٿـا. هن شهر کيئي عالم ۽ سئين خوبين وارا ماڻهو پيدا ڪيا آهن. هتي جا ماڻهو شريف، حياءدار ۽ قناعتي آهن، ليڪن حجاب (حياءُ) ۾ گهٽ آهن. هتان جون عورتون پاڻ کي صاف نہ ٿيون رکن ۽ ائين پنهنجي ملڪ ۽ مـاڻهن لاءِ ڏڪار جو سـبب بنيل آهن. جيـڪـڏهن ڪو ڪين ٻاهر هلڻ جي آڇ ڪري تو تہ اهي مائنن، ٻارن ۽ مڙسن کي ڇڏڻ لاءِ بہ تيار ٿيو وڃن (١٦)، پر جيئَن تہ اهي ڇهري ۽ ڏول ۾ سهٽيون نہ آهن، ان ڪري سواءِ چند خرمغز واپارين جي، جيڪي ٻاهر وڃي ڪين وکٽن ٿا، ٻيو ڪوبہ انهن کي ٻاهر وٺي وڃڻ پسند نہ تو ڪري.

## سبي ۽ گنجابو:

محمود، سبي ۽ گنجابہ (هاڻي بلوچستان) کي، سنڌ جي تابع ٻڌايو آهي. سندس چوڻ آهي تہ گنجابہ ۾ بلوچ قبيلا، لشاري، مگسي، ڏومڪي ۽ رند رهن ٿا، جڏهن تہ سبيءَ تي پٺاڻن جو تسلط آهي.

## نٽو:

هي سنڌجي شهرن مان هڪ آهي. اهو پهرين ولايت ۾ آهي، پر ڪي ان کي ٻي ولايت ۾ رکن ٿا. نٽو ڪيچ ۽ مڪران جي پر ۾ آهي، جيڪو ايران ۽ هندسـتـان کي مـلائي تـو. شـروع ۾ هن جاءِ کي بيـبل، پوءِ ديبل ۽ پوءِ اتي جي گـرم آب هوا سـبب نـٽـو سـڏيو ويو (١٧). هي بحر هند جي ڪناري تي واقع ۽ مشهور بندرگاهن مان هڪ آهي. گرم ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ ميوو، هتي جهجهي انداز ۾ پيدا ٿـئي تـو (١٨). هن (نـٽي) جي پرسـان مـهراڻ وهي ٿي، جيـڪـا هندي سـمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. ڪپڙو ۽ ايران توڙي هند جون مصنوعات بہ هتي موجود آهن. هتي جي پرپاسي ۾ رهزن ڌاڙيل جام ڏسجن ٿا (١٩). هتان فارس، عراق ۽ عرب بندرن جا واپاري وڏي تعداد ۾ لنگهن ٿا. سندس اڪثر آبادي حنفي فرقي سـان واسطو رکي ٿي؛ جيـڪي زاهد ۽ روزي نماز جا وڏا پائبند آهن.

## ملتان:

هي سنڌ جي شهرن مان هڪ آهي ۽ ماضيءَ ۾ ان جو تخت گاهہ هو (٢٠). هتان جي ماڻهن هند - سنڌ ۾ سڀني کان اڳ اسلام قبول ڪيو. رسول صلعم جا ڪيئي ساٿي (اصحاب) پڻ هتي پهتا آهن. اسلام کان اڳ هت هڪ وڏو مندر هو، جنهن ۾ ملتان نالي هڪ بت هو، جنهن جي پنيان هن شهر جو نالو رکيو ويو. مسلم فاتحن هتان لٽ جو هيڪاندو مال هٿ ڪيو، جنهن کين ايترو تہ خوش ڪيو، جو انهن هن شهر کي بيت الفرح (خوشين جو گهر) ۽ بيت الذهب (سون جو گهر) سڏيو (٢١). هن جا پيا نالا بہ آهن.هي شهر مهراڻ تي واقع آهي، جنهن کي هاڻي پنجاب (نهر) سڏجي ٿو. هي واپاري رستو آهي جيڪو اولهہ ۾ خراسان، عراق ۽ ٻين ملڪن ۽ اوڀر ۾ هندستان کي ملائي ٿو. سنڌ جي اڪثر جاين کان هتي جي آب هوا سٺي آهي ۽ هتي ان ۽ ميوو جهجهي تعداد ۾ پيدا ٿئي ٿو. قديم دور ۾ ملتانين کان سواءِ هند - سنڌ جو ڪوبہ ماڻهو، ايران توران ڏي نہ ويندو هو. ان ڪري اڄ بہ ڪو هند - سنڌ مان، ٻاهر وڃي ٿو تہ ملتاني سڏجي ٿو. وڏن بزرگن مان شيخ ذڪريا ملتاني، ملتان سان واسطو رکندڙ هو. بزرگي سندن ورثو آهي، جيڪو بہ هن منصب تي ويهي ٿو، اهو خدا وارو ٿئي ٿو.

### سمجهاڻيون

١. بلخ جي حاڪم نظر محمد (١٦٤١ - ١٦٥٠ع). جي احوال لاءِ ڏسو ايم. پي. سري واستاوا جو ڪتاب: "پاليسيز آف دي گريٽ مغلز" صہ ١٣٦- ١٤٣، ناشر بڪ ٽريڊرس، لاهور ١٩٧٩ع.

٢. محمود بن امير جي سوانح، ڊاڪٽر رياض الاسلام جي ايڊٽ ڪيل "بحرالاسرار" جي انگريزي مقدمي تان ڪيل آهي.

- "بحرالاسرار" جي اشاعت کان اڳ، هن ڏس ۾ هي مضمون ڇپيا آهن:

1. B.G. Gafurov: "The Bahr-al-Asrar".
2. Dr. Riazul-Islam: "The Bahr-al-Asrar -A note on the travel portion".
3. Dr. Riazul-Islam: "A Seventeenth century account of

مؤلف سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦١ع.
٩. محمود سياح جي زماني ۾، بکر جو فوجدار مرزا حسيني هو. مرزا جي سلسلي ۾ ڏسو: "لب تاريخ سنڌ" (ايڊٽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ) صـ ٧٧؛ ناشر سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٥٩ع؛ ۽ پڻ ڏسو فريد بکري: "ذخيرة الخوانين" (ايڊٽ ڊاڪٽر معين الحق) صـ ٢٤٢ ۽ ٢٤٣، جلد ٻيون؛ ناشر پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي، ڪراچي سال ١٩٧٠ع.
١٠. بکر جي قلعي ۽ ان جي اهميت لاء ڏسو: "سنڌ جا قديم آثار" (انگريزي): هينري ڪوزنس؛ صـ ١٤٢، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، سال ١٩٧٥ع.
١١. ڪتاب جو هي ڀاڱو اڻ لڀ آهي.
١٢. هيل تائين معلوم سنڌي طبيبن (مغل دور) ۾، مولانا صلاح الدين سيوهاڻيءَ جو ذڪر ڪٿي به نه ٿيو آهي (ڏسو: حڪيم نياز همايوني "سنڌ جي طبي تاريخ" جلد ٻيون، صـ ٥٢٥ - ٥٣٥: ناشر سنڌ سائنس سوسائٽي حيدرآباد، سال ١٩٧٦ع).
١٣. گنجابو "سبي ملڪ" ۾ شامل هو. ياد رهي ته مغل سنڌ ڇهن ملڪن ۾ ورهايل هئي؛ جنهن مان سبي به هڪ هو (ڏسو: "مظهر شاهجهاني"، صـ ٢ ۽ ٢٨، فارسي ڇاپو).
١٤. بکر کي مغليه مؤرخن پڻ، غلطيءَ مان منصوره سڏيو آهي (ڏسو: آئين اڪبري" صـ ١٠٣٧؛ مترجم: مولوي فدا علي؛ جلد پهريون، ڀاڱو ٻيون، ناشر سنگ ميل پبليڪيشنز، لاهور سال ؟).
(ياد رهي ته "منصوره" عربن جو تختگاه هو، جيڪو سانگهڙ ضلعي ۾ هو).
١٥. روهڙي درياءَ جي ڪاٻي ۽ سکر ساڄي طرف آهي.
١٦. سنڌ جي عورت تي، هي صرف الزام آهي.
١٧. هن قسم جو اظهار قدرت الله فاطمي پڻ، پنهنجي مقالي "ديبل جا جاڙا بندر گاهه" ۾ ڪيو آهي ("سنڌ ٿرو دي سينچريز" صـ ٩٧-١٠٥؛ مرتب: ڊاڪٽر حميده کهڙو؛ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي ١٩٨١ع.
١٨. حوالو (٨).

١٩. ننيءَ جوکيا. نومڙيا ۽ ٻيا قبيلا مغلن خلاف برسر پيڪار رهيا.
افسوس جو هندي ۽ مقامي مؤرخن وانگر، محمود والي پڻ، هنن قبيلي کي رهزن سڏيو آهي.هن سياح کان ويهه سال پوءِ (سال ١-١٠٦٠هه)، اورنگزيب، شاهه جهان کي، پنهنجن خطن ۾ هنن ساڳين قبيلن جي سرگرمين کان آگاهه ڪيو هو (ڏسو، "آداب عالمگيري" (فارسي) جلد پهريون، ص ٢٤ ۽ ٢٥، ايڊٽ چوڌري عبدالغفور؛ رسرچ سوسائٽي آف پاڪستان، پنجاب يونيورسٽي، لاهور سال ١٩٧١ع).
٢٠. اسلام کان اڳ ملتان، سنڌ جي چئن صوبن مان هڪ جو دارالحڪومت رهيو آهي (چچ نامه، ص ٢٣). دهلي سلطنت جي زماني ۾، پڻ هي شهر سنڌ جو تختگاهه ليکيو ويجي ٿو.
٢١. "چچ نامه" (از مخدوم امير احمد) صه ٣-٢٥٨؛ ناشر سنڌي ادبي بورڊ.
(سه ماهي "مهراڻ" ٤ / ١٩٨٣ع تان ڪنيل)

# وتايي فقير تي تحقيق جي ضرورت

هر خطي، ملڪ، عـلائقي ۽ پرڳڻي جي- تمدني، ملڪي، تهـذيبي ۽ معاشرتي حالت الڳ الڳ ۽ نِت نرالي ٿئي ٿي. ڪڏهن ته هڪ ملڪ ۾ جبر ۽ ظلم انتها تي پهچي ويجي ٿو، ۽ ڪڏهن وري ملڪي ماحول ۾ مانار ۽ امن امان توڙي آسودگي هجي ٿي. ان سڄي پس منظر ۾، قومن جي تهذيبي تاريخ جو تاڃي پيٽو ٺهي ٿو. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته هر دور ۽ زماني پنهنجي پنهنجي سماجي قدرن، لاڙن ۽ گهرجن آهر- ڪيئي مفڪر، دانشور، ڏاها ۽ مجذوب ٻي پيدا ڪيا آهن؛ جيڪي ان دور جي پوري سماجي پس منظر جي نمائندگي ۽ نشاندهي ڪن ٿا. دراصل اهڙن ئي ماڻهن جي حوالي سان قومون سڃاڻجن ٿيون ۽ قومي اتهاس جو اڀياس ٿئي ٿو.

انگلينڊ ۾ جوناٿن سـئـفٽ (Swift d. 1745) جو دور، سـيـاسي ۽ مـعاشـرتي خيال کان، اطـمينان بخش نـه هو. مـؤرخن هن دور جو احـاطو هن ريت ڪيو آهي؛

Though manners were coarse, politics scandalously corrupt, and the general tone of society brutal, the England of the early eighteenth century witnessed a resolute attempt in the direction of moral regeneration.

سئفٽ جو ڪتاب "گليورز- ٽريولز" هڪ طرف مذاحيه ادب ۾ شمار ٿـئي ٿـو تـه، ٻئي طرف سندس دور جو نمائنده سـمـاجي مطالعو پڻ هن جي سفرنامي ذريعي ٿئي ٿو؛ جيئن اسان کي ادبي مؤرخ ٻڌائن ٿا؛

In the voyage of Lilliput, the english politics of the time, we have an exposure of infinite littleness and absurd pretentions of man.

ان دور جي مـايوس ڪـن حـالتن، سـئـفـٽ کي اهڙي طبـيـعت بخشي جو ڪيس هر شيء جو صرف اونداهو پهلو نظر آيو ۽ اها سڄي ڪڙائي ۽ صورتحال، سندس تحريرن ۾ به پرجي آئي. ان ريت اسين چاسر (Chaucer d. 1400)

جو نالو بہ کٿي سگھون ٿا. پر هو سئفٽ وانگر Pessimist نہ هو. چاسر جو ڪجھہ ڏنو، ان کي پنهنجي ڪتاب "ڪئنٽربري ٽيلز" ۾ بلڪل ائين جو ائين تحرير ڪيائين. چاسر جو هي ڪتاب پنهنجي دور جي تهذيبي پسماندگي ۽ چرچ توڙي پادرين جي ڪريل ڪردار جي ڀرپور نشاندهي ڪري ٿو. ان زماني جي سماجي مطالعي لاءِ، چاسر جي شاعري وڏي اهميت رکي ٿي. يورپين توڙي انگريزي ادب مان، ٻيا بہ اهڙا سوين مثال وٺي سگھجن ٿا.

نيڪ ان ريت مشرقي معاشري ۾ پڻ، ڪيئي طنزيہ نگار، مزاحيہ نويس ۽ ٻيا ان قسم جا فرد پيدا ٿيا، جن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حالتن متعلق نوٽڪا چيا، شعر چيا ۽ ڪتاب لکيا. ترڪي ۽ ايران ۾ بہ اهڙا فقير پيدا ٿيا، تہ هند ۽ سنڌ ۾ پڻ! مغليہ معاشري ۾ بيربل ۽ ملان دوپيازي جا قصا، ان دور جي سماجي اپياس جو چٽو مظهر آهن.

انساني سياءِ جي ان وهڪري ۽ رخ کان سنڌ ڪڏهن بہ ڪٽيل نہ رهي. ابتدائي دور ۾ سومرن جي سلطنت دوران، سمنگ چارڻ، اروڙ جي حاڪم همير جي سِٺَ ۽ هَجَو، هن ريت ڪئي هئي:

ستينءَ هو سوجهرو، ائينءَ ٿي اونداهه
هميرائي باهه، وساڻي ورهين ڪي!

يعني تہ ست پيڙهيون "دلوراءِ" کان ڀونگر تائين، ملڪ روشن هو، پر ائين پيڙهي "هَمير" تي اچي اونده ٿي وئي. ان ريت سچل سرمست ۽ شاهه لطيف پڻ، پنهنجي پنهنجي دور ۽ سماج جي قدرن ۽ لاڙن جي ڪٿي چٽيءَ طرح، تہ ڪٿي ڍڪيل لفظن ۾ نشاندهي ڪئي آهي. سچل چوي ٿو-

ماٺ ڪيان تہ مشرڪ ٿيان، ڪڇان تہ ڪافر،
انهيءَ وائي ور، سمجهي ڪو سچيڏنو چوي!

سنڌ جي بزرگن تمام آڳاٽي زماني کان، شعر کان علاوه نثر ذريعي پڻ، پنهنجي پنهنجي دور جي نمائندگي ڪئي آهي. ڪڏهن قصن ۽ ڪهاوتن جي روپ ۾، تہ ڪڏهن وري ڳجهارتن ۽ ڳاهن جي صورت ۾، تہ ڪڏهن وري ٽوٽڪن ۽ ڳفتن جي شڪل ۾. هنن بزرگن مان هيل تائين، صرف "وتائي

فقير" جو نالو محفوظ رهيو آهي، سو پڻ سندس گفتن جي شڪل ۾ (١).

وتايو فـقـيـر بجاءِ طور تي سنڌ جي تاريخ ۽ ادب ۾، پنهنجي دور جي ڀرپور نمائنده شخصيت آهي. ڏک تہ هي آهي جو هن فقير متعلق ڪي بنيادي ڳالهيون پڻ اڃا اخفا ۾ آهن. فقير جو حسب نسب ڇا هو؟ سندس اصلي ۽ صحيح نالو ڇا هو؟ سندس ڪهڙي مذهبي فرقي سان واسطو هو؟ سندس تعلق سنڌ جي ڪهڙي خِطي سان هو؟ پاڻ ڪهڙي دور ۾ ڄائو، نپنو ۽ وفات ڪيائين؟ مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" ۾ مجذوب وتايي فقير جو "ت" بجاءِ "ط" سان ذڪر ڪيو آهي (ص ٥٤٧، ٥٥٠، ٦٢٦). قانع واري ساڳي روايت کي سرسري طور تي، مرزا قليچ بيگ پڻ ورجايو آهي (قديم سنڌ، ص ١٨٠). ان بعد پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم، ساڳي روايت کي هن ريت پيش ڪيو آهي؛

"هي نـنـي جو وينل هو. مـجذوب، سـالڪ، ڪامل تي گـذريو آهي. سندس ڪرامتن جون ڳالهيون گهڻيون مشهور آهن....... چون ٿا تہ خواجہ محمد زمان جي تولد ٿيڻ کان اڳ، سندس والد کي بشارت ڏني هئائين تہ سندس گهر ۾ هڪ وڏو عارف پيدا ٿيڻ وارو آهي. وتائي فـقـيـر بابت ڪيترين مذاقيہ آکاڻيون ۽ پهاڪا مشهور ٿيل آهن، جي سنڌ جي گوشي گوشي ۾ مشهور آهن. سندس بيت بہ ڪلهن سنڌي راڳيندڙن کان ٻڌڻ ۾ ايندا آهن" (تذڪره لطفي، جلد اول، ص ١- ٣٢٢)مٿيون اقتباس ٻڌائي ٿو تہ؛

(i) هي فقير ٺٽي جو هو،

(ii) سندس دنيا ۾ موجودگي، خواجہ محمد زمان جي ولادت يعني ١١٢٥ هہ برابر ١٧١٢ع تائين ڏسجي ٿي،

(iii) فقير مزاحيہ ٽوٽڪن سان گڏ، شعر بہ چيو جيڪو بدوي صاحب نقل نہ ڪيو آهي.

بدقسمتيءَ سان سنڌ جي اسلامي دور (٧١٢ - ١٨٤٣ع) جي مشاهيرن بابت، اسان وٽ ڪوبہ مستند ۽ متعبر ماخذ ڪونهي. مير قانع ان بنيادي ڪم جي پورائي لاءِ، زندگيءَ جي آخر ۾ هڪ تذڪرو "معيار سالڪان طريقت"

(١) سمن ڄامن جي دور ۾ "ملاٽلر" طنزمزاح سبب مشهور آهي.

تيار ڪيو هو، جنهن ۾ سنڌي مشاهيرن ۽ عارفن متعلق قيمتي مواد گڏ ڪيائين. ڏک آهي ته هڪ طرف هي ڪتاب اڃا تائين شايع نه ٿيو آهي ۽ ٻيو وري سنڌ ۾ هن ڪتاب جو ڪوبه نسخو دستياب ڪونهي. ڪهڙي خبر ته هن ڪتاب ۾ اسان واري وتايي فقير متعلق، ڪجهه نه ڪجهه مواد ميسر ٿي وڃي.

ڪلهوڙن جي پڇاڙيءَ ڌاري شيخ اعظم ٺٽي واري؛ مڪلي ۽ ٺٽي - جي عارفن ۽ اوليائن جو هڪ تذڪرو "تحفة الطاهرين" لکيو هو، ليڪن ان ۾ به وتايي فقير جو ذڪر ڪونهي.

هوڏي اسين جنهن وتايي جي ڳولا ۾ آهيون، ان لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو بنيادي طرح نصرپور واري علائقي جو هو. جيڪڏهن پاڻ وارو بزرگ ساڳيو قانع وارو فقير آهي ته، پوءِ جزوي قيرقار سان هي قبول ڪرڻو پوندو ته:

(i) وتايو مجذوب بنيادي طرح ٺٽي جو هو، جو پوءِ غالباً پنهنجي انفرادي طبيعت ۽ رنديءَ جي ڪري، ٺٽي جو گهٽ ۽ ٻوسٽ وارو ماحول ڇڏي، نصرپور ڏي هليو آيو،

(ii) سندس تعلق مغليه زوال واري زماني ۽ ڪلهوڙن جي ابتدائي دور سان آهي،

(iii) مغل بيڪيت جيڪو سڄي ننڍي کنڊ ۾، گهٽ ۽ ٻوسٽ وارو ماحول پيدا ڪيو، پاڻ نه رڳو ان مان تنگ ٿيو پر گفتن ۽ ٽوٽڪن ذريعي، ان سڄي ماحول خلاف بيزاري پڻ ڏيکاريائين.

هاڻي سوال آهي ته وتايي فقير متعلق تحقيق ۽ اڀياس جي ڪيتري ضرورت آهي ۽ اهڙو مطالعو ڇا لاءِ ڪجي؟ اهڙي تحقيق لاءِ، ابتدا ۾ هن فقير متعلق ڪي ابتدائي سوال حل ڪرڻا پوندا ته:

(i) فقير جو حسب نسب ڇا هو. سندس اصل وطن ڪهڙو آهي؟
(ii) سندس زمانو ڪهڙو هو؟
(iii) تعليم ۽ تربيت توڙي مذهبي سلسلو.
(iv) ٽوٽڪن جي ترتيب.

انهن چند بنيادي اسمن کي حل ڪري، بعد ۾ ٽوٽڪن جي صحيح

ترتيب ۽ اشاعت ذريعي، اسين سنڌ جي معاشرتي تاريخ جي هڪ دور جو صحيح اپياس ڪرڻ جهڙا ٿينداسين ۽ خبر پوندي تہ:

(i) وتايي فقير جي دور جا سماجي قدر، لاڙا ۽ رجحان ڪهڙا هئا؟

(ii) سياسي لحاظ سان پڻ، اسين سنڌ جي صورتحال جو هڪ خاڪو، فقير جي گفتن ذريعي حاصل ڪري سگهون ٿا.

(iii) فقير دولت ڪان لاتعلقي ۽ دوري توڙي سچائيءَ کي جو ترجيح ڏني، جيئبو تہ سندس زماني ۾ امن امان جي قلت ڪري، پيسو ڏوڪڙ نقصان ده هو.

(iv) مذهبي طور تي حڪمرانن ۽ ملن موراڻن - ڪهڙو پائيتال پاريو هو، جنهن کان تنگ ٿي فقير ڪيئي ٽونڪا چيا.

(v) سندس ٽونڪن ذريعي، اسين ان زماني ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ جو پس منظر پڻ ڏسي سگهنداسين!

جيڪڏهن اسين وتايي متعلق ڪي بنيادي حقيقتون، جيئن مون عرض ڪيو ڳولڻ ۾ ڪامياب وياسين، تہ پوءِ جهڙو ڪر اسان ان دور جي سموري گهر ٽيل سنڌ کي پاتو، ان جي سماج کي ڳولي لڌو ۽ ان جي تاريخ کي پاتو. پلي پوءِ درباري تذڪرا ۽ تاريخون گهر ٿي ويجن - ڪوبہ فرق نہ پوندو!!

نوٽ: انگريزي ادب جي حوالي لاءِ هي ڪتاب ڪتب آندو ويو-

W.H. Hudson: An outline History of English Literature, Karachi, 1965.

[ڪتاب "وتايو فقير" مرتب: محمد حسين ڪاشف ۽ محمد اسماعيل شيخ، ٽنڊوالهيار، مئي ١٩٨٥ع].

# مخدوم عبدالله منڌرو

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيئي اهڙيون هستيون ٿي گذريون آهن، جن هڪ طرف ديني تبليغ واسطي پنهنجو قلمي پورهيو ڪيو ۽ ٻئي طرف جڏهن نهن سنڌي زبان سان ٿيندڙ زيادتين ۽ حق تلفين کي محسوس ڪيو، تڏهن پنهنجي سموري قوت پنهنجي مادري ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪتب آندائون. ڪيئي اهڙا بزرگ به ٿيا جن هڪ ئي وقت؛ عربي، فارسي ۽ سنڌي - ۾ ڪتاب لکيا. جڏهن ته ڪجهه خدا جا بندا اهڙا به ٿي گذريا، جن صرف ۽ صرف سنڌيءَ ۾ قلم هلايو. مخدوم عبدالله نرئي وارو به هڪ اهڙو وطن دوست عالم هو، جنهن سڄي زندگي سنڌي زبان جي خدمت ڪئي ۽ ڪڏهن به فارسي يا عربي ٻولين ۾ لکڻ پسند نه ڪيو. هيٺ مخدوم صاحب مرحوم جي سوانح جي ڪجهه مکيه پهلوئن جي اپٽار ڪجي ٿي.

مخدوم عبدالله ذات جو منڌرو (ميندرو) هو. اصل ۾ پاڻ لاڙ (بدين) يا ڪڇ جو رهاڪو هو. تعليم ۽ تربيت لاءِ نسئي آيو ۽ اتان واپس ڪڇ ملڪ ڏي هليو ويو، جتي هن مثالي انسان جي وفات ٿي. پاڻ سڄي حياتي سنڌي علم ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ۾ گذاري ڇڏيائين. هن جي همعصر تذڪره نگارن مان ڪنهن به، سندس متعلق ڪا هڪ سٽ به نه لکي آهي. ان جا مکيه ٻه سبب هئا؛ هڪ ته هو نئي يا سنڌ جي ڪنهن ٻئي وڏي شهر ۾ گهڻو وقت نه رهيو، ۽ دور افتاده ملڪ ڪڇ ڏي وڃي رهيو ۽ ٻيو ته سڄي زندگي فارسيءَ ۾ هڪ سٽ به نه لکيائين. سندس متعلق پهريون ڪتابي اطلاع ميرن جي دور جي ٻجاڻيءَ ڏاري برٽن هن ريت ڏنو آهي:

”مخدوم محمد هاشم ڪانپوءِ، ٻيو سنڌيءَ جو مشهور نثرنگار، مخدوم عبدالله نرئي وارو هو. هو ٻج جي پرسان، نرئي (ڪڇ) ۾ ڄائو ۽ ميندرن جي سنڌي قوم مان هو. اٽڪل ٽيهه سال ٿيا ته سٽريءَ ۾ گذاري ويو. ڪڇ جو هندو راءِ يا شهزادو سندس معتقد هو ۽ هن کي سالانو وظيفو به ڏيندو هو. هن جي ڪتابن جي مختصر فهرست هيٺ ڏجي ٿي. چون ٿا ته هن عربيءَ يا فارسيءَ ۾ ڪجهه نه لکيو هو. (i) ڪنزالعبرت

(ii) قصص الانبياء (iii) خزانة الابرار (iv) خزانة الاعظم (v) خزانة الروايت (vi) تنبيه الغافلين" (١).

نہ تہ مخدوم محمد هاشم ۽ نہ وري مخدوم عبدالله نثرنگار هئا. پوء بہ برٽن جي هن اقتباس ۾ ڪافي ڳالهيون اچ اسان جي رهبري ڪن ٿيون. سندس هي ڪتاب ١٨٥١ع ۾ ڇپيو هو ۽ ان ۾ پاڻ لکيائين تہ مخدوم عبدالله ٽيهہ سال ٿيندا جو فوت ٿي ويو. ان جو مطلب تہ سنڌي علم - ادب جو هي سچو خدمت گار سن ١٢٣٧ هہ / ١٨٢١ع ڌاري وفات ڪري ويو هوندو. سندس ڄم جو سال بہ ڪنهن نہ لکيو آهي، البتہ هن جي ڪتابن جو اڀياس ان ڏس ۾ ڪنهن حد تائين مددگار ٿي سگهي ٿو. علامہ قاسمي صاحب هن ريت مخدوم عبدالله جي ولادت جو سال ١١٥٠ هہ (١٧٣٧ع) تجويز ڪيو آهي (٢). ان حساب سان تہ مخدوم عبدالله نرئي وارو وڏي ڄمار ماٺي، چوراسي سالن جي عمر ۾ فوت ٿيو هوندو. هن بزرگ انسان ڪي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شاگردن ۾ ڳڻيو ويو آهي(٣). مولوي محمد هاشم مرحوم سچي زندگي ننگر ٺٽي ۾ تعليم ڏني ۽ سن ١١٧٤ هہ (١٧٦١ع) ۾ وفات ڪيائين. سن ١١٧٥هہ ۾ مخدوم عبدالله پنهنجو ضخيم ڪتاب "ڪنزالعبرت" جوڙي راس ڪيو. هن حقيقت ڪي نظر ۾ رکندي گمان آهي تہ هي پورهيت سنڌي اديب ١١٤٥ هہ / ١٧٣٢ع ڌاري ڄائو هوندو ۽ اٽهٺ - ستر سالن جي ڄمار ماٺي سن ١٢١٥هہ / ١٨٠٠ع جي قريب وفات ڪئي هوندائين. ان هوندي بہ جڏهن مخدوم صاحب جي سموري لکت جو ڳوڙهو اڀياس ٿيندو، تڏهن ئي ڪي حقيقي نتيجا ڪڍي سگهبا.

بدقسمتيءَ سان جڏهن سنڌ جي ادبي تاريخ بابت پهريون سنجيدو ڪتاب لکيو ويو، تڏهن هن اعلا انسان ۽ عالم بابت غلط بيانيءَ ڪان ڪم ورتو ويو. همناميءَ سبب ڪيس مخدوم عبدالله واعظ (ميان موريو) جي نسبت ۾ آندو ويو. ان طرح نرئي واري بزرگ جون سموريون لکتون مخدوم عبدالله واعظ جي نالي تي چڙهي ويون (٤). مرحوم واعظ ١١٦٧ هہ / ١٧٥٣ع ۾ فوت ٿي ويو هو، تہ پوء ١١٧٥ هہ ۾ ڪيئن "ڪنز العبرت" نالي ڪتاب لکي سگهيو؟ محمد صديق ميمڻ ڪجهہ وڌيڪ ڪتابن جي

لسٽ ڏني آهي، جي اصل ۾ نرئي واري بزرگ جا لکيل آهن: بدرالمنير، غزوات، نورالابصار، صفت بهشت، قمرالمنير، سنگ نامون، تفسير يوسف، شجاعت سيد الانام، قصو سيدنا عمر جي اسلام آڻڻ جو، خلفاء الراشدين ۽ قصہ شهادت امام حسينؑ جڏهن هڪ دفعو ڪنهن غلط روايت جو بنياد پوندو آهي تہ پوءِ اها سؤ پيرا دهرائي ويجي ٿي. پروفيسر اجواڻي پڻ ميمڻ صاحب مرحوم جي تقليد ڪئي (٥). ٻئي طرف مرحيات محمد سومار شيخ بہ ان غلطيءَ کان نہ بچي سگهيو ۽ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ٻنهي بزرگن کي هڪ سمجهندي "مخدوم واعظ عبدالله عرف ميان موريو منڌرو" عنوان قائم ڪيائين. احوال بہ ٻنهي جو گڏ ڏنو اٿس. مخدوم عبدالله نرئي واري جي ڪتابن جي لسٽ ۾ داخل ڪيائين تہ، مخدوم عبدالله واعظ جي مدح پيران پير دستگير بہ ڏئي ڇڏيائين (٦). حالانڪہ هي ٻہ الڳ الڳ شخص هئا. ميان موريو ننگر ٺٽي جي اهم مذهبي هستي ٿي گذريو. پاڻ پنهنجي چيل مدح سبب مشهور آهي. هو ميان ابوالحسن مرحوم جو عزيز هو، جنهن مکيہ ڪتاب "مقدمہ الصلواة" نالي سان لکيو هو. جڏهن تہ ميان منڌرو اسان جي ساهتي اتهاس ۾، ڪثير سنڌي تصنيف تاليف جي ڪري وڏي اهميت رکي ٿو.

سنڌ جي ممتاز عالم مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، ڪافي ورهيہ اڳ هن تاريخي غلطيءَ جي ڇنڊ ترديد ڪئي هئي. جڏهن مولانا محمد مدني مرحوم (وفات: ١٩٧٩ع)، مخدوم عبدالله جو ڪتاب "ڪنز العبرت" شايع ڪيو (١٣٧٦هہ)، تہ قاسمي صاحب ان تي هڪ مختصر مگر اهم علمي مقدمو لکيو هو. ان ريت خبر پئي تہ مخدوم عبدالله واعظ ۽ ميان عبدالله نرئي وارو بہ الڳ هستيون ٿي گذريون هيون (٧).

مخدوم عبدالله منڌري کي هڪ ليکڪ عربي - سنڌي رسم الخط جو بانيڪار سڏيو آهي. هو لکي ٿو:

"اسان وٽ سنڌ ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپيءَ تي صورتخطي ابوالحسن ٺاهي راس ڪئي. تنهن ڪري هن کي ابوالحسني سنڌي سڏيندا آهن. مگر هن ملڪ جي عوام جو چوڻ آهي تہ مخدوم محمد هاشم رح جا عربي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ مولوي عبدالله منڌري لکي تيار ڪيا

۽ اهو بزرگ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو پهريون خالق هيو" (٨).

تاريخي طرح هي راءِ درست ڪانهي. اصل ۾ سنڌيءَ ۾ ڪتابن لکڻ جي تحريڪ گهڻو اڳ شروع ٿي چڪي هئي. جنهن وقت مخدوم عبدالله ننگر ٺٽي پڙهڻ آيو، تڏهن سموري سنڌ ۾، سنڌي ڪتاب لکڻ جي هڪ ڀرپور هلچل هلندڙ هئي. خود سندس استاد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به گهڻا سنڌي ڪتاب لکي چڪو هو. ان کان علاوه ٻيا به ڪيئي اديب ٺٽي شهر ۾ سنڌي تصنيف تاليف ۾ مصروف هئا. ان تحريڪ ۽ جذبي کان متاثر ٿي مخدوم عبدالله به قلم کنيو ۽ سنڌي ۾ ڪتب نويسي اختيار ڪيائين.

مولوي عبدالله منڌرو ننگر ٺٽي ۾ اعلا تعليم مڪمل ڪري، هن جذبي سان پنهنجي وطن ڪيچ ڏي واپس وريو ته، پاڻ اتي وڃي درس تدريس لاءِ مڪتب کوليندو ۽ ان سان گڏ سنڌي زبان جي ڀرپور ۽ مثالي خدمت ڪندو. ان ريت گوياڪِ هو سنڌ ۽ ڪيچ جي ثقافتي لاڳاپن جي وڏيڪ تعمير جو سفير بنيو. ڪن ليکڪن جو خيال آهي ته سندس ارادو هو ته پاڻ عملي زندگي ننگر ٺٽي ۾ اختيار ڪري. ليڪن ڪيس پنهنجي استاد مخدوم محمد هاشم حڪم ڪيو ۽ ان طرح مولوي عبدالله منڌرو ڪيچ ڏي هليو آيو. مولوي صاحب مرحوم شهر "نرئي" ۾ مڪتب کوليو ۽ اسلام جي خدمت ۾ مشغول ٿي ويو. پوري برصغير مان شاگرد وٽن تحصيل لاءِ ايندا هئا، ته مولوي سڳورا ڪجهه شرعي مسئلن جي تشريح لاءِ به هت پهچندا هئا. بلاشبه مخدوم محمد هاشم ڪانپوءِ ديني ۽ علمي طور تي سندن شخصيت وڏي مان مرتبي واري بنجي چڪي هئي. سندس شاگردن جي ڊگهي لسٽ آهي. انهن ۾ مخدوم محمد هاشم جو پوٽو مخدوم ابراهيم ولد مخدوم عبداللطيف به اچي وڃي ٿو (٩). مخدوم ابراهيم خود وڏو عالم ٿيو ۽ ڪيئي ڪتابن جو لکندڙ آهي. سندس مزار ڪيچ ۾ آهي.

ان سڄي صورتحال ۾ به مخدوم عبدالله منڌري جي گهڻي اهميت سنڌي ڪتابن لکڻ سبب آهي. انڪري اڄ به پاڻ اسان جي ساهتڪ دنيا ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. افسوس جو پاڻ سنڌ ملڪ کان وڃي ڪيچ جهڙي پرانهين ملڪ ۾ رهيو، انڪري اڄ خاطريءَ سان ڪجهه به سندس باري ۾ نه ٿو چئي

سگهجي. ڪجھ جو تازو سفر ڪندڙ سنڌي سياح فقير امداد علي سرائي به، ڪو گهڻو مواد اسان لاءِ آڻي نه سگهيو. جو ته پاڻ اڪثر ڪري لوڪ ڪٿائن تي اعتبار ڪيو اٿائين. هو لکي ٿو:

"مرحوم مولوي عبدالله لاءِ ڪڇ جا ماڻهو چون ٿا ته هيٺيان ڪتاب هن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري لکيا (١) قصص الانبياء (٢) خزانة اعظم (٣) بدرمنير (۴) تنبيه غافلين (۵) نورالابصار (٦) عشقيو ڪتاب نسيم انصاري جا نثر ۾ لکيا ۽ تفسير هاشمي ۽ ذبح شڪار مخدوم محمد هاشم رح جا هن مولوي صاحب عربي لکڻي واري سنڌيءَ ۾ لکيا هئا" (١٠).

هڪ طرف هي راءِ ادبي تاريخ ۾ آيل حقيقتن جي بلڪل برعڪس آهي، ۽ ٻئي طرف ان قسم جي لکت مخدوم عبدالله جي سوانح بابت، موجود مونجهارن کي اڃا به وڌائي سگهي ٿي. هن بزرگ جي ڪتابن جو ڳوڙهو اڀياس ڪندڙن، ڪڏهن به ڪيس مترجم طور پيش نه ڪيو آهي. هن ڏس ۾ علامه قاسمي صاحب جي راءِ وڏيڪ اهميت رکي ٿي، جنهن هن عالم فاضل انسان جي تحريرن کي، سيني ڪان وڌيڪ اڀياس هيٺ آندو آهي. ان متعلق ادبي محققن پڻ ٻي لاڳ تبصرا ڪيا آهن، جي مختلف ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. حقيقت هي آهي ته اڃا تائين هن بزرگ جي ادبي اثاثي بابت، نه مڪمل مطالعو ٿيو آهي ۽ نه وري ڪو درست ڪاٿو ئي سگهيو آهي. ان هوندي به هيل تائين ٿيل استدبيز جي آڌار تي، هي چوڻ غلط نه ٿيندو ته پاڻ ارڙهين صديءَ جو مثالي عالم ۽ وڏو سنڌي مصنف ٿي گذريو آهي. هي اهو زمانو هو جڏهن اڃا ڇاپي ڪتاب ميسر نه هئا، تڏهن به مخدوم صاحب جي ڪتبخاني، ماخذات ۽ مطالعي ۾ سوين ناياب، مستند ۽ بي حد اهميت رکندڙ مسودا موجود هئا. بلاشبه پاڻ پنهنجي استاد مولوي محمد هاشم مرحوم جي ڪتابن ۽ فتوائن کي به، ڀرپور طريقي سان حوالي طور ڪتب آندو اٿس.

مخدوم عبدالله مهندري جا ڪجهه ڪتاب ڇپيا آهن ۽ گهڻا اڃا ڇاپي هيٺ نه آيا آهن. سندس اڻ ڇپيل ذخيري ۾ "خزانه اعظم" وڏي اهميت رکي ٿو جو اٺن جلدن ۾ آهي. هي ضخيم ڪتاب ڪنهن وقت ۾ پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ موجود هو (١١). سندس ڪتابن جي مقبوليت، پڙهجڻ يا اهميت

جو اندازو هن طرح ڪري سگهجي ٿو، جو اڄ بہ سنڌ جي قديم علمي مرڪزن ۽ گهراڻن ۾، هن عالم فاضل انسان جا خطي يا مطبوعہ ڪتاب عام جام ملي وڃن ٿا. اسان بہ ڪجهہ ورهيہ ٿيندا جو پنهنجن بزرگن (جي پڙهيل لکيل ديندار هئا) جي گهرن ۾ اهڙا ڪجهہ ڪتاب ڏٺا. تازي دور ۾ اهڙي ذخيري مان مونکي "نورالابصار" جي جهوني ڇپيل ڪاپي ملي آهي. بهرحال ڪيچ ڪان ڪري ڪشمور تائين، ڪيئي ڪتبخانہ اهڙا بہ آهن، جتي ميان منڌري جا ڪتاب، ماٿهن وڏي چاهہ سان سانڍي رکيا آهن. سنڌ ۽ هندستان کان علاوه برٽش لئبريري تائين، مخدوم عبدالله جا ڪتاب ملي وڃن ٿا. سندن پونيرن مان ڪي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هئا، انهن وٽ بہ مخدوم صاحب جا ڪتاب هئا. ان کان علاوه ڪيچ ۾ اڄ سوڏو سندس اولاد آهي. هنن وٽ بہ ڪي قلمي مسودا آهن، پر حالت هي آهي جو اهي ڪنهن ڪي ڏيکارڻ لاءِ بہ تيار ڪونهن (١٢).

سنڌ هميشہ علمي دنيا ۾ اڳ کان اڳري رهي آهي. علم ۽ ادب جي هر فن ۾ يا تہ هتان جي لکندڙن پهريون قدم کنيو، يا وري سنڌي زبان ۾ ڪافي عنوانن تي، برصغير جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سڀ کان اول ڪتاب لکيا ويا. عالمن جو خيال آهي تہ هتان جي ٻولين ۾، سيرت طيبہ متعلق پهريون ڪتاب مخدوم عبدالله منڌري لکيو ۽ اهو سنڌي زبان ۾ آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب، مذڪوره ڪتاب مان "فتح مڪہ" وارو باب ترتيب ڏئي شايع ڪيو آهي (١٣). مخدوم عبدالله جي علمي ذخيري بابت اڃا پاس جاري آهي.

برٽن لکيو آهي تہ ڪيچ جو هندو راجا سندس مريد هو ۽ ڪيس ساليانو وظيفو پڻ ڏيندو هو. ان جو مطلب تہ حاڪمن وٽ هن جي اهميت ايتري هئي، جيتري سنڌي ۾ سندس استاد جي ميتا سرڪاري سطح تي ٿيندي هئي. ان هوندي بہ مرحوم مولوي عبدالله ڪنهن کي نقصان نہ پهچايو. حالانڪہ ڪن شرعي مسئلن تان ڪن ماٿهن جي سائنس اٿبٺت تي پٺي ۽ ڪيس "نرئي" شهر کي ڇڏي هڪ ٻئي واهڻ "سري" ڏي ويٺو پيو هو. ڏسجي ائين ٿو تہ هو هڪ بي ضرر، صوفي منش ۽ خدا ترس انسان هو. اڄ جيڪڏهن اسين هن نيڪ مرد جي شخصيت جي اندازي جي ڪوشش ڪيون

تہ، پوءِ ان چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ نہ ٿيڻ گهرجي تہ، سنڌ ۾ جيڪا حيثيت مخدوم محمد هاشم کي حاصل آهي، ڪچ جا ماڻهو پڻ مخدوم عبدالله کي ان درجي تي تسيلم ڪن ٿا. ڪلهوڙن جي دور ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڀهريون ماڻهو هو، جنهن ٻين ٻولين ڪان ڪناره ڪش ٿي فقط سنڌي زبان ۾ شعر چيو. ان ڪان پوءِ مخدوم عبدالله نرئي وارو ٿي گذريو، جنهن سموري تصنيف تاليف سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇڏي آهي. ان ڏس ۾ برٽن ڏاڍي چٽي راءِ ڏني آهي!

مخدوم عبدالله سنڌ مان ويو تہ ڀهريائين "نرئي" شهر ۾ وڃي مدرسو قائم ڪيائين. بعد ۾ ڳوٺ "سري"(سٽريون؟) ڏي لڏي ويو. هن شهر ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن پورا ڪري هن فاني جهان مان روانو ٿي ويو. شهر ڪان هڪ ميل پري سندس سادي سودي قبر موجود آهي. متس نہ تہ ڪو قبو آهي ۽ نہ وري ڪو لٽ ٺانگر وارو مقبرو ڏسجي ٿو!!

## حوالا ۽ حاشيہ

(١) رچرڊ برٽن جي ڪتاب جو انگريزي ايڊيشن، صہ ٨٢، نئون ڇاپو، انڊس پبليڪيشن ڪراچي ١٩٨٨ع.

- نوٽ سنڌي ڇاپي ۾ "نرئي" جي بجاءِ "ناڙي" آيو آهي جو درست ڪونهي (ڏسجي مذڪوره ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، مترجم محمد حنيف صديقي، صہ ٨٠، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٧١ع).

(٢) رسالو "مهراڻ، صہ ٢٥، ٣ / ١٩٨٨ع.

(٣) فقير امداد علي سرائي "قدم ڪاپڙين جا"، صہ ١٣٠، حيدرآباد ١٩٨٧ع.

(٤) محمد صديق ميمڻ "سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد ١، صہ ٢٠١ - ٢٣٠، مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد ١٩٣٧ع.

(٥) هسٽري آف سنڌي لٽريچر، صہ ٦٢، نئون ڇاپو، ڪراچي ١٩٨٤ع.

(٦) ڪچين جا قول، ص ص ١٣٢- ١٣٩؛ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٧ع.

(٧) قاسمي صاحب جي اها لکت رسالي "مهراڻ" (٣ / ١٩٨٨ع) ۾ وري شايع ٿي آهي.

(٨) قدم ڪاپڙين جا، صہ ١٣٠، حوالو اڳ ڏنو ويو آهي.
(٩) قدم ڪاپڙين جا، صہ ٢٢٠.
(١٠) قدم ڪاپڙين جا، صہ ١٩٢.
(١١) عبدالجبار جوڻيجو "سنڌيون"، صہ ٧٤، سنڌالاجي ١٩٧٠ع.
(١٢) قدم ڪاپڙين جا، صہ ١٩١.
(١٣) رسالو مهراڻ"، صہ ٢٣٧ - ٢٧٩، ٣-٤ / ١٩٨٠ع.
(ماهنامہ "الرحيم" نومبر - ڊسمبر ١٩٩٠ع ۾ ڇپيو ۽ وري بہ مختلف رسالن ۾ هي مضمون شايع ٿيو).

# سنڌ سڀا:
# سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم
## [سنڌي هندو ۽ مسلمانن جي علحدگيءَ جي ابتدا]

ننڍي کنڊ ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، اتهاس ۽ ادب کي آدجڳاد کان تمام مٿانهين حيثيت پئي حاصل رهي آهي. اسلام هن خطي ۾، سن ٧١٢ع ڌاري پهتو. بعد ۾ يارهن صديون لاڳيتو، هتي مسلمانن راڄ ڪيو ۽ حڪم هلايو. سال ١٨٤٣ع ۾ هي خطو به، باقي هندستان وانگر، انگريزي راڄ جو حصو ٿي ويو. ان سان گڏ هتي اسلامي راڄ جو خاتمو ٿيو ۽ سنڌ پنهنجي سياسي خودمختياري توڙي انفرادي ۽ جداگانه حيثيت به گم ڪري ويٺي!

هند - پاڪ ننڍي کنڊ ۾ سال ١٩٤٧ع ۾ جيڪو ڪجهه ٿي گذريو، سو ڪو اتفاقي حادثو نه هو. دراصل پاڪستان ٺاهڻ کان ڪري، ٻين انيڪ تحريڪن ۾ سنڌي مسلمانن جيڪو ڀرپور ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌي هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪا مستقل علحدگي پيدا ٿي، ۽ پوءِ آخرڪار هندن کي هي ملڪ به ڇڏڻو پيو. ان لاءِ خام مال حقيقت ۾ ٽالپورن جي دور کان تيار ٿيڻ شروع ٿيو هو. جنهن به مؤرخ هندو - مسلم علحدگيءَ تي ڪم ڪيو، افسوس آهي ته انهن مان ڪنهن به سنڌ جي سيني ۾ گهري جهاتي پائي هي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪئي ته آخر سنڌي هندن ۽ مسلمانن ۾ ڪيئن وڇوٽي پيدا ٿي؟

ٽالپورن هالاڻيءَ جي ميدان تي، پنهنجن حاڪمن ۽ مرشدن کي شڪست ڏيئي سنڌ تي قبضو ڪيو. نون حاڪمن اٿندي ئي ڪي اهڙا فيصلا ڪيا، جنهن سبب سندن خلاف بدمزگي جو بنياد پئجي ويو. ان سان گڏ ٽالپورن جي ڪجهه فيصلن ۽ عملن سبب، سنڌ جي هندن کي به سخت مايوسي ٿي. مثال طور مير غلام علي جي اشاري تي، ٻڍڙي ۽ معمر سفارتڪار ديوان گدو مل کي، ڪن ماڻهن سندس گهر ۾ گهڙي لٽڻ سان ڏاهي ڇڏيو. (گدوبندر جو باني ديوان گدومل). ان بعد ناٿون مل ۽ سندس خاندان ۽

حڪمرانن ۾ جيڪا اڌ صدي لاڳيتو ڇڪتاڻ رهي، اها ته عالم آشڪار آهي. ان جو ذڪر خود نائون مل ۽ ٻين همعصر تذڪره نگارن وڏي واڪ ڪيو آهي. آخرڪار نائون مل، انگريزن سان مليو، سنڌ کي غضب ڪرايو. ان ريت، سنڌي هندن ۽ مسلمانن ۾ علحدگي اڃا به وڌي وئي. جيئن ئي ميرن جو زوال ٿيو، تيئن نيپئر سنڌ جي جديد انتظامي جوڙجڪ ۽ سڌاري توڙي ترقيءَ متعلق ڪي اهم فيصلا ڪيا. هن سڄي عمل ۾، نائونمل انگريزن سان شريڪ رهيو. ڪيس ڊپٽي ڪليڪٽر بنايو ويو ۽ سندس چوڻ تي، سنڌ ۾ ڪيئي هندو ڪاردار مقرر ٿيا. جنهن جو ذڪر خود سيٺ صاحب پنهنجي "يادگيرين" ۾ ڪيو آهي.

سال ١٨٤٧ع ۾ نيپئر جي وڃڻ تي، سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري، ان کي بمبئي پرڳڻي جي ماتحت ڪيو ويو. بمبئيءَ جي گورنر جي سرپرستيءَ ۾، هت هائي ڪمشنر ڪم ڪرڻ لڳو. پرنگل کان پوءِ هن خطي لاءِ فريئر صاحب ڪمشنر مقرر ٿي آيو، جيڪو سال ١٨٥٩ع تائين رهيو. حقيقت ۾ جديد سنڌ جو باني فريئر صاحب ئي آهي. هن سنڌ جي ڀلي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪيئي فيصلا ڪيا، جيڪي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهن. هن صاحب سنڌي الف بي تيار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ناهي، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان عالم شريڪ هئا. جيئن ته سنڌ جي سياسي، ملڪي ۽ قومي فضا اڳ ۾ ئي زهريلي هئي، ان ڪري ان جو هن خالص علمي ڪم تي به ڪافي اثر پيو. ڀيرو مل لکي ٿو؛

"ائين هن علمي ڪم کي گويا فرقيوار رنگ اچي ويو، ۽ هي هڪ هندو مسلم سوال ٿي پيو". (سنڌي ٻولي جي تاريخ، ص ٢٦٠).

ان ريت جيڪا ڳالهه سنڌ ۾ حل ٿيڻ کپندي هئي، سا وڃي بمبئيءَ ۾ حل ٿي. هندو - مسلم ڇڪتاڻ سبب، هي پهريون ڀيرو هو جو اسان جو هڪ مسئلو سنڌ کان ٻاهر نبيريو ويو. ان ريت نفاق ۾ اڃا به اضافو ٿي ويو. بهرحال، فيصلو مسلمانن جي حق ۾ ٿيو، جنهن کي هندن بادل ناخواسته قبول ڪيو (تعجب آهي ته هڪ صديءَ کان پوءِ، ڪٽر هندن دهليءَ ۽ بمبئيءَ ۾ ويهي هن مسئلي کي ڪنيو، جنهن جو تفصيلي ذڪر همعصر اديب موهن

ڪلپنا پنهنجي آتم ڪٿا "بک، عشق ۽ ادب"، ١٩٨٥ع، سنڌ ۾ ڇپيل، ۾ ڪيو آهي). هن فيصلي بعد سنڌ ۾ سرڪاري سرپرستيءَ ۾، تصنيف ۽ تاليف شروع ٿي. هندسرڪار وري شاهه جي رسالي لاءِ رقم منظور ڪئي. فريئر صاحب سنڌ جو ڪمشنر هو ته، هندستان ۾ هڪ بلوو ٿي پيو. هي واقعو سال ١٨٥٧ع ۾ ٿي گذريو. پوري ننڍي کنڊ وانگر سنڌ ۾ به ان کي انگريزن پوريءَ قوت سان چيپاتي ڇڏيو. اهڙي مشڪل وقت ۾ اهو سيٺ نائونمل ئي هو، جنهن سنڌجي ڪمشنر صاحب ۽ سندس انتظاميه جي ڀرپور مدد ڪئي هئي.

(٢)

بغاوت هند جا ڪي اهم نتيجا نڪتا. ڪمپني سرڪار ختم ٿي ۽ سمورو هندستان، تاج برطانيه جي سڌي حڪم تحت آيو. هندن جو انتظاميه ۾ عمل دخل وڌي ويو، ۽ پوري ننڍي کنڊ جو مسلمان ويچارو ۽ مفلوج ٿي ويو. سال ١٨٦١ع ۾ انڊين ڪونسلس ايڪٽ لاڳو ٿيو، جنهن بعد هتي آئيني حڪمرانيءَ جو بنياد پيو. ان تحت سرڪار ۾ عوامي نمائندگيءَ جو عمل شروع ٿي ويو. هاڻي هندستان ۾ سياسي جماعتن ۽ تنظيمن جو بنياد پيو.ان وقت هي سلسلو اڃا ابتدائي مرحلن ۾ هو. سال ١٨٨٦ع ۾ سر سيد جي ڪوشش سان "برٽش انڊين ائسوسيئيشن" ٺهي، ۽ پڻ ڪي ٻيون تنظيمون به ظهور ۾ آيون. سال ١٨٦٧ع ۾ هندستان ۾، اردو - هندي ڇڪتاڻ ڪافي تبديلي آندي. هن جهڳڙي ڪري هندستان ليول تي، هندن ۽ مسلمانن ۾ مستقل ويڇوٽي پيدا ٿي.ان بعد سر سيد جو سچو ڌيان، مسلم تعليم ڏي ويو ۽ هو ١٨٧٥ع ۾ عليگڙهه ۾ ڪاليج ۽ مدرسو ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان دور ۾ هندستان ۾ اينڊڙ وائسراءِ، گهڻو ڪري غير همدرد ۽ فرعوني طبيعتن جا مالڪ هئا. البت جڏهن لارڊ رپن (٨٠-١٨٨٤ع) هندستان جو وائسراءِ مقرر ٿي آيو، تڏهن صورتحال ۾ ڪافي سڌارو آيو. هن صاحب پنهنجي دور ۾، هندستانين کي ڪي حق ۽ رعايتون ڏنيون. سندس دور ۾، عام ماڻهوءَ تان ٽيڪسن جو ڪافي بوجه گهٽايو ويو. البته ڪيس زميني سڌارن آڻڻ ۾ ناڪامي ٿي. صوبن ۽ مرڪز جي حقن جو نئين سر جائزو ورتو

ويو. وڏيڪ هي ته لارڊ رپن لوڪلبورڊ ۽ ميونسپل جي فرضن ۽ حقن کي به نئين سر متعين ڪيو. اتي نامزدگي بجاءِ، چونڊ جو سڌو طريقو لاڳو ڪيو ويو. تعليم تي توجه ڏنو ويو. سندس دور ۾ انگريزي ۽ مقامي زبانن جي حقن کي برابر تسليم ڪيو ويو. جڏهن لارڊ رپن سال ١٨٨۴ع ۾ هندستان کان واپس ٿيو، تڏهن هن پنيان پنهنجا هزارين مداح ڇڏيا. بعد ۾ لارڊ ڊفرن (١٨٨٨-٨۴ع) هندستان جو وائسراءِ ٿيو. هن صاحب تاريخ ۾ چڱو نالو ڇڏيو آهي. سندس دور ۾ هندستان جي سياسي پارٽي "انڊين نيشنل ڪانگريس" وجود ۾ آئي. اسين جنهن دور جو مطالعو ڪري رهيا آهيون، ان کي "انڊين ڪونسلس ايڪٽ ١٨٩٢ع" تائين ريڙهي سگهجي ٿو.

(٣)

جيئن ته سنڌ جي قبضي بعد هي ملڪ هندستان جو حصو رهيو، ان ڪري مناسب هو ته اول اسين اتي ٿيندڙ واقعن ۽ تبديلين کي ڏسي وٺون. فريئر، لارڊ ڪئننگ وانگر، سنڌ ۾ ڪمپني سرڪار جو آخري حاڪم ۽ تاج برطانيه جو پهريون ڪمشنر هو. بعد ۾ مسٽر انويرارٽي ڪمشنر ٿي آيو ۽ هي سلسلو سال ١٩٣٦ع" تائين، يعني سنڌ جي الڳ صوبي ٺهڻ تائين جاري رهيو. "انڊين ڪونسلس ايڪٽ ١٨٦١ع"سنڌ جي مسئلن ۾ ڪافي واڌارو ڪيو، چو ته سنڌ جو ڪمشنر بمبئيءَ جي ماتحت هجڻ ڪري، ڪجهه ڪري سگهڻ جو اهل نه هو. آخرڪار سرڪار کي اسان جي حالت تي رحم آيو ۽ "سنڌ ائڪٽ ١٨٦٨ع" لاڳو ڪيو ويو. ان جو نتيجو وري هي نڪتو جو ڪمشنر صاحب جي اختيارن ۾ بي حساب واڌارو ٿيو. جنهن ڪري هو هتي جي ماڻهن لاءِ مصيبت بنجي ايندا هئا. هاڻي هن سڄي پس منظر ۾، جديد سنڌ جي اڏاوت شروع ٿي. سال ١٨٦٠ع ۾ تعليم کاتو ته برپا ٿيو، پر پيسي جي ڪميءَ سبب، ان ڏس ۾ ڪوبه خاطر خواه ڪم نه ٿيو. سال ١٨٦٣ع تائين، مس مس وڃي هت هڪ هاءِ اسڪول (اين. جي. وي. هاءِ اسڪول) تعمير ٿيو. سنڌي شاگرد ميٽرڪ جي امتحان پاس ڪرڻ ۽ گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ ڏي ويندا هئا، چو ته ان جو سنڌ ۾ ڪوبه بندوبست نه هو. ڪراچيءَ کان بمبئي سمنڊ ذريعي ويجهو هو. هي سفر

انتهائي تڪليف ده، طويل ۽ اڻانگو هو. ان هوندي به ڪجهه هندو شاگرد همت ڪري، اوڏي ويا ۽ سٺ - سٺ - سٺ واڳ ڍاڪن ۾ ڊگريون وٺي سنڌ واپس پهتا. آنجهاني پيرومل جو خيال آهي ته پهريون سنڌي، جنهن ميٽرڪ ۽ بي. اي. پاس ڪئي، اهو مسٽر چوهڙمل ڪندن مل هو. ڪن صاحبن جو وري هي خيال آهي ته مسٽر آلومل ٽيڪمداس (نائون مل جو پوٽو) پهريون سنڌي گريجوئيٽ ۽ آء. سي. ايس هو. بهرحال، ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته سنڌ جي هندن جديد تعليم حاصل ڪرڻ ۾ سٺي پيش رفت ڪئي ۽ بمبئي کان واپس ٿي هو صاحب، سنڌ جي تعليم، ثقافت، ادب ۽ سياست تي پوريءَ طرح سان ڇانئجي ويا.

جيتري قدر سنڌي مسلمان جو سوال آهي ته اهو سياسي توڙي مذهبي خيال کان نفرت ڪندي، جديد تعليم جي ويجهو نه آيو. انڪري اسان جي اڪثريت پسماندگي ۽ جهالت جو شڪار ٿي وئي. مسلمانن تعليم ڏي تڏهن توجه ڏنو، جڏهن هندو ان ڏس ۾ ڪافي اڳتي نڪري چڪا هئا. سنڌ جي قبضي کان ٽيهه سال پوء، مس مس پهريون سنڌي مسلمان، گريجوئيٽ ٿي سگهيو. هي هو مرحوم مرزا صادق علي بيگ، جنهن سن ١٨٧٢ع ۾ ڊگري ورتي. سال ١٨٨٦ع تائين، صرف چار سنڌي مسلمان گريجوئيٽ ٿيا ۽ هي اهو زمانو هو، جڏهن هتي جا هندو، سنڌ جي زندگيءَ جي مڙني شعبن تي ڇانئجي چڪا هئا. آنجهاني اجواڻي پنهنجي ادبي تاريخ (انگريزي) ۾ جيڪي سنڌي نثر جا چار پيل پاوا تجويز ڪيا آهن، انهن مان صرف هڪ مسلمان (مرزا قليچ بيگ) ڏسجي ٿو ۽ باقي ٽي هندو - ڏيارام گدومل، پرمانند ميوارام ۽ ڪوڙو مل چندن مل ڏسجن ٿا. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ جي مهذب دنيا تي، ڪير وڌيڪ ڇانيل هو ۽ ان جو سبب ڇا هو؟

(۴)

انگريزي قبضي بعد، جيئن مون عرض ڪيو، اٽندي ئي سنڌ جو ملڪ تمام گهڻن لاهن چاڙهن مان گذريو. صوبائي حيثيت جو ختم ٿيڻ، هندو طبقي جو ملڪي معاملن تي ڇانئجي وڃڻ، حيدرآباد بجاء ڪراچيءَ جو تخت گاهه مقرر ٿيڻ، نئين الف - ب جو عمل ۾ اچڻ، سن ١٨٦١ع جو انڊين

ڪونسلس ائڪٽ لاڳو ٿيڻ ۽ وري سنڌ ائڪٽ ١٨٦٨ع جو ظاهر ٿيڻ - هي سڀ واقعا اسان جي جديد سياسي تاريخ جو صرف مهاڳ آهن. انگريزن پراڻي انتظاميه ختم ڪري، سنڌجي بندوبست ڪي پنهنجي خيال ڪان ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو. هڪ طرف اپر سنڌ لاءِ جان جيڪب ڪي ۽ تر - پارڪر لاءِ الڳ سياسي ايجنٽ (ڪرنل تروٽ) جي مقرري ٿي ته، ٻئي طرف رياست خيرپور کي ڇڏي، باقي ملڪ کي ٽن ضلعن ۾ تقسيم ڪري اتي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا. سڀ واري ڍاڪي تائين جلاوطن مير صاحبان، يا ته رب ڏي راهي ٿي چڪا هئا، يا وري سنڌواپس ٿي سرڪار ڪان جاگيرون وٺي خوش ٿي وينا هئا. هوڏي مير شير محمد خان آف ميرپور پڻ سنڌ واپس ٿي چڪو هو. هن به آخرڪار سرڪار ڪان جاگير وٺي، سياسي ۽ ملڪي معاملن ڪان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي. پراڻي تعليمي نظام ۽ فڪر جي جاءِ تي، مغربي طرز جي تعليم رائج ٿي چڪي هئي. سنڌ اندر هڪ طرف پراڻن جاگيردارن سنڌ جو سودو قبول ڪري، انگريزن ڪان پنهنجيون جاگيرون بحال ڪرايون، ته ٻئي طرف ڀهريون ڀيرو هتي جاگيردارن جو بنهه نئون طبقو ۽ مڊل ڪلاس ابري رهيو هو. هي پويون طبقو ئي، پوءِ صحيح معنيٰ ۾، سنڌ جي سياست ۽ ملڪي ماحول تي ڇانئجي ويو.

فتح سنڌ وقت (١٨٤٣ع)، سنڌ جو هاڻوڪو تختگاهه "ڪراچي" مختصر ڳوٺڙو هو. جيڪو هڪ ڪوٽ ۾ محدود هو. ان قلعي کي ٻه دروازا - مٺو در ۽ کارودر- هوندا هئا. ذڪر هيٺ دور ۾ (١٨٤٣ - ١٨٩٢ع)، ڪراچي شهر هڪ خوبصورت ۽ جديد طرز جو اڏجندڙ شهر ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ان جي آبادي وڌي مني لک تي وڃي پهتي. ان دور ۾ بندر روڊ جي ٻنهي پاسن کان کي ٿوريون عمارتون ٺهيون هيون. رام باغ وارو علائقو، مس هاڻي مهذب شهرين جو مرڪز بنجي رهيو هو. صدر، ڪئنٽونمينٽ ۽ پراڻي شهر وارن علائقن ۾ - گورنمينٽ هائوس، فريئر هال، سول اسپتال ۽ ميري ويدر ٽاور - ڏسڻ جهڙيون عمارتون هيون. ان ڪان علاوه هتي منگهوپير، ڪلفٽن، ڪياماڙي ۽ منهوڙي جو ٻيٽ، مستقل جاگرافيائي علامتون موجود هيون. هي شهر آهستي آهستي هڪ اهم واپاري مرڪز طور اُسري رهيو هو، جتي سنڌ

جي ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾، وڏيڪ ماڻهو ۽ جهجهي دولت ڏسڻ ۾ آئي ٿي. هت دکني، پارسي، گجراتي ۽ بوهره قومن واپار ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙي شهر ۾ نئي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي اجتماع ٿي سگهيا ٿي، ڇو تہ اتي سڀ سهوليتون هيون، مرڪز هئا ۽ ماحول هو!

خاطري تہ ڪانهي، البتہ گمان غالب آهي تہ سنڌ سطح تي پهرين سياسي يا نيم سياسي يا وري اجا بہ تہ هڪ مذهبي - سياسي تنظيم قائم ڪرڻ جو خيال خانبهادر حسن علي آفنديءَ کي آيو. آفندي ۽ سندس ساٿين ويچار ڪري، ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي اندرين علائقن مان ڪجهہ ماڻهو گڏ ڪري، هڪ ميڙ يا اجلاس ڪيو. خيال هي هو تہ اسلامي ليول تي هڪ تنظيم "انجمن اسلام" ٺاهجي. خانبهادر حسن علي آفندي، ذات جو ميمڻ هو ۽ ابتدا ۾ حيدرآباد جو رهاڪو هو. بدقسمتيءَ سان سنڌ جا مسلمان، هن اجلاس ۾ صدارت جي مسئلي تان وڙهي پيا ۽ انجمن ٺهي نہ سگهي. مرحوم الله بخش اٻوجهي هن صورتحال جو نقشو هن ريت چٽيو آهي:

پيو هو اچي اختلاف صدارت
ڪي ميرن جي ڪن ۽ ڪي پيرن جي پارت
ڪي عظمت کي ڳولن، ڪي ڳولن امامت
ٺهي نا سگهي انجمن جي عمارت
انهي ڳالهہ کي سال پنج چار گذريا
خيالات سڀ درس تدريس وسريا.

(مسدس اٻوجهو، صہ ۵۴)

هي واقعو سال ۱۸۸۰ع ۾ ٿي گذريو. ڊاڪٽر ممتاز بخاري صاحب پڻ هي سال تجويز ڪيو آهي (سنڌ مدرسة الاسلام، صہ ۱۱٦). هي اختلاف مرحوم آفنديءَ کي صدر بنائڻ تي ٿيو هو.

هي اهو زمانو آهي، جڏهن لارڊ رپن هندستان جو وائسراء مقرر ٿي آيو هو. سندس دور ۾ اصلاحات جو سرسري ذڪر اڳ ۾ ٿي مٿي اچي چڪو آهي. رپن جي دور ۾ ماڻهن گهٽي وقت جي گهٽ ۽ ٻوسٽ بعد پهريون ڀيرو

آزاديءَ جو ساهه کنيو. اخبارن ۾ جوش پيدا ٿيو. تقرير ۽ تحرير تان بندش لٿي. غلام، آقائن تي تنقيد ڪري سگهيا. ميونسپل ۽ لوڪل باڊيز جهڙن ادارن ۾ نامزدگي بجاءِ سڌي اليڪشن جو عمل شروع ٿيو. سي ڪان وڌيڪ ته هاڻي ننڍي ڪنڊ ۾ سياسي تنظيمن ڄاڻ جو به دور شروع ٿي چڪو هو. هندستان جي هڪ صدي پراڻي جماعت "انڊين نيشنل ڪانگريس" پڻ ان پس منظر ۾ ظاهر ٿي. هڪ طرف وائسراءِ هند، بهترين حڪمران، سٺو ڪارڪن ۽ لائق مدبر هو ته ٻئي ان ريت سنڌ تي به ان زماني ۾ مسٽر ارسڪن (١٨٧٩ - ١٨٨٧ع) جهڙو لائق ڪمشنر هو. هن صاحب به مسٽر رپن جي پاليسين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو.

هن دور ۾ اسرندڙ، جديد ۽ خوبصورت "ڪراچي" شهر ۾ جڏهن سنڌي نوجوان "بمبئي" مان جديد تعليم حاصل ڪري ۽ ڊگريون وٺي واپس پهتا، تڏهن انهن سنڌ جي تعمير ۽ اڏاوت توڙي عوامي ڀلي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جو سوچيو. بمبئيءَ ۾ رهندي، سنڌي نوجوان اتي جي هندن، پارسين، مرهٽن ۽ ٻين قومن جي تعليم يافته، مهذب، وطن دوست ۽ قوم پرست انسانن سان رلي ملي گهڻو ڪجهه پرائي آيا. بمبئي ته ٺهيو، پر سنڌ جي جديد اڏاوت ۾ پهلا ولسن ڪاليج ۽ ايلفنسٽن ڪاليج جو ڪو گهٽ ڪردار آهي ڇا؟ اولاهين پريزيڊنسيءَ جي مسٽر پنڊارڪر يا مسٽر ملباري سنڌ جي نئين فڪر ۽ سوچ تي تمام گهڻو اثر پيدا ڪيو. ستر واري ڏهاڪي ۾ "پونا سروجينڪا سڀا" نوجوان سنڌين کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. ان اثر هيٺ سنڌ جي هندن خاص طرح ڪراچيءَ ۾ ويهي جديد سنڌ جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جا هندو، سک پنٿ جي اثر هيٺ، حقيقي طرح سان مذهبي طور تي پنجاب جي قريب هئا ۽ مٿان وري هن خطي جو بمبئيءَ سان شامل ٿيڻ پڻ هنن کي ٻنهي پسند نه هو. اهوئي سبب آهي جو بيدار مغز هندن جي حالت وڃي هي ٿي:

"Spiritually they belonged to the Punjab, politically (officially) to Bombay, but by choice and inclination to neither."

ڪٽر سک کين پنهنجي حلقي ۾ وڃڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ سنڌ جي جداگانہ صوبائي حيثيت نہ هجڻ ڪري، سنڌي ماڻهن کي مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ جو بہ ڪو موقعو حاصل نہ هو. ان حالت ۾ پڙهيل طبقي، سنڌ جي جداگانہ ثقافت ۽ سياسي حيثيت (صوبائي) جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. هن ڪوشش ڪئي تہ اهڙي الڳ "سنڌ" جي تشڪيل ٿئي، جيڪا کين ڪل هند شعوري وهڪري سان گڏ وٺي هلي. ان صورتحال ۾ سنڌ جي پهرين باقاعده سياسي تنظيم "سنڌ - سڀا" جو ظهور ٿيو. هي سڀا، هندستان ۾ "ڪانگريس" جي ٺهڻ کان چند سال اڳ ٺاهي وئي. اندازو آهي تہ "سنڌ سڀا"، انجمن اسلامِ جي نہ ٺهڻ (١٨٨٠ع) کانپوءِ، ان سال ئي يا ورندي سال (١٨٨١ع) ڌاري وجود ۾ آئي. هن سڀا جي ٺهڻ ۾ مسٽر ارسڪن ڪمشنر سنڌ جي فراخدليءَ کي پڻ وڏو دخل حاصل آهي. ساڌو هيرانند جي سوانح نگار جو ان متعلق چوڻ آهي تہ:

"رڳن انتظاميہ پڙهيلن جي جذبن جو گهڻو احترام ڪيو. خوشقسمتيءَ سان، ان زماني ۾ سنڌ جو ڪمشنر مسٽر ارسڪن هو، جيڪو وسيع ذهن وارو آفيسر هو. هن تنقيد جي آجيان ڪئي. هن تفرقي بجاءِ مختلف ذاتين ۽ فرقن جي اتحاد تي زور ڏنو. هن صاحب "سنڌ سڀا" کي نافرمان سياسي انجمن بجاءِ سنجيده، لائق ۽ سمجهو ماڻهن جي سنگت سمجهي، گهڻو مان، مرتبو ۽ اهميت ڏني" (ص ٧-١٨٦).

ڪتاب "هيرانند - سنڌ جو روح" جي اضافي شرح نگار، هن ميڙ کي "مڪمل سياسي تنظيم" سڏيو آهي. سنڌ سڀا، سنڌين جي سلامتي ۽ مسئلن جي حل لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي اخبارن ۾ سنڌ جي مسئلن تي ڌيان ڏنو، انهن جي نشاندهي ڪئي ۽ انهن تي ڀرپور بحث ڪيو. اها پنهنجي ميٽنگن ۾، هتان جي مشڪلاتن تي پيپر پيش ڪندي هئي ۽ انهن متعلق ٺهراءُ پاس ڪندي هئي. نون آفيسرن کي آجيان ڪرڻ ۽ بدلي ٿيندڙ صاحبن لاءِ الوداعي گڏجاڻيون ڪرڻ ۽ اهڙين تقريبن جي ذريعي پنهنجو سياسي ۽ وطني ڪم ڪرڻ بہ سندن پروگرامن ۾ شامل هو. شهر ٺوڙي ڀهراڙيءَ جي مسئلن کي "سنڌ سڀا" نہ رڳو اهميت ڏني، پر انهن کي

پروپيگنڊا ذريعي گهٽو اپاريو ويو.

بدقسمتيءَ سان ڪجهه مصنفن هن سڀا جي پس منظر ۾، ڪجهه سرڪاري ڪارندن کي ڏسي، هي راءِ ڏني آهي تہ هي انجمن مذهبي ۽ ادبي هئي. هي راءِ صحيح نہ آهي. سنڌ سڀا پنهنجي دور جي مڪمل سياسي تنظيم هئي، جنهن ڏهاڪو کن سال، سنڌجي ماڻهن جي خدمت ڪئي، ۽ هتي جي ماڻهن کي پهريائين سياسي شعور ان ذريعي ئي ڏنو ويو. هن جماعت ۾ سرڪاري ملازمن واري سوال تي، مصنفن هن ريت روشني وڌي اهي؛

"هن انجمن جو روح روان ڏيارام ڇيتمل هو، جنهن جهڙو انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ٻيو ڪو ناميارو قانوندان ڪونہ هو. هن تنظيم جي پس منظر ۾ رڳو سرڪاري ڪامورا نہ هئا، پر ساڳئي وقت ان جي ڪارج ۾، وقت جا وڏا دماغ ۽ سنا وڪيل پڻ هئا...... سرڪار ان تي ناراض نہ ٿيندي هئي ۽ نہ وري آفيسرن کي ان ۾ حصو وٺڻ کان منع ڪندي هئي. اهڙي پاليسي ابتدائي ڏينهن ۾، ڪانگريس سان بہ لاڳو هئي" (ساڌو هيرانند، صہ ۱۸٦، ۱۸۷، ۲۸۳ ۽ ۲۸۴). مٿيان اقتباس "سنڌ سڀا" جي سياسي انجمن يا تنظيم هجڻ واري مسئلي تي، ڀرپور شاهدي ڏين ٿا.

هونئن تہ سنڌ جي هن ڀهرين سياسي جٿي بنديءَ ۾ مکيہ ڪردار هندن ادا ڪيو، پر ان سان گڏ ان ۾ ٻيون جاتيون - مسلمان، پارسي توڙي عيسائي بہ وڏي تعداد ۾ شامل هئا. وقت گهڻو گذري چڪو آهي، انڪري خاطري سان نہ ٿو چئي سگهجي تہ سنڌ سڀا جا ميمبر ڪهڙا ڪهڙا يا ڪيترا هئا؟ انهن جو تعلق سنڌ جي ڪهڙن علائقن سان هو؟ يا وري ان جا عهديدار ڪير هئا؟ هي سڀ واقعا ۽ انسان - پوري هڪ صدي اڳ مصروف عمل هئا ۽ ڪنهن بہ محقق ان طرف، سنجيدو تي ڌيان نہ ڏنو، انڪري شايد "سنڌ سڀا" متعلق سمورن مسئلن جو احاطو هن وقت ڪرڻ ناممڪن نہ تہ ڏهن بہ تڪليف ده ضرور آهي. بهرحال، جو ڪجهہ مواد ملي ٿو، ان ذريعي خبر پوي ٿي تہ، هن تنظيم ۾ بلاشڪ سيني سنڌين پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڪجهہ نالا هن ريت ملن ٿا؛

اڌارام مولچند، جمشينجي نادر، فتح چند آتمارام، شريف صالح محمد،

ايف ڪوڪ، ايڊنجي ڊنشا، ايم - ايم مورج پان، اين گپتا، ساهيجرام ڪنگاڏر، دولترام چيئمل.

هي نالا گورنر بمبئي لارڊ ري کي، ڪراچيءَ ۾ تاريخ ۲۱ جنوري ۱۸۸۷ع تي ڏنل هڪ آجياڻي ذريعي ملن ٿا. ان کان علاوه ڏيارام گدو مل، حسن علي آفندي، ساڌو هيرانند، مسٽر فتح علي (هي مسٽر بدرالدين طيبجيءَ جو مائٽ هو، جيڪو ڪراچيءَ جي هڪ فرم جو مئنيجر هو)، پائي هيرانند مسند شڪارپوري، ڏيارام چيئمل، سرائي نارو خان لينڊ لارڊ لاڙڪاڻو (۽ سندس وڏو پٽ، جيڪو رين کي مانپتر ڏيڻ واري سفارت ۾ شامل هو) - هي سڀ جا سڀ، سنڌ سڀا جا سرگرم رڪن هئا. جيتوڻيڪ پڪ نہ آهي، پر گمان غالب آهي تہ ڪوڙومل چندن مل، شونداس چاندومل ۽ ديوان نولراءِ شوقيرام پڻ سنڌ سڀا جا ميمبر هئا. قياس ڪري سگهجي ٿو تہ، وقت بہ وقت، هي انسان ان تنظيم جا عهديدار رهيا.

- ڏيارام گدومل - سرپرست، باني ۽ آفيس سنياليندڙ.
- حسن علي آفندي (آڪٽوبر ۱۸۸۴ع تائين)، سيٺ آتمارام پوڄواڻي (وفات پهرين آگسٽ ۱۸۸۵ع تائين)، ۽ ڏيارام چيئمل (وفات، ۲۱ آگسٽ ۱۸۸۷ع تائين)- هي بزرگ جدا جدا وقتن تي، سنڌ سڀا جا صدر يا مجلسن جا جز وقتي چيئرمن وغيره رهيا.
- دولترام چيئمل - سيڪريٽري.
- ساڌو هيرانند - پريس ۽ اطلاعات وغيره.

غالباً دادا ڏيارام چيئمل، سنڌ سڀا جي معرفت "بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل" جو ميمبر پڻ چونڊيو هو. پاڻ هيءَ ذميواري ۸ جولاءِ ۱۸۸٦ع جي سنياليائين، ۽ پنهنجي وفات (۲۱ - ۸- ۱۸۸۷ع) تائين، سنڌ جي بمبئيءَ ۾ نمائندگي ڪندو رهيو.

(۵)

سنڌ سڀا جي پس منظر، ڪارندن توڙي اهلڪارن کي ڏسڻ بعد، مناسب آهي تہ ان جي ڪارنامن ۽ حاصلاتن جو سرسري ذڪر ڪجي. جنهن دور ۾ هيءَ انجمن نهي، ان زماني ۾ نندي ڪنڊ ۾ سياسي چرپر ۽ عمل توڙي اوسر،

اجا ابتدائي مرحلن ۾ هئا. سنڌ سڀا، جيڪا ڪانگريس کان اڳ ٺهي هئي، ان بلاشبہ سنڌي عوام کي سياسي سوچ سمجهہ ڏيڻ، پنهنجي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن جي حل ڪرائڻ لاءِ، هڪ ڀرپور ميدان موجود ڪري ڏنو. انجمن ڪڏهن نرم زبان ۾، ۽ ڪڏهن تہ سخت لهجو اختيار ڪري، سرڪار جو ڌيان سنڌ جي مسئلن ڏانهن ڇڪايو. هن سياسي تنظيم جو عروج سال ۱۸۸۴ع ۾ ٿيو. هن سال جي ابتدا ۾ ئي سنڌ سرڪار پنهنجي اخبار "سنڌ سڌار" سنڌ سڀا جي حوالي ڪئي. مٿن شرط هيءَ لاڳو ڪيو ويو تہ، هن اخبار ۾ تعليم کاتي جي خبرن کي صحيح طريقي سان ڇاپيو ويندو. ڏيارام گدومل جي صلاح سان، ماهوار ۱۷۵ رپين تي، ساڌو هيرانند هن اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. تمام جلد انگريزي اخبار "سنڌ ٽائمس" (ابتدائي نالا- سنڌين، سنڌ نيوز ۽ بيڪن - Beacon )، بہ هن انجمن جي حوالي ٿي ۽ ان جا مالڪ مسٽر دورابجي ۽ مسٽر پوچاجي ان ڳالهہ تي بہ راضي ٿيا تہ هو ٻنهي اخبارن جي مالي معاملن جا بہ ذميدار رهندا. سڀا جي اهلڪارن مٿن هي چٽو ڪري ڇڏيو تہ اخبارن جي مالي ذميدارين لاءِ هيءَ تنظيم جوابدار نہ رهندي ۽ ساڳئي وقت ادارتي پاليسين تي بہ سندن عمل دخل نہ رهندو. البتہ هيءُ وعدو ڪيو ويو تہ ٻنهي اخبارن جي خريدارن يا سرڪيوليشن وڌائڻ لاءِ، سنڌ ۽ سموري هندستان ۾ هٿ پير هنيو ويندو. ان متعلق ڪين پوري پوري ڪاميابي ٿي. سنڌ سڌار کي سموري سنڌ تائين پهچايو ويو، ۽ سنڌ ٽائمس کي هندستان جي پرانهن علائقن ۾ بہ مشهوري حاصل ٿي. ساڌو هيرانند ٻنهي اخبارن جو ايڊيٽر رهيو، البت ڏيارام گدومل پس منظر ۾، سنڌ ٽائمس جو ڪم ڪار ڪندو هو. نومبر ۱۸۸۴ع ۾ ڪلڪتي جي مسٽر اين گپتا کي، سنڌ ٽائمس جو مدير مقرر ڪيو ويو. ڪيس هڪ سؤ رپيا پگهار، ساڌو هيرانند پنهنجي تنخواهہ مان ادا ڪرڻ جو ذمو کنيو هو.

ساڌو هيرانند اجا نوجوان هو. کيس صحافتي ذميدارين ۽ ملڪي معاملن جي تمام گهڻ ڄاڻ هئي؛ پر پس منظر ۾ رهي ڏيارام گدومل، هن صاحب جي ڀرپور تربيت ۾ مدد ڪئي. ڪجهہ وقت بعد هيرانند، صحافت سان گڏ، ڪراچيءَ جي سماجي ڪمن ۾ بہ دلچسپي وٺڻ لڳو. هو سنڌ جي سياست ۾

اتهاس کي پڻ مطالعو ڪندو هو. هنن ڳالهين ڪري ڪيس ادبي ميدان تي، ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جو بہ پورو پورو احساس هو. هنن سڀني مسئلن هوندي بہ، ساڌو هيرانند اخبارن جي ڪاميابيءَ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس سرڪاري اهلڪارن جا ڏڙڪا بہ جهلڻا پوندا هئا. هنن ذاتي دلچسپي ورتي، سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ اخبارن ۾ ليک وڏا ۽ مضمون ڇاپيا. هن ڏس ۾ ڏيارام گدومل، ڪوڙومل چندن مل ۽ سندس ڀاءُ موتي ڪلڪتي مان ڪيس مدد ڪندا هئا. سندس سعيي سان سڄي سنڌ ۾ "سنڌ سڌار" جا نمائندا مقرر ٿيا. هو ڪين "خاطو" سڏيندو هو (ان جو مطلب تہ سنڌي صحافت کي لفظ "خاطو" هيرانند مهيا ڪيو). هو نمائندن تي زور ڀريندو هو تہ، سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾، ڪامورا شاهيءَ جي ظلمن جي ڀرپور نشاندهي ڪن ۽ راشي عملدارن کي بلا خوف ننگو ڪن. سنڌ ۾ ٽيندڙ ڏوهن، سرڪاري اهلڪارن جي ڏاڍاين، رشوت جي راڳن ۽ تعليم جي کوٽ جهڙن مسئلن کي سنڌ سڀا ٻنهي اخبارن ذريعي وڏي موثر انداز ۾ منظر تي آندو. آهستي آهستي سرڪاري ڪامورن بہ، هنن اخبارن کي وقعت ڏيڻ شروع ڪئي. سنڌ سڀا ساڌو هيرانند جي ڪوشش کي تمام سٺن اکرن سان ياد ڪيو. هنن اخبارن جا ليکڪ خود پنهنجي دور جا وڏا لکيا پڙهيا ۽ مهذب انسان هئا. اهي مشرقي تهذيب ۽ مغربي تمدن جو ميلاپ هئا. هڪ طرف هنن آخري مسلم سنڌ پنهنجين اکين سان ڏٺي تہ ٻئي طرف مغربي طرز تي سنڌ جي نئين اڏاوت سندن اڏو تي رهي هئي. هڪ طرف سندن اڏو ڪلاسيڪل سماجي قدر هئا، تہ ٻئي پاسي نون لاڙن ۽ رجحانن جنم پئي ورتو. هو هندي، انگريزي، سنڌي، فارسي ۽ عربي جا عالم هئا ۽ انهن مان ڪجهہ ماڻهن کي تہ سنڌ جي جديد ادبي تاريخ ۾ تمام مٿانهون درجو مليل آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪين سنڌ سڀا کي هڪ فعال تنظيم ٺاهڻ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ٿي.

(٦)

جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ سنڌ جي هن پهرين باقاعده تنظيم کي سال ١٨٨۴ع ۾ پورو اوج مليي چڪو هو، نيک ان ريت هن سال ۾ ٿي

"سنڌ سڀا" جو زوال به شروع ٿي ويو. ان متعلق اسان کي هي واقعا، تاريخون ۽ سال ذهن ۾ رکڻ گهرجن. اسان کي هي ته ياد آهي ته هن تنظيم ۾ سنڌ جا سڀ طبقا يعني هندو، مسلمان، پارسي ۽ عيسائي شامل هئا. مسلمانن پاران خيال آهي ته خانبهادر حسن علي آفندي، هن ميڙ ۾ شريڪ ٿيندو هو. غالباً آفندي صاحب، آڪٽوبر ۱۸۸۴ع تائين ان جو صدر رهيو. (؟)

ڊاڪٽر ممتاز بخاري لکي ٿو ته: آفندي مرحوم سال ۱۸۸۱ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي جو نامزد ٿيو هو (ٿيسز، صه ۱۱٦). ان کان اڳ هن صاحب سال ۱۸۸۰ع ۾ "انجمن اسلام" نالي جي ناڪام ڪوشش پڻ ڪئي هئي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر بخاري يا ڪجهه ٻين عالمن جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ انجمن اسلام، مجمع محمدي يا سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي تنظيم يا عمل، سر سيد جي حوالي سان شروع نه ٿيو، تاهم منهنجو خيال آهي ته هي معاملو اڃا ڪافي تحقيق طلب آهي. هڪ طرف آفندي صاحب ڪراچي جو ڪونسلر هو، ته ٻئي پاسي هو صاحب سنڌ سڀا جو به مکيه اهلڪار هو. تڏهن به ڏسجي ٿو ته ڪيس اطمينان حاصل نه ٿيو. هن هڪ ڀيرو وري ١٦ مارچ ۱۸۸۴ع تي، ڪراچي ۾ مسلمانن جو ميڙ ڪوٺايو ۽ "مجمع محمدي" نالي ورتائين. آفندي صاحب صدر، ابوجهو مرحوم جنرل سيڪريٽري، فتح علي شيخ احمد نائب صدر ۽ فيض محمد فتح علي جائنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيا. ان زماني ۾ سياسي اهلڪارن لاءِ ڪنهن به هڪ جماعت سان وابستگي جو شرط لاڳو نه هو. اهوئي سبب آهي جو آفندي "سنڌ سڀا" ۽ "مجمع محمدي" ۾ هڪ ئي وقت ڪم ڪندو رهيو. خبر نه آهي ته ڪهڙي محاذ تان حسن علي آفندي هي تجويز ڏني ته ڪراچي ۾ "مدرسو" قائم ڪجي؟ البته هن تجويز تي ڏاڍو گوڙ ٿيو. انگريز، پارسي ۽ مسلمان مدرسي جي حق ۾ هئا، ته هندن جو خيال هي هو ته جڏهن سنڌ ۾ سيڪنڊري تعليم جو ڪجهه نه ڪجهه بندوبست آهي، ته پوءِ بهتر ٿيندو جو اسين ڪراچي ۾ ڪاليج ٺهرائڻ لاءِ ڪوششون ڪريون. خير ڊِڪي ڏوٺي معاملي کي سلجهايو ويو ۽ ميونسپل به پنج هزار رپيا، مدرسي ٺهرائڻ لاءِ چندو ڏنو (ص ٥٨، حاشيه، مسدس ابوجهو).

ڊاڪٽر بخاريءَ جي راءِ آهي تہ مجمع محمدي ذريعي مدرسته الاسلام نهيو. جتان پوءِ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن نهي؛ جنهن اڳتي هلي سنڌ ۾ مسلم ليگ کي منظم ڪري. پاڪستان ناهڻ ۾ سنڌ پاران اهم ڪردار ادا ڪيو. خود پاڪستان جو باني بہ هن مدرسي جو فارغ التحصيل آهي. جيتوڻيڪ هن واقعي بعد سنڌ جي مسلمانن ۽ هندن جون راهون الڳ الڳ ٿي چڪيون هيون. تاهم آفندي صاحب اڃا بہ سنڌ سڀا ۾ رهندو آيو ۽ ان جو صدر پڻ.

سال ۱۸۸۴ع مهينو آڪٽوبر هند توڙي سنڌ جي سياست ۾ ڪيترن ئي خيالن کان انتهائي اهميت وارو آهي. رپن سرڪار جيڪا اڳ ۾ ئي هندستان ۾ پاپولر هئي، ان جي ميڇتا ۾ اڃا بہ وڌيڪ اضافو تڏهن آيو. جڏهن هن مهيني ۾ "بمبئيءَ ڊسٽرڪٽ ميونسپل ترميمي ائڪٽ ۱۸۸۴ع" ۽ "بمبئي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ائڪٽ" جاري ٿيا. هنن بلن ذريعي ڪراچيءَ ۾ بہ نامزد ماڻهن بجاءِ چونڊيل عيوضي ميونسپل جو ڪاروبار سنڀالڻ وارا هئا. دراصل هنن بلن جي جاري ٿيڻ ۽ ترميمن لاءِ، سنڌ جي دانشورن گهڻو تحرڪ ورتو هو. درخواستون، عريضيون ۽ ٻيا سڀ طريقا آزمايا ويا هئا. هنن بلن جي نفاذ لاءِ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سنڌ سڀا پنهنجي اخبارن سميت گهڻو جوش ۽ جذبو ڏيکاريو. هن انجمن لارڊ رپن جي "لوڪل سيلف گورنمينٽ اسڪيم" تي عمل ڪرڻ لاءِ گهڻو پتوڙيو. بلن ۾ اصلاح واسطي، سنڌ مان ليجسليٽو ڪونسل بمبئي لاءِ پڻ عيوضي موڪليا ويا. ميونسپل بل ضروري بحث مباحثي ۽ ترميمن بعد قانون ٿي ويو. ان بعد حسن علي، ڏيارام گدومل ۽ ٻين پبلڪ آڏو جلسا ڪري، ووٽرن کي پنهنجي حقن ۽ ذميدارين جو احساس ڏياريو تہ جيئن ميونسپل ۾ مهذب عيوضي چونڊجي اچن.

آڪٽوبر ۱۸۸۴ع ۾ ڪراچيءَ ۾ "سنڌ سڀا" جو هڪ ميڙ ٿيو. تجويز هيءَ آئي تہ لارڊ رپن کي سندس ڪاميابين تي مانپتر ڏنو وڃي. خانبهادر حسن علي آفندي زبردست اختلاف ڪري اٿي ويو ۽ باقي ڪارڪنن ۽ عهديدارن تجويز پاس ڪئي ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ مختلف رٿون سامهون آنديون ويون. آفندي صاحب جو هي اختلاف پوءِ سنڌ جي سياست ۾، تمام

نتيجہ خيز ثابت ٿيو، جنھن جو تفصيل هيٺ اچي رهيو آهي. هن اجلاس ۾ ساڌو هيرانند هڪ زبردست تقرير ڪري، سنڌ جي خطابت جو پورو پورو زور ڏيکاريو. هي صاحب ذاتي طرح بہ لارڊ رپن جي شخصيت جو وڏو مداح هو. سنڌ سڀا پنهنجي تجويز کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ فيصلو ڪيو تہ سڄي سنڌ مان چندو ڪجي ۽ ماڻھن کي "رپن" جي شخصيت سان روشناس ڪرائجي، ان دوري لاءِ سنڌ سڀا پاران، ساڌو هيرانند کي مقرر ڪيو ويو. اهڙو اطلاع سندس هڪ خط مان هن ريت ملي ٿو:

"آءٌ تمام جلد هڪ سياسي ڪم سان اندرون سنڌ وڃي رهيو آهيان. ڪاميابي ٿئي يا نہ، پر مون لاءِ هي هڪ سٺو تجربو ثابت ٿيندو."

آخرڪار مانپتر (Address)، جون هزارين ڪاپيون - سنڌي ۽ انگريزي ۾ تيار ڪري سڄي سنڌ ۾ صحيحون وٺڻ لاءِ موڪليون ويون. هڪ سفارتي وفد تيار ڪيو ويو، تہ جيئن سنڌ جو مانپتر، لارڊ رپن کي بمبئي ۾، سھڻي نموني سان پيش ڪيو وڃي. هن وفد ۾ - ڏيارام گدومل، ساڌو هيرانند، مسٽر فتح علي (مسٽر بدرالدين طيبجيءَ جو مائٽ)، ياڻي هيرانند مسند شڪارپوري ۽ لاڙڪاڻي جي وڏي جاگيردار سرائي ناري خان جو پٽ شامل هئا. انهيءَ سفارت بمبئي سرڪار سان، مسٽر بدرالدين طيبجيءَ جي معرفت لکپڙهہ ڪئي. هي تقريب "بمبئي ٽائون هال" ۾ ٿي گذري، جتي رپن صاحب کي سنڌ سميت، ٻين صوبن پاران هزارن جي تعداد ۾ مانپتر ڏنا ويا. انگريزيءَ ۾ ائڊريس، ڪڇ جي نهيل تمام سھڻي ۽ چانديءَ جي پيتڙيءَ ۾ پيش ڪئي وئي ۽ سنڌي مانپتر تمام خوبصورت، چمڪدوز ۽ زيڪ جي پوتڙي ۾ ڏنو ويو. ان زماني ۾ سنڌ ۾ ڪنڊيءَ جو ڪم تمام سٺو ٿيندو هو ۽ اها بہ هڪ قسم جي سوکڙي هئي. هن موقعي تي بمبئي ۾ سنڌي رهنمائن سنڌ جي مسئلن تي اختياريءَ وارن سان ڳالھ ٻولھ ڪئي. ان سان گڏ سنڌي سفارت، هندستان جي متعدد مفڪرن ۽ سياسي ڪارڪنن سان ملاقات ڪري، خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي. اهڙي هڪ ملاقات ڏيارام گدومل ۽ بهرامجي ملباريءَ ۾ ٿي، جنھن سنڌي سفارتڪار تي گھڻو اثر ڇڏيو. ان بعد ڏيارام رفاهي ڪمن ڏي متوجه ٿيو. سال ١٨٨٨ع ۾، ڏيارام انگريزي زبان ۾ مسٽر ملباريءَ جي سوانح پڻ شايع ڪئي هئي.

سنڌ ۾ ١- نومبر ١٨٨٤ع تي بلدياتي اليڪشن ٿي گذري. سنڌ سڀا دلچسپي ورتي ته ڪراچي ميونسپل ۾ ڪي سٺا ماڻهو چونڊجي اچن. هن متعلق ڏيارام گدومل جو سوانح نگار لکي ٿو:

"سنڌ سڀا ڪوشش ورتي ته چڱا ماڻهو چونڊجن. پر هاڻي ته چڪڙن وارن ۽ ويشائن کي به ووٽ جو حق مليو هئو. ووٽن وٺڻ لاءِ مجلسون ۽ ناچ ڪرايا ويا، جي سڄي رات هلندا رهيا، ته جيئن ووٽرن کي صبح جو گاڏيءَ ۾ چاڙهي، سلامتيءَ سان ووٽ ڏياريو وڃي. قاعدن موجب ووٽن جي وڪري تي ڪابه بندش نه هئي، انڪري ڏاڍيون خرابيون نڪتيون، جي سنڌ سڀا وارن بنا ڊپ ڊاءُ جي اخبارن ذريعي ظاهر ڪيون. ١١- ڊسمبر ١٨٨٤ع تي نتيجو ظاهر ٿيو. ماڻهو معتبر چونڊيا. ساڌو هيرانند ۽ ڏيارام گدومل جي ڪوشش ڪامياب وئي." (ص ١٧ ۽ ١٨).

نئين ميونسپل ڪارپوريشن پهرين جنوري ١٨٨٥ع تي ذميداريون سنڀاليون. پهرين آگسٽ ١٨٨٥ع تي، سڀا جو صدر سيٺ آتمارام وفات ڪري ويو. بعد ۾ ڏيارام چيٺمل صاحب ان جو صدر ٿيو.

سنڌ سڀا جي سرجوشي ۽ پروگرامن ۾ ڪابه گهٽتائي نه ٿي. اڻ ڇپيو مواد، ان حقيقت جي علامت آهي ته هن سڀا سنڌ جي ڪيئي مسئلن تي پنهنجي موقف جو اظهار ڪيو، احتجاج ڪيو ۽ انهن کي حل ڪرايو. هن انجمن سنڌ جي ناقص جاگيرداري سسٽم ۽ شڪارپور جي ڪڇه زميندارن سان روينيو ڏاڍاين تي آواز اٿاريو. هنن مسئلن تي، پوءِ مسٽر ارسڪن جوڳو ڌيان ڏنو. ان کان علاوه سنڌ جي هن پهرين سياسي تنظيم ڪراچيءَ جي مقامي وقت جي بحالي، ڪراچي سٽي پرسان برانچ پوسٽ آفيس ۽ ٽيليگراف آفيس کولائڻ، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ بل پاس ڪرائڻ (جيڪو پوءِ ١٨٨٦ع ۾ ائڪٽ بنيو)، لينڊ روينيو ڪوڊ جي زرعي سڌارن سميت ترميم واري تحريڪ، ۽ حيدرآباد شهر ۾ ڪن قبيلن جي لاقانونيت جي خاتمي، جهڙن مسئلن تي تمام گهڻو جوش ڏيکاريو ۽ ڪم ڪيو. سنڌ سڀا جو جيڪو هڪ وڏو ڪارنامو آهي، ان کي سنڌ جي تعليمي تاريخ ۾ مٿانهين حيثيت ملڻ

گهرجي. دراصل ڊي- جي- سنڌ ڪاليج هن تنظيم جي پليٽ فارم تان ئهيو ۽ وجود ۾ آيو. افسوس جو هي حقيقت اڄ سوڏو عام جي نظرن ۾ اچي نه سگهي آهي. سنڌ ۾ ڪاليج جي قيام لاءِ، هڪ وفد تعليمي ڪميشن سان ملاقات ڪئي، ۽ مسٽر هنٽر جڏهن خانگي دوري تي ڪراچي پهتو، تڏهن به ڪيس ان مسئلي کان آگاهه ڪيو ويو. هن ڪم جي پورائي لاءِ، اصل ڪم ڏيارام گدومل ڪيو، جنهن ذاتي دلچسپي وٺي، هزارين رپين جو چندو ڪيو. ان کان علاوه مسٽر گپتا، ساڌو هيرانند ۽ ڏيارام جيٺمل به وڏي سرجوشي ڏيکاري. آخرڪار سنڌ سڀا کي، ڪاليج ناهڻ ۾ به ڪاميابي حاصل ٿي. ساڌو هيرانند "انڊين نيشنل ڪانگريس" جي ٻئي سالانه اجلاس، منعقده ڪلڪتي ۾ (ڊسمبر ١٨٨٦ع) شرڪت کان جيئن ئي سنڌ واپس پهتو، ته لارڊ ري گورنر بمبئي، ڪاليج جي افتتاح لاءِ ڪراچي پهچي چڪو هو. افتتاح لارڊ ري، ۽ مسٽر شونداس چاندومل هٿان تاريخ سترهين جنوري ١٨٨٧ع تي ٿي گذريو. ان وقت رڪارڊ تي ڪل اناويهه شاگرد هئا. هي ڪاليج پوءِ مسٽر ڏيارام جيٺمل جي خدمتن جي ڪري، سندس نالي معنون ٿيو ۽ ڊي. جي سنڌ ڪاليج سڏيو ويو. هي سنڌ سڀا جي آخرين وڏي ڪاميابي هئي.

(٨)

سنڌ سڀا ۾ اختلاف پهريون ڀيرو، آڪٽوبر ١٨٨٤ع ۾ هڪ ميڙ دوران ٿيو، جتي لارڊ رپن کي مانپتر ڏيڻ وارو فيصلو ٿيو. ان جو ذڪر اڳ ئي ٿي چڪو آهي. هي اختلاف هن انجمن لاءِ ته فيصلو ڪن ٿيو، پر ساڳئي وقت سنڌ جي سياست ۾ پڻ ان کان پوءِ ڪافي تبديلي آئي. سنڌ جا مسلمان هڪ طرف ۽ هندو ٻئي طرف - هن واقعي بعد ٿيا. هن واقعي بابت ڏيارام گدومل جي سوانح نگار، هن ريت روشني وڌي آهي؛

"آڪٽوبر ١٨٨٤ع ۾ سنڌ سڀا جو ڪراچيءَ ۾ ميڙ ٿيو. فيصلو ٿيو ته لارڊ رپن کي مانپتر ڏجي ۽ سندس لاءِ سنڌ ۾ شناخت پيدا ڪجي. سندس آجيان لاءِ، سموري هندستان ۾، جدا جدا پاڳن مان هزار کن مانپتر تيار ٿيا هئا. سنڌ ۾ به هيءَ رٿ آئي ته ڪيس سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ مانپتر ڏجي. خانبهادر حسن علي آفندي چيو ته مانپتر بجاءِ فقط هڪ خط لکي

موڪلجيس تہ بس آهي. ڏيارام گدومل، آفنديءَ جي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ جڏهن هندستان جو هر ڀاڱو مانچيٽر ڏئي ٿو تہ پوءِ سنڌ جي پوئتي پوندي تہ مٿس لعنت آهي. آفندي هن لفظ تي ناراض ٿي، لعنت لعنت چوندو سڀا مان نڪري ويو ۽ مسلمانن جي وچي جدا انجمن ٺاهيائين، جنهن جي تحريڪ سان مدرسو برپا ٿيو" (ص ١٩).

دراصل آفندي صاحب "مجمع محمدي"اڳ ۾ ئي ٺاهي چڪو هو، جيئن اسان مٿي ٻڌايو آهي. البتہ هن معاملي، هميشه لاءِ سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي علحده ڪري ڇڏيو. ان بعد سنڌي مسلمانن عليڳڙهہ ڏي نهاريو ۽ هندن وري ڪانگريس جو رخ رکيو. ان بعد هندستان جي هندن ۾ جيڪا سياسي طرح تبديلي آئي، ان متعلق هڪ سوانح نگار، اجهو هن ريت لکيو آهي؛

-" ڏيارام ٻہ نيٺ تہ عامل هندو هو، سو آخر تائين گانڌيءَ جي فڪر جي پوئلڳي ڪندو رهيو".

ساڳيءَ ريت، مسٽر هيرانند جو اضافي سوانح نگار لکي ٿو؛

" هاڻي سنڌي مسلمانن ۽ هندن ۾ جيڪو گهڻو فرق پيو آهي (١٩٣٢ع ۾)، سو ان وقت ابتدائي مرحلن ۾ هو. سنڌ سڀا سنڌ جي سڀني طبقن کي متحد ڪرڻ لاءِ آهي، سا گهڻو وقت پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪري سگهي. هيءَ علحدگي لارڊ رپن ۽ ڊفرن جي زماني ۾ پيدا ٿي".

ورندي سال يعني سال ١٨٨٥ع ۾ "آل انڊيا ڪانگريس" جو بنياد پيو، تہ سڀا جي اهلڪارن جو سچو ڌيان ان طرف ويو. ڪانگريس جي ٻئي ساليانی اجلاس ۾، سنڌ سڀا جيڪو وفد موڪليو، ان ۾ ساڌو هيرانند پڻ شامل هو. بعد ۾ سياسي پليٽ فارم تان، مسٽر هيوم جي تقرير کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌ ۾ پکيڙيو ويندو هو. ڏيارام جيٺمل جي وفات (٢١-٨-١٨٨٧ع) - هن سياسي انجمن جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو، جيئن ليکڪ ٻڌائين ٿا؛

"He was a tower of strength to the people, and the Sindh Sabha Practically died with his death" (Hiranand - P 270).

ساڌو هيرانند هن موت جو، پنهنجي ڀاءُ موتيءَ کي هن ريت اطلاع ڏنو-

"عزت مآب مسٽر ڏيارام جيٺمل ڪالهہ گذاري ويو. ڪيس ڇاتيءَ جي

بيماري هئي. سندس موت، سنڌ لاء وڏو هاڃو آهي". ٢٢ آگسٽ ١٨٨٧ع.

هاڻي هيرانند پڻ اخبارن ۾ رهڻ پسند نہ ڪيو ۽ استعفا ڏئي، ٥-نومبر١٨٨٧ع تي حيدرآباد روانو ٿيو. ان بعد پاڻ حيدرآباد ۾ پنگتي سڌاري جي ڪمن کي لڳي ويو ۽ پڻ عورتن لاء هڪ رسالو ڪڍيائين. هن صاحب "سنڌ هندو سڀا" ٺاهي، شايد "سنڌ سڀا" جي خاتمي جو اعلان ڪيو. هن انجمن جي خاتمي ۽ حسن علي صاحب پاران محمدن ايسوسيئيشن ٺاهڻ، جيڪا صورتحال پيدا ڪئي، ان تي مرحوم ابوجهي هن ريت روشني وڌي آهي:

جڏهن دين اسلام هت حڪمران هو
وڏو ڀاءُ هندو ۽ ننڍو مسلمان هو
وڏي جو ننڍو ڀاءُ وڏو قدردان هو
ننڍو پڻ وڏي تي سدا جان فشان هو
ڀهراڙيء ۾ آهي اڄا رسم جاري
هندو ۽ مسلمان آهن پتر ڀائي

--

ونئي ها اهو ڏينهن ڏاڍا سڌارا
ويڻ هل سيئي سنڌ جا سور سارا!

(٩)

جيئن مون مٿي لکيو آهي تہ سنڌ جي هن پهرين سياسي تنظيم ۾، هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪو تفرقو پيو، ان اڳتي هلي، سنڌ جي هنن ٻن طبقن کي اڃا بہ علحده ۽ الڳ ٿلڳ ڪيو ۽ اڳتي هلي هڪ ڌر ڪانگريس ڏي رجوع ٿي تہ ٻي ڌر مسلم ليگ کي پسند ڪري، اسلامي ملڪ پاڪستان ٺهرائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. البتہ هي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ آخر حسن علي آفندي رين جي چو مخالفت ڪئي، ڏيارام گدومل جي هڪ لفظ کي بنياد بنائي علحدگي چو اختيار ڪئي ۽ بہ سال پوء خود انگريزي حاڪمن هٿان "سنڌ مدرسة الاسلام" جو افتتاح ڪرائي ۽ خانبهادريء جو لقب وٺڻ چو پسند ڪيو؟

سنڌ سڀا کي اڪثر سياسي تذڪره نگارن تمام گهٽ نظرانداز ڪيو آهي. هي صورتحال گهٽو ڪري سنڌجي سيني اهل قلم حضرات سان لاڳو آهي. ڪن ليکڪن ته موڙگو ان کي ادبي تنظيم سڏيو آهي، جيڪو پڻ بنهه غلط آهي. مون "سنڌ سڀا" جو ذڪر، اول ۾ پنهنجي دوست جناب مدد علي سنڌي صاحب جي ڪچهرين ۾ ٻڌو. سندس خيال آهي ته هي انجمن پوري نئدي ڪنڊ جي پهرين سياسي پارٽي آهي، پر تاريخي مطالعو ۾ ايياس ان جي تصديق ڪان ناڪاري آهي. البته ان کي سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم سڏي سگهجي ٿو. مدد علي صاحب جو چوڻ آهي ته ونس هن موضوع تي ڪافي مواد موجود آهي. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته پوء اهڙو مواد جلد منظر تي اچڻ گهرجي. اها سنڌ جي سياسي تاريخ جي وڏي خدمت ٿيندي. منهنجي ناقص ڄاڻ موجب هن موضوع تي مواد جي ڏاڍي کوٽ آهي، البته مون کي جيڪو ڪجهه مليو، ان کي مون پوري ذميداريءَ سان اهل علم ۽ اهل ذوق آڏو آندو آهي. ڪٿي ڪٿي قياس ۽ گمان ڪان پڻ ڪم ورتو آهي، چو ته حوالن ۽ ڪتابن جي کوٽ ڪري، سنڌ سڀا متعلق هي سڄو خاڪو مون کي پنهنجي ليکي تيار ڪرڻو پيو آهي. مون هتي ڄاڻي واڻي سنڌ سڀا کي سياسي پارٽيءَ بجاء تنظيم يا انجمن سڏيو آهي. منهنجي خيال ۾ "پارٽي" اکر وسيع ۽ همه گير مطلب لاء ڪم اچي ٿو، جڏهن ته مختصر سياسي ميڙ کي "انجمن" يا "تنظيم" سڏڻ ئي بهتر ٿيندو.

## مددي ڪتاب ۽ مواد


1. Qalich Beg Mirza: "A History of Sind", Scinde classics, 1982 A.D.

2. P.E. Roberts: "History of British India-under the company and the Crown", Oxford Press, 1952 A.D.

3. Dayaram Gidumal: "Hiranand - The Soul of Sindh", Revised and enlarged editon, 1932 A.D..

(۴) ڊاڪٽر ممتاز بخاري؛ "سنڌ مدرسة الاسلام" اڻ ڇپيل ٿيسز.

(۵) الهه بخش اٻوجهو؛ "مسدس اٻوجهو" ناشر سنڌ مسلم ادبي جماعت

حيدراباد.
(٦) خداداد خان : "لب تاريخ سند" فارسي، ڊاڪٽر بلوچ وارو ڇاپو.
(٧) پروفيسر ڦيرواڻي: "راڄ رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر" سال ١٩٣٨ع.
(٨) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ادبي بورڊ وارو ڇاپو.
(٩) سيٺ نائون مل: "يادگيريون"، ترجمو محمد حنيف صديقي.
(سه ماهي "مهراڻ" ١ - ٢ / ١٩٨٥ع تان کنيل).

# شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ

سنڌ جو جامي، نظامي، انوري، سعدي اهو،
ڪين ڳهٽ هو مير، غالب، داغ، سودا، ذوق کان (احسن).

سن ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ تي انگريزن جو قبضو ٿيو. نيپئر کي سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ڪيو ويو. هر نئين ايندڙ حاڪم وانگر نيپئر پڻ ميرن جي هر اهڃاڻ کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان ريت سنڌ جي نئين اڏاوت شروع ٿي. سال ۱۸۴۷ع ۾ سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري، ان کي بمبئي علائقي سان ملايو ويو. سنڌ جو انتظام گورنر بجاءِ ڪمشنر جي حوالي ڪيو ويو. مسٽر پرنگل پهريون ڪمشنر مقرر ٿي آيو. ۱۸۵۱ع ۾ بارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿيو. صحيح معنيٰ ۾ هتان کان سنڌ جي جديد تعمير جو آغاز ٿيو (۱). فريئر ڏهه سال سنڌ جو سربراهه رهيو. هن سنڌ جي مادي توڙي تمدني ترقيءَ لاءِ ڪي يادگار قدم کنيا. حيدرآباد بجاءِ سنڌ جو تختگاهه ڪراچيءَ کي بنايو ويو. سنڌ جي تعليم کاتي کي قائم ڪيو ويو. سنڌ ريلوي جا بنياد رکيا ويا. رستن جي تعمير ۽ پلين جي اڏاوت تي توجه ڏنو ويو. مواصلات جي ڏس ۾ سنڌ ڊاڪ قائم ڪري، برصغير اندر ٽپال جي پهرين ٽڪلي جاري ڪئي وئي. ڪراچي بندرگاهه جي اهميت کي محسوس ڪري، ان جي واڌاري لاءِ حڪم جاري ڪيا ويا. روينيو ۽ زراعت بابت پڻ رٿابندي ڪئي وئي. سنڌ جي هنرن ۽ ڪاريگرن کي پرڏيهه ۾ متعارف ڪرائڻ جو جتن ڪيو ويو (۲). ليڪن هنن سيني ڳالهين کان علاوه، فريئر جو تاقيامت زنده رهڻ وارو يادگار سنڌي رسم الخط ۽ سنڌي ساهت جي تحفظ ۽ ترقيءَ وارو قدم آهي. هتان ئي جديد سنڌي ادب خاص ڪري سنڌي نثر جي اوسر جو آغاز ٿيو. جنهن لاءِ سنڌ سرڪار اپاءَ ورتا، قدم کنيا ۽ رقمون مخصوص ڪيون. ان طرح سنڌي ڪتب نويسي توڙي سنڌي تعليم ۽ تدريس جو رخ متعين ٿيو. سرڪاري سرپرستيءَ ۾ جن عالمن ۽ ادبين قلم کنيو ۽ سنڌي نثر تخليق ڪيو انهن ۾: ديوان ننديرام، ميران محمد شاهه اول، آخوند عبدالرحيم وفا، قاضي غلام علي، آلومل ٽيڪمداس

پوچواڻي ۽ اڏارام ٿانورداس- جا نالا وڏي اهميت رکن ٿا (۳). اهوئي دور آهي جو "شاه جو رسالو" پهريون ڀيرو جرمن اسڪالر ارنيسٽ ٽرمپ جي سعيي سان، سن ۱۸٦٦ع ۾ جرمنيءَ جي شهر ليپزگ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

سنڌي تعليم ۽ ادب جي ان ابتدائي ترقيءَ واري دور ۾، هي چند نالا صرف بنيادي اهميت رکن ٿا. سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي پهرين کيپ، جڏهن بمبئيءَ مان پڙهي تعليمي، سماجي ۽ ادبي سرگرمين لاءِ ڪراچي پهتي، تڏهن سنڌ جي صديون بيٺل معاشري ۾ هڪ قسم جو تحرڪ پيدا ٿيو. سنڌي دانشمندن جي اها پهرين لڙهي جڏهن ڪراچي پهتي، تڏهن انهن سنڌ جي همه گير واڌاري لاءِ ڪي فيصلا ڪيا. پهرين سنڌي اخبار "سنڌ سڌار" جو اجراء ٿيو. پهرين سنڌي سياسي تنظيم "سنڌ سڀا" تڏهن جڙي. پهريون مسلم ادارو "سنڌ مدرسة الاسلام" تڏهن وجود ۾ آيو، ۽ سنڌ جو پهريون ڪاليج "ڊي. جي. سنڌ ڪاليج" ان دور ۾ نهيو (۴). ان ريت سنڌ اوڻيهين صديءَ جي آخري سالن ۾، دنياوي ۽ ثقافتي ترقيءَ ڏانهن وک وڌائي. هن پس منظر ۾ سنڌي نثر جي اوسر جو پهريون دور پورو ٿيو. هاڻي سنڌي ساهت توڙي نثر جي ترقيءَ جو ٻيون مگر حقيقي دور شروع ٿيو. ان لاءِ تذڪره نويسن چار وڏا نالا ڪنيا آهن ۽ انهن کي سنڌي ادب جي بنيادي پيل پاون سان تشبيهه ڏني آهي. اهي نالا هن طرح ملن ٿا: ڪوڙو مل چندن مل ڪلناڻي، ڏيارام گدومل، پرمانند ميوا رام ۽ مرزا قليچ بيگ. هڪڙي ادبي مؤرخ هنن ادبين جي ڪم جي اهميت هن ريت ڇاڻائي آهي:

Finally, in this period, separate mention must be made of four stalwarts whom the present writer has on various occassions grouped together as pillars of Sindhi prose and drama, or as the four wheels that set the Lumbering wain of Sindhi prose and drama forward in easy motion. In 1857 - 1907 period they well and truly laid the foundations for prose works and dramatic works in the Sindhi Language (5).

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ڏيارام گدومل ۽ ڪوڙي مل چندن مل، ان

دور ۾، يا پوءِ ڪن ٻين هندو توڙي مسلمان اديبن، سنڌ ساهت جي ترقيءَ لاءِ تمام گهٽو پاڻ پتوڙيو. پر هن ڏس ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ جون خدمتون نہ رڳو عالم آشڪار آهن، پر ڪائنات ۾ ستارن ۽ چنڊ جي ڀيٽ ۾ سج جي برابر آهن!

(٢)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جا وڏا، مير ڪرم علي خان جي دور ۾ (وفات: ١٨٢٨ع) سنڌ پهتا هئا. مير صاحب کي اولاد نہ هو ۽ هن گود جو ٻار وٺڻ جو فيصلو ڪيو. ان دور ۾ ايران تي فتح علي شاهہ قاچار (وفات: ١٨٣۴ع) جي حڪومت هئي، جنهن سان سنڌ جي درٻار جا سٺا تعلقات هئا. اهي بهتر لاڳاپا ڪم آيا جو ايراني حڪومت، خسرو نالي هڪ ڇوڪرو تحفو ڪري مير ڪرم عليءَ ڏي موڪليو. مير صاحب هڪ فرمان ذريعي خسرو کي پنهنجو پٽيلو بنايو. ٻار جي اباڻڪائي ڏسي ايران مان هڪ ٻيو ڇوڪرو بہ گهرايو ويو، جنهن جو نالو فريدون بيگ هو. هي ٻئي ٻار اصل ۾ جارجيا (گرجستان) جي خاندان مان هئا ۽ سندن وڏن جو تعلق عيسائي مذهب سان هو. ايران ۽ جارجيا (روس) جي لڙاين ۾ جيڪي سوين ماڻهو قيد ٿيا ۽ قاچارين جي هٿ لڳا، هي ٻئي ٻار پڻ انهن ۾ شامل هئا. هن حسب نسب جي ڪري کين سنڌ ۾ گرجي مرزائون بہ سڏيو ويندو هو. خسرو ۽ فريدون بيگ جي تعليم ۽ تربيت شاهي انداز ۾ ٿي. وڏو ٿي خسرو سنڌ ۾ وزير بنيو ۽ اهم ذميداريون سنڀاليائين. جڏهن تہ فريدون بيگ جو پٽ مرزا قليچ بيگ، سنڌ جو وڏو اديب ۽ عالم ٿيو ۽ سنڌي علم ادب جي مثالي خدمت ڪيائين. خسرو بيگ، اسان جي هن لاثاني مصنف ۽ اسڪالر جو نانو هو (٦).

مرزا قليچ بيگ وارا پاڻ ۾ ست ڀائر هئا؛ جي سڀ ئي پڙهيل ڳڙهيل ۽ علم دوست انسان هئا. مرزا صادق علي بيگ پهريون سنڌي مسلمان گريجيوئيٽ هو. هن سڄي زندگي تعليم کاتي جي خدمت ڪئي. ان ريت سندن ٻيو ڀاءُ مرزا علي قلي بيگ بہ سنڌي ساهت ۾ وڏي اهميت رکي ٿو، جنهن سڀ کان اول سچل جو رسالو، ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو هو. مرزا صاحب جي ٻين ڀائرن بہ سنڌي علم ادب، تعليم ۽ سماج جي ترقيءَ لاءِ

وڏيون خدمتون بجا آنديون.

مرزا قليچ بيگ حيدرآباد پرسان، ٽنڊي نوڙهي ۾ ۴ محرم ۱۲۷۰ هه (۱۸۵۳ع) تي ڄائو هو (۷). ان ڏينهن عيسوي مهيني آڪٽوبر جي ستين تاريخ هئي. هڪڙي مصنف قليچ مرحوم جي پيدائش جي تاريخ، ۴ محرم ۱۲۷۱ هه برابر ۴ آڪٽوبر ۱۸۵۳ع ڏني آهي (۸). ليڪن هي تاريخ درست ڪانهي. مرزا صاحب جي ابتدائي تعليم ۽ تربيت حيدرآباد ۾ ٿي. ان بعد اعليٰ تعليم لاءِ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ ۾ داخلا ورتائين. ليڪن ڪن سببن جي ڪري گريجيوئيشن نہ ڪري سگهيو. اتان واپس ٿي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيو، جتي ٻہ سال ڪن تفريح، هلڪي قلڪي ملازمت ۽ ادبي مشغولين ۾ ڪٽيائين. بعد ۾ سنگت جي صلاح سان روينيو ۽ جڊيشريءَ جا امتحان پاس ڪري، سال ۱۸۸۰ع ۾ مختيارڪار بنجي ويو. پاڻ روينيو کاتي ۾ ٽيهہ سال نوڪري ڪري ۱۹۱۰ع ۾ رٽائر ٿيو، تڏهن ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي فائز هو. مرزا صاحب ٽي شاديون ڪيون. ڪيس يارنهن پٽ ٿيا. ملازمت کان فارغ ٿي باقي زندگي ٽنڊي نوڙهي ۾ رهندي، علم ادب جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. هن ۷٦ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ان ڏينهن محرم جي ۲۵ تاريخ ۽ سال ۱۳۴۸ هه برابر ۳ جولاءِ ۱۹۲۹ع جي تاريخ هئي. مرزا صاحب کي ٽنڊي نوڙهي ۾ خود نهرايل قبر ۾ دفن ڪيو ويو، جنهن لاءِ ڪتبو بہ پاڻ لکيو هئائين.

(۳)

سنڌي نثر جي ابي ۽ جديد ساهت جي مکيہ باني، مرزا قليچ بيگ مرحوم جو ادبي ڪيريئر اڌ صديءَ تي پکڙيل آهي. هن ۱۸۷۰ع ۾ پهريون ڪتاب لکيو ۽ سندن آخري ادبي ڪاوش ۱۹۲۸ع جي ڏسجي ٿي. جنهن مصنف جي قلمي پورهئي کي "ادبي اٽل" سان تعبير ڪيو ويو هجي (۹)، ان جي ساهتي خدمتن جو سروي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ان لاءِ مضمون نہ پر هيڪاندا ڪتاب گهرجن. بهرحال هن مضمون ۾ اسين مرزا صاحب جي ادبي خدمتن جي مکيہ مکيہ ڳالهين جي اپٽار ڪنداسين. پاڻ سترهن سالن جي ڄمار ۾ قلمو ڪنيائين ۽ ٻاراڻا شعر تخليق ڪيائين. سندس ادبي خدمتن جو

احاطو ڪندي، ڏسجي ٿو تہ هن لائق صد احترام انسان، سنڌي زبان جي تحريري ۽ ڪتابي ورثي کي وڌائڻ لاءِ وڏو جُهد ڪيو. ان مقصد لاءِ گهڻي ڀ گهڻو توجه ترجمن تي ڏنائين. هڪ طرف يورپي ادب جا شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪيائين، ۽ ٻئي طرف مشرقي ادب مان پڻ مثالي تخليقون سنڌيءَ ۾ منتقل ڪيائين. بيڪن، شيڪسپيئر، وردس ورٿ، يا ڪيٽس هڪ طرف؛ تہ ٻئي پاسي جامي، رومي، عطار، سعدي، غزالي ۽ حافظ جي تصنيفن کي بہ سنڌي ويس ڍڪايائين. ڳالهہ رڳو ايتري ڪانهي پر ڪيٽي تحريرون عربي ۽ فارسيءَ مان انگريزيءَ ۾ بہ ترجمو ڪيائين. مرزا صاحب ڪڏهن تہ هٿن ادبين جي ڪتابن کي مڪمل طرح ترجمو ڪيو، ڪڏهن وري سندن تحريرن جا انتخاب آلٿو ڪيائين. ترجمن جو مدار رڳو نثر تي نہ هو، پر مرزا صاحب مرحوم شعر جا ترجما شعر ۾ ئي ڪيا ۽ اهڙا ڪيا جو انهن تي اصليت جو گمان ٿيو ٿي. اسان جو هي نامور اهل قلم سنو شاعر پڻ هو. هڪ شاعر جي حيثيت ۾ سنڌي، اردو، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ سندن شاعري ملي ٿي. پاڻ علم عروض جي تابع رهي نظم لکيو اٿس. پنهنجي شعر ۾ عشقيہ يا متعلقہ عنوانن بجاءِ؛ مرزا صاحب ناصحاڻہ، صوفياڻہ، سنجيده ۽ اخلاقي نقطا کنيا آهن. ان کان علاوه سندن قصيدا بہ مشهور آهن، جي انگريز حاڪمن جي ساراهہ ۾ چيائين. مرزا صاحب جي شعري ذخيري بابت هي ڄاڻ ملي ٿي؛ سوداءِ خام، ديوان قليچ، رباعيات عمر خيام، ڪشف اعجاز ۽ املهہ ماڻڪ (١٠).

سنڌي نثر خاص ڪري مغرب جي ادبي صنفن: مضمون، افساني، ناول ۽ ناٽڪ - کي سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ بعد، متعارف ٿيڻ جو موقعو مليو. مرزا صاحب سون جي تعداد ۾ مغرب جا ادبي شهپارا ترجمہ ڪيا. مضمون نويسيءَ ۾ سندن ڪامياب ڪوشش "مقالات الحڪمت" جي صورت ۾ موجود آهي. هي مضمون لارڊ بيڪن (وفات؛ ١٦٢٦ع) جا لکيل آهن. مرزا صاحب هي مضمون چوويهن سالن جي ننڍي عمر ۾ سال ١٨٧٧ع ۾ ترجمو ڪيا. پاڻ ان وقت ايلفنسٽن ڪاليج جو شاگرد هو. سنڌ جي هن بي مثال اديب متعدد ڊرامہ، جن ۾ شيڪسپيئر جي ناٽڪن جو وڏو تعداد بہ ڏسجي

ٿو. سنڌيءَ ۾ منتقل ڪيا ۽ اهڙا ته الٽو ڪيا جڻ ته اهي اصلوڪا لکيل آهن. ليڪن مرزا صاحب کي "ليلا منجون" نالي پهريون اصلوڪو سنڌي ڊرامو لکڻ جو به فخر حاصل آهي. هي ڊرامو ۱۸۸۰ع ۾ لکيو ويو. ان ريت ۱۹۸۰ع ۾ هند ۽ سنڌ ۾ سنڌي ڊرامي جي هڪ صدي ملهائي، مرزا صاحب کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. سنڌ جي هن مايه ناز اديب ناولن جو به وڏو تعداد لکيو ۽ ترجمو ڪيو. پهريون اصلوڪو سنڌي ناول "دلارام" پڻ سال ۱۸۸۸ع ۾ پاڻ لکيائون. ليڪن مقصد ۽ مفهوم جي لحاظ سان "زينت" کي وڏي شهرت ملي. هي ناول ۱۸۹۰ع ۾ لکيو ويو. پورا نوي سال پوءِ ۱۹۸۰ع ۾ هن ناول جو اردو ترجمو امداد حسينيءَ ڪيو ۽ ان کي اڪيڊمي ادبيات اسلام آباد شايع ڪيو.

هڪ سڄاڻ اديب وانگر مرزا صاحب کي سنڌي نثر ۾ مختلف عنوانن تي ڪتابن جي کوٽ ۽ اهميت جو احساس هو. سال ۱۹۰۸ع ۾ پاڻ "سنڌي زبان جي مختصر تاريخ" لکيائين. ادب جي اڀياس ۾ ساهتي تاريخ جي اهميت جو به ڪين ڀرپور احساس هو. منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي تہ: اهو مرزا قليچ بيگ ئي هو، جنهن ۱۹۱۴ع ۾ "سنڌي شعر جي تاريخ" نالي مختصر ڪتابڙو لکي، پنهنجي ساهت جي اتهاس لکڻ طرف پهرين وک کنئي (۱۱). ان کان گهڻو پوءِ فقير هدايت علي تارڪ، مرحوم محمد صديق ميمڻ ۽ لطف الله بدوي هن ڏس ۾ قلم کنيو ۽ پاڻ ملهايو.

سنڌ جو سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي (وفات: ۱۶۹۰ع) اسان جي ادبي تاريخ جو لازوال ڪردار آهي. مير علي شير قانع (وفات: ۱۷۸۹ع) کانپوءِ اوڻيهين صديءَ ۾ انگريز ۽ هندو ليکڪن، شاه صاحب جي باري ۾ اڀياس کي جاري رکيو. اهو مرزا قليچ بيگ ئي هو جنهن لطيف جي سوانح عمري طرف، پهريون مرتبو ڀرپور ڌيان ڏنو ۽ سن ۱۸۸۷ع ۾ "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي" نالي ڪتاب لکيو. اهو ڪتاب سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ هڪ ئي وقت لکجي تيار ٿيو. سنڌي ڇاپو تہ ڪيئي ڀيرا ڇپيو، ليڪن انگريزي مسودو اڻين ئي رهجي ويو. اهو ڪتاب پهريون ڀيرو ۱۹۸۰ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتابن جي لکجڻ سان گويا ڪہ "لطيفيات" جي اڀياس

۾ وسعت پيدا ٿي. مرزا صاحب هن عنوان تي پيا بہ متعدد ڪتاب لکيا ۽ "شاھ جو رسالو" بہ ڇاپي پڌرو ڪيو هو.

مرزا صاحب جي مطالعي ۽ تصنيف تاليف ۾ سنڌجي تاريخ کي بہ وڏو دخل حاصل آهي. هن عنوان تي پاڻ چند سٺا ڪتاب لکيائون. ليڪن هن ڏس ۾ سندن بہ انگريزي ڪتاب؛ "چچ نامو" ۽ "اي هسٽري آف سنڌ" وڏي اهميت رکن ٿا. هن ڪان علاوه؛ قديم سنڌجا شهر ۽ ماڻهو، چچ نامو سنڌي، خيرپور رياست جي تاريخ، سنڌ جي تاريخ ننڍي، ۽ سنڌ جي تاريخ تصويرن سان- جهڙا ڪتاب بہ مرزا صاحب لکيا ۽ ڇپجي پڌرا ٿيا. هن نامور اديب تاريخ ڪان علاوه سير سفر ۽ سوانح تي بہ قلم کنيو. قديم سنڌ جا ستارا، سوانح حسن علي آفندي، پنهنجي آتم ڪهاڻي "سائو پن يا ڪارو پنو" - نالن سان ڪتاب پڻ مرزا صاحب مرحوم لکيا. سندس خود نوشته آتم ڪهاڻيءَ کي سنڌيءَ ۾ ڪلاسڪ رتبو حاصل ٿي چڪو آهي.

مرزا صاحب مشرقي ۽ مغربي ادبيات کي سنڌيءَ ۾ منتقل ڪري پنهنجي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو. ليڪن ڪجهہ اسلامي عنوانن تي چونڊ ڪتاب انگريزيءَ ۾ پڻ ترجما ڪيائون. ان ڏس ۾ غزاليءَ جي "ڪيمياء سعادت" کي چڱي اهميت حاصل ٿي (۱۲). ان ڪان علاوه پاڻ فارسي شعر جا متعدد جلد بہ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا اٿن. مرزا صاحب جي ادبي ڪاوشن کي ڏسڻ سان، معلوم ٿئي ٿو تہ اهڙو ڪوبہ عنوان ڪونهي، جنهن تي پاڻ قلم نہ کنيائين. سوانح، تنقيد، تحقيق، ٻولي، شعر، سير سفر، گرامر، دينيات، تاريخ، ناٽڪ، ناول، مضمون، افسانو، جاگرافي، اخلاقيات، فلسفو ۽ منطق - مطلب تہ سنڌ جي هن سپوت هر عنوان تي قلم کنيو ۽ ڪتاب لکيا. سندن قلم ٻولي ۽ مذهب جي تفاوت ڪانسواءِ هلندو رهيو. ڪم ڪندي ٻيو عنوان ڪٿي ويو تہ پوءِ ڪيڙن ماڪوڙن ۽ جانورن تي بہ قلم کڄي ويو. مرزا صاحب سنڌي زبان جي دامن ڀرڻ لاءِ مذهبي مت ڀيد ڪان هٽي ڪري ڪم ڪيو. ان طرح پاڻ توريت، زبور ۽ انجيل کي بہ سنڌيءَ ۾ منتقل ڪيائين. مرزا صاحب جي ڪتابي ورثي بابت مختلف رايا ملن ٿا. سنڌ جي نامور اديب سيد حسام الدين راشديءَ سندن ڪتاب جو انگ ۴۵۷ لکيو آهي (۱۳). حقيقت

۾ اهڙي جائزي وٺڻ لاءِ، سندن لکيل خود نشته سوانح هڪ بهترين ذريعو آهي.

(۴)

سنڌ جي هن نامور سپوت مرزا قليچ بيگ، ادبي اتهاس ۾ پنهنجو لازوال ڪردار ڇڏيو آهي، ۽ سندن ڇڏيل ساهتڪ ورثو قيامت تائين زنده رهڻو آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اهڙو مثال گهٽ ملي ٿو، جو مختلف عنوانن تي ۽ جدا جدا ٻولين ۾، ڪنهن اديب قلم ڪنيو هجي ۽ سون جي تعداد ۾ ڪتاب لکيا هجن (۱۴). هن سڄي مامري ڪان هٽي ڪري ڏسڻو آهي ته: هڪ اديب جي حيثيت ۾ سندن ورثو (پيغام) ڇا آهي ۽ هڪ انسان جي روپ ۾ مرزا صاحب ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟

جيتريقدر مرزا صاحب جو ادبي ورثو آهي ته، بلاشبه ان جو پهريون مقصد سنڌي ٻوليءَ جو دامن ڀرڻ هو. ان لاءِ پاڻ هر عنوان تي قلم ڪنائين، جنهن ۾ هو بلڪل ڪامياب ويو ٿو ڏسجي. هر عنوان تي ڪتاب لکيائين، يا وري ترجمو ڪيائين. اڳتي هلي جڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي مضمون کي اعليٰ سطح تي لازمي مضمون مقرر ڪرائڻ واسطي هڪ زوردار رپورٽ تيار ڪئي (۱۵)، تڏهن پڪ آهي ته هن مقصد ماڻڻ لاءِ، مرزا صاحب جي ساهتي ورثي ڪيس وڏي مدد ڪئي. اڄ سنڌي زبان کي علمي سطح تي جيڪو رتبو حاصل آهي، ان لاءِ قليچ بيگ جون خدمتون عالم آشڪار آهن. سندن ورثي جا ٻه ٻيا به خاص پهلو ڏسجن ٿا. مغربي ادب جي شهپارن جي ترجمن ذريعي، پاڻ سنڌي سماج جي صديون بيٺل سوچ کي، متحرڪ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين، ۽ سنڌي ماڻهن کي محسوس ڪرايائين ته، اوهين تمدني سطح تي ڪٿي بيٺا آهيو ۽ يورپ فڪري ۽ تهذيبي رخ تي ڪيترو نه سفر طئي ڪيو آهي. ان ريت سندن مقصد يقينن هي هو ته سنڌي عوام کي سجاڳ ڪجي، ۽ هڪ بند خول مان ٻاهر ڪڍي، خدا جي وسيع عريض ڪائنات سان روشناس ڪرائجي. ٻئي طرف مرزا صاحب مرحوم مشرقي ادبيات کي سنڌيءَ ۾ منتقل ته ڪيو، پر ڏسجي ٿو ته ڪن چونڊ تحريرن ۽ شعري ورثي کي انگريزيءَ ۾ الٿو ڪري، مغرب کي پڻ اسلامي

علومن بابت ڄاڻ ڏني ۽ ڪين ٻڌايو ته، ماضيءَ ۾ مشرق ۾ ڪيڏي نه بلند پايي جا عالم، داناءُ، يا وري مصنف پيدا ٿيا هئا؟

ان ريت ليڪ جي ڇڏيل ڪتابي ورثي ذريعي سوال جي ٻئي حصي جو جواب ڳولي سگهجي ٿو. مرزا صاحب جي خاندان هڪ طرف سنڌ جي آخري آزاد حاڪمن کي ويجهو ڏٺو هو، ٻئي طرف خود سندن بزرگن سنڌ ۾ انگريزي تسلط کي به ڏٺو ۽ پوءِ جيڪا تهذيبي ۽ علمي تبديلي آئي، پاڻ ان ۾ پڻ هڪ ڪليدي ڪردار ادا ڪيائون. ڪين ڪيترن ئي انگريز اڪابرن ۽ حاڪمن جي ويجهو رهڻ جو موقعو مليو. انگريز آفيسرن جي صحبت جي ڪري مرزائن جوهي خاندان ملازمتن ۾ آيو ۽ انگريزي ڊريس اوڍي مغربي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ جُنبي ويو. مرزا صادق علي بيگ (قليچ بيگ جو ڀيو نمبر وڏو ڀاءُ) پهريون سنڌي مسلمان ٿيو، جنهن ١٨٧٢ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجيوئيشن ڪئي هئي (١٦).

ٿرپارڪر جو پهريون پوليٽيڪل ايجنٽ ڪرنل ٽروٽ، هن خاندان کي تمام گهڻو ويجهو هو، ۽ سندس ناپيد تصوير اڄ به مرحوم مرزا صاحب جي ڪتبخاني ۾ محفوظ ڏسجي ٿي. ان طرح خبر پوي ٿي ته هي گهراڻو ڪيئن مغربي تعليم کي ويجهو ٿيو. ان پس منظر ۾ مرزا صاحب هڪ همه گير شخصيت جو مالڪ بنيو. هن پنهنجي ڪثير اولاد جي تعليم ۽ تربيت تي توجه ڏنو ۽ ڪين سٺي انسان بنجڻ ۾ مدد ڪئي. پاڻ اهڙي دور ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر رهيو جڏهن سنڌي مسلمان جهالت جي اوڙاهه ۾ پيل هو، تڏهن به منجهس غرور ۽ تڪبر جو اڻ لکو اهڃاڻ به نه هو. بدڪاريءَ جا موقعا مليا ته به ان کي ويجهو نه آيو. مسلمان ۽ پوءِ شيعو هجڻ جي باوجود ۽ پڻ انجمن اماميه جو سرگرم رڪن هوندي به، ڪڏهن مذهبي ڪٽرپڻو پيدا نه ٿيو. مسلمان هو ليڪن ٻين مذهبن لاءِ ڌڪار پيدا نه ٿيو. علم ۽ ادب لاءِ هر ايندڙ ڏينهن تي چاهه وڌيو. هزارين ڪتاب پڙهيائين ۽ سوين صفحا لکيائين، پر پوءِ به هي چوڻ ۾ هٻڪ نه ٿي ته ڪجهه به معلوم نه ٿيو. عدالت هلائيندي خدا کان مدد گهريائين ته، مولا ڪنهن سان ناحق نه ٿئي. اهي سڀ خيال ۽ ويچار سندس صوفياڻه خيالن، سيڪيولر مزاج ۽ هڪ بهترين انساني سڀاءُ واري

ماڻهوءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. توڙي جو مغربي ادبيات جو اڪابر هو، ليڪن پوءِ بہ مشرقي علومن سان عشق ۾ ڪمي پيدا نہ ٿي. مرزا صاحب پنهنجا خيال ۽ ويچار شعرن ذريعي "سائو پن يا ڪارو پنو" جي باب اٿين، نائين ۽ ڏهين ۾ ڏنا آهن، جن مان ڪي چونڊ بيت هيٺ ڏجن ٿا.

منجهہ جوانيءَ عمر اڪثر منهنجي نادانيءَ ۾ وئي
جيڪا پوءِ باقي بچي، ساپڻ پشيمانيءَ ۾ وئي

-----------

ويندين جنهن مذهب ۾ تون، ڏسندين اتي جهيڙو ۽ جنگ
جي هجين آرام جو طالب تہ صلح ڪل ۾ آهي

-----------

چوي مون کي ڪو مسلم تو، ڪو ڪافر تو چوي ڪارو
حقيقت دين منهنجو ٿيو تہ بهتر مذهبن وارو

-----------

ڪنهن علم ڪان پڻ قليچ محروم نہ ٿيو،
نڪتو نہ رهيو، جو اُن کي مفهوم نہ ٿيو،
ستر کي قريب پهتو، تڏهن ان کي،
معلوم ٿيو تہ ڪي بہ معلوم نہ ٿيو

-----------

واريءَ ڪان بہ وڌ گناه جو ڪيا هئا مون،
وينس ڪري ڪنڌ هيٺ شرم ۽ ڊپ ڪون،
آواز ٿيو غيبي تہ غم ڪاڻ نہ "قليچ"
لائق ڪيا پنهنجا تو، اسين پنهنجا ٿا ڪريون.

مرزا صاحب زندگي ڀر علم ۽ ادب جي خدمت ڪرڻ جو پس منظر هن ريت ڄاڻايو آهي:

ڇڏي جي نامور ويا پنهنجو نالو،
ڪريون تن جان، اسين پڻ اڄ ڪشالو.

ان لائق انسان جي علمي توڙي ادبي پورهيي جو قدر سندن حياتيءَ ۾ ٿيو. حڪومت برطانيه ابتدا ۾ ڪين قيصر هند ۽ پوءِ شمس العلماءِ جا خطاب ڏنا. مرزا صاحب جي هڪ دوست ڏيارام گدو مل (وفات: ١٩٢٧ع) سندن ڪتابن جي اشاعت ۽ پبلسٽيءَ لاءِ ڏيڍ لک روپين جي مدد ڪئي. بلاشبه وقت مرزا صاحب جو قدر ڪيو. مگر پوءِ جي ايندڙ نسلن اهڙي املهه انسان جو قدر نه ڪيو. افسوس جو إسان سندس خيالن مان نه پرايو. سندس ويچارن کي اوپرو سمجهيو. سندس بهترين انساني سياءَ کي نظر انداز ڪيوسين. ان طرح مرزا صاحب جو قلمي پورهيو عام نه ٿي سگهيو. قيام پاڪستان کان پوءِ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ وجود ۾ آيو. تڏهن محترم محمد ابراهيم جويي جي ذاتي ڪوشش سان، مرزا صاحب جا ڪيترا ڪتاب ڇپجي منظر تي آيا. ليڪن حق ته هي ٿئي ها جو سندن نالي ڪو ادارو يا اڪيڊمي ٺهي ها، جا مستقل طرح علمي ۽ ادبي ڪم ڪري ها ۽ نئون نسل مرزا صاحب جي ڪاوشن مان فيضياب ٿيندو رهي ها. شايد سنڌ جي هن لاثاني اديب کي مستقبل جي بي قدريءَ جو احساس هو، جڏهن پاڻ هي شعر لکيائين:

ٿيس آءٌ حيدرآباد سنڌ هندستان ۾ پيدا،
چگو ٿئي ها، ٿيان ها روم يا ايران ۾ پيدا.

## حوالا ۽ حاشيه

١. ان ڪري ته ڊاڪٽر حميده کهڙي پنهنجي ٿيسز جو عنوان: ”دي ميڪنگ آف ماڊرن سنڌ“ رکيو (ڇپيل، انڊس پبليڪيشن ڪراچي، ١٩٧٨ع).

٢. لب تاريخ سنڌ، سنڌي ترجمو حافظ خير محمد اوحدي، ص ص ١٩٠-١٩٣، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٨٩ع.

٣. تفصيل لاءِ ڏسو: ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جلد٢، سال ١٩٥١ع، ليکڪ محمد صديق ميمڻ، ناشر سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد.

۴. جديد سنڌ جي علمي ۽ تمدني اوسر لاءِ ڏسجي منهنجو مقالو: "سنڌ سيا - سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم"، ڇپيل سه ماهي "مهراڻ" ۱-۱۹۸۵/۲ع.

۵. ايل. ايڇ. اجواڻي: "اي هسٽري آف سنڌي لٽريچر"، ص ۱۷۹، ڪراچي ۱۹۸۴ع.

٦. مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، ص ص ۱۲۳-۱۲۵، ۽ پڻ حاشيه، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال ۱۹۸۵ع.

۷. سائو پن يا ڪارو پن، ص ۱۸، سنڌي ادبي بورڊ سال ۱۹۸۸ع.

۸. مولانا دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد ۱، ص ۲۳٦، حاشيو، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۵ع.

۹. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ص ۱۱۸، سره ڪتاب گهر، حيدرآباد ۱۹۷۳ع.

۱۰. حوالو ۳، جلد ۲، ص ص ۴۳۸-۴۴٦.

۱۱. منگها رام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، ص ۴۱۳، سال ۱۹۷۷ع.

۱۲. اهو ڪتاب "The Alchemy of Happiness" جي نالي سان، سنڌي ادبي بورڊ سال ۱۹۸٦ع ۾ ڇپيو آهي.

۱۳. سيد حسام الدين راشدي: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، ص ۷۷٦، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي ۱۹۸۱ع.

۱۴. مرزا صاحب ڪان اڳ سنڌ ۾ صرف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اهڙو مصنف ٿي گذريو، جنهن عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ سوين ڪتاب لکيا هئا. هو ڪلهوڙن جي دور جو وڏو عالم هو ۽ سن ۱۷٦۱ع (۱۱۷۴هـ) ۾ وفات ڪيائين. مخدوم صاحب جي باري ۾ تازو جناب عبدالرسول قادري صاحب مفصل تحقيق ڪري، پنهنجو ڊاڪٽوريٽ جو مقالو مڪمل ڪيو آهي.

۱۵. سنڌي نثر جي تاريخ، ص ۳۵۰.

١٦. پهريون سنڌي جنهن ١٨٦٥ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجيوئيشن ڪئي، اهو چوهڙ مل ڪندن مل پنجابي هو (ڏسجي ڀيرو مل مهر چند آڏوائيءَ جو ڪتاب: "سنڌ جي هندن جي تاريخ"، ص ١٦٢، نئون ڇاپو، بمبئي ١٩٩٠ع).

(ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، سيپٽمبر ١٩٩٢ع ۾ ڇپيل).

# فارسي ادبيات

سنڌ جي تاريخ جو پهريون بنيادي ماخذ "چچ نامه" آهي. خود ان جي اصل مصنف ۽ تصنيف جي سال بابت پڻ ڪا ڄاڻ نہ ٿي ملي. گهڻو پوءِ هي ڪتاب سن ٦١٣هہ ۾ فارسي زبان ۾ ترجمو ٿيو ۽ اهو ئي ايڊيشن عالمن جو آڏو رهيو. ان بعد چئن صدين تائين، ڪهڙا ڪتاب سنڌ بابت تيار ٿيا، ان متعلق اسان کي ڪابہ ڄاڻ نہ ٿي ملي. مير معصوم سن ١٠٠٩هہ ڌاري "تاريخ معصومي" لکي، ان ماٺ کي ختم ڪيو. يارهين صدي هجريءَ ۾، تاريخ نويسيءَ جو هي شروع ٿيل دور "ترخان نامه" جي تصنيف (١٠٦٥هہ) تي پورو سمجهيو ويو. بعد ۾ وري هڪ صدي تائين، سنڌ اندر ٿيل تاريخ نويسيءَ بابت هڪ خال ڏسجي ٿو. ميان نور محمد جي هڪ درباري مؤرخ سن ١١٥٥ هہ ۾ "نامه نغز" لکي وري هن سلسلي کي قائم ڪيو ٿو ڏسجي. پر سوال ٿو اٿي تہ هن پوري صدي ۾ (١٠٦٥ - ١١٥٥هہ) جڏهن سنڌ پنهنجي تاريخ جي پر آشوب دور مان گذري رهي هئي، هن خطي جي تاريخ ۽ جيوت بابت، ڪوبہ تاريخي ڪتاب تيار نہ ٿيو هوندو ڇا؟ ان جو جواب پڪ سان ناڪار ۾ آهي. ڪتابن جا ورق اٿلائيندي، اسان کي "ترخان نامه" ۽ "نامه نغز" جي وچ واري وقفي ۾ تيار ٿيل هڪ وڏيڪ تاريخي ماخذ جو پتو پيو آهي. هي ڪتاب ننگر ٺٽي جي منشي عبدالشڪور ١٠٨٤هہ ۾ تيار ڪيو. جيئن تہ هي ڪتاب هڪ انتخاب جو بہ منتخب هو، ان ڪري مؤلف ان جو نالو بہ "انتخاب منتخب" تجويز ڪيو.

# سنڌ ۾ مرتب ٿيل فارسي گو شاعرن جا تذڪرا

انسان هزارن سالن کان وٺي فنون لطيفہ جي ٻين برانچن سان گڏ، شعر ۽ شاعريءَ ۾ بہ خاص دلچسپي وٺندو آيو آهي. ابتدا ۾ پسنديده يا عام مروجه شعرن جا انتخاب تيار ڪيا ويا، جن کي گهڻو ڪري بياض سڏيو ويندو هو. بعد ۾ جڏهن شعري بياضن ۾، شاعر جو نالو ۽ تخلص بہ شامل ڪيو ويو، تڏهن انهن کي "تذڪره" نالو ڏنو ويو. اڳتي هلي ان ۾ شاعر جي سرسري سوانح، ڪلام تي تبصرو يا تنقيد بہ شامل ٿي وئي ۽ ائين ادب جي هن صنف مقبول عام بہ ٿي ۽ ان ۾ اصلاح ۽ اضافو بہ ٿيندو رهيو. ڊاڪٽر فرمان فتحپوري لکي ٿو:

"جيڪڏهن تذڪرن جي عام روش کي نظر ۾ رکي ڪري "تذڪره نگاري" جو مفهوم يا سندس تعريف جو تعين ڪبو تہ پوءِ هي چئي سگهجي ٿو تہ "بياض" جي سڌريل صورت جو نالو "تذڪره" آهي" (١).

جيتوڻيڪ اسان کي ڊاڪٽر صاحب جي هن راءِ سان ڪوبہ اختلاف ڪونهي، تاهم تذڪره نويسيءَ کي هڪ خاص تاريخي پس منظر آهي. اسلام جي اچڻ سان عربي تمدن، عجمي تهذيب تي حاوي ٿي ويو. عربن، تاريخ ۽ ٻين متعلقہ عنوانن تي بهترين ڪتاب تيار ڪيا. ساڳي ريت عرب ليکڪن شعر ۽ شاعرن بابت پڻ بنيادي ڪتاب لکيا ۽ پوءِ اهل عجم بہ ان ڏس ۾ قدم کنيو.

ابتدا ۾ تذڪراتي ڪتاب جي ڪابہ حد بندي نہ هئي، ان ڪري جڏهن شيخ عطار، اولياء ڪرام متعلق پنهنجو ڪتاب تيار ڪيو، تڏهن ان کي "تذڪرة الاولياء" سڏيو ويو. فارسي ادب جو هي اولين ڪتاب آهي، جيڪو لفظ "تذڪره" سان شروع ٿئي ٿو. ان بعد "تذڪره" نالي هڪ رسالو، شيخ نصيرالدين طوسي تحرير ڪيو. فارسيءَ ۾ ٽيون ڪتاب، جيڪو "تذڪره"

(١) "اردو شعرا کي تذکري اور تذکره نگاري"، صہ ١١، مجلس ترقي ادب لاهور، سال ١٩٧٢ع

نالي سان شروع ٿئي ٿو، سو دولت شاه جو ”تذڪرة الشعرا“ (٨٩٢هه) آهي. صفوين جي عهد تائين، تذڪره جو ڪوبہ مفهوم واضح نہ هو. بعد ۾ هر ان ڪتاب کي، جيڪو شاعرن ۽ شعر بابت هو، ان کي تذڪرو سڏيو ويو.

ان ريت فارسي ادب جي دنيا ۾ ”تذڪره نويسي“ جو هڪ واضح مفهوم موجود ٿيو ۽ ننڍي کنڊ توڙي ہي دنيا ۾، جتي ايراني ادب اسريو، اتي شاعرن بابت سوين ڪتاب تيار ٿيا. جيئن تہ سنڌ بہ ايران جو هڪ پاڙيسري ملڪ هو، ۽ هتي بہ صدين تائين فارسي ادب ۽ زبان تمام متانهين حيثيت ماڻي، ان ڪري هتي بہ شاعرن، خاص طرح فارسي گو شاعرن جا متعدد تذڪرا تاليف ٿيا. هيٺ اهڙن تذڪرن جو تاريخي تسلسل جي لحاظ کان ذڪر ڪجي ٿو، تہ جيئن سنڌ جي ادبي تاريخ جو هي اهم باب نروار ٿي بيهي.

## (١) لباب الالباب (ٻہ جلد)

هي تذڪرو سنڌ ۾ پيدا ٿيل فارسي ادب جو هڪ اوائلي ۽ نادر نمونو آهي. سلطنت هند جي شروعاتي دور ۾، اتر سنڌ ۽ ملتان تي ناصر الدين قباچہ (٦٠٢-٦٢٥ هه) نالي هڪ علم دوست حاڪم راڄ ڪندو هو. هن جي درٻار ۾ وڏا وڏا شاعر ۽ اهل قلم پليا ۽ نپنا. ان دور ۾ نہ صرف سنڌ جو، پر مجموعي طور تي فارسي زبان ۾، شاعرن جو پهريون تذڪرو ”لباب الالباب“ نالي سان تيار ٿيو.

هن تذڪري جو مؤلف سديدالدين محمد عوفي، بخارا ۾ ڄائو ۽ تعليم ورتائين. پاڻ پنهنجو نالو هن ريت ٻڌايو اٿس: ”محمد بن محمد عوفي“.

سندس لقب تي علمي دنيا ۾ ڪافي اختلاف ڏسجي ٿو. ڪيس سديدالدين، نورالدين ۽ جمال الدين لقبن سان سڏيو ويو آهي، تاهم سندس صحيح لقب ”سديدالدين“ آهي (١).

لقبن جي هن اختلاف سبب، محققن هڪ بجاء متعدد ”عوفي“ پيدا ڪري وڌا آهن. عوفي عملي دنيا ۾ قدم رکندي ڏاڍا ڏک ڏٺا ۽ ڪيئي شهرن جو، روزگار جي سانگي سير سفر ڪيائين. هن سن ٦١٧هه تائين خراسان ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتان پوء مغل انتشار ۽ برباديءَ سبب، ساڳئي سال ۾ سنڌ پهتو. ان وقت اتر سنڌ جو حاڪم ناصرالدين قباچہ هو، جنهن جو

---

(١) ڊاڪٽر علي رضا نقوي: ”تذڪره نويسي فارسي در هندو پاڪستان“ صہ ٦١، تهران ١٩٦۴ع

مرڪز "اچ شريف" هو. سنڌ پهچي عوفي، قباچہ جي دربار سان لاڳاپجي ويو. خدا جي ياد سان گڏ، هن پاڻ کي اچ ۾، تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول رکيو. قباچہ جي زوال بعد (٦٢٥هہ)، عوفي التمش جي دربار ۾ شامل ٿي ويو، جتي شايد سن ٦۴٥هہ ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪتابي ذخيري جو هن ريت احوال مليو آهي:

(i) لباب الالباب (تذڪرو).

(ii) الفرج بعد الشدة، فارسي ترجمو، انتساب قباچہ (تصنيف قاضي ابي الحسن بن علي التنوخي، وفات ٣٨۴هہ).

(iii) جوامع الحڪايات، چار جلد (قباچہ جي فرمائش تي لکجڻ شروع ٿيو، جو پوءِ ٦٢٨ هہ ڌاري پورو ٿيو)، ۽

(iv) مدايح السلطان (قصيدا، گم ٿيل).

لباب الالباب، سن ٦١٨هہ / ١٢٢١ع ۾، اچ ۾ قباچہ جي دربار ۾ تيار ٿيو ۽ مؤلف پنهنجي هن مثالي تذڪري جو انتساب، وزير عين الملڪ فخرالدين الحسيني اشعريءَ جي نالي ڪيو. هن ڪتاب کان اڳ، فارسي زبان ۾ شاعرن جو ڪوبہ تذڪرو تيار نہ ٿيو هو، انڪري اسان جي هن عالم، ادب جي هن ميدان تي قلم آزمائي ڪئي. پاڻ لکي ٿو:

"شک نيست که در اين شيوه در طبقات شعراي عرب چند تاليف ساخته اند.... و لکن در طبقات شعراي عجم هيچ تاليف مشاهده نيفتاده و هيچ مجموعه در نظر نيامده" (تذڪره نويسي فارسي در هندو پاڪ، ص ٢).

جيتوڻيڪ ابتدا ڪان ڪري اچ ڏينهن تائين، هن تذڪري جي قدامت تي بحث جاري آهي، تاهم عالمن ۽ نقادن مشهور عالم ۽ مؤرخ مير غلام علي بلگرامي آزاد (ٻارهين صدي هجري) جي هن راء سان پورو اتفاق ڏيکاريو آهي، تہ پوءِ جا سڀ تذڪره نويس ادبي خيال کان عوفيءَ جو اولاد آهن.

"جميع تذڪره نويسان متاخر در تحرير احوال شعراء اقدم القدما عيال اويند" (١).

ان ڏس ۾ وڌيڪ مطالعي ۽ بحث مباحثي لاءِ، ڊاڪٽر علي رضا نقوي جو

---

(١) ڊاڪٽر فرمان فتحپوري: "اردو شعراء ڪي تذڪري اور تذڪره نگاري" صہ ١٨، مجلس ترقي ادب لاهور، سال ١٩٧٢ع.

ڪتاب "تذڪره نويسي فارسي در هندو پاڪستان" ڏسڻ گهرجي.

عوفيءَ جو هي تذڪرو ٻن جلدن ۾ تحرير ٿيل آهي، جن ۾ ٻارهن باب آهن. ياد رهي تہ آخري باب، سنڌ جي ادبي درٻار متعلق مواد فراهم ڪري ٿو.

ڪجهہ عالمن ۽ محققن جو رايو آهي تہ عوفيءَ ڪان هي تذڪرو تيار ڪندي، ڪيئي غلطيون سرزد ٿيون آهن، تاهم لباب الالباب سوانحي، ادبي، شعري ۽ تمدني تاريخ جو اهو لازوال رفرنس بڪ آهي، جنهن جو ڪيئي ملڪن ۽ شهرن تي ڪم ڪندي، حوالو وٺڻ ناگزير ٿي پيو آهي. حقيقت ۾ عوفي جيڪڏهن ان دور ۾، هن موضوع تي قلم نہ کڻي ها، تہ پوءِ پڪ سان وچ ايشيا، ايران، خراسان ۽ هند - سنڌ جي، اوائلي علمي تاريخ جا ڪيئي گوشا اڃ گم هجن ها. هي تذڪرو پوءِ جي عالمن لاءِ، جن ان موضوع تي قلم کنيو، هڪ مشعل راه بڻيو آهي.

عوفيءَ جو هي تذڪرو جيتوڻيڪ سنڌ ۾ تيار ٿيو، ليڪن سنڌي عالمن اڄ ڏينهن تائين، ان کي هتي جي ادبي تاريخ ۾ مناسب اهميت تہ نہ ڏيو، پر ان جو ذڪر ڪرڻ بہ مناسب نہ سمجهيو آهي. هونءَ تہ اسان جي ادبي اتهاس ۾ عوفي ابتدا کان نظرانداز پئي ٿيو آهي، تاهم موجوده دور ۾ پهريائين ڊاڪٽر سدا رنگاڻي (ڪتاب، سنڌ جا فارسي گو شاعر، انگريزي) ۽ پوءِ مسٽر محمد حسين پنهور (ڪتاب، سنڌ جي واقعاتي لغت، ص ۴۲ - ۲۵۱، انگريزي)، خاص طرح سان ان ڏس ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. تعجب آهي تہ پنهور صاحب، ان دور ۾ سنڌ کان ٻاهر جي ٿيل تصنيف تاليف کي تہ پنهنجي ڪتاب ۾ خاص جڳهہ ڏني آهي، تاهم لباب الالباب ڪانئس بلڪل وسري ويو ٿو ڏسجي. ان کان علاوه پاڪستاني تذڪره نويسن پڻ، ان ڏس ۾ ڪا وڏي سخاوت نہ ڏيکاري آهي، البتہ ايراني عالمن، سنڌ جي هن مثالي ادبي ڪاوش جو اعتراف بلڪل کليءَ دل سان ڪيو آهي.

"و لباب الالباب را در آنجا بنام حسين بن شرف الملک تاليف نموده و او وزير ناصرالدين قباچہ بود کہ تا ٦٢٥ در قسمت سند و هندوستان سلطنت داشت و علماي ايران را کہ از دست مغول فرار ميکردند حمايت مينمود"(١).

---

(١) ڊاڪٽر رضازاده شفق: "تاريخ ادبيات ايران"، ص ٣٦٣، چاپ دوم.

هن تذڪري جو پهريون جلد لنڊن ۽ ليڊن مان، پروفيسر برائون سال ١٩٠٣ع ۾ شايع ڪيو. ساڳئي عالم، مرزا محمد قزوينيءَ سان گڏجي لباب جو ٻهريون جلد سال ١٩٠٦ع ۾ ڇپرو ڪيو. ڪتاب جو ٻيون ۽ گڏيل ايڊيشن، اضافي تعليقات سان، مرحوم سعيد نفيسي، سال ١٩٥۴ع / ١٣٣٥هه ش ۾، تهران مان نروار ڪيو آهي.

## (٢) روضة السلاطين

ناصر الدين قباچہ جو اختتام، سنڌ ۾ فارسي ادب جي ابتدائي باب جي پڄاڻي ثابت ٿيو. ان بعد جيتوڻيڪ هي زبان دهلي ۽ لاهور ۾ بدستور سرڪاري زبان رهي، تاهم برصغير ۾ فارسي گو شاعرن جا ٻہ وڏيڪ تذڪرا، وري بہ سنڌ جي سرزمين تي تيار ٿيا. ارغوني راڄ جيئن ئي شروع ٿيو، فارسي زبان سنڌ ۾ وري سرڪاري سرپرستي حاصل ڪري ورتي. هڪ طرف ارغون قتل و غارت ۽ خونريزي ۾ مشغول هئا، تہ ٻئي طرف واندڪائي ۽ فراغت ۾، هنن پنهنجي درٻار ۾، فارسي شعر و سخن جي بزم بہ جاري رکي. ان زماني ۾ سنڌ جي درٻار ڪابل، قنڌار، وچ ايشيا، خراسان ۽ ايران جي عالمن توڙي شاعرن سان ڀري پئي هئي.اهڙي پُر آشوب ۽ هنگامه خيز دور ۾، ننگر ٺٽي ۾ فخري هروي قلم کڻي، ۽ فارسي زبان ۾ شاعرن جا ٻہ منفرد تذڪرا تيار ڪري ڏنا.

"روضة السلاطين" جي صاحب جو نالو سلطان محمد، تخلص فخري ۽ سندس والد جو نالو محمد امير يا محمد اميري هو. سلطان محمد هرات ۾، سن ٩٠٣هه ڌاري ڄائو. سندس پرورش اتي ئي ٿي. پاڻ جڏهن عملي دنيا ۾ قدم رکيائين، تڏهن ڪيس شاه اسماعيل صفوي، شهزادي سام ميراز، امير درميش خان واليء هرات ۽ مرزا شاهہ حسن ارغون جي درٻار ۾ پذيرائي حاصل ٿي.

صفوين جي مذهبي پاليسي، خراسان ۾ ڏڪر توڙي امن مان جي اٿاٿ ۽ هند - سنڌ ۾، فارسي علم ادب جي سرپرستي ڏسي، ڪيئي عالم ۽ شاعر ننڍي کنڊ ۾ داخل ٿيا. اهڙن اديبن ۾ فخريءَ جو نالو مٿانهين حيثيت رکي ٿو. هي صاحب سن ٩٥٣هه ۾ سنڌ پهتو، جتي ڪيس شاهہ حسن ارغون، مرزا

عيسيٰ ترخان ۽ سندس زال حاجي ماه بيگم (اول زال شاهہ حسن)، وٽ وڏي پهچ ۽ رسائي حاصل ٿي. هي صاحب ڏهن سالن بعد، سن ٩٦٣هہ ۾ هندستان ڏي راهي ٿيو، جتي ڪيس اڪبر جي دائي ماهم انگه وٽ رسائي حاصل ٿي. تذڪرن ۾ سندس ذڪر، سن ٩٧٠هہ تائين ٿيو آهي. ان بعد هي پرڏيهي عالم ڪيڏانهن ويو، سا خبر صرف منهنجي مالڪ کي آهي. سندس ڪتابي ذخيرو هن ريت آهي:

(i) هفت ڪشور (٩٢٧هہ، انتساب شاهہ اسماعيل صفوي)
(ii) لطائف نامه (٩٢٨هہ، مير علي شير نوائي جي "مجالس النفائس" جو ترجمو)
(iii) تحفة الحبيب (٩٢٩هہ، شاعري)
(iv) روضة السلاطين (٦-٩٥٨هہ)
(v) صنايع الحسن (بعد ٩٥٨هہ)
(vi) جواهر العجائب (شعبان ٩٦٢هہ) ۽
(vii) ديوان فخري.

روضة السلاطين، سن ٩٥٨هہ / ١٥٥١ع ۾، ننگر ٺٽي ۾ مرتب ٿيو، ۽ سنڌ جي حاڪم مرزا شاهہ حسن ارغون جي نالي منسوب ٿيو. مؤلف هن تذڪري تيار ٿيڻ جو سبب ٻڌائيندي لکيو آهي ته: هڪ ڀيري ارغوني درٻار ۾ شاهہ حسين بايقرا جو ديوان پهتو ته سنڌ جي حاڪم ان جو وڏو قدر ڪيو. هي حالت ڏسي فخري هروي خيال ڪيو ته ڇو نہ اهڙن حاڪمن، بادشاهن ۽ وزيرن جو تذڪرو تيار ڪجي، جن ڪڏهن ڪڏهن شعر جي ماٿريءَ ۾ بہ قدم رکيو آهي. هو لکي ٿو:

"بنان بران، اين مختصر را چون اوراق كل، از هر بوستان براي تفريح خاطر دوستان، فراهم آوردم، و - روضة السلاطين - نامش كردم" (ديباچہ، صہ ٣).

متئين مذڪور مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي تذڪرو عامي ڪونهي، پر هڪ خاص قسم جو تذڪراتي ڪتاب آهي. هن جو سٽاءُ هن ريت آهي:

باب اول : شعر تي شعر نالو ڪيئن پيو؟ مؤلف جو خيال آهي ته فارسي شعر جي ابتدا، بادشاهہ بهرام گور کان ٿي.

باب ٻيون: چغتائي بادشاهہ ۽ ازبڪ سلاطين، جن شعر چيو.

باب ٽيون: امير تيمور جي اولاد مان شاعر بادشاهن جو ذڪر، جن سمرقند ۽ بخارا تي حڪم هلايو.

باب چوٿون: عراق ۽ روم جا شاعر بادشاه.

باب پنجون: ننڍي کنڊ ۽ ٻين ملڪن جي بادشاهن جو احوال.

باب ڇهون: اهي امير (شاه بيگ ارغون سميت)، جن شعر چيو، ۽

باب ستون: شاهہ حسن ارغون جو ذڪر.

"لباب الالباب" کانپوءِ فخري جو "روضة السلاطين" پڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ جو يگانو، منفرد ۽ لازوال شهپارو آهي، جنهن ۾ اهڙن حڪمرانن، بادشاهن ۽ اميرن جو ذڪر ملي ٿو، جن فارسي يا ترڪي ٻولين ۾ شعر چيو. مجموعي طور تي ننڍي کنڊ جو هي پهريون تذڪرو آهي، جيڪو سرزمين سنڌ تي تحرير ٿيو. نقادن جو خيال آهي تہ هن تذڪري جي ذريعي، ادبي تاريخ جا ڪي اهم ڪردار گم ٿيڻ کان بچي ويا ۽ هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويا آهن. "روضة السلاطين" پهريون ڀيرو ڊاڪٽر عمر خيام پور سال ۱۹٦۴ع / ۱۳۴۵ هہ ش ۾، تبريز مان شايع ڪيو. محترم سيد حسام الدين راشدي، هن ايڊيشن کي ناقص سڏيو آهي. ٻيو ڀيرو راشدي صاحب ان کي سال ۱۹٦۸ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ ذريعي ڇاپيو آهي.

## (۳) جواهر العجائب

هي تذڪرو پڻ فخري هروي جي جاکوڙ جو ڦل آهي، جيڪو ۹٦۲ هہ / ۱۵۵۵ع ۾، ٺٽي ننگر ۾ تيار ٿيو، ۽ مرزا عيسيٰ ترخان جي زال حاجي ماه بيگم جي نالي منسوب ٿيو. مؤلف جڏهن هندستان پهتو، تڏهن چند ڏوڪڙن خاطر، تذڪري جو ديباچو تبديل ڪري ان ۾ اڪبر جي دائي ماهم انگه جي نالي هڪ قصيدو شامل ڪري، ان کي هن خاتون جي نالي منسوب ڪري ڇڏيائين.

نقادن هن تذڪري جي ناقص هجڻ تي خوب چوه پٽي ڇنڊيا آهن، ليڪن راشدي صاحب جي راءِ آهي تہ:

"جواهر العجائب، تذڪرن ۾ انڪري اهم آهي جو فارسي زبان ۾ هي

ڀهريون تذڪرو آهي، جيڪو عورت شاعرن لاءِ مخصوص آهي. ان کان اڳ عوفيءَ فقط هڪ شاعره "رابعه خضداري" جو ذڪر ڪيو آهي. دولت شاهه بہ، صرف ٻن عورت شاعرن جو احوال ڏنو، ليڪن فخري "جواهر العجائب" لکي، ڀهريون ڀيرو دنيا کي ايڪنيهہ شاعرات سان روشناس ڪرايو ۽ پوين لاءِ هڪ راه تيار ڪئي" (مقدمو، صہ ٧٠).

فخري جن شاعرات جو ذڪر ڪيو آهي، انهن ۾ چند خاص نالا هي آهن: دل آرام، بيبي عائشه رضيه، بيبي فاطمه رضيه، بيبي زليخا، مهستي گنجوي ۽ سنائي وغيره.

ماهر انگه واري انتساب، پوئين دور ۾ هن تذڪري متعلق ڪافي الجهن پيدا ڪئي آهي. هن انتساب سبب، هندي عالمن هي سمجهيو تہ فخري هي تذڪرو سن ٩٦٣هہ ۾، انڊيا ۾ ترتيب ڏنو. هند جي تعلق سبب، نولڪشور مرحوم هن تذڪري جا ٻہ ايڊيشن (آگسٽ ١٨٨٠ع ۽ جون ١٨٧٣ع) شايع ڪيا. ان کان علاوه شمس الله قادري صاحب ٻڻ رسالي اردو ذريعي، جواهرالعجائب جو ٽيون ايڊيشن (جولاءِ ١٩٢٨ع) ۾ ڇڏرو ڪيو. نولڪشور جي ڇاپي ۾ ٢٧ ۽ قادري صاحب واري ايڊيشن ۾ ٢٦ شاعرات جو ذڪر ٿيو آهي.

ليڪن جيئن مٿي ذڪر ٿيو، هي تذڪرو دراصل سنڌ ۾ سن ٩٦٢ هہ ۾ ترتيب هيٺ آيو ۽ خاص طور مرزا عيسيٰ جي زال لاءِ تيار ٿيو. سنڌي نسبت جي ڪري، جناب سيد حسام الدين راشدي، جواهر العجائب نئين سري سان ايڊٽ ڪري سال ١٩٦٨ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ڪل ايڪنيهہ عورت شاعرن جو ذڪر ملي ٿو. انڪري چئبو تہ هن تذڪري جو سنڌ وارو هي ڇاپو معياري ۽ مڪمل آهي.

فاضل ايڊيٽر هنن ٻن تذڪرن سان گڏ، فخريءَ جو دستياب شعري ذخيرو، اردو مقدمي سان هڪ جلد ۾ شايع ڪيو آهي. راشدي صاحب جو مقدمو ۽ تعليقات بلاشبه بيحد قيمتي آهن. مقدمي ۾ پير صاحب، سنڌ اندر فخريءَ جي هڪ وڏيڪ تيار ٿيل ڪتاب "صنايع الحسن" جا اقتباس ۽ ديباچو ٻڻ شايع ڪري، هميشه هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

## (۴) تحفه رشيدي؟

ارغونن ۽ ترخانن کانپوءِ، سنڌ جو صوبو دهليءَ جي مغلن جي قبضي ۾ اچي ويو. مغل نوابن ۽ ڪاردارن، شاهي پاليسي پٽاندر، سنڌ ۾ پڻ فارسي علم - ادب جي خوب سرپرستي ڪئي. ان دور ۾ هتي جي تاريخ بابت - تاريخ معصومي، بيگلارنامه، تاريخ طاهري، مظهر شاهجهاني ۽ ترخان نامه وغيره - نالي چند ڪتاب تيار ٿيا. ليڪن تعجب آهي ته سنڌ ۾ هن پوري دور ۾، شاعرن جو هڪ به تذڪرو تيار نه ٿيو!

هندستان ۾ هڪ بزرگ مرزا امير بيگ، سن ١٢٦٢هه ۾ "حدائق الشعر" نالي سان، شعراء ڪرام جو تذڪرو تيار ڪيو، تڏهن سندس ماخذن ۾ تحفه رشيدي نالي هڪ ڪتاب پڻ ڏسجي ٿو. هي ڪتاب ٺٽي جي علامه عبدالرشيد (وفات ١٠٦٩ هه) ترتيب ڏنو هو. جناب سيد حسام الدين راشدي، جنهن هن ڪتاب جو پتو لڳايو، ان جو چوڻ آهي ته علامه صاحب جو هي ڪتاب گم ٿي ويل آهي، انڪري في الحال ان جي ڪيفيت متعلق ڪجهه چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. (رسالو مهراڻ، ص - ١١٨، ١٩٨٠ع / ١ - ٢). علامه مرحوم جي هن ڪتاب جي ڪيفيت وارو سوال، آئنده جي ادبي تذڪره نگارن واسطي ڇڏي، اسين سنڌ ۾ تيار ٿيندڙ ٻين تذڪرن جو ذڪر ڪنداسين.

## (۵) يد بيضا

سنڌ ۾ مغل شاهي بعد هڪ مقامي قبيلي "ڪلهوڙن" جو راڄ شروع ٿيو. هي دور علمي ۽ ادبي خيال کان، هتي جي اتهاس ۾ مثالي ٿي گذريو آهي. ابتدائي ڪلهوڙا حاڪم جيتوڻيڪ اندروني طرح خودمختيار هئا، ليڪن خارجي سطح تي هنن کي ڪڏهن به اطمينان ۽ سک حاصل نه ٿيو. خودمختيار هوندي به، ڪجهه معاملن ۾، کين دهلي دربار جي تابعداري ڪرڻي پوندي هئي. ميان نورمحمد (وفات ١١٦٧هه) جي زماني تائين، هتي جي معاملن لاءِ رپورٽنگ واسطي، شاهي گماشتن ۽ وقاع نويسن جي آمد جو سلسلو جاري هو. اهڙن وقائع نويسن مان، بلگرامي ساداتن کي، هتي جي تاريخ ۾ مکيه جڳهه مليل آهي.

ابتدا ۾ بکر ۽ سيوهڻ تي، مير عبدالجليل بلگرامي وقائع نويس مقرر ٿيو.

بعد ۾ سندس فرزند سيد محمد کي مقرر ڪيو ويو، جيڪو سن ١١٥٥هه تائين سنڌ ۾ ڪم ڪندو رهيو. ڪجهه عرصي لاءِ، سندس پاران مير صاحب جي ڀاڻيجي، مير غلام علي آزاد (١١٤٣-١١٤٧هه) نيابت ڪئي. آزاد جو مرڪز سيوهڻ هو، تاهم سندس اچڻ وڃڻ "خداآباد" ۾ پڻ جاري رهيو.

مير غلام علي آزاد (١١١٦ - ١٢٠٠هه) هندستان جو هڪ ناميارو عالم ۽ شاعر توڙي تذڪره نويس ٿي گذريو آهي. مير صاحب سنڌ کان واپس ٿيڻ تي، حج بيت الله جي زيارت لاءِ روانو ٿيو. سندس اڪثر وقت دکن ۾ گذريو. سندس وفات پڻ اتي ٿي. هن عربي ۽ فارسي ۾، شعر توڙي نثر جا ڪل ويهه ڪتاب ڇڏيا آهن، جن ۾ "سرو آزاد"، "خزانه عامره" ۽ "ماثرالڪرام" کي خاص اهميت حاصل آهي.

مٿين ڪتابن کان علاوه، مير صاحب سيوهڻ ۾ رهندي سن ١١٤٥هه / ١٧٣٢ع ۾ هڪ تذڪرو "يدبيضا" تيار ڪيو. پاڻ هن تذڪري جي تاليف جو پس منظر هن ريت ڄاڻايو اٿس:

"هن اکرن جو لکندڙ سيد غلام علي بن سيد نوح حسيني بلگرامي، اڪثر سوچيندو هو ته قديم ۽ موجوده شاعرن جو ڪو تذڪرو تيار ڪجي. اتفاق سان سن ١١٤٣هه ۾، سنڌ جي شهر سيوهڻ پهتس. فرصت ۾ هي پراڻو خيال وري جاڳيو. ليڪن ڪتابن جي اثاث (جيڪي اڪثر بلگرام ۾ آهن) ڪري، هن خيال کي تقويت نه پئي ملي. بهرحال، همت ڪيم ۽ ١١٤٥هه ۾ ڪم شروع ڪري سال ۾ پورو ڪيم".

آزاد جي هن تذڪري ۾ ٥٣٢ متقدم ۽ متاخر شاعرن جو احوال آيل آهي، جن مان چند معروف شاعرن: انوري، خاقاني ۽ سنائي غزنوي جو ذڪر ڪجهه تفصيل سان ٿيو آهي. ڊاڪٽر نقويءَ جو رايو آهي ته هن تذڪري ۾ اڪثر ڪري، پوين ۽ غير معروف شاعرن جو مفصل احوال ملي ٿو (١). جيتوڻيڪ آزاد جا ٻيا تذڪرا طبع ٿي چڪا آهن، ليڪن "يد بيضا" پنهنجي سنڌي نسبت جي ڪري اڃا تائين شايع نه ٿيو آهي. هند ۽ سنڌ توڙي يورپ ۾ ان جا ڪجهه نسخا موجود آهن ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي مڪيه ڪتبخاني ۾ "يدبيضا" جو مائڪرو فلم پڻ موجود آهي. ڳڙهي ياسين ۾ مولانا محمد ابراهيم جي ڪتبخاني ۾ به هڪ نسخو ملي ٿو.

---

(١) مير غلام علي آزاد ۽ سندس تذڪري متعلق، ڊاڪٽر علي رضا جي ٿيسز "تذڪره نويسي فارسي در هندو پاڪستان" تان مدد ورتل آهي.

## (٦) مقالات الشعرا

ڪلهوڙن جي دور ۾، سنڌ ۾ فارسي گو شاعرن جو هي ٻيو تذڪرو تيار ٿيو ڏسجي ٿو. هن تذڪري جي مؤلف مير علي شير قانع جو تعلق ٺٽي جي شڪرالاهي ساداتن سان آهي. قانع، سيد عزت الله جي گهر سن ١١٤٠هه ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم توڙي تربيت ٺٽي ۾ ٿي. سن ١١٧٥هه ۾، ڪيس سنڌ جو سرڪاري مؤرخ مقرر ڪيو ويو، ليڪن ٿوري ئي عرصي اندر پاڻ کي ان عهدي کان آجو ڪري ورتائين. صرف هڪ ڀيرو سنڌ کان ٻاهر ويو ٿو ڏسجي، باقي سموري حياتي پنهنجي ديس ۾ ئي گذاريائين. گذر معاش لاءِ ڪيس سرڪاري سرپرستي حاصل رهي. فارسي نثر توڙي نظم تي، قانع کي پورو اختيار حاصل هو. هن ڪل ٽيتاليهه ڪتاب لکيا، جن مان ڪجهه ڪتابن کي سنڌ جي سلسلي ۾، همه گير اهميت حاصل آهي. مير صاحب سن ١٢٠٣هه ۾ وفات ڪئي.

مير علي شير "مقالات الشعرا"، پنجن سالن جي عرق ريزيءَ بعد سن ١١٧٤هه / ١٧٦٠ع ۾ لکي تيار ڪيو. راشدي صاحب هن تذڪري جي وجود ۾ اچڻ جو پس منظر هن ريت ٻڌايو آهي:

"مصنف ..... ١١٦٩هه ۾ جڏهن "مثنوي ڪامروپ" لکي رهيو هو، تڏهن ڪيس هن قيمتي ڪتاب لکڻ جو خيال آيو. ان سال ڪم شروع ڪري، قانع ان کي ١١٧٤هه ۾ لکي پورو ڪيو."

ان دور ۾ سنڌ جي علمي دنيا ۾، صرف ٻه تذڪرا - ڪلمات الشعرا (١٠٩٣ هه) ۽ يدبيضا (١١٤٥هه) - گشت ڪري رهيا هئا، جن تان مير علي شير پنهنجي هن لاثاني ڪتاب تيار ڪندي خاص مدد ورتي آهي. جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته، هتي فارسي زبان ۾، شاعرن جا تذڪرا گهڻو اڳ لکجڻ شروع ٿي چڪا هئا، ليڪن "مقالات الشعرا" کي هن موضوع تي خاص اهميت حاصل آهي.

مير صاحب جو هي تذڪرو اٺاويهن بابن تي مشتمل آهي. مؤلف پيش

لفظ ۾ ڪتاب لکڻ جو پس منظر ۽ شعر جي فضيلت جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل ٧١٩ شاعرن جو ذڪر اچي ٿو، جن کي هن ريت ورهائي سگهجي ٿو:

i- اهي شاعر جي سنڌي هئا، يا وري ڪم ڪار سان ٻين ملڪن کان هت پهتا ۽ سنڌ ۾ ئي فوت ٿيا ۽ انهن جو زمانو پڻ معلوم آهي. هي حصو سنڌ جي ادبي تاريخ جو هڪ اهم باب نروار ڪري ٿو.

ii- اهي شاعر جي ڪم ڪار سان سنڌ ۾ آيا ۽ پوءِ واپس وطن موٽيا.

iii- اهي شاعر جن جو زمانو معلوم ڪونهي.

"مقالات" ذريعي مير قانع، سنڌ جي پنجن صدين جي ادبي تاريخ هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏي آهي. ادراڪي بيگلاري، آزاد، اڪبر بادشاهه، ٻالچند ٺٽوي، مير معصوم بکري، مخدوم بلال، شيخ حماد، محمد علي حزين، سرمد، شاهه ينائي، عثمان مرندي، ملا محب علي سنڌي، محسن، ڄام نندو ۽ بابر بادشاهه هن تذڪري جا ڪجهه ڪردار آهن.

مير صاحب هي ڪتاب سليس فارسي نثر ۾ تحرير ڪيو آهي. "مقالات" ادبي تاريخ کان علاوه سنڌ جي معاشرت، تمدن ۽ سياسي تاريخ جو پڻ هڪ اهم ماخذ آهي. قانع هن ڪتاب ۾ پاڻ متعلق ١١٥ صفحا تحرير ڪيا آهن. محترم سيد حسام الدين راشدي هي تذڪرو جامع فارسي پيش لفظ، معلوماتي حاشين ۽ ناياب تصويرن سان سينگاري، سال ١٩٥٧ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ذريعي ڇاپيو آهي. راشدي صاحب "مقالات" بابت تعليقات جي صورت ۾، هڪ الڳ ڪتاب پڻ تيار ڪرڻ گهريو ٿي، ليڪن خود سندن چوڻ موجب "پنهنجن جي بدذوقيءَ سبب هي ڪم ترڪ ڪيو ويو." ياد رهي ته هن تتبع تي پوءِ، شعراءِ ڪشمير جا چار جلد ڇپيا، جن جو ذڪر هيٺ اچي ٿو.

## (٧) مجمع البلغاء (تذڪره)

هن تذڪري جو مؤلف، مير علي شير جو فرزند مير غلام علي "مائل" آهي. هي صاحب سن ١١٨١هه ۾ پيدا ٿيو. ٺٽي ۾ تعليم ۽ تربيت ٿيس ۽ اتي ئي سال ١٢٥١هه ۾ وفات ڪيائين. هي صاحب ٽالپوري دور جو، فارسي ۽ اردو زبانن جو قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. پاڻ مير ڪرم علي خان

جي درٻار سان لاڳاپيل هو. سنڌي ادبي بورڊ، مائل جو فارسي شعر "ڪليات مائل" جي نالي سان ١٩٥٩ع ۾ ڇپيو آهي. جيتوڻيڪ مير مائل شاعرن جو تذڪرو "مجمع البلغاء" نالي سان تيار ڪيو، تاهم ڪليات جي مرتب (حبيب الله رُشدي)، ان جو ذڪر نہ ڪيو آهي. راشدي صاحب هن تذڪري بابت لکيو آهي تہ:

"مير علي شير جي پٽ ۽ سنڌ جي مشهور شاعر، سنڌ جي شاعرن جو هي تذڪرو، سن ١٢١٨هہ / ١٨٠٣ع ۾ مرتب ڪيو. مسٽر ايليٽ جي فائيلن مان معلوم ٿيو تہ، تذڪري جا جملي ٦٣٩ ورق هئا ۽ هر هڪ صفحي تي ١٢ سٽون هيون. ابتدائي ارغون عهد کان وٺي ٽالپوري عهد تائين فارسي گو شاعر، جيڪي سنڌ ۾ ٿي گذريا، يا سنڌ سان جن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان واسطو رهيو، انهن سڀني جو مفصل احوال ڏنو ويو آهي. مقالات الشعرا واري سلسلي جي، هي تذڪرو هڪ جامع ۽ مڪمل ڪڙي آهي. افسوس آهي جو ان جو ڪوبہ نسخو دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. چند اقتباس ايليٽ جي فائيلن ۾ موجود آهن (ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صہ ٧٣٥).

ٽيھہ سال اڳ لکيل هن تحرير بعد، هن تذڪري متعلق اسان جي ڄاڻ ۾ ڪوبہ واڌارو نہ ٿيو آهي. خدا ڄاڻي ايليٽ بعد (وفات - ١٨٥٣ع) هي تذڪرو ڪيڏانهن گم ٿي ويو.

## (٨) زبدة المعاصرين

سيد حسين "الحسيني" هي تذڪرو تيار ڪيو. سيد صاحب ڪربلا ۾، سن ١١٨٤هہ ڌاري ڄائو ۽ وفات شيراز ۾ سال ١٢٤٩هہ ۾ ڪيائين. هن جي تعليم ۽ تربيت شيراز ۾ ٿي، جتي سندس والد شهر جو رئيس شريعت هو. بعد ۾ سيد حسين پڻ هي عهدو ماڻيو.

سيد صاحب جيتوڻيڪ سٺو شاعر هو، تاهم سندس پنج مثنوين (اشترنامه، مهروماه، وامق عذرا، ٽيئي ڇپيل تهران، ۽ الاهي نامه ۽ وصف الحال، اڻ ڇپيل نسخا تهران ۾ موجود آهن)، کان سواءِ ٻيو سڀ ذخيرو ضايع ٿي ويو. ان کان علاوه هن صاحب "زبدة المعاصرين" نالي هڪ تذڪرو بہ تيار ڪيو، جنهن متعلق خود ايرانين کي بہ ڄاڻ نہ هئي.

سيد حسيني، ٽالپورن جي سخن پروريءَ جو ٻڌي، سن ١٢٤٠هہ جي

ابتــدا ۾، شــيــراز ڪــان سنڌ لاءِ نـڪــتــو. ڪراچي بندر ڪــان هو سنڌ جي دارالحـڪـومت "حـيـدرآباد" پهـتـو. ان وقت ٽـهـرين چوياريءَ جا (١١٩٧ - ١١٤٩هـ) پويان پـ حاڪم - مير ڪرم عليءَ مير مراد علي، تخت نشين هئا. جڏهن سيد صاحب سنڌ جي دربار ۾ پهتو، تہ مير ڪرم علي پڇيو تہ، ايران مان اسان لاءِ ڪهڙو تحفو آندو اٿئي؟ تہ جواب ڏنائين:

"در بازار جوهريان و مشكناب بدكان عطاران بتحفه بردن نيكو ندانستم و باين بيت اختصار كردم" -

"بادســت تهــي آمـده ام زانكه نزيبد
جز دست تهي تحفه خـداوند كرم را!"

سنڌ ۾ چند ڏينهن ترسي، سيد حسيني واپس ايران روانو ٿيو. ان سال جي آخر ڌاري ڪيس خبر پئي تہ ڪي بزرگ شيراز ڪـان سنڌ ڏي ويٺا آهن، ان ڪري تڙتڪڙ ۾ جيڪو ڪجهہ هٿ لڳس، ان ڪي سهيڙي ڪتابي شڪل ڏئي، مير ڪرم علي خان لاءِ سوکڙي ڪري موڪلي ڏنائين. هي ڪتاب پوءِ تاريخن ۾ زبدة المعاصرين نالي سان مشهور ٿيو. جيئن مٿي ذڪر ٿيو، هي تذڪرو سن ١٢٤٠هـ / ١٨٢٨ع ۾ تيار ٿيو.

زبدة ۾ شـاعرن جي حيـاتيءَ جو احوال ڏنل ڪونهي، صرف شـاعرن جو نالو ڏيئي، ان جي شعري انتخاب ڏيڻ تي اڪتفا ڪيل آهي. سيد صاحب حروف تهجي موجب، ڪل هڪ سؤ ڇهہ شاعرن جو تذڪرو ڪيو آهي، جن ۾ اٺانوي ايراني، ست هنديءَ ڏهہ ايراني عـورتون شـاعـر، هن تذڪري جو سينگار بنيا آهن. ميرزا آزاد، منشي صاحب راءِ آزاد، ميرزا زين العابدين، سيد صابر علي ديولي، سيد عظيم الدين ديولي، مـير ڪرم علي ٽالپورءَ نواب ولي محـمـد لغاري - هندي شـاعـر اهن، جن ڪي "زبدة المعـاصـرين" ۾ جڳهہ ملي آهي. اگر ۾ هي فرض ڪيو ٿي ويو تہ، هي تذڪـرو حيدرآباد سنڌ ۾ تحرير ٿـيو، ليڪـن حقيقت هيءَ آهي تہ مـيـر صاحب، سنڌي اميـرن لاءِ پنهنجي هيءَ ڪاوش شيراز ۾ تيار ڪئي. شيراز جي نسبت سبب، ڊاڪٽر علي رضا نقوي پنهنجي ڪتاب ۾، هن تذڪري جو ذڪر صرف ضميمي (نمبر - ٢) جي حد تائين، محدود رکيو آهي. ڊاڪٽر محمد باقر سال ١٩٦٦ع ۾ هي تذڪرو ايڊٽ ڪري، اوريئنٽل ڪاليج مـيگزين لاهور ذريعي، مـختـصـر اردو

مقدمي سان ڇاپيو آهي.

## (٩) محڪ شعراء

ٽالپور دور ۾، فارسي گو شاعرن جو هي ٽيون تذڪرو سن ١٢٥٢هه / ١٨٣٦ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ محمد صالح شاملوي خراساني تحرير ڪيو. مؤلف جي سوانح بابت تمام ٿوري معلومات ملي ٿي. ان ڏس ۾ صرف ايترو معلوم ٿيو آهي ته، محمد صالح جو تعلق فتح علي شاهه قاچار (١٢١٢ - ١٢٦٠هه) جي دور سان هو. پاڻ سنڌ ۾ مير نور محمد ٽالپور (١٢٤٩ - ١٢٥٥هه) جي زماني ۾ پهتو.

ڊاڪٽر علي رضا نقوي، جنهن هن تذڪري جي نشاندهي ڪئي، هن جي تاليف جو سبب هن ريت ڄاڻائي ٿو:

”ڪيتري وقت کان همعصر شاعرن بابت ڪجهه لکڻ جو خيال هو، ليڪن بي انتها مصروفيتن ڪري ڪجهه ڪري نه پئي سگهيس. آخر سن ١٢٥٢هه، ۾ حيدرآباد سنڌ ۾....“ (١).

محمد صالح جي تذڪري ۾، ڪل هڪ سؤ ايڪاسي شاعرن جو ذڪر اچي ٿو ۽ ترتيب جي خيال کان هن جا چار حصا آهن:

(i) فتح علي شاهه قاچار جو احوال.

(ii) شهزادن جو ذڪر ١٢ عدد.

(iii) فتح علي شاهه جي اميرن جو ذڪر ٤ عدد.

(iv) فتح علي شاهه جي دور جي شاعرن جو ذڪر ١٦٤ عدد.

”محڪ شعراء، ۾، پهريون نالو فتح علي شاهه قاچار ۽ آخري نالو ميرزا وصال شيرازيءَ جو ڏسجي ٿو. محمد صالح ايراني شاعرن سان گڏ، ڪجهه هندي شاعرن جو احوال پڻ ڏنو آهي، جيڪي هن ريت آهن: چراغ علي خان آصف جاهي (-مازند راني)، عباس قلي خان نصرت دکني، برهان قلي خان لکنوي، مير محمد حسين لکنوي، ميرزا فاخر شاهجهان آبادي، ميرزا علي نقي خان لاهوري، آزاد ڪشميري،

---

(١) ”تذکرہ نویسي فارسي در هندو پاڪستان“ ص ٥٢٩، تهران ١٩٦٤ع.

نوٽ: ”محڪ شعراء“ جي واحد قلمي نسخي ۾، ديباچو اڌورو لکيل آهي، لهٰذا اڳتي ڇا هو، ان متعلق ڪابه ڄاڻ ڪانهي!

نورالعين واقف ۽ هادي بيگ شائق.

ڊاڪٽر علي رضا جو رايو آهي تہ مؤلف اڪثر اهڙن شاعرن متعلق ڄاڻ مهيا نہ ڪئي آهي، جن سان سندس ذاتي ڏيٺ ويٺ هئي. تعجب آهي تہ محمد صالح هندستاني شاعرن جي ذڪر ڪرڻ وقت انتهائي چالاڪيءَ سان سنڌ جي شاعرن کي "محڪ شعراء" مان خارج ڪري ڇڏيو آهي. افسوس جو هڪ بہ سنڌي شاعر هن تذڪري ۾ شامل نہ ٿي سگهيو. ڪاڏائين سنڌ جو، ۽ ڪاياڻين هند کي.

هن تذڪري جو واحد قلمي نسخو، لائبريري ملڪ تهران (شمارو - ۴۰۹۶) ۾ موجود آهي، جيڪو گهڻو ڪري محققن جي نظرن کان اوجهل پئي رهيو آهي.

## (١٠) تڪمله مقالات الشعرا

انگريزن سنڌ کي سال ١٨۴٣ع ۾ فتح ڪيو، تڏهن هتي انگريزي ٻولي ۽ سنڌي زبان جي سرپرستي شروع ٿي. ان ريت ارغونن جي آندل فارسي زبان زوال پذير ٿيڻ شروع ٿي. ڪمشنر فريئر صاحب، سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم جي ترقيءَ ۾ خاص دلچسپي ورتي. ان ريت اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙي ڌاري، سنڌ ۾ فارسي ادب ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جو تعداد بنهہ گهٽجي ويو، ۽ هيءَ زبان بک ۽ بيروزگاري جي علامت بنجي وئي.

فارسي پڙهسين، تيل وڪڻسين

انگريزي پڙهسين، گهوڙي چڙهسين.

تڪملہ جو مؤلف، عين ان زماني ۾ پيدا ٿيو. مخدوم ابراهيم خليل، سن ١٢۴٣هہ ۾ ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. جڏهن سندس ڄمار پندرهن ورهيہ ٿي، تڏهن سنڌ ۾ ميرن جي راڄ جو خاتمو ٿيو. خليل پنهنجي والد ميان عبدالڪريم وٽ، عربي ۽ فارسي تعليم پرائي. هن ننڍي ڄمار ۾ ئي فارسي شعر چوڻ شروع ڪيو. اڳتي هلي هن صاحب، سيد غلام محمد گدا جي صحبت ۾ اردو شعر پڻ چيو. مخدوم صاحب ابتدا ۾ "مسڪين" ۽ پوءِ "خليل" تخلص اختيار ڪيو. پاڻ سن ١٣١٧ هہ ۾ وفات ڪيائين. ڪيس مڪليءَ ۾ دفن ڪيو ويو. ادبي اثاثو هن ريت ڇڏيو اٿس؛

(i) تڪملہ مقالات الشعرا،

(ii) تحفة الفقير،
(iii) ديوان مسڪين،
(iv) ڪشڪول مسڪين (مڪاتيب)،
(v) ديوان خليل، ۽
(vi) مائده خليل (مڪاتيب).

مخدوم خليل پنهنجو تذڪرو "تڪمله مقالات الشعرا" سن ١٣٠٧ هه ١٨٩٠ع ۾ مرتب ڪيو. هن تذڪري ۾ الف - ب جي سنتاء سان، ڪل پياسي شاعرن جو ذڪر ٿيو آهي. مقامي ۽ ڌيهي شاعرن سان گڏ، هن ۾ ڪجهہ ٻاهرين شاعرن جو ذڪر پڻ ٿيو آهي. ڪتاب ۾ گهرو وچڻ سان خبر پوي ٿي تہ جيتوڻيڪ سنڌ ۾ هي زمانو فارسي شعر ۽ ادب لاءِ زوال پذير هو، تاهم هتي جي متعدد شهرن ۾ اڃان تائين هن زبان ۾ سخن جا عاشق جهجهي تعداد ۾ موجود هئا.

مير علي شير قانع جي "مقالات الشعرا" جو تڪمله سندس فرزند تيار ڪيو هو، جنهن جو سرسري ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ انگريزن جي ايندي ئي، سنڌ جي علم - ادب جا ذخيرا انگلنڊ منتقل ٿيڻ شروع ٿي ويا. اهوئي سبب آهي، جو مخدوم ابراهيم، مير مائل جي تذڪري کان بلڪل اڻ واقف هو ۽ هن صاحب پنهنجي تذڪري کي قانع جي "مقالات الشعــرا" جي سلسلي جي هڪ ڪڙي ڪري پيش ڪيــو. خليل جو هي تذڪرو، سنڌ جي فارسي ادب تي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ بنيادي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو. ان سان گڏ ئي جي نقشبندي مشائخن، لواري وارن بزرگن، سرهندي بزرگن ۽ مخدوم محمد هاشم جي گهراڻي متعلق پڻ، هي تذڪرو اهم ۽ بنيادي معلومات مهيا ڪري ٿو. موجوده سنڌ جي مثالي عالم سيد حسام الدين راشدي صاحب، سال ١٩٥٨ع ۾ هي تذڪرو سنڌي ادبي بورڊ ذريعي نروار ڪيو آهي. فاضل ايڊيٽر پيش لفظ، ناياب تصويرن، حاشين ۽ تعليقات جو اضافو ڪري، تڪمله جي اهميت کي اڃا بہ وڌايو آهي. مخدوم صاحب جو هي تذڪرو، سنڌ ۾ فارسي ادب جي حوالي سان آخري سمجهڻ گهرجي.

## (١١) تذڪره شعراءِ ڪشمير [چار جلد]

هي ضخيم تذڪرو سيد حسام الدين راشدي صاحب (١٩١١ - ١٩٨٢ع) مرتب ڪيو آهي. راشدي صاحب جي حوالي سان شعر، ادب، تذڪري ۽ تاريخ جي لڳ ڀڳ ٽيتاليهن ڪتابن جو تعداد اچي ٿو. ان کان علاوه فارسي، اردو ۽ سنڌي زبان ۾، سوين ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مقالا ۽ مضمون پڻ سندن قلم جو نچوڙ آهن.

راشدي صاحب سال ١٩٦٧ع ۾، اقبال اڪيڊمي ڪراچي (هاڻي لاهور) لاءِ، اصلح ميراز جو تذڪرو "شعراءِ ڪشمير" (تاليف - ١١٦١هه) ايڊٽ ڪيو، تڏهن کين پنهنجي هن ضخيم ڪتاب جي ترتيب جو خيال آيو. پاڻ لکن ٿا:

"…. ان دوران ڪتابن جو اڀياس ڪندي، ڪيئي اهڙا شاعر نظر تي چڙهيا، جن جو ذڪر اصلح جي تذڪري ۾ ڪونهي. اهڙن شاعرن بابت مواد گڏ ڪندي، ترتيب به ڏيندو ويس. چنانچه هن اڻن مهينن ۾، نه صرف اصلح جو تذڪرو مفصل حاشين سان تيار ٿيو، بلڪه ٻيو تذڪرو به تيار ٿيو…." (مقدمه، ص ١٩).

ابتدا ۾ هن تذڪري جي رٿا ٻن جلدن ۾ هئي، جيڪو پوءِ چئن جلدن تي پکڙجي ويو.

راشدي صاحب پهرئين جلد جي ابتدا، هن شعر ذريعي انتساب سان ڪئي آهي:

بگير اين همه سرمايه بهار، از من
كه گل بدست تو، از شاخ تازه تـر ماند

هن جلد ۾ الف کان ش تائين، ڪل هڪ سئو ويهن شاعرن جو احوال اچي ٿو. پنج سئو سورهن صفحن تي مشتمل هن تذڪري جو هي ڀاڱو سال ١٩٦٦ع ۾ اقبال اڪيڊمي نروار ڪيو.

ٻيو جلد پنج سئو ستاويهن صفحن تي آهي، جنهن ۾ ڪل چوونجاه (ص - غ)، شاعرن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. شعراءِ ڪشمير جي هن تذڪري ۾، مرزا صائب ۽ عرفي شيرازي بابت، متن کان علاوه تعليقات ذريعي پڻ ڪافي مواد سهيڙيو ويو آهي. هن جلد ۾ اٺيهن تصويرن جو سيٽ پڻ

آيل آهي، جن مان ڪجهه فوٽا مؤلف پاڻ ڇڪيا آهن. هي جلد سال ١٩٦٨ع ۾ شايع ٿيو. تازو ان جو ٻيو ايڊيشن پڻ ظاهر ٿيو آهي.

هن تذڪري جو ٽيون جلد پنج سئو چوٽيهه صفحن تي پکڙيل آهي؛ جنهن ۾ اوڻهتر شاعرن (ف – م) جو تذڪرو موجود آهي. ان سان گڏ تعليقات جي شڪل ۾ ملا شيدا ۽ فيضيءَ بابت، اضافي مواد پڻ مهيا ڪيو ويو آهي. راشدي صاحب هن جلد جي آخر ۾، ڪجهه نسب نامه ۽ تصويرون پڻ شامل ڪيون آهن. هي جلد سال ١٩٦٨ع ۾ ۽ ٻيون ڀيرو ١٩٨٢ع ۾ اقبال اڪيڊمي نروار ڪيو آهي.

شعراء ڪشمير جو چوٿون جلد، ڪل ٽي سئو چوونجاهه صفحن جي زينت بڻيو آهي. هن حصي ۾ ڪل هڪ سئو ٽيهه شاعرن جو ذڪر ٿيو آهي. مؤلف چوٿون جلد، تڪمله، تعليقات ۽ تتمه تڪمله جي اضافن سان ختم ڪيو آهي. ان کان علاوه آخر ۾ ٻن فهرستن: الف. تذڪري جي تياريءَ ۾ ڪتب آندل ماخذ؛ ب. ڪشمير متعلق مواد جي ببليوگرافي پڻ، هن جلد جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي. هي جلد سال ١٩٦٩ع ۾ پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ستاويهه فوٽا ۽ ڇئن ئي جلدن بابت انڊيڪس پڻ شامل آهي.

اسان جي سنڌي عالم، شعراء ڪشمير جو هي تذڪرو ٽن سالن جي مدي ۾ تڪميل تي پهچايو. ڪشمير بابت هي مثالي ماخذ ڪل ٻه هزار صفحن تي پکڙيل آهي، جنهن ۾ ٽي سئو ٽيهتر شاعرن جو ذڪر ملي ٿو. راشدي صاحب فارسي ڪتابن جي اڪثر ڪري ايڊيٽنگ ڪئي آهي، تاهم هي سندن اصل ورڪ آهي، جنهن کي تصنيف بجاءِ تاليف ۽ ترتيب سڏڻ بهتر ٿيندو. هن تذڪري جي تياريءَ لاءِ سوين خطي ۽ ڇپيل ديوان، تذڪرا، تاريخون ۽ بياض ڪتب آندا ويا آهن. سيد صباح الدين عبدالرحمان، هن تذڪري بابت هن ريت تبصرو ڪيو آهي؛

" .... راشدي صاحب تذڪره شعراءِ ڪشمير کي مختلف جلدن ۾ ترتيب ڏئي، ارباب علم جي ڪيئي مسئلن کي آسان بنائي ڇڏيو آهي. هن ۾ جنهن به شاعر جو ذڪر آيو آهي، ان متعلق وڏي محنت ۽ تڪليف سان سيني

تذڪرن جا اقتباس هڪ هنڌ جمع ڪيا ويا آهن، انڪري جدا جدا تذڪرن جي خاڪ ڇاڻڻ ڪان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي" (١).

سنڌ ۾ فارسي گو شاعرن بابت، خود سندن سخن جي زبان ۾ هي تذڪرا تيار ٿيا آهن، جن جو تعارف ڪرائڻ هن مضمون جو مقصد هو. سنڌ جي علمي تاريخ جي هن اهم باب ۾، آئنده ڪهڙو اضافو ٿئي، اهو خدائي بهتر ٿو ڄاڻي!

(مهراڻ، ۴ / ۱۹۸۵ع تان ڪنيل)

---

(١) "بزم تيموريہ" ص ١٦، اعظم گڑھ سال ۱۹۷۳ع.

# بيگلارنامه:
# سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ماخذ

ڪنهن به ملڪ جي "قومي تاريخ" لکندي، تاريخدانن کي خاص طرح ٻن ذريعن کان مدد وٺڻي پئي آهي. هڪ آهن قديم آثار ۽ ٻيو لکيل تاريخ (Recorded History). جيتريقدر سنڌ جي لکيل تاريخ جو واسطو آهي ته؛ سنڌ اندر جيڪو پهريون تاريخي ڪتاب لکيو ويو، سو "چچ نامہ" آهي. هي ڪتاب ننڍي کنڊ ۾ لکيل تاريخي ڪتابن ۾ سڀني کان قديم آهي. ارمان آهي ته ڪتاب جي تصنيف جي سال ۽ اصلي ليکڪ متعلق اڃا ڪوبه پتو نہ پيو آهي(١). موجوده ڪتاب سنڌ ۾ سومرن جي دور ۾ ٦١٣ هہ ڌاري، عربي زبان مان علي ڪوفي نالي هڪ بزرگ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هي ڪتاب ڊاڪٽر دائود پوٽي ايڊٽ ڪري سال ١٩٣٩ع ۾ دهليءَ مان شايع ڪرايو. موجوده زماني ۾ سنڌ جي قومي اداري هن ڪتاب جو اردو توڙي سنڌي ترجمو ڇپايو آهي.

سومرن جو دور هڪ طرف سنڌ جي آزادي ۽ سجاڳيءَ وارو دور آهي ته، ٻئي طرف هي دور ٻاهرين حملن، هلائن ۽ تباهڪارين ڪري پڻ مشهور آهي. سومرن بعد سمن سنڌ تي لڳ ڀڳ پوڻا ٻہ سؤ ورهيہ آزادي ۽ ارڏائي سان حڪومت ڪئي. ڏک آهي ته هن دور ۾ ڪنهن بہ تاريخي ڪتاب جي تصنيف جي باري ۾، هيل تائين ڪوبہ پتو نہ پيو آهي. ان ڏس ۾ هي ضرور چئبو تہ تصنيف ۽ تاليف تي ضرور هوندي؛ پر اُها بيروني حملن جي حوالي ٿي وئي (٢).

عرب دور، سومرا دور ۽ سمان دور - سنڌ ۾ عربيءَ جي عروج جا زمانا آهن. هنن دورن ۾ عربي دفتري ۽ علمي ٻولي رهي (٣). جيئن ئي سنڌ ۾ ارغون راڄ شروع ٿيو، تيئن سنڌيءَ کي ٽئين درجي جي شهريءَ واري حيثيت ڏني وئي، ۽ فارسيءَ کي سنڌ ۾ دفتري توڙي علمي لحاظ کان مڙهڻ شروع ڪيو. اسانکي هن دور ۾ جهجهي فارسي شاعري ملي آهي، پر هيل تائين سنڌ

# بيگلارن جو خاندان

امير قاسم بيگلار (۱)

امير قاسم خان زمان (۲)

امير ابوالقاسم سلطان (۳)

مير مقيم سلطان (۴)

**حاشيہ:**

۱. هي صاحب سنڌ ۾ ۹۲۸ هہ ڌاري پهتو. وفات ۹۵۴ هہ.

۲. وفات ۱۰۱۹هہ. هن جي حالات ۾ "بيگلارنامه" لکيو ويو.

۳. هن جي فرمائش تي سن ۱۰۱۰هہ ۾ ادراڪيءَ "مثنوي چنيسر نامه" لکي هئي.

۴. هن صاحب جي تحريڪ ۽ روايتن تي، مصنف "بيگلارنامه" لکي تيار ڪيو.

نوٽ: بيگلارن جو مقام اڄ بہ ٽنڊوالهيار - ٽنڊو آدم روڊ سان موجود آهي.

جي تاريخ تي هن زماني ۾ لکيل ڪو به ڪتاب دستياب نہ ٿيو آهي. البتہ ارغونن بابت هڪ ڪتاب "ارغون نامه" نالي سان هٿ لکيو ويو، پوءِ اهو هن دور ۾ لکيو ويو يا پوءِ جي زماني ۾، اهو راز خود ڪتاب وانگر گم آهي (۴). سنڌ جي تاريخ تي ٻيو اهم ڪتاب جيڪو هٿ لکيو ويو، سو آهي. "تاريخ سنڌ" المعروف به "تاريخ معصومي". هي ڪتاب ۱۰۰۹ ڌاري بکر ۾، مير محمد معصوم بکريءَ لکيو. هي ڪتاب پڻ ڊاڪٽر دائود پوٽي ايڊٽ ڪري ۱۹۳۸ع ۾ بمبئي مان شايع ڪرايو. موجوده زماني ۾ سنڌي ادبي بورڊ هن ڪتاب جا سنڌي توڙي اردو ايڊيشن شايع ڪيا آهن، ۽ سنڌالاجي ڪتاب جا ارغونن ۽ ترخانن بابت لکيل باب انگريزي ترجمي ۽ شرح سان شايع ڪيا آهن. ان بعد جيڪو ڪتاب سنڌ اندر، سنڌ جي تاريخ بابت لکيو ويو، سو آهي "بيگلرنامه" يا "بيگلار نامه". هنن سٽن ۾ اسين هن ڪتاب جي مصنف، تصنيف جي سال، افاديت ۽ اهميت توڙي اشاعت بابت ڪجهہ لکنداسين.

**مصنف:**

ورهاڱي تائين سنڌ جي تاريخ ايترو تہ اوڙاهہ ۾ پيل هئي، جو اسانجي محققن کي تاريخي ماخذن توڙي سندن ليکڪن جي باري ۾ بہ پوري ڄاڻ نہ هئي. سنڌ جو مشهور محقق مولائي شيدائي هڪ هنڌ لکي ٿو:

"بيگلار نامه ابوالقاسم خان زمان ولد شاه قاسم خان بيگلار جي تصنيف آهي. هن ۾ ترخان گهراڻي جو بيان سن ۱۰۱۷هہ کان سن ۱۰۳۶هہ تائين ڏنل آهي" (۵).

مولائي جو پهريون ڏوهہ بہ کهڙو؟ تاريخ طاهريءَ واري مصنف بہ اهڙي غلطي ڪئي تہ پوءِ مولائي ڇو نہ ڪري! سيد حسام الدين راشدي لکيو آهي تہ ان بابت مؤرخن ۽ تذڪره نگارن جو بلڪل ڏوهہ ڪونهي. ڇو تہ جڏهن مصنف پاڻ ئي، پاڻ بابت خاموش آهي تڏهن ٻين جو کهڙو ڏوهہ؟ سڀ کان اول مير قانع هن غلط فهميءَ بابت تحقيق ڪئي. تحفة الڪرام ۾ سيد صاحب لکي ٿو،

"ادراڪي بيگلار جو اڳتي مذڪور ٿيندو، "چنيسر نامه" سندس نالي منسوب ڪيو. هي جيڪي جو "منتخب التواريخ" جي مصنف ۽ مير طاهر اهو

ڪتاب سندس تصنيف لکيو آهي، انهيءَ تحقيق ۾ انهن غلطي ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته لکندڙ (مير قانع) اهو نسخو پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي ۽ انهيءَ جو مصنف اهوئي ادراڪي بيگلار آهي ۽ هي سندس ممدوح (٦).

اها ته ٿي وضاحت مثنويءَ جي باري ۾. پر قانع اميرابوالقاسم جو تذڪره ڪندي "مقالات" ۾ خود "بيگلار نامه" جي باري ۾ به وضاحت ڪئي. لکي ٿو:

"صاحب "منتخب التواريخ" "چنيسر نامه" از مصنفات او شمرده و اين بيت:

شنيدم از کساني راست تقدير
که زيور گشت ليلارا گلوگير

بشاهدي نوشته. مير طاهر محمد نسياني صاحب "تاريخ طاهري" هم قايل آن شده. امان چون "بيگلر نامه" را ديده شد هيچ ازين معني مذکور نبود. بلک تخلص ايشان "بيگلر" نگاشته. و هر گاه نسخه "چنيسر نامه" ديدم ناظمش "ادراڪي" تخلص دارد. از قبيله بيگ لار است و ايشان ممدوح اويند" (٧).

مير واضح ڪري ڇڏيو ته ابوالقاسم جو تخلص "بيگلر" ۽ بيگلارنامه يا چنيسر نامه جي مصنف جو تخلص "ادراڪي" هو. محققن کي ادراڪيءَ جي باري ۾ صرف ايتري ڄاڻ آهي ته هو ارغونن جي قبيلي "بيگلار" مان هو. قانع لکي ٿو،

"ادراڪي بيگلاري از قبيله اتراک ارغون بوده" (٨).

سندس باري ۾ تاريخ ۾ بس ايترو ئي مذڪور آهي. سنڌ جي چوٽيءَ جي محقق حسام الدين راشدي ان ڏس ۾ ڏاڍي جاکوڙ ڪئي، پر ڪيس به خاطر خواه ڪاميابي نصيب نه ٿي. راشدي صاحب ان ڏس ۾ صرف ايترو لکيو ته، هو عقيدي جو سني هو ۽ ڪيس پنهنجي ممدوح ميرابوالقاسم سلطان ۽ سندس پيءُ شاه قاسم خان زمان سان دلي عقيدت هئي. بيگلارن جو ڳڙه نصرپور هو. هي علائقو ڪيترو عرصو سندن جاگير ۾ هو. هنن عروج ۽ زوال جا ڏينهن هتي بسر ڪيا. ممڪن آهي ادراڪيءَ به سڄي حياتي هتي گذاري ۽

هتي ئي دفن ٿيو. سندس وفات ١٠٣٤ هه بعد ٿي (٩).

## سال تصنيف:

ان زماني تائين سنڌ جي تاريخ تي، سنڌ اندر ٻه ڪتاب "چچ نامو" ۽ "تاريخ معصومي" لکجي چڪا هئا. جنهن بعد سنڌ اندر جيڪو هيل تائين اسان کي علم آهي "بيگلار نامو" - ٽيون ڪتاب آهي جيڪو هتي لکيو ويو. "مثنوي چنيسر نامه" جي پيش لفظ ۾ راشدي صاحب لکيو آهي ته:

"اهو ڪتاب ١٠١٧هه ۾ لکي پورو ڪيائين ۽ ١٠٣٤ هه ۾ خان زمان جي اولاد جو مختصر تذڪرو بطور ضميمي جي ان ۾ شامل ڪيائين" (١٠).

هن ڪتاب جو سنڌ اندر لکيل تاريخي ڪتابن ۾ نمبر ڪهڙو آهي ۽ ترتيب جي لحاظ کان ڪنهن ڪتاب بعد اچي ٿو. راشدي صاحب هڪ هنڌ ان بابت لکيو آهي ته:

"جنهن دور ۾ "مظهر شاهجهاني" تاليف ٿي، ان دور ۾ سنڌ جي تاريخ تي، سنڌ اندر هي ڪتاب لکيا ويا. جن جو اسانکي علم ٿي سگهيو آهي:

| | | |
|---|---|---|
| (١) تاريخ سنڌ | مير معصوم بکري | ١٠٠٩ هه / ١٦٠٠ع |
| (٢) تاريخ طاهري | محمد طاهر نسياني ٺٽوي | ١٠٣٠ هه / ١٦٢١ع |
| (٣) بيگلار نامه | ادراڪي بيگلاري | ١٠٣٤ هه / ١٦٢٥ع |
| (٤) ترخان نامه | سيد مير محمد ٺٽوي | ١٠٦٥ هه / ١٦٥٤ع (١١). |

سنڌ جي هڪ ٻئي محقق ڊاڪٽر بلوچ تاريخ طاهريءَ جو پيش لفظ لکندي هن مسئلي تي لکيو آهي ته:

" بعد از تاريخ سند كه تاليف مير محمد معصوم بكهري (١٠٠٩هه) است و " بيگلار نامه" كه تاليف ادراكي بيگلاري (١٠١٧هه) آمد، اين تاريخ طاهري ماخذ ثالث است در باب تاريخ سند كه در اوائل قرن يا زدهم تصنيف شد " (١٢).

سال ١٩٦٤ع ۾، راشدي صاحب ان متعلق پنهنجي راءِ واضح طور لکي ٿو ته، "بيگلار نامي جي تصنيف جو سال ١٠١٧هه / ١٦٠٨ع آهي" (١٣).

تازي دور ۾ ايم. ايچ. پنهور "بيگلار نامه" جي تصنيف بابت، هڪ ٻئي ڪتاب ۾ ٻه رايا قائم ڪيا آهن (١٤)-

(i) سال ١٠١٧ هہ کان ١٠٣٦ هہ تائين لکيو ويو (٣١٢ - E )
(ii) هن جي تڪميل جو سال ١٦٠٩/١٦٠٨ع آهي، پر ان ۾ پوءِ به اضافا ٿيندا رهيا (٣٣٦٣ - E ).

منهنجي خيال ۾ "بيگلار نامه" جي تصنيف جو صحيح سال ١٠١٧ هہ / ١٦٠٨ع آهي، ۽ سنڌ اندر تحرير ٿيل تاريخ ۾، ان جو نمبر ٽيون آهي. ڇو ته،

(i) خان زمان جو انتقال ١٠١٩هہ ۾ ٿيو، ۽
(ii) مير ابوالقاسم سلطان ۽ مرزا غازيءَ وچ ۾ سن ١٠١٢ هہ ۾ معرڪا ٿيا. ليڪن ڪتاب جي اصلاح يا اضافي وقت، مصنف ان ڏس ۾ بلڪل خاموش ڏسجي ٿو (١٥). بس ويٺي ويٺي ادراڪيءَ ڪي ريچڪ اچي ويو ۽ ڪتاب ۾ خان زمان جي اولاد بابت هڪ ضميمي جو اضافو ڪري ڇڏيائين. انڪري هاڻي "تاريخ سنڌ" جي اوائلي ماخذن ۾، هن ڪتاب جي پوزيشن هن ريت اچي ٿي،

(i) چچ نامه ٦١٣ هہ
(ii) معصومي ١٠٠٩ هہ
(iii) بيگلار نامه ١٠١٧ هہ
(iv) تاريخ طاهري ١٠٣٠ هہ
(v) مظهر شاهجهاني ١٠٤٤ هہ

## افاديت ۽ اهميت:

سر دست نه اسانجي اڳيان ڪتاب جو اصلي مسودو آهي، نه وري ڪا اشاعت، جو ڪتاب بابت پنهنجي راءِ ڏجي. البته سي کان وڌيڪ هن ڪتاب جي جيڪا افاديت آهي ساهيءَ ته، سنڌ جي سياسي تاريخ تي، هت جيڪي به اوائلي ڪتاب لکيا ويا، انهن ۾ "بيگلار نامه" جو نمبر تاريخي لحاظ سان "تاريخ معصومي" بعد اچي ٿو. ان قدامت جي ڪري ڪتاب جي اهميت تمام نمايان آهي. تاريخ طاهري جيڪا بيگلار نامه بعد سن ١٠٣٠ هہ ۾ لکي وئي، تنهن جي مصنف بيگلرن بابت احوال پڻ، هن ڪتاب تان ڪنيو آهي. محترم حسين پنهور ان ڏس ۾ لکي ٿو:

" هي ڪتاب شاهه قاسم ولد امير سيد قاسم بيگلر جي هدايت تي لکيو ويو. ڪتاب جي تاريخي ماخذ جي حيثيت ۾ ڪابه اهميت نه آهي. اهو سنڌ جي مختصر تاريخ ترخانن تائين ڏئي ٿو. خان زمان ۽ مرزا جان بابا ۽ هن جي فتحن جي باري ۾ معلومات ڏئي ٿو. ان سان گڏ سنڌي قبيلن جي مزاحمت جو احوال به دلچسپ پيرائي ۾ ڏنل اٿس" (١٦).

سنڌ جو هڪ ٻيو عالم سيد حسام الدين راشدي، جنهن ادراڪيءَ جي "مثنوي چنيسر نامه" ايڊٽ ڪئي آهي، سو ان متعلق لکي ٿو:

"اهو ڪتاب ترخانن جي دور جي سلسلي ۾ نهايت ئي مستند دستاويز جي حيثيت رکي ٿو، ۽ جيڪي تفصيلات منجهس ڏنا ويا آهن، اهي ٻئي ڪنهن به ڪتاب مان ملي ڪونه سگهندا. مرزا باقي، جان بابا، مرزا جاني ۽ خان زمان جي متعلق جزئيات جي حد تائين مصنف واقعات ڏنا آهن، جيڪي انهيءَ ڪتاب کانسواءِ ٻئي ڪنهن به تاريخ جي ذريعي دستياب ٿي نه ٿا سگهن".

مصنف جي دعوا آهي ته، ڪتاب ۾ خان زمان ۽ بيگلرن جا ڪارناما، هن ڪتاب اندر تفصيل سان ڏنل آهن، پر راشدي صاحب "بيگلار نامه" تي تنقيد ڪندي لکي ٿو،

(i) بيگلر خاندان جي نسل متعلق هي ڪتاب خاموش آهي،

(ii) هي خاندان سنڌ ۾ ڪڏهن پهتو، ان متعلق مصنف چپ آهي،

(iii) خان زمان ١٠١٩هه ۾ وفات ڪئي، ڪتاب ۾ ضميمه ١٠٣٤ هه ۾ داخل ٿيا، پر ادراڪي هن واقعي جو به ذڪر نه ڪيو،

(iv) مير ابوالقاسم سلطان ۽ مرزا غازيءَ جي اختلافن بابت، بيگلار نامه خاموش آهي. مرزا باقي ۽ جان بابا وارا مضمون مڪمل آهن. ڪتاب جي ابتدا توڙي انتها بلڪل اڌوري آهي (١٧).

جيئن هاڻي ذڪر ٿيو ته، سنڌ جي تاريخ جو هي اهم ماخذ "بيگلار نامه" سال ١٠١٧ هه / ١٦٠٨ع ۾ تصنيف ٿيو. تاهم پوءِ جي زماني ۾، ان ۾ اضافا پڻ ٿيندا رهيا. پوءِ جي دور ۾ مير طاهر محمد ۽ مير علي شير قانع، پنهنجن ڪتابن لاءِ، هن ڪتاب کي اهم ماخذ طور ڪتب آندو. اوڻيهين صديءَ ۾ برٽن "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ قومون" ۾ پڻ ان جو ذڪر ڪيو آهي. مشهور مؤرخ سرايليٽ سال ١٨٥٣ع ۾، ڪيپ ٽائون مان، هندستان جي

تاريخ جو پهريون جلد ظاهر ڪيو، تڏهن "بيگلار نامه" بابت پارهن صفحن جو احوال ۽ ڪجهه اقتباسن جا ترجما پڻ، پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيائين.

مرحوم محمد صديق ميمڻ سال ١٩٤٧ع ۾، هن ڪتاب جو مختصر سنڌي ترجمو، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد مان شايع ڪيو هو. سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي فارسي ڪتابن جي اشاعتي سلسلي هيٺ، انگي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ذريعي شايع ڪرڻ گهري ٿو. ليڪن ڪافي عرصو ٿيو آهي ته، هي ڪتاب اڃ تائين منظر تي نه آيو آهي (١٨).

## حوالا ۽ حاشيه

١. ڏسو مقدمو "چچ نامه"، سنڌي ترجمو.

٢. تاريخ معصومي، ص ١٥٤.

٣. غلام محمد لاکو مقالو "سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي"، اڻ ڇپيل.

٤. قانع علي شير "تحفة الڪرام" مقدمو، ص ٧. سنڌي ڇاپو.

٥. جنت السنڌ، ص ٤٢٢، ناشر سنڌي ادبي بورڊ.

- ليکڪ کي "مثنوي چنيسر نامه"، بابت به اهڙي غلط فهمي ڏسجي ٿي (ص ٤٢٢).

٦. قانع "تحفة الڪرام"، ص ٢٢٣، سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد.

٧. قانع "مقالات الشعرا"، ص ١٧-١١٨، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي.

٨. مقالات الشعرا ص ١١، تحفة الڪرام، ص ١١٢.

٩. ادراڪي بيگلاري "مثنوي چنيسرنامه"، مقدمو ص ٢ ۽ ٣، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي.

١٠. ساڳيو ڪتاب، ص ٥.

١١. يوسف ميرڪ "مظهر شاهجهاني"، مقدمو ص ٣، از حسام الدين راشدي.

١٢. مير طاهر محمد "تاريخ طاهري"، پيش لفظ، ص ٧، ۽ انگريزي تعارف ص ١٧، از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

١٣. سيد مير محمد "ترخان نامه" پيش گفتار، از سيد حسام الدين راشدي.

١٤. ايم. ايچ. پنهور "سنڌ تي مواد" انگريزي، ناشر سنڌالاجي.

١٥. حوالو (٩)، ص ٦ ۽ ٧.

١٦. حوالو (١٣)، ص ٣٠١.

١٧. حوالو (١٥)، ص ٥، ٦، ٧.

١٨. قلم تازو: اصل فارسي متن سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٠ع ۾ شايع ڪيو آهي. جڏهن ته سنڌالاجي ١٩٨٣ع ۾ مرحوم محمد صديق ميمڻ وارو ترجمو وري ڇپرو ڪيو آهي.

(مناسب اصلاح ۽ اضافي سان ماهنامه "الرحيم" مئي- جون ١٩٧٩ع تان ڪنيل).

# انتخاب منتخب: سنڌ جي تاريخ جو هڪ وڏيڪ ماخذ

سنڌ جي تاريخ جو اڀياس ڪندي، پڙهندڙ کي اڪثر ان جو تاجي پيٽو ٽٽل نظر اچي ٿو. اسلام کان اڳ جي تاريخ ته هوندئن به گم آهي، ليڪن ظلم ته هي آهي جو خود اسلامي دور جي سنڌ جا ڪيئي پهلو به اڄ تائين اسان آڏو واضح نه آهن. هن ابتر صورتحال لاءِ گهڻو ڪري تاريخ جي بنيادي ماخذن جي کوٽ کي ذميوار سڏيو وڃي ٿو. سنڌ بابت يا ته اهڙا ابتدائي دستاويز تيار نه ٿيا، يا وري مختلف سببن جي ڪري اهي ڪتاب گم ٿي ويا!

سنڌ جي تاريخ جو پهريون بنيادي ماخذ "چچ نامه" آهي. خود ان جي اصل مصنف ۽ تصنيف جي سال بابت پڻ ڪا ڄاڻ نه ٿي ملي. گهڻو پوءِ هي ڪتاب سن ٦١٣ هه ۾ فارسي زبان ۾ ترجمو ٿيو ۽ اهوئي ايڊيشن عالمن جي آڏو رهيو. ان بعد ڇئن صدين تائين، ڪهڙا ڪتاب سنڌ بابت تيار ٿيا، ان متعلق اسان کي ڪابه ڄاڻ نه ٿي ملي. مير معصوم سن ١٠٠٩ هه ڌاري "تاريخ معصومي" لکي، ان ماٿ کي ختم ڪيو. يارهين صدي هجري ۾، تاريخ نويسيءَ جو هي شروع ٿيل دور "ترخان نامه" جي تصنيف (١٠٦٥ هه) تي پورو سمجهيو ويو. بعد ۾ وري هڪ صدي تائين، سنڌ اندر ٿيل تاريخ نويسي بابت هڪ خال ڏسجي ٿو. ميان نور محمد جي هڪ درباري مورخ، سن ١١٥٥ هه ۾ "نامه نغز" لکي، وري هن سلسلي کي قائم ڪيو ٿو ڏسجي. پر سوال ٿو اٿي ته هن پوري صدي ۾ (١٠٦٥ - ١١٥٥هه) - جڏهن سنڌ پنهنجي تاريخ جي پر آشوب دور مان گذري رهي هئي، هن خطي جي تاريخ ۽ جيوت بابت، ڪوبه تاريخي ڪتاب تيار نه ٿيو هوندو ڇا؟ ان جو جواب پڪ سان ناڪار ۾ آهي. ڪتابن جا ورق اٿلائيندي، اسان کي "ترخان نامه" ۽ "نامه نغز" جي وچ واري وقفي ۾ تيار ٿيل هڪ وڏيڪ تاريخي ماخذ جو پتو پيو آهي. هي ڪتاب ننگر ٺٽي جي منشي عبدالشڪور ١٠٨٤ هه ۾ تيار ڪيو. جيئن ته هي ڪتاب هڪ انتخاب جو به منتخب هو،

ان ڪري مؤلف ان جو نالو بہ "انتخاب منتخب" تجويز ڪيو.

## پس منظر:

هاڻي اچو تہ عبدالشڪور جي هن تاليف جو پس منظر معلوم ڪريون. مغل دور ۾ هندي ننڍي کنڊ ۾، تاريخ نويسي مثالي ترقي ڪئي. هن دور ۾ سوين ڪتاب تيار ٿيا، ڪي انتخاب جڙيا ۽ ڪن اديبن وري انهن جي بہ چونڊ ڪئي. سن ١٠٥٦هہ ۾، اٽڪ جي محمد يوسف "منتخب التواريخ" نالي هڪ ضخيم ڪتاب تيار ڪيو. هن ڪتاب مڪمل ٿيڻ تي مؤلف جي دوست مير محمد بيگ بن مرزا بيگ "منتخب بي بدل" مان ان جي تاريخ ڪڍي ["منتخب" يعني ١٠٩٢ منفي "بدل" يعني ٣٦ == ١٠٥٦هہ ]. محمد يوسف هن ڪتاب ۾، پنهنجي پاران ڪابہ تحقيق پيش نہ ڪئي آهي، البتہ مختلف ماخذن جو اختصار ڪري، پنهنجو ڪتاب تيار ڪري ورتائين. ڪتاب جي مقدمي ۾، پاڻ پنهنجي ماخذن جو ذڪر ڪيو اٿس. تاريخ جو هي ضخيم ڪتاب، ابتدا کان ڪري گمناميءَ ۾ رهيو آهي، جنهن سبب ان جي ڪا خاص پذيرائي نہ ٿي سگهي، ۽ نہ وري هيل تائين اهو ڪٿي ڇپجي سگهيو آهي. منتخب التواريخ، هڪ مقدمي، پنج قسمن ۽ هڪ خاتمي تي مشتمل آهي. چوٿون قسم ٻن بابن تي آهي، ۽ ان جو ٻيون باب ايران، هند ۽ سنڌ بابت آهي. هي باب ڇهن فصلن ۾ هن ريت آهي:

١- مغل ۽ تاتار: چنگيز خان ۽ سندس جانشين ابو سعيد تائين.

٢- شاهان ايران: آل مظفر، ايلخاني، قراقيونلو، آق قيونلو، صفوي شاه عباس دوم تائين.

٣- شاهان روم: سلجوقي ۽ آل عثمان سلطان ابراهيم تائين.

٤- شاهان سنڌ: هندو راجائون، اميہ ۽ عباسي امير، سومره ٤٣٥هہ کان ٦٨٠ هہ تائين، سمہ ۽ جام ٦٨٠ هہ کان ٩١٦هہ تائين،ارغون ۽ ترخان.

٥- شاهان هند: غلامان غوري، خلجي، تغلق، سيد، افغان ۽ لوڌي.

٦- تيمور، شاهرخ ۽ سندس جانشين، عمر شيخ مرزا ۽ سندس جانشين.

جيئن اسان مٿي ذڪر ڪيو، هي ڪتاب اڄ تائين ڪٿي بہ نہ ڇپيو آهي. البتہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان جا ڪجهہ قلمي نسخا اڄ سوڌو موجود

آهن (١). شيخ عبدالشڪور نتوي، هن ضخيم ڪتاب جو انتخاب ڪيو، جيڪو ٿي هن مقالي جو موضوع آهي.

## منتخب التواريخ ۽ سنڌ:

محمد يوسف جنهن ساعت پنهنجو هي ڪتاب تيار ڪيو، تڏهن سنڌ ۾ فارسي ادب جي بزم پنهنجي اوج تي هئي. ديوان، ڪليات، تذڪرا ۽ تاريخون، نت نوان تيار ٿي رهيا هئا. مؤلف آڏو "تاريخ معصومي" ۽ "حديقة الاوليا" به هئا، جن جو ذڪر هن مقدمي ۾ ڪيو آهي. ڏسجي ٿو ته ان کان علاوه ڪجهه ٻيا ڪتاب به محمد يوسف جي سامهون هئا، جن جو تعلق سنڌ سان هو. هي صاحب سنڌ ۽ هند جي جداگانه تاريخي پس منظر ۽ تشخص کان چڱيءَ ريت واقف ڏسجي ٿو.

ان پس منظر ۾ جيئن ئي "منتخب التواريخ" تيار ٿيو، تيئن ان جا نقل سنڌ ۾ پهتا. صرف ڏهه سال پوءِ جڏهن ١٠٦٥ هه ۾ سيد مير محمد "ترخان نامه" تيار ڪيو، تڏهن هي ڪتاب سندس ماخذن ۾ ڏسجي ٿو (٢). سيد صاحب "منتخب بي بدل يوسفي" جي نالي سان سندس ذڪرڪيو آهي. هڪ صدي بعد ۾، جڏهن مير علي شير قانع تحقيق جي ميدان ۾ قدم رکيو، تڏهن هي ڪتاب "منتخب التواريخ" جي نالي سان، سندس سامهون هو. قانع هن ڪتاب تان مدد ورتي، ڪٿي ڪٿي ان تي تنقيد به ڪئي آهي. هن صاحب سومرن بابت لکندي، محمد يوسف جي ڪتاب کان مدد ورتي آهي. بعد ۾ علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي "تاريخ معصومي" تي تعليقات لکندي "منتخب التواريخ" کان مدد ورتي. محترم سيد حسام الدين راشدي "تحفة الڪرام" ايڊٽ ڪندي، سومرن بادشاهن بابت اضافا، هن ڪتاب جي مدد سان ڪيا آهن. تاريخ جو هي نادر ڪتاب اڄ به سنڌ جي ڪتبخانن جي زينت بنيل آهي. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب وٽ ٻه ان جو نسخو آهي، جنهن تان ئي راشدي صاحب مدد ورتي هئي. مطلب ته ابتدا کان ڪري اڄ تائين "منتخب التواريخ" سنڌي عالمن جي اپياس ۾ رهيو آهي. نه رڳو ايترو پر هن

---

(١) ڊاڪٽر ظهور الدين احمد: "پاڪستان مين فارسي ادب کي تاريخ" ص ٥٣ - ٢٥١، مجلس ترقي ادب لاهور، ١٩٧٤ع.

(٢) "ترخان نامه" ص ٢، مطبع سنڌي ادبي بورڊ.

جو سنڌ ۾ ٺي هڪ انتخاب تيار ٿيو. جنهن متعلق محققن کي تمام گهڻ ڄاڻ رهي آهي. نہ ان جو ذڪر مير علي شير قانع ڪيو، ۽ نہ وري ڪو ٻيو صاحب ان جو پتو لڳائي سگهيو.

## شيخ عبدالشڪور ۽ سندس خاندان:

سنڌ جي مقامي تاريخن ۽ تذڪرن ۾، شيخ عبدالشڪور ۽ سندس خاندان بابت تمام گهڻ ڄاڻ ملي ٿي. مير علي شير قانع صرف پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ خوشنويسي جي طبقي هيٺ، اسان جي مؤلف ۽ سندس خاندان جو مختصر ذڪر ڪيو آهي. شيخ عبدالشڪور جي والد جو نالو عبدالواسع هو. مير علي شير سندس والد جو ذڪر ڪندي، مؤلف توڙي سندس خاندان بابت هيءُ ڄاڻ ڏني آهي:

"خط نستعليق ۾ پنهنجي وقت جو مشهور معروف بزرگ هو. شاهجهان بادشاهہ جي حضور ۾ حاضر ٿي، فرمانن ۽ نشانن لکڻ جو منشي ٿيو. ڪيس ست پٽ آهن: شيخ عبدالسميع، شيخ عبدالشڪور، شيخ عبدالغفور، شيخ محمد معين، شيخ عبدالحق، شيخ محمد شريف ۽ شيخ عبدالرؤف. هر هڪ پيءُ وانگر خوشنويسيءَ جي فن ۾ وڏو ماهر ٿيو، ۽ پيءُ جي جاء تي انهيءَ درگاهہ جي منشيگيريءَ کي رسيو، جتي سلطان بہ سجدا ڪندا هئا (٣).

مير علي شير هن خاندان متعلق وڌيڪ تفصيل نہ ڏنو آهي، ۽ نہ وري انهن جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو ذڪر ڪيو آهي. تحفة الڪرام جي آخر ۾، هن چند انهن شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي، جن کي "مقالات" ۾ جاء ملي نہ سگهي هئي. انهن ۾ هن هڪ شاعر عبدالشڪور جو هن ريت ذڪر ڪيو آهي:

"اعليٰ درجي جي شخصيت جو مالڪ ۽ شعر جي سليقي ۾ مشهور ٿي گذريو آهي (٤). جئي نئو سگهجي تہ هي اهوئي عبدالشڪور آهي، جنهن "انتخاب منتخب" تيار ڪيو، يا موريگوئي ڪو ٻيو بزرگ ساڳئي نالي سان ٿي گذريو آهي.

اسان جي مؤلف شيخ عبدالشڪور پنهنجي هن انتخاب ۾، پنهنجي

---

(٣) "تحفة الڪرام" سنڌي، صہ ٥٩٣.
(٤) "تحفة الڪرام"، سنڌي صہ ٥٩٨.

خاندان جو قدري تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. مؤلف موجب سندس وڏا بزرگ قريش هئا ۽ محمد بن قاسم جي حملي وقت سنڌ پهتا هئا. اهي ابتدا ۾ بکر ۾ مقيم ٿيا. سندن پيشو درس و تدريس ۽ تجارت هو. مؤلف جو ڏاڏو ابوالقاسم وڏو عالم هو. هو مرزا جاني بيگ جو استاد هو. جڏهن جاني بيگ تخت نشين ٿيو، تڏهن ابوالقاسم کي ٺٽي جو صدر بنايو ويو. سندس سالانو وظيفو ٻارنهن هزار مقرر ڪيو ويو. اڪبري فتح بعد جاني بيگ هند ويو، تڏهن ابوالقاسم به ساڻس گڏ هو. آگري ۾ رهڻ وقت ابوالفضل، مرزا جاني بيگ جي دعوت ڪئي، ليڪن هن سنڌي شهزادي کي دعوت ۾ ڏاڍي بوريت ٿي. واپسيءَ تي ابوالقاسم کيس دلداري ڏني. تمام جلد جاني بيگ هڪ دعوت ڪئي ۽ ابوالفضل کي مدعو ڪيو ويو. گفتگو هلندي ابوالفضل هڪ آيت پڙهي، جا ابوالقاسم جي نظر ۾ هن درست نه پڙهي هئي. هي صورتحال ڏسي ابوالقاسم کيس ٽوڪيو. آخرڪار ابوالفضل موضوع بدلائي ڇڏيو. هي ڏسي مرزا جاني بيگ ڏاڍو خوش ٿيو.

ابوالقاسم جو پٽ شيخ عبدالواسع، پنهنجي زماني جو بهترين خطاط هو ۽ اميرن تحت منشيگيري ڪندو هو (۵). بعد ۾ بادشاهه شاهجهان کيس هڪ ڳوٺ مدد معاش ۾ ڏنو، تڏهن نوڪري ڇڏي ننگر ٺٽي ۾ جائيتو ٿي وينو. منشي عبدالشڪور ٺٽي ۾ ڄائو، اتي ئي سندس تعليم ۽ تربيت ٿي. پاڻ منشيگيري ذريعي پيٽ پاليندو هو. ڪيس تاريخ سان گهرو لڳاءُ ڏسجي ٿو (٦). جيئن ته اصلي ڪتاب اسان جي آڏو ڪونهي، ان ڪري مؤلف ۽ سندس خاندان بابت مفصل ڄاڻ ميسر نه ٿي سگهي آهي.

هن خاندان خطاطي ۾، ننگر ٺٽي ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو ڏسجي ٿو. مؤلف جو ياءُ شيخ عبدالغفور، والد وانگر بهترين خطاط ٿي گذريو آهي. سندس هٿ اکرين تيار ٿيل هڪ ڪتبو اڄ به ٺٽي جي شاهي مسجد تي لڳل

---

(۵) ڊاڪٽر ظهورالدين احمد هن جو نالو، مخدوم عبدالواسع منشي ٺٽوي تحرير ڪيو آهي. (پاڪستان مين فارسي ادب، ص ۵۵۴، حوالو اڳ ڏنل).
(٦) ڊاڪٽر نورالحسن انصاري: "فارسي ادب بعهد اورنگزيب" ص ۴٦۹ ۽ ۴۷۰، انڊوپرشن سوسائٽي، دهلي ۱۹٦۹ع.

آهي. هي ڪتبو ١٠٦٨هہ / ١٦٥٧ع ۾ تيار ٿيو (٧).

## شيخ عبدالشڪور جي تصنيف ۽ تاليف:

جيئن اسان هاڻ ذڪر ڪيو تہ تذڪرن ۽ تاريخن ۾، اسان جي هن اهل قلم ۽ سندس خاندان جي ادبي ۽علمي سرگرمين جو ذڪر نہ ٿيو آهي، ان ڪري شيخ عبدالشڪور جي تصنيف ۽ تاليف بابت پڻ خاطريءَ سان چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪتابن جي ورق گرداني ڪندي، في الحال اسان کي هيءَ ڄاڻ ملي سگهي آهي:

١- منتخب ڪلام: ڪيفيت نامعلوم، سال تصنيف اڻ ڄاتل. هن ڪتاب جو خطي نسخو علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ آهي.

٢- مفيد مؤرخين: هيءَ ڪتاب سن ١٠٧٠هہ ۾ تيار ٿيو. سندس ڪيفيت بابت معلومات ڪانهي. ڏسجي ٿو تہ هيءَ مڪتوب، متعدد مورخن جي سوانح بابت آهي. هن پنهي ڪتابن جو ذڪر "تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪ و هند" ۾ سطحي طرح سان ملي ٿو (٨).

٣- تاريخ دوازده امام: نالي مان ئي ڪيفيت چٽي ٿئي ٿي. هيءَ ڪتاب سن ١٠٧٥هہ ۾ تيار ٿيو. ڪل ورق ٥٤ اٿس.

٤- ذڪر الحسين: سن تصنيف ١٠٧٩هہ. هيءَ ڪتاب حسين واعظ ڪاشفي جي "روضة الشهداء" جو انتخاب آهي. هن جو عنوان شهادت امام حسين آهي ۽ ڪل ٨٩ ورق اٿس. ٽنهي ۽ چوٿين ڪتاب جا مخطوطا، پنجاب يونيورسٽيءَ ۾، شيراني ڪليڪشن ۾ موجود آهن. انهن جو ذڪر ڊاڪٽر ظهور الدين احمد بہ ڪيو آهي (٩).

٥- انتخاب منتخب: هيءَ ڪتاب تاريخ تي آهي ۽ سن ١٠٨٤هہ ۾ تيار ٿيو. هن جو تعارف هيٺ الڳ اچي ٿو.

هي لسٽ ڏسي معلوم ٿئين ٿو ٿئي تہ شيخ عبدالشڪور نثر يا نظم ۾

---

(٧) ڊاڪٽر محمد عبدالغفور: "ٺٽي جا خوشنويس". انگريزي، صہ ٦١ ۽ پليٽ (XXV)، انسٽيٽيوٽ آف ويسٽ اينڊ سينٽرل ايشين اسٽڊيز ڪراچي يونيورسٽي ١٩٧٨ع.

(٨) جلد چوٿون، صہ ٥٤٢، پنجاب يونيورسٽي لاهور، سال ١٩٧١ع.

(٩) "پاڪستان مين فارسي ادب" صہ ٥٦-٥٥٤، حوالو اڳ ڏنل.

اصل (اوريجنل) کم گهٽ ڇڏيو آهي. هن صاحب پاڻ کي انتخاب توڙي منتخب تائين محدود رکيو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو وچئين دؤر جي ڪنهن بہ سنڌي عالم، سندس ذڪر نہ ڪيو آهي. بهرحال متي ذڪر ڪيل پنج ڪتاب، جيئن تہ سنڌ کان ٻاهر آهن، ان ڪري انهن بابت سردست ڪابہ راءِ نہ ٿي ڏئي سگهجي.

## انتخاب منتخب: سنڌ جي تاريخ جو هڪ وڏيڪ ماخذ:

شيخ عبدالشڪور جو هيءُ ڪتاب، ٻارهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ اندر ٿيل تاريخ نويسيءَ جو هڪ منفرد قسم آهي. هن مخطوطي جي پس منظر تي، اسان اڳ ۾ ئي روشني وڌي آهي. "انتخاب منتخب" - "منتخب التواريخ" جوئي هڪ اختصار آهي. ابتدا ۾ مؤلف پاڻ ۽ پنهنجي خاندان جو مفصل تعارف ڪرايو آهي. هي تعارف بذات خود، سنڌ جي علمي تاريخ ۾ اهم اضافو آهي. مؤلف شيخ عبدالشڪور، هن ڪتاب جي تياريءَ بابت هن ريت وضاحت ڪئي آهي:

"اهل انشاء جي ڪمترين شاگردن مان... (هي) عبدالشڪور شعور جي وسيلي...... جڏهن چاليهن سالن جي عمر کان مٿي چڙهيو، تڏهن هميشه ۽ هر وقت هن پسنديدو شغل ۽ شوق ڏي راغب ۽ مائل رهيو.... تان جو هيءُ شڪستہ قلم، عبارت ۽ نصيحت جي لطف ۽ لذت جي استعارن تان پردو هٽائڻ لڳو..... ۽ ان کي ئي گذر سفر جو ذريعو بڻايائين. اتفاق سان هڪ ڏينهن وڏيءَ محفل ۾ وينو هوس، جو هڪ مجيل ۽ مقبول ڪتاب "منتخب التواريخ"، جا هڪ جامع تاريخ آهي... سا هن حقير جي نظر تي چڙهي ويئي.... ابتدا ۾ صرف ان جي ايپاس تي ڌيان رهيو.... ڏکهي عرصي بعد جڏهن ان جي صاحب جو وصال ٿيو.... ۽ هن پنهنجي محبوب جي آغوش ۾ پاڻ لڪايو ۽ منهنجي دل جو تعلق هن سان پيدا ٿيو، پوءِ جڏهن بہ.... فرصت حاصل ٿي... هن جي ڪتاب جي صفحن سان پنهنجي وابستگيءَ کي ڪاميابيءَ سان جاري رکيو ۽ پوءِ ان مان... انتخاب ڪيو ۽ هڪ مختصر گلدستو "انتخاب منتخب" جي نالي سان تيار ڪيم." (١٠)

(١٠) "فارسي ادب بعهد اورنگزيب" صہ ٤٧٠.

ڊاڪٽر نورالحسن صاحب، جنهن پنهنجي ڪتاب ۾، هن ڪتاب جو تعارف ڪرايو آهي، تنهن ان جي مواد بابت لکيو آهي تہ- انتخاب منختب - پڻ - منتخب التواريخ - وانگر پنجن قسمن تي مشتمل آهي.

١- انبياء جا حالات.

٢- رسول پاڪ صہ کان اڳ جا حاڪم.

٣- حضرت محمد صلعم ۽ خليفن جا حالات.

۴- مسلمان حاڪمن جو ذڪر.

۵- هند (۽ سنڌ) جي مسلم حاڪمن جو، غلام گهراڻي کان شاهجهان تائين احوال.

هي فهرست ڏسي، اسين ان کي دنيا جي عام تاريخ واري حصي ۾ رکنداسين ۽ ان جو خاص طرح سنڌ جي مقامي تاريخ سان بنهہ گهٽ لاڳاپو ڏسجي ٿو. آخري حصي ۾ مؤلف، مرزا عيسيٰ ترخان، مرزا باقي ۽ مرزا جاني بيگ جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. جيئن تہ عبدالشڪور جو خاندان، ترخانن جو نوازيل هو، ان ڪري سندن خاتمي جو ڪيس بيحد صدمو پهتو آهي-

" دريغ دولت ارغونيہ و ترخانيہ بہ اختتام انجاميد "

هونئن تہ هي عامي تاريخ آهي، تاهم سنڌ جي تاريخ لاء، هي حصو بيحد قيمتي آهي. عبدالشڪور هي ڪتاب اورنگزيب جي زماني ۾ ١٠٨۴هہ / ١٦٧٣ع ۾ تيار ڪيو. ان جي تاريخ هن ريت ڪڍي وئي:

الحمد کہ انتخاب والا　　از ديده عقل انتخاب است

تاريخ تمام آن خرد گفت　　باغايت فضل + انتخاب است

١٠٨۴ = ١٠۵۴　　٣٠

انتخاب منتخب- جا هي مخطوطا موجود آهن:

(الف) عليڱڙهہ وارو نسخو: ڪيفيت معلوم نہ ٿي سگهي آهي. غالباً هن نسخي ۾ ڪل ١٦٩ ورق آهن، جهڙيءَ ريت ڊاڪٽر نورالحسن جي ٿيسز مان ڏسجي ٿو. هي نسخو هندوستان جي جڳ مشهور يونيورسٽي عليڱڙهہ ۾ موجود آهي. نورالحسن صاحب پنهنجي ٿيسز ۾، هن جو ذڪر ڏهين باب ۾، جنرل هسٽري واري حصي ۾ ڪيو آهي.

(ب) انڊيا آفيس وارو نسخو: هن نسخي جو ذڪر ايٿي ڪيو آهي، جنهن جي حوالي سان ڊاڪٽر ظهور الدين احمد پڻ، پنهنجي نادر ڪتاب ۾، ان جو حوالو ڏنو آهي. هيءُ نسخو انڊيا آفيس لئبرري لنڊن جي ملڪيت آهي. ايٿي هن ريت ان جو تعارف ڪرايو آهي:

داخلا نمبر ۱۲۳، هي محمد يوسف بن شيخ رحمت الله الاتڪي الڪنعاني جي جنرل تاريخ "منتخب التواريخ" جو اختصار آهي. محمد يوسف ۱۵ - ذي الحج ۱۰۵۶هه / ۲۲- جنوري ۱۶۴۷ع تي، هي تاريخ پوري ڪئي، ان جو ريو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. هيءُ اقتباس عبدالشڪور "انتخاب منتخب تواريخ" يا وري ساديءَ طرح "انتخاب منتخب" جي نالي سان ڪيو، سو انتهائي بد خط آهي. هيءُ عالمگير جي عهد ۾ سن ۱۰۸۴هه / ۴ - ۱۶۷۳ع ۾ پورو ٿيو. ساڳيءَ طرح (اصل وانگر) پنجن قسمن تي مشتمل آهي. نسخي جي ابتدا هن ريت آهي:

"انتخاب منتخب ڪلام ابلغ النظام و خلاصئہ مقاصد و مرام سلاطين ذي الاحترام" - الخ. هي نسخو ۲۵ - رجب ۱۱۵۵هه برابر ۲۵ - سيپٽمبر ۱۷۴۲ع تي نقل ٿيو. هن نسخي ۾ ڪل ۱۴۴ ورق آهن. ان جي سائيز ۷/۸ ۱۰ انچ ۽ ۵/۸ ۵ انچ آهي (۱۱).

(ج) نامعلوم نسخو: هن نسخي جو ذڪر مرزا مقبول بيگ بدخشاني ڪيو آهي، ۽ هي مٿي ذڪر ڪيل مخطوطي ڪان الڳ نسخو ڏسجي ٿو. مرزا صاحب صرف هيترو لکيو آهي:

"انتخاب المنتخب: عبدالشڪور ۱۱۰۷هه / ۱۶۹۵ع" (۱۲).

هيءُ نسخو ڪهڙي ڪتبخاني جي زينت بنيل آهي، تحرير جو نمونو ڪهڙو اٿس ۽ ورق ڪيترا اٿس- ان بابت في الحال ڪا معلومات ڪانهي.

ڪنهن صاحب محمد يوسف جي ضخيم ڪتاب جو، پنجين قسم مان،

---

(11) Ethe: "Catologue of Persian manuscripts in the library of the India office", E-123, Vol: 1, P. 47, London, 1903.

(۱۲) "تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪ و هند"، جلد چوٿون، صـ ۹۳، پنجاب يونيورسٽي لاهور، سال ۱۹۷۱ع.

باب پيون جداگانہ نقل ڪيو. بعد ۾ هيءُ مڪتوب پڻ "منتخب الانتخاب" جي نالي سان مشهور ٿيو (١٣). هن انتخاب جو، ذڪر هيٺ آيل انتخاب سان ڪوبہ واسطو نہ ٿو ڏسجي. شيخ عبدالشڪور جي هن تاليف جي دريافت بعد، سنڌ ۾ پارهين صديءَ ۾، تيار ٿيل تاريخي ڪتابن جو وچور هن ريت ظاهر ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| - تاريخ معصومي | ١٠٠٩ هہ |
| - بيگلار نامہ | ١٠١٧ هہ |
| - تاريخ طاهري | ١٠٣٠ هہ |
| - مظهر شاهجهاني | ١٠٤٤ هہ |
| - ذخيرة الخوانين | ١٠٦٠ هہ |
| - ترخان نامہ | ١٠٦٥ هہ |
| - انتخاب منتخب | ١٠٨٤ هہ |

علمي دنيا ۾ هي آخري ڪتاب "انتخاب المنتخب" "انتخاب منتخب" ۽ "انتخاب منتخب تواريخ" - جي نالن سان سڏيو ويو آهي. محمد يوسف جي تاريخ ۾ آيل سنڌ بابت فصل جي ضميمي سان گڏ، هن ڪتاب جي اشاعت، سنڌ جي اتهاس لاءِ مفيد ثابت ٿيندي.

(سہ ماهي "مهراڻ" نمبر ١، سال ١٩٨٦ع تان ڪنيل ۽ ڪتاب: سنڌ جي تاريخ جا ماخذ - ۾ بہ وري ڇپيو).

(13) S.M. Abdullah: "A Descriptive Catologue of Persian, Urdu and Arabic manuscirpts, in the Punjab University library", Vol 1, P. 12, 1942.

# سنڌ جي تاريخ جا ماخذ

## ۽

# اسان جون جوابداريون

[هن مضمون جي تياريءَ لاءِ محترم سيد حسام الدين راشدي جي مقالن مان گهڻي مدد ورتل آهي، جي سڀ سندس ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ۾ موجود آهن].

سنڌ جي تاريخ جا چار مکيه باب آهن. سڀ کان اول، سنڌوماٿر جي تهذيبن جو دور اچي ٿو، جو ٢٥٠٠ ق.م. کان شروع ٿي، ١٥٠٠ ق.م. تي ختم ٿئي ٿو. اڌ صدي اڳ گڏيل هندستان جي آرڪيالاجي کاتي وارن، هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽاين مان، تاريخ سنڌ جي هن عظيم الشان باب کي دريافت ڪيو. سنڌو تهذيبن جي هڪ هزار سال واري عرصي جي اڀياس لاءِ، صرف آرڪيالاجي کاتي جي کوجنائن ۽ رپورٽن تي ڀروسو ڪرڻو آهي. ان ريت سنڌو تهذيبن جي عمر ۽ ايراضيءَ ۾، حيرتناڪ حد تائين واڌارو ٿي رهيو آهي. هوئن ته سڄي دنيا ۾ سنڌو تهذيبن جي اڀياس ۾ دلچسپي ورتي وڃي ٿي، ليڪن ڪجهه سال ٿيا آهن، جو ڀارت ۾ هن دور بابت، هيل تائين ٿيل تحقيق متعلق هڪ ببليوگرافي پڻ شايع ٿي آهي (١).

اسان جي اتهاس جي ورندڙ باب کي قديم سنڌ (Ancient Sindh) جو نالو ڏنو ويو آهي. هي باب ١٥٠٠ ق.م. کان شروع ٿي، سن ٧١٢ع ۾ راجا ڏاهر جي زوال تي ختم ٿئي ٿو. دارا ۽ سڪندر هن عرصي ۾ سنڌ تائين پهتا. ساسانين ۽ موريا گهراڻي به پنهنجو وارو وڄايو. ٻاهم جي پوڄا به ٿي، ٻڌ ڌرم به پنهنجا نشان قائم ڪيا ۽ آخر ۾ هت برهمڻن به پنهنجي مڪمل آزاد حڪومت قائم ڪئي. ان کان هٽي ڪري هي به هڪ حقيقت آهي ته سنڌو تهذيبن جي اچانڪ خاتمي کان ڪري دارا جي حملن تائين، وچ وارو

(1) Ashim Kumar Roy and N.M. Gidwani: "Indus -Valley civilization a bibliographic essay", Delhi, 1982.

هڪ هزار سالن جو عرصو سياسي طرح بنهه اونداهو زمانو ڏسجو ٿو، جنهن ۾ ٿيل هڪ - اڌ واقعي کان وڌيڪ پاڻ کي ڄاڻ ڪانهي. سنڌ جي تاريخ جي هن قديم دور بابت، هڪ طرف آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ مواد مهيا ڪيو آهي، ته ٻئي طرف انگريز اسڪالرن ۽ محققن ايراني، يوناني، هندي ۽ ٻوڌي ذريعن جي مدد سان، انگريزي ٻوليءَ ۾ گهڻو ذخيرو گڏ ڪيو آهي. ڪجهه سال اڳ سنڌي ادبي بورڊ اسلام کان اڳ جي سنڌ بابت، ڊاڪٽر ليمبرڪ جي تحقيق شايع ڪئي هئي (١). ليڪن تازي دور ۾ محترم ايم. ايڇ. پنهور ان ڏس ۾ وڌيڪ مستند ڪم ڪيو آهي (٢). اسلام کان اڳ سنڌ تي راءِ خاندان ۽ برهمڻ گهراڻي جو حڪم هليو. سنڌ جي هن پن آخري هندو حڪمران گهراڻن بابت، اسان کي ڪنهن حد تائين تحريري رڪارڊ ملي ٿو. سن ٧١٢ع ۾ هت عربن جي حڪومت قائم ٿي. سنڌ جي تاريخ جي بنيادي ماخذن جو وڏو تعداد مسلم عهد ۾ فارسي زبان ۾ لکيو ويو. اسين هت ان متعلق تفصيلي اڀياس ڪنداسين ۽ ڏسنداسين ته ڪيترا ماخذ سنڌ جي تاريخ بابت لکيا ويا، انهن جو ڪيترو تعداد ڇپجي اسان تائين پهتو آهي ۽ گهڻو ذخيرو آهي جو اڃا پريس کان اوجهل آهي؟

## سنڌ جي تاريخ جا ماخذ:

سنڌ جي اتهاس جو ٽيون مکيه باب مسلم پيرڊ جو احاطو ڪري ٿو، جنهن کي عام طرح ميڊيول پيرڊ به سڏجي ٿو. هي مکيه دور عربن جي زماني کان شروع ٿي. سن ١٨٤٣ع تي ميرن جي خاتمي تي پورو ٿئي ٿو. عربن سنڌ تي ٽي صديون (٧١٢ - ١٠١٠ع) راڄ ڪيو. هن دور جي اڀياس لاءِ سوين سفرنامه، تاريخون ۽ جاگرافيءَ جا ڪتاب ملن ٿا، جي سڀ جا سڀ عربن پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکيا. شايد انهن مان سنڌ ۾ لکيل اڪيلو ڪتاب "فتح نامه" آهي، جو گهڻو پوءِ فارسي زبان ۾ ترجمو ٿي "چچ نامه" جي نالي سان پاڻ تائين پهتو آهي. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ سموري متعلقه مٽيريل کي ڪتب

---

(1) H.T. Lambrick: "Sind: before Muslim Conquest". S.A.B. 1973.

(2) M.H. Panhwar: "Chronological Dictionary of Sind", P.P. 1-143, Sindholgoy, 1983.

آئي، سنڌ جي عرب دور تي انگريزي زبان ۾ ٻه ڪتاب لکيا آهن (١). جان جهانگير ٻڊ پڻ انگلينڊ ۾ هن پيرڊ تي ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب جي روايت آهي ته، مصنف کي "دي عربس ان سنڌ" عنوان تي مقالي لکڻ تي، يوٽا يونيورسٽي ١٩٧٣ع ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني آهي (٢). ذڪر هيٺ آيل دور ۾ لکيل سوين عربي ڪتابن ۾، سنڌ جو ڪجهه نه ڪجهه احوال ملي وڃي ٿو. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو انهن اقتباسن کي، سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري، سهيڙي نروار ڪجي ۽ وڌيڪ تحقيق لاءِ آساني پيدا ڪجي (٣).

سومرا سلاطين سنڌ تي ٽي سؤ چاليهه (١٠١٠ - ١٣٥٠ع) ورهيه ۽ سمن ڄامن هڪ سؤ ستر سال (١٣٥٠ - ١٥٢٠ع) حڪمراني ڪئي. هڪ موقعو ته اهڙو به آيو جو لاڙ تي سومرن جي حاڪميت هئي، جڏهن ته اتر سنڌ ۾، جنهن جو مرڪز اُچ شهر هو، ناصرالدين قباچه جو حڪم هلي رهيو هو. هن ئي زماني ۾ دهليءَ تي مسلمانن جي حڪومت قائم ٿي رهي هئي. قباچه جي دربار سان لاڳاپيل هڪ مصنف علي پٽ حامد ڪوفيءَ، عربي ڪتاب "فتح نامه" کي سن ٦١٣هه /١٢١٦ ع ۾ فارسيءَ ۾ "چچ نامه" جي نالي سان ترجمو ڪيو. سنڌ جي ميڊيول تاريخ جو هي پهريون ماخذ آهي جو اسان تائين پهتو آهي. ان هوندي به هي ڪتاب سومرن جي سرداري يا عربن جي زوال بابت ڪا ڄاڻ فراهم نه ٿو ڪري. قباچه جي هڪ ٻئي درباريءَ محمد عوفيءَ سن ٦١٨هه / ١٢٢١ع ڌاري، دنيا جي فارسي گو شاعرن جو پهريون تذڪرو "لباب الالباب" جي نالي سان تيار ڪيو، جنهن ذريعي ايران، وچ ايشيا، افغانستان، هندستان ۽ سنڌ جي علمي دنيا جي پروڙ پوي ٿي.

---

(1) (i) Arab Kingdom of Al-Mansurah in Sind, Sindhology, 1974.
(ii) History of Sind, Vol:3, Arab Period, Sindhi Adabi Board, 1978.

(2) John Jehangir Bede: "The Arabs in Sind" (712-1026), Utah University 1973.

(٣) هن ڏس ۾ اردو زبان ۾ گهڻو ڪم ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ صرف ابن بطوطه جو سفر ڇپيو آهي، جنهن ۾ سومرن جي زوال ۽ سمن جي اڀار بابت مواد ملي ٿو. هي سفرنامو محمد ابراهيم عباسيءَ ترجمو ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي ١٩٧٦ع ۾ ڇاپيو.

تغلقن ۽ سمن ڄامن جي ڇڪتاڻ بابت واحد ڏيهي ماخذ "انشاء ماهرو" آهي، جنهن مان سنڌ جي سياسي تاريخ جي ڪجهہ اهم نڪتن جي اپٽار ٿئي ٿي. هنن ٻن جزوي ماخذن کان علاوه سومرن ۽ سمن جي دور ۾ ڪوبہ همعصر سياسي ماخذ موجود ڪونهي، جو ذڪر هيٺ آيل دورن ۾ سنڌ اندر لکيو ويو هجي. ان پس منظر ۾ سومرن ۽ سمن ڄامن تي ڪم ڪندي، عالمن ۽ اديبن عربي ڪتابن کان علاوه، دهلي سلطنت جي زماني ۾ هندستان ۾ لکيل ڪتابن جي مدد ورتي آهي. ان جو نتيجو هي نڪتو جو جنهن بہ سنڌجي مقامي تاريخ تي قلم کنيو، ان سومرن ۽ ڄامن جي جاء تي افغان ۽ هندي گهراڻن کي برتري ڏني. هر ليکڪ پهريان دهلي سلطنت جو راڳ آلاپيو، ۽ پوء ڏيهي حاڪمن جو ذڪر ڪيو. همعصر ڏيهي ماخذن جي کوٽ سبب، اڄ تائين سومرن بابت ڪوبہ ٺوس اپياس نہ ٿيو آهي. پاڪستان ٺهڻ کانپوء سمن بابت سنجيده تحقيق ٿي، جنهن جي مدد سان هن مضمون جي ليکڪ، ڄامن بادشاهن بابت پهريون پيرائتو ۽ سلسليوار ڪتاب شايع ڪيو آهي (١).

ارغون، ترخان ۽ مغل ٻہ صديون (١٥٢٠ - ١٧٣٧ع)، سنڌ تي قابض رهيا. هن دور ۾ فارسي ٻولي باقاعده ملڪ جي سرڪاري زبان بني. حڪمرانن، بادشاهن ۽ نوابن فارسيء جي خوب سرپرستي ڪئي، ان ڪري سنڌ متعلق تاريخون ۽ تذڪرا وڏي تعداد ۾ لکيا ويا، جي سڀ جا سڀ فارسيء ۾ هئا. هن دور ۾ لکيل تاريخن جو وچور هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| (١) ارغون نامہ | مصنف معلوم ڪونهي. |
| (٢) نصرت نامہ ترخان | محمد بن بايزيد پوراني. |
| (٣) تاريخ معصومي | مير محمد معصوم بکري. |

---

(١) "سمن جي سلطنت"، ناشر پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٨٧ع. هن دور ۾ ٻہ ڪتاب اهڙا بہ لکيا ويا، جن جي اهميت کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. علاؤالدين منگلوريء "الزبدة" جي نالي سان ڪتاب لکيو ۽ ڄام سڪندر شاهہ ثانيء کي منسوب ڪيو. هي ڪتاب وڏي عرصي تائين سنڌ جي نصاب ۾ شامل رهيو. ٻيو ڪتاب پير مراد شيرازي (وفات - ٨٩٣هہ) جي سوانح تي مبني "تذڪرة المراد" جي نالي سان شيخ حسين صفائي (وفات - ٩٣١هہ) لکيو. هي ٻئي ڪتاب عربي زبان ۾ آهن، جن کي محفوظ ڪرڻ گهرجي تہ مناسب ٿيندو.

(۴) بيگلار نامہ — ادراڪي بيگلاري.
(۵) تاريخ طاهري — سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي،
(٦) مظهر شاهجهاني — ميرڪ يوسف.
(۷) ذخيرة الخوانين — شيخ فريد بکري.
(۸) ترخان نامہ — سيد مير محمد بن جلال ٺٽوي.
(۹) انتخاب منتخب — منشي عبدالشڪور ٺٽوي.

پهريان بہ ڪتاب شايد سورهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ لکيا ويا، جڏهن تہ باقي ست ڪتاب سترهين صديءَ ۾ لکيا ويا. آخري ڪتاب جي لکجڻ ڪانپوءِ بہ مغل سنڌ تي اڌ صدي قابض رهيا، ليڪن ان عرصي ۾ تيار ٿيل ڪنهن بہ ماخذ جو پاڻ کي علم ڪونهي.

ميان نصير محمد ١٦٨٢ع ڌاري سنڌ ۾ مقامي حڪومت جو بنياد رکيو. هڪ صديءَ جي حڪومت کان پوءِ، ميان عبدالنبيءَ جي غلط ڪارين سبب، آخرڪار ١٧٨٢ع ۾ سياسي طرح هي خاندان ختم ٿي ويو. ميان صاحبن خود بہ فارسي علم ادب جي سرپرستي ڪئي ۽ ڪتاب لکيا، توڙي شعر چيو. هن دور تي مير علي شير قانع جهڙو لاثاني مؤرخ ۽ تذڪره نگار ڇانيل آهي. هن زماني ۾ سنڌ بابت هي ماخذاتي مواد لکيو ويو:

(۱۰) نامه نغز — باغ علي خائف سنڌي.
(۱۱) منشور الوصيت — ميان نور محمد ڪلهوڙو.
(۱۲) مڪلي نامه — مير علي شير قانع.
(۱۳) تاريخ عباسيان، مثنوي — مير علي شير قانع.
(۱۴) تاريخ عباسيان، نثر — مير علي شير قانع.
(۱۵) تحفة الڪرام — مير علي شير قانع.
(۱٦) نگيرانِ سنڌ — پنڊت موهن لال "لالا"
(۱۷) قصيده بدمح عبدالنبي — مير علي شاهہ شائق.
(۱۸) جنگ مرزا حسين باراهمه، مثنوي — سريرام ٺٽوي.

هنن ڪتابن مان تيرهون ۽ چوڏهون خاص ڪلهوڙن بابت هئا، جي ناپيد آهن ۽ آخري ڪتاب ۾ راهمون قبيلي ۽ مرزا شاہ حسن جي جنگ جو احوال

ڏنو ويو، جو پڻ گم ٿي ويل آهي.

ميرن جي دور ۾ (١٧٨٣ - ١٨٤٣ع) پڻ تاريخ تي وڏي تعداد ۾ ڪتاب لکيا ويا، جن مان ڪجهه ماخذ وري به ڪلهوڙن بابت آهن. سنڌ ۾ سرڪاري سطح تي فارسي زبان جي بالادستيءَ جو هي آخرين زمانو آهي. ميرن جي دور ۾ تاريخ سنڌ بابت هي ڪتاب لکيا ويا:

| | |
|---|---|
| (١٩) تاريخ سنڌ | سيد محب الله بکري |
| (٢٠) فتح نامہ | مير عظيم الدين ٺٽوي. |
| (٢١) دستورالعمل اگهي | رام چند ٺٽوي. |
| (٢٢) تاريخ بلوچي | عبدالمجيد جوکيو. |
| (٢٣) تاريخ سنڌ | منشي ٽوپڻ مل. |
| (٢٤) تاريخ عباسيان | مصنف نامعلوم. |
| (٢٥) ڪلهوڙه نامو | ثابت علي شاهہ. |
| (٢٦) احوال ڪلهوڙه | مظهر علي. |
| (٢٧) فتح نامہ | مير صوبدار خان |

١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. ان بعد هن خطي ۾ فارسي ٻولي زوال پذير ٿي. حاڪمن سنڌيءَ انگريزي ٻولين جي سرپرستي شروع ڪئي، ان هوندي به سنڌ متعلق ڪجهه ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيا ويا.

| | |
|---|---|
| (٢٨) تاريخ تازه نواي معارڪ | منشي عطا محمد شڪارپوري. |
| (٢٩) خزائن تاريخ | منشي عطا محمد شڪاپوري (١) |
| (٣٠) نظارة السنڌ | پوسٽنس جي ڪتاب جو ترجمو. |
| (٣١) فريئر نامو | مير يار محمد خان |
| (٣٢) پل نامو | خدا داد خان |
| (٣٣) خيرپور نامو | خدا داد خان |
| (٣٤) لب تاريخ سنڌ | خدا داد خان |
| (٣٥) جام جهان نما | مخدوم محمد عاقل کهڙوي. |
| (٣٦) گلزار سنڌ | مولوي عبدالرحيم سومرو. |

(١) پروفيسر امين الله علوي صاحب جي تحقيق موجب، منشي عطا محمد ذات جو ٻگهيو هو. سندس والد مياں شاهہ محمد پڻ وڏو عالم ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريو. (الرحيم، سيپٽمبر - آڪٽوبر ١٩٧٤ع.)

هت اسان صرف انهن ڪتابن جو وچور ڏنو آهي، جي خاص ڪري سنڌ جي تاريخ تي لکيا ويا، انهن جو تعداد "چچ نامہ" کان ڪري "گلزار سنڌ" تائين ڇنيهہ ٿئي ٿو. سنڌ متعلق مختصر فارسي پمفليٽ بہ لکيا ويا، جن جو بهرحال هت ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. تاريخ بابت ٻيا مددي ذريعا، شاعرن جا تذڪرا، سياسي مڪتوب ۽ صوفين جا ڪتاب ان کان علاوه لکيا ويا، جن کي پڻ هن مضمون ۾ نہ آندو ويو آهي. ورهاڱي بعد هندستان ۾ ميڊيول دور جي ماخذن بابت، سوين ڪيٽلاگ، فهرستون ۽ ڪتاب ڇپيا آهن. ممڪن آهي تہ انهن جي ورق گرداني، سنڌ بابت ڪجهہ وڌيڪ ماخذن جي نشاندهي ڪري.

## ماخذن جي اشاعت جي صورتحال:

سنڌ اندر لکيل تاريخي ماخذن جي ڇپائيءَ جا مکيہ ٻہ مرحلا آهن، انهن بابت هيٺ الڳ الڳ روشني وڌي ويندي.

(الف) انگريزن جي دور ۾ ٿيل ڪوششون:- سنڌ تي انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ جيئن ئي فارسي زبان ۾ تاريخ نويسيءَ جي شمع اجهامڻ لڳي، تيئن ئي اسان جا قديم تاريخي ڪتاب سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ شروع ٿي ويا. ايليٽ پنهنجي رٿيل هند جي تاريخ جو پهريون جلد ١٨٥٣ع ۾ تيار ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي فارسي ماخذن مان اقتباس، انگريزيءَ ۾ آندائين ۽ انهن تي جابجا تنقيد بہ ڪيائين (١). سنڌ سرڪار جي فيصلي موجب ديوان نند يرام، سن ١٨٥٣ع ۾ "تاريخ معصومي" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي، ۽ ورندڙ سال ۾ ڪيپٽن ماليٽ (G. G. Malet) ان جو انگريزي ايڊيشن پيش ڪيو. اڌ صدي پوءِ مرزا قليچ بيگ سيني مکيہ فارسي ذخيرن کي ڪتب آڻي، تاريخ سنڌ بہ جلد انگريزي زبان ۾ شايع ڪيا (٢). مرزا صاحب "چچ نامہ" سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ڪيو ۽ مير علي شير جي ڪتابن جي مدد سان "قديم سنڌ- ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" جي نالي سان هڪ وڌيڪ ڪتاب بہ تيار ڪيو.

(1) Elliot & Dowson: "History of India as told by its own Historians", Vol 1, 1853, Reprint, Karachi, 1976.
(2) (i) The Chach Namah, 1900.
(ii) A History of Sind, 1902

انهن ڪاوشن ۽ ڪوشش جي باوجود به، سنڌ متعلق اصل فارسي ماخذن جي، جديد طريقي سان ايڊيٽنگ ۽ ڇپائي ضروري هئي. هندستان جي ذخيرن بابت اهڙو ڪم گهڻو اڳ شروع ٿي چڪو هو. ڪنهن صاحب ذاتي دلچسپي وٺي سن ۱۳۰۴هه (۱۸۸۵ع) ۾، مطبع ناصري دهليءَ مان "تحفة الڪرام" جو فارسي ايڊيشن پڌرو ڪيو، ليڪن هي ڇاپو نهايت ئي ناقص هو. ان سڄي صورتحال سبب سنڌ بابت اصل فارسي ماخذن جي جديد طريقي سان ايڊيٽنگ ۽ اشاعت ضروري هئي. ڏسجي ٿو ته هن ڏس ۾ پهريون سنجيدو علمي ڪم پروفيسر براٺون شروع ڪيو. هن صاحب سنڌ ۾ لکيل فارسي گو شاعرن جو پهريون تذڪرو "لباب الالباب" ايڊٽ ڪري ٻن جلدن ۾ لنڊن مان شايع ڪيو. ابتدا ۾ براٺون تذڪري جو ٻيو جلد ايڊٽ ڪيو ۽ پوءِ علامه محمد قزوينيءَ سان گڏ پهريون جلد به مرتب ڪيو (۱). تازي دور ۾ آقاي سعيد نفيسي مرحوم، هن تذڪري جي پهرئين ڇاپي کي، يڪجاءِ ڪري تهران مان نروار ڪيو آهي. ويهين صديءَ جي شروع وارن ڏهاڪن ۾ مولانا دين محمد وفائي ۽ محمد حنيف صديقي مرحوم، پنهنجن تاريخي ماخذن جي ڳولا جاري رکي. پير علي محمد راشدي ۽ سيد حسام الدين راشدي پڻ، سنڌ جي تاريخي ذريعن جي تلاش ۽ اپياس ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي. هلندڙ صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ سنڌي هندن ۽ ليکڪن جو وڏو تعداد موجود هو، پر ڪنهن به هن طرف توجه نه ڏنو.

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو پهريون سنڌي اسڪالر آهي، جنهن سنڌ جي تاريخ جي اصلي ذخيرن جي اهميت کي محسوس ڪيو ۽ انهن جي ڇاپڻ ۾ دلچسپي ورتي. ڊاڪٽر صاحب سال ۱۹۳۸ع ۾ "تاريخ معصومي" ۽ سال ۱۹۳۹ع ۾ "چچ نامه" ايڊٽ ڪيا. دائود پوٽي مرحوم مفصل حاشيا ۽ علمي مقدما لکي هنن ڪتابن کي شايع ڪيو. جُون تا ته سندس تحقيق ۽ محنت کي ڏسي، مولانا ابوالڪلام آزاد کان جس ۽ قدر دانيءَ جي دانهن نڪري وئي هئي. هن دور ۾ سنڌ جي تاريخي ماخذن جا ڪجهه اردو ترجما به ٿيا، ليڪن انهن کي ڪا خاص پذيرائي حاصل نه ٿي سگهي. ان کان علاوه محمد صديق

---

(۱) جلد ٻيون ۱۹۰۳ع ۾، ۽ جلد پهريون ۱۹۰۶ع ۾ ڇپيو هو.

ميمڻ "بيگلارنامہ ۽ "تاريخ طاهريءَ" جا جزوي سنڌي ترجما به ڇپيا هئا.
(ب) پاڪستان ٺهڻ بعد ورتل ڪوششون:- قيام پاڪستان کان پوءِ سال ١٩٥١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي نئين تشڪيل ٿي، تڏهن مختلف رخن کان تحقيقي ڪم ڪرڻ جون رٿون جڙيون. جناب جي. ايم. سيد جامع سنڌي لغات جي اسڪيم ۾ دلچسپي ورتي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ ادب سيهڙڻ جي رٿ ڏني. ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌ جي مفصل تاريخ تيار ڪرڻ جي سوچ ڏني. سيد حسام الدين راشدي صاحب، تاريخي ماخذن جي اشاعت جو خاڪو پيش ڪيو. راشدي صاحب ته پنهنجي طرفان پيش ڪيل هن رٿا جي تڪميل لاءِ، پنهنجي هڪ ذاتي دوست ممتاز حسن مرحوم کان، جو پاڪستان سرڪار ۾ هڪ اعليٰ آفيسر هو، مناسب رقم جي حاصلات ۾ پڻ ڪامياب ٿي ويو. ان دور ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو سچو ڌيان، سنڌي ڪلاسيڪي شعر جي ايياس ۽ چونڊچاڻ طرف رهيو. ان ڪري سنڌ جي تاريخي ماخذن جي چونڊچاڻ، ڳولا، حاصلات، ڇپائي ۽ ايڊيٽنگ ۾، خود راشدي صاحب گهڻي دلچسپي ورتي. هن علمي ۽ تاريخي پراجيڪٽ جي پورائي لاءِ سنڌ جا ڪافي ڪتبخانا ڏٺا ويا، مير علي شير قانع جو ذخيرو خريد ڪيو ويو ۽ هندستان توڙي لنڊن جا ميوزم ۽ لئبريريون پڻ پيٽيون ويون. ان ريت ڪافي نوان ڪتاب ڳولي هٿ ڪيا ويا، جن بابت اڳ ۾ ڪا به ڄاڻ ميسر نه هئي. ان ڏس ۾ "نامہ نغز" ۽ "تاريخ مظهر شاهجهاني" جا مثال ڏئي سگهجن ٿا. راشدي صاحب کان علاوه ڊاڪٽر بلوچ به هن رٿا ۾ وڏو سهڪار ڪيو ۽ علمي توڙي عملي ڪم ڪيو. محترم محمد ابراهيم جويو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. ان پڻ تاريخي ماخذن جي ڇپائيءَ لاءِ هر طرح جو تعاون ڪيو ۽ مفيد مشورا ڏنا. سنڌي ادبي بورڊ سنڌ ۾ لکيل فارسي شعر ۽ ادب جي ستونجاهہ ڪتابن کان علاوه، تاريخ سنڌ جي ٽيهہ اصلي ماخذن شايع ڪرڻ جو پروگرام رٿيو. هيل تائين هن رٿا تحت هي تاريخي ڪتاب ڇپيا ويا آهن.

| | | |
|---|---|---|
| (١) تاريخ تازه نواءِ معارڪ | عبدالحي حبيبي افغاني | ١٩٥٩ع |
| (٢) لب تاريخ سنڌ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ١٩٥٩ع |

(٣) تاريخ مظهر شاهجهاني سيد حسام الدين راشدي ١٩٦٢ع
(۴) منشور الوصيت سيد حسام الدين راشدي ١٩٦۴ع
(۵) تاريخ طاهري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٦۴ع
(٦) ترخان نامہ سيد حسام الدين راشدي ١٩٦۵ع
(٧) فتح نامہ شير محمد نظاماڻي ١٩٦٧ع
(٨) مڪلي نامہ سيد حسام الدين راشدي ١٩٦٧ع
(٩) تحفة الڪرام سيد حسام الدين راشدي ١٩٧١ع
(١٠) بيگلار نامہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٨٠ع

ڇپيل ڪتاب "فتح نامہ" مير عظيم الدين جو لکيل آهي. جيڪڏهن بورڊ طرفان صوفين جا ظاهر ڪيل بہ تذڪرا:

(١) تحفة الطاهرين شيخ محمد اعظم ١٩۵٦ع
(٢) حديقة الاولياء سيد عبدالقادر ٺٽوي ١٩٦٧ع

۽ شاعرن جا شايع ڪيل چار تذڪرا.

(١) مقالات الشعرا مير علي شير قانع ١٩۵٧ع
(٢) تڪملہ مقالاة الشعرا مخدوم محمد ابراهيم خليل ١٩۵٨ع
(٣) روضة السلاطين سلطان محمد فخري هروي ١٩٦٨ع
(۴) جواهرالعجائب سلطان محمد فخري هروي ١٩٦٨ع

بہ تاريخ جي ماخذاتي اسڪيم ۾ شامل ڪجن، تڏهن بہ هن اداري پاران سنڌ بابت ڇپيل بنيادي ذخيرن جو ٽوٽل انگ سورنهن ٿئي ٿو. شيخ محمد اعظم جو لکيل تذڪرو بدر عالم دراني مرحوم ايڊٽ ڪيو، جڏهن تہ بيا تذڪرا سيد حسام الدين راشديءَ جي سعيي سان تدوين ۽ ترتيب هيٺ آيا. مير علي شير قانع جو لکيل سنڌي صوفين جو منفرد تذڪرو "معيار سالڪان طريقت" بہ راشدي صاحب ايڊٽ ڪرڻ گهريو ٿي، ليڪن افسوس جو سندن هٿان هي ڪم پورو نہ ٿي سگهيو. ان کان علاوه "تحفة الڪرام" جي ايڊيٽنگ بہ اڌوري رهجي وئي. اصلي ماخذن جي اشاعت کان علاوه بورڊ هن ڏس ۾ ڪجهہ ڪتابن جا ترجما بہ ڇپيا آهن. مخدوم امير احمد ڇچ نامہ، تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام - کي سنڌي ويس ڍڪايو. هنن ڪتابن جو

اردو ترجمو اختر رضوي ڪيو. محترم نياز همايوني: مظهر شاهجهاني ۽ تاريخ طاهري - سنڌيءَ ۾ منتقل ڪيا. حافظ خير محمد اوحدي "لب تاريخ سنڌ" جو سنڌي ايڊيشن پيش ڪيو. ان کان علاوه بورڊ "ترخان نامہ" جو سنڌي ڇاپو بہ آڻي رهيو آهي. سنڌ کان ٻاهر بہ ڪجهہ تاريخي ماخذن جا ترجما ٿيا آهن. ڊاڪٽر سليم اختر صاحب "مظهر شاجهاني" انگريزي زبان ۾ "سنڌ انڊر دي مغلس" جي نالي سان ترجمو ڪيو آهي، جنهن کي اسلام آباد جو هسٽري، ڪلچر اينڊ سويلائيزيشن جو ادارو، سنڌ ڪلچر ڊپارٽمنٽ جي مالي مدد سان ڇاپڻ گهري ٿو.

ان کان سواءِ خداداد خان جي "لب تاريخ سنڌ" جو روسي زبان ۾ هڪ ايڊيشن محمدي صافولوف ماسڪو مان پڌرو ڪيو آهي. هن صاحب روسي زبان ۾ سنڌ جي تاريخي ماخذن بابت پڻ مضمون ڇپيا آهن (١).

سنڌي ادبي بورڊ جي هن علمي پراجيڪٽ کان علاوه بہ سنڌ جي تاريخي ماخذن، تذڪراتي ذخيرن ۽ سياسي خطن بابت، گذريل ڪجهہ سالن ۾ ڪم ٿيو آهي، جنهن جو مختصر طرح هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

(١) ذخيرة الخوانين: هي منفرد تذڪرو بکر جي فريد ڀٽ معروف مغل دور جي اميرن بابت لکيو. ان کي ڊاڪٽر سيد معين الحق صاحب ٽن جلدن ۾، ترتيبوار سال ١٩٦١ع، ١٩٧٠ع ۽ ١٩٧٤ع ۾، پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي ڪراچيءَ لاءِ پڌرو ڪيو. هن تاريخي تذڪري ۾ خاص طرح سنڌ ۾ مغل نوابن بابت نهايت قيمتي مواد ملي ٿو.

(٢) انشاء ماهرو: هي ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهروءِ جي لکيل خطن جو مجموعو آهي، جن ۾ ڪجهہ مڪتوب اهڙا آهن، جن ذريعي ڄامن ۽ تغلقن ۾ ٿيل ڇڪتاڻ تي روشني پوي ٿي. سمن جي تاريخ جي ابتدائي حصي تي پيل اونده، هنن خطن جي اڀياس ذريعي ختم ٿي سگهي آهي. پروفيسر شيخ عبدالرشيد "انشاي ماهرو" ايڊٽ ڪيو ۽ لاهور مان ان کي ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان ١٩٦٥ع ۾ شايع ڪيو آهي.

---

(١) وي. ايف. آگشيف: "سنڌ تاريخ ڪي آئيني ۾"، ص ٨، مهاگ از يوري گنڪوفڪسي، اردو ڇاپو، مڪتبہ دانيال، ڪراچي ١٩٨٩ع.

(۳) زبدة المعاصرين: شاعرن جو هي تذڪرو سيد حسين شيرازي، سنڌ جي ميرن لاءِ لکيو هو. هن تذڪري کي ڊاڪٽر محمد باقر ۱۹٦٦ع ۾ لاهور مان ڇپيو آهي.

(۴) لطائف لطيفي: شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت هي فارسي تذڪرو مير عبدالحسين سانگيءَ ۱۸۸۸ع ۾ لکيو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان کي ترتيب ڏئي ۱۹٦۷ع ۾، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران شايع ڪيو. ميان عبدالرسول قادري هن تذڪري جو سنڌي ترجمو ڪيو، جو پڻ ثقافتي مرڪز ۱۹۸٦ع ۾ شايع ڪيو.

(۵) آداب عالمگيري: ٺٽي جي منشي ابوالفتح قابل خان هي خط ترتيب ڏنا، جي اورنگزيب مختلف وقتن تي لکيا هئا. ڪجهہ خطن مان سترهين صديءَ جي آخري اڌ ۾، سنڌ ۾ پکڙيل بيچينيءَ ۽ ابتر صورتحال جو پتو پوي ٿو. هي خط چوڌري عبدالغفور ٻن جلدن ۾ ايڊٽ ڪري سال ۱۹۷۱ع ۾ ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان لاهور ذريعي ڇپيا آهن. ڪجهہ خطن جو اردو ترجمو بہ ٿيو آهي.

(٦) تذڪره مشائخ سيوستان: سيوهڻ جي صوفين جو هي تذڪرو مغل دور ۾، عبدالغفور پٽ حيدر سيوهاڻيءَ تيار ڪيو. هي تذڪرو راشدي صاحب مرحوم جي ڪوشش سان رسالي مهراڻ ۾ ڇپيو (۳-۴ / ۱۹۷۴ع). ان بعد ساڳئي رسالي ۾ (۳-۱۹۷۹/۴ع)، نياز همايوني صاحب ان جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو. مرحوم راشدي صاحب هن تذڪري تي پڻ مفصل ڪم ڪرڻ گهريو ٿي، ليڪن سندن اها آس پوري نہ ٿي سگهي.

(۷) چچ نامہ: ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ان کي ايڊٽ ڪري ۱۹۳۹ع ۾ شايع ڪيو. ان هوندي بہ هن ماخذ جي هڪ نئين مستند ايڊيشن جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ان جذبي تحت ڊاڪٽر بلوچ صاحب "چچ نامہ" جو هڪ معياري ڇاپو مرتب ڪيو ۽ ان تي انگريزي ۾ حاشيا لکيا. هي ايڊيشن اسلام آباد جي هسٽري ۽ ڪلچر واري اداري ۱۹۸۳ع ۾ شايع ڪيو آهي.

### وڌيڪ مکيہ ماخذن جي نشاندهي:

اسين سنڌ واسي گذريل ڏهن سالن کان اجتماعي طور تي، پنهنجن

تاريخي مـاخذن جي اشاعت كـان محـروم رهياسين، تڏهن بہ هن خطي بابت ڪجهہ وڌيڪ ذريعن جي نشاندهي ٿي آهي، جن جو مطالعو اسان جي اتهاس لاءِ نوان نقطا مهيا ڪري سگهي ٿـو. اڳ ۾ هنن ماخذن بابت علمي دنيا کي گهٽ ڄاڻ هئي. جيتـوڻيڪ متي ڏنل لسٽ ۾ انهن جا نالا اچي ويا آهن، پر هيٺ اسين متعلقہ ضمن ۾ ڪجهہ وڌيڪ روشني وجهنداسين.

(١) ارغون نامہ: ارغونن پنجٽيهہ ورهيہ حڪومت هلائي. هن دور ۾ تصنيف ۽ تاليف جا ڪيئي مثال ملن ٿا. هرات جي محمد فخريءَ شاعرنجو منفرد تذڪرو بہ لکيو، جو شاهہ حسن ارغون جي نالي منسوب ڪيائين. ان ڪري خاطري آهي تہ ارغونن بابت هڪ جداگانہ تاريخي ڪتاب پڻ لکيو ويو هوندو. ويهينءَ صدي ۾ سنڌ بابت ڪم ڪندڙ اسڪالر ان متعلق خاموش ڏسجن ٿا. ايليٽ "ترخان نامہ" کي "ارغون نامہ" بہ سڏيو آهي. خداداد خان صرف "ارغون نامہ" جو نالو ڪنيو آهي. مـرزا قليچ بيگ "چچ نامـه" جي انگريزي ڇاپي ۾ "ارغون نامـه" ۽ "ترخان نامـه" جو جدا ذڪر ڪيو آهي. بہ صديون اڳ "تحفة الڪرام" لکندي، مير علي شير قانع پڻ هنن نالن سان بہ جدا جدا ڪتابن جو تذڪرو ڪيو آهي. هن صورتحال ۾ پڪ ٿئي ٿي، تہ ارغونن بابت "ارغون نامہ" نالي هڪ جداگانہ ڪتاب لکيو ويو، پر وقت گذرڻ سان اهو اسان کان بہ وسري ويو ۽ پوءِ سنڌ جون سرحدون ٽپي ڪنهن ٻئي ملڪ ڏي منتقل ٿي ويو. تازو بزرگ اديب مرزا عباس علي بيگ صاحب ٻڌايو تہ "ارغون نامہ" نہ صرف لکيو ويو هو، پر ان کي ڪنهن صاحب ايڊٽ ڪري هندستان مان شايع بہ ڪيو آهي. في الحال ان متعلق ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي، ممڪن آهي تہ "نصرت نامہ ترخان" جو اصل نالو "ارغون نامہ" هجي، جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو (١).

(٢) بکر ۾ مغل نواب: بکر جو پرڳڻو هڪ صدي مغلن جي قبضي ۾ رهيو ۽ اتي نواب يا گورنر مقرر ٿي ايندا هئا. هيل تائين اهو پتو پئجي نہ سگهيو آهي تہ هن ڏس ۾ ڪو ڪتاب لکيو ويو يا نہ؟ خدا داد خان

---

(١) ايشوري پرشاد "دي لائيف اينڊ ٽائيمس آف همايون" جي ص ٢٢١ تي پڻ "ارغون نامہ" جو حوالو ڏنو آهي، پر سندس رفرنس مبهم آهي ۽ اسان جي وڌيڪ رهنمائي نہ ٿو ڪري.

"لب تاريخ سنڌ" ۾ مغل نوابن جي لسٽ ڏني آهي، جي بکر سرڪار تي مقرر ٿيا هئا. ڊاڪٽر حامد علي قريشي صاحب مون کي ٻڌايو ته، هن هڪ اهڙي ڪتاب جو اڀياس ڪيو آهي، جو بکر جي مغليہ نوابن بابت لکيو ويو هو.

(۳) گلزار سنڌ نادرات هند: زنگي پور ڳوٺ تعلقي ٺل، ضلعي جيڪب آباد جي رهاڪو، مولوي عبدالرحيم صاحب سومري، خانداني روايتن کي گڏ ڪري، سومرن جي تاريخ بابت هڪ فارسي مثنوي لکي، جنهن کي پوءِ محمد عثمان سومري ۽ صوفي قلندر بخش جي زور ڀرڻ تي، سن ۱۹۲۲ع / ۱۳۴۰هہ ۾ سنڌي زبان ۾ منتقل ڪيائين. هن مثنويءَ کي بنياد بنائي مولوي عبيدالله شائق سومري، هڪ ڪتاب "دولت علويه" جي نالي سان ۱۹۲۹ع ۾ شايع ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن ماخذ جي نشاندهي ڪئي هئي. راقم کي دوست منظور احمد سومري "دولت علويه" جي ڪاپي ڏني جا چڱي حالت ۾ آهي.

(۴) نصرت نامہ ترخان: هي ڪتاب سورهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري محمد بن بايزيد پورانيءَ لکيو، جنهن ۾ سنڌ جي ترخان ۽ ارغون حاڪمن بابت مواد مليل ٿو. راشدي صاحب ۱۹۸۱ع ۾ مون کي ٻڌايو هو ته هي ڪتاب قدامت جي لحاظ کان "تاريخ معصومي" کان بہ آڳاٽو آهي. هن ڪتاب جو صرف جلد اول علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان راشدي صاحب مرحوم هٿ ڪيو هو. ڊاڪٽر انصار زاهد ڪراچي يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز لاءِ "نصرت نامہ ترخان" ايڊٽ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. ياد رهي تہ زاهد صاحب مغل دور بابت پنهنجي بهترين اسٽڊي اڳ ۾ ئي ڇاپي چڪو آهي (۱).

(۵) انتخاب منتخب: اٽڪ جي محمد يوسف شاهجهان جي زماني ۾ "منتخب التواريخ" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو، جنهن جو هڪ اختصار ٺٽي جي منشي عبدالشڪور اورنگزيب جي دور ۾ "انتخاب منتخب" جي نالي سان تيار ڪيو ۽ ان ۾ سنڌ جي حوالي سان واڌارو بہ ڪيائين. مغل دور ۾

---

(1) History and Culture of Sind, Royal Book Company, Karachi, 1980.

سنڌ بابت لکيل تاريخي ڪتابن جي سلسلي جي هي آخري ڪڙي آهي. راقم ان متعلق ٽي سال اڳ هڪ تعارفي مقالو پڙهيو هو (١).

(٦) نگيران سنڌ: تاريخ جو هي نادر ماخذ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي وٽ محفوظ آهي. ان ڏس ۾ خود سنديلو صاحب لکي ٿو:

"پنڊت موهن لال لالا ڳوٺ پوٽڙن (لڳ سيوهڻ) جو وينل هو. ميان عطر خان ولد ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دربار جو خوش نويس هو. ميان عطر خان جي دربار ۾ ٢٧ خوش نويس هئا، ليڪن جاءِ صدارت پنڊت والاري هئي، جنهن کي کيس "قرة العين" (اکين جو ٺار) جو لقب مليل هو. مياڻ عطر خان "حڪمران سنده"، "آئين اڪبري" جي نموني تي، ١٢ جلدن ۾ (نگيران سنده) يعني "سنڌ جي حڪمرانن جي تاريخ" مرتب ڪرائي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ سان گڏ سنڌ جي ولين جو به ذڪر ڪيل آهي. سنڌ جا قصا ڪهاڻيون به محققانہ انداز ۾ آيل آهن. هن تاريخ ۾ پنڊت صاحب جو وڏو هٿ هو (٢).

اسان جي ان ڪان وڏيڪ ٻي ڪهڙي بدقسمتي ٿيندي جو سنڌ بابت يا خاص ڪري ڪلهوڙن بابت تيار ٿيل هڪ اهڙو ضخيم پستڪ، جنهن جي تياريءَ ۾ خود سنڌ جي هڪ حاڪم ميان عطر خان ذاتي طور تي دلچسپي ورتي هجي، ان بابت پاڻ کي هي به معلوم ڪونهي تہ، ان جو مفهوم ڇا آهي، ان جا باب ڪيترا آهن، ياڳا حصا ڪهڙا اٿس، ڪتاب جا ٻارنهن جلد آهن تہ اهي ڪهڙيءَ ريت رٿيل آهن، تاريخ ڪلهوڙن جي آهي يا سنڌ جو سمورو سياسي اتهاس ان ۾ سمايل آهي، صفحا يا ورق ڪيترا اٿس، قصن ڪهاڻين جي نوعيت ڇا آهي ۽ پنهنجن مشاهيرن بابت ان مان ڪيتري حد تائين مواد

---

(١) رسالو مهراڻ ١ / ١٩٨٦ع. هن مضمون ڇپجڻ کانپوءِ ان متعلق وڌيڪ مواد جي نشاندهي ٿي آهي (ڏسجي ڊاڪٽر آفتاب اصغر جو ڪتاب "تاريخ نويسي فارسي در هند و پاڪستان"، خانہ فرهنگ جمهوري اسلامي ايران، لاهور).

(٢) رسالو مهراڻ ص ٦٦، حاشيو (١٩٨٦/٤ع).

– هن عرصي ۾ شاعرن جي هڪ وڌيڪ تذڪري "محڪ شعراء" جي نشاندهي بہ ٿي آهي. هي تذڪرو مير نور محمد ٽالپر جي زماني ۾، محمد صالح شاملوي خراسانيءَ لکيو هو. تفصيل لاءِ ڏسجي منهنجو مقالو ڇپيل رسالو مهراڻ، ١٩٨٥/٤ع.

ملي سگهندو. حد تہ ھي آھي جو اسان جي ڪنھن بہ علمي اداري ۾ نہ اصل چيز موجود آھي، ۽ نہ وري ان جي فوٽو ڪاپي ئي ھٿ ڪئي ويئي آھي!

## ھاڻي ڇا ڪجي؟

اسان ھٿ تاريخ جي جن بنيادي ماخذن بابت گفتگو ڪئي آھي، اھي گھڻيءَ حد تائين سنڌ جي اسلامي دور بابت مواد مھيا ڪن ٿا. ھن طويل عرصي ۾ سنڌ جي ملڪ ڪافي لاھا چاڙھا ڏٺا. ڪڏھن ھن ملڪ غلاميءَ جا بدترين ڏينھن ڏٺا، تہ ڪڏھن وري سومرن ۽ سمن جي ڏيھي راڄ ۾، پنجن صدين جي خودمختياري، سک ۽ سلامتي ماڻي. ارغون آيا تہ پھرئين ئي ڌڪ ۾ سمن ڄامن جي مثالي حڪومت ختم ڪيائون، ۽ پوءِ ھڪ طرف ٺٽي کان ملتان تائين شھرن تي حملا ڪري، راتاھا ھڻي انھن کي برباد ڪيائون، تہ ٻئي طرف ڏيھي رھاڪن لاءِ، ھي سرزمين تنگ ڪري ڪين ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف لڏپلاڻ لاءِ مجبور ڪيائون. نہ ملڪ اسان جو رھيو ۽ نہ وري شھر اسان جي قبضي ۾ رھيا. شاہ بيگ ارغون کان ڪري اورنگزيب تائين، حڪومت تہ سمرقند ۽ بخارا کان آيل ماڻھن جي رھي، پر ظلم تہ ھي بہ ٿيو جو سنڌ جي ملڪي وحدت بہ ختم ڪئي وئي. سبي الڳ تہ بکر جدا. سيوھڻ جو انتظام جداگانہ، تہ ٺٽي کي وري شاھي صوبو بنايو ويو. لاھري بندر ۽ اورنگا بندر تہ ڄڻ ھٿائي مغلن جي ملڪيت. ارڙھين صديءَ ۾ ڪلھوڙن جي مقامي حڪومت ٺھي، پر ايراني ۽ افغاني حملن سبب غير يقيني حالتون جاري رھيون. مير صاحبن تہ سنڌ جي ملڪ کي وري ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو، ان ريت قومي ايڪي ۽ اتحاد کي زبردست نقصان پھتو.

سنڌ جي مشھور عالم ۽ تاريخدان سيد حسام الدين راشدي مرحوم تاريخ جي اھميت بابت ھڪ ھنڌ لکيو ھو تہ: قومن ۾ زندگيءَ جي جذبن ۽ ولولن کي تازي رکڻ، ۽ منجھن عملي جوش لاءِ نئين خون پيدا ڪرڻ جو سڀ کان اھم ذريعو قومي تاريخ آھي. قومي تاريخ جي ئي صفحن تي پنھنجن بزرگن جا اعليٰ ڪارناما، آئينده نسلن لاءِ ھميشہ واسطي زندگيءَ جو سبق بڻجن ٿا. انھيءَ ئي آئيني ۾ ھر قوم پنھنجي ماضيءَ کي بي نقاب ڏسي سگھي ٿي ۽ پنھنجي عروج ۽ زوال جي اسباب ۽ عوامل تي ٿڌي سيني سان غور

ڪري، آئينده جا خدو خال درست ڪري سگهي ٿي. جنهن قوم وٽ پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ اکين آڏو نه هجي، ان لاءِ سمجهڻ گهرجي ته اها زندگيءَ جي ميدان ۾ عملي محرڪات جي هڪ نهايت ئي اهم وسيلي کان محروم آهي.

قومي زندگيءَ کي سرگرم رکڻ ۽ وقار توڙي آچپي جي هڪ اهم ذريعي ۽ وسيلي لاءِ تاريخ جو اڀياس لازم آهي. ان جي تياري ۽ ترتيب لاءِ بنيادي ماخذن جي اشاعت ۽ موجودگي به ازحد ضروري آهي. راشدي صاحب مرحوم ابتدا ۾ سنڌ جي مغل دور تي ڪم ڪري رهيو هو، ليڪن اڳتي هلي في الحال ان کي غير ضروري سمجهي، سڄو ڌيان تاريخ جي بنيادي ماخذن جي ايڊيٽنگ طرف ڏنائون. جڏهن جرمنيءَ ۾ قوم جي نئين سر جوڙجڪ ۽ جٽي بنديءَ طرف ڌيان ڏنو ويو، تڏهن سڀ کان اول ادب، ڪلچر ۽ تاريخ بابت، هزارين موجود ماخذن کي سهيڙي سموهي ڇاپيو ويو. بلاشبه قومن جي نئين حياتي ۽ سرت پريو سماج، صرف نعريبازي ۽ خيالي ڳالهين سان حاصل نه ٿا ٿين. تاريخ ۾ سنڌي قوم جون ڪيل سوين غلطيون به ملن ٿيون، ته ان ذريعي روشن مستقبل جا امڪان ۽ بهتر جيوت لاءِ اميد جا ڪرڻا پڻ پسجن ٿا.

ڊاڪٽر دائود پوٽي جي محنت کانپوءِ، سنڌي ادبي بورڊ تاريخ سنڌ جي ماخذن ڏي ڌيان ڏنو. ان جي ڪيل ڪم جو وچور مٿي ڏنو ويو آهي. گذريل هڪ ڏهاڪي ۾ هن ناليري اداري، سنڌ بابت ڪنهن به ماخذ کي شايع نه ڪيو آهي. ڪجهه سالن کان جتي اسان جي تعليم زوال پذير ٿي آهي، اتي اسان جي ادبي ادارن جو سلامت رهڻ به هڪ معجزو آهي. اڄ اسان جي تعليمي مرڪزن ۾ علم انسان (Humanities) جا شعبا ويران ٿي چڪا آهن. انهن درسگاهن ۾ شاگرد ته داخلا نه ٿا وٺن، پر چند استادن کان سواءِ، ڪوبه سنڌ جي تاريخ جي تحقيق ۽ اڀياس ۾ دلچسپي نه ٿو وٺي. ان صورت ۾ مشرقي ٻولين جا ڄاڻو ته ڳوليا نه ٿا ملن، پر انگريزي زبان به اسان لاءِ اوپري ٿي رهي آهي. تاريخ سنڌ جي قديم ڪتابن جو وڏو تعداد فارسي زبان ۾ آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽو، سيد حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر بلوچ پنهنجن تاريخي ماخذن ايڊٽ ڪرڻ سبب، اسان جي علمي اتهاس ۾ وڏي وقعت رکن ٿا. سندن ليول جا عالم ۽ محقق روز روز پيدا نه ٿيندا آهن.

ان هوندي ٻه سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر، عربي ۽ فارسي ٻولين جا ڄاڻو اڃا ٻه ملي ويندا، جي اسان جي تاريخ جي بنيادي ڪتابن جي ايڊيٽنگ ۽ ترجمن ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. اڄ اسان کي جلد کان جلد انهن اديبن ۽ ڄاڻن جون خدمتون حاصل ڪري، سنڌ بابت قديم ماخذن جي اشاعت طرف توجه ڏيڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ ايندڙ ڏهن پندرهن سالن ۾ اسان جي وڏن جا لکيل ڪتاب خود اسان لاءِ بيڪار ٿي ويندا.

هن علمي ڪم لاءِ وڏ کان وڏ جوابداري سنڌ سرڪار جي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي آهي، جو هڪ کان وڌيڪ ادبي ۽ ثقافتي ادارن جي سرپرستي ڪري ٿو. خود سنڌي ادبي بورڊ جنهن سنڌ جي بنيادي تاريخي ڪتابن جي اشاعت ۾ دلچسپي ورتي، ان کي ٻه ڪلچر ڊپارٽمنٽ جي سرپرستي حاصل آهي. هن ڏس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ تي ٻه ڪي ذميداريون اچن ٿيون. پنجاب يونيورسٽي هن ڪم جي اهميت کي ڏسندي، رسرچ سوسائٽي آف پاڪستان تشڪيل ڏني، جنهن هيل تائين تاريخ بابت بنيادي ماخذن جو وڏو تعداد ڇاپيو آهي. چون ٿا ته ڪراچي يونيورسٽيءَ اندر ڪراچي اسٽڊي سينٽر ٻه قائم ڪيو ويو آهي. هوندي ٻه يونيورسٽين جو ڪم رڳو پڙهائي نه آهي. جيسين تحقيق جي ڪم ۾ دلچسپي نه ورتي ويندي، ايسين ڪابه يونيورسٽي اڳوري ليکي ويندي. اسان جي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌالاجي ٻه آهي، پر ان جو ڪم گهڻ رخي ذميدارين تي ٻڌل آهي. سنڌ جي تاريخي ماخذن جو وڏو تعداد اڃا اڻ ڇپيل حالت ۾ آهي. انهن جي ڇپائي ۽ ايڊيٽنگ لاءِ هڪ فرد نه پر هڪ مڪمل جداگانه اداري جي ضرورت آهي. ان ڪري اسان جي سنڌ يونيورسٽيءَ جي موجوده سربراه محترم ڊاڪٽر آر. اي. شاهه صاحب ۽ سنڌ ڪلچر کاتي جي هاڻوڪي سيڪريٽري محترمه مهتاب اڪبر راشدي صاحبه کي گذارش آهي ته پاڻ هن ڏس ۾ ڪي ضروري اپاءَ وٺن ۽ هڪ اهڙي اداري جي قيام ۾ دلچسپي وٺن، جنهن جو ڪم صرف ۽ صرف سنڌ جي بنيادي ماخذن جي اشاعت هجي. سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده چيئرمين عالي مرتبت مخدوم محمد زمان طالب المولي صاحب کي پڻ اسان جي اپيل آهي ته پاڻ پنهنجي اداري کي هن ڏس ۾ وري سرگرم ڪن ۽ تاريخ سنڌ بابت ابتدائي

ڪتابن جي ڇپائي لاءِ ڪي فيصلا ڪن. محترم غلام رباني آگرو صاحب ۽ حبيب الله صديقي صاحب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ پڻ ان پوزيشن ۾ آهن، جو هو صاحب به سنڌ جي تاريخ تي ڪجهه نه ڪجهه ڪري سگهن ٿا.

(هي مـضـمـون جون ١٩٨٩ع ۾ نازسنائي "سنڌ جي تاريخ جا مـاخذ" نالي ڪتاب ۾ ڇپيو هو. جنهن کي پوءِ وڌائي سڌاري وري سه ماهي "مهراڻ" نمبر ٢، سال ١٩٩٠ع ۾ ڇپرايو ويو).

# سنذي بولي ۽ ساهت

سراج جو "پڙاڏو سو سڏ" آغا سليم جو "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" ۽ موهن ڪلپنا جو "جلاوطني" تاريخي ناول آهن. افساني ڪي جمال ابڙي نئون موڙ ڏنو. سندس جوڙ جا ٻيا افسانہ نويس هي آهن: غلام رباني آگرو، اياز قادري، ابن حيات پنهور، بشير موريباڻي، حفيظ شيخ، نجم عباسي، سراج، رسول بخش پليجو ۽ ناصر مورائي. ان ڪانپوءِ واري تهيءَ ۾ افسانہ نويسن جي وڏي تيم هن صنف کي فن ۽ فڪر جي لحاظ ڪان مالا مال ڪيو. غلام نبي مغل، نسيم کرل، جمال رند، تاج بلوچ، حميد سنڌي، عبدالقادر جوڻيجو، عبدالحق عالماڻي، ممتاز مهر، ظفر حسن، محمد دائود بلوچ، نبي بخش ڪوسو، قمر شهباز، علي بابا ۽ امر جليل سٺا افسانہ نويس آهن. جيتوڻيڪ طارق اشرف سماجي اوڻاين خلاف قلم ڪاهيو، ليڪن هن صاحب "سهڻي" رسالي ذريعي افسانوي ادب جي ترقيءَ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. مردن ڪان سواءِ عورتن بہ افساني جي دنيا ۾ پاڻ ملهايو آهي. جهڙوڪ: زينت چنا، ثميره زرين، ماهتاب محبوب، رشيده حجاب، نور شاهين ۽ رشيده شيخ. ون يونٽ جي آخر ڌاري ماڻڪ ۽ ارباب سنڌيءَ پڻ افساني تي طبع آزمائي ڪئي.

# سنڌي ادب جي تاريخ جي
# موجوده صورت

اي گت غواص، جنءِ، سمنڊ سوجهيائون
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون، هيرو لال هٽن سين!

(شاه - گربخشاڻي)

اڄ، سنڌ ننڍي کنڊ ۾ ته نهيو پر ڌرتيءَ جي سڄي گولي تي پنهنجي نرالي جاگرافيائي بيهڪ، شاهوڪار تمدن توڙي تهذيب ۽ پنج هزار سال پراڻي تاريخ جي ڪري نهايت اهميت رکي ٿي. موهن جي دڙي جي آثارن جي تباهيءَ تي، جيترو ڏک ڌارين کي پيو ٿئي، ايترو پنهنجن کي نه! ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته مجموعي طرح انسان ذات جي لاءِ سنڌو ماٿر ڪيڏو نه قابل فخر سرمايو آهي. انهن سڀني حقيقتن آڏو هوندي به، سنڌ جي ادبي تاريخ مورڳو هڪ هزار ورهين کان چوڏهن سؤ ورهيه پراڻي تسليم ڪئي وئي آهي. هن دکدائڪ صورتحال جا مون وٽ صرف به سبب آهن. هڪ ڌارين جي حملن ۾ سنڌي علم ادب جو جلائو ڪاٽ وانگر برڻ ۽ ٻيو اهل سنڌ جي پنهنجي ديس جي ٻوليءَ ۽ ادب ڏي شرمناڪ حد تائين بي توجهي!

سنڌي ٻوليءَ متعلق پيرو مل وارو نظريو هاڻي فرسوده ٿي چڪو آهي. سراج ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو بحث اڃا جاري هو ته، مثان الانه صاحب سنڌي ٻوليءَ جي اصليت تي اجهو هي راءِ ڏني آهي: "سنڌي ٻولي غير آريائي خاندان واري ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ کتل آهن، جا آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ نه فقط ڳالهائي ويندي هئي پر لکي به ويندي هئي...." (١). حقيقت ۾ دانشمندي به اهائي آهي ته سنڌ کي سنڌ اندر ڳولجي نه ڪه ان کان ٻاهر! بهرحال جڏهن موهن جي دڙي

---

(١) سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد - ٻيو ڀول صفحو ڏ. زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، سال ١٩٧٤ع.

واربون مهرون پڙهجي وينديون، تڏهن نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جي حسب نسب جي تلاش آسان ٿيندي. بلڪ سنڌ جي پراڻي رسم الخط ۾ آڳاٽي ادب متعلق بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ سرمايو ملي ويندو.

سن ۱۵۰۰ قبل مسيح ڌاري سنڌو ماٿر جي تهذيب جي پڄاڻي ٿي. آرين مذهب جو سهارو وٺي نہ رڳو هن خطي کي غلام بنايو، سنڌ جي شاندار تهذيبي ورثي جي بربادي ڪئي، بلڪ ليمبرڪ چواڻي بعد ۾ هي ملڪ ڊگهي عرصي لاءِ انهن جاهلن جي قبضي ۾ رهيو، جن اول ڪيس تاراج ڪيو هو. دلچسپ ڳالهہ وري هيءَ آهي تہ هن طويل عهد (۱۵۰۰ ق.م - ۷۱۲ع) جي پڄاڻي وري بہ مذهبي ڇڪتاڻ سبب ٿي. عربن سنڌ کي ۷۱۲ع ۾ فتح ڪيو.

سنڌي ادب جي ڪهاڻي عربن واري زماني کان شروع ٿئي ٿي، جن سنڌ تي ٽي صديون راڄ ڪيو. فتوحات جي اٿل پٿل ۾ سنڌ جو بي انداز علمي نقصان ٿيو. سنڌين جي اڪثريت اسلام قبول ڪيو ۽ باقي جن پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ جو بچاءُ ڀاڄ ۾ ڏٺو، تن هند ڏي رخ رکيو. نتيجي ۾ سنڌي علم - ادب جو ڏيئو گل ٿي ويو. هاڻي سنڌ نندي ڪنڌ بجاءِ اولهہ جي سميري تمدن جي اثر هيٺ هئي. مذهب، ٻولي، ادب ۽ ثقافت - مطلب تہ هر طرح جي سميري تمدن، سنڌ تي پنهنجو اثر ڇڏڻ شروع ڪيو. پوءِ جڏهن سرسبز "سومرن" سنڌ جي واڳ ورتي، تڏهن لکين ميلن ۾ پکڙيل هي سرسبز ملڪ باقي وڃي، ۵۰,۰۰۰ چورس ميلن تي محدود ٿيو هو.

عربي ٻوليءَ کي "قرآن پاڪ" جي ڪري اڳ ۾ ئي اهميت حاصل ٿي چڪي هئي. پر خليفي عبدالملڪ (۴۳-۸٦هہ) جي حڪم تہ، "عربي آئنده فارسي ۽ ليٽن جي جاءِ تي سرڪاري ٻولي رهندي"، ان جي افاديت کي وڌائي ڇڏيو (۱). عربن کان اڳ سنڌي هتي جي سرڪاري ٻولي هئي، پر جڏهن سنڌ عربن جي غلاميءَ هيٺ آئي؛ تڏهن عربيءَ کي هتي بہ ٻٽي اهميت حاصل ٿي. هن زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ عربيءَ جا بي شمار لفظ داخل ٿيا. بلڪ اسان جي ٻوليءَ جي بنيادي سٽاءَ ۽ گرامر کان ويندي رسم الخط تي بہ عربي ٻوليءَ گهرا اثر ڇڏيا (۲). سوين سنڌي عالمن عربيءَ ۾ دسترس حاصل

(1) Hitti: "History of the Arabs", P-217, London, 1964.

(۲) ڏسو "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، از ڊاڪٽر بلوچ، حيدرآباد، سال ۱۹٦۲ع، ٻيون باب، ص ص ۲۰-۵۰.

ڪري، شعر ۽ سخن ۾ عربن کان داد ورتو. سنڌ لاءِ جيڪا ڪارائتي شيءِ هن دور ۾ لکي وئي ۽ پوءِ فارسيءَ جي معرفت موجوده نسل جي هٿ ۾ آئي؛ ان جو نالو "منهاج الدين والملڪ" (۲۲۵ - ۲۵۵هه) چيوويو آهي. هي ڪتاب اسان جي چاڻ موجب سنڌجي تاريخ جو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو اسان تائين پهتو ۽ اڳتي هلي "فتح نامه" يا "چچ نامه" جي نالي سان مشهور ٿيو. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تحقيق موجب مصنف جو نالو خواجہ امام ابراهيم آهي (۱).

اچو تہ هن دور جي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي جانچ ڪيون. عربن جي زماني جي تاريخن پڙهڻ بعد، ان ڏس ۾ هيٺيان نقطا نروار ٿين ٿا.

عرب سياحن جي سفرنامن مان سنڌجي رسم الخط جو پتو پوي ٿو؛ جن مان نمايان اهميت ديوناگريءَ کي هئي. ممڪن آهي تہ ان دور جو ڪتابي سرمايو اڄ بہ هند ۾ هجي. جو تہ جن عالمن اسلام قبول نہ ڪيو، سي پستڪ پنهن سان ٻڌي اوير ڏي نڪري ويا هئا. اڳتي هلي آهستي آهستي سنڌي الف - ب ؛ عربي رسم الخط ۾ لکجڻ شروع ٿي، جنهن لاءِ اهم ڪردار مغلن جي پڇاڙي يا ڪلهوڙا حاڪميت جي ابتدا ۾ وري هڪ ٽين ٻولي يعني "فارسي" ادا ڪيو.

هن دور جو هڪ بيت مليو آهي، جنهنجي اصليت تي بحث هلندڙ آهي-

اره بره ڪنڪره ڪرا ڪري مندره

بادشاهہ عبدالله بن عمر هباريءَ جي دور ۾ اتر سنڌ جي هڪ راجا لاءِ قرآن پاڪ جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو. قوي گمان آهي تہ اهو "ديوناگري" ۾ لکيو ويو هوندو، جا ان وقت سنڌ ۾ ڪتب ايندي هئي.

جن سنڌي بزرگن عربي علم ادب ۾ نالو ڪڍيو، انهن کان هزار ڀيرا وڌيڪ اهي عالم آهن؛ جن بغداد وڃي سنڌي علم ادب جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪري، سنڌ کي يورپ تائين مڃتا ڏياري. خبر نہ آهي ڇو سنڌ جي ادبي تاريخن ۾ ڪين ياد ڪرڻ ۾ شرم محسوس ڪيو ٿو وڃي! چند عالم هي

---

۱، راشدي صاحب جو مقالو "سنڌ جي تاريخ جا بنيادي ماخذ"، رسالو مهراڻ، سيارو، سال ۱۹۵۵ع.

نوٽ: ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، مترجم علي ڪوفيءَ کي "چچ نامہ" جو ليکڪ توڙي مرتب ڄاڻايو آهي (ڏسو عرب "پيرڊ" ص ۱۵، سنڌي ادبي بورڊ).

آهن - ماڻڪ، پلو، پنڊت، گنگا (طبيب)، راجا ۽ ڏنڻ وغيره. سڌنتا ( سند - هند)، ڪنڊ يا ڪنڊيڪ [ارجبهر - آرڪند]، پنجتنتر [ڪليلہ ودمنہ]، ۽ سشرت [سرو] وغيره اهي سنڌي ڪتاب آهن جن جو بغداد ۾ ترجمو ٿيو ۽ سڄي دنيا سنڌ جي علم - ادب مان فائدو ورتو (١).

تاريخ پنهنجو پاسو بدلايو ۽ ڏيهي ماڻهن ۾ ايترو ست ايريو، جو هِن ايندڙ ٽن صدين (١٠١٠ - ١٣٥٠ع) لاءِ سنڌ جي بادشاهي سومرن کي ڏياري. سنڌ جو هي سرويچ قبيلو گهڻو ڪجهہ چاهڻ جي باوجود بہ، سنڌ لاءِ ڪو خاص ڪارنامو نہ ڪري سگهيو. ڇو تہ حملي آورن (جن مان اڪثريت هم مذهب يعني مسلمانن جي هئي) سنڌ کي لاڳيتو پنهنجي حملن جو نشانو پيي بنايو. هن دور ۾ عربيءَ کي سنڌ جي سرڪاري ۽ علمي ٻولي هجڻ جو شرف حاصل رهيو (ڪي عالم "سنڌي" بہ چون ٿا). پر هيل تائين هن زماني جي ڪنهن بہ عربي تصنيف جو ڪو اهڃاڻ نہ مليو آهي. هن ئي دور ۾ سنڌ تي فارسيءَ کي مڙهڻ جي ڪوشش ٿي پر اها بي سود ثابت ٿي. علي ڪوفي ۽ قلندر شهباز هن ئي زماني ۾ فارسي شعر ۽ ادب ڪٺي سنڌ ۾ داخل ٿيا. متي ذڪر ڪيل عربي تاريخ جو سومرن جي زماني ۾ علي ڪوفي، فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو؛ جيڪو پوءِ "چچ نامه" جي نالي سان مشهور ٿيو.

جيتوڻيڪ سومرن جو دور سياسي لحاظ سان افراتفريءَ جو گذريو، تاهم سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ هي دور تعميري تسليم ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ تي هن دور ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي ٻولين جو گهرو اثر پيو.

سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، ليلان چنيسر، سهڻي ميهار، سيف الملوڪ، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ مورڙو مانگر مڇ - هن دور جا داستان آهن. مل محمود ۽ مهرنگار، ڏمڻ سونارو، خدا دوست ۽ محمود غزنوي توڙي عمر ۽ گنگا - بہ هن دور جا نيم عشقيہ قصا آهن. پر ڪين ايتري شهرت نہ ملي. سومرن ۽ گجرات جون لڙايون، دودي چنيسر جي جنگ، ۽ ڄام هالي ۽ همير سومري جي ويڙهہ - هن دور جي رزميہ داستانن ۾ شمار ٿئي ٿي.

---

(١) غلام محمد گرامي صاحب جو مقالو "ڪتاب ۽ سنڌ"، مهراڻ ١-١٩٧٣/٢ع ۽ پڻ ڏسو "تاريخ سنڌ- عرب پيريڊ" ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٨ع.
نوٽ: سڌنتا "علم حساب" ۽ سشرت "علم طب" بابت ڪتاب هئا.

لاکو ڦلاڻي، سپڙچار، چار جکرو، چار اوٺو، هٿند ٺڏياڻي، هن دور جا سورهيه، سخي ۽ ڏاتار آهن. هنن داستانن، قصن، سورهين ۽ سخين جي تمثيل، سهاري ۽ سگهه سان سنڌي شعر جي عمارت جا بنياد رکيا ويا.

سومرن جي دور ۾ شعر ۽ سخن لاءِ؛ هنن صنفن ۽ متعلقه شاعرن جو ڏس پتو مليو آهي. ڳاهه (واقعاتي / عشقي) ڏمڻ سوناري جي ضمن ۾؛ رزميه ڳاهه (جنگي واقعن تي مشتمل) ياڳ يا ياڳو ذات جو يان؛ مدحيه بيت ۽ سِٺَ (سومرن جي مذمت ۽ سمن جي ساراهه) سمنگ چارڻ؛ گنان (ڪافي ۽ وائي جي قريب آهي) پير صدر الدين؛ ڳيچ (شاديءَ جي موقعي جا گيت) مرڪان شيخڻ؛ ۽ واقعاتي بيت بکر جا رضوي سيد (بدرالدين) ۽ پير پٺو - ان ڏس ۾ تاريخ ۾ محفوظ رهجي ويا آهن (۱).

اسانجي آڏو رفرنس بڪ ۾ ڪنهن رضوي شاعر جو نالو نه آيو آهي. البته هڪ بيت هن ريت ڏنو ويو آهي:

جي ڪنيءَ تہ مئين، جي وئين تہ واءِ
ٻنهي منجهان هڪڙي، هڪ نہ آيئہ ڪاءِ.

سيد حسام الدين راشديءَ، بکر جي شاعر جو نالو بدرالدين لکيو آهي ۽ ساڳيو بيت هن ريت ڏيندي لکي ٿو تہ اهو سنڌيءَ جو قديم ترين شعر ڏسجي ٿو؛

ڪٽين تان هارئين، مرين تہ وڃين واءِ
ٻنهي منجهون هڪڙي، چڱين نہ ٿئي ڪاءِ!

(حديقة الاولياء، مقدمو، ص ٦۴).

محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيدي صاحب هن دور جي ادبي سرمايي لاءِ جيڪو نچوڙ ڏنو آهي ان موجب؛ ڳاهه جي صورت ۾ سنڌي بيت اسريو. ڳاهه يا بيت هندي شاعريءَ جي اثر هيٺ "دوها ڇند"، "سورٺا ڇند" ۽ "دوها سورٺا ميل" جي نوع تي اسريو. سنڌي بيت ٽن سٽن تائين پهتو هو. گِنان جي صورت ۾ وائي يا ڪافيءَ جي سٽاءَ لاءِ بنياد پيو. قصن ۽ ڪهاڻين جي سهاري

(۱) هن دور جي ادبي مطالعي لاءِ ڏسو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ". نوٽ: گنان جي ذريعي اسماعيلي پرچار جي تحريڪ هلائي وئي.

سنڌي شاعري اسري ۽ ايري (١).

سمن جي بادشاهي سومرن کان پوءِ شروع ٿي. هنن ١٣٥٠ع کان ١٥٢٠ع تائين حڪومت ڪئي. سومرن جي زوال جي ڪهاڻي به عبرتناڪ آهي. جڏهن هنن جو زوال آيو ته هڪ طرف سمن (جيڪي سندن امير هئا) سان ڦتائڻ لڳا ته ٻئي طرف همير سومري وطني حقن کي ريٽي، ڪرسي بچائڻ لاءِ دهليءَ جي دلالي ڪرڻ شروع ڪئي. سمن جي آزاديءَ واري تحريڪ کي جنهن نموني تغلقن ڏوهه، ٺڳي ۽ فريبڪاريءَ سان ختم ڪرڻ گهريو، جهڙي ريت سنڌي سورمن کي ڪوڙو، بدعهد، دغاباز ۽ ڪافرن کان به بدتر هجڻ جا لقب ڏنا ويا، جنهن طرح سنڌي سرويچن کي ڦاسيون ڏئي سندن کلن کي ٻُهه سان پرائي عبرت لاءِ قلعن تي ٽنگيو ويو- سي هڪ طرف انساني تاريخ ۾ انتهائي شرمناڪ ۽ ذليل قسم جون حرڪتون آهن ۽ ٻئي طرف اسان جي تاريخ جو سونهري باب پڻ! آزاديءَ جي هي تحريڪ ١٣٣٣ع ڌاري شروع ٿي ۽ ١٣٨٨ع ۾ ختم ٿي (٢). ان بعد سنڌ پنهنجي طور تي مڪمل آزاد ۽ خودمختيار رهي. دولهه دريا خان جي شهادت (١٥٢٠ع)، تي هن دور جي پڇاڙي ٿي.

عربي ٻولي هن دور ۾ دفتري ۽ علمي حيثيت ۾ فائز رهي. دهليءَ طرفان سنڌ تي فارسيءَ کي مڙهڻ جي ڪوشش ٿي پر اها ناڪام ٿي. بهرحال هن دور جي ڪجهه فارسي شاعرن جو ذڪر ملي ٿو. ٻن عربي ڪتابن جو پتو پيو آهي جي هن دور ۾ لکيا ويا. هڪ جو نالو "الزبدة" ۽ ٻئي جو نالو "تذڪرة المراد" آهي. سمن جي دور ۾ پڪ آهي ته جهجهي تصنيف ۽ تاليف ٿي هوندي، ليڪن ارغوني تباه ڪارين ۾ سڀڪجهه فنا ٿي ويو (٣).

سنڌي ٻولي حڪمرانن جي زبان هجڻ ڪري سنڌ کان ٻاهر اهميت ميڙائڻ لڳي. معياري يعني وچولي، وچ مان نڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتي. ميمڻ صاحب پنهنجي ادبي تاريخي جائزي ۾، سمن جي دور جي ادبي

---

١. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص ص ٢٧ - ٢٩، سال ١٩٨٢ع.
٢. سمن جامن جي تحريڪ لاءِ ڏسجي "مڪلي نامہ" از سيد حسام الدين راشدي، .سفرنامہ ابن بطوطہ" مترجم محمد ابراهيم عباسي ۽ "انشاء ماهرو" طبع لاهور.
٣. غلام محمد لاکو "سمن جي دور جي سرڪاري ۽ علمي ٻولي" (اڻ ڇپيل مقالو).

ورثي جو هن ريت احاطو ڪيو آهي، ”سنڌي بيت سمن جي دور ۾ ارتقائي منزلون طئي ڪري فني پختگي حاصل ڪئي. ان وقت بيت جيڪي فني روايتون اختيار ڪيون سي اڄ تائين، هلنديون اچن. البت پوئين زماني ۾ بيت جي سٽن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو. ان دور جون معنوي توڙي تمثيلي خاصيتون اڄ ب هلنديون اچن“ (١).

ڄام ابڙو، ڄام پونئرو، ڪارائڙو سمون، ۽ ٻڍاماڻي پنرو ان دور جا سخي ۽ ڏاتار آهن. ڄام لاکو ۽ مهر راڻي، ڄام لاکو ۽ اوڏڻ، ڄام اوڍو ۽ هوتل پري، ڄام جراڙ ۽ ٻوبنا، نوري ۽ ڄام تماچي، توڙي دريا خان ۽ همون هن دور جا عشقيه داستان آهن. هنن داستانن ۽ قصن توڙي ڏاتارن جي سخاوت جي سهاري سنڌيءَ ۾ مدحيه بيتن ۽ عشقيه ڪهاڻين جي اوسر جاري رهي. ان ڪانسواءِ هن زماني ۾، ب اسماعيلي پرچار لاءِ پير ڪبيرالدين، تاج الدين ۽ امام شاه ”گنان“ جي صنف کي اڳتي آندو. سٽ بيت ماموئي فقيرن جي ضمن ۾ مليا آهن، ت هڪ دعائيه فقرو ب ملي ٿو.

هن دور جي جنگي نعري ۽ واقعاتي بيت (نوح ڪيبرائي ۽ شيخ حماد) کي پڙهندي، سنڌي شاعرن جي سنڌ سان محبت نروار ٿيو وڃي. ڪيئن ت قديم دور ۾ ب اسان جا شاعر پنهنجو قومي ڪردار نباهي ويا. ان ڪان سواءِ چوهڙ شاه (موءِ) جي محفل ۾ چيل ڪجهه سنڌي بيت ب هن دور جي سرمايي ۾ اضافو ڪن ٿا. مخدوم احمد ڀٽي ۽ اسحاق آهنگر ب هن دور جا مکيه شاعر آهن. شيخ پراڙ (؟)، سمن جي دور جي ادبي تاريخ جي پيڄاڙي آهي.

چَندنُ چُورُ ڪريندي، رَتو مَهَ ڪهاڙ
سڄڻ ڏڄڻ ن ٿيهي، جي رُسي سؤ وار
پروڙئو پَراڙَ، ت ڪرهيندي قرب ٿيهي (٢).

زماني رنگ بدلايو. اڄ سنڌ پنهنجن بجاءِ، وچ ايشيا مان آيل خوني وحشين جي قبضي ۾ هئي. آزاديءَ جي قيمت ڳري آهي. جا قوم سنجهي ئي غفلت جي ننڊ ۾ ستي، سا اڄ غرق ٿئي يا صبحاڻي! سنڌي پاڻ ۾ وڙهيا ۽

---

١. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص ص ٤٥ - ٥١.
٢. ڊاڪٽر دائود پوٽو ”شاه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ ص ٨٣، ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، سال ١٩٧٧ع.

وارو ارغونن کي مليو، جن سنڌ تي ١٥٥٥ع تائين راڄ ڪيو. ان بعد ترخانن ١٥٩٢ع تائين پنهنجو وارو وڄايو. ان زماني ۾ سنڌ ٻن حصن ۾: بکر ۽ ٺٽي ۾ تقسيم ٿي وئي. جڏهن هي منڪ دهليءَ جي تسلط ۾ آيو، تڏهن سنڌ جي نئين سر انتظامي جوڙجڪ ڪري، ان کي ڊگهي عرصي لاءِ غلام رکڻ جي رٿا ڪئي وئي. سنڌ کي ڇهن سرڪارن (ڊويزنن) ۾ ورهايو ويو. بکر ۽ سيوهڻ سرڪار لاءِ جدا جدا فوجدار اچڻ لڳا، جن جي نگراني ملتان صوبي کي ڏني وئي ۽ باقي چئن سرڪارن کي ٺٽي صوبي جي ضابطي ۾ ڏنو ويو، جنهن جو واسطو دهليءَ سان هو.

ارغونن، ترخانن، ۽ مغلن جي راڄ ۾، سنڌ سان نسورو ناحق هو. هن دور ۾ سنڌ تي فارسيءَ کي علمي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت ۾ مڙهيو ويو. عربي جيڪا لاڳيتو اٺ صديون هتي جي سرڪاري ٻولي رهي، سا هاڻي صرف مسجد، محراب ۽ مدرسي جي ڪنڊ پاسي ۾ پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي.

سنڌيءَ سان آفريڪا جي ڪنهن غلام زبان وارو سلوڪ روا رکيو ويو ته، جيئن اها پنهنجو موت پاڻ مري وڃي. "پارسي گهوڙي چاڙهسي"، هن دور جي صحيح عڪاسيءَ لاءِ ڪافي آهي(١). فارسي تصنيف ۽ تاليف جي سرپرستي ٿيڻ شروع ٿي، جنهن ڪري سوين شاعرن ۽ عالمن، وچ ايشيا کان سنڌ ڏي رخ رکيو. اڄ نه اهي وحشي ارغون ۽ ترخان آهن ۽ نه وري دهليءَ جي مغلن جي بربريت باقي آهي. نه فارسيءَ جو ڪو اوج رهيو آهي ۽ نه وري اڄ ان جي حق ۾ ڪو آواز اٿارڻ وارو نظر اچي ٿو! بهرحال سنڌ جي قومي تاريخ جي عمارت لاءِ، ان دور جون ڪجهه فارسي تصنيفون اڄ به، اسان لاءِ تمام گهڻي اهميت رکن ٿيون. تذڪرن ڪانسواءِ هن دور ۾ هي تاريخون هتي لکيون ويون: نصرت نامه ترخان (ارغون نامه؟)، تاريخ معصومي، بيگلار نامه، تاريخ طاهري، تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ ترخان نامه. ٻهريون ڪتاب تازو علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ڇپ ٿي آيو آهي ۽ ڊاڪٽر انصار زاهد خان (ڪراچي)

(١) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکي ٿو ته: "شاه بيگ وڏو علم دوست هو" (سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، ص ٣٧، سال ١٩٨٠ع، ناشر سنڌالاجي). پڪ سان ارغونن جي هي علم دوستي سنڌي زبان جي قيمت تي هئي!

ان کي ايڊٽ ڪري رهيو آهي(١). باقي سڀ تاريخون ڇپجي چڪيون آهن.

ڏارين طرفان سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج تي ٽيندڙ بي انتها ظلم ۽ ناانصافيءَ ڪري، ڪيترن سنڌي عالمن، شاعرن ۽ بزرگن سنڌ کي ڇڏي گجرات ۽ عرب جو رخ رکيو. هنن ماڻهن کي سنڌ جي بي وسي ۽ غلاميءَ جو بي حد فڪر هو. ان ڪان علاوه ڪي عالم اهڙا به ڏسجن ٿا، جن سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ جي جنگ سنڌ ۾ ويهي وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. مجموعي طور تي بنا ڪنهن هيڪ جي مي چئبو ته اهي عالم جن گجرات جو رخ رکيو ۽ اهي بزرگ جن سنڌ نه ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو- ٻنهي حلقن کي سنڌي ٻوليءَ جو گهرو فڪر هو. شيخ لاڏجيو جي محفل ۾ ڪافين جي تنوار ۽ سنڌ ۾ درگاهن تي سنڌي مشاعرن جون نشستون، ان ڳالهه جو قوي ثبوت آهن! انتهائي منظم طريقي، رٿا ۽ گهري سوچ ويچار بعد؛ تصوف ۽ مذهب توڙي عشق جي حوالي سان، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي بچاءَ لاءِ هي شاندار ۽ طويل جنگ - ايندڙ دور يعني ته شاه لطيف جي اچڻ تائين جاري رکي وئي.

ادبي لحاظ سان هن دور جي شاعري نهايت ئي پختي آهي. هڪ طرف تصوف جو رنگ ڏسجي ٿو، ٻئي طرف حسن، محبت ۽ عشق جا داستان آهن ته، ٽئين طرف ان ذريعي سنڌي معاشرت ۽ معاشيات جي هڪ جهلڪ پڻ ملي ٿي. ڪافيءَ جو ڪو نمونو ته نه مليو آهي، البته وائي ميين شاه عنايت جي ڪلام ۾ ملي آهي. ناڪئن، جوڳين، ساموندين، آديسين ۽ رومانوي تمثيلن جو سهارو به ورتو ويو ته، ملڪي حالتن جي غير يقيني ڪيفيت جو ڏس پتو به ان دور جي شاعريءَ ذريعي پوي ٿو (عثمان احساني). ان ڪانسواءِ الف اشباع قسم جي شاعريءَ جو پهريون مثال به هن دور ۾ ئي مليو آهي (٢).

هن دور جي شاعري ۽ شاعرن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

راڄو ستيو دل، درس علاؤالدين سومرو ۽ فاضل بکريءَ جو ڪلام محفوظ نه رهيو آهي. ياد رهي ته فاضل بکري، مشهور مؤرخ مير معصوم جو

---

١. نصرت نامر ترخان - ڊاڪٽر اينمري شمل هٿ ڪيو ۽ سيد حسام الدين راشدي مرحوم جي حوالي ڪيو.

٢. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ص ص ٦٦ - ٧٠، سال ١٩٨٢ع.

ياءُ هو ۽ هو ڪافيون چوندو هو.

پير محمد لکوي (و - ١٥٧٠ع)، سيد علي ثاني شيرازي (و- ١٥٧٣ع)، مخدوم نوح (و - ١٥٩٠ع)، شاه خيرالدين (و- ١٦١٧ع)، ۽ عثمان احساني (و - ١٦٣٠ع)- جو تمام ٿورو ڪلام مليو آهي.

ٽئين حصي ۾ چار وڏا نالا اچن ٿا: قاضي قادن (و - ١٥٥١ع)، شاه ڪريم (و - ١٦٢٢ع)، لطف الله قادري (و - ١٦٧٩ع)، ۽ ميون شاه عنات (و - ١٧٢٠ع). موجوده دور ۾ چنگيزي دور جي هنن چئن شاعرن جو ڪلام ڏار ڏار ڇپجي چڪو آهي.

قاضي قادن پنهنجي ڪٽي سياسي ڪردار ۽ سنڌ دشمن حرڪتن ڪري گهڻو بدنام آهي. اڳ ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي سندس ست شعر ڇپايا هئا. تازو دهليءَ مان هيري ٺڪر، قاضي صاحب جي ڪلام جو ڪتاب نروار ڪيو آهي، جنهن موجب سندس بيتن جو ڳاڻيٽو ١١٠ ٿئي ٿو. هيٺ ڏنل بيت قاضي صاحب جي ذهني ارتقا ۽ سوچ ۾ تبديليءَ طرف اشارو ڪري ٿو.

ڪنز قدوري قافيه، جي پڙهي پروڙين سڀ
تہ ڪر منڊي ماڪوڙي کوہ ۾، پيئي ڪيچي اڀ!

ضروري آهي تہ ٽئين ڪلام جي آڌار تي سندس سوانح کي مرتب ڪجي. هاڻي اهو بہ تسليم ڪرڻو پوندو تہ قاضي قادن ئي سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو آهي.

ان بعد شاه ڪريم جو نالو اچي ٿو. هن جا ٩٤ بيت گهڻو اڳاتو نروار ٿيا. هُو ادبي تاريخ ۾ پنهنجي اهميت مڃائي چڪو آهي-

پاڻياري سر ڀڙو، جرتي پکي جيئن
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

شاه ڪريم ڪانپوءِ لطف اله قادري اچي ٿو، جنهن جي ٣٥٧ شعرن جو مجموعو سنڌالاجيءَ پاران ڇپيو آهي.

حسن حبيبن جو پسين جي پيهي
تہ توکي سپيئي، پيون ويچن وسري.

هن زماني ۾ چوٿون اهم شاعر آهي ميون شاه عنات. هيل تائين مليل مواد جي آڌار تي هي پهريون شاعر چئي سگهجي ٿو، جنهن جو مڪمل رسالو

داستانن موجب مرتب ڪيل مليو آهي. ميين عنات جون وايون بہ مليون آهن. لطف الله قادري ۽ ميين عنات جو ڪلام ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪيو آهي.

ڪلهوڙن اهل سنڌ کي ڌارين جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريو. ميان نصير محمد ١٦٨٢ع ڌاري اتر ۽ وچ سنڌ تي قبضو ڪري. هن گهراڻي جي ڏيهي حڪومت جو بنياد رکيو. ميان نور محمد ڪلهوڙي کي اهو فخر حاصل آهي، تہ هن سڄي سنڌ تي حڪومت ڪئي. هن جي ڏينهن ۾ سنڌ دهليءَ جي تابعداري کان نڪري، ايران جي ضابطي ۾ آئي، ۽ پوءِ قنڌار - ڪابل جي غلبي ۾ اچي وئي. غلام شاهہ کي سنڌ جو اڪبر سڏيو وڃي ٿو. ميان سرفراز جي ڏينهن ۾ ڪلهوڙن جو زوال شروع ٿيو. آخرڪار عبدالنبي هن گهراڻي جي حاڪميت کي ١٧٨٢ع ۾ پائمال ڪيو.

ڪلهوڙن جو زمانو عربي، فارسي ۽ سنڌي علم ادب لاءِ لاثاني دور ٿي گذريو آهي. هن دور جي تاريخي مطالعي ۽ ادبي اڀياس لاءِ مير علي شير قانع معتبر مواد ڇڏيو آهي. نامه نغز، منشورالوصيت، مقالات الشعرا، تحفة الڪرام، تحفةالطاهرين ۽ معيار سالڪان طريقت وغيره هن دور جا مکيہ تاريخي ڪتاب آهن. افسوس جو پويون ڪتاب اڃا تائين برٽش ميوزم جي زينت بنيل آهي.

ڪلهوڙن جو اقتدار جيتوڻيڪ سنڌي وطنيت ۽ قوميت جي بنياد تي قائم ڪيو ويو، ليڪن سندن طاقت ۽ حاڪميت کي مذهبي پذيرائي بہ حاصل رهي. آدم شاهہ کان ڪري آخر تائين هو سنڌ ۾ سوين قبيلن وٽ، پير مرشد جي ڪري وڏي اهميت رکندا هئا. مخدوم ابوالحسن سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ١٧٠٠ع ڌاري "مقدمة الصلواة" نالي ڪتاب لکيو.

ان ريت ٺٽي سميت سڄي سنڌ ۾ باقاعده سنڌي ڪتابن لکڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هن دور جو وڏو مصنف ۽ مذهبي عالم ٿي گذريو آهي. وقت جي حاڪمن وٽ هن کي وڏي رسائي حاصل ٿي. ميان غلام شاهہ ڪن معاملن ۾ مخدوم صاحب جي راءِ کي وزن ڏنو. نتيجي ۾ سنڌي سماج ۾ تفرقو ۽ نفاق پيدا ٿيو (١). شاهہ لطيف نہ رڳو پنهنجي دور جي ادبي گهرجن جو پورائو ڪيو، بلڪ سنڌ ۾ مذهبي هم

(١) ڏسجي مولانا دين محمد وفائي جي ڪتاب: "شاهہ جي رسالي جو مطالعو" تي لکيل سيد حسام الدين راشدي مرحوم جو لکيل مقدمو.

آهنگيءَ لاءِ پڻ شعر ۽ شاعريءَ کان ڪم ورتو. ساڳيءَ ريت روحل فقير جي شاعري بہ سنڌ ۾ مذهبي رواداريءَ لاءِ سٺو ڪردار ادا ڪيو.

مذهبي تبليغ لاءِ ڪبت (سنڌي) جو سهارو ورتو ويو. ان ڏس ۾ ابوالحسن ڪانسواءِ ٻيا ڪيترائي نالا ڪٿي سگهجن ٿا. مثلاً غلام محمد بگائي ۽ ميون عيسيٰ وغيره. ان قسم جي شاعريءَ جي ٻين صنف ڪلمات آهي، جنهن جو بنياد غلام محمد بگائيءَ رکيو. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي بہ ڪلمات چيا آهن. عوامي شاعري، لوڪ شاعري ۽ مذهبي سکيا لاءِ، ڪلهوڙن جي دور ۾ ٻين صنفن جهڙوڪ: ٽيهہ اکريون (شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)، مولود (عبدالرؤف ڀٽي،)، مداح (جمن چارڻ)، مناجات (مخدوم عبدالله عرف ميان موريو)، ۽ معجزن (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) جو پڻ سهارو ورتو ويو. ان ڏس ۾ ٻيا بہ ڪيترائي نالا اچن ٿا، جن مان سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز کي خاص اهميت حاصل آهي. واقعاتي شاعري (غلام محمد بگائي) ۽ رزميہ شاعري (جمن چارڻ) پڻ هن دور ۾ اسري، جنهن ذريعي سنڌ جي تاريخ لاءِ چڱو مواد ملي ٿو. ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ڏس ۾ سينگار، بيت، وائي ۽ ڪافيءَ جون صنفون هن دور ۾ معراج کي پهتيون. سينگار هندي شاعريءَ جي اثر هيٺ جلال ڪتيءَ هٿان اسريو. وائي ۽ ڪافي لاءِ شاهہ ڀٽائي، صاحبڏني فقير ۽ روحل فقير جا نالا ڪٿي سگهجن ٿا، جنهن ذريعي سنڌي موسيقي پنهنجي نرالي حيثيت ورتي.

بيت جي ترقيءَ لاءِ شاهہ عنات سرزمين تيار ڪئي، ۽ شاهہ عبداللطيف ان کي معراج تي پهچايو. ان بعد بہ سوين شاعر پيدا ٿيا، جن بيت کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو. ليڪن شاهہ صاحب جي پايي کي ڪوبہ پهچي نہ سگهيو.

عروضي شاعري (غزل) بہ ڪلهوڙن جي دور ۾ اسري. هن ڏس ۾ ٽڪڙجي شاعرن: نور محمد خستہ، حافظ عالي، ميان ڇتن، ۽ ميرزا تقيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. سندن شاعريءَ جو زمانو ١٧١٧ع چيو وڃي ٿو (١).

---

١. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ص ٢٣١، سال ١٩٨٣ع.

نوٽ: عروضي شاعريءَ بابت محمد خان غني "سنڌ جي جديد شاعري" نالي سان، سال ١٩٣٦ع ۾ هڪ ڪتابڙو ڇپرائي، هي منفرد تحقيق پيش ڪئي.

سنڌيءَ ۾ ڪتب نويسي، ڪلاسيڪل شاعريءَ جو عروج، عروضي شاعريءَ جو بنياد ۽ ٻين ٻولين مان ترجمن ذريعي ڪتابي ذخيري ۾ اضافو ڏسي، هن دور کي سنڌي ادب جو سونهري زمانو سڏجي ٿو (١).

ميرن ١٧٨٢ع ۾ هالاڻيءَ جي ميدان تي ڪلهوڙن کي شڪست ڏئي پنهنجي راڄ جو بنياد رکيو. سندن ٻچاٽي ١٨٤٣ع ۾ فرنگين هٿان ٿي. ميرن طرفان سنڌ کي ٽن رياستن ۾ ورهائڻ واري قدم، ۽ حيدرآباد ۾ چوياريءَ جي قيام، هن ملڪ جي استحڪام کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. نتيجو اهو نڪتو جو ٻن معرڪن بعد، انگريز سڄي سنڌ تي قابض ٿي ويا. هڪ طرف سماجي اڻ برابريءَ جو ڏس پوي ٿو ته، ٻئي طرف حڪمران شيعا هجڻ ڪري به، ڪلهوڙن حاڪمن وانگر عوام ۾ مقبول ٿي نه سگهيا. ايران ۽ سنڌ جي گهرن لاڳاپن ڪري هڪ طرف سنڌي شاعرن، ايراني صنفن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ شروع ڪيو ته، ٻئي طرف فارسيءَ جي اجائي استعمال پڻ سنڌي ٻوليءَ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. هن دؤر ۾ لکيل فارسي تاريخون (فتح نامه ڪانسواءِ)، اجا تائين پريس جي ڏک کان بچيل آهن، مير مائل جو تڪمله (مجمع البلغاءِ) ۽ حسين شيرازيءَ جو "زبدت المعاصرين" شايع ٿيڻ سان، سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ لاءِ مفيد مواد مهيا ٿي سگهي ٿو (٢). ان دور جي سماجي اپياس لاءِ انگريزي ليکڪن جا ڪتاب سٺو ذريعو آهن.

ميرن جي راڄ ۾ لغت نويسي به ٿي ته، ترجمن جو ڪم پڻ جاري رهيو. آخوند عزيز الله قرآن پاڪ جي ترجمي سان سنڌي نثر جو بنياد رکيو ته، سنڌي شاعري به ترقيءَ جي راهه تي گامزن رهي.

ڪلاسيڪل شاعريءَ جي صنفن ۾ بيت ۽ ڪافيءَ جي سٺي اوسر ٿي. ٻين ڪيترن شاعرن سان گڏ سچل سرمست، نانڪ يوسف، عثمان سانگي،

---

(١) ان ڏس ۾ ڪريما جي ترجمي جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. هي ڪم مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (هالا) ۽ عبدالرؤف نالي هڪ ٻئي شخص (ٻکر) ڌار ڌار پورو ڪيو (ڏسو "تذڪره لطفي" جلد ٢، ص ٧-٢٤٨؛ ۽ "سنڌي ادب" ليکڪ سيد حسام الدين راشدي، اردو، ص ٥٩).

(٢) حسين شيرازيءَ جو تذڪرو ڊاڪٽر محمد باقر سال ١٩٦٦ع ۾ لاهور مان ڇپيو آهي. ايران جي هڪ ٻئي اديب محمد صالح شاملوي به، سنڌ جي ميرن لاءِ "محڪ شعراءِ" نالي تذڪرو لکيو، جو اجا اڻ ڇپيل حالت ۾ آهي.

خليفي قاسم، فتح فقير ۽ صوفي صادق، هن صنفن جي آبياري ڪئي. بيت (سلوڪ) ذريعي ساميءَ پڻ وحدانيت جو درس ڏنو. سچل سرمست گهڙولي ۽ جهولڻو به چيو.

عوامي يا لوڪ شاعريءَ به سٺي ترقيءَ ڪئي. ان ڏس ۾ مولود، مداح، مناجات، معجزا ۽ مناقبا – سوين شاعرن جي اظهار جو ذريعو بنيا. لوڪ شاعريءَ ۾ ٻين صنفن جهڙوڪ ٽيهه اکريون ۽ منظوم قصه گوئيءَ جو به سٺو رواج ڏسجي ٿو. ثابت علي شاهه ۽ خير شاهه جي وچ ۾ مذهبي جهڙپون به ٿينديون رهنديون هيون، جنهن لاءِ مناظري ۽ هجوگوئيءَ جو بنياد پيو.

عروضي شاعري جي ضمن ۾ غزل، مخمس، مسدس، مثنوي، رباعي ۽ سلام جو ڏس پتو پوي ٿو. ثابت علي شاهه پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾، فارسيءَ جو بيجا استعمال ڪيو. ان کان علاوه هن دور جي سنڌي شاعريءَ ۾ رزميه توڙي قومي شاعريءَ جا اهڃاڻ به مليا آهن. ميرن کان پوءِ انگريزن جو راڄ اچي ٿو.

حيدرآباد ۾ هَل ٿيو، رت وهي ٿي ريل
پورا اچي پيل، ساري سنڌ صديق چوي!

انگريزي راڄ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ سٺو سوڻ ثابت ٿيو. فريئر جي حڪم تي سنڌي الف – بي ٺهي، سنڌي ٻولي هتي جي سرڪاري زبان بني ۽ اسڪولن ۾ رائج ٿي. ٽرمپ جرمنيءَ مان شاهه جو رسالو شايع ڪيو. انگريزي ادب جون مختلف صنفون ترجمن ذريعي سنڌ ۾ روشناس ٿيون. انگريزي دور جي ادب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي اڀياس ڪرڻ سان، ان دور جي ادبي اوسر جي چڱي پروڙ پوندي.

اوائلي دور ننديرام جي نالي منسوب ڪجي ٿو، جنهن ترجمن ذريعي سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ کان اول تاريخ جو ڪتاب به هن آندو. نثر نويسيءَ ۾ ٻيا نالا هي اچن ٿا- ڪوڙو مل ڪلناڻي، ميران محمد شاهه ۽ ڪيولرام سلامت راءِ وغيره.

هن زماني ۾ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ اها رونق ۽ سرگرمي باقي نه رهي هئي، تڏهن به بيدل، بيڪس، مخدوم امين محمد ۽ حمل فقير – سنڌي شاعريءَ جي پراڻي رنگ کي برقرار رکيو. حمل جي شاعري سنڌي سماج جي

زوال جي نشاندهي ڪري ٿي. ان ڏس ۾ پيا ٻه ڪيئي نالا اچن ٿا. عروضي شاعري هن دور ۾ وڏيڪ ترقي ڪئي. خليفي گل پهريون سنڌي ديوان ترتيب ڏئي شايع ڪيو. عروضي شاعريءَ ۾ جيئن تہ پرچار ۽ ماحول سڄو ڏاريون هو، انڪري ان سنڌي مزاج کي ڪاپاري ڌڪ هنيو! گل کان علاوه پيا بہ ڪيترائي نالا آهن، جن عروضي شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي.

انگريزي راڄ جي ادبي تاريخ جو پيون دور قليچ بيگ جو سڏي سگهجي ٿو. انگريزن هڪ طرف سنڌي علم - ادب جي پلي لاءِ قدم کنيا تہ، ٻئي طرف سنڌ کي بمبئيءَ سان ملائي (١٨٤٧ع)، ان کي قومي ۽ سياسي طور تي زبردست نقصان پهچايو. ڪمشنر صاحب کي وڏيڪ اختيار مليا، جنهنڪري جيڪو بہ آيو ان سنڌي عوام ۽ وڏيري کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ رٿا ڪئي. نتيجي ۾ سنڌي وڏيرو بزدل بنيو ۽ پنهنجي هارين تي ظلم ۽ عتاب ڪرڻ لڳو. جاگيرداري ظلمن، پهرين مهاياري لڙائي، روس جي اشتراڪي انقلاب (١٩١٧ع)، ۽ ٻين سياسي تحريڪن سنڌي ادب تي بہ پرپور اثر ڇڏيا. هندو مسلم ڇڪتاڻ بہ هن زماني ۾ شروع ٿي. سنڌي صحافت بہ هنن تبديلين کان بچي نہ سگهي!

سنڌي شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪل ۽ لوڪ قسم جي شاعرن جي هن دور ۾ ڊگهي فهرست موجود آهي. شاه نصير ۽ مصري شاه ڪلاسيڪي رنگ جا نمايان شاعر آهن.

سانوڻ فقير ۽ رمضان لاڪو عوامي شاعريءَ ۾ سني اهميت رکن ٿا. عروضي شاعريءَ ۾ غزل کان علاوه پيون ڪيئي صنفون بہ هن دور ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ايريون. مرزا قليچ بيگ سنڌي قصيدي جو شهنشاه آهي. مير عبدالحسين "سانگي"، غلام محمد شاه "گدا"، شمس الدين "بلبل"، ۽ الهہ بخش "ابوجهو"، بہ هن رنگ جا شاعر آهن. ڏسجي ٿو تہ عروضي شاعريءَ ۾ بہ، قومي ۽ اصلاحي عنوان آندا ويا جنهنجو بنياد ابوجهي مرحوم وڌو. مير حسن علي خان "سنڌ جو شاهنامو" جهڙي شاهڪار مثنوي لکي. عروضي شاعرن مشاعرن جا بنياد بہ وڌا. ادبي دور جي پڇاڙيءَ ۾ ٻئين پاڱي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪشنچند "بيوس" ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، روايتي عروضي شاعريءَ

ڪان منهن موڙي، نئون رنگ ۽ ڍنگ اختيار ڪيو. جتوئي مرحوم جو شڪوو هن دور جي شاعريءَ جو انوکو مثال آهي.

هن زماني ۾ سنڌي نثر ترجمن توڙي اصلوڪن (Original) تحريرن ذريعي سٺي ترقي ڪئي. هونئن ته ٻين صاحبن به پنهنجيون زندگيون سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون، پر مـــرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽـــر گربخشاڻي هن سڄي دور تي ڇانيل رهيا. ديوان ڪوڙي مل "پکو پهه" لکي (١٨٦٢ع) سنڌي مضمون نويسيءَ جو بنياد وڌو. هن صنف ۾ لارڊ بيڪن جي مضمونن ترجمي ٿيڻ سان اهم اضافو ٿيو. هي ڪم قليچ بيگ هٿان ٿيو. ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، ساڌو هيرانند، صاحبسنگ شاهاڻي ۽ پرمانند ميوارام سنڌي مضمون جي تاريخ ۾ اهم جڳهه ولن ٿا. "سنڌ سڌار" ۽ "جوت" رسالن هن صنف جي آبياري ڪئي. تحقيق جو پهريون ڪتاب "عمر مارئي جو قصو" (١٨٧١) آهي، جيڪو آخوند عبدالرحيم "وفا" جي قلم جو نچوڙ آهي. ان بعد ٻين ڪيترن صاحبن تحقيق ذريعي ڪم جاري رکيو. ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، ديوان ڪوڙومل، چيتمل پرسرام، ۽ مرزا قليچ بيگ پارا محقق خاص ڏيان لهڻن. گهڻو ڪم سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري، تاريخ، ٻولي ۽ مشاهيرن تي ٿيو. جديد ۽ يورپي تحقيق کي سنڌ ۾ جنهن شخص متعارف ڪرايو، اهو آهي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي. هن صاحب شاهه جي رسالي جا ٽي جلد نروار ڪيا ۽ مشاهيرن (لواريءَ جا لعل) تي به تحقيقي ڪم ڪيو. سيد حسام الدين راشديءَ چواڻي؛ سنڌ جي تاريخ تي جيڪو اوائلي ۽ تحقيقي ڪم ٿيو يا جنهن شخص ان جو احساس ڏياريو سو آهي مولانا دين محمد "وفائي". هن زماني ۾ مولانا صاحب مقالن ۽ مضمونن ذريعي سنڌ جي تاريخ تي ڪم جي شروعات ڪئي. فاضل شاهه جو "ميزان الشعر" (١٨٧٥ع) سنڌيءَ جو پهريون تنقيدي ڪتاب آهي(١). ڇتو مل ٿڌاڻي، مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙو مل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀيرومل مهر چند آڏواڻي ۽ قاضي اسدالله شاهه ٽکڙائي، هن دور جا ڪي نامور نقاد آهن. سنڌي تنقيد ۾ جان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ (مقدمه لطيفي) وڌي. ان ريت تنقيد

---

١. برٽش دور ۾ مختلف صنفن جي شروعات ۽ اوسر لاءِ ڏسجي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" مختلف صفحا.

جي هڪ روشن راهه ڪلي. ڀيرو مل پنهنجي ليکن ۾ ڊاڪٽر صاحب تي زبردست تنقيد ڪئي، جڏهن ته قاضي اسد الله شاه گربخشاڻيءَ جي فائدي ۾ لکيو(١).

پهريون اصلوڪو ناٽڪ آهي قليچ بيگ جو "ليلا مجنون" (١٨٨٠ع). خانچند درياڻيءَ جا ناٽڪ وڌيڪ ظلم جي نشاندهي ڪن ٿا. ڪوڙومل چندن مل، چيتانند، ليلارام وطنمل ۽ چيتمل پرسرام - هن دور جا مکيه ناٽڪ نويس آهن. ناٽڪ تي ٻاهرين تحريڪن جو به ڀرپور اثر پيو. هندو ليکڪن ۽ مصنفن خود اسٽيج تي اچي هن صنف جي آبياري ڪئي. سنڌيءَ ۾ پهريون اصلوڪو ناول به قليچ بيگ (١٨٨٨ع) لکيو جيڪو آهي "دلارام". سنڌي ناول تي بنگال جي سجاڳيءَ جو گهڻو اثر ڏسجي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀيرو مل ۽ لعل چند - هن دور جا ڪي مکيه ناول نويس آهن. خليق جو "سنڌري" هندو مسلم ڇڪتاڻ جي نشاندهي ڪري ٿو. صحيح معنيٰ ۾ افسانو ١٩١٤ع ڌاري اسريو. امر ڏنو مل، مرزا نادر بيگ، آسانند مامتورا، لطف الله بدوي ۽ امر لعل - پارن افسانه نويسن، انتهائي بهادريءَ سان سنڌي سماج جي اوڻاين ۽ ڪمزورين خلاف قلم کاهيو.

سنڌي نثر ۾ ان کان علاوه ٻين موضوعن جهڙوڪ سماجي علوم، سوانح، مذهب ۽ ٻوليءَ تي به سوين ڪتاب لکيا ويا.

انگريزي زماني جي ادبي تاريخ جو ٽيون دور ١٩٣٦ع کان شروع ٿئي ٿو، جڏهن سنڌ بمبئي کان جدا ٿي ۽ اهل سنڌ کي جداگانه حڪومتي موقعو مليو. هي دور ڪشنچند بيوس جي نالي سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. حقيقي معنيٰ ۾ سنڌي ادب ۾ نئون موڙ ڪجهه وقت اڳ اچي چڪو هو، جڏهن ١٩٣٢ع ۾ "سنڌو" رسالو جاري ٿيو، سنڌ آزاد ڪانفرنس جو بنياد پيو، ڪامريڊ جتوئي شڪوو لکيو ۽ سکر بئريج ٺهڻ سان، سنڌ ۾ زبردست معاشي انقلاب آيو. ان کان اڳ هندو اديبن سنڌي ساهت سوسائٽي، ۽ نئين سنڌي لئبريري- جهڙا ادارا قائم ڪري، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي آبياري جاري رکي هئي. ورهاڱي جي تحريڪ، ٻين مهاڀاري لڙائي ۽ مسجد منزلگاه جي

---

١. ڀيرو مل مهر چند آڏوائيءَ جي تنقيد تارو ڪتابي شڪل ۾ هندستان ۾ شايع ٿي آهي (گربخشاڻيءَ وارو شاه جو رسالو، اساڻ ساهت مالا، دهلي ١٩٩٢ع).

فسادن ۾ سنڌي ادب کي متاثر ڪيو. سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، شاهه لطيف جي ورسين جي ابتدا(١)، سنڌي ادبي بورڊ جي قيام جي تياري، ترقي پسند ليکڪن جي جماعت سازي، جميعت الشعرا جو بنياد، جدا يونيورسٽيءَ جو قيام، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو گريجيوئيشن سطح تائين نصاب ۾ داخل ٿيڻ - اهي سڀ واقعا هن دور جا آهن جن سنڌي ادب تي اثرات ڇڏيا ۽ انهن جي اڀياس بغير هن دور جي ادبي تاريخ اڻ پوري رهجي ويندي!

ڪلاسيڪل شاعريءَ جي رنگ ۾ هدايت علي تارڪ، ٻيدل فقير ۽ رکيل شاهه صوفي هن دور جا اهم شاعر آهن. عروضي شاعرن ٻه پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ کي سرگرميءَ سان جاري رکيو. قومي ۽ اصلاحي شاعريءَ لاءِ هن دور ۾ جيڪي نالا نمايان اهميت رکن ٿا اهي آهن- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، محمد بخش واصف، جمع خان غريب، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، هو ندراج دکايل ۽ ڪيئلداس فاني. ترقي پسند شاعريءَ ۾ جيتوڻيڪ حيدربخش جتوئي سڀ کان اڳ قدم رکيو، پر ڪشنچند بيوس کي ان ڏس ۾ باني شاعر تسليم ڪيو ويو آهي. "شيرين شعر" ترقي پسند شاعريءَ جو سنگ ميل آهي. ان کان پوءِ شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق راز ۽ نارائڻ شيام ٻه ترقي پسند شاعريءَ جي آبياري ڪئي.

سنڌي نثر ۾ ٻه سٺي ترقي ٿي. مضمون نويسيءَ جي راهه ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي، لال سنگ اجواڻي، نارائڻ داس ملڪاڻي، تيرٿ وسنت، نارائڻ داس ڀنڀاڻي ۽ عطا حسين موسوي وغيره سٺا تجربا ڪيا. تنقيد جي راهه ۾ ڊاڪٽر ابراهيم خليل، دين محمد وفائي، فتح محمد سيوهاڻي، لطف الله بدوي، ڪشنچند عزيز، لوڪو مل ڪيسواڻي، ۽ ڪملا ڪيسواڻيءَ جا نالا سر فهرست آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ٽيون جلد (شاهه جو رسالو) سال ١٩٣١ع ۾ ڇپيو. ان بعد جهڙو ڪر پاڻ خاموش ٿي ويو ۽ ميدان ڊاڪٽر

---

١. هي اهو دور آهي جڏهن شاهه صاحب تي باقاعده ڌيان ڏنو ويو. اڳتي هلي ورسيون ۽ ميلا ٻه سرڪاري بنيا. پٽ تي ترقياتي ڪم شروع ٿيا، جن جو روح روان ميران محمد شاهه ۽ جي. ايم. سيد هئا. ڊاڪٽر سورلي جو شاهه لطيف تي شاهڪار ڪتاب ٻه هن دور ۾ شايع ٿيو.

دائود پوٽي جي حوالي ٿيو. ڊاڪٽر صاحب شاه ڪريم جو ڪلام ۽ پوءِ خواجه محمد زمان جا بيت شايع ڪيا. جنهن تي پوءِ زبردست تنقيدي معرڪا ٿيا. ورهاڱي کانپوءِ دائودپوٽي مرحوم وڏي محنت سان "ڪلام گرهوڙي" به شايع ڪيو. سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت تي هن دور ۾ جن ماڻهن ڪم ڪيو، سي آهن: محمد صديق مسافر، مولوي نور محمد نظاماڻي، عبدالغني عبدالله، محمد صديق ميمڻ، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، نارائڻ داس ملڪاڻي، دوارڪا پرشاد، ڀڳوان تولاڻي، ايم. آر. ماڻيداساڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ مولانا دين محمد وفائي وغيره. هن دور ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌ جي تاريخ جي اصلوڪن فارسي ڪتابن "چچ نامه" ۽ "تاريخ معصومي" کي ايڊٽ ڪري شايع ڪيو ۽ ان ريت ڪجهه ڪتاب سنڌيءَ ۾ (فارسيءَ مان) ترجما به ڪيا ويا. سنڌ جي مختلف طبعي ڀاڱن جي ايپاس ۽ سير سفر تي مبني ڪتاب به شايع ٿيا. ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي "سوڍن جي صاحبي" شايع ڪري ٿر جي مطالعي جو آغاز ڪيو. بعد ۾ تيج سنگهه سولنڪي "امر ڪوٽ اتهاس" لکي ڇپرايو. الهه بچايو سمون به خاص ڏيان لهڻي جنهن "سير ڪوهستان" ۽ "لاڙ جو سير" پڌار ڪيا. هڪ طرف سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ته، ٻئي طرف سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ تي پڻ سٺا ڪتاب لکيا ويا. هن ڏس ۾ مولانا وفائي، لطف الله بدوي، محمد صديق ميمڻ، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، هدايت علي تارڪ ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي خاص اهميت رکن ٿا. دائود پوٽي مرحوم جو لاڙو عربي ۽ فارسي ڏي هو، جڏهن ته هندن جو رويو سنسڪرت ۽ هنديءَ ڏي رهيو. البته حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ٻنهي ڌرين جو مخالف ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڌارئين عمل دخل کان آجو رکڻ جو حامي هو.

مذهب، سوانح، ثقافت ۽ سير سفر تي به سٺا ڪتاب لکيا ويا. ان کان علاوه سماجي علومن تي به قلم کاهيو ويو. سياستدانن کي ته ملڪ ۽ قوم جي مستقبل جو فڪر گهٽ هو؛ البته حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب (Save Sindh, Save the continent)، پنهنجن لکڻن ۾ سنڌ جي مستقبل لاءِ فڪر مند ڏسجن ٿا.

هن دور جا مکيه ناٽڪ نويس آهن: منگهارام ملڪاڻي، جهمٽ مل

ياوناڻي، عثمان علي انصاري، محمد اسماعيل عرساڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، انيس صديقي ۽ حبيب الله پٽو. ناول نويسيءَ ۾ شوڪ پوڄراج، روچي رام سڌاڻي، آسانند مامتورا، شريمتي گلي سدا رنگاڻي (پهرين سنڌي ليکڪا) ۽ نارائڻ داس ڀنڀاڻيءَ پنهنجو پاڻ ملهايو. افسانيءَ جي ترقيءَ ۾ "سنڌو" رسالي اهم ڪردار ادا ڪيو. هن آخري دور ۾ "مهراڻ" رسالو به جاري ٿيو، جنهن قيام پاڪستان کانپوءِ پاڻ ملهايو. مرزا نادر بيگ، آسانند مامتورا، لطف الله بدوي، سيد حسام الدين راشدي، امر لال هنگوراڻي، نجم عباسي ۽ عثمان علي انصاري توڙي عبدالله عبد - هن دور جا سٺا افسانہ نويس آهن. گوبند مالهي، ايم. آر. ماڻيداساڻي، شيخ اياز، عبدالستار شيخ، گوبند پنجابي، حشو ڪيولراماڻي، شيخ عبدالرزاق راز، ڪيرت ٻاٻاڻي، سوڀو گيانچنداڻي ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي؛ ترقي پسند افسانيءَ جا چمڪندڙ ستارا آهن (١).

پاڪستان ١٩٤٧ع ۾ ٺهيو. هندو ليکڪن جي لڏپلاڻ ۽ ١٩٤٨ع ۾ ڪراچيءَ جي علحدگي، سنڌي ادب کي ڳرو نقصان رسايو. ان هوندي به "نئين زندگي"، "اديب سنڌ" ۽ "مهراڻ" سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو. ٻين ادبي ادارن کان علاوه سنڌي ادبي سوسائٽي (ڪراچي) ۽ حبيب پبليڪيشن (سکر) سنڌي ادب جي بقاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ وڏي محنت ڪئي. محمد ابراهيم جويو اهو ليکڪ آهي، جنهن سنڌي ادب جي ترقي ۽ صحتمند اوسر لاءِ، پنهنجي زندگي شروع کان ئي وقف ڪري ڇڏي- انڪري کيس جديد سنڌي ادب جو باني سڏيو وڃي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥١ع ۾ ٺهيو. هن اداري مستقبل جي گمانن ۽ انديشن کي ڏسي، سنڌي ٻولي، ادب ۽ معاشري جي بقاءَ لاءِ جامع پروگرام ترتيب ڏنو.

پاڪستاني پيرڊ جي ادب جو پهريون دور ون يونٽ کان اڳ (١٩٥٥ع) وارو زمانو آهي. ان زماني ۾ جن شاعرن، شعر ۽ سخن جي خدمت ڪئي سي آهن- نواز علي نياز، محمود خادم، مراد علي ڪاظم، محمد صديق مسافر،

---

١ ، هن دور جي مختلف صنفن جي جائزي لاءِ جدا جدا ڪتاب رفر ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ: "سنڌي نثر جي تاريخ" (منگهارام ملڪاڻي)، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" (ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي) ۽ "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو)!!

محمد بخش واصف، بسمل تکڙائي، حافظ احسن چنا، محمد خان غني، محمد زمان طالب المولي، عارف المولي، عطا محمد حامي، سيد اظهر گيلاني، محمود شاه ٺلاهي، شيخ اياز ۽ حيدر بخش جتوئي.

افساني جا ابتدائي ليکڪ هي آهن- ساقي سجاولي، سليم هالائي، جمال ابڙو، ابن حيات پنهور ۽ شيخ اياز. الهه بچايو سمون، عطا حسين شاه موسوي، عبدالله عبد ۽ ڪريم بخش خالد. مضمون نويسيءَ جي ڪري ياد ڪجن ٿا. تنقيد ۽ تحقيق جي راه ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر دائود پوٽو، لطف الله بدوي، دين محمد وفائي، عبدالڪريم سنديلو ۽ چيتن ماڙيوالا اهم حيثيت رکن ٿا.

سنڌي ادب جو پيون دور ون يونٽ (١٩٥٥ - ١٩٧٠ع) وارو آهي. ان زماني ۾ سنڌ، سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻولي ظلم جو خاص نشانو بنيا. اهڙي حالت ۾ سنڌي ادبي سنگت نه رڳو ٻوليءَ جي بچاءَ جي تحريڪ هلائي پر ترقي پسند ادب جو دفاع پڻ ڪيو. سنڌي ادب ۾ وطن پرستي ۽ قوم پرستيءَ وارو رجحان به آيو. ان ڏس ۾ جي. ايم. سيد جي ميرپور بٺوري واري تقرير سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. رسالي "روح رهاڻ" جو ڪردار پڻ مثالي آهي. مارشلا، چوٿين مارچ واري تحريڪ ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ جي مهم توڙي ون يونٽ خلاف شاندار تحريڪ، سنڌي ادب جو خاص موضوع رهيا. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ۽ شيخ اياز، قلم توڙي عمل ذريعي ون يونٽ خلاف وڙهندا رهيا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مضمون نويسيءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. مکيه مضمون نويس آهن- ميران محمد شاه، علي احمد قاضي، احسان احمد بدوي، اسماعيل عرساڻي، علامه آءِ. آءِ. قاضي، ڪريم ڏنو راڄپر، عبدالڪريم سنديلو، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ پير علي محمد راشدي. هن زماني ۾ تحقيق جي ڪم ۾ وڏي پختگي آئي. ڪلاسيڪل ۽ لوڪ شاعريءَ تي جن ادبين تحقيقي ڪم ڪيو سي آهن- ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، محبوب علي چنا، عبدالڪريم سنديلو ۽ ڪلياڻ آڏواڻي. عروضي شاعريءَ تي تحقيقي ڪم ڪندڙن مان، غلام محمد گرامي، رشيد احمد لاشاري، ڊاڪٽر ابراهيم خليل ۽ ڊاڪٽر اسد الله شاه حسينيءَ کي

وڏي اهميت آهي. ڊاڪٽر حسينيءَ ٽڪڙجي شاعرن جو تذڪرو به ترتيب ڏنو. سنڌي ٻوليءَ تي سـراج الحق، ڊاڪٽـر نبي بخش بلوچ، ڄڃمڻ خوبچنداڻي، مرليڌر جيٽلي، پروفيسر علي نواز جتوئي، عبدالڪريم لغاري ۽ ڊاڪٽر الانہ ڪم ڪيو آهي. سنڌ جي تاريخ تي معياري، مستند ۽ معتبر ڪم ڪندڙن مان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، محبوب علي چنا، مولائي شيدائي ۽ ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ کي سڀني اهميت حاصل آهي. سيد حسام الدين راشدي صاحب سنڌ جي تاريخ کي قومي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي- مڪلي نامہ، تذڪره امير خاني ۽ مير محمد معصوم بکري- سندس لاثاني تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب آهن. قريشي حامد علي خانائي ساهتي پرڳڻي (وچولو)، شيخ محمد سومار لاڙ ۽ رائچند هريجن توڙي منگهارام اوجها، تر تي سٺو تحقيقي ادب پيش ڪيو آهي. هن دور ۾ مير محمد بخش ٽالپور ۽ الهداد ٻوهيي پڻ تحقيقي ڪم ۾ دلچسپي ورتي. تحقيق جي ميدان ۾ ڪجهہ ٻيا نالا بہ سٺي شهرت رکن ٿا- مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، عطا محمد حامي، محمد ابراهيم جويو، ڪريم بخش خالد، احسن ڪربلائي، ۽ لالسنگهہ اجواڻي. مخدوم امير احمد ۽ محمد حنيف صديقي، سنڌ بابت ڪي ڪتاب ترجمو ڪيا. هن ڏس ۾ ايم. ايچ. پنهور بہ ڏيان لهڻي، پر هن جو تحقيقي ڪم انگريزي زبان ۾ آهي. سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ ۽ ايم. اي. جي اجازت ملڻ ڪري پڻ تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم ۾ اضافو ٿيو آهي. ذڪر هيٺ دور ۾ علمي تنقيد گهٽ ۽ نظرياتي تنقيد وڌيڪ ٿي آهي. احسان احمد بدوي، شيخ عبدالرزاق راز، رسول بخش پليجو، عبدالجبار جوڻيجو، غلام محمد گرامي، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ۽ محمد ابراهيم جويو سٺا نقاد تسليم ڪيا ويا آهن. هن دور ۾ سنڌي ادب جي تاريخ تي بہ ڪم ڪيو ويو آهي ۽ ڪجهہ ڪتاب لکيا ويا آهن. عبدالجبار جوڻيجي، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، منگهارام ملڪاڻي ۽ ڊاڪٽر الانہ جا نالا هن ڏس ۾ سامهون اچن ٿا. (١) سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي باري ۾ بہ ڪي مقامي نوعيت جا تذڪرا ۽ تاريخي ڪتاب ڇپيا ويا آهن.

---

١. هلنڊڙ دور ۾ سنڌي ادب تي ٻہ انگريزي ڪتاب: اينمري شمل (جرمني)، ۽ لالسنگهہ اجواڻي (دهلي) شايع ڪيا آهن. پهرئين ڪتاب جو سنڌي ايڊيشن تازو غلام حيدر ٻرڙي (مورو) نروار ڪيو آهي.

ڊرامي کي جن اديبن اهميت ڏني سي آهن- منگهارام ملڪاڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، محمد اسماعيل عرساڻي، لطف الله بدوي ۽ شيخ عبدالرزاق راز. بعد ۾ ممتاز مرزا، منظور نقوي، آغا سليم، امر جليل، مراد علي مرزا، امداد حسيني، قمر شهباز، سراج ۽ چنا شبير ناز - هن صنف جي ترقيءَ لاءِ قلم کنيو. سنڌن ڊرامي ريڊيي تان به پيش ٿيا. ورهاڱي کانپوءِ ناول نويسيءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. چند ناول نويس آهن- انجم هالائي، ناصر موراڻي، انور هالائي، خواجه الانه، محمد عثمان ڏيپلائي، سندري اتمچنداڻي، رام پنجواڻي ۽ ڪرشن کٽواڻي. سراج جو "پڙاڏو سو سڏ"، آغا سليم جو "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" ۽ موهن ڪلپنا جو "جلاوطني" تاريخي ناول آهن. افساني کي جمال ابڙي نئون موڙ ڏنو. سنڌس جوڙ جا ٻيا افسانه نويس هي آهن؛ غلام رباني آگرو، اياز قادري، ابن حيات پنهور، بشير موريائي، حفيظ شيخ، نجم عباسي، سراج، رسول بخش پليجو ۽ ناصر موراڻي. ان کان پوءِ واري ٽهيءَ ۾ افسانه نويسن جي وڏي ٽيم هن صنف کي فن ۽ فڪر جي لحاظ کان مالا مال ڪيو. غلام نبي مغل، نسيم کرل، جمال رند، تاج بلوچ، حميد سنڌي، عبدالقادرجوڻيجو، عبدالحق عالماڻي، ممتاز مهر، ظفر حسن، محمد دائود بلوچ، نبي بخش کوسو، قمر شهباز، علي بابا ۽ امر جليل سٺا افسانه نويس آهن. جيتوڻيڪ طارق اشرف سماجي اوڻاين خلاف قلم کاهيو، ليڪن هن صاحب "سهڻي" رساليءَ ذريعي افسانوي ادب جي ترقيءَ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. مردن کان سواءِ عورتن به افساني جي دنيا ۾ پاڻ ملهايو آهي. جهڙوڪ؛ زينت چنا، ثميره زرين، ماهتاب محبوب، رشيده حجاب، نور شاهين، ۽ رشيده شيخ (١). ون يونٽ جي آخر ڏاري ماڻڪ ۽ ارباب سنڌيءَ پڻ افساني تي طبع آزمائي ڪئي.

هن دور ۾ ٻين به ڪيترن ئي موضوعن تي معياري ڪتاب پيش ٿيا. سير ۽ سفر تي سيد غلام مصطفيٰ شاه، الطاف شيخ ۽ قاضي عبدالمجيد عابد قلم کاهيو. ثقافت تي الهه بچائي سمي، جي. ايم. سيد، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ۽ الانه صاحب ڪم ڪيو آهي. سماجي علومن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب سياست تي نروار ٿيا. ان ڏس ۾ بزرگ سياستدان جناب جي. ايم. سيد جو نالو قابل ذڪر آهي. پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ کي جيڪي به نوان نوان مسئلا

---

١، ڏسجي ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو".

درپيش ايندا رهيا آهن؛ سيد صاحب وقت جي گهرج آهر انهن بابت قلم کڻندو رهيو آهي. ان کان علاوه نوجوان طبقي ۾ سندس ٻن ڪتابن: "جيئڻ ڏنو آهي مون" ۽ "پيغام لطيف" کي پڻ تمام گهڻي پذيرائي حاصل ٿي. پهرئين ڪتاب تي گوڙ به گهڻو ٿيو ۽ ضبط به ٿيو.

ون يونٽ واري دور جي شاعرن ۾ شيخ اياز، تنوير عباسي، امداد حسيني، نياز همايوني، استاد بخاري ۽سرويچ سجاولي ۽ کي سڻي اهميت حاصل آهي. ان کان علاوه حيدر بخش جتوئي ۽ جو نظم "جيئي سنڌ" به تاريخي اهميت رکي ٿو. ڪلاسيڪي صنفن جهڙوڪ وائي، ڪافي، بيت ۽ دوهي ۾ فني ۽ فڪري لحاظ کان انقلابي تبديلي آندي وئي. هن دور ۾ وڌيڪ صنفن جهڙوڪ: گيت، ماهيا، هائڪو، آزاد نظم، سانيٽ ۽ ترائيل ۾ به سٺا تجربا ٿيا. غزل ايران کان ناناڻو ناتو ٽوڙي هتي جي مقامي رنگ ۾ رنگجي ويو. عروضي شاعري ۽ جي ٻين صنفن ۾ به طبع آزمائي ٿي. نظم کي پڻ شاعرن پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو. ان دور جي باقي قابل ذڪر شاعرن جي لسٽ ڏجي ٿي. رشيد لاشاري، مخدوم طالب المولي، عبدالرزاق راز، لطف الله بدوي، مومن مليرائي، عبدالخالق شهيد سومرو، احمد خان آصف، لاڪو رحيم بخش قمر، ذوالفقار راشدي، محمد خان مجيدي، بردو سنڌي، شمشير الحيدري، محمد خان غني، نور شاهين، منظور نقوي، فيض بخشاپوري، سحر امداد، ولي دائود پوٽو، قلندر شاه لڪياري، قلندر بخش بدوي، تاج بلوچ، عبدالقيوم صائب، بشير مورياڻي، نفيس احمد ناشاد، هري دلگير، نارائڻ شيام، غلام محمد گرامي، ستار پيرزادو، احمد ملاح، ڪشنچند عزيز، اسدالله شاه اسد، عبدالله عبد، ابراهيم خليل، حافظ احسن چنه، عطا محمد حامي، بلاول پرديسي، عبدالله اثر، مظفر حسين جوش، دين محمد اديب، غلام علي مسرور، عبدالڪريم گدائي ۽ اياز قادري (١). اياز، نياز ۽ ڪامريڊ جتوئي ۽ جي شاعري ۽ جا مجموعا ضبط به ٿيا؛ ته اياز، تنوير ۽ ڪامريڊ پنهنجي فڪر ۽ ذات جي ڪري جيل به موڪليا ويا. مير محمد پيرزادو، راشد مورائي، عبدالڪريم پلي، عبدالحڪيم ارشد ۽ حافظ محمد بخش (مورو) به هن دور جا سٺا شاعر آهن.

ون يونٽ ٽٽڻ بعد (١٩٧٠ع) پاڪستاني پيرڊ جي ادب جو ٽيون دور

١. ڏسجي "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، مختلف صفحا.

شروع ٿيو آهي. ان بعد ادبين جي اڪثريت چپ ٿي وئي. اڳ هڪڙا مسئلا هئا ۽ هاڻي ٻيا. اسان جي سرواڻ ليکڪن جي نظر صرف ١٩٧٠ع تائين پهتي ۽ پوءِ جيڪو ٿيڻو هو، ان جو اندازو هو لڳائي نہ سگهيا! هي نہ رڳو اهل سنڌ جي بدبختي آهي پر سنڌي ادب کي پڻ وڏو نقصان رسيو. پنهنجي صاحب جي ڏنل آئين مان نراسائي ۽ بنگلاديش جو نهڻ- ٻہ اهڙيون حقيقتون آهن، جيڪي سنڌي ادب تي زبردست اثر انداز ٿيون. ماهنامہ ملير، اڳتي قدم، پيغام ۽ سهڻي - رسالن سنڌ جي حقن لاءِ زبردست آواز اٿاريو. ١٩٧٥ع ۾ اٽڪل ڇٽيهہ ڪتابن ۽ رسالن تي پابندي پوڻ سبب، سنڌي ادب کي ڪافي نقصان رسيو. بهرحال اڄ سوين نوجوان ڪتابن ۽ پبليڪيشن ذريعي سنڌي ادب جي اوسر لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا آهن. پنهنجي صاحب بعد (١٩٧٧ع) پاڪستان ۾ هاڻ وري مارشلا جو دور هلي رهيو آهي. گذريل حڪومت جا پيدا ڪيل ادبي مسئلا اڄ بہ جيئن جو تيئن قائم آهن. ون يونٽ بعد جتي سنڌي ادبي سنگت خاموش آهي، اتي محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي سرگرم آهي. نقادن عزيز مگسي، عبدالغني درس ۽ ڪرم الاهي چنا کي ادب براءِ ادب واري حلقي ۾ شامل ڪيو آهي. ترقي پسند ليکڪن (ڪجهہ ليکڪن کي ڇڏي) فرسٽريشن، ناراضگي ۽ ناڪاريت کي گهٽي حد تائين تخليقي عمل ۾ شامل ڪيو آهي (ان جو وڏو سبب احساس محرومي ۽ اقتصادي اڻ برابري ڏسجي ٿو). اهوئي سبب آهي جو اڄ فڪري ادب جي کوٽ محسوس ڪئي وڃي ٿي. ڪجهہ ليکڪن جي بي وقتي موت (جهڙوڪ: الطاف عباسي، نسيم کرل ۽ غلام محمد گرامي) پڻ ان ۾ اضافو ڪيو آهي. ون يونٽ کان پوءِ ٻن دانشورن -محمد ابراهيم جويي ۽ غلام مصطفيٰ شاه (انگريزي رسالي "سنڌ ڪوارٽرلي" ذريعي) پاڻ کي سنڌي ادب ۽ ٻولي توڙي سماج جي صحتمند ترقيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. جويو صاحب ڪنهن قدر ترجمن ذريعي فڪري ادب جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. ون يونٽ کانپوءِ جتي ٻيا سوين اشاعتي ادارا (پبليڪيشن) ادبي خدمت لاءِ موجود ٿيا آهن؛ اتي سنڌالاجي، شاه لطيف ثقافتي مرڪز، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي ۽ سنڌ سائنس سوسائٽي پڻ هر موضوع تي سنڌيءَ ۾ معياري ڪتابن جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا آهن.

جن ليکڪن هن دور ۾ ترجمن يا اصلوڪن لکڻين ذريعي ناول تي قلم

ڪنيو آهي؛ سي آهن - ماڻڪ، قاضي فيض محمد، گلشن سنڌي، ياسين بروهي، جام ساقي، قاضي خادم، طارق اشرف، تنوير عباسي، عبدالغفور انصاري، ولي رام ولڀ، عمر ۽ حليم بروهي. هلندڙ زماني ۾ هي ليکڪ افساني جي آبياري ڪري رهيا آهن- نسيم ٿيبو، سليم ڪورائي، قبول ابڙو، هدايت منگي، فيض ٻگهيو، بيدل مسرور، ممتاز مهر، ساحر پريمي، فاروق سولنگي، اشفاق انصاري، بدر ابڙو، ف.م. لاشاري، رفيق سومرو، رزاق مهر، جهان آرا سومرو، ج. ع. منگهاڻي، نسرين جوڻيجو، تنوير جوڻيجو، خيرالنساء جعفري، ليلا بانا، ثريا سنڌي، نيلوفر جويو، فهميده حسين، انيس ميمڻ، حميده ۽ زبيده ميتلو، تبسم مهتاب قريشي، نورالهديٰ شاه، شرجيل، خالد سنڌي، منير چانڊيو، مشتاق ڪاملاڻي، مشتاق باگاڻي، ادل سومرو، اياز گل، زيب سنڌي، الطاف بيدار، محب محبوب، ساغر سميجو، طارق عالم ابڙو، عابد مظهر، محمود مغل، ڪيهر شوڪت ۽ بادل جمالي (١). هلندڙ دور يا ان کان ٿورو اڳ جا ٻيا قابل ذڪر افسانہ نويس آهن- نثار حسيني، شوڪت شورو، مشتاق شورو، مدد علي سنڌي، علي نواز ڦل، ظفر عباسي، لياقت رضوي، اڪبر جسڪاڻي ۽ زوار نقوي. ڊرامہ جي صنف ۾ عبدالقادر جوڻيجو، اياز عالم، نور گهلو، قاضي خادم، نجم عباسي (ترجمو - ڳاڙهو لالٽين) ۽ محمد ابراهيم جويو (ترجمو - گليلو) سڀني اهميت رکن ٿا. محمد صديق پرهياڙ (مورو) چڱو ڊرامہ نگار ۽ فنڪار آهي. سندس تحرير "جاهل سڀ کان ٻہ وڏيڪ ڀيرا اسٽيج تي اچي چڪي آهي.

هن وقت مضمون نويسي پوين پساهن ۾ آهي. هن دور ۾ عنايت الله پنو، مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، در محمد پٺاڻ، علي نواز وفائي ۽ ميمڻ عبدالغفور سنڌي، هن صنف جي ڏس ۾ ٿورو گهڻو ڪم ڪري رهيا آهن. تنقيد جي راه ۾ چند نالا هي ڏسجن ٿا- نبي بخش کوسو، غلام محمد لاکو، ف. م. لاشاري، ممتاز مهر، قاضي خادم، الهداد ٻوهيو، قربان ٻگٽي، ۽ شوڪت شورو.

تحقيق جي ميدان ۾ اڄ ٻہ پراڻي ٿهيءَ جي هڪ هٽي قائم آهي. ڪلاسيڪي ادب، ٻولي، سنڌ جي تاريخ ۽ ساهت جي ميدان ۾ چند نوان مقالا

---

١. هي لسٽ تاج بلوچ جي مقدمي (ڪهاڻي نمبر ١٩٨٠ع، منصور پبليڪيشن) تان ڪنيل آهي.

نگار ۽ لکندڙ هي ڏسجن ٿا، الهرکيو ڀٽ، ڊاڪٽر حميده کهڙو، موتيلال جوتواڻي، غلام محمد لاکو، عبدالواحد آريسر، دادا سنڌي، ڄ ج صحرائي، هدايت پريم، قاسم ٻگهيو، ڊاڪٽر غلام قادر سومرو، آفتاب ابڙو، آزاد قاضي، منصور قادر جوڻيجو، عبدالله ورياه ۽ عبدالله مگسي. هيرو ٺکر جس لهڻي جنهن دهليءَ مان ١٩٧٨ع ۾ ”قاضي قادن جو ڪلام“ شايع ڪري، وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي (١).

هلندڙ دور ۾ الطاف شيخ ڪانسواءِ فهميده حسين ۽ ماهتاب محبوب پڻ معياري سفرناما پيش ڪيا آهن. آتم ڪهاڻي ۽ سوانح جي ميدان تي تازو پير علي محمد راشدي، محمد صادق ميمڻ، گرداس واڌواڻي، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ عبدالواحد آريسر سٺا ڪتاب لکيا آهن. ويهه سال اڳ لکيل ”هو ڏوٽي هو ڏينهن“ ڪتاب تازو شايع ٿيو آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ مثالي حيثيت رکي ٿو. نور عباسي، امر جليل، علي نواز وفائي، مشتاق باگاڻي، ظفر حسن ۽ خان محمد پنهور جا ڪالم پڻ سنڌي ادب ۾ سٺو اضافو آهن (٢). مولوي محمد عظيم جو سيرت تي شايع ٿيل ڪتاب پڻ نمايان واڌارو آهي. عزيز شيخ صحافت تي قلم کنيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ ۽ عزيز شيخ سنڌي موسيقيءَ تي به لکيو آهي. علي محمد راهو، مولانا ابوالڪلام آزاد جي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ۾ آهي.

هلندڙ دور ۾ سماجي علومن تي جن ماڻهن معياري لٽريچر (ترجمن سميت) آندو آهي سي آهن – مير امداد علي، عبدالواحد آريسر، عبدالقيوم صائب، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، تنوير جوڻيجو، رشيد ڀٽي، سهيل سانگي، رسول بخش پليجو، اسدالله ڀٽو، امداد چانڊيو، محمد موسيٰ ڀٽو، عبدالرحمان پهوڙ، منير سنڌي، فيروز ميمڻ، ديدار حسين شاهه ۽ غلام حسين خاصخيلي وغيره. نين حالتن جي. الائنه جهڙي انگريزي شاعر کي به مجبور ڪيو آهي ته، شاعري لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنائي. ابراهيم منشي، مشتاق باگاڻي، عنايت بلوچ ۽ اياز گل جي شاعري هن دور جو قيمتي اثاثو آهي. خاڪي جويي جو وطن تي طويل نظم ۽ راشد مورائيءَ جو

---

(١) تازو امام راشدي، پريتم پياسي، انور فگار هڪڙو، حبيب الله صديقي، محمد پنهل ڏهر، بدر ابڙو، بدر ڌامراهه، چاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي، اڪرام ساگر عباسي ۽ ابوبڪر شيخ – به تحقيق جي ميدان ۾ وک وڌائي آهي.

(٢) ويجهڙائيءَ ۾ انعام شيخ، جي. اين. مغل، حسن مجتبيٰ، اعجاز منگي ۽ ناز سهتو– پڻ سٺا ڪالم نگار تي ابريا آهن.

"مان باغي هان" سنڌي ادب ۾ نمايان جڳهه والارين ٿا. عرفان مهدي، ڪير چند شرما، ادريس جتوئي، عبيدالله اڏو ۽ عظيم سولنگي پڻ چڱا شاعر آهن. ان کان علاوه جيڪي نوجوان شاعريءَ ذريعي، سنڌي ادب جي آبياريءَ ۾ سرگرم آهن سي هن طرح آهن - ادل سومرو، نصير مرزا، واجد، ذوالفقار سيال، تاج جويو، مختيار ملڪ، منظور ظفر، اديب انقلابي، ناز سنائي، مقصود گل، حيدر شاهه، نظام زائر، حڪيم سومرو، مير صوبدار، رميش نانگراڻي، بلبل ڪورواهي، نياز پنهور، مانيٽو اوٺو، سوسن مرزا، شبنم موتي، ثريا سنڌي، ج.ع. منگهاڻي، منور سلطانه، مهر پروين، مريم مجيدي، شهناز ميمڻ، رسول ميمڻ، منير گهانگهرو، فيض پيرزادو، سميع لنڊ، سدا حيات جلباڻي، مظهر جلباڻي، اختر درگاهي، سرور سيف، هدايت منگي، هدايت بلوچ، سجاڳ سنڌي، ڪوثر ٻرڙو، عابد مظهر، ڪنول لهاڻو، اشرف آصف مصراڻي، پريم ساگر، ملڪ نديم، انور پيرزادو، الطاف عباسي، بدر قريشي، راهي چنا، سرڪش سنڌي، راز سنڌي، منظور بيدار، منير پتافي، الطاف بيدار، حبيب بروهي، جاويد بلوچ، ارشاد راهي، فتاح عابد، شفيق حيدري، سليمان سولنگي، نقاش، نور ڪهلو، اطهر منگي، ناظر منگي، عثمان ميمڻ، تبسم پٽي، خاڪي جويو، غلام عباس ڀنيرو، سارنگ ابڙو، سلطانه وقاصي، نذير ناز، ڪلاش، شمير ميمڻ، افضل قادري، نسرين شاهه، نيما ڪوثر، رزاق مهر، بيدل مسرور، ميران، سرفراز راڄڙ، وفا ناٿن شاهي، منصور ملڪ ۽ طاهر سنڌي (۱).

اڄ اسان جو ادب دنيا جي ڪنهن به سڌريل ٻوليءَ جي ادب جي ڀيٽ ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون آهن، تڏهن به ان ۾ اها سگهه ۽ قوت موجود آهي، جو بين الاقوامي معيار جي ٻولي بڻجي سگهي. پر شرط آهي ته:

محبتي ميڙي ڪوٺ ٻڌجي هڪڙو !!

[مقدمه ڪتاب "سنڌي ادب" ۱۹۸۱ع]

---

(۱) هي لسٽ ناملياري شاعر اياز گل (سکر) کان ملي آهي.
نوٽ: جناب اياز گل تازو ٦-١-١٩٩٥ع تي خط لکي اطلاع ڏنو آهي ته، رميش نانگراڻيءَ، ستر واري ڏهاڪي ۾ ٿورو گهڻو لکيو. پوءِ الڊيا هليو ويو ۽ لکڻ ختم ٿي ويس. ان کان علاوه ڪجهه ٻين شاعرن به لکڻ ڇڏي ڏنو آهي.

# مغليہ دور جي سنڌي شاعري

مغليہ دور جي سنڌي شاعري (١٥٢٠ - ١٦٨٩ع) بجاءِ طور تي، اسان جي ڪلاسيڪي دور جي وچئين زماني جي، نمائندگي ڪري ٿي. هن دور ۾ اول ارغونن، پوءِ ترخانن ۽ ان بعد مغلن سنڌ تي راڄ ڪيو. هي دور اسان جي سنڌي ادبي تاريخ ۾، نهايت اهم جڳهہ والاري ٿو ۽ ان کي سنگ ميل جي حيثيت مليل آهي.

سمن جي زوال (١٥٢٠ع) سان سنڌ تي ارغونن جو جبري راڄ شروع ٿيو. شاهہ بيگ جي هٿان هتان جي هزارين بيگناهہ رهواسين جو قتل عام، سوين ڳوٺن جي ويراني، مخدوم بلال جو گهاڻي ۾ پيڙجڻ ۽ شاهہ حسن جو لاهري بندر کان ڪري ملتان تائين تباهي ۽ بربادي ڪرڻ هن دور جا اهم واقعا آهن. ان بعد سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي - لاڙ تي ترخانن جو راڄ ۽ بکر تي سلطان محمود خان جو راڄ قائم ٿيو. ان دور جي ظلمن جي روئداد پڙهنديءَ، اڄ بہ بت ۾ ڏڪڻي پئجيو وڃي. سن ١٥٩٢ع ۾ خانخانان، سنڌ فتح ڪري، ان کي اڪبري دربار سان ملائڻ جو اعلان ڪيو. انتظامي، سياسي ۽ ادبي طور تي هي دور، اسان لاءِ سٺو ثابت نہ ٿيو. ظلمن جي هي روئداد، سنڌن ئي هڪ ڪاردار ميرڪ يوسف لکي ۽ اسان تائين "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي صورت ۾ پهتي. ثقافتي طور تي بہ، هي دور نئون طريقہ ڪار ڪٺي آيو. عربي ٻوليءَ جي حق کي ريٽي، ان جاءِ تي فارسي سنڌ جي دفتري ۽ علمي ٻولي بنائي وئي (١). هن ئي دور ۾ "فارسي گهوڙي چاڙهسي" جو مقولو مشهور ٿيو. سرڪاري سرپرستيءَ ۾، فارسي تصنيف ۽ تاليف شروع ٿي ۽ دفترن توڙي مدرسن ۾ ان کي اوچو مقام ڏنو ويو. ان صورتحال ۾ ٻي ڌر، يعني سنڌي ٻولي وارن کي بہ، پنهنجي ديس جي ٻوليءَ جو فڪر ٿيو. آخرڪار مغلن جي آخري ايامن ۾، ٺٽي جي عالمن سنڌي الف - ب جو اعلان ڪيو ۽ ائين سڄي سنڌ ۾، سنڌي ڪتب نويسي شروع ٿي.

هونئن تہ هن دور ۾، ڪيئي سنڌي شاعر سڄهن ٿا، ليڪن اسين هت صرف هن زماني جي چئن ناميارن شاعرن بابت مختصر پچار ڪنداسين. اڄ

کان چاليهارو سال کن اڳ سنڌ جي پهرين ادبي تاريخ ترتيب ڏيندي، مرحوم محمد صديق ميمڻ سومرن جي دور کي اوائلي سنڌي شعر جو دور ۽ سنڌجي جهوني ۽ نج شعر جي اپياس لاءِ سمن جي دور کي تجويز ڪيو هو. پاڻ شيخ حماد، اسحاق آهنگر ۽ راڄو درويش جا نالا ته کڻي ٿو، پر ڪيس سندن شعر دستياب ٿي نه سگهيا هئا (٢).

ميمڻ صاحب ارغونن کان هندي مغلن جي زوال تائين، واري دور کي سنڌ ۾ علم ۽ ادب جو عروج وارو زمانو سڏي ٿو. هن صاحب ٻين محققن جي پيٽ ۾، قاضي قادن جي شاعريءَ جو زمانو؛ ارغونن جي صاحبي ۾ڏايو آهي، ان وقت تائين قاضي صاحب جي صرف ستن شعرن جي ڄاڻ هئي. مرحوم لکي ٿو ته، "ارمان جي ڳالهه آهي ته قاضي صاحب جا رڳا ٧ بيت بيان العارفين واري درج ڪيا آهن، نه ته اهڙي بلند پايه جي شاعر گهڻو شعر چيو هوندو"(٣). ان بعد هي صاحب اسان کي شاه ڪريم بابت احوال ڏئي ٿو. لکي ٿو ته پاڻ ٩٤٤هه ١٥٣٦ع تي ڄائو ۽ ١٠٣٢هه ١٦٢٢ع ۾ فوت ٿيو. سندس سنڌي بيتن جو ڳاٿيتو ڇهانوي آهي. ميمڻ صاحب تنهن بعد، مذهبي شاعريءَ جي پنجن بزرگن جو تذڪرو ڪندي ڪين سنڌي علم ادب جو بنياد وجهندڙ سڏيو آهي. تنهن بعد لاڪيٽي لطيف جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. گويا هن دور ۾، سنڌيءَ ۾ صرف ٻه شاعر قاضي قادن ۽ شاه ڪريم پيدا ٿيا. موجوده دور ۾، سنڌي ادب متعلق پراڻا مفروضا، گهڻي ڀاڱي رد ٿي چڪا آهن. هيٺ مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

سال ١٩٧٨ع تائين هي راءِ هئي ته، قاضي قادن جا صرف ست بيت آهن. مذڪوره سال ۾، دهليءَ جي هڪ سنڌي اديب جناب هيري ٺڪر "قاضي قادن جو ڪلام" نالي هڪ شعري ڪتاب ڇاپيو آهي (٤). هاڻي هڪ ته شاعر جي نالي متعلق هلندڙ تڪرار پڄاڻيءَ کي پهتو ۽ ٻيو ته اسان جي هن ناماري شاعر جو ڪلام ستن (٧) نه پر هڪ سؤ سترنهن (١١٧) بيتن تي مشتمل آهي. ٺڪر صاحب ڪل ١١٢ بيت ڏنا آهن، جن مان ٻه اڳ ۾ موجود ذخيري ۾ به موجود آهن. ڪلام صوفياڻي رنگ جو آهي، جنهن تي عربي ۽ فارسيءَ جي پيٽ ۾، هنديءَ جو وڌيڪ اثر آهي.

ان بعد ٻيو وڏو شاعر آهي شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو. سندن ڪلام

هڪ مريد، شاهه صاحب جي وفات جي ڇهين سال بعد قلمبند ڪيو؛ جنهن جو نالو محمد رضا آهي. ڪي محقق ٩٦ ۾ ڪي وري ٩٣ بيت، شاهه ڪريم جا چون ٿا .سڀ کان پهرين شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام ڇپرايو، جنهن ۾ شعرن جي سمجهاڻي به ڏنل آهي. ان کانپوءِ بمبئي يونيورسٽي جي تعاون سان، ڊاڪٽر دائود پوٽي ڪريم جو ڪلام شايع ڪيو. هن جو ٻيو ڇاپو، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز وارن به ڇپيو آهي. ان کان علاوه ٻين محققن به ان ڏس ۾ جهد ڪيو آهي.

شاهه ڪريم بعد، سنڌي شاعريءَ ۾ شاهه عبداللطيف جو نالو ايندو هو. گويا ڪه ستر - اسي سالن جي عرصي ۾ سنڌيءَ ۾ ڪوبه ناميارو شاعر پيدا نه ٿيوا پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. شاهه ڪريم بعد لطف الله قادريءَ جو نالو اچي ٿو؛ جنهن سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ جي ضرورت سمجهي ۽ ان جي اهميت تي هيئن زور ڏنو؛

ڪوڏا ڪئو رسالو، اي فقير جوڙي بيتن،
ته هوءِ سنڌي وائي سهلو، پڄهڻ اپوجهن،
پاهنجي ٻولي ڪري سگهائين اي سکن،
لطف الله چئي، لئي پيو، ور سکن ۾ پڙهن.

هن بزرگ سنڌي شاعر جو نالو ايترو ته اونده ۾ پيل هو، جو ميمڻ صاحب اشاري طور به سندس حوالو نه ڏنو آهي. شاهه صاحب جي زماني جو تعين ڪندي اندازو لڳايو ويو آهي ته، پاڻ ١٠٢٠هه ١٦١١ع ۾ ڄائو ۽ ١٠٩٠هه ١٦١٩ع ۾ فوت ٿيو. غالباً سڀ کان اول ڊاڪٽر دائود پوٽي "نئين زندگي" رسالي ذريعي سندس مختصر ڪلام جي نشاندهي ڪئي. ماضي قريب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ميان لطف الله جو ڪلام سهيڙي، سموهي سنڌالاجي ذريعي نروار ڪيو آهي. ڇپيل بيتن جو تعداد ٣٥٧ آهي. سندن شاعريءَ جو ملڻ، سنڌي شاعريءَ جي اوسر ۾ اهم مرحلي جي ترجماني ڪري ٿو.

آخر ۾ هن دور جي وڏي شاعر شاهه عنايت جو نالو اچي ٿو. ميين شاه عنات جو جنم ١٠٣٠هه / ١٦٢٠ع ۽ وفات جو سال ١١٢٠هه ١٧٠٨ع ٻڌايو ويو آهي. شاه صاحب جو واسطو سنڌ جي علمي ۽ تاريخي شهر نصرپور سان

هو. ميمڻ صاحب ادبي تاريخ جي پهرئين ڀاڱي جي ڇپائيءَ تي لکيو هو:
"شاھ عنايت رضوي شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو همعصر هو. سندس ڪلام شاھ صاحب جي ڪلام سان خلط ملط ٿي ويو آهي ۽ خبر نہ ٿي پوي تہ ڀٽائي جو ڪلام ڪهڙو ۽ عنايت جو ڪلام ڪهڙو. سندس حياتي جو مفصل احوال بہ ڪٿان دستياب نہ ٿيو. سندس مقبرو نصرپور ضلعي حيدرآباد ۾ آهي جتي ڪيترائي ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن" (٥).

اڄ کان چاليهہ سال اڳ قائم ڪيل هي راءِ پڻ وزن وڃائي ويٺي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاھ عنات جو ڪلام سنڌي ادبي بورڊ ذريعي نروار ڪيو آهي، جنهن ۾ ٤٦٩ بيت ۽ ٣٢ وايون آهن. سندس ڪلام جي اهميت ۽ افاديت، ڊاڪٽر صاحب هن ريت ڏني آهي: "وائي جي لفظن کي وائي جي "لئي" سان هم آهنگ ڪرڻ واري نڪتي جو موجد غالباً ميون شاھ عنات ئي هو، ۽ ان جو وڏو سبب اهو هو جو ننڍي هوندي راڳ جي مجلسن ۾ اٿيو ويٺو ۽ راڳ جي ڪافي ڄاڻ ۽ پروڙ حاصل ڪيائين. انڪري پهريون ڀيرو پنهنجي بيتن ۽ واين کي سرودن ۾ آنداٸين." شاھ صاحب جيتوڻيڪ ڪافي پيرسن ٿي چڪو هو، ليڪن ڪلهوڙن واري تحريڪ سان سندس چڱي خاصي دلچسپي هئي ۽ بظاهر هو سندن وڏي ۾ وڏو حمايتي پڻ هو. ان ڏس ۾ سندن هڪ بيت آهي-

دعا ڪرين ٿو دائما، هر دم منجھہ هنيان
مغل موٽي ويا، ايهي ڏس ڏيان
ميريءَ منجھہ ميان! اڃا طبل وڄندا تا هنجا!!

هيل تائين مليل معلومات جي آڌار تي، ڪين هن دور جو آخري وڏو شاعر سڏي سگهجي ٿو.مقالي جي پڄاڻيءَ تي ڪجھہ نتيجا نڪرن ٿا، جي هيٺيان آهن-

١ - ميين شاھ عنات ۽ لطف الله قادريءَ جي ڪلام جي اشاعت کانپوءِ، هن دور جي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ جيڪو خال هو، اهو قاضي قادن جي ڪلام جي اشاعت سان پرجي چڪو آهي. هاڻي هي فخر سان چئي سگهجي ٿو تہ جهڙي ريت فارسي ۽ عربي تصنيف ۽ تاليف توڙي ادب جو هي زمانو عروج جو هو؛ اهڙي صورتحال ۾ سنڌي محب وطن شاعرن ۽ اديبن

پڻ سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو.

٢ - هن دور جو اوائلي ۽ نمايان شاعر قاضي قادن آهي، جنهنجي بيتن جو تعداد، شاه ڪريم جي ڪلام کان به سرس آهي.

٣- هن جي ڪلام جي اشاعت سان، سنڌ جي ادبي تاريخ، ٻولي ۽ لغت تي نئين سري سان ڪم ڪرڻ جو ميدان موجود ٿيو آهي.

۴- نالي جي تہ هاڻي صفائي ٿي وئي، ليڪن قاضي صاحب جي سوانح هڪ دفعو وري معمو بني آهي.

۵- قديم سنڌي ادب جي ڳولا لاءِ، هندي ٻولي ۽ ديوناگري لپي سکڻ بيحد ضروري آهي.

## حوالا ۽ حاشيا

(١) ڏسو اسان جو مقالو، "سمہ دور کي علمي اور سرکاري زبان" شايع شده، سہ ماهي اردو، ٢/١٩٨١، انجمن ترقي اردو ڪراچي -

(٢) جلد ١، صہ ٣٢.

(٣) جلد ١، صہ ٣٩.

(۴) پوجا پبليڪيشن دهلي ١٩٧٨ع.

(۵) سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو ١، صہ ٢۴٣.

(هي مضمون نوجوانن جي پروگرام ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ١٩٨٠ع ۾ پڙهيو ويو. ماهنامہ "پيغام" ڪراچي ڊسمبر ١٩٨٢ع ۾ ڇپيو).

# عربي سنڌي رسم الخط جي اوسر جو تاريخي پس منظر

سنڌي ٻولي پنهنجي قدامت ۽ ساهت جي شاندار ورثي سبب ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي. تاريخ جي ڊگهي سفر ۾ ان ڪيئي لاها چاڙها ڏٺا آهن. جدا جدا زمانن ۾ ان کي مختلف صورتن ۾ تحرير هيٺ آندو ويو آهي. عربن جي سنڌ تي ڪاهہ وقت اسان جي ٻولي، خروشطي خط ۽ ديوناگري توڙي ٻين متعدد صورتن ۾ ضبط تحرير ٿيندي هئي (١). عربن سنڌ تي ٽي صديون راڄ ڪيو. ان دور ۾ عربي زبان هتان جي علمي، سرڪاري ۽ مذهبي ٻولي رهي. اهوئي سبب آهي جو عربي ٻولي، سنڌي زبان جي هيئت، لسانيات ۽ لغت تي اڻ مٽ اثرات ڇڏيا. ان جو لازمي نتيجو هي نڪتو جو آهستي آهستي قديم رسم الخط جي بجاء، سنڌي ٻولي بہ عربي رسم الخط ۾ لکجڻ شروع ٿي. اڳتي هلي ان کي عربي - سنڌي رسم الخط سڏيو ويو. عام طرح ٺٽي جي مخدوم ابوالحسن کي هن قسم جي رسم الخط جو موجد سڏيو وڃي ٿو ۽ سندس ڪتاب "مقدمه الصلواة" کي پهريون سنڌي ڪتاب سڏيو ويو آهي. اڄ کان پنجاهہ ورهيہ اڳ خانبهادر محمد صديق ميمڻ ان متعلق لکيو هو تہ؛

"١٦٥٠ع ڌاري ڪانپوء نواب حفظ الله جي حڪومت ۾ ننگر ٺٽي ۾ هڪ اهڙي تحريڪ جاري ٿي، جنهنڪري سنڌي عالمن مجبور ٿي پارسي ۽ عربيء جي بدران سنڌي زبان ۾ تصنيف شروع ڪئي. بغداد جي مشهور قطب رباني سيد شيخ عبدالقادر جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغدادي ٺٽي ۾ آيو ۽ سندس وعظ ۽ نصيحت جي ڪري هزارن جي تعداد ۾ ڪيترا غير مسلم اسلام ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۽ ڪڇ جا ميمن (مومن) انهيء شيخ جي هدايت تي ٺٽي ۾ مسلمان ٿيا....

"ان وقت جو عالم مشهور فقيه مولوي ابوالحسن، جو سنڌ جي تختگاهہ ٺٽي ۾ هو، تنهن سمجهيو تہ ايترن عمر رسيده ماڻهن کي پارسي عربي سيکاري اسلامي واقفيت ڏيڻ، خاص ڪري فقه جي مسئلن کان واقف ڪرڻ ممڪن نہ آهي، تنهنڪري هن ماڻهن جي مادري زبان يعني سنڌيء ۾ لکڻ

شروع ڪيو..... ابوالحسن پنهنجو ڪتاب "مقدمه الصلواة" سال ١٧٠٠ع ڌاري لکيو.... ۽ ١٧١٥ع تائين پاڻ ئي پڙهيندو ۽ سمجهائيندو هو" (٢).

جنهن وقت هي راءِ ڏني وئي، اهو مواد جي لحاظ کان قحط جو زمانو هو. بعد ۾ ايندڙ سالن ۾ تازه ترين تحقيق پيش ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪم ٿيو آهي، تاهم اسان جي ادبي تذڪره نويسن ۽ مصنفن حسب دستور ابوالحسن کي هن رسم الخط جو باني ۽ پهرئين سنڌي ڪتاب جو مصنف پئي سڏيو آهي!

## محمد صديق ميمڻ جي راءِ جو تنقيدي جائزو:

ان ڪان اڳ جو اسين اصل عنوان طرف اچون، بهتر ائين ٿيندو ته مرحوم محمد صديق ميمڻ جي متي ڏنل اقتباس جو تنقيدي جائزو وٺجي.

**(الف) مخدوم ابوالحسن جو زمانو:** ميمڻ صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾ هن بزرگ جي مختصر سوانح ڏني آهي. سندس ماخذ "تحفة الڪرام" ۽ "ڪنزالعبرت" آهن. مير علي شير قانع پنهنجي ڪتاب ۾ مخدوم ابوالحسن جو ذڪر ته ڪيو آهي، ليڪن هو هن عالم فاضل جي وفات ۽ پيدائش جي سالن يا زماني متعلق خاموش ڏسجي ٿو (٣). ميمڻ صاحب "ڪنزالعبرت" جي آڌار تي، ٻڌائي ٿو ته سنڌ جو هي آڳاٽو مصنف سن ١٠٧٥هه / ١٦٦١ع ۾ پيدا ٿيو ۽ نوي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين (٤). هن حساب موجب مين ابوالحسن جي وفات ١١٦٥هه / ١٧٥١ع ۾ ٿي هوندي. سال ١٠٧٥هه ۾ عيسوي سن ١٦٦٤ بيهي ٿو، نه ڪي ١٦٦١ع، جيئن محمد صديق ميمڻ تجويز ڪيو آهي.

ابتدا ۾ "ڪنزالعبرت" مخدوم ابوالحسن جي هڪ عزيز ميان عبدالله واعظ (ميان موريو) جي تصنيف سمجهيو ويو. هي ڪتاب ١١٧٥ هه / ١٧٦١ع ۾ تصنيف ٿيو. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي تحقيق موجب، جيڪي تصنيفون ميان عبدالله واعظ جي نالي منسوب ٿيون آهن، اهي سڀ ڪتاب مخدوم عبدالله نرئي واري جا لکيل آهن (٥). اهڙي تصديق مشهور سنڌ شناس مصنف رچرڊ برٽن به ڪئي آهي (٦). برٽن جي تحرير مان اندازو ٿئي ٿو ته، مخدوم عبدالله نرئي واري سال ١٨٢١ع ڌاري وفات ڪئي. ميان عبدالله واعظ مصنف ته نه هو، البته سندس هڪ ٻيهه اکري مشهور آهي.

ميـان عبـدالله واعظ مـصنف نـ هو، تڏهن بـ پاڻ ننگر ٺـٽي ۾ هڪ اهم شخصيت ضرور ٿي گذريو آهي. مير علي شير سندس وفات جو سال ١١٦٧ هـ (١٧٥٣ع) ڏنو آهي (٧)، ۽ ٻڌائي ٿو تـ ميان عبدالله جي جنازي ۾ عوام جو وڏو هجوم شـريڪ ٿـيـو هو. مـيـر علي شـيـر "تحفـة الكـرام" ۾ مـخدوم ابوالحسن جو ذڪر، هڪ سنڌي مصنف جي حيثيت ۾، وڏي ادب ۽ احـترام سان ڪيو آهي. ليـڪن هي مـصنف، ابوالحسن جي زمـاني ۽ وفـات يا ڄمر جي سالن متعلق بلڪل خاموش ڏسجي ٿو. محمد صديق ميمڻ جي اندازي موجب، هن عالـم جي وفات سن ١١٦٥هـ ۾ ٿي هوندي. ان جو مطلب تـ ابوالحسن بـ ان دور ۾ ٿي گذريو، جنهن زماني ۾ شاهـ عبداللطيف، مخدوم معين، مخدوم هاشم ٺـٽوي ٿي گذريا آهن. مير علي شير هنن بزرگن جي زماني متعلق مواد ڇڏيو آهي، ليڪن ابوالحسن مـتعلق بلڪل خامـوش آهي. مـير علي شيـر قـانع جنهن انداز سان مـشـهـور سنڌي شاعـر مـيين عنات جو ذڪر ڪيـو آهي (٨)، ٺـيڪ ان ريت پاڻ ابوالحسن مـتعلق بـ اظهـار خيال ڪيـو اٿس (٨- الف). هن مـان هي گمـان نڪري ٿـو تـ، شاهـ لطف الله قادري، ميون شاه عنات رضوي ۽ ابوالحسن - لڳ ڀڳ هڪ ئي زماني ۾ ٿي گذريا. هونئن بـ مخدوم عبدالله ۽ "ڪنزالعبرت" متعلق ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بعد، محمد صديق ميمڻ جي راءِ پنهنجي وقعت وڃائي ويٺي هئي. پوءِ بـ خبر نـ آهي تـ ڪيئن ايندڙ دور جي تذڪره نگارن، وري وري ساڳي ڳالهـ پئي دهرائي آهي.

**(ب) نواب حفظ الله جو زمـانو:** محمد صديق ميمڻ مرحوم سن ١٦٥٠ع کان پوءِ نواب حفظ الله جي دور ۾ هڪ تحريڪ جو ذڪر ڪندي، ان کي سنڌي ڪتب نويسيءَ جو محرڪ سڏيو آهي.

تاريخي طرح اسان کي مذڪوره نواب جو زمانو معلوم آهي. نواب حفظ الله سن ١١٠٣ هـ / ١٦٩١ع ۾ ٺـٽي ۽ سـيـوهڻ جو حـاڪم ٿي آيو. جڏهن ميان دين محمد ڪلهوڙي مضبوط ٿي، مغل شهنشاهـ جي قوت کي للڪاريو، تڏهن شـهـزادو مـعـزالدين ان کي پڪـڙڻ لاءِ سنڌ ۾ داخل ٿـيـو. حـفظ الله شهزادي جي حڪم تي سيوهڻ ۾ پل ٺاهڻ جي ڪم جي خود نگراني ڪئي. سـخت گـرمي سـبب ڪـيس ڏينهن لڳو ۽ هو ١١١٢هـ / ١٧٠٠ع ۾ فـوت ٿي ويو (٩). مخدوم ابوالحسن جي سـوانح جي ضمـن ۾، محـمـد صديق مـيمڻ

هڪ وڏيڪ عملدار نواب شهامت خان جو ذڪر ڪيو آهي (ص ١٢٩).
حقيقت ۾ ان نالي سان ڪوبہ نواب ٺٽي ۾ نہ پهتو هو (١٠). اهڙيءَ ريت ميمڻ صاحب ٺٽي جي نوابن متعلق جيڪو مواد مهيا ڪيو آهي، تاريخي طرح اهو درست ڪونهي يا وري انهن جو زمانو صحيح نہ ڏنو ويو آهي.

**(ج) شيخ يوسف الدين جو ٺٽي ۾ اچڻ:** فاضل مصنف جي تحرير موجب، شيخ يوسف الدين جي تحريڪ سبب، ٺٽي جا غير مسلم وڏي تعداد ۾ مسلمان ٿيا ۽ انهن جي تعليم واسطي ابوالحسن "مقدمه الصلواة" نالي هڪ ڪتاب لکي، سنڌي زبان ۾ ڪتب نويسيءَ جو بنياد وڌو.

شيخ يوسف الدين جي هن تحريڪ لاءِ تاريخي طرح ڪوبہ ثبوت ڪونهي. خبر نہ آهي تہ هن بيان جو ماخذ ڪهڙو آهي؟ مشهور مصنف ڪاڪو ڀيرومل ان ڏس ۾ لکي ٿو:

"سمن جي صاحبيءَ کان وٺي، سنڌ جا ڪيترا لهاڻا ڦري ميمڻ ٿيا ۽ اهي وڏيا ويجهيا، تہ اٺين مسلمانن جو تعداد سترهين صديءَ ڌاري وڏي گهڻو ٿيو" (١١).

بلاشبہ ننگر ٺٽو صدين کان وٺي اسلامي تعليمات جو هڪ اهم مرڪز رهندو پئي آيو آهي. لهذا، اتي ملسمانن جو تعداد بہ قدم بقدم وڌي رهيو هو. اُن پس منظر ۾ شيخ يوسف جي فرضي تبليغي تحريڪ ڪي ڪابہ وقعت ڪانهي. بهرحال ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي، تہ سترهين صدي ڌاري سنڌي مسلمانن جي تعليم واسطي، سنڌيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جي ازحد ضرورت سمجهي وئي ۽ اهڙي سوچ "مقدمه الصلواة" کان بہ گهڻو وقت اڳي پيدا ٿي چڪي هئي.

## سنڌ جو ملڪي، ادبي ۽ تهذيبي پس منظر:

عربي - سنڌي رسم الخط سنڌ ۾ اسلامي دور جي پيدائش آهي. امڪاني طرح ان جو زمانو مغل دؤر (ارغون، ترخان ۽ مغل) حڪومت ڏسجي ٿو. هي رسم الخط ڪهڙي تهذيبي صورتحال، ادبي ماحول ۽ ملڪي ممڪنات ۾ وجود ۾ آيو ان جو سرسري خاڪو همعصر ذريعن مان هن ريت ملي ٿو.

سن ٧١٢ع / ٩٣هہ ۾ سنڌ تي عربن جو راڄ قائم ٿيو. عرب دور

حڪومت سنڌ لاءِ مڪمل تهذيبي، علمي ۽ ادبي تبديلي آندي. سنڌ ۾ ان پوري عرصي ۾ عربي زبان دفترن، مدرسن ۽ درسگاهن ۾، سرڪاري زبان جي حيثيت ۾ موجود رهي. عربن جي زوال کانپوءِ، هن ملڪ تي سومرن ٽن صدين (١٣٥٠ع تائين) لاءِ راڄ ڪيو. هن دؤر ۾ بہ عربي زبان ڪورٽ ۽ تعليم جي ٻولي رهي (١٢). ان بعد سمن جي سلطنت قائم ٿي. هي بادشاهي اٽڪل روءِ ٻہ صديون (١٥٢٠ع تائين) برقرار رهي. هن دؤر ۾ فارسي زبان کي عربيءَ جي ڀيٽ ۾ اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ٿي. ليڪن ان دؤر جو ٺوس تاريخي ۽ علمي اڀياس ٻڌائي ٿو تہ سمن جي دؤر ۾ عربي ٻولي، سرڪاري ۽ تعليمي زبان طور برقرار رهي (١٣).

سن ٩٢٧هہ / ١٥٢٠ع ۾ دولهہ دريا خان جي شهادت سان، سنڌ تي ارغونن جو راڄ مڙهجي ويو. هن سياسي تبديلي سبب، سنڌ جي سموري تهذيبي فضا توڙي علمي ۽ ادبي صورتحال تبديل ٿي وئي. سنڌ جي پنهنجي هر آرٽ، هنر ۽ فن کي متاثر جي رتا نهي. ارغونن مڪليءَ تي فن تعمير لاءِ بہ وچ ايشيا جي ڪاريگري استعمال ڪئي (١٤). شاهہ بيگ کانپوءِ سندس پٽ شاهہ حسن ارغون سنڌ جو حاڪم بڻيو. سندن مادري زبان فارسي هئي، انڪري وچ ايشيا، قنڌار ۽ ايران مان سوين فارسي گو شاعر، عالم ۽ اديب سنڌ پهچڻ لڳا. انهن کي هر طرح سان هٿ نوازيو ويو. شاهہ حسن جي دربار ۾ مرزاحسين بايقرا (و- ٩١١هہ) جو ديوان پهتو، تڏهن هو ان جي احترام ۾ باادب اٿي بيٺو (١٥). هي قدر داني ڏسي فخري هروي "روضة السلاطين" (٩٥٨هہ) نالي هڪ تذڪرو تيار ڪري، سندس نالي معنون ڪيو. فخري هڪ ٻيو تذڪرو "جواهر العجائب" (٩٦٢هہ) نالي تيار ڪيو ۽ عيسيٰ ترخان جي زال جي نالي منسوب ڪيائين.

سن ١٥٥٥ع ۾ مرزا شاهہ حسن وفات ڪئي. اتر سنڌ تي سلطان محمود بکري راڄ قائم ڪيو. هو ظالم هوندي بہ فارسي علم ادب جو مداح هو. ٺٽي ۾ ترخانن جو راڄ قائم ٿيو. عيسيٰ، باقي بيگ، جاني بيگ ۽ غازي بيگ -- خونريزي سبب سنڌ جي تاريخ ۾ نهايت ئي ٻڌرا آهن، ليڪن فارسي علم ۽ سخن پروري ڪري، سنڌ جا هي حاڪم ايران، هند توڙي سنڌ ۾ مشهور آهن. سلطان محمود بکري سن ٩٨٢هہ / ١٥٧٤ع ۾ فوت ٿيو.

تڏهن اپر سنڌ مغل سلطنت جو حصو بني. سن ١٠٠١ هه / ١٥٩٢ع ۾ ٺٽو صوبو بہ اڪبري سلطنت ۾ شامل ٿي ويو. هن دؤر ۾ ٺٽو، سيوهڻ ۽ بکر - سرڪاري مرڪزن جي حيثيت ۾ فارسي علم ۽ شعر جي پرورش ۾ پيش پيش رهيا.

اڪبر سلطنت جي هر حصي ۾ فارسي زبان جي ترقي لاءِ خاص حڪم جاري ڪيا. ان پس منظر ۾ مغل جاگيردارن، نوابن ۽ حاڪمن هن ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ خاص دلچسپي ورتي. سرڪاري ڪارندن کان علاوه هتان جي مختلف خاندانن - امير خانين، بلگرامي ساداتن، بيگلارن، پورانين ۽ شڪر الاهي سيدن، پڻ سنڌ جي علمي ۽ ادبي فضا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. نواب امير خان، ابو نصرت خان، حفظ الله خان، امين الدين خان، احمد يار خان، مجبت خان، سيف الله خان، دلير دل خان ۽ مير لطف علي ٻارن عملدارن ننگر ٺٽي ۾ وڏي پيماني تي شاعرن، اديبن ۽ عالمن جي سرپرستي ڪئي (١٦). هونئن تہ ارغونن کان مغلن تائين، سنڌ ۾ سوين اهل قلم هئا، جي هتان جي دربار تي ڇانيل رهيا، تاهم هي نالا ان ڏس ۾ وڏي اهميت رکن ٿا؛ مير طاهر محمد، يوسف ميرڪ، سيد مير محمد، ادراڪي بيگلاري، عبدالشڪور ٺٽوي، قاضي محمود ٺٽوي، مير معصوم بکري، شاهہ جهانگير هاشمي، سيد علي ثاني، عبدالغفور سيوهاڻي، محمد بن بايزيد پوراني، عطا ٺٽوي، سيد عبدالقادر، مير غلام علي آزاد ۽ عبدالرشيد ٺٽوي وغيره. هنن بزرگن سورهين ۽ سترهين صدي ۾ سنڌ اندر فارسي زبان ۾ تصوف، عرفان، تاريخ، مشاهير، لغت، تذڪري ۽ شعرو سخن جا سوين جلد تيار ڪيا ۽ انهن جو بهترين قل ماڻيو!

## مغل دور ۾ سنڌي ادب جي واڌاري جا اهم نقطا:

سنڌي شعر و سخن جا ابتدائي اهڃاڻ، اسان کي عربن جي دؤر ۾ ملن ٿا، تاهم سومرن ۽ سمن جي راڄن ۾ سنڌي شاعري مناسب ترقي ڪئي. موجوده معلومات جي آڌار تي اسان کي پنهنجي علم ادب جا پختا اهڃاڻ ۽ ثبوت ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حڪومت واري زماني ۾ ملن ٿا. ملڪي توڙي ادبي ليول تي هنن ٽنهي راڄن جي حاڪميت کي هڪ زماني ۾ شمار

ڪيو ويو آهي. هن سنڌ ۾ سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ حڪومت ڪئي. هن دور ۾ فارسي ادب، سرڪاري سرپرستيءَ ۾ مثالي ترقي ڪئي. ان جي مختصر جهلڪ اسان مٿي ڏني آهي. هن دور ۾ سنڌي ساهت جي واڌاري ۽ عربي - سنڌي رسم الخط جي اوسر جي حوالي سان اسان کي هي نقطا ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

(۱) هر زبان جو اوائلي تحريري سرمايو ان جو آڳاٽو شعر آهي. ان طرح سنڌي زبان جو تحريري شعر قاضي قاضن (قادن) کان شروع ٿئي ٿو (۱۷). مرحوم محمد صديق ميمڻ پڻ آڳاٽي شعر جي حوالي سان قاضي قادن جو نالو ڪنيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

"سنڌيءَ ۾ قاضي قاضن جهڙي اهل الله، شاهہ عبدالڪريم جهڙي ڪامل ولي، مخدوم محمد هاشم جهڙي فقيہ ۽ مولوي ابوالحسن جهڙي محدث جيڪا خدمت ڪئي آهي، سا ڪنهن کان ڳجهي نہ آهي" (۱۸).

(۲) سنڌي زبان ۾ الف اشباع جي طرز تي شعر جو پهريون سلسلو پير محمد لکوي (و - ۱٦۰۰ع) جي حوالي سان مليو آهي. پوءِ جي زماني ۾ ٻئي جي بزرگن ان جي تقليد ڪئي (۱۹).

(۳) شاهہ عبدالڪريم جي مريد محمد رضا، سنڌي گفتن کي فارسي زبان ۾ "بيان العارفين" جي نالي سان سن ۱۰۳۸ھ / ۱٦۲۸ع ۾ تيار ڪيو. ان ۾ هن صاحب قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم جا سنڌي بيت بہ نقل ڪيا. هن وقت جي ڄاڻ جي آثار تي عربي - سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي تحرير جو هي پراڻي ۾ پراڻو تجربو اسان جي آڏو اچي ٿو. بعد ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي "بيان العارفين" ۽ ان جا سنڌي شعر ڇاپي پڌرا ڪيا.

(۴) سچل نيشنل سيمينار خيرپور ميرس (۱۹۸۲ع) ۾ ڪتابن جي نمائش ۾ سنڌ جي هڪ علمي شخصيت ڊاڪٽر عباس علي گهمري، ولهاري بزرگن جي ڪتبخاني ۾ موجود سنڌيءَ ۾ يارهين صديءَ ۾ لکيل قلمي ڪتاب جو هڪ جهونو دستخط آندو. اخبارن هن نسخي جي رپورٽنگ هن ريت ڪئي:-

"هن نسخي ۾ جملي ۲۸ موضوع شامل آهن، جن ۾ نبي ڪريم صلعم جي سوانح عمري، مدح ۽ منقبت، مخدوم عثمان جو چئن علمن بابت تفصيل، فارسي ۽ عربي مان ترجمو ٿيل بہ رسالا، معراج نامو، نورنامو ۽ چار

قصا شامل آهن. هي عربي سنڌي رسم الخط ۾ هيل تائين هٿ آيل قلمي ڪتابن ۾ جهوني ۾ جهونو نسخو آهي،** هن جو ڪاتب عزت پٽ سليمان آهي ۽ ڪتابت جو سال ١٠٦٨هه / ١٦٥٧ع اٿس" (٢٠).

(٥) مشهور بزرگ ۽ شاعر لطف الله قادري سن ١٠٧٨هه / ١٦٦٧ع ڌاري فارسي ۾ تصوف بابت "منهاج المعرفت" نالي هڪ نسخو تيار ڪيو. ان ۾ ڪجهه سنڌي بيت به شامل ڪيائين. هي بيت سندس چيل هئا. ڊاڪٽر دائود پوٽي ابتدا ۾ انهن بيتن کي ڇاپيو (٢١). شاهه لطف الله قادري هن تصنيف بعد، وطني حق ادا ڪرڻ ۽ عام سنڌي عوام جي ڄاڻ لاءِ مڪمل سنڌي ڪتاب جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان کي "سنڌي رسالو" سڏيائين. پاڻ ئي ان جي اهميت هن ريت ٻڌائي ٿو:

ڪوڏا ڪِئو رِسالو اِيَ فقيرَ جوڙي بيتنِ
تہ هوءِ سِنڌي وائيَ سُهُلو ٻُجَهڻُ ابوجهنِ
پاهِنجَي ٻولي ڪري سِڪـهائِين اِي سِڪَنِ
لطف الله چئي، لَئِہ پَيو، وَرُ سِڪن ۽ پَڙهن (٢٢).

(٦) تذڪره نگارن موجب مخدوم ابوالحسن سن ١١١٢ هه / ١٧٠٠ع ۾ "مقدمه الصلواة" نالي ڪتاب تيار ڪيو. ان سان سنڌي زبان ۾ ڪتب نويسي شروع ٿي (٢٣).

مغل دور ۾ سنڌي ادب جي واڌاري متعلق هي نقطا ذهن ۾ رکڻ سان، اسان آڏو عربي سنڌي رسم الخط جي اوسر جو هڪ چٽو تصور ابري ٿو.

## عربي سنڌي رسم الخط جو نروار ٿيڻ ۽ ان جي پس منظر ۾ محرڪ جذبا:

سنڌي ٻولي تاريخ جو هڪ طويل ۽ ڪٺن سفر ڪيو آهي. اسلامي دؤر کان اڳ به، ان کي جدا جدا صورتن ۾ قلمبند ڪيو ويندو هو. عربن کان پوءِ تاريخ جي ڪهڙي دور ۾، سنڌي ٻولي به، پنهنجي پاڙيسري فارسي زبان وانگر، عربي رسم الخط ۾ لکجڻ ۾ آئي، ان متعلق ڪو چٽو مواد يا حوالو موجود ڪونهي. مشهور محقق جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو ته:

** اهو ڪتاب هاڻي ڇپجي چڪو آهي.

"اهو چئي نٿو سگهجي تہ عربي رسم الخط، انهيءَ قديم خط جي جڳهہ ڪڏهن والاري، يقيناً اسلامي فتوحات کانپوءِ سنڌ جي ماڻهن (خاص طور مسلمانن) جلدئي اسلامي خط (عربي خط) اختيار ڪيو هوندو" (٢۴)

عربن جي ٽن صدين جي حڪمراني بعد، سنڌ ڏيهہ تي سومرن طويل عرصي لاءِ حڪومت ڪئي. هنن جي زماني ۾ سنڌي ٻولي، شعر ۽ ڪلچر ۾ جان پئي. سومرن جي زوال ڏاري ابن بطوطہ سنڌ پهتو. هن لاڙ ۾ هڪ ٿٽل شهر ۾ سنڌي تحرير ڏٺي هئي. هو لکي ٿو:

"اتي ڪيترين ئي ديوارين تي سنڌي زبان ۾ ڪي اکر لکيل هئا" (٢۵)

اندازو آهي تہ ان تحرير جو طرز ديوتا گري هو، جيئن هن جي سفرنامي جي انگريزي ايڊيشن مان ظاهر ٿئي ٿو (٢٦).

سمن ڄامن اٽڪل روءِ ٻہ صديون، سنڌ تي آزادي ۽ استقلال سان راڄ ڪيو. هنن جي مادري زبان سنڌي هئي. سندن اتي ويٺي ۽ محفل توڙي معرڪن جي ٻولي سنڌي هئي. فطري طور تي ان دور ۾ سنڌي زبان جي ترقي ۽ ترويج کي ڪافي هٿي ملي، ليڪن وطن دوست سلاطين جي حيثيت ۾، هنن سنڌي ٻولي ۽ ساهت توڙي تحرير کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪو غير معمولي قدم نہ کنيو. ان جو سبب ڪٿي ڪهڙو بہ هجي، ليڪن جڏهن اقتدار جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ هجي، تڏهن ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر باقي نٿو رهي.

ارغون حاڪميت قائم ٿيڻ سان (٩٢٧ هہ)، سنڌ جي سموري تهذيبي، علمي ۽ ادبي فضا تبديل ٿي وئي. غير ملڪي عالمن، شاعرن ۽ سوين ڏارين قبيلن جي اچڻ سان، هتان جو اصل مقامي ڍانچو لڏي ويو. سنڌي عالمن ۽ ادبين مان ڪن گجرات ۽ حجاز مقدس جو رخ رکيو ۽ ڪجهہ بزرگن وطن ۾ رهي سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي آبياري شروع ڪئي. شيخ لاڏجيو وطن کي ياد ڪندي گجرات ۾ ڪافيون جهونگاريندو هو (٢٧). مڪلي ۽ ٻين درگاهن تي فقيرتن صوفين سماع جون محفلون ڪري سنڌي سخن جي خدمت جاري رکي. حضرت مخدوم نوح رح جهڙي مثالي درويش، ان دؤر ۾ سنڌي عوام جي بيڪسي هن ريت ظاهر ڪئي:

"پيئي جا پريات، سا ماڪ م پانيو ماڻهئا
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي" (٢٨).

سنڌ جي علمي دنيا ۾ آيل تبديلين کي هڪ عالم هن ريت پڌايو آهي؛

" هي عجيب واقعو آهي جو ارغونن جي حڪومت جو زمانو فارسي تصنيفات جي لحاظ کان سنڌ لاءِ علمي عروج جو زمانو ثابت ٿيو. اهو ساڳيو زمانو سنڌي ٻوليءَ جي تحرير يعني لکت ۾ اچڻ جو پڻ زمانو آهي.

" مهدوي تحريڪ کان اڳ تصوف جو سمورو مواد ڪجهه عربي ۽ زياده تر فارسي ۾ هو. پانئجي ٿو تہ مهدوي تحريڪ جي بزرگن کي انهيءَ رمز جو احساس ٿيو ۽ انهن صوبائي زبانن ۾ پنهنجي خيالات ادا ڪرڻ جي ابتدا ڪئي" (٢٩).

مرحوم محمد صديق ميمڻ، هن راءِ جي برعڪس سنڌي ادب ۾ آيل تڪڙي تبديلي ۽ ترقي لاءِ ارغون حڪومت کي جوابدار سمجهي ٿو. هو لکي ٿو؛

" ارغون اصل مغل هئا، تنهنڪري انهن پنهنجي حڪومت ۾ ايران جا شاعر ۽ عالم آندا. شاهہ بيگ وڏو پڙهيل هو، ۽ پاڻ قرآن شريف جو ترجمو ۽ تفسير پارسيءَ ۾ تيار ڪيائين. ارغونن جي حڪومت ۾ سنڌ جي سيني وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ فارسي مدرسا برپا ٿيا ۽ فارسيءَ جي تعليم رائج ٿي."

ميمڻ صاحب وڌيڪ لکي ٿو؛

" زبردست عالمن ارغوني دربار جي اثر کان بيزار ٿي وڏيءَ جرئت سان سنڌي علم ادب جي خدمت ڪئي" (٣٠)

مغل دور جي متي آيل تهذيبي ۽ علمي ايياس توڙي الحاج الهہ بخش عقيلي ۽ محمد صديق ميمڻ جي متي ڏنل اقتباسن جي آذار تي، هي چوڻ ۾ ڪابہ هبڪ نہ هجڻ گهرجي تہ ارغونن، ترخانن ۽ دهليءَ جي عملدارن - سنڌ ۾ جيڪا تعليمي ۽ عمراني پاليسي اختيار ڪئي، ان دور اندر سنڌي ساهت جي ترقي ۽ سنڌي - عربي رسم الخط، ان جي رد عمل ۾ نسري نروار ٿي. ان قسم جي علمي تحريڪ لاءِ عقيلي صاحب مهدوين ۽ قاضي قادن کي رهبر طور اڳتي آڻي ٿو. بلاشبہ قاضي قادن هن دور ۾ سنڌي شعر ۽ بزم جي پرورش ۾ پلان پل حصو ورتو آهي (٣١). سورهين سترهين صديءَ ۾ حاڪمن طرفان سنڌي ساهت ۽ زبان ڏي جيڪو رخ اختيار ڪيو ويو، ان کي اسان جي عالمن، صوفين ۽ شاعرن وڏيءَ شدت سان محسوس ڪيو؛ ان جي تصديق ميمڻ صاحب مرحوم بہ ڪئي آهي (تعجب آهي تہ ايڏو واضح هوندي

ب، هن صاحب ان قسم جي خاص علمي تحريڪ ڪي شيخ يوسف الدين جي خيالي هلچل سان لاڳو ڪري ڇڏيو). شاهه عبدالڪريم (و - ١٦٢٢ع) جي درويشي عالم آشڪار آهي. ان بزرگ به سنڌي سخن ۾ زبردست دلچسپي ورتي. مغل دور جي زوال ڏاري ميين شاهه عنات رضوي جي، سنڌي سماج سان دلچسپي ۽ لاڳاپي جو هي حال هو، جو هن پنهنجي شعر ۾ ميان نصير محمد، ميان دين محمد ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي وڌندڙ طاقت ڪي ساراهيو ۽ انهن جي فتح ۽ سوڀ لاء دعائون ڪيون (٣٢). شاهه لطف الله قادري (و - ١٦٧٩ع)،'ابتدا ۾ ته فارسي زبان ۾ سلوڪ ۽ طريقت بابت ڪتاب تيار ڪيو، ليڪن سنت ئي ڪيس هي احساس ٿيو ته، سنڌي عوام جي تعليم ۽ تربيت لاء، سنڌي زبان ۾ تصنيف ضروري آهي. ان پس منظر ۾ پاڻ "سنڌي رسالو" جوڙي راس ڪيائين. مرحوم محمد صديق ميمڻ ان صورتحال جي پس منظر ۾ ڪهڙو نه سچ لکيو آهي!

"ديس ۾ ڏارين جي ٻولي ڪيتري به ترقي ڪري وڃي ۽ پڙهيلن جي دل ۾ گهر ڪري وڃي ته به ممڪن نه آهي ته عام ماڻهن لاء اها زبان مقبول ۽ محبوب ٿيندي" (٣٣).

شاهه لطف الله قادري پنهنجي دور جو ناليرو عالم ۽ درويش هو، جنهن بزرگ پنهنجي پوري ارادي ۽ نيت سان، سنڌي عوام جي تعليم واسطي سنڌي رسالو تيار ڪيو. خاطري آهي ته ان جي ذهن ۾ پنهنجي پورهئي ڪي، پني تي اتاري محفوظ ڪرڻ ۽ عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي سوچ ۽ تصور به موجود هوندو. عربي - سنڌي رسم الخط ۾ تصنيف تاليف جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ پختو مثال ۽ ثبوت، قادري صاحب جي سنڌي رسالي ڪان به ڏهاڪو ڪن ورهيه اڳ جو اڄ اسان جي آڏو موجود آهي. عزت پٽ سليمان سن ١٠٦٨هه (١٦٥٧ع) ۾، عربي سنڌي خط ۾ مختلف عنوانن تي هڪ نسخو ڪتابت ڪيو، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هي واقعو ان دور جو آهي جڏهن اورنگزيب وڏي ڪشت و خون سان، مغل شهنشاهت تي قبضو ڪيو هو. هن دستخط جو تفصيلي اڀياس ان ڏس ۾ اميد ته ڪارائتو مواد مهيا ڪندو. مخدوم ابوالحسن جو "مقدمه الصلواة" هن رسالي ڪان ٻه، چوئيتاليهه سال پوء تيار ٿيو آهي. الف اشباع جي طرز جي نظم جو باني ب، نتائي بزرگن ڪي

سمجهيو ويندو آهي. حقيقت ۾ ان قسم جي نظر جو پهريون مثال، اسان کي ابوالحسن جي تصنيف کان هڪ صدي اڳ، پير محمد لکويءَ جي ضمن ۾ ملي ٿو.

هت هي سوال ٿو اٿي ته جڏهن وسيع پيماني تي سنڌي زبان ۾ تصنيف ۽ تاليف جي ضرورت سمجهي وئي، تڏهن ديوناگري يا ٻين قسمن جي رائج الوقت رسم الخط کي ڇو نه اختيار ڪيو ويو؟ مرحوم الهه بخش عقيلي ان متعلق لکي ٿو؛

"سنڌي زبان هڪ ٻولي جي حيثيت ۾ تمام آڳاٽي آهي، پر ان کي هڪ مستقل تحريري شڪل ڏيڻ جو مرحلو ان وقت پيش آيو، جڏهن قاضي قادن ۽ ان کانپوءِ ايندڙ بزرگن اسلامي تعليمات ۽ تصوف جي مسئلن بيان ڪرڻ لاءِ ان کي سنڌي عوام جي خاطر هڪ ذريعي طور اختيار ڪيو. جيئن ته هنن جون ڪوششون خالص اسلامي نوعيت جون هيون، تنهنڪري اصلي پراڪرت جو قديم رسم الخط هنن کي انهيءَ مقصد لاءِ موزون نظر نه آيو" (٣٤).

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته هن قسم جي تحريڪ خاص اسلامي تعليم جي پکيڙڻ لاءِ ظاهر ٿي، تاهم ان جي پس منظر ۾ جيڪي به بزرگ هئا، انهن پنهنجي دور جي حاڪمن ۽ بادشاهن جي تنگ نظر پاليسين کان هٽي، همه‌گير پيغام واري وحدت الوجودي فلسفي جو پرچار شروع ڪيو. ان ريت شاهه ڪريم، ميين شاهه عنات، لطف الله قادري ۽ قاضي قادن سنڌي زبان کي جيوت به بخشي ۽ ان جي سماجي ڪارج ۾ به تازگي پيدا ڪئي. بعد ۾ ايندڙ شاعرن؛ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سامي ۽ سچل سرمست پنهنجن اڳين بزرگن جي مشن کي تڪميل تي پهچايو.

عربي – سنڌي رسم الخط جو موجد ڪير هو يا ان خاص ڪهڙي زماني (ارغون يا ترخان يا وري مغل) ۾ جنم ورتو، ان متعلق في الحال ڪجهه چوڻ مناسب ڪونهي. سنڌي سماج صدين کان ڇڙوڇڙ پنهنجو سفر جاري رکيو آهي. سورهين صديءَ ۾ جڏهن عربي رسم الخط ۾ سنڌي ڪتب نويسي شروع ٿي، تڏهن عالمن متحد يا متفق ٿي، ان قسم جي رسم الخط کي جنم نه ڏنو. ليڪن حالتن جي دٻاءَ تحت اتر کان لاڙ تائين، هر محب وطن اديب، شاعر يا مصنف پنهنجي روءِ سوءِ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت جاري رکي. اوڻيهين

صديءَ ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن اسلامي (عربي) رسم الخط ۾ سنڌي ڪتابن جو چڱو تعداد موجود هو. ان کان علاوه متعدد ٻيا خط به ان وقت ڏاري سنڌ ۾ رائج هئا. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر سنڌي زبان کي صوبي جي واحد سرڪاري ٻولي بنايو، تڏهن ان لاءِ هڪ متفق رسم الخط جي ضرورت اچا باقي هئي (٣٥).

ادبي محققن بنا ڪنهن تاريخي جواز جي، مخدوم ابوالحسن کي ڪلهوڙن جي دور جو مصنف سڏيو آهي. اسان جي تحقيق موجب هي بزرگ به ان دور ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ ميين شاهه عنات ۽ لطف الله قادري پنهنجو ادبي ڪردار ادا ڪيو. مخدوم صاحب سڄي زندگي ننگر ٺٽي ۾ گذاري ۽ پنهنجو ڪتاب "مقدمه الصلواة" به اتي ئي سن ١٧٠٠ع ۾ تيار ڪيو. تاهم سندس دور جو تعين ڪرڻ لاءِ ڪجهه اهم واقعا ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

| | |
|---|---|
| ١- سنڌ جي هيٺين حصي ۾ شاهه لطف الله قادريءَ جي وفات | ١٠٩٠هه/١٦٧٩ع |
| ٢- ٺٽي ۽ سيوهڻ تي نواب حفظ الله جي مقرري | ١١٠٣هه/١٦٩١ع |
| ٣- شهزادي معزالدين جي سنڌ تي ڪاهه | ١١١٢هه/١٧٠٠ع |
| ۴- مقدمه الصلواة جي تصنيف | ١١١٢هه/١٧٠٠ع |
| ۵- نواب حفظ الله جي وفات | ١١١٣هه/ ١٧٠١ع |
| ٦- ننگر ٺٽي تي نواب سعيد خان جي مقرري | ١١١٩هه/١٧٠٧ع |
| ٧- شهنشاهه اورنگزيب جي وفات | ١١٢٠هه/١٧٠٧ع |
| ٨- ميين شاهه عنات جي وفات | ١١٢٠هه/١٧٠٨ع |
| ٩- نواب اعظم خان هٿان شاهه عنايت جي شهادت | ١١٣٠هه/١٧١٨ع |
| ١٠- ٺٽي ۾ آخري نواب صادق علي خان جو تقرر | ١١۴٩هه/١٧٣٦ع |
| ١١- ٺٽي سميت سڄي سنڌ مان مغل راڄ جو خاتمو | ١١۵٠هه /١٧٣٧ع |

## حوالا ۽ حاشيا

(١) پروفيسر عبدالڪريم لغاري؛ "سنڌي الف بي جي ارتقا" ص ١٩ - ٢٧، سنڌالاجي سال ١٩٧٦ع

(٢) "سنڌ جي ادبي تاريخ" (برٽش حڪومت کان اڳ)، ص ١١٣ - ١١۵، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، سال ١٩٣٧ع.

(٣) " تحفة الڪرام" سنڌي ڇاپو، صہ ٥٥٩ - ٥٦٠، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٦ع
(٤) "سنڌ جي ادبي تاريخ" (برنٽش حڪومت کان اڳ)، صہ ١١٣ ۽ ص ١٣٠.
(٥) عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌيون" صہ ٧٢، سنڌالاجي سال ١٩٧٠ع.
(٦) مترجم: محمد حنيف صديقي "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون" صہ ٨٠، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٧١ع.
(٧) سيد حسام الدين راشدي: "مقالات الشعرا" صہ ٣٩٦، سال ١٩٥٧ع.
(٨) " تحفة الڪرام" سنڌي ايڊيشن، ص ٣٩٨.
(٨- الف) " تحفة الڪرام" سنڌي، صہ ٥٥٩.
(٩) " تحفة الڪرام" سنڌي، صہ ٢٤٣-٢٤٤.
(١٠) سيد حسام الدين راشدي: " تحفة الڪرام" صہ ٣٨٦ - ٤٧٨، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٧١ع.
(١١) "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" صہ ٢٢٨، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٧٢ع.
(١٢) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، صہ ٦، ايڊيشن پيون.
(١٣) غلام محمد لاکو: "سمہ دؤر کي علمي اور سرڪاري زبان" سہ ماهي اردو، ٢ / ١٩٨١ع انجمن ترقي اردو ڪراچي.
(١٤) ايم. ايچ. پنهور: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" تصوير، ص ١٦١ جي سامهون، سنڌالاجي سال ١٩٨٣ع.
(١٥) فخري هروي: "روضة السلاطين و جواهر العجائب" ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، ديباچہ، ص ٢ ۽ ٣، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٨ع.
(١٦) ڊاڪٽر ايچ. آءِ. سدارنگاڻي: "پرشين پوئٽس آف سنڌ"، صہ ١٨-١٩، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٦ع.
(١٧) الهہ بخش سرشار عقيلي: "سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ" ڪتابچو، صہ ٤.
-مقالہ نگار، ميان عبدالغني پيڪ (ڪراچي) جو شڪر گذار آهي، جنهن منهنجي گذارش تي مهدوي تحريڪ متعلق مواد فراهم ڪيو. ان جي اپياس کان سواءِ هن پيپر جي تشڪيل ۾ هوند تشنگي رهجي وڃي ها.
(١٨) "سنڌ جي ادبي تاريخ" صہ ٤٣.
(١٩) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" صہ ٦٥، سال ١٩٨٣ع.

(٢٠) روزنامہ عبرت حيدرآباد، رپورٽ مجيد ميمڻ، ٢٧ - مارچ ١٩٨٢ع.
(٢١) مرتب خديجہ خانم دائود پوٽو: "مضمون ۽ مقالا" صہ ٢٠ -٢٣، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز حيدرآباد سال ١٩٧٨ع.
(٢٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام" صہ ٣، سنڌالاجي سال ١٩٦٨ع.
(٢٣) سيد حسام الدين راشدي: "سنڌي ادب" ترجمو غلام محمد لاکو، صہ ١٠٥ - ١٠٦، گرامي پبليڪيشن دولتپور صفن سال ١٩٨١ع.
(٢٤) "سنڌي صورتخطي" صہ ٢٣، سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٦٩ع.
(٢٥) "ابن بطوطہ جو سفرنامو" سنڌي از: محمد ابراهيم عباسي، صہ ١٥، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٧٦ع.
(٢٦) ابن بطوطہ: "ٽريولس ان آفريڪا اينڊ ايشيا" صہ ١٨٥، سروس بڪ ڪلب راولپنڊي سال ١٩٨٥ع.
(٢٧) محمد غوثي مانڊوي: "گلزار ابرار" اردو ڇاپو، صہ ٣٤٢، طبع دوم لاهور.
(٢٨) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" صہ ٦٦.
(٢٩) الحاج الهہ بخش عقيلي "سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ" صہ ٧.
(٣٠) "سنڌ جي ادبي تاريخ" صہ ٤٢ ۽ ٤٧، سال ١٩٣٧ع.
(٣١) هيرو ٺڪر: "قاضي قادن جو ڪلام" دهلي، سال ١٩٧٨ع.
- قاضي قادن جي شخصيت، ڪلام ۽ فڪر توڙي سندس شعر جو زمانو، ابتدا ڪان ڪري سنڌ ۾ تڪراري موضوع پئي رهيا آهن. راقم الحروف هن عنوانن تي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، جنهن کي عنقريب ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويندو.
(٣٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:: "ميين شاهہ عنات جو ڪلام" مقدمو، ص ٤٧ - ٥١، سنڌي ادبي بورڊ، سال ١٩٦٣ع.
(٣٣) "سنڌ جي ادبي تاريخ" صہ ٤٦ - ٤٧.
(٣٤) "سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ" صہ ٨.
(٣٥) رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون" سنڌي، صہ ١٤٢- ١٤٦.

(سہ ماهي "مهراڻ" ٣ / ١٩٨٧ع ۾ ڇپيل).

# انڊيا آفيس لئبريري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب

جڳن کان فاتحن جو هي دستور رهيو آهي ته اهي سڀ کان اول مفتوحن جي علم ادب کي نشانو بڻائيندا آيا آهن. سنڌ سان به هر پيري هي دستور لاڳو رهيو، ليڪن انگريزي يلغار سان ائين نه ٿيو. انگريزن سنڌ کي فتح ڪرڻ بعد هتي جي علم ادب کي ناس ڪرڻ بجاءِ، انگلينڊ جا ڪتبخانا ۽ ميوزم سينگاريا. هند توڙي سنڌ جا ڪتابي ذخيرا هوندي به ان ملڪ جي متعدد ڪتبخانن ۾ موجود آهن، ليڪن لنڊن جي ٻن مرڪزن - انڊيا آفيس لئبريري ۽ برٽش ميوزم- کي هن خطي جي اتهاس ۽ ساهت مان ڪجهه زياده حصو پلئه پيو ٿو ڏسجي. انگريزن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان جيڪو علم آندو، ان متعلق اڳتي هلي پوءِ جدا جدا عالمن ڪيٽالاگ تيار ڪيا ۽ فهرستون ٺاهيون. ان ريت واسطيدار ملڪن جي ٻولين ۽ ساهت جي اڀياس ۾ مدد ملي. ابتدا ۾ لنڊن ۾ گڏ ڪيل فارسي ۽ عربي مخطوطن بابت ايتي ۽ ريو ڪم ڪيو. ان سان گڏ ڪجهه ٻين ماهرن وري هند جي مقامي ٻولين بابت ڪم جو آغاز ڪيو ۽ لنڊن ۾ موجود قلمي ڪتابن بابت ببليوگرافيز ۽ ڪيٽالاگ تيار ڪيا ويا. برٽش ميوزم ۾ موجود هند جي ڏيهي ٻولين جي قلمي ڪتابن بابت، سال ١٩٠٥ع ۾ جي. ايف. بلم هارڊٽ هڪ ڪيٽالاگ شايع ڪيو (١). انڊيا آفيس واري قلمي ذخيري متعلق متعدد عالمن ڪم ڪيو آهي، تاهم ايس. سي. سٽن جي گائيڊ کي بنياد بڻائي (٢)، تازي دور ۾ ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل اتي موجود "پنجابي ۽ سنڌي" قلمي ڪتابن بابت هڪ نادر ڪيٽالاگ

---

(1) J.F. Blumhardt: "Catologue of the Marathi, Gujrati, Bengali, Assamese, Oriya, Pushtu & Sindhi Manuscripts in the British Museum" London, 1905.

(2) S.C. Sutton: "A Guide to India office library", London 1967.

شايع ڪيو آهي (١).

ڊاڪٽر سي. شيڪل لنڊن يونيورسٽي جي اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز ۾ ڪم ڪري ٿو. ڪيس سنڌ جي سرائڪي ادب تي سٺي مهارت حاصل آهي. ان ڏس ۾ سندس هڪ ڪتاب پڻ ملتان مان ڇپجي چڪو آهي (٢). انڊيا آفيس لئبريري متعلق پنهنجي گائيڊ ۾ "سٺن" ٻڌايو هو ته اتي ڇاونجاهه پنجابي ۽ اوڻيهه سنڌي قلمي ڪتاب رکيل آهن، ليڪن ڊاڪٽر شيڪل هن عنوان تي وڌيڪ گهرائي ۾ وڃي ڪم ڪيو آهي، ۽ ٻڌائي ٿو ته انڊيا آفيس لئبريري ۾ صرف سورنهن قلمي ڪتاب موجود آهن. اسان کي مدير مهراڻ جناب نفيس احمد شيخ جي ٿوري سان، ڊاڪٽر شيڪل جو تيار ڪيل ڪيٽالاگ مطالعي لاءِ مليو ۽ ان جي حوالي توڙي تحقيق ذريعي، هتي انهن سورنهن مخطوطن جو مختصر تعارف ڪرائجي ٿو.

ذڪر هيٺ ايندڙ مخطوطن جو واسطو گهڻي ڀاڱي اسلامي دور سان آهي.، سنڌيءَ لاءِ عربي رسم الخط ڪڏهن رائج ٿيو، ان متعلق ڪابه مناسب معلومات مهيا ڪانهي. ليڪن اندازو آهي ته ارغوني ڪهل بعد، سنڌي زبان ۽ ساهت تي جا مصيبت آئي ۽ قهر نازل ٿيو، ان سبب هتي جي عالمن ۽ اديبن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي بچاءَ جو فڪر دامنگير ٿيو. ان پس منظر ۾ سنڌي زبان ۾ تصنيف ۽ تاليف جي ابتدا ٿي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني ۾، سنڌي زبان جي تحريري ذخيري ۾ اجا به واڌارو ٿيو. برٽن ان متعلق لکيو هو ته:

" تڏهن ڪابه اهڙي ڏيهي زبان ڪانه هئي، جنهن ۾ سنڌيءَ کان گهٽيون يا وڌيڪ ڪارآمد تصنيفون هجن. ان جو گهڻو حصو خاص ڪري عربيءَ مان ڪيل ترجما ۽ مذهبي تصنيفون آهن. سنڌ ۾ ڪيترا ڪتاب ملندا، تنهن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. پر ٻن - ٽن سون کان گهٽ هت ڪونه ايندا" (٣)

---

(1) Dr. Schackle: "Catologue of the Panjabi & Sindhi Manuscripts in the India office library", 1977.

(2) Dr. Schackle: "Styles & Themes in Siraiki Poetry of Sind" Bazam-e-Saqafat Multan.

(٣) "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون" ، ترجمو محمد حنيف صديقي، ص ١٤، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧١ع.

سنڌ ۾ اسلامي دور جي خاتمي ڌاري، سنڌي زبان ۾ ڪتابن جي تعداد ۽ انهن جي ڪيفيت متعلق، برٽن جو هي حوالو نهايت ئي قيمتي آهي. اهوئي ڪتابي ذخيرو هو ۽ ڪتاب هئا، جن کي ميڙي چونڊي انگريزن پنهنجا ڪتبخانا ٺاهيا ۽ ميوزم سينگاريا. اڄ جيڪڏهن اهو سمورو ذخيرو ڪٿي دستياب ڪونهي، تاهم انهن مان ڪو حصو پتي به اسان کي ملي وڃي ته هوند اسين پنهنجي علمي تاريخ جا ڪيئي خال پرڻ ۾ سڦل ٿي وڃون. اهڙي اپياس ذريعي - سنڌ جي ادبي تاريخ، سنڌي ساهت جي حقيقي اپياس، سنڌي الف - بي جي اوسر، سنڌي زبان ۾ ڪتب نويسي ۽ سنڌي مصنفن، عالمن ۽ ڪاتبن متعلق مطالعي ۾ ڪافي مدد ملي سگهي ٿي!

ڊاڪٽر شيڪل جو مذڪوره اپياس، ان ڏس ۾ اسان جي ڪارائتي مدد ڪري ٿو. هو صاحب انڊيا آفيس ۾ موجود سنڌي قلمي ذخيري بابت لکي ٿو:

"Apart from the Risalo of Shah Abdul Latif, the greatest of Sindhi poets, the majority of the manuscripts resemble the Muslim Panjabi manuscripts in being versified Islamic treatises,the main emphasis being on the works of Makhdum Muhammad Hashim of Thatta and his disciples" (p-ii).

ڊاڪٽر شيڪل ابتدا ۾ پنجابي ۽ سِک مخطوطن جو ذڪر ڪيو آهي. بعد ۾ پاڻ سنڌي قلمي ڪتابن جو تعارف ڏئي ٿو. سندس ڪيٽالاگ ذريعي هيءَ خبر پوي ٿي ته سنڌي زبان ۾ زياده تر ڪتب نويسي ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي ۽ سواءِ جزوي اختلافن جي، ان دور ۾ سنڌيءَ لاءِ هڪ ڪامن رسم الخط وجود ۾ اچي چڪو هو. ان کي بنياد بنائي فريئر جي زماني ۾، هڪ مستقل الف - ب تجويز ڪئي وئي. ان کان علاوه شيڪل صاحب ٻڌائي ٿو ته مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، پنهنجي دور جو هڪ وڏو مصنف ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌي زبان ۾ ڪتابن جو جهجهو تعداد ڇڏيو آهي. هن تمهيد بعد ڊاڪٽر شيڪل جي حوالي سان، انڊيا آفيس جي سنڌي قلمي نسخن جو ذڪر ڪجي ٿو.

## (۱) شاهہ جو رسالو

ڪل ورق ۱۴۵، ماپ ۱۲ x ۲۱ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ۱۱ کان ۱۴ سٽون؛ اوڻهين صدي.

**ابتدا:**

پرتوو پنوہ جو جر جي جالا ڏي
آءُ تہ آري کي ونيو راہ رونا ڪنو

هي نسخو "سر سسئي" سان شروع ٿئي ٿو ۽ رڳا هن ريت اٿس: سسئي، سهڻي، پورب، رامڪلي، ڪلياڻ، سريراڳ، ساموندي، ڪنيات، بروو، سورٺ، ڪاموڙيان، رپ، گهاتو، پريات، ڏهر، ڪاپائتي، ڏناسري، مارئي، ڪاموڏ، ڪاراهل، آسا، بلاول، مومل راڻو، سارنگ، ڪيڏارو، شينهن ڪيڏارو ۽ بسنت.

**پڇاڙي:**

عمر سبب الڪس انڪي وهامي ويئي
ويا وڃائي سڪي پوريہ ۾ پيهي
ڏسده ڏيهي اوناڪا نوسرا ٿيئا.

ڊاڪٽر شيڪل جو چوڻ آهي تہ هن نسخي ۾ ڪل چويهہ سُر آهن. جيئن تہ مصنف پاڻ رسالو ترتيب نہ ڏنو، انڪري سڀني نسخن ۾ اختلاف موجود آهن. گهڻ معاوضي ملڻ سبب ڪاتبن گهڻ خوشنويسي ڏيکاري آهي. محترم ڊاڪٽر بلوچ موجب هي نسخو، برٽش ميوزم واري جو نقل آهي، تاهم ان جو بہ انتخاب ڏسجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب هن نسخي جي ڪيفيت ذرا مختلف ڏني آهي " (شاهہ جي رسالي جا سرچشما، ص ۲۲ - ۲۴).

## (۲) تفسير هاشمي

ڪل ورق ۳۹۹، ماپ ۱۳.۵ x ۲۱ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ۱۱ کان ۱۵ سٽون، اڌوهي ڪاڌل، عربي عبارت ڳاڙهي مس ۾، تاريخ ۳۰ صفر ۱۲۲۵ (۱۸۱۰ع).

هي نسخو ٻن ڀاڱن ۾ آهي، جنهن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، قرآن پاڪ جي آخري پاري جو شرح سنڌي نظم ۾ پيش ڪيو آهي. پهريون ڀاڱو

هن ريت شروع ٿئي ٿو:

سڀ ساراه ته رب کي جو خالق خلقنهار
سڀاجو سڀ پر ڏڌن جو ڏاتار

مخدوم صاحب جي هي هڪ اهم تصنيف آهي، جا سن ١١٦٢هه / ١٧٤٩ع ۾ پوري ٿي ۽ عام جام ڇپي آهي. مخدوم صاحب تي سؤ کن ڪتاب، عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تيار ڪيا. سندس تصنيفون اڪثر درس ۾ شامل رهيون. اهي اڪثر سادي شعر ۾ آهن. هي طريقو مخدوم ابوالحسن جي ايجاد آهي. جيئن ته پهريون ڀاڱو سورت النبا (نمبر: ٧٨) سان شروع ٿئي ٿو، انڪري ان کي "تفسير سور النبا" به سڏيو ويو آهي. هي حصو سورت القدر (نمبر: ٩٧) جي تفسير سان ختم ٿئي ٿو. نقل نويس هن حصي کي هن ريت ختم ڪيو آهي:

قدتم الجلد الاول من التفسير الهاشمي بعباره سندية في تاريخ ٣ - ماه صفر ١٢٢٥هه.

هن تفسير جو ٻيون ڀاڱو سورت البينه (نمبر: ٩٨) سان شروع ٿئي ٿو ۽ ان جي پڄاڻي سورت الناس (نمبر: ١١٤) تي ٿئي ٿي. هي نسخو ٻن ڪاتبن جي اکرن ۾ آهي. پڄاڻي هن ريت اٿس:

ٿي طريقا مرن امورن ۾ آهي مجربا
ويدا سي ايمان سي ڪلمو جي چوندا

## (٣) بناءَ الاسلام

ڪل ورق ٢٢١، سائيز ١٥ x ٢٢ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١١ سٽون، عربي شعر ڳاڙهي مس ۾، اٺويهين صدي.

مخدوم محمد هاشم جو هي شعري مقالو، اسلام جي بنيادي قاعدن متعلق آهي.

ابتدا:

سڀ ساراه صاحب کي جوري‌اجه جهان
عرش خلقيا ۽ ڪرسي پونيون آسمان

مخدوم صاحب عربي ۽ فارسي ڪتابن جي مدد سان، هي مڪتوب ٥ ذوالحج ١١٤٣هه (١٧٣١ع) تي تيار ڪيو. شيڪل ان کي مخدوم صاحب

جي بهترين تصنيف قرار ڏنو آهي. آخر ۾ فارسي نوٽ ۾ ان کي "عقائد سنڌي" به سڏيو ويو آهي. پڇاڙي هن ريت ڪئي وئي آهي:

مرهي مؤمن مرئي ميت ۽ احيا
هي سچو سنهارو ڪلمون جن چيو سچ منجا

## (۴) قُوت العاشقين (۱)

ڪل ورق ۲ + ۲۴۰، سائيز ۱۲ x ۲۳۰۵ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ۱۴ سٽون. تاريخ ۲ رمضان ۱۱۶۷هه (۱۷۵۴ع).

هن ڪتاب ۾ مخدوم محمد هاشم، رسول ڪريم صلعم جي مدح ۾ سندس معجزن کي قلمبند ڪيو آهي. هن نسخي جي ابتدا هن ريت ٿئي ٿي:

اغثني يا رسول الله حانت ندامتي   اغثني يا حبيب الله قامت قيامتي
رسهم رسول رب جا اجا عاجزن   سپاجا سڀ پر مرکز مرسلن

شيڪل صاحب هن تصنيف کي، ڊاڪٽر شمل جي حوالي سان، هڪ بهترين تصنيف سڏيو آهي. هي ڪتاب ۱۱۲۷هه (۱۷۱۵ع) ۾ پورو ٿيو. هن کي "سنڌي معجزا" به سڏيو ويو آهي. مخطوطي جي ابتدا رسول پاڪ جي شان ۾ چيل قصيدي سان ٿئي ٿي. هن ۾ ۱۶۰ معجزن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مصنف روايتي طرح دعائن سان پڇاڙي ڪندي، پنهنجي هن تصنيف جو مقصد چٽو ڪيو آهي.

پڇاڙي:

سنهڪا ڪري سچا ڏٺي قبر جا ڪمرا
سان لڏاي ڪلمي دني دار ڪنا

هن دستخط جو ڪاتب عبدالله بن ابوبڪر آهي ۽ ڪتابت جي تاريخ ۲ رمضان ۱۱۶۷هه آهي.

ڪتبہ الفقير عبدالله بن ابوبکر بتاريخ ۲ شهر ماه رمضان ۱۱۶۷هه.

## (۵) مخدوم محمد هاشم جا ۾ ڪتاب

ڪل ورق ۱۹۳، ماپ ۱۱ x ۲۰ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ۱۱ کان ۱۳ سٽون، ارڙهين صدي.

---

(۱) شيڪل : "قدرت العالشقين" (ص ۶۰) لکيو آهي، جو صحيح نہ آهي.

مخدوم صاحب جا هڪ جلد ۾ ٻه مخطوطا آهن.

(الف) رسالہ السراجيتہ: مخدوم محمد هاشم جو نظم ۾ وراثت جي قانون بابت هڪ مقالو آهي. هي ڪتاب اصل يا ترجمو آهي، ان متعلق پڪ سان ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي.

ابتدا:

سارا هجي سو ڏٿي جو قاسم قسمت
رحمت تهجي رسول أتي جو صاحب شريعت

پڇاڙي:

والله اعلم بالصواب بانا ڪوه پڇن
مولو مرهي مومن ڪلمو جي چون

خاتمو:

" تمت بالخير هذا الرسالة المسمي بالسراجية." خاتمي تي ڪجهہ دعائيہ جملہ فارسي نثر ۾ بہ ڏسجن ٿا. رسال السراجية جي هڪ ٻي ڪٽل ڪاپي بہ موجود آهي، جنهن جو اختتام هن ريت آهي:-

"بتاريخ ۲۲ شهر رجب ميان عبدالرحمن ولد ميان احمد بن ميان محمد علي متولد شد روز شنبہ ۱۱۸۸هہ.

(ب) قوة العاشقين: اڳ ذڪر ڪيل ڪتاب جي هي ٻي ڪاپي ڪٽل حالت ۾ آهي. هن نسخي ۾ ڪافي نقص آهن، جن جو ذڪر ڊاڪٽر شيڪل تفصيل سان ڪيو آهي.

## (٦) فرائض الاسلام

ڪل ورق ۲۹۸، ماپ ۱۴ x ۲۰ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ۱۱ سٽون، ارڙهين صدي؟

مخدوم محمد هاشم "فرائض الاسلام" نالي هڪ عربي ڪتاب تيار ڪيو، جنهن جو هي سنڌي ترجمو نظم ۾، علي بن حافظ ڪيو آهي. هن ۾ ۱۲٦۲ اسلامي مسئلن جو ذڪر ملي ٿو. ٽائيٽل تي هي نالو ڏنو ويو آهي:

" سندي فرائض الاسلام مخدوم هاشم ترجمہ علي بن حافظ نمبہ (؟)" ۱۱۷۷ هجري. هن نسخي جي ابتدا هن ريت آهي:

ساراهہ سڀ سبحان کي مالڪ جو موجود
خالق رب خلق جو مرن سو معبود

مخدوم صاحب جي هيءَ هڪ اهم عربي تصنيف آهي. مصنف پاڻ ٻہ "فرائض الاسلام" جو سنڌي ترجمو ڪيو ۽ سندس پٽ مولوي عبداللطيف ٻہ ان جو ترجمو نروار ڪيو هو. هن ڪتاب جو ذڪر هيٺ آيل نسخو، ان جو ٽيون ايڊيشن آهي، جو مصنف جي هڪ مريد، سندس وفات کان سَتت پوءِ ٢١ - ذي القعد ١١٧٧هہ (١٧٦۴ع) تي تيار ڪيو.

پڇاڙي:

ويداسي ايمان س ڪلمون جي چندا تمت باالخير

## (٧) حياة العاشقين

ڪل ورق ١٨۴، سائيز ١۴ x ۵ عہ ٢٠ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١٣ کان ١۴ سٽون، صاف سنڌي نسخي ۾، حاشين جي وچ ۾ ڳاڙهي مس سان بابن جا عنوان، تاريخ ٢١ - ذي القعد ١٢٢٧هہ (١٨١٢ع).

هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم جي فارسي ڪتاب جو منظوم سنڌي ترجمو آهي، جو سندس پٽ مولوي عبدالرحمان ڪيو آهي. هي ڪتاب حج بابت آهي. ڪتاب تعارف ۽ پندرهن بابن تي مشتمل آهي ۽ ان جو خاتمو ١١٦٨ هہ (۵۵ - ١٧۵۴ع) تي ٿيو. مترجم پنهنجي محنت بابت هن ريت سمجهاڻي ڏني آهي:

هاڻي هي من رسالو جوڙئو ڪيدي سنڌي واءِ
ڪنا رسالن فارسي جنهن ۾ مسائل جمع سندا
سي آهين تصنيف منهنجي والد جي محمد هاشم جنهن جو ناءِ
جو استاد مرشد مهجو ۽ زياده منجہ علماءِ

هن نسخي جي پڇاڙي هن ريت ٿئي ٿي:

وچ ۾ پهچي پار جو رکہ غير ڪنا ياد ڏي ڪلمون يقين س پوي پساها

هن نسخي جو نقل نويس خواجہ منور علي علوي الهروي آهي.

## (٨) مطلوب المؤمنين

ڪل ورق ١١٩، سائيز ١٢ x ۵عہ١٣ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١١

سٽون، ارڙهين صدي.

هي مخطوطو اسلام جي بنيادي عقيدن بابت آهي، ۽ نٿي جي مولوي عبدالخالق ان کي نظم ۾ تيار ڪيو. مولوي صاحب پنهنجي تصنيف جي ابتدا هن ريت ڪئي آهي.

ڪريان ثناء سائي کي مٿي ته رضا
چوان صلواة سلامس مٿي محمد مرتضا

هي نسخو پندرهن بابن تي مشتمل آهي ۽ ان جو بنياد "طريقت محمدي" نالي هڪ عربي ڪتاب آهي.هي سن ١١٥٧هه (١٧٤٤ع) ۾ تيار ٿيو. مولوي عبدالخالق پنهنجي ڪتاب بابت پنهنجي مرشد مخدوم محمد هاشم کان تصديق ورتي. مخطوطي تي ڪتاب جو نالو ڪٿي به ڪونهي. البت انڊيا آفيس لاء جنهن انگريز هي قلمي ڪتاب مهيا ڪيو، ان پنهنجي نوٽ ۾ ڪاتب جو نالو محمد ملوڪ ڇاٿايو آهي. هي ڪتاب "زادالفقير" ۽ "راحت المؤمنين" سان گڏ ڇپيل آهي.

پڇاڙي:

ڪر ڪريم قبول ٿن هن گولي جي گفتار
مرهم مرنِ مومن جي علم ڪن پچار

## (٩) اسلامي مسئلن بابت چار نظم

ڪل ورق ١٧٥، سائيز ١١ x ٢٠ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١١ سٽون، ارڙهين - اوڻيهين صدي.

ڪيفيت:- هي چار ڪتابڙا مختلف عنوانن بابت، عربي مان ترجمو ڪيا ويا آهن.

(الف) هن نظم جو بنياد ڪو عربي ڪتاب آهي. سيد هارون ان کي سنڌيء ۾ ترجمو ڪيو. هن ۾ هڪ ظالم بادشاهه جو ذڪر آهي. ڪاتب عربي شعر ڳاڙهي مس ۾ نقل ڪيو آهي.

ابتدا:

الف الله ايڏو ئي ذٽي جل جلاله قادر ڪريما
جو ڪين ويحائي ڪنجو ڪري ذرو نزايا (؟) (١).

(١) ضايع، زيان

(ب) هي مخطوطو ڪنهن ٻئي ڪاتب جي هٿ اکرين آهي. عربي نظم ڳاڙهي مس سان چٽو ڪيل آهي. شاعر متعلق ڪابہ ڄاڻ ڪانهي. هن نظم جي ابتدا هن ريت ٿئي ٿي:

سارا هجي سو ڏٿي واحد سپ ويراء
جو رب رحمان رحيم ڏٿي جليل جباراء

(ج) مٿئين مخطوطي واري ڪاتب جي هٿ اکرين آهي. هي رسول ڪريم صلعم جي شان ۾ هڪ نعت آهي، جيڪا اصل عربي ۾ مولانا عبدالرحيم مهاجري جي چيل آهي. سنڌي مترجم بابت خبر پئجي نہ سگهي. هن جي ابتدا عربي شعر سان هن ريت ٿئي ٿي:

ياقبر طيبه، هل نبيک يسمع
ويغيث ممانحن فيه و يسرع
اي مقبر محسن ملاحت پرٿا احسن اطيبا
اي قبا ڪر امتجاز وضاراه نماء

(د) هي ڪنهن الڳ ڪاتب جي هٿ اکرين آهي. تختي ١١ x ١٥.٥ سينٽي ميٽر آهي ۽ هر صفحي تي ٧ کان ١١ سٽون آهن. هي نٿي جي مولوي عبدالخالق جي ڪاوش آهي، جنهن ۾ روز محشر جو ذڪر مليو ٿو. هن جو بنياد ڪو عربي ڪتاب آهي ۽ ڇهن پاڱن تي مشتمل آهي. هن جي پڇاڙي هن ريت ڏسجي ٿي:

۽ ڏاڍو ڏيہ قيامجو ڪر سُهڪو سباجا
س شفاعت شفيع جي ڇوتاء تنڪا
جن چيو ڪلمو ڪريم اتي سچا سچ منجا

## (١٠) اسلامي عقائد بابت چار نظم

ڪل ورق ٩۴، سائيز ١٠.٥ x ١٩.٥ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ٧ کان ١٣ سٽون، تاريخ ١۴ رجب ١٢٢٨هـ (١٨١٣ع).

(الف) هي سيد هارون جي محنت آهي، جنهن جو مدار قرآن ۽ حديث آهي. ان جي ترتيب الف باء موجب آهي.

ابتدا هن ريت آهي:

الف اڪي پنڌ جو ساٿي ڪر سانياء
جي منجارا جو وتن پرين ساڻ پساء

ڊاڪٽر شيڪل هن ۽ هڪ پنجابي نسخي جي اپياس بعد هممصر سنڌي ۽ پنجابي ادب جي تعلق کي ظاهر ڪيو آهي (١). هن نسخي جي پڇاڙي هن ريت ڪيل آهي:

مولي مرهم مؤمنڪي س، حرمة حضرتا
خاصوئي سيد هارونڪي جہ سنڌي کي صفتا
ڪڍي معني قرآن ۽ حديثجي اچئاء اکرا
اهين اوء ايمان س جي ڪلمو چون مها

(ب) پهرين ڪان ڪنهن مختلف ڪاتب ان کي نقل ڪيو آهي. ان ۾ ڪنهن گمنام مصنف ٻہ شعر حضرت علي، حضرت حسن ۽ حضرت حسين جي تعريف ۾ چيا آهن.

ابتداء:

واڪانئو واحد کي جو قدرت ڪمالا
مشهور ڪياء محمد مير جو جلوو جمالا

(ج) ڪاتب مختلف آهي. هن جي تختي ٢١ X ١٦،٥ سينٽي ميٽر آهي، ۽ هر صفحي تي ٧ کان ٩ سٽون ملن ٿيون. ڪنهن نامعلوم شاعر هي نظم بسم الله جي برڪت بابت چيو آهي. شاعر پنهنجو داستان هن ريت شروع ڪيو آهي:

هاٿي برڪت بسم الله جي سٽهو مومناه
آهي جہ جي بي ۾ سيحي قرآن جي معنلي

هن مخطوطي جو ڪاتب محمد احسن آهي ۽ نسخي جو انجام هن ريت ڪيو اٿس.

ڪاتبہ محمد احسن بتاريخ ١۴ - رجب ١٢٢٨ هہ (٢).

(د) ڪنهن نامعلوم شاعر، هن نظم ۾ حضرت عليءَ، امامن سڳورن ۽ رسول پاڪ متعلق خيال قلمبند ڪيا آهن.

---

(١) ڏسو ڪيٽالاگ، ص ٣٣ ۽ ٦٥.
(٢) هي بسم الله جو شرح آهي ۽ ان جو لکندڙ خليفو محمد آهي.

ابتدا:

هي حڪايت هيڪري سا پڻ سيجاهه
تہ قادر قدرت جو ڏٺي غالب غيورا

## (١١) رسول پاڪ جي شان ۾ شعر

ڪل ورق ١٣٨، سائيز ١١٠٥ x ١٨ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ٧ کان ١٤ سٽون، ٢١ رمضان ١٢٠١هہ (١٧٨٠ع) (١).

ڪيفيت: هي نائين نمبر وانگر هڪ وڏيڪ مجموعو آهي. هن مخطوطي جي جلد بندي نازڪ آهي ۽ ڪجهہ ورق ضايع ٿيل اٿس.

(١) هر صفحي تي ١٤ سٽون: ڪنهن اڻ ڄاتل شاعر هن ۾ رسول پاڪ جن جو معراج بيان ڪيو آهي.

ابتدا:

جڏهن رسئو رسول ربــجو هاشــمي حرما
صحي ڇہ اپ تي پهتو پيغمبر خدا

پڇاڙي:

حرمت حبيب ربجي محمد مصطفيٰ
ڪي هن ڪو جي ڪناس ڪلمي طيبا

(٢) تختي ١١ x ١۴ ســينٽي ميــٽر: هر صــفحي تي ڏهہ ســٽــون آهن ۽ بدشڪل اکرن ۾ نقل ٿيل آهي. هن ۾ حضرت عليءَ جي شان ۾ ٻہ نظم آهن.

(٣) هر صـفحي تي ١٣ سٽون: هن ۾ ڪنهن نامعلوم شاعر، حضرت محمد صلعم، حضرت علي ۽ امامن سڳورن جي ساراهہ ۾ شعر چيو آهي.

(۴) هر صــفحي تي ١١ ســٽــون: هي ء انتهــائي صــاف تحرير آهيٰ. هي مخدوم محمد هاشم جي "قوة العاشقين" جي ابتدا آهي. عـربي شعـر ڳاڙهي مس ۾ درج ٿيل آهن.

(٥) هر صـفحي تي ٩ کـان ١٢ سـٽون: هن ۾ ڪنهن نامـعلوم شـاعـر رسول پاڪ جن جي شـان ۾ نذرانہ عقـيدت پيش ڪيو آهي. ابتـدا هن ريت ڏسجي ٿي.

---

(١) درست ١٧٨٧ع آهي.

ساراهيان سو ڏٺي هندو جو آهي
تہ قدرۃ پاڻي ڇاڻي جيڪ پاڻ ڪري

(٦) هر صفحي تي ١١ سٽون؛ هي هڪ وڏيڪ مدح رسول پاڪ جن جي شان ۾ آهي، ليڪن شاعر بابت ڪابہ ڄاڻ ملي نہ سگهي.

ابتدا؛

پاڪي سڀ الله جل جلالہ آهي جيڪا ڪا
جو برزڪہٗ بلند بارۂ مِرنو وڏو وڏنٽا

پڇاڙي؛

جنِ سڪ سرير ۾ سهد سرور سان
اوء، ويدا ايمانسين جي ڪلمون چون مها

هن نسخي جو ڪاتب خليفو محمد بن عبدالخالق آهي، جنهن هن ريت پنهنجي محنت کي پورو ڪيو آهي.

"ڪتبہ الفقير خليفہ محمد بن المرحوم عبدالـخالق .... بتاريخ ٢١ شهر رمضان المبارک سنہ ١٢٠١.

## (١٢) اسلامي مسئلن بابت نظم

ڪل ورق ١١٨، سائيز ١٠ x ١٥ سينٽي ميٽر؛ هر صفحي تي ١١ کان ١٩ سٽون؛ ارڙهين صدي.

ڪيفيت؛ نائين نمبر وانگر آهي، جنهن ۾ جدا جدا عنوانن تي، ننڍڙا مقالا شامل آهن. هي خليفي محمد بن عبدالخالق ڏي منسوب آهي. مخطوطي ۾ ڪاتب جو نالو ڪٿي بہ ڪونهي، البت اندر هڪ انگريزي نوٽ موجب محمد ملوڪ، ان کي سنہ ١١٨٠ھ ۾ نقل ڪيو. مصنف جو ذڪر ادبي تذڪرن ۾ نہ ٿو ملي. ڊاڪٽر شيڪل هن کي ڪافي جهونو مخطوطو ڄاڻايو آهي.

(١) قصو شهادت امام حسين، محمد مقيم؛ هر صفحي تي ١١ سٽون؛ هن نسخي جي ابتدا شاعر رب ڪريم جي ثنا سان هن ريت ڪئي آهي؛

سڀ ساراهہ رب کي جل جلالہ وصف وڏايا
آهين جهي جهان ۾ عجب جها ڪمرا

شاعر ان جي پڇاڙي هن خواهش تي ڪئي آهي تہ شال ڪلمي سان منهنجي پڇاڙي ٿئي؛

حرمت شهادت ۾ عـزت امام حسيـن شاهہ
ڪيو منکي ڪلمر سان دار منجا دنيا

(٢) ترجمو منظوم؛ "سورت الملڪ" (نمبر ٦٧) از خليفو محمد: هن جي ڪيفيت بہ هڪ نمبر (١) واري آهي. عربي شعر ڳاڙهي مس سان چٽيل آهن. خليفو محمد، مخدوم محمد هاشم جي مريد مولوي عبدالخالق جو پٽ هو، جيڪو پاڻ بہ مصنف هو. مصنف جو چوڻ آهي تہ هي ترجمو محرم ١١٩٣هہ ۾ پورو ٿيو. خليفي محمد هن پورهئي جي ابتدا هن ريت ڪئي آهي:

ساراهجي تہ صاحب کي جه قادر مکو قرآن
مٿي مير محمد ڪارني جو شفيع سڀ جهان

(٣) فداء ميت؛ از عبدالخالق: ميت جي چوڪاري لاء مختصر شعري مقالو. آخر ۾ مصنف کي مرحوم خليفہ عبدالخالق لکيو ويو آهي.

ابتدا:

ساراهجي سو ڏٺي جو جياري ۽ ماري
او رحمان ۽ رحيم ڏٺي بخشي ۽ بخــشائي

(٤) سنڌي نظمن جو ميڙ؛ جنهن ۾ حديث تي تبصرا ڏنل آهن (شرح): پوري مخطوطي ذريعي مصنف جو ڪوبہ پتو نٿو پوي. ابتدا هن ريت ٿئي ٿي:

ساراهيان تہ سبحان کي جہ ڪامل قدرتا
بخشي ڏوهہ بندنجا ڪـري عفو خطا

(٥) افادت العينين تان ورتل؛ هر صفحي تي ١٩ سٽون: هن مجموعي ۾ آيل ٽئن مخطوطن (١-٣) جي پيٽ ۾، هن جو ڪاتب مختلف آهي. هي امام حسين جي معجزن بابت آهي. سنڌي تصنيف "حليہ شـريف" جو تتبع ڏسجي ٿو. اهڙي رسم ان دور ۾، پنجابي مصنفن وٽ هئي (١). شيڪل جو خيال آهي تہ هي تصنيف بہ خليفي محـمـد جي آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ٿـيو آهي. هن تصنيف ۾ رسول پاڪ، امامن سڳورن ۽ شيخ عبدالقادر بابت ذڪر مليو ٿو.

(٦) پهـرئين جي پـيـٽ ۾ ڪجهہ زياده سائيز؛ هي ڪنهن ٽئين ڪاتب جي هٿ اکرين آهي. هن جو مصنف بہ خليفو محمد آهي. ڪاتب هر صفحي تي ١١ سٽون رکيون آهن. هن نسخي جي ابتدا "مناقب علي" سان ٿئي ٿي:

(١) ڏسو شيڪل جو ڪيٽالاگ ص – ٤٣.

ڪاتب محمد بن محمدن (؟) ڄاڻايل آهي، جنهن هن ريت پنهنجو قصو ختم ڪيو آهي:

"قدتم بحمد الله تعالا النسخته الشريفته المسمي بكنز العبرت السندي التصنيف علامة الدهر مخدوم عبدالله عليه الرحمة بيد لاضعف المذنب التائب محمد ابن محمد الاشرف الكاتب غفرله...."

## (١٤) تفسير سورت يوسف

ڪل ورق ١٨٢، تختي ١٥ x ٢٢ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١١ ۽ ١٢ سٽون، اڌوهي ڪاڌل، حاشين ۾ عربي شعر ڳاڙهي مس ۾، سال ١٨٠٠؟؟

سورت يوسف (قرآن: ١٢) جي شرح، نظم ۽ نثر ۾ آهي. ڪٿي به تڪميل جي تاريخ ۽ مصنف جو ذڪر نه ٿيو آهي. ڊاڪٽر شيڪل جو خيال آهي ته هي تصنيف به مخدوم عبدالله عرف ميان موريي جي آهي. ٻئي طرف ميين عبدالله مينڌري به "سورت يوسف" جو تفسير ڇڏيو آهي (١). هن تفسير جي ابتدا هن ريت آهي:

شروع ڪريان ٿو قصي ڪي سا نالي ذات خدا جلشانه
جو ساء سڀاجو سڀ پري سميع سلطانا

خاتمو:

مرشد رحمانا جلشانه تکهان ڪلمو
حضرت نبي ڪريم تي سچي سهند منجاء

## (١٥) قصو حضرت يوسف جو

ڪل ورق ٢٦٦، سائيز ٥ء١٣ x ٥ ء ٢٥ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١٧ سٽون، ١٩ صدي؟؟

احمد نالي هڪ بزرگ حضرت يوسف جو قصو نظم ۾ تيار ڪيو آهي، جنهن لاء گهڻي مدد "سورت يوسف" کان ورتل آهي. ڊاڪٽر شيڪل صاحب، ميمڻ صديق جي حوالي سان (١: ٢٣٧)، لکي ٿو ته شايد هي احمد اهو آهي، جنهن ڪاشفي ملا حسين جي "روضة الشهداء" جو شعري ترجمو سن ١١٧٢هه / ١٧٩٨ع ۾ ڪيو هو. جيتوڻيڪ مخطوطو صاف اکرن ۾ نقل

(١) عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌيون"، ص ٨٤.

تـيل آهي، ليـكن ان ۾ ڪافي ڪوتاهيـون ڏسـجن ٿـيون. هيٺ ذڪر ٿـينڊڙ نسخي ڪان هي گهٽو گهٽ آهي:

شروع ڪريان قصيڪي نالي ذاتي سان
جو ساء سياجو ڏنـي سمـيع سلطانا

مصنف جو ذڪر هن ريت ملي ٿو:

الاهي احمد ڇئي آهيان عاصي اپارا!

ميان احمد پنهنجو قلمي پورهيو هن ريت ختم ڪيو آهي:

اذن ڪري اڪاتن سندو طيب ڪلما
تپري پيغمبر پاڪـتي اچان تو اڪيا

## (١٦) حضرت يوسف جو قصو

ڪل ورق ١٩۴، سائيز ١٢ x ١٩ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١٢ ڪان ١٣ سٽون، ارڙهين صدي؟

مٿي ذڪر ڪيل نسخي جي ٻي ڪاپي آهي. ٿدري اختلاف سان ان جي ابتدا ٿئي ٿي. ڏسجي ٿو ته هي مخطوطو عجلت ۾ ختم ڪيو ويو آهي، ۽ اڻ پورو آهي. ڊاڪٽر شـيڪل جو خيـال آهي تہ پهرئين جي پيٽ ۾ هي نسخو جهونو ۽ پروسي لائق آهي. جيتوڻيڪ ڪٿي بہ ڪاتب جو نالو ڪونہ ٿو ملي، تاهم اندازو آهي تہ ان جو ڪاتب بہ محـمـد ملوڪ آهي، جنهن ١١٨٠هہ ۾ وفات ڪئي هئي.

ابتدا:

شروع ڪريان قصيڪي نالي ذاتي سان
جو سائين سباجو سڀ ۾ سميع سلطانا

خاتمو:

جڏهن ثناء تي بند ۾ نرمل نبيا
ڪيارڙ حضرت يوسف لاءِ سانياهي جسا.

(مهراڻ ٣ / ١٩٨٦ع ۾ ڇپيل).

# برٽش ميوزم لنڊن ۾ سنڌي قلمي نسخا

ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ ٽالپر حڪمرانن ۾، صلح ۽ دوستيءَ جي معاهدن بعد، سنڌي ساهت ۽ زبان جي مطالعي ۾ واڌارو ٿيو. متعدد انگريز عالمن ۽ سياحن ان ڏس ۾ گهري دلچسپي ورتي. انگريزن سال ١٨٤٣ع ۾ ٽالپرن کي شڪست ڏني ۽ سنڌ تي غاصبانه حڪمراني قائم ڪئي. ان ريت انگلينڊ ۽ سنڌ جي لاڳاپن جو نئون باب شروع ٿيو. هڪ طرف سنڌي زبان جي متفق رسم الخط تيار ڪري، ان جي ترقيءَ لاءِ راهه هموار ڪئي وئي ته، ٻئي طرف سنڌي ساهت ۽ علم جا برطانيه ۾ پڻ مرڪز قائم ٿيا. اهڙن مرڪزن ۾ انڊيا آفيس لئبريري ۽ برٽش ميوزم کي خاص اهميت حاصل آهي. سرڪاري عملدار، سياح ۽ مشرقي علومن جا ماهر، جيڪي ڪتاب ننڍي کنڊ مان حاصل ڪندا هئا، اهي آخرڪار برٽش ميوزم لنڊن کي ڏيندا هئا، يا وري انڊيا آفيس جي ڪتبخاني ۾ جمع ڪرائيندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي آخر ڌاري هنن لئبريرين ۾ موجود فارسي ۽ عربي مخطوطن جي مطالعي سان گڏ، هندستان جي ٻين مقامي ٻولين کان علاوه، سنڌي زبان جي قلمي ڪتابن جو اڀياس پڻ هٿ ۾ کنيو ويو. ڏهه سال کن اڳ انڊيا آفيس واري سنڌي قلمي ذخيري بابت، ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل هڪ بهترين ڪيٽالاگ تيار ڪيو، جنهن کي بنياد بنائي هن مضمون جي ليکڪ هڪ تنقيدي ۽ تشريحي پيپر شايع ڪيو آهي (١). برٽس ميوزم ۾ موجود قلمي ذخيري بابت اڀياس جو آغاز البت گهڻو اڳاٽو شروع ٿيو. ان ڏس ۾ جي. ايف. بلم هارڊٽ (٢)، جي ڪيٽالاگ کي خاص اهميت حاصل آهي. هارڊٽ سنڌي مخطوطن کان علاوه، هندستان جي ٻين ٻولين جهڙوڪ: مرهٽي، گجراتي، بنگالي، اسامي، اوڙيءَ ۽ پشتو ٻولين جي اڻ ڇپيل ڪتابن جو پڻ تعارف ڪرايو. هي ڪيٽالاگ لنڊن مان سال ١٩٠٥ع ۾ ڇپيو هو (٣).

---

(١) انڊيا آفيس لئبريري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب، رسالو مهراڻ، ١٩٨٦/٣ع.
(2) J.F. BLUMHARDT M.A.
(3) Catolguge of the Marathi, Gujarati, Bengali, Assamese, Oria, Pushtu and Sindhi Manuscripts in the Library of the British Museum, London, 1905 A.D.

هن ڪيٽالاگ ذريعي معلوم ٿيو تہ برٽش ميوزم ۾، سنڌي قلمي ڪتابن جا ڪل پارنهن جلد موجود آهن. انڊيا آفيس جي ذخيري وانگر برٽش ميوزم ۾ پڻ، مخدوم محمد هاشم جي ڪتابن جي ڪثرت آهي. ان ڪان علاوه شاهہ جو رسالو بہ آهي تہ، مخدوم عبدالله جا ڪتاب بہ هٽ پهتا آهن. جي. ايف. بلم هارڊٽ يونيورسٽي ڪاليج لنڊن ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾، هندي ۽ بنگالي ٻولين جو پروفيسر هو. سندس هن ڪيٽالاگ سنڌي ساهت جي اپياس ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو، ۽ ان کي پوءِ اين. ايم. بليموريا پڻ پنهنجي سنڌ ۽ بلوچستان بابت ببليوگرافيءَ ۾ شامل ڪيو (١).

انڊيا آفيس لئبريري ۽ برٽش ميوزم ۾ موجود، اڻ ڇپيل سنڌي ذخيري بابت، ان قسم جا تيار ڪيل ڪيٽالاگ ۽ ڪتابڙا، ويهين صديءَ جي آغاز ڌاري نروار ٿيا. انگريزن ان بعد بہ اڌ صدي سنڌ تي راڄ ڪيو. خاطري آهي تہ پوءِ واري عرصي ۾ هنن پنهي ادارن ۾، سنڌي قلمي ڪتابن جو تعداد ايجا بہ وڌيو هوندو. ان ڪان علاوه ان ذخيري بابت ڪم ڪندڙ ۽ ڪيٽالاگ تيار ڪندڙ اديب ۽ محقق، سڀ جا سڀ غير سنڌي هئا. انهن کي نہ تہ سنڌ جي ساهت تي عبور حاصل هو، ۽ نہ وري ڪين سنڌي ادب بابت ڪا مڪمل معلومات ميسر هئي. انهيءَ ڪري انڊيا آفيس توڙي برٽش ميوزم ۾ موجود سنڌي مخطوطن بابت، ان قسم جي فراهم ڪيل معلومات اڌوري ۽ اڻ پوري سمجهڻ گهرجي. ان صورتحال ۾ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جو ڪو سنڌي عالم لنڊن ۾ ويهي پنهنجي ساهت بابت نوس مطالعو ڪري ۽ ان متعلق حقيقتن تي مبني مواد فراهم ڪري. بهرحال جيسين ڪو سنڌي هٽ انهن مخطوطن تائين پهچي، ڊاڪٽر شيڪل ۽ بلم هارڊٽ جا ڪيٽالاگ، ان ڏس ۾ وڏي وقعت رکن ٿا. هيٺ اسين هارڊٽ جي مدد سان، برٽش ميوزم ۾ موجود، سنڌي قلمي مخطوطن جو سرسري ذڪر ڪنداسين. هن صاحب هر هڪ نسخي جي سڃاڻپ ڏيندي، ان جو آغاز قديم رسم الخط ۾ ڏنو آهي. ان قسم جي مطالعي دوران هٽ بهرحال جديد صورتخطي ڪتب آندي وئي آهي. دوست عبدالرسول قادري ڪن نقطن بابت وضاحت مهيا ڪئي، جنهن جو ٿورن سان

(1) N.M. Billimoria: 'Bibliography of Publications relating to Sind and Balochistan', P.P. 66-71, 1930 (Reprint: Lahore 1976).

اعتراف ڪجي ٿو.

## (١) مخدوم محمد هاشم جا ٻه ڪتاب

هن جلد ۾ مشهور عالم دين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا شعر ۾ ٻه مذهبي ڪتاب داخل آهن. هي جلد برٽش ميوزم ۾ ADD. 26331 نمبر تي موجود آهي. ڪيفيت هن ريت اٿس - ڪل ورق ٢٤٣، ڊيگهه اٺ انچ، ويڪر ساڍا چار انچ، هر صفحي تي ٽيرنهن ڪان سورنهن سٽون، سٽن جي ڊيگهه ٽي انچ. ڪتابت سال ١١٥٢ هه (١٧٣٩ع).

**(الف) فرائض الاسلام:**

هي مخطوطو ورق ٥ کان شروع ٿي ورق ١٧٢ تي ختم ٿئي ٿو. محمد هاشم ولد عبدالغفور هي ڪتاب عربي زبان ۾، سن ١١٤٣هه (١٧٣٠ع) ۾ تيار ڪيو. بعد ۾ مصنف پاڻ ۽ ڪجهه ٻين بزرگن ان جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. بنيادي طرح هي ڪتاب ٻن حصن (ڪتابن) ۾ مرتب ٿيو، جنهن ۾ ١٢٧٢ مذهبي فرضن جو ذڪر ڪيو ويو. برٽش ميوزم ۾ موجود ان جو قلمي نسخو، خود مصنف پاران پهرئين ڪتاب جو ترجمو آهي، جنهن ۾ ٣٣٢ فرضن جو بيان ٻن ڀاڱن (i) اعتقادي فرض (ii) عملي فرض - سري سان مليو ٿو (١). هن نسخي جو ڪاتب ڀڄ نگر جو حافظ منو ولد علي محمد سومرو آهي. ابتدائي سٽون هن ريت آهن:

سڀ ساراه ته صاحب کي جوڙئا جه جهان
عرش خلقاء ڪرسي پون ۽ آسمان
اپ ڪئاء تارن سين رحمتا روشان
پيدا ڪئاء قدرت سين ڪوڙين لکه انسان
کي ڪافر ڪئاء تن منجهان کي پڻ مسلمان
ڪميڻن سين ڪرم ڪري اڙين سين احسان

---

(١) اعتقادي فرضن جو لاڳاپو عقيدي سان آهي، جنهن ۾ خدا تعاليٰ تي ايمان، ملائڪن، مقدس ڪتابن، رسولن، قيامت، تقدير ۽ وري زنده ٿيڻ تي ايمان شامل آهي. عملي فرضن ۾ نماز، روزو، زڪواة ۽ حج وغيره اچي وڃن ٿا (سنڌ جي ادبي تاريخ جلد اول صه ١٩٥ - ١٦٠ سال ١٩٣٧ع).

هن ڪتاب جي ڪجهہ وڏيڪ ترجمن جو ذڪر هيٺ اچي ٿو.

(ب) زادالفقير:

هي نسخو ورق ١٧٣ کان شروع ٿي ورق ٢٣٢ تي ختم ٿئي ٿو. مخدوم محمد هاشم عام ماڻهن جي ڀلي خاطر هي ڪتاب سنڌي زبان ۾ تيار ڪيو. هن ۾ روزي بابت بحث ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب سن ١١٢٥ هہ (١٧١٣ع) ۾ تيار ٿيو. مٿئين نسخي وانگر هن جي ڪتابت پڻ سن ١١٥٢هہ ۾، حافظ ميان مٺو ولد علي محمد سومري جي هٿان ٿي. مخدوم صاحب جي هن ڪتاب کي "زاد المسڪين" بہ سڏيو ويو آهي. ڪيٽالاگر موجب هي ڪتاب مصنف جي "راحت المؤمنين" ۽ عبدالخالق جي "مطلوب المؤمنين" سان سال ١٨٧٣ع ۾ بمبئي مان ڇپيو هو. ابتدا هن ريت آهي:

ڪرهو حمد حڪيم کي ساراهئو سلطان
رحمة سين رحيم جنهن اپايو جهان
سيهي کان سون ڪري سياجهو سبحان
نازل ڪئاء نبي اتي سوهارو فرقان
جو سوهائي اسوهن کي جاٽائي اڃاڻ

(٢) فرائض الاسلام

هن نسخي جي ڪيفيت هن ريت آهي: داخلا نمبر3330، ADD 26؛ ورق ٣٥٨؛ ڊيگهہ ساڍا نو انچ؛ ويڪر پوٽا پنج انچ؛ هر صفحي تي ١٢ سٽون، سٽن جي ڊيگهہ ساڍا ٽي انچ؛ خوشخط تحرير؛ ڪتابت آغاز اوڻيهين صدي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتاب "فرائض الاسلام" جو هي مڪمل سنڌي شعري ترجمو آهي. ڪيٽالاگ موجب هي ترجمو عبداللطيف ڪيو آهي، جيڪو پڪ سان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نہ آهي (ص ٣٦). پهرئين ڪتاب جو ترجمو ٻن بابن ۾ آهي، ۽ مخدوم عبدالله جي ترجمي جي نزديڪ آهي، جنهن کي جزوي ڦيرڦار بعد عبداللطيف پنهنجي پاران ڪيل، فرائض الاسلام جي ٻئين ڪتاب جي ترجمي سان شامل ڪري مڪمل ڪيو هي. هي ڪم سن ١١٨١هہ (١٧٦٧-٦٨ع) ۾ پورو ٿيو. جيئن هن ٻن

سٽن مان ظاهر ٿئي ٿو:

فقير عبداللطيف ڪئي سنڌي تصنيفا
منجهہ وره ايڪاسي ڪاره ساپـؤا

(ڪيٽالاگ، ص ٣٦)

هن نسخي جي ابتدا هن ريت ٿئي ٿي:

سب ساراه ساء ڪي جوڙئا جه جهان
عرش اپاياء ڪرسي ۽ پون ۽ آسمان
ڏيئي ذات حضرت رسول ڪي مڪاء فرقان
ڪئاء سج ۽ چنڊ سين عالم ڪي روشان
ڏناء مورا تن ڪي منزل مڪان
پيدا ڪياء پاتشاه زمين زمان.

ياد رهي تہ "فرائض الاسلام" مخدوم ابوالحسن جي ڪيل غلطين جي اصلاح واسطي تيار ڪيو ويو هو. هن نسخي جو ترجمو ڪندڙ (عبداللطيف)، مخدوم محمد هاشم جو ٻيو نمبر پٽ هو.

## (٣) شاهہ جو رسالو

سنڌي شعر جي ڪلاسڪس جي هن نسخي جي ڪيفيت هن ريت آهي. داخلا نمبر OR 2987، ورق ٢٨٤، ٦ انچ ڊيگهہ، ١٣ انچ ويڪر، هر صفحي تي ١١ سٽون، تختيءَ جي ڊيگهہ اڍائي انچ، سهڻي صورتختطي، اوڻيهين صديءَ جو نسخو. ابتدائي ٽي بيت هن ريت ملن ٿا:

پرتوو پنهونءَ جو جهڙ جڻ جهالا ڏي
آءٌ تنهن آريءَ ڪي ونيو راه رئان گهڻو.

--

پرتوو پنهونءَ جو ڪي چانئين ڪي اس
قريباڻي ڪَس آهي ڪر ٻڪر ڙي.

--

پرتوو پنهونءَ جو رڳيائي راحت
پانيان ڏينهن پوراء ساڄن لاءِ صحت
مني مصيبت آهي آري جام جي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي رسالي جي ٽئين جلد (مطبع، سال ١٩٣١ع) ۾، سڀ کان اول هن نسخي کي استعمال هيٺ آندو. سنڌ جي سڄاڻ عالم محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، سال ١٩٦٩ع ۾ پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ان کي ڇاپي پڌرو ڪيو آهي.

## (۴) چئن مذهبي رسالن جو مجموعو

هي چار مذهبي رسالا (ڪتاب) شعر ۾ آهن. هن جلد جي ڪيفيت هن ريت آهي. داخلا نمبر OR 2988؛ ورق ٢٨٩؛ ڊيگهه ٨ انچ؛ ويڪر پوٽا ڇهه انچ؛ هر صفحي تي ١٣ سٽون؛ تختي پوٽا چار انچ؛ خوشخط تحرير؛ ڪتابت ارڙهين صدي. هن جلد ۾ مواد جي ڪيفيت هن ريت آهن.

## (الف) آية الڪرسي:

هي مختصر ڪتابچو ورق ١ کان شروع ٿي ورق ٩ تي پورو ٿئي ٿو. هي آية الڪرسي (سورة البقر : آية ٢٥٦) جو منظوم شرح آهي. مذهبي عالمن موجب اسم اعظم بہ ان ۾ شامل آهي، جيڪو گهڻو ڪري "الله" جو ذاتي نالو آهي.

ابتدا:

وڏائي تہ واحد کي وڏي جه وصفا
کندو کير تهجي واتا واکاٽا
پڻ هوءِ صلوات سچي رسول اتي دائم مداما
جي سي الهي اُيري ڪري شمس شعاعُ.

ڪيتالاگر هن شرح جو وڌيڪ تفصيل نہ ڏنو آهي. ڊاڪٽر شمل هن نسخي جي مطالعي بعد راءِ ڏني آهي، تہ هي تفسير مخدوم ابوالحسن جي پاٽيجي ميان عبدالله واعظ جو لکيل ڏسجي ٿو. شارح ان ۾ سيد عبدالقادر جيلاني لاءِ چيل قصيدو بہ شامل ڪيو آهي، جنهن مان پڪ ٿئي ٿي، تہ هو قادري سلسلي جو بزرگ هو (١).

---

(1) A. Schimmel: "Pearls from the Indus", P.P. 62-63, Sindhi Adabi Board Hyderabad, 1986.

- هن ڪتابڙي جو ٻيو نسخو سنڌي ادبي بورڊ ۾ آهي. مون ٻنهي نسخن کي شايع ڪيو آهي. هن جو مصنف خليفو ميان محمد لٽوي آهي.

(ب) مقدمة الصلواة:

مخدوم ابوالحسن جي هي تحرير ورق ١٠ کان شروع ٿي ورق ٦۴ تي ختم ٿئي ٿي. هن ۾ نماز بابت بحث ٿيل آهي. نسخي جي ابتدا هن ريت ٿئي ٿي:

ساراهجي سو ڏٺي سندو جه فرمان
ميڃئو مڙن مؤمنن آنداءُ ايمان
ته ساراهي سيڪو منجهه پٽاندر پاڻ
ماڙهو مرون پکڻ پري مَلڪ مت سڃاڻ.

مخدوم صاحب جي هيءُ ڪاوش متعدد ڀيرا ڇپجي چڪي آهي.

(ت) فرائض الاسلام:

مخدوم صاحب جي "فرائض الاسلام" جي هيءُ هڪ وڏيڪ ڪاپي آهي، جيڪا ورق ٦٥ کان شروع ٿي ورق ٢۴١ تي ختم ٿئي ٿي. تفصيل نہ ڏنو ويو آهي.

(ث) شهادت امام حسن ۽ حسين:

امامن سڳورن جي شهادت جو هي مذڪور ورق ٢۴٢ کان شروع ٿي، ورق ٢٨٨ تي ختم ٿئي ٿو. بلم هارڊٽ هي تصنيف مخدوم محمد هاشم ڏي منسوب ڪئي آهي. هن ۾ شهادت امام حسين ۽ امام حسن جي واقعات کي منظوم بيان هيٺ آندو ويو آهي. مخدوم محمد هاشم جا سوانح نگار، هن تصنيف بابت خاموش ڏسجن ٿا. ابتدا-

اغثني يا رسول الله حالت ندامتي
اغثني يا حبيب الله قامت قيامتي
رسهم رسول رب جا اجها عاجزن
سڀاجها سڀ .... مرڪن مرسلن
سونهارا سڀ.... سندا سونه سين
سڳورا خلق جا منجه ٻن جهانن

(٥) روضه الشهداء

ڪيٽالاگ ۾ هن نسخي جو نالو "روضة الشهيد" لکيو ويو آهي، جو

درست ڪونهي. هن مخطوطي جي صورتحال هن ريت آهي: داخلا نمبر OR 6536، ورق ٢٣٥، ڊيگهه ساڍا ست انچ، ويڪر ني سچا ني ياڳي چار انچ، هر صفحي تي ١١ سٽون، پٽي ٣ انچ. ڪتابت ارڙهين صدي، خط اڻ وٽندڙ. هن ۾ پڻ امامن سڳورن جو بيان شعر ۾ ڏنل آهي. ابتدا-

ساراهيان سو ڏٿي جو خالق خدا
۽ پڻ صلواة سائين جون مٿي محمد شا
ساري سٿو مومنا هاٿي هن اتا
تہ چوٿون خلفاء الراشدين منجا حضرت
علي المرتضيٰ
جو سوٽ سچي سيدالمرسلين جو ۽ پڻ دامادا
صاحب ساراهيو جنهن کي منجهہ سورت
"هل اتيٰ" (١).

ڪيناڳر هن ڪتاب جي مصنف يا مترجم بابت خاموش آهي (ص ٣٨).
ڪوجنا ڪندڙن البتہ "روضة الشهداء" جي منظوم سنڌي ترجمي جو ڏس ڏنو آهي، جيڪو مولوي احمد مرحوم هڪ پارسي ڪتاب تان سن ١١٧٢هہ / ١٧٥٨ع ۾ تيار ڪيو هو (٢).

## (٦) هڪ مذهبي رسالو

هن جو ڪو چٽو نالو نہ لکيو ويو آهي ۽ نہ وري مصنف بابت ڪجهہ ٻڌايو ويو آهي. حافظ عبدالرحيم ان کي اوڻيهين صديءَ جي ابتدا ۾ نقل ڪيو آهي. نسخي جي ڪيفيت هن ريت آهي: داخلا نمبر ADD 26,333، ورق ١٢٣، ڊيگهہ ٩ انچ، ويڪر پوڻا ٦ انچ، هر صحفي تي ١٣ سٽون، تختي پوڻا ٤ انچ، اوڻيهين صديءَ جو نسخو. ابتدا-

ڪريا ثناء سائي کي مٿي تہ رضاءَ
چئو صلواة سلامن سي مٿي مير محمدا مرتضا
۽ پڻ اتي آل اصحاب انجي تاسي ڏيہ جزاءَ

(١) هن سورت جو نالو "الانسان" يا "الدهر" بہ سڏجي ٿو.
(٢) محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ" جلد اول، ص ٣٩٢، سال ١٩٣٧ع.

## (٧) ٻه اسلامي ڪتاب نظم ۾

هن جلد ۾ ٻه مذهبي رسالا درج آهن. هي نسخو برٽش ميوزم ۾ ADD 26,332 تي داخل آهي. مخطوطي جي ڪيفيت هن ريت ملي ٿي؛ ورق ١٨١، ڊيگهه ساڍا ٩ انچ، ويڪر ساڍا ۴ انچ، هر صفحي تي ١٥ سٽون، تختي ساڍا ٣ انچ، غالباً اوڻيهين صديءَ جي تحرير. هن جلد ۾ موجود مواد هن ريت آهي.

(الف) بدرالمنير؛

هي نسخو ورق ٣ کان شروع ٿي ورق ١٥٦ تي ختم ٿئي ٿو. هن رسالي ۾ موت ۽ وري زنده ٿيڻ بابت بيان آهي. ابتدا-

آهي حمد الله کي جل جلاله سيڪا ساراها
قدرت سين قدير جنهن عالم اپايا
عدم کنا وجود ۾ سڀ آنداء اشياء
خلقت ڪئاء خاڪ منجها سندي انساناء
جي عطا ڪئاء تن کي عقل ۽ عِلما
سبب جنهن جي سيڪا پرين پروڙا

هي تصنيف سن ١١٨۴ هه / ١٧٧٠ع ۾ مڪمل ٿي ۽ مخدوم عبدالله ڏي منسوب آهي. هن کان علاوه مصنف، غزوات، فرائض اسلام، ڪنزالعبرت، نورالابصار ۽ صفت بهشت تحرير ڪيا، يا وري ترجمو ڪيا (ڪيٽالاگ، ص ٣٧ ۽ ٣٩). ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ مخدوم عبدالله جي نالي سان ٻه بزرگ ٿي گذريا آهن. هڪ ٺٽي جو بزرگ هو جيڪو مخدوم عبدالله واعظ سڏجي ٿو ۽ ٻيو بزرگ ذات جو منڌرو هو ۽ سنڌ مان لڏي وڃي ڪڇ ۾ ٽڪيو. مٿي ذڪر ڪيل تصنيف و تاليف مخدوم عبدالله منڌري ڏي منسوب آهي (١).

(ب) نماز بابت رسالو؛

هي نسخو ورق ١٥٧ کان شروع ٿي ورق ١٨١ تي ختم ٿئي ٿو، جنهن ۾ مختلف ڪيفيات ۾ نماز جي ادائگيءَ واسطي هدايتون ڏنل آهن. مصنف يا مترجم بابت وضاحت نه ڪئي وئي آهي. ابتدائي ڪلمات هن ريت ملن ٿا.

---

(١) ڪنزالعبرت، مهاڳ ص ج، از علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ناشر مولوي محمد مدني، ڪراچي سال ١٣٨٠هه.

ساراهيان سو ڏئي جو قادر ڪريما
جنهن جا جهان ۾ چلن چتر چاراه
جن ڏني تماشو ٿئي ملڪ ۾ مولا
سٹو سيبئي مومناه هي ڪننٹا
توکي پاڻ پيدا ڪيو ڪارڻ نبي ڪريما
لولاڪ ما اظهر تہ ربوبيتي سندو جه ثناء.

### (٨) مخدوم عبدالله جو ڪتاب

مخطوطي جو نالو نہ ڇاڻايو ويو آهي. گمان غالب آهي تہ هي تصنيف پڻ "بدالمنير" جي صاحب مخدوم عبدالله جي آهي، جنهن ۾ ڪجهہ مذهبي مسئلن جي اپٽار ڪيل آهي. هن نسخي جي ڪيفيت هن ريت آهي. داخلا نمبر ADD.26.334، ڪل ورق ٩٠، ڊيگهہ ساڍا ٨ انچ، ويڪر ساڍا ۴ انچ، هر صفحي تي ١٢ سٹون، تختي سوا ٣ انچ، غالباً اوڻهين صديءَ جي ابتدا ۾ لکيل.

الف الله تعاليٰ جي ڪر پرت سان پچار
ظاهر باطن ذڪر سو سرير منجهہ سنيار
خالي ڪرم خيال ڪي ذڪر ڪنا جبار
پر م پچائي پاڻ ڪي.... ڪر انڪار
مولي جي محبت سين ڪر ورنه وير وقار
ڪيي ڇڏي قلب ڪان غير جي گفتار.

### (٩) پنجن سنڌي نظمن جو مجموعو

هن ڪليڪشن ۾ مختلف عنوانن تي پنج نظم گڏ ڪيل آهن. داخلا نمبر OR .6533، ڪل ورق ١٢٧، ڊيگهہ پوڻا ٨ انچ، ويڪر سوا ۴ انچ، هر صفحي تي ١١ سٹون، تختي ٣ انچ، ارڙهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ لکيل.

هن جلد ۾ مواد جي جدا جدا ڪيفيت هن ريت آهي.

#### (الف) شان رسول ڪريم صلعم،

هي مختصر نظم ورق ١ کان شروع ٿي ورق ١٠ تي ختم ٿئي ٿو.

ابتدا،

ساراهجي سو ڏٺي جه اپايا اپ
سوهاري سلطانِ جي خلق سوهاري سڀ

(ب) پيغمبر اسلام جي پيدائش:

هي نظم ورق ٣١ کان ورق ٣٦ تائين آهي. ابتدا هن ريت آهي.

ساراهجي سو ڏٺي جو قادر ۽ قديم
خالق رازق سين رحمٰن ۽ رحيم
رحمت تهجي دائما اپر ات ڪثير
وسي واسي ميه جيئن مٿي محمد مير.

(ت) رسول ڪريم ۽ بيبي خديجه جي شادي:

هن مختصر ڪتابڙي ۾ ورق ٣٧ کان ورق ١٠٢ تائين، حضرت محمد صلعم ۽ بيبي خديجه سڳوريءَ جي شاديءَ جي واقعي کي، منظوم بيان هيٺ آندو ويو آهي. ابتدا هن ريت ملي ٿي.

.......... پاتشاهه وڏي ڏي هئي
صفت سونهن حسن سين خلق ذات ڏي
پئي پڻ هئس پاتشاهه سدر سلطنت
کي پڻ چون غني ۽ جهجهي مال ڪرت.

(ث) جمجمه بادشاهه جو قصو:

هي قصو مخطوطي جي ورق ١٠٣ کان شروع ٿي ورق ١١٠ تي پورو ٿئي ٿو. قصي جي ابتدا هن ريت ٿئي ٿي.

ساراهجي سو ڏٺي جو سين ساراه
اپائي ۽ کپائي لهي سين پاءُ
صفت جي سبحان جي آهين ڏي ڏراء
ڪارسازو صانع وارض وسماء.

(ج) شهادت علي اڪبر:

ورق ١١١ کان ورق ١٢٧ تائين، شهزادي علي اڪبر پٽ امام حسين جي شهادت جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

واڪر ورائي موٽيو تهان پوءِ سالار
آب ارتي ڪاڏهون اوتياءَ اپار

امير علي اڪبر نگو تـهـن هـن منجهان
پيرين پئو امام حسين کي موڪل گهرياءِ مُها.

هن مخطوطي جي ورق ١٢٠ تي، ڪاتب جو نالو عبدالواسع ملي ٿو.

**(١٠) چئن مذهبي نظمن جو مجموعو**

هن قلمي نسخي جي ڪيفيت هن ريت آهي. داخلا نمبر ADD 26 ,335 ؛ ڪل ورق ١٨٩؛ ڊيگهه ٧ ۽ ٨ انچ؛ ويڪر ۴ انچ؛ هر صفحي تي ١١ کان ١٢ سٽون؛ تختي پوٽا ٣ انچ؛ ڪتابت ارڙهين صديءَ جي ابتدا جي. هن جلد ۾ جدا جدا مواد جا مندرجات هن ريت ملن ٿا.

**(الف) صفت بهشت؛**

مخدوم عبدالله جو هي رسالو ورق ١ کان ورق ۴٩ تائين آهي، جنهن ۾ بهشت جو ذڪر مختلف عربي ڪتابن تان اخذ ڪري، روايتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب هن تصنيف جي ابتدا هن ريت ڪري ٿو.

چوونجاه باب ڪتابچو سٺو سـبوجا
ڪريان صفت بهشت جي ڪا تنهن ۾ بيانا
لکـن ڪـتابن ۾ ان پـر تـا عـلما
تا ڪيئن بهشت اُپائيو آهي مٿي اين ڪنا.

هن مختصر ڪتابچي جو ڪاتب حافظ عبدالرحيم آهي، جو ٻچ ننگر جو وينل هو.

**(ب) بيبي خديجه جو خواب؛**

غلام محـمـد نالي هڪ بزرگ عربي ذريعن تان، ترجمو ڪري هن رسالي ۾ بيبي خديجه جي هڪ خواب کي بيان ڪيو آهي. هي مخطوطو ورق ٥٠ کان ورق ١٢٠ تائين اچي ٿو. ضميمي طور شاهه عبداللطيف جا ست بيت پڻ شامل ڪيا ويا آهن. ابتدا هن ريت ٿئي ٿي.

صفت ساراهه سيڪا سائي ڪر ٿئله
واجد واحد وحده هادي هميشا
رازق رب اللعالمين مولو معـبودا
جـاٺي چـاڻ قدير تو پيدا ۽ پـنها

(ت) مقدمة الصلوات:

مخدوم ابوالحسن جي مقدمة الصلواة جي هڪ وڏيڪ ڪاپي آهي، جيڪا ورق ١٢١ کان شروع ٿي ورق ١٧٣ تي، ختم ٿئي ٿي. جنهن ۾ روايتي تعارفي ڪلمات شامل نہ آهن.

(ث) چو علمي:

هي چو علمي ورق ١٦٣ کان ورق ١٨٩ تائين تحرير ٿيل آهي ۽ ان ۾ اسلامي عقيدن ۽ عبادتن بابت بيان مليو ٿو. هيءَ تحرير پڻ مخدوم ابوالحسن جي "مقدمة الصلوات" ۽ ٻين متفرقه رسالن سان گڏ هي چو علمي پڻ سال ١٨٦٩ع ۾ بمبئي ۽ سال ١٨٧٠ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپي آهي. هن جي شروعات هن ريت ٿئي ٿي.

ساراهجي سو ڏٺي جو خالق خلق
ته سندي فرمان ۾ مارو مرو ملڪ
ان.... ڪيترا ڪوڙين پد م لک
ات اپايا پاتشاهہ عالم گهڻا الک.

## (١١) متفرق مذهبي نظم

هن نسخي جي ڪيفيت هن ريت آهي. داخلا نمبر OR.1238، ڪل ورق ٤٧٧، ڊيگهہ ١٠ انچ، ويڪر ساڍا ٧ انچ؛ هر صفحي تي ١١ کان ١٨ سٽون؛ تختي ساڍا ٥ انچ. هيءَ قلمي نسخو خواجڪي خط ۾ سنبت ١٩٠٩ ۽ ١٩١٠ ۾ (سال ١٨٥٢ع ۽ ١٨٥٣ع)، ڪڇ ڀڄ ۾ تيار ٿيو، جنهن ۾ متفرقہ مذهبي نظم شامل آهن. مخطوطي ۾ ڪل اٺ ننڍا ننڍا رسالا آهن، جنهن بابت ابتدا ۾ هڪ انڊيڪس شامل ڪيل آهي. ڪيٽالاگر وضاحتي ذڪر گجراتي رسم الخط ۾ ڪيو آهي (ص ٤٠، داخلا نمبر ١١).

(سه ماهي "مهراڻ" ٣ / ١٩٨٨ع ۾ ڇپيل).

# سنڌي ساهت جا سجڻ

سنڌ ۾ روايتي تاريخ نويسي ۽ تحقيقي ڪم، انگريزن جي اچڻ سان پورو ٿيو. فارسي زبان جي جاءِ، سنڌي ٻوليءَ والاري، اڳ درس ۽ تدريس، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ ٿيندو هو ۽ هاڻي اسڪولن توڙي مڪتبن ۾، انگريزي ۽ سنڌي ٻولين جو چالامانو شروع ٿيو. جيتوڻيڪ ويهين صديءَ جي اچڻ تائين، اجا بہ سنڌ ۾ فارسي زبان ۾ تاريخ نويسي ۽ تذڪره نويسي جاري رهي، تاهم فريئر صاحب جي پاليسين سبب، سنڌي ٻوليءَ ۾ درس ۽ تدريس توڙي تحقيق ۽ تخليق جي وڏي پيماني تي همت افزائي ۽ سرپرستي ٿيڻ شروع ٿي. ديوان ننديرام، آخوند عبدالرحيم وفا، سيد ميران محمد شاهہ اول ۽ سيٺ آلو مل پارن عالمن ۽ اديبن ان ڪم ۾ سرجوشي ڏيکاري ۽ سنڌي نثر کي مالا مال ڪرڻ طرف وک وڌائي. ان ريت جديد سنڌ جي تعمير سان گڏ، نئين سنڌي ساهت جي اوسر پڻ شروع ٿي. ادبي تذڪره نويسن جي راءِ آهي تہ انگريزن جي دور جي شروعاتي ٽيهہ - چاليهہ سالن جي گهيري ۾، جن ماڻهن قلم ڪاهيو ۽ ڪتب نويسي ڪئي، انهن گويا پختي سنڌي نثر جي تعمير لاءِ، ڪچي ڳاري مهيا ڪرڻ جو ڪم ڪيو. ان بعد اوڻيهين صديءَ جي آخري چوٿائي ۾، حقيقي معنيٰ ۾ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙي مل، پر مانند ميوارام ۽ ڏيارام گدو مل پارن عالمن ۽ اديبن سنڌي نثر جي عمارت ڪڙي ڪئي. هنن اديبن جون ساهتي خدمتون عالم آشڪار آهن. سڀ کان اول ڏيارام گدو مل سنڌي زبان ۾ نظماڻو نثر پيدا ڪيو. پرمانند ميوارام سنڌي مضمون نويسيءَ جي دنيا تي ڇانيل ڏسجي ٿو. ڪوڙي مل چندن مل ڀهريون پيرو ساميءَ جا سلوڪ شايع ڪيا. جن تي ڏيارام گدومل سهڻو مهاڳ لکيو هو. رهيو مرزا قليچ بيگ مرحوم، سو ان جون خدمتون ڪي وسارڻ جوڳيون آهن ڇا؟ هنن چئن اديبن کي، سنڌي نثر جا بنيادي ٿنيا سڏيو ويو آهي. سندن خدمتون جيسين سنڌي زبان ۽ ادب جي دنيا قائم آهي، ايسين ڳائبيون رهبيون ۽ ڪين ڪوبہ ادبي تذڪره نويس وساري نہ سگهندو. ان جي باوجود بہ سنڌ اندر جديد تحقيق ۽ تنقيد، جيڪا يورپ ۾ ڪافي عرصي کان رائج ٿي چڪي

هئي، اجا روشناس نہ ٿي هئي ۽ نہ وري ان کي ڪنهن عالم ۽ اديب هتي رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ان ڪري اسين هنن عالمن ۽ اديبن جي ڪوشش کي، قديم ۽ جديد تحقيق توڙي تنقيد يا تاريخ نويسيءَ ۾، هڪ سنگم ۽ ميلاپ جو رتبو ڏيندا سين، جنهن سبب ادب جي ٻن قدرن ۽ لاڙن کي ملائڻ ۾ آساني ٿي پيئي!

ان بعد اسانکي سنڌي تحرير، تنقيد ۽ تحقيق جي راه ۾ چار وڏا نالا: ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، لالچند امر ڏنو مل ۽ چيٺ مل پرسرام - ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هنن اديبن ۽ عالمن جي وطن دوستي، سنڌ شناسي، ادب پروري ۽ علم نوازي عالم آشڪار آهي. انهن ۾ هر اهل قلم پنهنجو مٽ پاڻ هو. هونئن بہ اديبن جي هي چوياري، مٽي مائٽي جي رشتن ۾ پڻ ڳنڍيل ڏسجي ٿي. انهن هڪ ئي دور ۾ قلم ڪاهيو ۽ سنڌي ادب جي مثالي خدمت ڪئي. سندن وفات بہ چند سالن جي اردگرد ۽ لاڳيتو هڪ ٻئي پٺيان ٿي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ١٩٤٧ع ۾، چيٺ مل پرسرام ١٩٤٨ع ۾، ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي ١٩٥٠ع ۾، ۽ لالچند امر ڏنو مل ١٩٥٤ع ۾ پرلوڪ پڌاريو.

اڄ جڏهن اسين انهن عالمن ۽ اديبن جي خدمتن جو ذڪر ڪيون ٿا، تڏهن انهن جي وفات کي ٽيهن سالن کان بہ وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي. ان بعد اسان وٽ تحقيق ۽ تنقيد توڙي سٺي نثر لکڻ ۾ تمام گهڻي پيش رفت ٿي چڪي آهي. ان جي باوجود بہ جيڪڏهن ايمانداريءَ سان ڳالهہ ڪبي تہ، پوءِ اسانکي پنهنجي ادبي تاريخ ۾، هنن اديبن جو مان ۽ مرتبو تمام مٿانهون نظر ايندو. سندن پورهئي، تحرير ۽ فڪر جي اڄ بہ ايتري اهميت آهي، جيتري سندن پنهنجي زماني ۾ هئي. انهن جي تحقيق ۽ تنقيد منفرد ڏسڻ ۾ ايندي. زماني جي دز ۽ سياست جي لهر، سندن علمي ڪاوشن تي اثر انداز تہ نہ ٿي آهي، پر الٽو سندن ڪتابن ۽ پستڪن جي پوزيشن وقت گذرڻ سان گڏ مٿيري ٿي بيٺي آهي.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پهريون عالم آهي، جنهن پهريون ڀيرو سنڌ ۾ جديد تحقيق ۽ تنقيد کي روشناس ڪرايو. شاهہ جي رسالي جا ٽي جلد، لواريءَ جا لعل ۽ نورجهان -سندس يادگار ڪتاب آهن. سادو نثر ۽ سهڻي ٻولي. سندس تحرير جون خاص خوبيون آهن.

لالچند امر ڏني مل جو ذڪر ڪندي، سندس سهڻي ۽ سادي نثر نگاريءَ

سان گڏ، ان بزرگ جي سنڌ شناسيءَ ۽ وطن پرستي ذهن تي تري اچي ٿي. سندس زبان داني ڏسڻ لاءِ "سون ورنيون دليون" پڙهڻ گهرجي. پرديس ۾ فوت ٿيو، پر سندس هڏن مٺ سنڌودرياءَ جي حوالي ٿي. چو تہ اها سندس وصيت هئي. سنڌ جي امانت، سنڌ کي واپس پهتي. سچ تہ لطيف جي هن ڪيفيت - ميائي جياس جي، وڃي مڙهہ ميلر ڏي" کي ڪنهن عملي طرح نڀايو تہ، پوءِ اهو لالچند امر ڏنو مل ئي آهي. سنڌ جي پنگتي حالتن کي درست رکڻ لاءِ، هن اديب "سيرت پاڪ" تي بہ ڪتاب لکيو، ليڪن سندس پورهيو برٿواب نہ ٿي سگهيو.

چيتمل پرسرام اديب هجڻ سان گڏ هڪ قومي ڪارڪن پڻ هو. متعدد مرتبا جيل بہ ويو ۽ ٻاهر اچي جيل جي ڊائري بہ شايع ڪيائين. هي صاحب تصوف ۽ سنڌي شعر جو وڏو پارکو هو. شاهہ جون آڪاڻيون ٻن ڀاڱن ۾ ڇاپي، شاهہ لطيف جي عاشقن ۾ ويتر واڌارو ڪري ڇڏيائين (هن ڪتاب جو گڏيل ڇاپو تازو نڪتو آهي). ان کان علاوه انگريزي زبان ۾ "سنڌ ۽ ان جا صوفي" ڇاپي پنهنجي ڇاڻ، علم ۽ فڪر کي هميشہ لاءِ محفوظ ڪري ويو. اڄ بہ پاڪستان جا مفت خور ناشر هي ڪتاب ڇاپي لکين روپين جو ناڻو ڪمائي رهيا آهن. باقي سندن ياد، ورسي يا ڪو ڏينهن ملهائڻ تہ، هونئن بہ هتي عيب آهي. بلاشڪ هي ڪتاب سنڌ جي مطالعي جي حوالي سان رهندي دنيا تائين بيحد يادگار رهندو. هن ڪتاب ۾ چيتمل سنڌ جي تاريخ ڏيڻ کانپوءِ، سچل، لعل شهباز قلندر ۽ لطيف جو ذڪر ڪندي سندن ڪلام يا شعر کي انگريزي زبان ۾ آڻڻ جي ڀرپور سنجيده ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر سورلي جو جڳ مشهور ڪتاب، چيتمل جي هن ڪوشش جو تتبع سمجهڻ گهرجي. هن صاحب نئين سنڌ لئبريري قائم ڪري، سنڌي زبان ۽ ادب جي مثالي خدمت ڪئي.

هن ادبي چوياريءَ ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کان پوءِ مٿانهون مرتبو ڀيرومل مهرچند کي حاصل آهي. ڪاڪي ڀيرو مل سال ١٩٢٣ع ۾، ايڪسائيز ڪاتي مان رٽائر ٿيو. ان بعد جڏهن ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم ولايت اسهيو، تڏهن پاڻ سندن جاءِ تي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ سنڌي ادب جو پروفيسر مقرر ٿيو. ڪاڪي ڀيرو مل هن ڪاليج ۾ تيرنهن سال لاڳيتو

سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ڪئي. ليڪن سنڌي ساهت ۽ ٻولي توڙي سنڌ سان، هن جو پيار ۽ محبت ازلي هئي. ايڪسائيز واري ملازمت جي مدت ختم ڪري پاڻ سنڌي ادب جي آبياري ڪري رهيو هو. ڀيرو مل هزان وڙان خرچ ڪري، ڪيئي ڪتاب مطالعو ڪري، سوين ميل سنڌ جو سفر ڪري، ننيا وڏا ڪل پنجيتاليهہ ڪتاب تيار ڪيا. سندس قلمي ڪشالو سنڌي توڙي انگريزي ٻولين ۾ موجود آهي. سندس ڪجهہ ڪتابن جي ضرورت هاڻي نہ رهي آهي. تاهم ڪجهہ ڪتاب اهڙا بہ تيار ڪيائين، جن جي حيثيت، افاديت ۽ اهميت ڪي وقت جي ڪابہ دز، سياست جي ڪابہ لهر ۽ ڪٽرپڻي جو ڪوبہ طوفان ميساري نہ سگهيو آهي ۽ نہ وري ڪڏهن ريٽي سگهندو. اهڙا چند ڪتاب هي آهن:

"غريب اللغات، عاملن جو احوال، سنڌ جو سيلاني ياگو ڀهريون، سوڍن جي صاحبي ٻاراڻن جو راڄ، لطيفي سير، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، قديم سنڌ، سنڌ جي هندن جي تاريخ ڀہ ڀاڱا".

ڀيرو مل جي تيار ڪيل ڪتابن تي نظر وجهڻ سان اسانکي معلوم ٿئي ٿو تہ مرزا قليچ بيگ مرحوم کانپوءِ، هن صاحب صحيح معنيٰ ۾ سنڌي زبان کي هر صنف ۽ هر عنوان تي ڪتاب ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. پاڻ هڪ ئي وقت زبان دان، لغت نويس، نقاد، لطيفي چاٽو، سنڌي زبان ۽ ادب جو مؤرخ توڙي تاريخ سنڌ جو محقق ۽ عالم ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان ڪري اسان جي ساهتي تاريخ ۾، ڪاڪي ڀيرو مل جو مان ۽ مرتبو تمام مٿانهون آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي "شاهہ جو رسالو" شايع ڪيو تہ، هن اديب بنا ڪنهن امتياز جي ان تي ڀرپور تنقيد ڪئي. هي تنقيد علمي ۽ تعميري هئي. سندس تنقيد ۾ڪوبہ بغض نہ هو، ۽ نہ وري ڪو سياسي مقصد هو. ڪيس ڪنهن ٻئي تي تنقيد ڪري، ڪو انعام اڪرام بہ وٺڻو نہ هو. ڀيرو مل جي هن مباحثي کي اسانجي ادبي تاريخ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي. افسوس جو انهن منتشر تحريرن کي اڃا سوڌو ڪنهن جمع نہ ڪيو آهي (١). ان بعد سندس ٻن ڪتابن: لطيفي سير ۽ سنڌ جو سيلاني - جو ذڪر اچي ٿو.

سال ١٩٣٢ع ۾ ڀيرو مل مهرچند "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" وڏي عرق

(١) اها تنقيد ڪتابي شڪل ۾ اسات ساهت ماليها دهليءَ پاران سال ١٩٩٢ع ۾ ڇپي آهي.

ريزي ۽ محنت سان تيار ڪري منظر تي آندي. هي ڪتاب ٽن سالن جي جاکوڙ بعد تيار ٿيو. سنڌ جي هن مثالي عالم ڀهريون ڀيرو تحقيق ۽ تنقيد جا جديد اصول ڪم آندا ۽ سنڌي زبان بابت پنهنجا قائم ڪيل رايا سامهون آندا. جيتوڻيڪ وقت سان گڏ سنڌي زبان متعلق ڀيرو مل جي قائم ڪيل راءِ، ڪافي تبديل ٿي چڪي آهي تاهم هن عنوان تي ڪم ڪندڙ عالم، گهٽي عرصي تائين هي ڪتاب بہ پنهنجي اڀياس ۾ شامل ڪندا رهندا.

سال ١٩٤٠ع ۾ سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ وجود ۾ آيو تہ، ڀيرو مل کي ان جي مکيہ شعبن تي ڪنيو ويو. سنڌي لغت بورڊ جي ميمبر ۽ رسالي مهراڻ جي ادارتي شعبي جو رڪن هجڻ سان گڏ، اسلام کان اڳ واري سنڌ جي تاريخ تيار ڪرڻ جو ڪم بہ سندس حوالي ڪيو ويو. ڪاڪو ڀيرو مل ١٩٤٤ع تائين ان رٿا جو صرف هڪ جلد تيار ڪري سگهيو، جڏهن تہ اصل رٿا موجب هي ڪم ٽن جلدن ۾ پورو ٿيڻو هو. سندس هي جلد پوءِ ”قديم سنڌ“ جي نالي سان، سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو هو. هي صاحب علم تاريخ بابت، پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ:

”پنهنجي ديس لاءِ فخر، وطني حب جو هڪ مکيہ لڇڻ آهي. اهو لڇڻ اسان ۾ وڌي، اسانکي سچو وطن دوست تڏهن بنائيندو جڏهن اسين پنهنجي پرکن جي آڳاٽي اوج جو دل ۾ دور ڪري، ۽ وري وڌيڪ ترقي لاءِ حال جو خيال ڪري، پنهنجو ارواح مستقبل سان ملائڻ چڏينداسين. پوءِ آڳاٽي اوج جو فخر ۽ آئيندي جا آسرا اسان ۾ نئين جوت ڦوڪيندا ۽ عجيب اتساهہ پيدا ڪندا.“

جڏهن ”قديم سنڌ“ جو پهريون جلد تيار ٿيو، تڏهن نندي کنڊ ۾ قومي، وطني ۽ ملڪي صورتحال ڪافي تبديل ٿي چڪي هئي. هاڻي ليگ ۽ ڪانگريس پنهنجي پروگرام ۽ خيالات ۾ نسري نروار ٿي چڪيون هيون. هڪ طرف دنيا ٻي مهاڀاري جنگ ۾ سڙي ٻري رهي هئي، تہ ٻئي طرف نندي کنڊ ۾ فرقيواريت پڻ پنهنجي اوج کي پهتي هئي. ڪاٻہ خبر نہ هئي تہ اڳيان ڇا ٿيڻ وارو آهي؟ هي ملڪي ۽ قومي طوفان، ماڻهن کي ڪهڙي ڪنڌي ڪندو؟ ان صورتحال جو اثر لازمي طرح ادب ۽ ادبين تي بہ پيو. ان حالت ۾

ڪاڪي پيرو مل "قديم سنڌ" کي پورو ڪرڻ بجاءِ "سنڌ جي هندن جي تاريخ" لکڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ سال ۱۹۴۶ع ۽ سال ۱۹۴۷ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. هي ڪتاب جديد سنڌ جي علمي، وطني ۽ تمدني تاريخ لاءِ، هڪ اهم ماخذ جي حيثيت رکي ٿو. جديد سنڌ جي اڏاوت ۾، هندو جاتي جيڪو ڪردار ادا ڪيو، هن ڪتاب ذريعي ان تاريخ کي هميشہ لاءِ محفوظ ڪيو ويو آهي. هندن جي تاريخ جي اشاعت سان، سنڌ ۾ جديد تحقيق، تلاش ۽ کوجنا جو هڪ سونهري دور پورو ٿيو. ان بعد ڪجھ وقت لاءِ سنڌي پڙهندڙ معياري لٽريچر لاءِ سڪندا رهيا. اڄ جڏهن هي اديب هن دنيا ۾ موجود نہ آهن، ۽ اسان وٽ انهن جو صرف قلمي ذخيرو ۽ ذهني پورهيو موجود آهي. تڏهن انصاف روءِ تہ هي راءِ ٻيهي ٿي تہ سنڌ جي تحقيق، تنقيد ۽ کوجنا واري اتهاس ۾، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو نالو تہ هوندئن ٻہ وڏو آهي، ليڪن ان ڪان پوءِ ڀيرو مل مهرچند جو نالو، پورهيو ۽ قلمي ڪشالو سندس پوري دور تي ڇانيل آهي. ڀيرو مل جي پايي جو عالم سندس همعصرن ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. مرزا قليچ بيگ کانپوءِ جيڪڏهن اسان جي ادبي تاريخ ۾ ڪاپاري ۽ مثالهين شخصيت آهي، تہ پوءِ خاطري آهي تہ اهو نالو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي جو هجڻ گهرجي. سنڌ جي تاريخ نويسن ۽ محققن ۾، سندس وڏو درجو، مرتبو ۽ مان آهي.

ان زماني ۾ مسلمان اديبن پڻ، وڏو ڪم ڪيو ۽ سنڌي نثر کي مالا مال ڪرڻ لاءِ هر طرح سان محنت ڪئي. تاهم ڊاڪٽر دائود پوٽي، دين محمد وفائي، لطف الله بدوي ۽ محمد صديق ميمڻ ڪان سواءِ باقي بزرگن صرف رنڊا روڙيا آهن ۽ مستقل حيثيت جو ڪم گهٽ پيد اڪري سگهيا. ان متعلق وري ڪنهن ٻي مجلس ۾ گفتگو ڪبي.

( هي مقالو ۱۱ فيبروري ۱۹۸۶ع تي حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ورسيءَ جي نسبت سان تيار ڪيو ويو. مختلف عنوانن سان هي مقالو ويڪلي "سنڌ سجاڳ"، ماهنامہ "پارس" ۽ پڻ بمبئي جي "ڪونج" رسالي ۾ ڇپيو آهي. ماه وار "پيغام" جنوري - فيبروري ۱۹۸۹ع تان ڪنيل).

# سنڌي ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻو ادب
## (ون يونٽ ٽٽڻ بعد)

جيتوڻيڪ سنڌي ادب جا اهڃاڻ نهايت آڳاٽي وقت کان ملن ٿا، پر تصنيف ۽ تاليف نهايت دير سان ملي آهي. مغلن جڏهن وڏي وڏي چوٽ ڪيو ۽ فارسيءَ کي سنڌ تي پوري قوت سان مڙهيو ويو، تڏهن ئي جي سنڌي عالمن، سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ ڳڌيل اپاءَ ورتا. مخدوم ابوالحسن سنڌي الف - بي تيار ڪري ١٧٠٠ع ۾ ڪتاب لکي ان کي تڏهوڪن مدرسن (Schools) ۾ رائج ڪيو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن ۾ پڻ فارسي سنڌ جي سرڪاري ٻولي رهي. البته هنن دؤرن ۾ ڪيترائي ناميارا سنڌي شاعر، عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا، جن پنهنجي گرم خون سان سنڌي ادب جي آبياري ڪئي.

انگريزن جي آمد ٿيندي سنڌي ٻولي کي سنڌ جي واحد سرڪاري ٻولي بنايو ويو ۽ ٻوليءَ جي ترقي ۽ بقا لاءِ فريئر ڪمشنر جي حڪم تي مقرر سنڌي الف - بي پڻ ناهي وئي. پهريون ٻاراڻو درسي ڪتاب هو "باب نامو"، جيڪو ديوان نند يرام لکيو ۽ ١٨٥٣ع ۾ ڇپيو. انگريزن جي دؤر ۾ جتي ٻيو هر قسم جو ادب لکيو ويو، اتي ٻاراڻي ادب تي به خاص ڌيان ڏنو ويو. مرزا قليچ بيگ جون ڪوششون هن ڏس ۾ خاص ڌيان لهڻن.

پاڪستان ٺهڻ سان ڪيترا سنڌي اديب انڊيا لڏي ويا، ان ڪري هتي هرقسم جي ادبي اوسر کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ٻيو وڏيڪ ادبي نقصان تڏهن ٿيو، جڏهن ڪراچيءَ کي وفاقي علائقو قرار ڏئي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. ڇو ته ورهاڱي کان اڳ پوري سنڌي ادبي انڊسٽري توڙي يونيورسٽي وغيره هتي ئي هيون. بهرحال هن صورتحال تي جلدي قابو پاتو ويو. ڪجهه بزرگ اديبن ۽ ڪجهه نوجوان ليکڪن جي جوش ۽ جذبي پيدا ٿيل خال کي پر ڪري ورتو. البته هي شڪايت جاري رهي ته سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب ٻنهه نٿو لکيووڃي. ورهاڱي بعد سنڌي ادب جا ٻه ميدان ٿيا، هڪ سنڌ ۾ ۽ ٻيو انڊيا ۾! پاڻ هتي سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ ٻاراڻي ادب جو جائزو وٺنداسين.

ورهاڱي ڪــان ڪري ١٩٧٣ع تائين ڪل ١٢٧ سنڌي ٻاراڻا ڪتــاب ڇپيا. هن دؤر جا قابل ذڪر ادارا آهن، گلشن ادب ٽنڊو محمد خان، سنڌي ادبي بورڊ ۽ آر. ايچ. احمد وغيره. هن دؤر جي ڪجهه مکيه ليکڪن جا نالا آهن، حاجي حقير ابن مگڻ، فدا سرهيو، نذير حسين پٺي ۽ حسام سومرو وغيره.

پهرين جولاءِ ١٩٧٠ع تي ون يونٽ ٽٽو. سنڌ جي پنهنجي انتظاميه قائم ٿي. گڏوگڏ ڪراچي موٽي سنڌ کي ملي. گويا سنڌي سماج کي نئون جنم مليو. اسان جي ادبي ادارن توڙي عام ليکڪن نئين نسل جي ذهني تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ شــروع ڪيــو. بورڊ "گل ڦل" کي وري جاري ڪيــو ۽ سنڌالاجي وري ماهنامـہ سـائنس ذريعي ٻاراڻي سنڌي سـائنسي مـواد تي ڌيان ڏنو. ان کان علاوه گجپ ڀاران بہ هڪ ماهنامہ ڪراچيءَ مان ڪڍيو ويو، جيــڪو هينئر خامـوش آهي. جيئن ايلزبيٿ جي دؤر کي انگريزي ادب ۾ شيڪسپيئر جو دؤر سڏجي ٿو، تيئن اسين بہ ١٩٧٥ع کان پوءِ جي دؤر کي "سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جو دؤر" سـڏيون تہ بيـجا نـہ ٿـيندو. ڇو تہ مـئي ١٩٧٥ع ۾ تڏهوڪي انتظاميه وڏي پيماني تي سنڌي ادب کي بند ڪري اها صورتحال پيدا ڪئي، جو اسان جو وڏو ۽ ماهر اديب بہ اڄ تائين ان بحران تي قابو پائي نہ سگهيو آهي.

اسـان جي سنڌي ٻالڪ تيزي ۽ همٿ سـان هن صـورتحـال جو مـقـابلو ڪيو. هن نئين سوچ ۽ ولولي سـان قلم کڻي، سنڌ جا مکيه مسـئلا کنيا ۽ ذميدار ۽ ايماندار صحافيءَ وانگر پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريو. هن وقت جيترا ٻاراڻا پبليـڪيـشن سنڌيءَ ۾ نڪرن ٿـا،اوترا وڏن لاءِ بہ نٿـا ڇپجن! ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اڄ جي معـاشـري جي گهرجن آهر، اسـان جي ٻار کي مادري زبان ۾ ادب دستياب ڪونهي، پر پوءِ بہ صـورتحال مايوس ڪندڙ نہ آهي. هڪ خاص ڳالهہ جيڪا اسان جي ٻاراڻي ادب ۾ کوٽ جو ضامن آهي، اها آهي جو وڏا ليکڪ ٻارن لاءِ لکندي عار محسوس ڪن ٿا. وري بہ مکيه شاعرن ٻاراڻا ٻول لکڻ شروع ڪيا آهن؛ پر پوءِ بہ ڪهاڻي ۽ سائنسي توڙي مضمون نويسيءَ تي خاص ڌيان جي ضرورت آهي.

سان سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون لکي رهيو آهي، سي پڻ تعريف جي لائق آهن. البته هڪ ڳالهه جو اشارو ڪندس ته دادا صاحب سنڌ جي ڪلاسيڪل تاريخ بابت اڄ به پراڻن مسفروضن ۽ فارسي ليکڪن جي غلطين کي دوباره ورجائي رهيو آهي. ان ڏس ۾ خاص طرح ڪيس، سيد حسام الدين راشديءَ جي تاريخي ڪتابن جو اڀياس لازمي طرح ڪرڻ گهرجي. ورنه، اسان جي تاريخ، وقت جي گهرجن جو پورائو نه ڪري سگهندي.

هي سال اقوام متحده پاران ٻارن جو عالمي سال ڪري ملهايو پيو وڃي. هن موقعي تي پڻ ٻارن لاءِ اڪيچار سنڌي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن؛ جهڙوڪ نصير مرزا جو "ڌرتيءَ جا تارا"؛ اياز گل جو "گل ۽ تارا" ۽ مختيار ملڪ جو "تر تر تاندڙاٿا" وغيره. ڏک آهي جو اسان وٽ ٻارڙن جي عالمي چارٽر تي ڪوبه ڌيان نٿو ڏنو وڃي. اسان جا ٻار سالن کان صدارتي ايوارڊ ۽ روشن تارا لاءِ واجهائي رهيا آهن.

سنڌي اخبارون به اڌو ڪاٺو؛ ٻارن جو صفحو ڪڍي ٻارڙن جي ذهني تربيت ڪري رهيون آهن. پر ڪين اڃا به گهڻو ڪجهه ڪرڻ گهرجي.

هن مختصر جائزي بعد؛ اسين هن چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ته سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جو آئيندو روشن آهي. اسان جي ادبي ادارن کي خاص طرح ٻاراڻي سائنسي ادب تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

(ماهنامه "گل ڦل" ڊسمبر ١٩٧٩ع ۾ ڇپيل).

# سيد حسام الدين راشدي

سنڌ جو مايہء ناز اديب، محقق، دانشور، مؤرخ ۽ عالم محترم پير حسام الدين راشدي صاحب جيتوڻيڪ هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي، ليڪن سندن ڇڏيل ادبي اثاثو، علم ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتون ۽ تازو توانو فن ۽ فڪر اسان وٽ رهندي دنيا تائين موجود رهندا. اسان سڀ جيڪي سندن عقيدتمند، پوئلڳ ۽ شاگرد سڏايون ٿا ۽ سندن لاڳاپي تي فخر محسوس ڪريون ٿا، تن جو ۽ انهن سيني ادارن جو، جيڪي سندن سرپرستيءَ ۾ وڌيا ۽ ويجهيا، مڙني جو فرض آهي تہ پاڻ جيڪي ڪم اڌورا ڇڏي ويا آهن، تن جو پورائو ڪريون.

راشدي صاحب سان راقم الحروف جو ويجهو لاڳاپو صرف هڪ سال جو رهيو. ان مختصر مدت ۾ وٽانئن محبت ۽ پيار بہ مليو، تہ خلوص ۽ صداقت بہ. ساڳئي وقت ان ٿوري عرصي ۾ جيڪو ادبي، علمي ۽ تاريخي ذوق، ڏانءُ ۽ فيض هتان حاصل ٿيو، سو ڪنهن ٻئي در تان شايد سڄي ڄمار بہ نصيب نہ ٿئي ها. مٿي جيڪي ڪجهہ لکيو اٿم، سو هن لاثاني عالم جي، محبت من ۾ پائي لکيو اٿم. ٻي صورت ۾ منهنجي ڇا مجال آهي، جو ايڏي وڏي عالم، محقق ۽ دانشور تي آءُ ڪجهہ لکڻ جي دعويٰ ڪريان.

# راشدي صاحب جو علمي مانُ مرتبو، ادبي اثاثو ۽ اسان جون جوابداريون

سيد حسام الدين راشدي، لڪياري ساداتن ۾، پير حامد شاهه جي گهر بروز اربع ٢٠ سيپٽمبر ١٩١١ع برابر ٢٦ رمضان ١٣٢٩ هه تي ڳوٺ بهمڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. پير محمد راشد (سندن جد امجد) سان، سائين جن جو سلسلو هن ريت ملي ٿو: سيد حُسام الدين بن پير حامد شاه بن پير پير شاه، بن پير علي محمد شاه، بن پير صبغت الله شاه، بن پير محمد راشد. مختصر عربي، فارسي، سنڌي ۽ انگريزي تعليم بعد، پاڻ ويهن سالن جي ڄمار ۾ عملي ۽ علمي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائون. شروعات ۾ صحافت ۽ ادب، گڏوگڏ سندن مشغولين ۾ شامل رهيا. ڪراچيءَ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪندي، ورهاڱي ڪانپوءِ باقاعدي علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم ڏي راغب ٿيا. ان سان گڏ ادبي جريدن جا ايڊيٽر، ادبي ادارن جا ميمبر ۽ عهديدار توڙي متعدد علمي ۽ تعليمي ادارن جا صلاحڪار ۽ رڪن رهيا. لاتعداد علمي ۽ ادبي خدمتن عيوض کين پاڪستان ۽ ايران سرڪار وٽان ڪيترائي اعزاز ۽ ايوارڊ پڻ ڏنا ويا. سندن شايع ٿيل ڪتابن جو انگ چاليهن کان مٿي آهي. پاڻ ايليٽ وانگر با وسائل محقق ۽ عالم هئا. راشدي صاحب طويل علالت بعد ٻهرين اپريل ١٩٨٢ع برابر ڇهين جمادي الثاني ١٤٠٢هه بروز خميس تي فوت ٿيا. کين شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي پير ۾، مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

## (١) علمي مان مرتبو

سنڌ ۾ فارسي تاريخ ۽ تذڪره نويسي تڏهن شروع ٿي، جڏهن ٿوري دير لاءِ سومرا مات ٿي لاڙ تائين محدود ٿي ويا ۽ اتر سنڌ جي هڪ اهم علمي ۽ ثقافتي مرڪز اچ ۾ ناصر الدين قباچه حڪومت سان گڏ علمي ۽ ادبي محفلون پڻ مچايون. ان دور ۾ علي بن حامد ڪوفي ٦١٣هه / ١٢١٦ع ۾ تاريخ سنڌ جو هڪ عربي ڪتاب "چچ نامه" فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽

محمد عوفي ٦٢٥هہ / ١٢٢٧ع ۾ فارسي گو شاعرن جو تذڪرو "لب الالباب" لکيو، جيڪو ان موضوع تي هڪ اوائلي ڪتاب شمار ٿئي ٿو. ان کان پوءِ سمن جي زوال تائين (٩٢٧هہ / ١٥٢٠ع)، سنڌ ۾ فارسي تصنيف ۽ تاليف متعلق ڪا به خبر ڪانهي؛ سواءِ ان جي ته چند فارسي گو شاعر هتي ٻين ملڪن کان پهتا ۽ هتيُ ئي فوت ٿيا. ان ڪري ڪين هاڻي پنهنجي ئي ادبي تاريخ ۾ جاءِ ڏيڻي پوي ٿي.

سمن جو زوال ٩٢٧هہ / ١٥٢٠ع ۾ ٿيو. ان بعد سنڌ تي ارغونن جو راڄ شروع ٿيو. هن خطي ۾ فارسي ٻولي، تعليم ۽ ادب جو سرڪاري دور هتان شروع ٿئي ٿو. فخري هروي فارسي گو شاعرن جو تذڪرو "روضة السلاطين" ۽ محمد بن بايزيد پوراني تاريخ تي "نصرت نامہ ترخان" نالي ڪتاب لکي، قباچہ جي دور ۾ ٿيل فارسي تصنيف ۽ تاليف کي باقاعدي هڪ تسلسل ڏنو. هن زبان ۾، پوءِ ته سنڌ اندر لاتعداد ڪتاب لکيا ويا. مخدوم ابراهيم ٺٽويءَ جي تڪملہ مقالات الشعراء (ت - ١٣٠٨هہ) ۽ مولوي عبدالرحيم سومري جي تاريخ گلزار سنڌ (ت- ١٣٤١هہ)- تائين سنڌ ۾، فارسي ٻوليءَ ۾ هنن ٻن موضوعن تي ڪيئي ڪتاب لکيا ويا. ليڪن اها حقيقت آهي ته مير علي شير قانع تي هتي مذڪوره زبان ۾ تاريخ توڙي تذڪره نويسيءَ کي عروج حاصل ٿيو. ڪانئس پوءِ، جهڙي ريت ڪو ٻيو شاعر شاهہ عبداللطيف پيدا نہ ٿيو، ٺيڪ ان ريت سنڌ ۾ وري ڪو ٻيو قانع پيدا ٿي نہ سگهيو!

هونئن ته انگريز ڪافي وقت کان ننڍي کنڊ جي مختلف حصن تي قابض ٿي چڪا هئا، ليڪن ٧- مارچ ١٨٣٥ع جي ٺهراءَ موجب هند سرڪار هتي جي ماڻهن کي يورپي ادب ۽ علوم سيکارڻ لاءِ ٻڌل هئي. ان کان به اڳ مختلف علائقن ۾ عيسائي تبليغي اسڪول کلي چڪا هئا، جتي انگريزي ٻوليءَ ذريعي مذهبي ڪم ڪيو ويندو هو. راجا رام موهن راءِ هندستان جو پهريون ديسي عالم آهي، جنهن نہ رڳو انگريزي ٻولي سکڻ تي زور ڏنو بلڪہ هن ئي سڀ کان اول هن جو پهريون انگريزي ڪتاب پڻ پڌرو ڪيو. سنت بنگال توڙي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾، مٿينءَ قرارداد جي پوئواريءَ ۾ ڪيئي اسڪول ۽

ڪاليج کوليا ويا. اهڙيءَ ريت صدين کان رائج فارسي ٻوليءَ تعليم کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو آهستي آهستي فارسي علم- ادب توڙي ٻوليءَ جا چاڙهو گهٽجندا ويا. تاهم ڪجهه وقت بعد ئي انگريز حاڪمن نه رڳو فارسي ٻوليءَ جي افاديت ۽ اهميت محسوس ڪئي، بلڪ ڪين ئي هن ٻوليءَ جي ضرورت پڻ محسوس ٿي. ستت ئي مختلف يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ اورينٽل ٻولين جا شعبا کوليا ويا. هتي خود انگريز عالمن پڻ فارسيءَ جي تدوين ۽ ترويج لاءِ ڪم ڪيو. ان سان گڏوگڏ فارسي علم - ادب، تاريخ ۽ تذڪري جا ڪيئي ڪتاب گڏ ڪيا ويا. انهن جي ايڊيٽنگ جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال جهڙا علمي ادارا وجود ۾ آندا ويا. نتيجي طور اتي جا ماڻهو جديد تعليم حاصل ڪري باقي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلڻ جهڙا ٿيا، تحقيق ۽ تنقيد جي جديد اصولن اپڻ ڪري مقامي اديب ۽ عالم نئين طرز جي رسرچ ڪم ڪرڻ ۾ پڙ ٿيا ۽ وڏي ڳالهه ته اهڙن ادارن ۾ لائبريرين ۽ ڪتبخانه نهڻ ڪري، پراڻو ۽ ڪلاسيڪل ادبي ورثو هميشه لاءِ محفوظ ٿي، تباهه ٿيڻ کان بچي ويو. اسين هت مثال طور لاهور يونيورسٽيءَ جو نالو ڪٽنداسين. هڪ طرف اتي مشرقي ٻولين جي ڪتابن جو تمام گهڻو قلمي ذخيرو محفوظ ڪيو ويو آهي، ته ٻئي طرف هاڻي اتي اورينٽل ٻولين تي رسرچ، ترتيب ۽ تدوين جو ڪم زورن تي آهي. ان ڏس ۾ اورينٽل ڪاليج لاهور جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي مٿانهون درجو حاصل آهي.

جيتوڻيڪ سنڌ گهڻو پوءِ انگريزي اثر ۽ حڪم هيٺ آئي، تاهم بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ هجڻ ڪري اهل سنڌ مٿين علمي ۽ ادبي سهوليتن کان محروم رهجي ويا. هڪ طرف فريئر صاحب جي سعيي ۽ ڪوشش سان سندس دور ۾ ڪي فارسي ڪتاب سنڌ تي لکيا ويا، ته ٻئي طرف جديد سنڌي ادب ۽ لکت جي سرواڻي ڪرڻ جو تاج به سندس ئي سر تي رکيل ڏسجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ کي جڏهن سرڪاري سرپرستي (تاريخ ۾ پهريون ڀيرو) ملي، تڏهن ارغوني دور کان سنڌ ۾ رائج فارسي ٻوليءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو ۽ چوٽي مشهور ٿي ته:

## فارسي پڙهسي، تيل وڪڻسي!!

سنڌ ۾ فارسي ٻولي، علم ۽ ادب جي زوال جو ذڪر ڪندي، اسين وري به شڪر گذار آهيون ديوان ننديرام، مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا، جن ان دور ۾ اسان جي اوائلي تاريخن کي سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ پنهنجي تاريخ (سنڌ) تي ڪتاب لکيا ۽ هتي جديد تحقيق، ترتيب، ايڊيٽنگ ۽ تنقيد جي فن کي متعارف ڪرايو. اگر اسان جا هي عالم ان ڏس ۾ علمي ۽ عملي قدم نہ کڻن ها، تہ پوءِ پڪ سان سنڌ ۾ تحقيق ۽ تنقيد جي نشاة ثانيہ ڪڏهن بہ اچي نہ سگهي ها.

سنڌ کان ٻاهر علامہ شبلي نعماني، سيد سليمان ندوي، مولانا غلام رسول مهر، مولوي محمد شفيع، حافظ محمود شيراني ۽ ڊاڪٽر عبدالله چغتائي - ٻارن عالمن، اديبن ۽ محققن، فارسي زبان ۽ ادب جي انحطاط واري زماني ۾ همت ڪري نہ رڳو ان ٻولي ۽ ادب جي گرانقدر خدمت ڪئي، بلڪ مختلف ڪتابن جي ترتيب، ايڊيٽنگ ۽ مقدمہ نگاري ڪندي هڪ طرف پنهنجي علمي ڌاڪ جو خود ايرانين کان داد حاصل ڪيو، تہ ٻئي طرف پنهنجي تهذيب ۽ تاريخ کي پڻ هميشہ لاءِ زندهہ ڪري ڇڏيو. اڄ - مُني صدي اڳ انهن عالمن جي ڪيل ڪاوش جو فائدو وٺندي، اڄ ڪيئي ڪتاب آسانيءَ سان اردو زبان ۾ ترجما ڪري مارڪيٽ ۾ مهيا ڪيا پيا وڃن

گهڻو پوءِ خود سنڌ ۾ بہ، سڀ کان اول ان ڳالهہ جو احساس مولانا دين محمد وفائي رح کي ٿيو. اسان جي هن محسن عالم ۽ تاريخدان نہ رڳو ان ڏس ۾ صحتمند قلم کنيو، نوجوانن کي تاريخ تي معياري ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو، پر ساڳئي وقت مولانا صاحب فارسي ڪتابن جي افاديت (سنڌ متعلق) ۽ اهميت کي پڻ اجاگر ڪيو. ڪلاسيڪل مواد جي تلاش ۾ پاڻ ورهين جا ورهيہ، مدرسن ۽ مڪتبن جا چڪر ڪاٽيندو قلمي ڪتاب، اڌوهي کاڌل پنا ۽ ورق توڙي بياض هٿ ڪندو ۽ محفوظ ڪندو رهيو. مولانا جي حياتي مختصر ٿي، هي صورت ۾ پاڻ بہ مٿين بزرگن وانگر سنڌ کي گهڻو ڪجهہ ڏئي ها. علامہ وفائي واري علمي جوڙ ۾ ٻيا جيڪي نالا اچن ٿا، سي هي آهن؛ ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم، سيد حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر لطف الله بدوي ۽ مولانا غلام مصطفي

قاسمي. ڪانئن پوءِ سنڌ ۾ فارسيدان عالمن ۽ محققن جو سچاڻ دور ختم آهي. ان بعد اسان جي حالت خود راشدي صاحب چواڻي اهائي ٿيندي ته-- "نه هي وري ايندا، نه انهن جهڙو وري ڪو پيدا ٿيندو، اهو دور ئي گذري ويو. جنهن ۾ ان پايي جا ماڻهو پيدا ٿيندا هئا".

اهو برابر سچ آهي ته علامه وفائي رح سب کان اول اورينٽل ايياس ذريعي سنڌ جي تاريخ جي مطالعي لاءِ ڏيان ڇڪايو. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ورهاڱي کان اڳ ڪجهه فارسي ڪتاب (سنڌ تي) ايڊٽ ڪيا، ليڪن ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سندن ئي سچاڻ همعصر پوئلڳ جناب سيد حسام الدين راشدي، جنهن پايي جو علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تاريخي ڪم ڪيو ۽ اثاثو ڇڏيو، ايڏو ڪم خود مير علي شير قانع جهڙو بي مثل مورخ به نه ڪري سگهيو. موجوده دور ۾ سنڌ اندر، راشدي صاحب نه رڳو بين الاقوامي پايي جو فارسي دان، عالم ۽ نقاد هو، پر ساڳئي وقت کين اردو ٻوليءَ تي دسترس هجڻ سان گڏ، پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ تي پڻ مڪمل اختيار حاصل هو. لهاذا، سنڌي ادبي تاريخ ۾ کين رهندي دنيا تائين لازوال ۽ لافاني حيثيت حاصل آهي. سندن علمي ۽ ادبي مان مرتبي، بحيثيت هڪ محقق ۽ مورخ جي ڇڏيل ڪارگذاري، اسان جي حوالي ڪيل اثاثي، تاريخ نويسيءَ لاءِ ڏنل نظريي، هڪ دانشور، ڏاهي، پرخلوص، پروقار، محب وطن ۽ همت ڀرئي بزرگ توڙي همٿائيندڙ انسان جي حيثيت، ادبي لاڳاپن ۽ ايليٽ وانگر سندن ادبي ۽ علمي وسيلن جي صحيح پروڙ ڪرڻ لاءِ ضرور آهي ته، جلد کان جلد سندن صحيح ۽ مڪمل سوانح مرتب ڪجي. بيشڪ هي هڪ اهم ۽ ضروري ڪم آهي، جيڪو ڪرڻ به گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ اسان وٽ هاٿي ته فخر لائق ٻي ڪابه ڳالهه باقي نه بچي آهي!

## ٢- ادبي اثاثو

سيد حسام الدين راشديءَ جي ڇڏيل ادبي اثاثي جي مڪمل اڀياس لاءِ هيءَ راهه وٺڻي پوندي:

١- صحافتي زندگي

٢- مختلف ادبي رسالن جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾

۳- علمي ۽ ادبي ادارن سان لاڳاپو
۴- ملڪي اعزاز ۽ ايوارڊ
۵- تصنيف ۽ تاليف
(الف) تصنيف، تاليف، ترتيب ۽ ايڊيٽنگ
(ب) مختلف ڪتابن جي ترتيب لاءِ ساٿي ايڊيٽر جي روپ ۾.

هن مقالي اندر اسين آخري اسم جي پهرئين حصي جي قدري تفصيلي اپٽار ڪنداسين. آخري حصي متعلق اسان جي ڄاڻ بلڪل گهٽ آهي.

## (الف) سنڌي ڪتاب

### (۱) انارڪلي ۽ ڪي ٻيا افسانہ ۽ ڪهاڻيون:

هونءَ تہ اسان جي هن لاثاني عالم ۽ مورخ، دانشور ۽ اديب ابتدا ۾ ڪجهہ شعر بہ چيا، ليڪن سٽت ئي ان ميدان تان هٿ ڪڍي ويا. بهرحال سندن ڪجهہ افسانہ سنڌ زميندار اخبار ۽ ڪجهہ ٻين اخبارن يا رسالن ۾ ڇپيا. هڪ انٽرويو دوران راشدي صاحب چيو هو تہ "آءٌ بنيادي طرح هڪ افسانہ نويس آهيان" . افسوس جو سندن افسانہ ترتيب هيٺ اچي نہ سگهيا.

### (۲) اسلامي ڪتبخانا:

هيءَ ڪتاب سال ۱۹۳۹ع ۾ ڇپيو. ڪتاب جي عنوان مان ظاهر آهي تہ ليکڪ جي ذهن تي ان دور جو سياسي ماحول پوري ريت ڇانيل هو. تفصيل معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. هيءَ ڪتاب سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد پاران شايع ٿيو.

### (۳) مهراڻ جون موجون:

هي ڪتاب ۱۹۵۶ع ۾ پاڪستان پبليڪيشن پاران نروار ٿيو، جنهن جا مکيہ ٽي ڀاڱا آهن: مضمون ۽ مقالا، افسانہ ۽ شاعري. مضمونن ۽ مقالن ۾ تمام قيمتي مواد ڏنل آهي. هن ڀاڱي ۾ مرحوم گل حسن "احسن" ڪربلائي جو "ٽالپور حاڪمن جا علمي ڪارناما" نهايت اهميت رکي ٿو. فاضل مرتب جناب راشدي صاحب ڪتاب جي افاديت هن ريت محسوس ڪرائي آهي: "اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب جي بقا لاءِ ضرورت آهي تہ وقت بہ وقت اهڙا مجموعا شايع ٿيندا رهن، جن ۾ اسان جو بهترين ادب محفوظ

ٿيندو رهي. اهو صحيح آهي تہ پراڻن رسالن مان چونڊ چڇوٽ ۽ صحيح سهڻيون چيزون ڳولي ڪڍڻ آسان چيز نہ آهي، پر پنهنجي ٻولي ۽ ادب جي حفاظت ۽ بقا لاءِ اسان کي اورچ ۽ اڻ ٿڪ ٿي ٿي ڪم ڪرڻو پوندو." اسان جي ادب ۾ هن ڪتاب جي اهم حيثيت آهي.

## (۴) تذڪره امير خاني:

امير خاني ساداتن لڳ ڀڳ ٽن صدين لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾، سنڌ تي پنهنجو حڪم ۽ اثر رسوخ هلايو. سياست کان علاوه، هن گهراڻي جي اسان جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ پڻ واضح اهميت آهي. ان خاندان جي حالات تي هي مفصل ڪتاب راشدي صاحب تاليف ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي ۱۹۶۱ع ۾ شايع ڪيو. فاضل محقق کي هن ڪتاب لکڻ جو خيال تڏهن آيو، جڏهن پاڻ ۱۹۳۲ع ۾ بکر، سکر ۽ روهڙيءَ جا ڊٺل ۽ ڦٽل مقبرا ۽ مزارون، زبون ٿيل در دريون ۽ ويران ٿيل مسجدون ۽ درگاهون ڏسندو، روهڙيءَ ۾ سنڌوءَ جي ڪناري سان "ستين جي ٿان" واري خوبصورت ۽ بناوٽ جي لحاظ سان غير معمولي حسين هنڌ تي پهتو. ڪتاب جي آخر ۾ هن خاندان جي آثارن، دفينن ۽ مقبرن جي فوٽن جو پڻ چڱو تعداد ڏنو ويو آهي، جيڪي گهڻو ڪري راشدي صاحب پاڻ ڇڪيا آهن. سنڌيءَ ۾ تذڪره نويسيءَ جو هي بهترين نمونو آهي.

## (۵) ماڪ پنا رابيل:

هن ڪتاب ۾ ماهنامہ نئين زندگيءَ ۾ ڇپيل مضمونن ۽ مقالن جو انتخاب ڏنو ويو آهي: جنهن ۾ سوانح، سنڌي ٻولي ۽ ادب متعلق نهايت مفيد مواد سهيڙيل ڏسجي ٿو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ تي مذڪوره رسالي ۾ ڇپيل مضمونن جي انڊيڪس پڻ ڏني ويئي آهي. تعارفي نوٽ فاضل مرتب جي ايران وڃڻ کري، اداري پاران ڏنو ويو آهي. پاڪستان پبليڪيشن وارن هي ڪتاب ۱۹۶۵ع ۾ شايع ڪيو.

## (۶) مڪلي نامه:

مير علي شير قانع ڪلهوڙن جي دور جو مشهور شاعر، اديب، محقق ۽ تاريخدان ٿي گذريو آهي. هن صاحب مڪليءَ تي نثر ۽ نظم ۾ سن ۱۱۷۴هہ

۱۷۶۰ع ۾ هڪ مختصر ڪتاب لکيو. ڀن سؤ سالن بعد، هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ خريد ڪيو ۽ راشدي صاحب ان کي ايڊٽ ڪري، اول ته - ماهي مهراڻ ذريعي ڇاپيو. ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت جي پيش نظر، بورڊ ان جو جامع ڇاپو آڻڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ "مڪلي نام" جو هي مفصل ايڊيشن سال ۱۹۶۷ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. فاضل محقق ۽ مرتب سيد حسام الدين راشدي صاحب جي محنت ۽ ڪاوش هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| متن (اصل فارسي) | ۹۶ صفحا |
| تعارف ۽ مقدمو | ۴۰ صفحا |
| حاشيہ ۽ ضميما | ۷۴۳ صفحا |
| شجرا | ۲۰ |
| مڪليءَ جا نقشا | ۲ |
| تصويرون | ۱۳۶ |

قانع هن ڪتاب ۾ مڪليءَ جي ڪل ۳۳ تاريخي ۽ ثقافتي آثارن جو ذڪر ڪيو آهي. راشدي صاحب انهن مان ۶ آثارن جو تعين ڪري نہ سگهيو ۽ اهو ڪم ٻئي ايڊيشن لاءِ رکيو ويو. ان کان علاوه ۵ آثارن جي تعين ڪرڻ کان سواءِ، انهن بابت سمورو مواد ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي. مٿي ڏنل وچور مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ فاضل محقق هن ايڊيشن آڻڻ لاءِ ڪيڏي نہ جاکوڙ ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ جي سمن، ارغونن ۽ ترخانن واري دور متعلق وافر مواد موجود ڪيو ويو آهي. سنڌ جي تاريخ تي سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن ۾ هي هڪ بيش بها اضافو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل تصويرون، سموريون راشدي صاحب پاڻ ڪڍيون آهن. هن ڪتاب جو ٻيون ڇاپو سال ۱۹۹۴ع ۾ ڇپيو آهي.

## (۷) مرزا عيسيٰ ترخان:

هي مواد اصل ۾ "مڪلي نامه" ۾ آيل مرزا عيسيٰ ترخان دوم جي مطالعي تي مبني آهي. هي ڪتاب سنڌ جي سپوت "دولهہ دريا خان" جي نالي منسوب ٿيو آهي. ڪتاب سال ۱۹۶۷ع ۾ نروار ٿيو.

## (۸) تذڪره مشاهير سنڌ (جلد اول):

مولانا دين محمد وفائي، سنڌي مشاهيرن جي تاريخ تي، هي ڪتاب ورهاڱي کان اڳ تيار ڪيو. مگر موت کيس ان تي آخري نظرثاني ڪرڻ جي

مهلت نہ ڏني. هن ڪتاب جو پهريون جلد راشدي صاحب جي ترتيب، مقدمي ۽ حاشين سان سال ١٩٧٤ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو. هن جلد ۾ ڪل ١٢٤ سوانح ڏنل آهن. فاضل مرتب لکي ٿو: ”هن صفحن ۾ مسودي جي پهرين ڪاپي، پهرين جلد جي نالي سان شايع ڪئي وڃي ٿي. اڃا چار ڪاپيون باقي آهن، جن ۾ ٣٤٨ سوانح موجود آهن. اها خبر فقط خاوند کي آهي تہ انهيءَ ۾ رهيل مواد جي شايع ڪرڻ جي سعادت منهنجي زندگي، منهنجو نصيب، ڪندي يا نہ!“

هن ڪتاب جو اردو ترجمو ١٩٩١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو، جو ڊاڪٽر عزيز انصاري ۽ عبدالله ورياه ڪيو آهي.

## (٩) هُو ڏوٿي هُو ڏينهن:

راشدي صاحب تي سال ١٩٥٨ع ۾ هارٽ اٽيڪ ٿيو ۽ آخرڪار ڊاڪٽرن جي هدايت تي، پاڻ هي ملڪ ڇڏي. پنهنجي وڏي ڀاءُ جناب پير علي محمد راشدي صاحب ڏي، فلپائينس هليا ويا، جتي سندن ڀاءُ پاڪستان جو سفير هو. ورندي سال جي پڇاڙيءَ تي جڏهن روبصحت ٿيا، تڏهن پاڻ پنهنجي دوست ۽ شاعر نواز علي نياز تي هڪ مضمون لکڻ جو ارادو ڪيائون. جڏهن قلم وهيو، تڏهن مضمون ڪان ڪم ٿپي ويو. آخرڪار هتي رهندي ڇهن مهينن ۾ (٨فيبروري - ٢٨ آگسٽ ١٩٦٠ع) هي ڪتاب لکي پورو ڪيائون. هي ضخيم ڪتاب ليکڪ جي يادگيرين تي مبني هڪ مطالعو آهي، جنهن ذريعي ورهاڱي کان اڳ واري سنڌ جي سياست، سماج، ادبي لاڙن ۽ مذهبي رجحانن جو سنُو پروپاند ملي ٿو. منجهس ڪي ڪي موضوع تہ اهڙا تلخ آهن، جو جيڪر ڪو ٻيو ليکڪ ان بابت ڏهہ ڇمارون ماٺڻ بعد بہ قلم ڪاهي نہ سگهي ها. راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب بابت لکي ٿو: ” هي تاريخ نہ آهي، سنڌ جي هڪ دور جي معاشرتي تاريخ جو هن ڪي مقدمو سمجهي سگهجي ٿو. هن ۾ گهڻيءَ حد تائين انهن سيني ناسورن جو مذڪور ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌ جي تنزل ۽ سنڌين جي شڪستہ دليءَ جو سبب بنيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ جيڪو گهر ڪان رُسي ٿو، سو سنڌين تي سستيءَ، ڪاهليءَ، بيڪاريءَ ۽ نااهليت جا طرحين طرحين طعنا رکي، ڪين جيئڻ ۽ جيئڻدان ڏيڻ جو مستحق نہ ٿو سمجهي.“

نيٺ سنڌي ٻولي، سليس نثر، وڻندڙ زبان، معلومات جو ڀنڊار، قومي

جوابدارين ۽ سوچ طرف رغبت ڏيارينڌڙ ۽ سنڌي قوم ۾ موجود ڪيئي، ناسورن ۽ گهٽتائين جو بيان، هن ڪتاب جون اهم خوبيون ۽ خاصيتون آهن. ان ڪان علاوه، هن ڪتاب ذريعي اسين راشدي صاحب جي سوانح تي پڻ قيمتي مواد هٿ ڪري سگهون ٿا. سنڌي سوانحي ادب ۾، هن ڪتاب کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ڪتاب جي ترتيب، سنڌ ۽ نالو مشهور دانشور محمد ابراهيم جويي جو رڪيل آهي.

هُو ڏوٿـي هُو ڏيـنـهـن، هـو ڏونـگـر هـو لـڪـيـون،
ڪنهن جنهن لڌا نينهن، جيئن پيا لهسن لڪ ۾!

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٧ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ جي پريس مئنيجر مسٽر الله بچائي يوسف زئي جنهن محنت ۽ سهڻائي سان اهو ڪتاب ڇاپيو آهي، ان بابت خود فاضل مصنف عمدو اعتراف ڪيو آهي.

## (١٠) مير محمد معصوم بکري:

سنڌ ۾ مير معصوم کي ڪير نـہ سڃاڻي؟ عام ماڻهو ڪيس "سکر واري مناري" جي نسبت سان سڃاڻن، تہ پڙهيا لکيا وري "تاريخ معصومي" جي حوالي سان. مير صاحب اڪبري دور جو مؤرخ، شاعر، امير، سپاهي ۽ ڊپلوميٽ هو، ان ڪري چئبو تہ سندس شخصيت همہ گير ۽ گونا گون هئي. محترم پير علي محمد راشدي سڀ کان اول، مير موصوف جي سوانح سنڌيءَ ۾ لکي. ان زماني کان (١٩٢٨ع) سيد حسام الدين راشدي، مذڪوره عنوان تي تلاش، کوجنا، تحقيق ۽ مواد جي ڳولا جاري رکي. هي ڪم برابر اڌ صدي جاري رهيو. فاضل محقق ان ڏس ۾ لکي ٿو - "اڌ صدي انهيءَ جاکوڙ ۾ گذري چڪي هئي. علمي اوساڻ ۽ تلاش نـہ کٽڻ جي هئي، نـہ تڪميل ٿيندي نظر آئي. ذوق برابر قائم رهيو، پر حياتيءَ جي بي وفائيءَ کي نظر ۾ رکندي ڪم کي نيٺ اڪلائڻ جي رٿا ڪرڻي پيئي. اهڙي طرح ١٩ ورهين جي ڄمار ۾ شروع ڪيل ڪم، عمر جي ٦٨ ورهين واريءَ منزل تي پهچڻ بعد باالآخر پورو ڪرڻ ضروري ٿيو."

جيتوڻيڪ هي ڪتاب تاريخ معصوميءَ جي مصنف جي سوانح تي لکيو ويو آهي، تاهم پس منظر ۾ ارغوني ۽ ترخاني حاڪمن جي سنڌ جي سياست، سماج ۽ اقتصادي ڦرلٽ کي پڻ چٽي طرح پڌرو ڪيو ويو آهي. هن ئي دور ۾ مير موصوف جا وڏا، سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا. سوانح نگاري توڙي

تاريخ نويسيءَ جو اهو بهترين نمونو، صرف راشدي صاحب جهڙو بي باڪ عالم ۽ تاريخدان ئي سنڌ ۾ متعارف ڪرائي سگهيو ٿي. هن ڪتاب ذريعي، تاريخ ڏي فاضل محقق جو نظريو پڻ معلوم ڪري سگهجي ٿو. هونئن تہ سڄو ڪتاب علمي ۽ تاريخي آهي، تاهم مير معصوم متعلق ڪي نيون حقيقتون پڻ پهريون پيرو ميدان تي آيون آهن.

(١) مناري جي ٺهڻ جو زمانو ١٠٠٣هہ کان ١٠٢٦هہ ٻڌايو وڃي ٿو. راشدي صاحب ان زماني جو تعين ١٠٠٢هہ کان ١٠١٣هہ ڪيو آهي. ان ڏس ۾ قانع جي روايت کي بہ ريٽيو ويو آهي.

(٢) مير صاحب جي علمي ۽ ادبي اثاثي متعلق حقيقت پريا انگ اکر ڏنا ويا آهن.

(٣) مير صاحب جو سن وفات ١٠١٩هہ ۾ چيو وڃي ٿو، ليڪن راشدي صاحب نوس حقيقتن سان، سن ١٠١٤هہ ڏئي ٿو.

بهرڪيف، راشدي صاحب جي اوريجنل ڪتابن ۾، هن ڪتاب کي مٿاهين حيثيت حاصل آهي. ساهہ سان سانيڻ جهڙي هن ڪتاب ۾ سؤ کان بہ وڌيڪ تصويرن جو البم ڏنل آهي، جيڪي آهن تہ مير صاحب جي سوانح متعلق، تاهم راشدي صاحب جي ذوق ۽ محنت جو پڻ داد ڏيڻ گهرجي. تاريخ سنڌ جي مؤلف کي مختلف نالن سان ياد ڪيو وڃي ٿو، ليڪن صحيح نالو" مير محمد معصوم بکري" آهي، جيئن فاضل محقق ڄاڻايو آهي. غالباً نالي جي صحت لاءِ، "ذخيرة الخوانين" (تاليف ١٠٦٠هہ) جي مدد ورتي وئي آهي (١). فطري طور تي بہ هن ڪتاب جو مٿانهون مقام ۽ مان مرتبو آهي. هن ڪتاب جو انتساب، پير صاحب، پنهنجي برادر بزرگوار محترم پير علي محدم راشديءَ جي نالي هن ريت ڪيو آهي.

فرونيايدم اين سربجز، بدرگہ دوست،
کہ آنچہ درکف ماهست، فيض صحبت اوست.

سال ١٩٧٩ع ۾ هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

هن ڪتاب جي آخر ۾، ماڻهن، ڳوٺن، شهرن وغيره جي جا نهايت

---

(١) جلد ١، ص ٢٠٠، ناشر پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي، ١٩٦١ع.

قيمتي ڏسٽي آيل آهي، سا پير صاحب جي هڪ عقيدتمند ۽ مداح، مسٽر ناشاد، ايڊيٽر انچارج "مهراڻ" جي تيار ڪيل آهي.

## (١١) ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون:

راشدي صاحب پنجاهہ سالن جي ادبي سفر ۾، لڳ لڳ ٣٠٠ مضمون ۽ مقالا سنڌيءَ ۾ لکيا. هن ڪتاب ۾ چونڊ ٤٣ مضمون ۽ مقالا ڏنا ويا آهن. ليڪڪ جي حياتيءَ ۾، سندن هي آخري ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ هن ريت مواد ڏنل آهي.

| | |
|---|---|
| مضمون ۽ مقالا | ٽوٽل ٤٣ |
| ترڪي متن | ٢٥ صفحا |
| هڪ نقشو | ٽتو ٽائون |
| تصويرون | ٽوٽل ١٧١ (ٺٽي متعلق) |

گهڻو ڪري سيئي مضمون اهيمت وارا آهن، جيڪي تہ ماهي "مهراڻ" تان (اڪثر ڪري) ورتل آهن. ڪتاب جو پيش لفظ محمد ابراهيم جويي لکيو آهي، جنهن ۾ تاريخ متعلق ڏنل سندس نظريو قابل غور آهي. ڪتاب جو نالو شاهہ عبداللطيف رحہ جي هن بيت تان کنيل آهي.

اڄ پڻ آنديون اونئين ڪتابتون ڪي،
ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، سڻ تون عمر سي.

غالباً سنڌيءَ ۾، مقالن ۽ مضمونن جو هي پنهنجي نوعيت جو پهريون ضخيم ڪتاب شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ڇاپڻ لاءِ "انجمن تاريخ سنڌ" کي ڊئريڪٽر ڪلچر سنڌ جناب حميد آخوند جو ڀرپور سهڪار حاصل رهيو. هي ڪتاب ١٩٨١ع ۾ نروار ٿيو.

راشدي صاحب جي ٻن ڪتابن - "ڏهين صدي هجريءَ جي سنڌ"، ۽ "ٺٽي جو تاريخي جغرافيہ" جو نالو بہ کنيو وڃي ٿو. اسان ليڪڪ کان آخري ملاقات (٢٨ ڊسمبر ١٩٨١ع) ۾ ان بابت معلومات ورتي. راشدي صاحب ٻڌايو تہ اصل ۾ هي مقالا رسالي "مهراڻ" ۾ سال ١٩٧١ع ۽ سال ١٩٧٢ع ۾ ڇپيا هئا. ان ڪري انهن کي جدا ڪتاب سڏڻ درست نہ ٿيندو.

## (ب) اردو ڪتاب

### (۱۲) سنڌي ادب:

هي ڪتاب پاڪستان سرڪار جي طلب تي اردو زبان ۾ لکيو ويو. جيتوڻيڪ ڪتاب سرسري ۽ مختصر آهي، تاهم ان کي سنڌي ادب جي پهرين مڪمل تاريخ سڏيندي، ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ڪتاب جي ترتيب هن ريت آهي.

باب پهريون: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

باب ٻيو: سنڌي ٻوليءَ جو ادب (عربن کان سومرن ۽ سمن تائين)

باب ٽيون: ارغون، ترخان ۽ مغل دور جو ادب

باب چوٿون: ڪلهوڙن جي دور جو سنڌي ادب

باب پنجون: ٽالپوري دور جو ادب

باب ڇهون: برطانوي دور جو ادب

بابت ستون: موجوده پاڪستاني دور

بابت اٺون: سنڌي شاعريءَ جون صنفون

مختصر ۽ سرسري هوندي بہ هن ڪتاب جي بيحد افاديت ۽ اهميت آهي. نہ رڳو اردودان حلقي لاءِ پر ساڳئي وقت يورپ ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب تي ڪم ڪندي پڻ هن ڪتاب کان ٿي مدد ورتي وئي. پونين ادبي مؤرخن لاءِ پڻ هن ڪتاب ڳائيڊ جو ڪم ڏنو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر اينمري شمل جي ڪتاب "سنڌي ادب جي ارتقا" ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" جو حوالو ڏيڻ مناسب لڳي ٿو (۱). ڪتاب جا مختلف ايڊيشن هن ريت نڪتا آهن:

۱- اردو ايڊيشن: هيءَ ڇاپو ڪرائون سائيز جي ۱۱۲ صفحن تي پکڙيل آهي ۽ پاڪستان پبليڪيشنز ڪراچي پاران سن ۱۹۵۲ع ڌاري شايع ٿيو.

۲- روسي ايڊيشن: هن ايڊيشن جو اطلاع راقم الحروف کي راشدي

(۱) اينمري شمل جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو، ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙي ڪيو ۽ ان کي شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي موري سال ۱۹۸۱ع ۾ ڇپيو.

صاحب هڪ خط ذريعي (تاريخ ٩ جولاءِ ١٩٨١ع) ڏنو. ناشر، مترجم ۽ سن اشاعت متعلق ڪوبہ پتو نہ آهي.

٣- سنڌي ايڊيشن: مؤلف جي اجازت سان، راقم الحروف هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو. پوءِ جي ادبي اوسر تي، پنجاهہ صفحن جو مقدمو پڻ ان ۾ شامل ڪيو ويو. جاءِ بجاءِ حاشين کان علاوه، هن ايڊيشن ۾ راشدي صاحب جي ڪتابن بابت، هڪ ضميمو پڻ ان ۾ ڏنو ويو آهي. سنڌي ڇاپي جي ڇپيل ڪاپي، راشدي صاحب کي علاج لاءِ لنڊن وڃڻ کان اڳ (٢٨ ڊسمبر ١٩٨١ع) روبرو پيش ڪئي ويئي، جنهن کي پاڻ بيحد پسند ڪيائون. هي ايڊيشن گرامي پبليڪيشن دولت پور صفن پاران سال ١٩٨١ع ۾ منظر عام تي آندو ويو. سنڌي ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن سنڌ تحقيقي بورڊ سال ١٩٩٦ع ۾ ڇپرو ڪيو آهي.

## (١٣) هفت مقالہ:

هن ڪتاب ۾، سہ ماهي "اردو" ۾، فارسي زبان ۽ ادب متعلق ڇپيل اهم مقالن جو انتخاب ڏنو ويو آهي. مواد جي ڪيفيت هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| تصنيفات شيخ فريد الدين عطار | حافظ محمود شيراني مرحوم |
| شاهہ نامه کا ديباچه قديم | حڪيم سيد شمس الله قادري |
| فردوسي کا مذهب | پروفيسر شيخ محمد اقبال مرحوم |
| رباعيات عمر خيام | عبدالباري آسي لکنوي مرحوم |

خيام (مؤلف سيد سليمان ندوي پر ايک عروضي نظر)

سيد معشوق حسين اطهر هاپوڙي مرحوم

فارسي زبان کي زير سايہ اردو کي تدريجي ترقي

ڊاڪٽر سيد عبدالله

نواب صمصام الدوله شاهنواز خان (صاحب ماثرالامرا)

محمد حسين محوي صديقي

راشدي صاحب، جنهن هن ڪتاب کي مرتب ڪيو آهي، دلچسپ پيش لفظ جي شروعات هن بيت سان ڪئي آهي:

چو اهل دل ز عشق افسانہ گويند
حديثِ بلبل و پروانہ گويند.

انجمن ترقي اردو ڪراچي پاران سال ١٩٦٧ع ۾ شهنشاهه ايران جي جشن تاجپوشيءَ جي موقعي تي هيءُ ڪتاب نروار ٿيو.

## (١٤) دود چراغ محفل:

هن ڪتاب ۾ انهن پنج فارسي گو شاعرن جو احوال ڏنو ويو آهي، جن جو تعلق مرزا غالب سان هو. هيءُ ڪتاب ١٩٦٩ع ۾ مرزا غالب جي صد ساله جشن جي موقعي تي شايع ٿيو.

## (١٥) مرزا غازي بيگ ترخان اور اُس ڪي بزم ادب:

مرزا غازي بيگ جي سوانح ۽ ادبي خدمتن تي لکيل هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ مرزا غازيءَ جي سوانح ڏنل آهي. سنڌ جي سياسي تاريخ جي مطالعي ڪندڙن لاءِ هيءُ حصو بيحد قيمتي آهي.

ٻئي حصي ۾ ڪل ٣٥ فارسي گو شاعرن جي سوانح ۽ سندن ڪلام جو انتخاب ڏنو ويو آهي؛ جيڪي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ غازي بيگ سان وابسته هئا. هي حصو سنڌ جي فارسي ادب جي اڀياس لاءِ نمايان اهميت رکي ٿو.

مؤلف ڪافي وقت اڳ اردو زبان ۾، مرزا غازي بيگ تي هڪ آرٽيڪل لکيو هو. ان بعد پاڻ ٢٠-٢٢ سال هن موضوع تي ڪم ڪندو رهيو. جڏهن ڪم تڪميل کي پهتو ته سال ١٩٧٠ع ۾ ان کي ڪتابي شڪل ۾ انجمن ترقي اردو ڪراچي شايع ڪيو.

راشدي صاحب انتهائي دلچسپ پيرايي ۾ مرزا غازيءَ تي لکندي ٻڌائي ٿو ته: ”مرزا کي نظر ڪائي وئي ۽ جوانيءَ ۾ سندس انتقال ٿيو. اگر طبعي عمر نه سهي، زندگي ڪيس ٿوري به مهلت ڏئي ها ته اسان جي ادبي تاريخ ۾ سندس شمار اڪبر ۽ جهانگير جهڙن بادشاهن جو نه تڏهن به، خانخانان جهڙي علم دوست ۽ ادب پرور امير ڪان ته پڪ سان مثانهون مان هجي ها...“

مؤلف جو چوڻ هو ته هن ايڊيشن ۾ لاتعداد ڇاپي جون چڪون رهجي ويون آهن. ڪتاب جو صحيح ايڊيشن تهران مان فارسي زبان ۾ نروار ٿيڻو هو. ليڪن گمان غالب آهي ته ايران ۾ بعد جي حالتن سبب اهو اچي نه

سگهيو. آخري ملاقات ۾ (۲۸ ڊسمبر ۱۹۸۱ع) راشدي صاحب، راقم الحروف کي هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي لاءِ پڻ حڪم ڪيو. افسوس جو سندن اوچتي وفات سبب، هي ڪم پڻ التوا ۾ رهجي ويو (۱).

## (ج) فارسي ڪتاب

### (۱٦) مثنوي چنيسرنامہ:

ادراڪي بيگلاري ترخانن جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن هي مثنوي مير ابوالقاسم سلطان جي فرمائش تي سن ۱۰۱۰هہ / ۱٦۰۱ع ۾ لکي پوري ڪئي. ابتدا ۾ هي مثنوي ادراڪي نہ، پر سندس ممدوح جي نالي تي مشهور ٿي.

هي ڪتاب راشدي صاحب جي ايڊيٽنگ ۽ مقدمہ نگاريءَ جو اوائلي نمونو آهي. ابتدا ۾ فاضل ايڊيٽر، سنڌيءَ ۾ ٦٧ صفحن تي ڀرپور مقدمو لکيو آهي؛ جنهن ذريعي ان دور جي ادبي، معاشرتي ۽ سياسي جهلڪ بہ اکين آڏو اچيو وڃي. ادبي طور مثنويءَ جو ڪيترو مقام آهي، ان تي بہ نهايت قيمتي راءِ ڏني وئي آهي. گڏوگڏ بيگلارن جو شجرو ۽ سندن مقبرن جا عڪس (توري مقام) پڻ، ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. پنجن نسخن جي آڌار تي، تيار ڪيل هي ايڊيشن راشدي صاحب، ۱۹۵٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ذريعي نروار ڪيو.

### (۱۷) مقالات الشعراء:

سنڌ ۾ باقي نديي ڪنڊ کان گهڻو اڳ فارسي تذڪره ۽ تاريخون، لکجڻ شروع ٿيا. فارسي گو شاعرن تي، جيڪي اوائلي تذڪرا هتي لکيا ويا، تن جا ليکڪ گهڻو ڪري ٻاهريان هئا. سرڪاري ڪم سان يا گهمڻ ڦرڻ ۽ واءُ سواءُ لهڻ جي خيال سان سنڌ پهتا. قصيدا چيائون يا وري مختلف موضوعن تي ڪتاب لکي؛ حاڪمن، وزيرن ۽ اميرن جي نالي منسوب ڪري، پنهنجا مطلب پورا ڪري واپس ويندا رهيا. بهرحال جيئن تہ هي ڪتاب پنهنجي سنڌ ملڪ ۾ لکيا ويا، لهذا، انهن کي اسين نہ تہ پنهنجي ادبي تاريخ مان ڪيئنداسين ۽

---

(۱) اردو ۾ "ملا محب علي سنڌي" پڻ سندن ڪتاب ڇپيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ هي هڪ آرٽيڪل هو. جيڪو "سہ ماهي اردو" ۾ ڇپيو هو (ڏسو "اشاريہ اردو" ص ۴۲، ڪراچي ۱۹۷٦ع).

نہ وري اھڙن ڪتابن تان پنھنجي دستبرداريءَ جو اعلان ڪنداسين. ان ڏس ۾ ھي اھم تذڪره ذھن ۾ رکڻ گھرجن.

١- تذڪره لباب الالباب ٦٢٥ھ / ١٢٢٧ع.

تصنيف نورالدين محمد عوفي بمقام "اچ".

٢- روضة السلاطين ٩٥٨ھ / ١٥٥١ع.

مؤلف فخري ھروي بمقام "ٺٽو".

٣- جواھر العجائب ٩٦٢ھ / ١٥٥٥ع.

مؤلف فخري ھروي بمقام "ٺٽو".

۴- يد بيضا ١١۴٥ھ / ١٧٣٢ع.

تاليف غلام علي آزاد بمقام "سيوھڻ" (١)

سنڌ اندر فارسي گوشاعرن تي مير علي شير قانع جو "مقالات الشعراء" ان سلسلي جي پنجين ڪڙي آھي، جيڪو ھن صاحب ١١٧۴ھ / ١٧٦٠-٦١ع ۾ لکي پورو ڪيو. خاص سنڌ جي فارسي گو شاعرن متعلق ان کي پھريون تذڪره چئي سگھجي ٿو، جنھن ۾ ڪل ٧١٩ شاعرن جو ذڪر ڪيل آھي. "يد بيضا" کان علاوه مير قانع ھي ڪتاب لکندي، محمد افضل سرخوش جي ڪتاب "ڪلمات الشعرا" کي پڻ ماخذ طور ڪتب آندو آھي. قانع جي تذڪري ۾ ڏنل مواد کي ٽن حصن ۾ ورھائي سگھجي ٿو.

١- اھي شاعر، جيڪي سنڌي ھئا يا وري سير سفر، نوڪري، واپار ۽ ٻين ڪمن سان سنڌ ۾ آيا ۽ ھتي رھندي فوت ٿي ويا. ان قسم جا شاعر ھاڻي سنڌ جي ادبي تاريخ جو اثاثو آھن.

٢- اھي شاعر، جيڪي مختلف ڪمن سان سنڌ ۾ آيا ۽ وري واپس

(١) مير غلام علي آزاد سيوھڻ ۾ وقايع نويس جي حيثيت ۾، پنھنجي مامي جي نيابت ڪرڻ لاءِ ٻي سال (١١۴٥ھ - ١١۴٧ھ) رھيو. ھتي رھندي ھن فارسي گو شاعرن جو تذڪره "يدبيضا" نالي لکيو. ساڳئي موضوع تي ھن ٻہ ٻيا ڪتاب "سرو آزاد" (١١٦٦ھ / ١٧٥٢ع) ۽ "خزانۂ عامره" (١١٧٦ھ / ١٧٦٢ع) لکيا، جيڪي ترتيبوار "ڪتابخانہ آصفيہ" مان ١٩١٣ع ۾ ۽ ڪانپور مان ١٨٧١ع توڙي نولڪشور مان ١٩٠٠ع ۾ ڇپجي نروار ٿيا. جيئن تہ پھريون تذڪرو "سنڌ" ۾ لکيو ويو، لھذا، ھندي محققن ان جي ڇپڻ جي ضرورت ئي نہ سمجھي، ان ڪري اھو اڃا تائين ترتيب ھيٺ نہ آيو آھي.

وطن ويا يا هتان ڪان هندستان ڏي روانا ٿي ويا.

٣- اهي شاعر، جن جو زمانو معلوم نہ آهي.

راشدي صاحب اوائل ۾ ٣٤ تصويرن جي ناياب سيٽ سان گڏ، قانع جي سوانح ۽ ادبي اثاثي متعلق فارسيءَ ۾ مقدمو پڻ ڏنو آهي. ان ڪان علاوه جاءِ بجاءِ حاشيہ ۾ اضافي مواد ڏيندي هڪ تہ راشدي صاحب پنهنجي وسيع معلومات، علمي استدلال ۽ فارسي دانيءَ جو اڻ مٽ ثبوت ڇڏيو آهي؛ تہ ٻئي طرف ڪتاب جي افاديت پڻ ڪافي وڌيل ڏسجي ٿي. ادبي تاريخ سان گڏ، اسان جي سياسي تاريخ لاءِ پڻ هن ڪتاب کي، بنيادي ماخذ جي حيثيت حاصل آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٥٧ع ۾ شايع ڪيو.

## (١٨) مثنوي مظهر الآثار:

ارغوني دور ۾، سنڌ اندر پيدا ٿيل فارسي ادب ۾ هي مثنويءَ جو اوائلي نمونو آهي. هي مثنوي سيد جهانگير هاشمي سال ٩٤٠هہ / ١٥٣٣ع ۾ لکي ۽ شاهہ حسن ارغون جي نالي منسوب ڪئي. بعد ۾ هي شاعر حج تي ويندي مڪران ۾ ٩٤٦هہ / ١٥٣٩ع ۾ شهيد ٿي ويو. راشدي صاحب ٽن نسخن جي آڌار تي هن جو متن تيار ڪيو. شاعر جي ناياب تصوير پڻ ڪتاب ۾ ڏني وئي آهي. فاضل مرتب فارسيءَ ۾، ٦٢ صفحن جو نهايت ئي قيمتي مقدمو پڻ اوائل ۾ ڏنو آهي. سال ١٩٥٧ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب ڇاپي پڌرو ڪيو.

## (١٩) تڪملہ مقالات الشعراءِ:

فارسي گو شاعرن جو سنڌ ۾ هي آخري تذڪرو، مخدوم ابراهيم خليل ٺٽوي ٨- ١٣٠٧هہ / ١٨٩٠ع ۾ لکيو. مير قانع جي تذڪري (جنهن جو مٿي ذڪر ٿيو آهي) ۽ هن تذڪري جي وچ ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا، بهتر آهي تہ سڀ کان اول ان سلسلي کي ملائجي.

(١) مجمع البلغاءِ ١٢١٨هہ / ١٨٠٣ع،

تاليف مير غلام علي "مائل" ٺٽو.

(٢) تذڪره زبدة المعاصرين ١٢٤٠هہ / ١٨٢٤ع،

تصنيف مير حسين الحسيني شيرازي حيدرآباد سنڌ.

(٣) محڪ شعراء ١٢٥٢هه / ١٨٣٦ع،
تاليف محمد صالح شاملوي خراساني حيدرآباد سنڌ [١].

ذڪر هيٺ آخري نمبر تذڪرو مخدوم خليل جو آهي، جنهن جو مختصر بيان هت ڪرڻو آهي. فاضل مرتب جناب سيد حسام الدين راشدي صاحب متن فارسيءَ ۾ مختصر مقدمو لکيو آهي. ڪتاب ۾ تصويرن، مختلف تحريرن ۽ فرمانن جا ڪل ٤٢ فوٽا ڏنا ويا آهن. جنهن ڪري ان جي زيب ۽ زينت ۾ اضافو ٿيو آهي. ليڪڪ هن تذڪري ۾ ٨٢ شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن تي فاضل مرتب قيمتي حاشيا لکيا آهن. ان ڪان علاوه تعليقات جي صورت ۾ پڻ بيحد قيمتي مواد جوا ضافو ڪيو ويو آهي. ايران جي هاڪاري عالم علامہ آقاي سعيد نفيسي ان ڪتاب تي مختصر تقريظ لکي آهي. جيڪا خاص هِن ايڊيشن لاءِ ڏسجي ٿي. هي تذڪره جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٨ع ۾ ڇپيو، سو ٽالپوريءَ انگريزي دور جي ادبي تاريخ لاءِ نهايت مفيد آهي.

## (٢٠) مثنوي قضا و قدر:

مير علي شير قانع جي هيءَ ٽين ذهني ڪاوش آهي، جيڪا راشدي صاحب جي توسط سان ڇپجي نروار ٿي. فاضل محقق، مير قانع جي سوانح ۾ هن مثنوي جو ذڪر، تصنيف نمبر (٣) تحت ڪيو آهي (ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون صہ ٥٤٥). مير صاحب جڏهن والي سنڌ ميان نور محمد جي درٻار ۾ "محمد آباد" ۾ هو، تڏهن هن هيءَ مثنوي نگهت شاعر جي تحرڪ تي سن ١١٢٧هه / ١٧٥٣ع ۾ لکي پوري ڪئي [٢].

---

(١) نمبر ١ ۽ ٢ لاءِ ڏسو، راشدي صاحب جو مقالو "سنڌ جي تاريخ جا بنيادي ماخذ" ۽ نمبر ٣ لاءِ ڏسو، "تاريخ ادبيات مسلمانانِ پاڪستان و هند" جلد. پنجون ص ١٠-٢٠٩. ناشر پنجاب يونيورسٽي لاهور سال ١٩٧٢ع.

(٢) ڪلهوڙن جا متعدد تخت گاهہ رهيا آهن. محققن ان ڏس ۾ پنهنجي پنهنجي راءِ ڏني آهي. "محمد آباد" موري تعلقي ۾ کنڊرن جي صورت ۾ اڄ بہ موجود آهي، جتي ميان نور محمد پاڻ بہ دفن ٿيل آهي. هيءَ شهر ١١٦٤هه ڪان ١١٦٧هه تائين، ميان صاحب جو تختگاهہ رهيو. راقم الحروف پنهنجي مقالي "ڪلهوڙن جا تخت گاهہ" ۾ ان بابت تفصيل ڏنا آهن (مهراڻ ٢-٣ / ١٩٨٣ع).

### (٢١) مثنوي محبت نامه:

هن تصنيف جو ذڪر راشدي صاحب، مير قانع جي سوانح ۾ نہ ڪيو آهي (ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون). البتہ "مقالات الشعراء" ۾ هن مثنويءَ جو ذڪر نمبر (٤١) تي موجود آهي (صفحو بيست ودو). راشدي صاحب مثنويءَ جو تعارف هن ريت ڪرايو آهي: "هن مثنويءَ ۾، مير قانع پہ بيان ڏنا آهن، هڪ "شمع ۽ پرواني" جو مطالعو، ٻيو "گل و بلبل" جو مباحثو. منڍ جي چند شعرن ۾ محبت جي معاملن ۽ عشق جي نتيجن ۾ عاشق سان گڏ معشوق کي بہ مظلوم ثابت ڪيو ويو آهي." قانع جي هيءَ چوٿين تحرير آهي، جيڪا راشدي صاحب ذريعي منظر عام تي آئي.

### (٢٢) مثنوي قصاب نامه:

هيءَ مثنوي پڻ مير قانع جي آهي، جيڪا راشدي صاحب جي سعيي سان ڇپجي نروار ٿي. مثنوي ڪهڙي سال ۾ لکي وئي، ان متعلق ڪابہ ڄاڻ ڪونهي. مٿي ذڪر ڪيل مقالي ۾، محترم حسام الدين راشدي ان جو ذڪر نمبر (٢٨) تي ڪيو آهي (ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون ص ٥٦٠). شاعر هن ذريعي ٺٽي جي هڪ ڪاسائي نوجوان جي اوچتي موت کان متاثر ٿي، قلم کاهي پنهنجي شاعراڻي پختگيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. هي نوجوان شاديءَ کان پوءِ ٻئي صبح ئي، اهڙيءَ حالت ۾ گذاري ويو، جو گهوٽ ۽ ڪنوار جي وصل جي نوبت بہ اچا ڪونہ آئي هئي.

### (٢٣) قصيدا ۽ منقبت:

هيءَ تصنيف پڻ مير قانع جي آهي، جنهن جو ذڪر راشدي صاحب، مير قانع تي لکيل مقالي ۾ نمبر (٣٩) تي ڪيو آهي (ڳالهيون ڳوٺ وٺڻ جون ص ٥٦١). فاضل محقق ان ڏس ۾ لکي ٿو تہ: "جنهن بياض ۾ 'مڪلي نامو' آهي، انهيءَ بياض جي شروع ۽ آخر ۾، مير صاحب پنهنجا قصيدا، منقبت وغيره لکيا آهن، جن جو تعداد ٢٦ کن ٿيندو. ان ۾ وڏا قصيدا ۽ طويل منقبت آهن. هڪ قصيدو 'لاميہ' ٢٦٥ شعرن جو آهي. چند رباعيون بہ آهن ۽ هڪ نامڪمل مثنوي بہ منجهس موجود آهي." شايع ڪرايل مواد ۾ ٢٧ مڪمل ۽ هڪ اڌوگابرو قصيدو آهي. هنن مان ڪجهہ قصيدا مير فتح علي خان، ميان غلام نبي ۽ ميان سرفراز جي لاءِ چيل آهن.

نمبر ٢٠ کان ٢٣ تائين، جملي مواد هڪ ڪتاب ۾، ”مثنويات و قصائد قانع“ جي عنوان سان سال ١٩٦١ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو. راشدي صاحب مٿس ٤٠ صفحن جو تفصيلي مقدمو سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. آخر ۾ مير قانع ۽ ڪلهوڙن حاڪمن جا شجرا بہ ڏنا ويا آهن. راشدي صاحب مير قانع جي مفصل سوانح لکڻ جو پڻ هتي اشارو ڏنو آهي. افسوس جو هيءُ ڪم پڻ وقت جي وهڪري ۾ لڙهي ويو ۽ منظر تي نہ اچي سگهيو!

## (٢٤) تاريخ مظهر شاهجهاني:

مغل دور ۾ (ارغون، ترخان ۽ مغل)، سنڌ جي تاريخ تي هيءُ پنجون ڪتاب، ميرڪ يوسف ١٠٤٤هہ / ١٦٣٤ع ۾ لکي پورو ڪيو. هيءُ تاريخي ڪتاب لکجڻ واري وقت کان وٺي، گمناميءَ جي حوالي ٿي ويو. ايتري تائين جي ايليٽ جهڙو باوسائل عالم بہ ان کي ڳولي نہ سگهيو. هن ڪتاب کي سنڌ جي سورهين ۽ سترهين صديءَ جو گزيٽيئر بہ سڏيو ويو آهي. محترم راشدي صاحب ايڊيٽنگ سان گڏ، مٿس ١٠٠ صفحن جو، اردو زبان ۾ قيمتي مقدمو پڻ تحرير ڪيو آهي. هي ڪتاب، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٣ع ۾ ڇپيو، تنهن جو سنڌي ترجمو پڻ ساڳئي اداري ڇاپيو آهي. جيڪو محترم نياز همايونيءَ ڪيو آهي.

## (٢٥) هشت بهشت:

عطا ٺٽوي مغل دور ۾، سنڌ جو فارسي گو شاعر ٿي گذريو آهي. هن ڪتاب ۾ عطا جون ڪل اٺ مثنويون ڏنل آهن. عطا جي هن ذهني ڪاوش مان، مغل دور جي سنڌ جي سماج متعلق چڱي معلومات ملي ٿي. راشدي صاحب، جنهن هي ڪتاب ايڊٽ ڪيو، ١٥٧ صفحن تي، سنڌيءَ ۾ معفصل مقدمو لکندي، ان دور جي سنڌ جي حالتن کي زنده جاويد ڪري ڇڏيو آهي. خود مغلن جي باهمي ڇنڊا پٽ جو پڻ مجمل ذڪر، مقدمي ذريعي ڪيو ويو آهي.هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦٣ع ۾ شايع ڪيو.

## (٢٦) منشورالوصيت و دستور الحڪومت:

هي ڪتاب واليءَ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙي سن ١١٦٣هہ / ١٧٤٩ع ۾ لکي پورو ڪيو. ميان صاحب هن وصيت نامي ذريعي، پٽن لاءِ

فڪري مواد ڇڏيو آهي. جيئن هو مستقبل ۾ سنڌ ۾ خود پنهنجي حاڪميت کي تباهه ٿيڻ کان بچائين. ڪتاب جي آئيني ۾، ميان نور محمد حاڪم سان گڏ مفڪر ۽ عالم پڻ ڏسجي ٿو. راشدي صاحب ڪتاب ايڊٽ ڪندي. ٻتيهه صفحن جو سنڌي مقدمو ڏيڻ سان گڏ، ان ۾ ڇهه تصويرون پڻ شامل ڪيون آهن. ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ لاءِ فاضل ايڊيٽر، ٨ ضميما پڻ ان ۾ ڏنا آهن. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦٤ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو عبدالرسول قادري ڪيو ۽ ان کي ڪلهوڙا سيمينار ڪميٽي ١٩٩٦ع ۾ ڇڏرو ڪيو.

## (٢٧) ترخان نامہ:

مغل دور اندر سنڌ تي لکيل تاريخي ڪتابن جي سلسلي جي هي آخري ڪڙي آهي. سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي هي ڪتاب سن ١٠٦٥هه / ١٦٥٤ع ۾ لکي پورو ڪيو. جنهن ۾ ارغونن ۽ ترخانن تي مفصل مواد ڏنو ويو آهي. راشدي صاحب مقدمو (پيش گفتار)، فارسي زبان ۾ لکيو آهي. جنهن ۾ ان دور جي تاريخي ماخذن، ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت سان گڏ، مٿس تنقيدي نگاهه وجهڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه فاضل مرتب ارغونن، ترخانن ۽ مغلن تي ١٤ مفصل نسب نامہ پڻ ترتيب ڏنا آهن، جنهن ڪري ڪتاب جي افاديت گهڻو وڌي ويل آهي. هي ڪتاب سال ١٩٦٤ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو مرزا عباس علي بيگ ڪيو ۽ بورڊ اهو سال ١٩٩٤ع ۾ ڇاپيو آهي.

## (٢٨) حديقة الاولياءُ:

سنڌي اوليائن بابت هي تذڪرو سن ١٠١٦هه / ١٦٠٧ع ۾، سيد عبدالقادر ٺٽويءَ لکيو ۽ ان کي مرزا خسرو چرڪس جي نالي معنون ڪيو. راشدي صاحب سنڌيءَ ۾ ١٠٢ صفحن تي مشتمل، هڪ مقدمو منجهس شامل ڪيو آهي، جنهن ذريعي سنڌ اندر هن موضوع تي فارسيءَ ۾ لکيل ڪل ٨٢ ڪتابن جو پتو لڳايو ويو آهي. سوانح جي موضوع تي ڪم ڪندڙن لاءِ، هي مقدمو مشعل راهه آهي. ان سان گڏ سيد عبدالقادر ۽ سندس ڪتاب متعلق تنقيدي جائزو پڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل ڏسجي ٿي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو.

## (٢٩) تذڪره شعراءِ ڪشمير:

هي تذڪرو ميرزا اصلح ١١٦١هه / ١٧٤٧ع ۾ تاليف ڪيو. جنهن ۾

اورنگزيب کان محمد شاھہ جي زماني تائين، ڪل ۳۰۵ فارسي گو شاعرن جو احوال ڏنو ويو آهي. هي شاعر ڪنهن نہ ڪنهن ريت ڪشمير سان لاڳاپيل رهيا. هي ڪتاب اقبال اڪيڊمي ڪراچي (هاڻي لاهور) سال ۱۹٦۷ع ۾، راشدي صاحب جي تصحيح ۽ حاشين سان ڇاپي پڌرو ڪيو. هن جو ٻيون ڇاپو سال ۱۹۸۳ع ۾ نڪتو آهي (۱).

## (۳۰) تذڪره شعراءِ ڪشمير (تڪملہ) جلد اول:

سيد حسام الدين راشدي هي ڪتاب تاليف ڪندي، ان متعلق لکي ٿو تہ "هي جو چوڻ آهي تہ ڏيئي مان ڏيئو روشن ٿئي ٿو! بزرگن جو هي مثل ڪهاوت نہ، پر حقيقت آهي. محمد اصلح جو، تذڪره شعراءِ ڪشمير مرتب ڪرڻ وينس تہ ان سان گڏ هڪ ٻيو مستقل ڪتاب وجود ۾ اچي ويو، جنهن جو نہ گمان هو ۽ نہ وري ڪنهن قسم جو ڪو ارادو. اصلح تي (تذڪره) ڪم ڪندي، ڪيئي اهڙا فارسي گو شاعر نظر آيا، جن جو ذڪر ليکڪ نہ ڪيو هو. خيال ٿيو تہ اهڙي مواد کي آخر ۾ ضميمي طور ڏيئي ڇڏيان، ليڪن جڏهن شاعرن جو تعداد ٽن سون کان بہ وڌيڪ ٿي ويو، تڏهن ضميمي جو خيال ڦٽو ڪري، مستقل ڪتاب جي تياريءَ جوا رادو ڪيم. چنانچہ هن وقت پڙهندڙن جي خدمت ۾ جيڪو ڪتاب حاضر آهي؛ ان کي هاڻي محمد اصلح جي تذڪري جو تڪملہ تصور ڪرڻ گهرجي."

ميرزا اصلح جو ڪتاب ايڊٽ ڪندي، فاضل مرتب تڪملہ (هي ڪتاب) پڻ ترتيب ڏيندو ويو. چنانچہ ان جو پهريون جلد سال ۱۹٦۷ع ۾، ساڳئي اداري پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. هن جلد ۾ الف کان ش تائين، ڪل ۱۲۰ شاعرن جو ذڪر ٿيو آهي. سال ۱۹۸۳ع ۾ هن جو ٻيو ايڊيشن آيو.

## (۳۱) تذڪره شعراءِ ڪشمير (تڪملہ) جلد ٻيو:

راشدي صاحب جي تاليف ڪيل تذڪره شعراءِ ڪشمير جو هيءُ ٻيو جلد آهي، جنهن ۾ ڪل ۵۴ شاعرن (۱۲۱-۱۷۴) جو احوال حرف (ص) کان حرف (غ) تائين ڏنو ويو آهي. هن جلد ۾ مرزا صائب جي ڪل ۲۷ خطي ديوانن جو پتو ڏنو ويو آهي، جيڪي يا تہ شاعر جي هٿ جا لکيل آهن يا وري سندس شاگرد عارف تبريزي انهن کي ترتيب ڏنو آهي. راشدي صاحب جن جي دعوي آهي تہ صائب جو شايد ئي ڪو خطي ديوان، هتي ذڪر ٿيڻ کان

(۱) مِرزا اصلح بابت راشدي صاحب جي تحقيق تي سيد عارف نوشاهي صاحب علمي تنقيد ڪئي آهي (مجلہ تحقيق، شعبو اردو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، نمبر ٦، سال ۱۹۹۲ع).

اوجهل رهيو هجي. ٻن شاعرن، محمد علي صائب (نمبر ١٢٤) ۽ عرفي جمال الدين شيرازي (نمبر - ١٤٩) متعلق آخر ۾ تعليقات پڻ ڏنا ويا آهن. ڪتاب جي آخر ۾ صائب جي ديوان، مزار ۽ آرام گاهہ سان گڏ، ڪي ٻيون اهم تصويرون، جن جو تعداد ٣٨ آهي. پڻ شامل ڪيل آهن. انهن مان ڪجهہ فوٽا راشدي صاحب پاڻ ڪڍيا آهن. هي جلد ساڳئي اداري ١٩٦٨ع ۾ شايع ڪيو، جنهنجو ٻيو ڇاپو سال ١٩٨٢ع ۾ منظر عام تي آندو ويو آهي.

## (٣٢) تذڪره شعراءِ ڪشمير (تڪملہ) جلد ٽيون:

راشدي صاحب هن جلد تي پيش لفظ لکندي ٻڌائي ٿو تہ "منهنجي تاليف ڪيل تذڪره شعراءِ ڪشمير جو ٽيون جلد پڙهندڙن جي خدمت ۾ پهچي رهيو آهي. هي جلد حرف (ف) کان وٺي حرف (م) تائين ڪل ٦٩ شاعرن جي ڪيفيت ۽ حالات تي آهي. فاني، فيضي، قدسي، ڪليم، گويا، ماهر ۽ منير جهڙن اهم شاعرن جي زندگي هن جلد جي زينت آهي... هن ڪتاب ۾ ٻن شاعرن - نمبر ١٢٠ (ملا شيداءِ تڪلو) ۽ نمبر ١٩٢ (ملڪ الشعراءِ فيضي) تي تعليقات پڻ ڏنا ويا آهن، جنهن سبب ڪتاب جي زينت ۾ اضافو آيو آهي. ڪتاب جو پهريون ڇاپو ١٩٦٨ع ۾، ۽ ٻيو ڇاپو ١٩٨٢ع ۾ منظر عام تي آيو.

## (٣٣) احوال و آثار ملڪ الشعراءِ ابوالفيض فيضي:

راشدي صاحب شعراءِ ڪشمير جي ٽئين جلد ۾ فيضيءَ بابت نهايت مفصل معلومات ڏني آهي. اهو سمورو مواد جداگانہ ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏئي، پاڻ سال ١٩٦٨ع ۾ مٿئين عنوان سان شايع ڪيائون.

## (٣٤) تذڪره روضة السلاطين:

عوفيءَ جي تذڪري کانپوءِ، سنڌ اندر فارسي گو شاعرن متعلق هي ٻيو تذڪرو، ٺٽگر ٺٽي ۾ سن ٩٥٨هہ / ١٥٥١ع ۾ فخري هروي نالي هڪ بسيار نويس اديب لکيو. ابتدا ۾ هي تذڪرو شاهہ حسن تڪدري جي نالي منسوب ٿيو. جڏهن ساڍن ڇئن سؤ سالن بعد هي ڪتاب دستياب ٿيو. تڏهن ان جي اصلي ليکڪ متعلق وچي حقيقت معلوم ٿي. اهي حڪمران، وزير ۽ بادشاهہ، جيڪي شاعر ٿي گذريا، تن متعلق هي تذڪرو لکيو ويو. اوائل ۾ قاضي احمد ميان اختر جهونا ڳڙهي مرحوم کي ڪتاب ايڊٽ ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو. ليڪن موت کيس هي ڪم پوري ڪرڻ جي مهلت نہ ڏني. راشدي

صاحب ڇئن نسخن جي آثار تي هي تذڪرو ايڊٽ ڪيو. ان ڪان علاوه پاڻ پنجين نسخي جو ڏس بہ ڏنو اٿن(١). هي ڪتاب ١٩٦٨ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو، جنهن جي آخر ۾ قيمتي مواد، تعليقات جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي.

## (٣٥) جواهر العجائب:

سنڌ اندر فارسي گو شاعرن تي لکيل هي ٽيون تذڪرو پڻ فخري هروي، ٺٽي ۾ ٩٦٢هہ / ١٥٥٤ع ۾ لکيو ۽ ان کي شاهہ حسن جي بيوه ۽ مرزا عيسيٰ جي زال حاجي ماه بيگم جي نالي منسوب ڪيو. راشدي صاحب جڏهن هن تذڪري جي اصليت ۽ انجي انتساب جو ذڪر ڪيو آهي، تڏهن پاڻ فخري هروي جي خوب کل لاٿي اٿس. هي ڪتاب عورت شاعرات تي لکيل آهي. سال ١٩٦٨ع ۾، قيمتي تعلبقات سان، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇاپي پڌرو ڪيو. ياد رهي تہ ان کان اڳ ۾ نولڪشور مطبع مان اهو تذڪرو بہ ڀيرا ڇپجي چڪو هو ۽ ان کان پوء شمس الله قادري صاحب پڻ سہ ماهي اردو رسالي ۾ ان کي وري شايع ڪيو هو.

## (٣٦) ديوان فخري:

ساڳئي سال ۾ راشدي صاحب، فخري هرويء جو ديوان بہ ڇاپي پڌرو ڪيو.

مٿيان ٽئي ڪتاب، هڪ ئي مجمل ڪتاب ۾ گڏ شايع ڪيا ويا آهن، مهڙ ۾ ٨٠ صفحن جو تفصيلي "مقدمو" اردو زبان ۾ لکيو ويو آهي. ساڳئي وقت ڪجهہ نسب نامہ پڻ، هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن. مقدمو پڙهندي، راشدي صاحب جي علمي وسيلن، ادبي لاڳاپن ۽ تحقيقي ڪاوش جو داد ڏيڻو پوي ٿو.

## (٣٧) تذڪره شعراءِ ڪشمير (تڪملہ) جلد چوٿون:

سال ١٩٦٨ع تائين اسان جي عالم، ڏاهي ۽ محقق جناب سيد حسام الدين راشدي صاحب، پنهنجي تاليف ڪيل "تڪملہ" جا ٽي جلد نروار ڪري چڪو هو. رٿا هيٺ چوٿون ۽ آخري جلد پڻ اچڻو هو، ليڪن ان

(١) راشدي صاحب ان کي ناقص سڏي ٿو. ياد رهي تہ هن نسخي کي اساس بنائي، ڊاڪٽر عمر خيام پور "روضة السلاطين" جو تبريز مان، سال ١٣٤٥ ش / ١٩٦٦ع ۾ هڪ ايڊيشن شايع ڪيو هو.

جي لاءِ علمي دنيا کي هڪ سال جو انتظار ڪرڻو پيو. ٽن جلدن جي اشاعت (مارچ ١٩٦٨ع) کان پوءِ، فاضل محقق ايران ويو ته ڏسجي. اتان واپس ٿيندي، پاڻ هڪدم فخري هرويءَ جي مٿي ڏنل ڪتابن کي ترتيب ڏئي ان سال ۾ ئي شايع ڪيائون. جنهن بعد "تڪمله" جي چوٿين جلد تي ڪم شروع ٿيو. هن جلد ۾ ڪل ١٣٠ شاعرن متعلق (ن-ي)، احوال ۽ مواد سهيڙيو ويو آهي. هي ايڊيشن ١٩٦٩ع ۾، اقبال اڪيڊمي شايع ڪيو. هن جلد جي سٽا هن ريت آهي:

- ١٣٠ شاعرن جو احوال (اهي ٻه جن جو ذڪر، اوائلي جلدن ۾ اچڻ کان رهجي ويو)، "تڪمله" ۽ "تتمه تڪمله" جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي.

- جلد پهرئين ۽ ٽئين ۾ آيل شاعرن جي احوال ۾ تعليقات جي صورت ۾ اضافو ڪيو ويو آهي.

- "ڪشمير در شعر فارسي"، هي مواد پنجن پاڱن ۾ ڏنو ويو آهي. ڪشمير جي سماج ۽ تاريخ لاءِ هي مواد انتهائي قيمتي آهي.

- فهرست مصادر (ڪتب آندل مواد)، ڪشمير جي متعلق ڪتابن، ٢٧ تصويرن ۽ انڊيڪس شامل ڪرڻ سان، هن تاريخي ڪم جي تڪميل جو اعلان ڪيو ويو آهي. راشدي صاحب جي "تڪمله" ۾ ڪل ٢٠٠٠ (ٻه هزار) صفحا ڏنل آهن، جنهن ۾ هيٺين ريت مواد ملي ٿو:

جلد I ، ١٢٠ شاعر
جلد II ، ٥٤ شاعر
جلد III ، ٢٩ شاعر
جلد IV ، ١٣٠ شاعر (ڪل = ٣٧٣ شاعر)

راشدي صاحب گهڻو ڪري فارسي زبان جا ڪتاب ايڊٽ ڪيا، ليڪن هي ڪتاب سندن اصلي ورڪ چئي سگهجي ٿو، تاهم ان کي تصنيف بجاءِ تاليف ۽ ترتيب سڏڻ بهتر ٿيندو. ڪتاب اٿلائڻ سان خبر پوي ٿي ته، فاضل محقق ۽ مؤرخ، هن تذڪري جي تاليف ڪندي، ڪيڏي نه جاکوڙ ڪئي آهي! ڀارت جي هاڪاري عالم مولانا سيد صباح الدين عبدالرحمان "بزم تيموريه" (ڇاپو ٻيو) ۾ هن ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت، انتهائي ايمانداريءَ سان ڇٽي

ڪئي آهي. بلاشبہ جڏهن ننڍي ڪنڊ ۾ فارسي زبان تيزيءَ سان زوال پذير آهي، تڏهن هي ڪتاب ۽ ان جو مؤلف بجا طور تي فارسي ادبي تاريخ ۾ هڪ اهم جڳهہ والاريندا.

## (٣٨) ديوان بيرم خان:

هيءُ صاحب (بيرم خان) مشهور سپہ سالار عبدالرحيم خانخانان جو والد ۽ همايون توڙي اڪبري دور جو سپہ سالار ٿي گذريو آهي. بيرم خان ڪي حج تي ويندي گجرات ۾ ٩٦٨هہ / ١٥٦١ع ۾ قتل ڪيو ويو. هيءُ صاحب فارسي ۽ ترڪي ٻولين جو شاعر پڻ هو. جيتوڻيڪ E.Denison Ross ١٩١٠ع ۾ ڪلڪتي مان بيرم خان جو ديوان ڇاپيو هو، تاهم وڌيڪ مواد دستياب ٿيڻ ڪري، ان جو نئون ايڊيشن اڻ ٽر تي پيو. راشدي صاحب فارسي ديوان جي ايڊيٽنگ ڪئي آهي. ان سان گڏ ڊاڪٽر محمد صابر ترڪي شعر ترتيب ڏنو ۽ انگريزي مقدمو ايم. ايڇ. صديقي صاحب تحرير ڪيو. هيءُ گڏيل ايڊيشن ڪراچي يونيورسٽي پاران انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ائنڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز سال ١٩٧١ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو.

## (٣٩) تحفة الڪرام (جلد ٽيون، حصو پهريون):

مير علي شير قانع، ٽن جلدن ۾، هيءُ ڪتاب ١١٨١هہ / ١٧٦٧ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو ۽ ان کي ١١٨٨هہ / ١٧٧٤ع ۾ مڪمل ڪري ورتو. آخري جلد "سنڌ" متعلق آهي، جنهن جا پڻ ٽي ڀاڱا آهن:

١- سنڌ جي تاريخ (سرفراز تائين).
٢- سنڌ جي شهرن ۽ اتي جي مشاهيرن جو احوال ۽
٣- ننگر ٺٽو، تاريخ ۽ مشاهير.

ڪتاب جا سنڌي، اردو توڙي فارسي ايڊيشن ظاهر ٿي چڪا هئا، ليڪن سنڌي ادبي بورڊ ان جي بين الاقوامي معيار تي مبني جديد تنقيدي ايڊيشن آڻڻ لاءِ، اوائل ۾ هيءُ ڪم ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم کي سونپيو. افسوس جو ڊاڪٽر صاحب زندگيءَ جي بي وفائي جي ڪري هيءُ ڪم پورو نہ ڪري سهڪيو. ان بعد راشدي صاحب تحفة الڪرام جي ايڊيٽنگ شروع ڪئي، ليڪن پاڻ بہ ان جو صرف پهريون ڀاڱو ڇاپي سگهيو. هونءَ تہ فاضل ايڊيٽر جي محنت قابل ديد آهي، ليڪن هن ايڊيشن جون ڪي اهم خوبيون بہ آهن:

- سومرن ۽ سمن تي نئون مواد سهيڙيو ويو آهي.
- سنڌ جي مغليہ فتح تي سمورو مواد يڪجاء ڪيو ويو آهي.
- شاهہ بيگ جي موت جو سال ۹۳۰هہ ڏنو ويو آهي.
- ٺٽي جي مغليہ صوبيدارن جي مڪمل لسٽ ڏني وئي آهي.
- ڪلهوڙن جي تاريخ بابت، ادبي مواد ذريعي تصديق ڪئي وئي آهي.
- نسب نامن ۽ ڪتبن ذريعي حاڪمن جي تاريخ جي ڳولا پڻ نظر اچي ٿي.
- عرب گورنرن جي مڪمل فهرست پڻ آخر ۾ ڏنل آهي (جيڪا ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ واري لسٽ کان وڌيڪ جامع آهي).

ڪتاب جي آخر ۾ ۱۲۴ تصويرن جو سيٽ پڻ ڏنو ويو آهي. جڏهن هن ايڊيشن ۽ سنڌي ڇاپي کي پيٽجي ٿو، تڏهن پوئين جي ناقص ۽ اڻ پوري هجڻ جي خبر پوي ٿي. سال ۱۹۷۱ع ۾، هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو، جنهن جي مهڙ ۾ دارا اعظم جو هي قول ڏنل آهي:

"خداوندا اين کشور را از دشمن، از خشکسالي، از دروغ محفوظ دارد."

## (۴۰) تذڪره مشايخ سيوستان:

ٻين شهرن سان گڏ، سيوهڻ بہ مغل دور ۾ هڪ اهم سياسي، سماجي ۽ علمي مرڪز هو.هتي ان دور ۾ پيدا ٿيل فارسي ادب جو اهم مثال، هيءُ تذڪره پڻ آهي، جيڪو عبدالغفور بن حيد رسيوهائي، نواب دينار خان لاء سال ۱۰۳۹هہ / ۱٦۲۹ع ۾ لکيو. هيءُ مختصر ڪتاب سيوهڻ جي صوفين تي لکيل آهي. راشدي صاحب ان کي هن ريت شايع ڪرڻ گهريو ٿي:

۱- فارسي متن
۲- سنڌي ترجمو
۳- حاشيا، مقبرن جو احوال، نقشا ۽ تصويرون

فاضل محقق ڪتاب جو فارسي متن، ٹہ ماهي "مهراڻ" ذريعي (نمبر ۳-۴ / ۱۹۷۴ع) شايع ڪيو. بعد ۾ محترم نياز همايوني، ساڳئي رسالي ۾، ان جو سنڌي ترجمو پڻ نروار ڪيو (۱). افسوس جو هن تذڪري

---

(۱) ڪجهہ ليکڪن "مهراڻ" ذريعي فارسي مخطوطن ۽ ڪتبن جي اشاعت تي ارهائي ڏيکاري آهي، ان ڏس ۾ ڪين سہ ماهي" اردو" جو مثال پڻ آڏو رکڻ ڪيي. پڪ سان اردو وارا، اسان کان وڌيڪ ٻولي پرست آهن، تاهم هو پنهنجي علمي اثاثي (پوء اهو کهڙي بہ زبان ۾ هجي) کي هميشه ساهہ سان سانديو اچن.

جو ڪتابي ايڊيشن منظر تي اچي نہ سگهيو.

## (٤١) مثنوي مهر و ماھہ:

هيءَ مثنوي سلاطين دور جي مشهور شاعر حامد بن فضل الله جمالي دهلوي (وفات ٩٤٢ھہ / ١٥٣٥ع) جي آهي. سندس ٻيا ڪتاب هن ريت آهن: سير العارفين (تذڪره)، مثنوي مراة المعاني ۽ ديوان جمالي. هن گهڻو سير سفر ڪيو، جڏهن تبريز پهتو تڏهن ڪيس گهر، مرشد ۽ وطن جي ياد ڏاڍو ستايو. اهل تبريز جي چوڻ تي هن سن ٩٠٥ھہ / ١٤٩٩ع ۾ عصار تبريزيءَ جي "مثنوي مهرو مشتري" جي طرز تي، "مثنوي مهرو ماھہ" لکي پوري ڪئي. راشدي صاحب جي ايڊيٽنگ ۽مقدمي سان، هيءَ مثنوي سال ١٩٧٤ع ۾ پاڪستان ايران انسٽيٽيوٽ آف پرشين اسٽڊيز اسلام آباد پاران شايع ٿي.

## (٤٢) رياض العارفين (جلد اول):

هي تذڪرو آفتاب راءِ لڪنوي جو آهي. ليکڪ ۽ ڪتاب متعلق اسان جي ڄاڻ محدود آهي. "تذڪره مجمع الشعراء جهانگير شاهي" (ملاقاطعي - وفات ١٠٢٣ھہ) جي فاضل مرتب جناب ڊاڪٽر محمد سليم اختر، رياض العارفين جي راشدي واري ڇاپي کي رفر ڪيو آهي. سال ١٩٧٦ع ۾، پاڪستان ايران انسٽيٽيوٽ آف پرشين اسٽڊيز اسلام آباد پاران هي ڪتاب ڇاپيو ويو (١).

## (٤٣) رياض العارفين (جلد دوم):

راشدي صاحب هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو تہ ٻيو جلد ڇاپي هيٺ هو، جو مذڪوره ادارو ايران جي نئين سرڪار بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ ڪٿي هي تذڪرو شايع ٿيو يا نہ، ان جي خبر خاوند کي (٢).

---

(١) "رياض العارفين" جو هڪ قلمي نسخو، انجمن ترقيءَ اردو ڪراچيءَ جي ذخيري ۾ (صفحا، ٥٦٢) موجود آهي (ڏسو، مخطوطات انجمن فارسي و عربي ص ٨٢، مرتب سيد سرفراز علي رضوي).

(٢) تذڪري جو ٻيون جلد ١٩٨٢ع ۾ سيد عارف نوشاهيءَ جي مقدمي سان، ساڳئي اداري شايع ڪيو آهي.

ڪن ڪندڙن "محمد صادق مينا" نالي سندن هڪ فارسي ڪتاب جو ٻه ـ و ڪنيو آهي. اصل ۾ هي هڪ طويل مقالو آهي، ان کي ڪتاب سڏڻ درست ـ ٿيندو.

مـني ذڪر ڪيل ڇاپي ذخيري کـان عـلاوه هي ڪتـاب پڻ، عـمـر جي آخري حصي ۾ محترم راشدي صاحب جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿي رهيا هئا يا وري ترتيب هيٺ هئا.

(١) مثنوي مختيار نامه از مير قانع، تصنيف ١١٩۴هه / ١٧٨٠ع
(٢) ختم السلوڪ (مثنوي)، از مير قانع، تصنيف ١١٩٩هه / ١٧٨۵ع
(٣) تاريخي قطعات از مير قانع
(۴) معيار سالڪان طريقت، تذڪرو، از مير قانع، تصنيف ١٢٠٢هه / ١٧٨٧ع
(۵) تحفة الڪرام (جلد سوم، بخش دوم)
(٦) تحفة الڪرام (جلد سوم، بخش سوم)
(٧) تاريخ رشيدي، از ميرزا حيدر دوغلات، ٩۵٣هه / ١۵۴٦ع
(٨) مثنوي مهرو ماهه، عطا ٺٽوي، تصنيف ١١١٧هه / ١٧٠۵ع
(٩) گلدسته نؤرس بهار، تاريخي دستاويز، از منشي عبدالرؤف
(١٠) انشائي عطارد، تاريخي خط ۽ دستاويز، از شيوڪ رام "عطارد"
(١١) مثنوي زيبا نگار، مُلا ضِيائي ٺٽوي، سن ١٠۵٣هه / ١٦۴٣ع
(١٢) ٽالپورن جي تاريخ
(١٣) راشدي خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون
(١۴) پير علي گوهر شاهه "اصغر" جو ڪلام
(١۵) تذڪره پوراني سادات (ڪم پورو ٿيل ڇپجي ٿو)
(١٦) تاريخ سنڌ، مغل دور، ادبي بورڊ جي رٿا جو جلد ڇهون
(١٧) تاريخ ادبيات سنڌ (ادبيات جي تاريخ برائون جي طرز تي)
(١٨) مڪليءَ جي مقبرن تي تاريخي فارسي شعر
(١٩) واقعات ڪشمير (حوالو تڪمله ڪشمير، جلد ۴، ص ١٠)
(٢٠) تعليقات مقالات (غالباً ان طرز تي، پوءِ ڪشمير جو تڪمله تيار ٿيو)

### (٣) اسان جون جوابداريون

سنڌ جو مـايـهءِ نـاز اديب، محـقق، دانـشور، مؤرخ ۽ عـالـم محـتـرم پير حسام الدين راشدي صاحب جيتوڻيڪ هاڻي هن دنيا ۾ نـه رهيو آهي، ليڪن سندن ڇڏيل ادبي اثاثو، علم ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتون ۽ تازو توانو فن ۽

فڪر اسان وٽ رهندي دنيا تائين موجود رهندا. اسان سڀ جيڪي سندن عقيدتمند، پوئلڳ ۽ شاگرد سڏايون ٿا ۽ سندن لاڳاپي تي فخر محسوس ڪريون ٿا، تن جو ۽ انهن سيني ادارن جو، جيڪي سندن سرپرستيءَ ۾ وڌيا ۽ ويجهيا، مڙني جو فرض آهي تہ پاڻ جيڪي ڪم اڌورا ڇڏي ويا آهن، تن جو پورائو ڪريون. ان ڏس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنهن حد تائين هيٺيون ڳالهيون آڏو رکڻ ضروري آهن.

(١) راشدي صاحب سنڌ جي ادبي تاريخ جي اها قابل فخر هستي آهي، جنهن جون علمي ۽ ادبي خدمتون لافاني، يادگار ۽ اڻ مٽ آهي. مناسب آهي تہ سندن جامع ۽ مڪمل سوانح جلدي لکجي ۽ ڇپجي، تہ جيئن آئيندہ نسلن جي رهبري ٿئي. سردست ان ڏس ۾، سندن "مختصر سوانح" ئي ترتيب ڏجي تڏهن بہ بهتر ٿيندو. افسوس جو هيل تائين سنڌ جي ڪنهن بہ عالم يا اديب جي ڪا سوانح نہ لکي ويئي آهي.

(٢) راشدي صاحب جي ذاتي ڪتبخاني ۾، سنڌ تي جيڪي فارسي مخطوطا هئا، تن جو مفصل ڪيٽالاگ تيار ڪري شايع ڪجي، تہ جيئن رسرچ ڪندڙن جي رهبري ٿي سگهي. سندن حياتيءَ ۾ اهڙو ڪيٽالاگ ڊاڪٽر روشن آرا بيگم تيار ڪيو هو، جيڪو غالباً ڇپجي نہ سگهيو آهي. هي ڪم ڪرڻ لاءِ اسان ڪي پنجاب يونيورسٽيءَ پاران، مختلف عالمن جي مخطوطن تي تيار ڪيل فهرستن تان پڻ رهنمائي وٺڻ گهرجي.

(٣) راشدي صاحب جا جيڪي تيار ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب باقي آهن، تن جي ڇپائيءَ جو جلد از جلد بندوبست ڪرڻ گهرجي.

(٤) اهي ڪتاب، جيڪي اسان جي هن عالم وٽ ترتيب ۽ تياريءَ هيٺ هئا، ليڪن زندگيءَ جي بي وفائي ڪري انهن جو ڪم اڌورو رهجي ويو، جلد از جلد مختلف عالمن جي حوالي ڪري قابل اشاعت بنايا وڃن، تہ جيئن سندن رهيل ادبي مشن جو پورائو ٿي سگهي.

(٥) مناسب تہ ائين آهي تہ هنن سيني ڪمن جي پورائي لاءِ "راشدي اڪيڊمي" ناهجي، جتي نہ رڳو سندن لائبريري محفوظ ڪجي، بلڪ سندن ذاتي استعمال جي شين کي پڻ محفوظ ڪيو وڃي.

(٦) هنن سيني ڳالهين جي پورائيءَ لاءِ راشدي صاحب جي ڀائٽي محترم حسين شاهہ راشدي کي پڻ سرگرم ٿيڻ گهرجي.

راشدي صاحب سان راقم الحروف جو ويجهو لاڳاپو صرف هڪ سال جو رهيو. ان مختصر مدت ۾ وٽانئن محبت ۽ پيار ته مليو، ته خلوص ۽ صداقت به. ساڳئي وقت ان ٿوري عرصي ۾ جيڪو ادبي، علمي ۽ تاريخي ذوق، ڏانءُ ۽ فيض هتان حاصل ٿيو، سو ڪنهن ٻئي در تان شايد سڄي ڄمار به نصيب نه ٿئي ها. مٿي جيڪي ڪجهه لکيو اٿم، سو هن لاثاني عالم جي محبت، من ۾ پائي لکيو اٿم، ٻيءَ صورت ۾ منهنجي ڇا مجال آهي، جو ايڏي وڏي عالم، محقق ۽ دانشور تي آءٌ ڪجهه لکڻ جي دعوا ڪريان! بهرحال جيڪي رندا روڙيا اٿم، اهي ان لاءِ ته:

ڏِني جادمَ جڪري، ڇتِ نہ ٻيا ڇڙهن،
تہ ڪي ڳوهہ ڳجن، جه سَرَ لَيي سَيرو؟

(شاھ)

(سه ماهي "مهراڻ" نمبر ١، سال ١٩٨٣ع جي "راشدي نمبر" تان کنيل).

# ڪتاب "سنڌي ادب" اشاعت جو سال ۽ اهميت

سيد حسام الدين راشدي (١٩١١ - ١٩٨٢ع)، سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ جو هڪ لازوال ڪردار آهي. راشدي صاحب جا سنڌ جي سياسي تاريخ، علم ۽ ادب تي ڪيئي احسان آهن. هن بزرگ ٽن ٻولين فارسي، اردو ۽ سنڌي ۾ تصنيف ۽ تاليف جا ڪيئي جلد ۽ گڏوگڏ سوين تحقيقي مقالا ۽ مضمون ڇڏيا آهن؛ جيڪي رهندي دنيا تائين، سنڌ جي سلسلي ۾ حوالي ۽ سند طور ڪم ايندا رهندا.

سيد صاحب پنهنجي لکڻين جي ابتدا شعر و شاعريءَ سان ڪئي. ليڪن ادب جو هي ميدان ڪين راس نه آيو ۽ ستت ئي صحافتي دنيا اختيار ڪندي، نثر نويسيءَ طرف مائل ٿيو. سن ١٩٣٠ع کان سال ١٩٥٢ع تائين؛ مرحوم پير صاحب جيڪو ڪجهه لکيو ۽ شايع ڪيو، ان کي اسين سندن ادبي زندگيءَ جو ابتدائي دور سڏي سگهون ٿا. ان بعد پاڻ باقاعده علمي ۽ تحقيقي ميدان تي نمودار ٿيا ۽ لاڳيتو ٽيهه سال سنڌ جي تاريخ ۽ ادبي اتهاس تي ڪم ڪري؛ ڪيئي ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ماڻيائون.

هيل تائين مليل معلومات جي آڌار تي، هي چئي سگهجي ٿو ته، پير صاحب پنهنجي ان ادبي زندگيءَ جي ابتدا ۾، مضمونن ۽ مقالن کان علاوه جيڪو ادبي اثاثو ڇڏيو آهي؛ ان کي هن ريت ڇنو ڪري سگهجي ٿو.

(١) فڪشن: راشدي صاحب جڏهن ١٩٣٠ع ڌاري سکر پهتو، تڏهن اردو رسالي "ساقي" (هي پرچو شاهد احمد دهلوي، سال ١٩٢٨ع ۾ جاري ڪيو)، جي اثر هيٺ فڪشن نويس پڻ بنيو. پنج افسانه ۽ هڪ ناولٽ سندن قلم مان نڪتا، جن جا ڪيئي منتشر ايڊيشن ڇپيل آهن.

(٢) اسلامي ڪتبخانه: هي مختصر ڪتابڙو سال ١٩٣٩ع ۾، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي ڇاپيو هو.

(٣) سنڌي ادب: هي سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، اردو زبان ۾ تحرير ٿي ۽ پاڪستان پبليڪيشنز ڪراچي ان کي شايع ڪيو. اهو ڪو پيپر هن ڪتاب

جي اهميت ۽ اشاعت جي سال متعلق آهي (١).

سنڌي ادب جي اشاعت بعد، اسان جو هي محترم عالم، ڪجهه سالن لاءِ پس منظر ۾ ڏسجي ٿو. سال ١٩٥٦ع کان سال ١٩٨٢ع تائين، راشدي صاحب جو ٻيو ادبي دور چيو وڃي ٿو. ان دوران سنڌ جي هن مهان عالم، تخليق ۽ تحقيق جا ڪيئي جلد شايع ڪيا.

## اشاعت جو سال:

پير صاحب جي ڪتاب "سنڌي ادب" تي تحرير ۾ اچڻ يا اشاعت جو سال يا تاريخ وغيره درج ٿيل ڪانهي، انڪري هي چوڻ ته ڪتاب "سنڌي ادب"فلاڻي سال ۾ لکيو ويو يا هن سال ۾ ڇپجي منظر تي آيو، ڏاڍو ڏکيو آهي. راقم الحروف هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، سال ١٩٨١ع ۾ ڇپيو ۽ هي انومان ڏيکاريو هو ته "سنڌي ادب" سال ١٩٥١ع ۾ ڇپيو هو (سنڌي ڇاپو، ص ٢). ليڪن ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته "سنڌي ادب" ورندي سال يعني ١٩٥٢ع ڌاري، تحرير تي نمودار ٿيو. ليڪ هن سوال جي ممڪن جواب ڳولڻ لاءِ، ڪتاب اندر ڪي اشارا ۽ اهڃاڻ پڻ ڇڏيا آهن، جن ڏي نه ته محققن جو ڌيان ويو آهي ۽ نه وري ان وقت خود مون به ان مسئلي طرف توجه ڏنو هو. بعد ۾ جڏهن "سنڌي ادب" اصلي صورت ۾ ماهنامه "اظهار" (اپريل - مئي ١٩٨٣ع) ۾ ڇپيو، تڏهن ان جي مدير مون واري سال يعني ١٩٥١ع کي قبول ڪندي، ستين باب جو عنوان ڦيرائي موڙگو هن ريت رکيو،

موجوده پاڪستاني دور

(١٩٤٧ع کان ١٩٥١ع تائين)

(ڏسو "اظهار"، صه ٩١).

جڏهن ته هن باب جي اصلي صورت هيءَ هئي:

موجوده پاڪستاني دور

١٩٤٧ع کان اڄ تائين

(ڏسو سنڌي ادب اڙدو، ڇاپو پهريون، ص ١٠٢)

---

(١) ملا محب علي سنڌي - سندن اردو مقالو ١٩٥٠ع ۾ ڇپيو. ڪجهه لکندڙن ان کي به ڪتاب سڏيو آهي جو درست ڪونهي.

هاڻي اچو ته فاضل مورخ جي ڄاڻايل ڪجهه نقطن کي ذهن ۾ رکي، مذڪوره سوال جو جواب ڳوليون. راشدي صاحب "سنڌي ادب" ۾ (جڏهن ڪتاب لکجي رهيو هو)، ان وقت نڪرندڙ رسالن بابت لکي ٿو ته؛ ادبي ۽ علمي رسالا ڪجهه ته پراڻا آهن ۽ ڪي نوان نڪتا آهن، پر سڀ نيڪ هلي رهيا آهن؛ جيئن ته- "توحيد"، "نئين زندگي"، "فردوس" هالا، "سارنگ"، "قليچ"، "پره ڦٽي"، "اسان جي منزل" ۽ "مبلغ" وغيره (سنڌي ڇاپو، صه ١٥٤).

هاڻي ڏسڻو هي آهي ته، هي رسالا ڪهڙن سالن ۾ جاري ٿيا؟ "توحيد" ورهاڱي کان اڳ جو رسالو هو. "نئين زندگي" سال ١٩٤٨ع ۾، ۽ "مبلغ"، "پره ڦٽي" توڙي "فردوس" هالا سال ١٩٥٠ع ۾ جاري ٿيا. باقي ٽي رسالا - سارنگ، قليچ ۽ اسانجي منزل - محترم الهه رکيي ٻٽ جي تحقيق موجب، سال ١٩٥٢ع ۾ جاري ٿيا (سنڌي رسالن جي تاريخ، ص ٧٩، ٨٠ ۽ ١٠٧).

قيام پاڪستان بعد، ڪيئي هندو اديب ڀارت لڏي ويا ۽ عارضي وقت لاءِ، سنڌي پريس به جهڙوڪر بيڪار ٿي پئي. بهرحال آهستي آهستي سنڌي ادبين ۽ عالمن پاڻ سنڀاليو ۽ هڪ ڀيرو وري سنڌي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم شروع ٿي ويو. ڏسندي ڏسندي هر صنف ۾ ڪيئي ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا. راشدي صاحب پاڪستان ٺهڻ کان ڪري، "سنڌي ادب"، جي ڇپجڻ (يا لکجڻ) تائين - واري دور ۾، ڇپيل ڪجهه سنڌي علمي ۽ ادبي ڪتابن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته؛ هنن ڪجهه سالن ۾ ڪيئي نوس قسم جا تحقيقي ۽ تاريخي ڪتاب به ڇپيا آهن. مثلا "ٻيلاين جا ٻول" ليکڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "سڳنڌ" ليکڪ سيد عبدالحسين شاهه موسوي، "ڪڇ ۽ ڪٿوري" ليکڪ شيخ، "وينجهار" ليکڪ عبدالڪريم سنديلو، "ڪچ ڪوڏيون" سيد موسوي، "تذڪره لطفي" مصنف لطف الله بدوي ۽ "لطف اللطيف" مولانا دين محمد صاحب "وفائي" (سنڌي ادب، سنڌي ڇاپو، صه ١٥٤).

هنن ڪتابن مان- "لطف اللطيف"، "ڪڇ ۽ ڪٿوري" ۽ "ڪچ ڪوڏيون" سال ١٩٥٠ع ۾ ظاهر ٿيا (ڪڇ ۽ ڪٿوري، ع. ق. شيخ جو ڪتاب آهي). ساڳئي سال ۾ عبدالحسين شاهه موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسيءَ جي گڏيل

ڪوشش سان "سگنڌ" ڪتاب جو پهريون ڀاڱو نروار ٿيو. ان سال ۾ ئي، هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو پڻ منظر تي آيو. "ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي" ۾ هن ڪتاب جي پهرين اشاعت سال ۱۹۵۳ع درج ٿيل آهي (ص ۳۵۰، سال ۱۹۷٦ع)، جيڪو دراصل ڪتاب جو ٻيون ڇاپو آهي. ان بعد "وينجهار" ۽ "ٻيلاين جا ٻول"، سال ۱۹۵۱ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا.

ان بعد راشدي صاحب "تذڪره لطفي" جو نالو کنيو آهي. پروفيسر لطف الله بدويءَ جو هي مثالي تحقيقي ڪارنامو، ٽن جلدن تي پکڙيل آهي، جيڪي لالسنگ اجواڻيءَ موجب، باالترتيب - سال ۱۹۴۳ع ۾، ۱۹۴٦ع ۾، ۽ ۱۹۵۳ع ۾ ڇپيا هئا (سنڌي ادب جي تاريخ، انگريزي؛ ص ۲۱۳، ڪراچي ۱۹۸۴ع). ان ڏس ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي وارا ڏنل سال درست ڪونهن.

"تذڪره لطفي" وارو، راشدي صاحب جو اشارو، قدري مبهم آهي. هاڻي سوال آهي ته، ليڪ "تذڪره" جي ڪهڙي جلد ڏي، هي اشارو ڪيو آهي؟ جيئن هاڻي ذڪر ٿيو، بدوي مرحوم پنهنجي ڪتاب جا ٻه جلد، پاڪستان کان اڳ ڇپيا هئا، ۽ ٽيون جلد بعد ۾ شايع ٿيو؛ ان ڪري قوي گمان آهي ته راشدي صاحب "سنڌي ادب" ۾ تذڪره جو جيڪو نالو کنيو آهي. اهو ان جو ٽيون جلد تي سگهي ٿو.

جيڪڏهن صورت حال ائين آهي ته، پوءِ هاڻي ڏسڻو هي آهي ته، "تذڪره لطفي" جلد ٽيون ڪهڙي سال ۾ نمودار ٿيو؟ عام تاثر هي آهي ته هي جلد، سال ۱۹۵۳ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو، جيئن هاڻي مٿي ذڪر ٿيو آهي (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ص ٦، ڇاپو ٻيو، ۾ سال ۱۹۵۵ع لکيو آهي؛ جيڪو غلط آهي). اسان جو رايو آهي ته، مرحوم بدوي صاحب جو هي جلد، سال ۱۹۵۲ع ۾ مارڪيٽ ۾ پهچي چڪو هو. ان ڏس ۾ هي نقطا ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

(۱) "تذڪره" جو جلد ٽيون ورهاڱي کان ڪيئي سال اڳ (۲٦ نومبر، ۱۹۴۳ع)، لکجي چڪو هو، مگر ناشر نه ملڻ ڪري هي حصو پاڪستان بعد وڃي ظاهر ٿيو.

(٢) هن جلد جو پيش لفظ سال ١٩٥٢ع ۾ (پهرين آڪٽوبر)، ان جي شايع ٿيڻ وقت، مرحوم محبوب علي چنا صاحب لکيو.

(٣) هي جلد ناشر پاران سال ٥٣ - ١٩٥٢ع جي اشاعتي اسڪيم هيٺ ظاهر ٿيو ۽ گمان غالب آهي ته، ڪتاب جي تمام گهٽي گهرج کي ڏسي، ناشر پاران ان جي ڇپائي تيزيءَ سان ٿي ۽ "تذڪره" جو ٽيون جلد، سال ١٩٥٢ع ۾، ٿي ڇپجي ظاهر ٿيو. ان متعلق تصديق لاءِ هن جلد جو پهريون ڇاپو (خاص ڪري سرورق) ڏسڻ گهرجي.

هاڻي اچو ته "سنڌي ادب" جي اشاعت واري سال جي کوجنا ڪيون. صحيح جواب ڳولڻ لاءِ، هي نقطا ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

(١) "سنڌي ادب" ۾ جن رسالن جو ذڪر ٿيو آهي، انهن ۾ نوان پرچا هئا - سارنگ، قليچ ۽ اسان جي منزل - جيڪي سال ١٩٥٢ع ۾ نڪتا.

(٢) "سنڌي ادب" ۾ تذڪري جي ٽئين جلد ڏي اشارو آهي، جيڪو پڻ سال ١٩٥٢ع ۾ ظاهر ٿيو (جيڪي صاحب سال ١٩٥٣ع لکن ٿا، انهن کي به غلط نه ٿو سڏي سگهجي).

(٣) ان کان علاوه هڪ اهم ڪتاب "ياد رفتگان" جو ذڪر به راشدي صاحب جي "سنڌي ادب" ۾ ڪونهي، ان ڪري چئبو ته هي ڪتاب "سنڌي ادب" کان پوءِ ڇپيو هو. ياد رهي ته "ياد رفتگان" سال ١٩٥٣ع ۾ ظاهر ٿيو هو.

ان ڪري اسان جو رايو آهي ته، مرحوم راشدي صاحب جو هي ابتدائي ڪتاب "سنڌي ادب"، سال ١٩٥٢ع ۾ ڇپيو هو.

ان کان اڳ جو اسين هن ڪتاب جي اهميت تي ڪجهه لکون، بهتر آهي ته "سنڌي ادب" جو، سنڌ جي ادبي تاريخ جي ماخذن ۾، تاريخي قدامت ۽ حيثيت به ڏسي وٺون.

(١) سنڌي شعر: جهڙي ريت مرزا قليچ بيگ مرحوم کي، سنڌي نثر جي ڪيٺي صنفن جو باني مڃيو ويو آهي، ٺيڪ ان ريت سنڌ جي هن عالم سي کان اول سنڌي ادبي تاريخ تي پڻ قلم کنيو ۽ سال ١٩١٤ع ۾ "سنڌي شعر" جي نالي سان هڪ مختصر ڪتابڙو پڌرو ڪيائين.

(٢) تاريخ شعراء سنڌ: هن موضوع تي هي ٻيو مختصر ڪتاب سال ١٩٣٠ع ۾، فقير هدايت علي تارڪ لکيو، جنهن جو اردو ايڊيشن سال ١٩٤٥ع ۾ ڇپيو.

(٣) سنڌجي ادبي تاريخ: هي ڪتاب ٻن جلدن ۾، مرحوم محمد صديق ميمڻ سال ١٩٣٧ع ۽ ١٩٥١ع ۾ ڇاپيو. سنڌ جي ادبي تاريخ تي هي هڪ بنيادي ۽ مستند ماخذ مڃيو ويو آهي.

(٤) تذڪره لطفي: هي سنڌ جي شعر جي تاريخ آهي، جيڪا ورهاڱي کان اڳ لکجي تيار ٿي. هي ڪتاب ٽن جلدن ۾، سال ١٩٤٣ع، ١٩٤٦ع، ۽ ١٩٥٢ع ۾ مرحوم لطف الله بدوي شايع ڪيو.

برٽش راڄ ۾، سنڌي ادب متعلق هي چار بنيادي ڪتاب تيار ٿيا. سال ١٩٤٧ع ۾ سنڌي ادب جو نئون دور شروع ٿيو. پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌي ادبي تاريخ تي، سڀ کان اول سيد حسام الدين راشدي اردو زبان ۾ ”سنڌي ادب“ نالي ڪتاب تيار ڪيو، جيڪو سال ١٩٥٢ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

## ڪتاب جي اهميت:

متي آيل تقابلي مان ”سنڌي ادب“ جي اهميت قدري چٽي ٿئي ٿي. فقير نجفي، مرزا صاحب توڙي مرحوم لطف الله جا ڪتاب، شعر جي تاريخ متعلق آهن. البت صديق ميمڻ جو ڪتاب نثر توڙي شعر جو احاطو ڪري ٿو، جنهن ۾ جوٺيجي صاحب جي چوڻ موجب ڪل ٦٥ اديبن ۽ شاعرن جو ذڪر ٿيو آهي. جيتوڻيڪ ميمڻ صاحب جي ڪتاب جو عنوان چٽو ڪونهي، تاهم ان کي پنهنجي ادبي تاريخ جي ماخذن ۾، هڪ بنيادي ڪتاب جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾، هتان جي ادب جي مختلف دورن کي ٻن مکيه زمانن، ارغونن کان ڪري ميرن تائين، ۽ برطانوي حڪومتن تحت ورهائي پيش ڪيو ويو آهي. ان ڪري چئبو ته، مرحوم ميمڻ صاحب آڏو، سنڌي ادب جي تاريخ جو ڪو واضح خاڪو موجود نه هو.

ان بعد جڏهن هڪ ادبي تاريخ جي حيثت ۾، اسين ”سنڌي ادب“ جو جائزو وٺندا سين، تڏهن ان ۾ قدري وڏيڪ خوبيون ڏسڻ ۾ اينديون. راشدي صاحب پهريون ڀيرو هڪ ادبي مؤرخ جي حيثيت ۾، سنڌي ادب جي تاريخ

جو هڪ تاجي پيٽو تشڪيل ڏنو آهي. اڳين مؤرخن وانگر ڪتاب جي عنوان کي پيچيده (جيئن سنڌ جي ادبي تاريخ يا سنڌجي شعر جي تاريخ) نـہ، پر تمام سهڻي نموني چٽو رکيو ويو آهي. "سنڌي ادب" يعني سنڌي ادب جي تاريخ. هن ڪتاب جو سٽاءُ هن ريت ٿيل آهي.

باب پهريون: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ،
باب ٻيون: سنڌي ٻوليءَ جو ادب،
باب ٽيون: ارغون، ترخان ۽ مغل دور جو ادب،
باب چوٿون: ڪلهوڙن جي دور جو سنڌي ادب،
باب پنجون: ٽالپوري دور جو سنڌي ادب،
باب ڇهون: برطانوي دور جو ادب،
باب ستون: موجوده پاڪستاني دور، ۽
باب اٺون: سنڌي شاعريءَ جون صنفون.

مٿين فهرست ڏيکاري ٿي تہ، فاضل مؤرخ جي ذهن ۾، سنڌي ادب ۽ زبان جي تاريخ جو هڪ واضح نقشو موجود هو: جنهن کي سياسي دورن ۾ ورهائي مختلف بابن ۾، پهريون ڀيرو نمايان ڪيو ويو آهي. راشدي صاحب جي هن ڪتاب ۾، متعدد خاميون پڻ موجود آهن. جن لاءِ ليکڪ کي نہ پر، مواد جي قلت کي ذميدار ڪري سگهجي ٿو. ان جي باوجود بہ، پوءِ جي ادبي تذڪره نگارن ۽ مؤرخن لاءِ: هي ڪتاب بيحد ڪارائتو ثابت ٿيو ۽ فاضل مؤرخ کان ڇيڪي غلطيون سرزد ٿيون: پونين ليکڪن اکيون ٻوٽي، انهن کي بہ مستند سمجهي پنهنجي ڪتب آندو آهي. پير صاحب قاضي قادن جي دور جي تعين، مغل دور جي مقرري، شاه عنايت، ميين عيسيٰ ۽ ابوالحسن جي وفات، متعلق جا ڄاڻ ڏني آهي: سا تازين کوجنائن جي آڌار تي غلط سمجهي وئي آهي. پير صاحب جو گهڻو مدار، "تذڪره" لطفي تي آهي. پر پيشڪش بلڪل نئين طرح جي ڏسجي ٿي.

"سنڌي ادب" جي اهميت سمجهڻ لاءِ، هي نقطا ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

(۱) هي ڪتاب اردو زبان ۾ لکيو ويو، تہ جيئن نو وارد هندستاني مسلمان پڻ، سنڌي ادب متعلق مناسب ڄاڻ حاصل ڪري سگهن. هي ڪتاب

پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي پاران شايع ٿيو. ان طرح هن رٿا تحت پاڪستان جي ٻين مقامي ٻولين جي ادب متعلق، پڻ ڪجهه ڪتاب شايع ٿيا هئا. هن ڪتاب جي اشاعت، هند - سنڌ توڙي ماسڪو ۽ يورپ ۾، سنڌي ادب جي اڀياس لاءِ نيون راهون هموار ڪيون، ڇو تہ هي ڪتاب اردو زبان ۾ هو ۽ ٻيو تہ هن ۾ سنڌي ادب جو هڪ ڀيرائتو، سنجيدو ۽ سلسليوار خاڪو ڏنل هو.ان ڪري هي ڪتاب سنڌ کان ٻاهر پڻ مقبول عام ٿيو.

(٢) ڪتاب جي اهميت جي پيش نظر ان جو روسي ترجمو شايع ٿيو. هي ترجمو مس ييگوروا رئيسہ (Miss Yegorova Raissa) ڪيو هو ۽ شايد سال ١٩٦٣ع ڌاري ان کي:

USSR Academy of Sciences:
Institute of The Peoples of Asia

نالي اداري شايع ڪيو. هن ترجمي جي اشاعت روس ۽ يورپ ۾، سنڌي زبان ۽ ادب جي وڌيڪ مطالعي لاءِ هڪ راه هموار ڪئي.

(٣) آنجهاني لالسنگ اجواڻي پنهنجي ڪتاب "هسٽري آف سنڌي لٽريچر" (سال ١٩٧٠ع، دهلي) ۾، "سنڌي ادب" تان ڪيئي حوالا کنيا ۽ ان کي بروشر سڏيو.

(٤) الهہ بخش نظاماڻي "لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ" تيار ڪندي، سنڌي ادب کان تمام گهڻي مدد ورتي آهي. هي ڪتاب سال ١٩٧١ع ۾ سنڌالاجي ڇاپيو آهي.

(٥) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سال ١٩٧٢ع ۾ "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" شايع ڪيو. ويهن سالن ۾ (سنڌي ادب، ڪانپوء)، سنڌ ۾ اسان جي ادبَ تي، هي پهريون ڪتاب شايع ٿيو آهي. ميمڻ صاحب جو هي مقبول عام ڪتاب، سواءِ جزوي ڦيرڦار ۽ اهم اضافن جي راشدي صاحب جي ڪتاب جو جهڙوڪر، وڌايل ۽ سڌاريل ايڊيشن پيو ڏسجي.

(٦) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سال ١٩٧٣ع ۾ "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" شايع ڪئي آهي. پنهنجي ڪتاب جي ص ٢، تي هن صاحب "سنڌي ادب" جو، هڪ اهم ادبي ماخذ طور ذڪر ڪيو آهي.

(٧) ڊاڪٽر اينمري شمل مشهور جرمن اسڪالر، سال ١٩٧٤ع ۾

"سنڌي لٽريچر" نالي مختصر ڪتاب ڇپيو آهي. جيئن ته ڊاڪٽر شمل آڏو اصلي ادبي ذخيرو گهٽ هو؛ انڪري پاڻ پنهنجي ڪتاب لاءِ "سنڌي ادب" تان سوين حوالا ڪنيا اٿس.

(٨) "سنڌي ادب" جي افاديت کي ڏسي ڪري، راقم الحروف ان جو سنڌي ترجمو، مفصل مقدمي ۽ وضاحتي حاشين سان تيار ڪيو. هي ايڊيشن غلام علي الاناءِ، سال ١٩٨١ع ۾، گرامي پبليڪيشن دولت پور صفن پاران شايع ڪيو.

مٿين نڪتن کي ذهن ۾ آڻڻ سان، راشدي صاحب جي "سنڌي ادب" جي اهميت چڱيءَ طرح نروار ٿي بيهي ٿي. هڪ طرف اردو زبان ۾ لکيل هجڻ ڪري، نووارد هندستانين لاءِ "سنڌي ادب" بيحد ڪارائتو ڪتاب ثابت ٿيو؛ ته ٻئي طرف هي بروشر پوءِ جي دور ۾، سنڌي ادبي تاريخ جو تمام مکيه، اهم ۽ هڪ ضروري بنيادي ماخذ ثابت ٿيو آهي.

## ڪتب آندل مواد


١- سيد حسام الدين راشدي؛ "سنڌي ادب" مختلف ايڊيشن.
٢- لالسنگ اجواڻي "هسٽري آف سنڌي لٽريچر" سال ١٩٨٤ع ڪراچي.
٣- ڊاڪٽر غلام علي الانا؛ "ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي" سنڌالاجي سال ١٩٧٦ع.
٤- الهه رکيو ٻٽ؛ "سنڌي رسالن جي تاريخ" حيدرآباد سال ١٩٨١ع.
٥- لطف الله بدوي؛ "تذڪره لطفي" جلد ٽيون، سال ٥٣ - ١٩٥٢ع آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس حيدرآباد سنڌ.
٦- راقم ڏي جناب رشيد ڀٽيءَ جو خط، لکيل ٢٩ اپريل ١٩٨٤ع، سکر سنڌ.


(رسالو "سنڌي ادب" جلد ٩، سال ١٩٨٦ع ۾ ڇپيل. ساڳيو مقالو، ساڳئي رسالي جي جلد ١٠، سال ١٩٨٧ع ۾ به ڇپيو).

# سيد حسام الدين راشدي مرحوم
# جو
# منتشر ادبي ذخيرو

سيد حسام الدين راشدي مرحوم ويهين صديءَ ۾ سنڌ اندر هڪ مشهور محقق، برک عالم ۽ وڏو تاريخدان ٿي گذريو آهي. پاڻ پنهنجي قلمي زندگيءَ جي شروعات، سکر مان نڪرندڙ "سنڌ زميندار" اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڪيائون. ويهارو ورهيه ڪن مختلف اخبارن جي ادارت ڪندي، سنڌ جي صحافتي تاريخ ۾ نالو روشن ڪيائون. ان دوران ادبي دنيا ۾ هڪ افسانہ نگار جي حيثيت ۾ قدم رکي، راشدي صاحب ڪجهہ افسانا پڻ تحرير ڪيا. سال ١٩٣٩ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي طرفان "اسلامي ڪتبخانا" • شايع ڪري، هي بزرگ هتان جي علمي دنيا ۾ پڻ نمودار ٿيو. اسان جي هن نامور محقق ۽ عالم، پاڪستان ٺهڻ بعد صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ساهتي ورثي بابت ڪم ڪيو. سندن تحقيقي ڪم بين الاقوامي معيار جو آهي. ان ڏس ۾ سندن ڪيل خدمتن جو دائرو ملڪي سطح تي سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، مجلس ترقي ادب لاهور، انجمن ترقي اردو پاڪستان، اردو لغت بورڊ ڪراچي، اقبال اڪيڊمي، پاڪستان رسرچ سوسائٽي لاهور، مرڪزي اردو بورڊ لاهور ۽ مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان، تائين پکڙيل آهي. سندن چاليهہ ڪتاب فارسي، سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ ملن ٿا. ان کان علاوه سنڌيءَ ۾ سندن ٽيتاليهہ مضمون ۽ مقالا بہ ڪتابي شڪل ۾ ڇپيل آهن، جي محترم نفيس احمد شيخ، پير صاحب جي خواهش تي، ورهين جا ورهيہ محنت ڪري هِتان هُتان چونڊي ڇپوٽي گڏ ڪيا هئا. راقم سندن ادبي اثاثي جو جائزو اڳ ئي پيش ڪري چڪو آهي (مهراڻ، ١ / ١٩٨٣ع). سنڌ جي هن هاڪاري عالم سن ١٩٨٢ع

---

• هي ڪتابڙو، مهراڻ رسالي ۾ (٢-١٩٨٤ع) ۾ اصل صورت ۾ ڇاپي محفوظ ڪيو ويو آهي.

۾ وفات ڪئي. ان بعد نہ تہ راشدي صاحب جي ڇڏيل ادبي ورثي بابت ڪو ڪم ٿيو آهي ۽ نہ وري سندن ادبي سوانح بابت ڪا تحقيق ٿي آهي. هن مضمون جو ليکڪ ڳڌريل ستن سالن کان، سيد صاحب جي اهڙي ڇپيل يا اڻ ڇپيل مواد جي ڳولا، اپياس ۽ اشاعت ۾ دلچسپي وٺندو رهيو آهي، جو جدا جدا رسالن ۾ يا وري سندن ذاتي ذخيري ۾ منتشر صورت ۾ موجود آهي. اهڙي مواد کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ترتيب ڏئي ڇاپڻ، سنڌ جي سياسي توڙي ساهتي تاريخ لاء وڏي اهميت رکي ٿو. جيئن تہ سنڌ جي هن محقق جي اشاعتي سلسلي جو دائرو سنڌ کان ڪري اسلام آباد تائين ۽ اعظم ڳڙهہ کان وٺي اصفهان تائين پکڙيل آهي، ان ڪري سندن ٽڙيل پکڙيل تحريرن بابت پوري ڄاڻ حاصل ڪرڻ ناممڪن نہ، تڏهن بہ هڪ ڏکيو مسئلو ضرور آهي. بهرحال راقم کي هيل تائين جا ڄاڻ ملي آهي، ان کي هت سموهي پيش ڪجي ٿو.

سکر ۾ رهڻ دوران صحافت سان گڏ سيد حسام الدين راشدي مرحوم افسانوي ادب ۾ پڻ دلچسپي ورتي. ان دور ۾ پاڻ "سيد فدائي الراشدي" ۽ "فدائي البهمنوي" جي قلمي نالن سان لکندا هئا. رشيد ڀٽي مرحوم سندن تخليق کي "بهترين سنڌي ساهت" سڏيو آهي. شروع ۾ حضرت يوسف ۽ بيبي زليخا جي قصي تي مبني هڪ ناوليٽ تيار ڪيائون، جو رشيد ڀٽي مرحوم جي والد حافظ عبدالحميد ڀٽي الوري ۱۹۴۴ع ۾ شايع ڪيو ۽ ۱۹۵۳ع تائين ان جا پنج ايڊيشن نڪتا. هن ناوليٽ جو نالو "الزليخا" ڇپيو وڃي ٿو. هن کان سواء سندن لکيل پنجن افسانن جو پاڻ کي پتو پئجي سگهيو آهي. اهي افسانا سکر مان نڪرندڙ رسالي "المنار" ۾ ڇپيا هئا. پاڪستان کان اڳ شمسيہ ڪتبخاني انهن مان بہ افسانا "امانت" ۽ "بدنصيب شهزادو" جدا جدا ڪتابڙن جي صورت ۾ ظاهر ڪيا هئا. هي افسانہ اخلاقي ۽ اصلاحي هئا. ان بعد "انارڪلي"، "پاڪدامن عورت" ۽ "گلن واري ڇوڪري" سال ۱۹۵۲ع ۾ ساڳئي ڪتبخاني پاران شايع ٿيا (سيد حسام الدين راشدي ۽ افسانوي ادب از رشيد ڀٽي، هلال پاڪستان ميگزين، سيپٽمبر ۱۹۸۵ع). هي سمورو مواد فڪشن عنوان تحت مرتب ڪري محفوظ ڪرڻ گهرجي.

راشدي صاحب سنڌي زبان ۾ ڪتابن کان علاوه مقالن جو بہ وڏو ڳاٺيٽو ڇڏيو آهي. انهن جو هڪ مجموعو "ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون" نالي سان اڳ ۾ ئي ڇپيل آهي. مختلف رسالا ۽ ڪتاب اٿلائيندي هي مواد ڏسڻ ۾ آيو، جو سندن مقالن واري مذڪوره ڪتاب ۾ محفوظ ٿي نہ سگهيو آهي.

"سنڌ جي تاريخ جا ماخذ" - اصل اردو زبان ۾ لکيل هي مضمون رسالي نئين زندگي ۾ سال ١٩٥٢ع ۾ ترجمو ٿي ڇپيو آهي، جنهن ۾ سنڌ بابت عربي ذخيرن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ان بعد هڪ مفصل مضمون فارسي ذخيرن بابت بہ ساڳئي رسالي ۾ شايع ٿيو هو، جو پڻ راشدي صاحب مرحوم جو تحرير ڪيل هو.

"مرزا شاهہ حسن ارغون" - هي مضمون نئين زندگي جي جون ١٩٥٦ع واري پرچي ۾ ڇپيو آهي.

"شاهہ جو پيغام" - حافظ احسن چنہ جي ڪتاب ۾ پيش لفظ طور سندن هي مختصر تحرير شامل آهي. ڪتاب ١٩٥٨ع ۾ ڇپيو هو. تازو ١٩٨٥ع ۾ ان جو ڇهون ڇاپو نڪتو آهي.

"لطيف قومي محبت جو پيامبر" - مولانا دين محمد وفائي جي ڪتاب "شاه جي رسالي جو مطالعو" ۾ هي تحرير پيش لفظ طور آيل آهي. هي ڪتاب ١٩٦٢ع ۾ ڇپيو هو. رسالي ڪونج (بمبئي) ۾ ساڳي لکت مان اقتباس "شاهہ جي حڪمت" جي عنوان سان ڏنو ويو (جنوري ١٩٦٤ع). ان کان علاوه شاهہ بابت پنهنجن ڪتابن ۾ اي - جي - اتم ("شاهہ، سچل، سامي") ۽ خان محمد پنهور (ترتيب: "لطيفي لات") بہ ان کي شامل ڪيو آهي.

"مير علي شير قانع ٺٽوي" - هي مختصر مضمون رسالي الرحيم ۾ سال ١٩٦٧ع ۾ ڇپيل آهي.

"سنڌي ٻوليءَ کي للڪار" - محترم عبدالغفور ميمڻ (ع. غ. سنڌي) "ملير ڊائجيسٽ" ۾ هن عنوان سان هڪ سلسلو هلايو هو. راشدي صاحب ان ڏس ۾ جو جواب موڪليو هو، سو رسالي جي جولاءِ ١٩٧٢ع واري پرچي ۾ ڇپيو.

"جي. ايم. سيد بابت گفتگو" - هي مضمون هڪ تقرير تي مبني آهي، جو ابتدا ۾ عبدالواحد آريسر پنهنجي "پيغام" رسالي ۾ ڇپيو. بعد ۾ آزاد قاضي به ان کي سيد بابت پنهنجي ڪتاب "لامون تنهن وڻ سنديون" ۾ شامل ڪيو.

"سچل سارو سچ" - سال ١٩٨٠ع ۾ سچل ادبي ڪانفرنس درازا ۾ ٿي، جتي راشدي صاحب صدارتي خطبو ڏنو. جو هن عنوان سان پوءِ مختلف رسالن ۾ ڇپيو.

"سچل ڪان پوءِ" - هي پڻ درازا ۾ سال ١٩٨١ع ۾ ٿيل ادبي گڏجاڻيءَ جي صدارتي تقرير آهي. رسالي "پارس" ۾ به ڇپيل آهي. (هي ٻئي تقريرون تنوير عباسي صاحب پنهنجي سالانه ادبي سلسلي "سرمست" جي نمبر ٢ / ١٩٨٢ع ۾ شامل ڪيون آهن).

"تند ڪتارو ڪند" - هي فڪر انگيز ۽ ڇرڪائيندڙ ليک محترم عنايت بلوچ جي شعري ڪتاب "تند ڪتارو ڪند" ۾ پيش لفظ طور ڇپيل آهي. ڪتاب ١٩٨١ع شايع ٿيو.

"ڪي ڀڙاڏا ڪي سڏ" - هن نالي سان مشهور دانشور جي. الانا مرحوم جو سنڌي شعري ڪتاب ١٩٨١ع ۾ ڇپيو، ان ۾ راشدي صاحب جو اثر انگيز پيش لفظ شامل آهي.

"بلگرامي سادات ۽ سنڌ" - ارڙهين صديءَ اندر بلگرام جي ساداتن جو سنڌ سان وڏو تعلق رهيو آهي. هي مضمون ان عنوان تي ڄاڻ ڏئي ٿو، راشدي صاحب جي ذخيري ۾ اڻ ڇپيل ڪاپي موجود آهي.

"منصوره جي تاريخ" - تاريخي شهر منصوره بابت مصنف جا ڪجهه مضمون ڇپيل (اول مهراڻ رسالي ۾، ۽ بعد ۾ ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون ۾) ۽ متعدد اڻ ڇپيل رهجي ويا.

"بيدل جو مطالعو" - سنڌ جي ڪلاسيڪل سلسلي جي هن آخري شاعر بابت، سيد حسام الدين مرحوم جا ٽي مضمون ڇپيل آهن، جڏهن ته چار يا پنج اڻ ڇپيل صورت ۾ نوٽ بڪ ۾ محفوظ آهن.

سيد حسام الدين راشدي مرحوم جو گهڻو ڪتابي ذخيرو، فارسي زبان

۾ شايع ٿيل آهي. ان ذخيري کان علاوه سندن مضمون ۽ مقالا بہ نظر مان نڪتا، جي جدا جدا ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ ملن ٿا.

" روابط ايران و سند " - هي پيپر پهرين ايران شناسيءَ جي بين الاقوامي ڪانگريس تهران ۾ ۱۹۶۶ع ۾ پڙهيو ويو. اصل اڻ ڇپيل فارسي پيپر راشدي صاحب جي ذخيري ۾ موجود آهي. رسالي " نقوش" ان جو اردو ترجمو شايع ڪيو، جنهن تان راقم ان جو سنڌي ترجمو تيار ڪيو ۽ رسالي مهراڻ ۾ ڇپيو (۴ / ۱۹۸۴ع).

" ميرزا محمد صادق مينا اصفهاني" - هي طويل فارسي پيپر رسالي " پارس" (فارسي) ۾ آڪٽوبر ۱۹۶۷ع ۾ شايع ٿيو. هن جو اردو ڇاپو نقوش ۾ شايع ٿيو هو.

" روابط دربار سند با دربار ايران در قرن دهم هجري" - هي مقالو شاه طهماسپ صفوي ۽ سلطان محمود بکريءَ جي لاڳاپن بابت آهي ۽ ايران ۾ ڪنهن ڪانفرنس ۾ پڙهيو ويو هو. رسالي دانش اصل پيپر ڇاپيو آهي. هن مضمون جو ليکڪ ان جو سنڌي ترجمو ڇاپي چڪو آهي (مهراڻ، ۱ - ۲ / ۱۹۸۸ع).

" اصفهان ۽ سنڌ " - مقالو " پيوند هاي ايران و پاڪستان" نالي ڪتاب ۾ ڇپيو جو سنڌي زبان ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ البتہ هڪ ٻيو مقالو "اصفهان کي ايک يادگار شام" اردو زبان ۾ ڇپيو آهي.

" نفوذ فردوسي و شاهنامه درسند " - راشدي صاحب هي طويل مقالو مشهد ۾ ٿيل (۱۴ - ۱۸ جولا ۱۹۷۵ع) فردوسي ڪانفرنس ۾ پڙهيو هو. تازو رسالي " دانش" اصل پيپر ڇاپيو آهي. راقم جي ڪوشش سان دوست عبدالرسول قادري ان جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، جو سه ماهي " مهراڻ" ۾ اشاعت جو منتظر آهي. •

سنڌ جي هن مايہ ناز عالم ۽ تاريخدان، اردو زبان ۾ ڪل چار ڪتاب تيار ڪيا، جي سڀ ڇپيل آهن. ان کان علاوه پاڻ هن زبان ۾ لاتعداد مضمون ۽ مقالا توڙي مختلف ڪتابن تي مقدما ۽ تقريظون لکيا اٿن. انهن جي ترتيب

---

• اهو مقالو "مهراڻ" ۲ / ۱۹۸۹ع ۾ ڇپيو هو.

۾ اشاعت سنڌي توڙي اردو ٻوليءَ لاءِ ازحد ضروري آهن. هيل تائين ان ڏس ۾ مليل معلومات کي هت ڇاٽائجي ٿو.

"پنبہ کجا کجا نهم" -ءِ اردو اديب شاهد احمد دهلويءَ بابت مضمون آهي. هن مضمون اندر مهاجر طبقي پاران سنڌ اندر حاصل ڪيل ناجائز دولت ۽ خود لائق اردو اديبن جي بي قدريءَ بابت، نهايت ئي تند ۽ تيز لهجي ۾ گفتگو ڪيل آهي. منهنجي خيال ۾ اردو زبان ۾ هڪ يادگار تحرير آهي (ٻيهر ڇپيل "قومي زبان" ڊسمبر ١٩٨٢ع).

"گفتني" - مظهر يوسف جي ترتيب ڏنل هڪ ڪتاب "سوهني ڌرتي" ۾ پيش لفظ طور شامل آهي. هي ڪتاب ١٩٧٦ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپيو هو.

"تاريخ سنده کي ماخذ" - ماهنامہ رياض جي جولاءِ ١٩٥۴ع واري پرچي ۾ هي تحقيقي مضمون شايع ٿيو. ان جو سنڌي ترجمو اياز قادري صاحب ڪيو. اول مهراڻ ۾ پوءِ ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" ۾ شامل آهي.

"چار خط" - هي چار خط حفيظ هوشيار پوريءَ، مرحوم راشدي صاحب ڏي لکيا هئا، جي سهيڙي "نقوش" ۾ حاشين سان ڇاپيا ويا.

"تصانيف ابو علي ابن سينا" - مضمون رسالي "فاران" ۾ شايع ٿيو (سيپٽمبر ١٩٥٢ع).

"اردو زبان کا مولد سنده" - ماهنامہ قومي زبان ۾ شايع ٿيو (اپريل ١٩٥۴ع). اڳتي هلي خود مصنف هن خيال کي رد ڪري ڇڏيو هو.

"سنده کي اردو شعرا" - رسالي قومي زبان ۾ آڪٽوبر ١٩٥١ع ۾ شايع ٿيو. هي ٻئي مضمون سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ٿيا ۽ ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" ۾ "اردو ٻوليءَ جو مولد - سنڌ" عنوان سان محفوظ ٿيا.

"مولانا محمد شفيع" - هي بزرگ پنجاب جو هاڪارو عالم ۽ محقق ٿي گذريو آهي، جنهن متعلق هي يادگار ليک سه ماهي "اردو" جي جنوري ١٩٦٨ع واري پرچي ۾ ڇپيو آهي.

"فتاوىٰ عالمگيري کي دو سندهي مؤلفين" - هي مضمون اعظم ڳڙه هندستان مان نڪرندڙ مخزن "معارف" جي سال ١٩۴١ع واري ڪنهن پرچي ۾ شايع ٿيو.

”مولانا محب علي سندهي“ - هي مقالو انجمن ترقي اردو جي ڪنهن پرچي ۾ ٽيهه سال کن اڳ ڇپيو. ان جو سنڌي ترجمو به ملي ٿو.

”مرزا غازي بيگ ترخان“ - هي پيپر انجمن جي ”تاريخ و سياسيات“ ميگزين ۾ ڇپيل آهي (مئي ١٩٥٤ع).

”ڪيفي دتاتريه“ - هي صاحب مولوي عبدالحق جو ساٿي ۽ اردو اديب ٿي گذريو آهي. راشدي صاحب مٿس هڪ ڇرڪائيندڙ مضمون لکيو، جو رسالي سه ماهي ”اردو“ ۾ شايع ٿيو (آڪٽوبر ١٩٦٦ع).

”سنده کے تاريخي اور سياسي مکتوبات“ - هي پيپر پاڪستان هسٽري ڪانفرنس ١٩٧٣ع منعقده اسلام آباد ۾ پڙهيو ويو. اردو متن، قائداعظم يونيورسٽي طرفان ڪتابي شڪل ۾ ڪانفرنس جي روئداد ۾ ڇپيل آهي. جتان راقم ان جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو (مهراڻ، ١٩٨٧/١ع).

”قاهره کے کتب خانہ ميں“ - هي معلوماتي مضمون رسالي فاران ۾ ڇپيو هو (مئي ١٩٥٣ع). ساڳي تحرير ڪجهه ترميم ٿيل عنوان سان بهاولپور جي رسالي ”الزبير“ ۾ ڇپي آهي.

”غيرت خان مؤلف ماثر جهانگيري“ - هي تحقيقي مقالو ١٩٦١ع ۾ ٿيل پاڪستان هسٽري ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو ويو. اصل اردو پيپر نه ٿو ملي، البته ان جو سنڌي ڇاپو ملي ٿو (ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون).

”مير ابوالقاسم نمکين اور ان کا خاندان“ هي مضمون رسالي ”تاريخ و سياسيات“ جي اپريل ١٩٥١ع واري شماري ۾ شايع ٿيل آهي.

”تاريخ سنده کے عربي ماخذ“ - اردو زبان ۾ ڇپيو، جتان ان جو سنڌي ترجمو ٿيو، جو مخزن نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر ۽ نومبر وارن پرچن ۾ سال ١٩٥٢ع ۾ ظاهر ٿيو. هي ترجمو شمشاد احمد جوڻيجو صاحب ڪيو.

هنن مضمونن ۽ مقالن کان علاوه متعدد اردو ڪتابن تي مقدما ۽ تقريظون به لکيائون، جن جو وڏو تعداد آهي. ليڪن انهن تائين پنهنجي رسائي ممڪن ڪونهي. بهرحال ٻن ڪتابن ”سلجوق نامه“ ۽ ”سيرالعارفين“ تي راشدي صاحب جا لکيل مقدما تاريخي لحاظ کان بيحد اهميت رکن ٿا. هي ٻئي ڪتاب لاهور مان ڇپيا آهن. هڪ مقالو خواجه نظام الدين هرويءَ بابت رسالي ”جام جم“ ۾ ڇپيو. ڇئي نه ٿو سگهجي ته اهو اردو ۾ آهي يا فارسي زبان ۾!

(سه ماهي ”مهراڻ“ نمبر ٢، سال ١٩٨٩ع ۾ ڇپيل).

# سيد حسام الدين راشدي

# ۽

# سنڌي ادبي بورڊ

سيد حسام الدين راشدي مرحوم نہ رڳو سنڌ ۾، يا سنڌ کان ٻاهر علمي ۽ ادبي ادارن لاءِ ڪم ڪيو، پر پاڻ ڪيترن ئي ادارن جا حقيقي معنيٰ ۾ معمار پڻ آهن. سنڌ اندر راشدي صاحب ڪي ٻن ادبي ادارن جي تعمير جو صحيح معنيٰ ۾ باني سڏجي ٿو. سنڌالاجيءَ جي بنياد کان ڪري ان جي نالي جي تجويز تائين، راشدي صاحب جو ذهن ڪار فرما رهيو. ليڪن ان کان علاوه سنڌي ادبي بورڊ اڄ جيڪو ناماچار حاصل ڪيو آهي، ان ۾ بہ پير صاحب مرحوم جو وڏو ڪردار آهي.

سنڌي ادبي بورڊ سن ۱۹۴۰ع ۾ تڏهوڪي وزير تعليم، سائين جي. ايم. سيد جي ذاتي دلچسپيءَ سان وجود ۾ آيو. اڳتي هلي ۱۹۵۱ع ۾ سنڌ سرڪار هن اداري کي درست طور تي تحرڪ ۾ آندو ۽ علمي توڙي ادبي ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ فنڊز مهيا ڪيا. ان کان سواءِ بورڊ جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ، عالمن ۽ اديبن کي پڻ گورننگ باڊيءَ تي نامزد ڪيو ويو. انهن ڏينهن ۾ صوبي جون اعليٰ سرڪاري شخصيتون، بورڊ تي چيئرمين طور يا صدر جي حيثيت ۾، ڪم ڪار جي خود نگراني ڪنديون هيون. ليڪن ان ريت بورڊ جي ڪم تي هو ڪنهن طرح بہ اثرانداز نہ ٿينديون هيون. عالمن، اديبن ۽ محققن جي راءِ کي، هر طرح جي اهميت حاصل رهندي هئي. بورڊ جي گورننگ باڊيءَ تي ڪيئي نامور اديب مقرر ٿيا. اهڙي نامزدگيءَ لاءِ ڪنهن بہ طرح جماعتي يا ذاتي وابستگيءَ کان هٽي ڪري، صرف علمي ۽ ادبي رتبي کي ڏٺو ويندو هو. هن ڏس ۾ پير حسام الدين راشديءَ جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو.

رسالي "مهراڻ" جا پراڻا پرچا اتلائيندي خبر پوي ٿي تہ، راشدي مرحوم ڊسمبر ۱۹۵۴ع ۾ مقرر ڪيل گورننگ باڊيءَ تي پهريون ڀيرو مقرر

ٿيو. مارچ ١٩٥٥ع ۾ مقرر ڪيل نئين باڊيءَ تي به، وري کين ميمبر طور کنيو ويو. سيپٽمبر ١٩٦١ع ۾ بورڊ جي وري تشڪيل ٿي، ان ۾ به پاڻ ميمبر جي حيثيت ۾ ڏسجن ٿا. ١٩٦٨ع ۾ ميمبرن جي متاسنا ٿي، تڏهن کين نامزد نه ڪيو ويو. ١٩٧٤ع ۾ اسين کين وري به هن اعليٰ ادبي اداري جي مجلس عامله تي ميمبر طور ڏسون ٿا. وقفي وقفي سان ڏسجي ٿو ته راشدي صاحب کي، بورڊ جي گورننگ باڊيءَ تان هٽايو ٿي ويو، جنهن جا ڪي سياسي سبب به هوندا هئا، ته ذاتي نوعيت جا ڪي معاملا پڻ رڪاوٽ بڻبا هئا.

اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ جيڪي علمي مان مرتبو حاصل ڪيو، يا وري ان جيڪي ادبي ڪاميابيون حاصل ڪيون ۽ بهترين تحقيقي ڪم ڪيو، ان ۾ ٽن ماڻهن جو سڌو سنئون هٿ آهي؛ محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ۽ سيد حسام الدين راشدي مرحوم. اهڙي ميتا خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ متعدد موقعن تي ڪئي آهي.

راشدي صاحب مرحوم سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون، ان لاءِ ته هڪڙي جداگانه دفتر جي ضرورت آهي. ان هوندي به اسين مختصر طرح انهن خدمتن جو اپياس ڪنداسين. رسالي ”مهراڻ“ جي پراڻن پرچن مان خبر پوي ٿي ته، سائين مرحوم ڪجهه وقت بورڊ تي، ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ به ڪم ڪيو هو. ان ڏس ۾ البته سندن ڪم ڪار جي نوعيت جي خبر نه ٿي پوي. علامه دائود پوٽي سان گڏ ١٩٥٧ع ۾، پاڻ ”مهراڻ“ جي ادارتي عملي ۾ به شامل ڪيو ويو هو. ليڪن ڪم ڪار جي ڪثرت ۽ پوءِ بيماريءَ سبب، هن ڊيوٽيءَ کان فارغ ٿي پاڻ منيلا هليو ويو، جتي ان وقت سندن وڏو ڀاءُ پير علي محمد راشدي مرحوم سفير طور مقرر هو.

بورڊ جي هڪ ميمبر جي حيثيت ۾، ۽ پڻ هڪ اسڪالر جي روپ ۾، سندن شخصيت ۽ راءِ کي وڏي اهميت حاصل ڏسجي ٿي. بورڊ جي ڪتابن جي اشاعت لاءِ، سندن راءِ يا نظرثاني ضروري سمجهي ويندي هئي. مثال طور اسين ڏسون ٿا ته ڀيرو مل جي ”قديم سنڌ“ سندن عالمانه نظرثانيءَ بعد ڇپجي ظاهر ٿي. عثمان علي انصاري صاحب جو مرتب ڪيل ”سچل جو

رسالو" پڻ سندن نظرثانيءَ ڪانپوءِ شايع ٿيو. ان طرح ٻيا بہ ڪيئي ڪتاب سندن ڏسيل نقطن تحت مرتب ٿيا ۽ ڇپجي نروار ٿيا. سنڌي ادبي بورڊ جي فارسي ڪتابن جي ايڊيٽنگ، ترتيب، ميڙا چونڊي ۽ اشاعت ۾ سندن وڏو هٿ آهي. بورڊ وٽ موجود شاندار قلمي ڪتابن جي چونڊ ۽ ڪجهہ نسخن کي گهڻو عمل دخل حاصل آهي. اهڙو اظهار مرحوم اعجازالحق قدوسيءَ پنهنجي آتم ڪٿا "ميري زندگي ڪي پڇهتر سال" ۾ پڻ ڪيو آهي. هن سموري ڪارڪردگي ۽ حاصلات لاءِ پير صاحب جي آڏو اعظم ڳڙهہ، دهلي جامعہ عثمانيہ، اورينٽل ڪاليج لاهور ۽ مصر جي الازهر يونيورسٽيءَ جي شاندار علمي ڪم جا مثال موجود هئا.

هنن خدمتن کان سواءِ راشدي صاحب، بورڊ جي طرفان متعدد ڪانفرنسن ۽ اجلاسن ۾ بہ شرڪت ڪندو رهندو هو. رسالو "مهراڻ" (۴/ ۱۹۶۴ع) ان حقيقت جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي. مارچ ۱۹۶۴ع جي آخري ڏهاڪي ۾، لاهور ۽ پشاور ۾ ٽي علمي ڪانفرنسون ٿيون، جن ۾ بورڊ جي نمائندگي ڪندي پير صاحب مرحوم شريڪ ٿيو هو.

پهرين ڪانفرنس لاهور ۾ ۲۱ کان ۲۳ مارچ تائين ٿي. هي ڪانفرنس سينٽوجي اهتمام هيٺ "آثار قديمه ۽ ڪل پاڪستان ميوزمس" عنوان تحت ٿي. ان ريت ۲۸ کان ۳۰ مارچ تائين پشاور يونيورسٽيءَ جي اسلاميہ ڪاليج ۾ "اسلامي تعليمات جي آل پاڪستان ڪانفرنس" ٿي گذري، جنهن ۾ پڻ پير صاحب شريڪ ڏسجي ٿو. ان کان پوءِ ۲۹ مارچ تي وري بہ پشاور شهر ۾ "ڪل پاڪستان چوڏهين تاريخ ڪانفرنس" ٿي گذري. ان موقعي تي شريڪ ادبين بورڊ جي فارسي مطبوعات ۽ تاريخ بابت ڪيل ڪم جي وڏي واکاڻ ڪئي، ۽ ان حوالي سان پروفيسر عبدالرشيد تہ سندن علمي ڪمن کي بهترين انداز سان ساراهيو هو. خود راشدي صاحب ڪانفرنس کي سنڌ بابت ٿيندڙ کوجنائن کان آگاهہ ڪيو، ۽ مستقبل جي ارادن ۽ تحقيقات متعلق مفصل معلومات ڏني. پشاور ۾ رهڻ دوران پاڻ اتي جا ادارا ڏٺائون ۽ ڪتبخانن ۾ موجود قلمي ڪتابن متعلق پنهنجي راءِ ڏنائون.

سنڌي ادبي بورڊ جي علمي ڪتابن جي ساک ۽ ڪم ڪار جي شهرت،

سنڌ جون حدون ٽپي ٻاهرين دنيا تائين پهتي، تڏهن ڪيئي عالمن، اديبن ۽ محققن بورڊ کي ڏسڻ ۽ علمي تحقيق جو مشاهدو ڪرڻ ضروري ڄاتو. ان خيال کان پروفيسر شمل کان ڪري ايراني عالمن تائين، بورڊ ۾ جيڪي به اديب آيا، اهي سيد حسام الدين راشدي مرحوم جي تعاون سان پهتا. ڪين بورڊ بابت آگاهي ڏيڻ، ڪتابن جي اشاعتي پروگرام کان واقف ڪرڻ، ۽ قلمي نسخن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ ۾، راشدي صاحب مرحوم اڳ کان اڳرو رهندو هو. ليڪن بورڊ جي ۽ پير صاحب جي حوالي سان، هڪ اهم ڳالهه محترم محمد ابراهيم جويي جي ذڪر سان به اچي ٿي.

جويو صـــــاحب پنجاه ۽ سٺ واري ڏهاڪي ۾، ڪجھ وقت بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. اداري کي صاف سٿري ۽ منظم انتظاميه ڏيڻ، ڪتابن جي ايڊيٽنگ توڙي مطبوعات متعلق مشورا ڏيڻ، ۽ ڪم ڪار کي تندهي، ايمانداري، نفاست ۽ پوري ذميداريءَ سان وقت تي اڪلائڻ ۾، جويي صاحب جو وڏو ڪردار آهي. راشدي صاحب کي سنڌ جي هن لائق اديب جي صحبت نصيب ٿي، تڏهن ڪيترن ئي اختلافن هوندي به، هي ٻئي مهان ليکڪ هڪ ٻئي تي خوب اثر انداز ٿيا. راشدي صاحب بنيادي طور تي هڪ صحافي هو. ادبي ڪم ڪار جي آغاز وقت، مثن مولوي عبدالحق، سيد سليمان ندوي، مولانا ظفر علي خان ۽ غلام رسول مهر جو وڏو اثر هو. هي صاحب اردو زبان جا مجيل اديب ۽ صحافي هئا. آهستي آهستي جويو صاحب فڪري، ادبي ۽ علمي ڪمن جي حوالي سان، راشدي صاحب تي اثرانداز ٿيو. مرحوم سيد حسام الدين جي لکڻين، مقدمه نگاري ۽ تاليف ۾، جيڪو وطن دوستي، سنڌ پرستي ۽ فڪري پختگيءَ جو عنصر ڏسجي ٿو، ان ۾ جويي صاحب جي صحبت ۽ سنگت کي وڏو دخل حاصل آهي. ان حقيقت جي تصديق ٻنهي بزرگن جي ڪتابي ورثي مان پوريءَ طرح ٿئي ٿي. بلاشبه جويي صاحب سگهاري سنڌي ادب جي اوسر ۾ نهايت ئي معتبر ۽ نوس ڪردار ادا ڪيو آهي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کان قربان بگٽي مرحوم، جهڙو تيز نقاد به انڪار نه ڪندو هو.

هنن سيني خدمتن کان هٽي ڪري بورڊ لاءِ، راشدي صاحب جي خدمت،

اداري جي فارسي مطبوعات ۽ تاريخ لاءِ ڪيل ڪم جي صورت ۾، رهندي دنيا تائين، زنده رهندي. سنڌي ادبي بورڊ جي فارسي پبليڪيشن جي رٿا جوڙڻ ڪان ڪري، حڪومت پاڪستان ڪان منصوبي جي تڪميل لاءِ رقمن جي حاصلات تائين هن نامور عالم جو معتبر ڪردار ڏسجي ٿو. مرحوم ممتاز حسين مرڪزي سرڪار ۾ ذميدار آفيسر ۽ پير صاحب جو ذاتي دوست هو. ان ذريعي هن علمي رٿا لاءِ پيسو حاصل ڪيو ويو. ان بعد علمي ڪم لاءِ پڻ سنڌ جي هن لاثاني اديب وڏو ڪم ڪيو. خود به ڪيئي ڪتاب ايڊٽ ڪيائون ۽ هندستان مان ڪراچيءَ پهتل محققن ڪان به ڪم ورتائون. ان ڏس ۾ اعجاز الحق قدوسي، حبيب الله رشدي، محمود احمد عباسي، سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوري، ۽ حفيظ هوشيار پوريءَ جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا. سيد سليمان ندويءَ ڪان به تاريخ سنڌ تي ڪم ڪرائڻ لاءِ پيش رفت ڪئي وئي. ليڪن سيد صاحب جي اچانڪ وفات سبب ڪاميابي حاصل نه ٿي. عبدالحئي حبيبي افغاني پاڪستان آيو ته، ان جون خدمتون به پاڻ ئي بورڊ لاءِ حاصل ڪيائون. قاضي احمد ميان اختر جهونا ڳڙهيءَ ڪي به، بورڊ جي علمي ڪمن لاءِ چيو ويو. ليڪن حياتيءَ جي بي وفائيءَ سبب هو مرحوم به، اداري لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهيو. علامه سعيد نفيسي ڪراچي پهتو ته، راشدي صاحب بورڊ جي ڪم ڪار لاءِ، هن صاحب سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ۽ پنهنجي ايڊٽ ڪيل "تڪمله مقالات الشعرا" تي ڪانئس تقريظ به لکائي ورتي. ياد رهي ته آقائي سعيد نفيسي ويهين صديءَ جي ايراني اسڪالرن ۾ نهايت ممتاز حيثيت رکي ٿو. سنڌي ادبين ڪان ڪم وٺڻ ۽ انهن ڪي مواد جي سهوليت ڏيڻ ۾ به سندن وڏو ڪردار آهي. بدر عالم دراني مرحوم، شير محمد نظاماڻي ۽ لطف الله بدوي مرحوم - جا نالا هن ڏس ۾ ڳڻي سگهجن ٿا. ان طرح بورڊ جي فارسي مطبوعات ۾ معتبر ڪتابن جو گهڻو واڌارو ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ جي اردو ڪتابن ۽ تاريخ بابت ڪيل ڪم ۾، راشدي صاحب نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو. هن ڏس ۾ "برهانپور ڪي سندهي اولياءُ" - ۽ - "تاريخ ڪلهوڙا" - جا نالا بنا ڪنهن هٻڪ جي ڳڻي سگهجن ٿا. راشد برهانپوري مرحوم ۽ مولانا غلام رسول مهر، هي ڪتاب خاص

سندن دوستيءَ صحبت جي اثر سبب لکيا هئا. ٻي صورت ۾ بورڊ اهڙن ٻن معياري ۽ مستند تاريخي ڪتابن جي اشاعت کان محروم رهجي وڃي ها!

ان کان علاوه پير صاحب مرحوم پاڻ به سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڪتاب لکيا، ايڊٽ ڪيا ۽ ترتيب ڏنا. انهن ڪتابن جي مقدمہ نگاري، ايڊيٽنگ ۽ مفيد علمي حاشين سبب، بلاشڪ بورڊ جو ڀاهرين دنيا ۾ مان مٿانهون ٿيو. سندن سمورو ڌيان سنڌ متعلق فارسي ماخذن جي اشاعت طرف رهيو. ان ڏس ۾ کين گهڻيون ڪاميابيون حاصل ٿيون، ۽ اسان جي سياسي توڙي ادبي تاريخ جي ڪيئي گم ٿيل ڪڙين کي، ملائڻ ۾ سندن ڪوششون سڦل رهيون. سچ ته سندن ڪجهہ سنڌي ڪتابن جي ڇپجڻ سان پير صاحب کي تہ وڏي ميٽا ملي، پر سنڌي ادبي بورڊ کي بہ نوجوان نسل ۾ گهڻي پذيرائي حاصل ٿي. پاڻ اڪثر ڪري رسالي "مهراڻ" لاءِ مقالا ۽ مضمون بہ لکيائون، جي پوءِ ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" ۾ ڇپجي محفوظ ٿيا. بورڊ طرفان سائين حسام الدين راشدي مرحوم جا هي ڪتاب ڇپيا، جن کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ ئي، انهن جي اهميت جو اندازو ڪري سگهبو، ۽ اداري لاءِ هن مثالي اسڪالر جي ڪيل خدمتن جو احاطو ڪري سگهبو.

(الف) سنڌي ڪتاب:

- تذڪره امير خاني ١٩٦١ع
- مڪلي نامه ١٩٦٧ع
- تذڪره مشاهير سنڌ ١٩٧٤ع
- هو ڏوٽي هو ڏينهن ١٩٧٧ع
- مير محمد معصوم بکري ١٩٧٩ع
- ڳالهيون منهنجي سنڌ جون ١٩٩٢ع

آخري ڪتاب هن مقالي جي لکندڙ ترتيب ڏنو، جنهن ۾ پير صاحب جا مقالا، مضمون، انٽرويو ۽ "تذڪرة مشايخ سيوستان" نالي مختصر تذڪرو پڻ شامل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل ايڪيهہ عنوان ملن ٿا.

(ب) فارسي ڪتاب:

- مثنوي چنيسر نامه ١٩٥٦ع
- مثنوي مظهر الآثار ١٩٥٧ع

- مقالات الشعراء ١٩٥٧ع
- تڪملہ مقالات الشعراء ١٩٥٨ع
- مثنويات وقصائد قانع ١٩٦١ع
- تاريخ مظهر شاهجهاني ١٩٦٢ع
- هشت بهشت ١٩٦٣ع
- منشور الوصيت ١٩٦٤ع
- ترخان نامہ ١٩٦٤ع
- حديقة الاولياءِ ١٩٦٧ع
- روضة السلاطين ١٩٦٨ع
- جواهر العجائب ١٩٦٨ع
- ديوان فخري ١٩٦٨ع
- تحفة الڪرام ١٩٧١ع
- تذڪره مشايخ سيوستان ١٩٧٤ع

هي آخري ڪتابڙو رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپيو هو. پير صاحب مرحوم جي ايڊٽ ڪيل "تاريخ مظهر شاهجهاني" جو سنڌي ترجمو بہ ڇپجي چڪو آهي، جو محترم نياز همايونيءَ ڪيو هو. ان ڪان علاوه گذريل سال هن ڪتاب جو انگريزي ڇاپو بہ اسلام آباد مان پڌرو ٿيو آهي. هي ترجمو ڊاڪٽر ايم. سليم اختر صاحب جو ڪيل آهي. ويجهڙائيءَ ۾ بورڊ "ترخان نامہ" جو سنڌي ڇاپو بہ آندو آهي جو مرزا عباس علي بيگ جي ڪاوشن جو نتيجو آهي. هت اسين انهن ڪتابن جي لسٽ بہ ڏئي رهيا آهيون، جي سنڌي ادبي بورڊ راشدي صاحب جي سعييءَ ڪوشش سان شايع ڪيا آهن.

- تحفة الطاهرين ١٩٥٦ع
- مثنويات هيرو رانجها ١٩٥٧ع
- ديوان عطا ١٩٥٧ع
- برهانپور ڪے سندهي اولياء ١٩٥٧ع
- تاريخ ڪلهوڙا ١٩٥٨ع
- تاريخ تازه نواءِ معارڪ ١٩٥٩ع

- كليات مائل ١٩٥٩ع
- ديوان محسن ١٩٦٣ع
- فتح نامہ ١٩٦٧ع
- ديوان صنعت ١٩٦٨ع

سنڌي ادبي بورڊ جي فارسي مطبوعات ۾ پير صاحب کان پوءِ وڏ ۾ وڏ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪردار ڏسجي ٿو. بنا ڪنهن هبڪ جي چئي سگهجي ٿو تہ، پنهي برک عالمن هن ڏس ۾ هڪٻئي سان خوب سهڪار ڪيو. اهڙيون شاهديون مختلف ڪتابن جي مهاڳن ۾ اعترافن مان ملن ٿيون.

راشدي صاحب جي ڇڏيل ادبي اثاثي جي ايياس مان خبر پوي ٿي تہ، متعدد ڪتابن کي پاڻ بورڊ لاءِ ايڊٽ ڪرڻ گهريائون ٿي، ليڪن اداري جي اهلڪارن جي عدم دلچسپيءَ سبب اهي ڪم پورا نہ ٿيا، ۽ پاڻ غير سنڌي ادارن لاءِ علمي توڙي تحقيقي ڪم ۾ مصروف ٿي ويا. هڪ ڀيري منهنجي سوال تي تہ اوهان "شعراء ڪشمير" جي پنجن جلدن تي ڪم ڪرڻ بجاءِ، چو نہ سنڌ بابت ڪجهہ وڏيڪ ماخذن جي ترتيب تي توجه ڏنو؟ پاڻ جواب ۾ ادبي بورڊ جي مايوس ڪن رويي کي ان لاءِ جوابدار سڏيائون. ان قسم جو اظهار خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ ڪندو رهيو آهي. پير صاحب کي اداري لاءِ خاص ڪري چار تحقيقي ڪم ڪرڻ جو ارادو باقي هو.

- تعليقات مقالات الشعرا
- تذڪره مشايخ سيوستان
- تحفة الڪرام (رهيل حصا)
- معيار سالڪان طريقت

آخري ڪتاب لاءِ تہ پنجاب يونيورسٽيءَ جي ڇپرايل اردو انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکيل آهي تہ، اهو راشدي صاحب جي سعيي سان ڇپجي چڪو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي تاريخ نون جلدن ۾ شايع ڪرڻ گهري ٿي. ارغون، ترخان، مغل - دور تي ڪم ڪرڻ لاءِ، راشدي صاحب کي آماده ڪيو ويو هو. پاڻ مولانا مهر جي لکيل "تاريخ ڪلهوڙا" جي پيش لفظ ۾ لکيو

اٿن تہ: ارغونن ۽ ترخانن تي ڪم جو پورائو ڪيو ويو آهي، ۽ مغلن بابت پڻ ڪم پوري ٿيڻ تي آهي. ليڪن ڏسجي ٿو تہ اڳتي هلي ان کي پورو ڪرڻ بجاء، سچو ڏيان تاريخي ماخذن جي ترتيب تي ڏنائون. اهو بهرحال سچ آهي تہ ارغونن ۽ ترخانن بابت ڪم جو پورائو ڪيو ويو هو. مون خود اهڙا مسودا سندن ذاتي ڪليڪشن ۾ ڏٺا آهن.

اڄ سنڌي ادبي بورڊ وٽ پيسي ڏوڪڙ جي ڪا بہ ڪمي ڪانهي. ان صورت ۾ اداري کي پنهنجي علمي ۽ تحقيقي ڪم کي توسيع ڏئي، راشدي صاحب جي ڇڏيل ڪمن کي تڪميل تي پهچائڻ گهرجي. متي ذڪر ڪيل اڻ پورن مسودن کي ترتيب ڏئي شايع ڪرڻ سان، هڪ طرف سنڌ جي تاريخ بابت وڏيڪ مواد موجود ٿيندو، تہ ٻئي طرف ائين ڪرڻ سان خود اداري جو مان بہ مٿانهون ٿيندو!!

(پير صاحب جي نائين ورسي منعقده زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد ۾، ڀهرين اپريل ١٩٩١ع تي پڙهيل پيپر. بعد ۾ ان کي سڌاريو ۽ وڌايو ويو. سہ ماهي "مهراڻ" ٢/١٩٩١ع ۾ ڇپيل. بعد ۾ واڌارن سان ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، اپريل ١٩٩٥ع ۾ بہ ڇپيو).

# يادداشت: مواد جي ڇپائي موجب

(هن ڪتاب ۾ شامل مواد جي فهرست، تاريخ وار سلسلي موجب)

١- سنڌ جا قديمي شهر : اروڙ
٢- ٺل مير رڪن
٣- دريا خان شهيد: سوانح ۽ مدفن
٤- بيگلارنامه: سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ماخذ
٥- سنڌيءَ ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻو ادب
٦- ڇا دريا خان ۽ مبارڪ خان ٻه الڳ شخص آهن؟
٧- سنڌي ادب جي تاريخ جي موجوده صورت
٨- سمن جي دور جا ڪي مشهور شهر
٩- سنڌ جا قديم آثار
١٠- سيوهڻ سرڪار جو معاشرتي جائزو
١١- مغليه دور جي سنڌي شاعري
١٢- راشدي صاحب جو علمي مان مرتبو، ادبي اثاثو ۽ اسان جون جوابداريون.
١٣- ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌ
١٤- برهمڻ آباد جي قلعي جو دفاعي لحاظ کان مطالعو
١٥- وتايي فقير تي تحقيق جي ضرورت
١٦- سنڌ سڀا: سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم
١٧- سنڌ ۾ مرتب ٿيل فارسي گو شاعرن جا تذڪرا
١٨- ڪتاب: سنڌي ادب - جي اهميت ۽ اشاعت جو سال
١٩- انتخاب منتخب: سنڌ جي تاريخ جو هڪ وڏيڪ ماخذ
٢٠- انڊيا آفيس لئبريريءَ ۾ سنڌي قلمي ڪتاب
٢١- عربي - سنڌي رسم الخط جي اوسر جو تاريخي پس منظر

٢٢- برٽش ميوزم ۾ سنڌي قلمي نسخا
٢٣- سنڌي ساهت جا سڄڻ
٢٤- سيد حسام الدين راشديءَ جو منتشر ادبي ذخيرو
٢٥- سنڌ جي تاريخ جا ماخذ ۽ اسان جون جوابداريون
٢٦- مخدوم عبدالله منڌرو
٢٧- سنڌ جي تاريخ تي سرسري نگاهه
٢٨- سيد حسام الدين راشدي ۽ سنڌي ادبي بورڊ
٢٩- سنڌ بابت حوالا جاتي نوعيت جو مواد
٣٠- مرزا قليچ بيگ: سوانح ۽ علمي ادبي خدمتون
٣١- ننڍي کنڊ ۾ سياسي مخالفن لاءِ عبرتناڪ سزائون
٣٢- شهيد مخدوم بلال سمون
٣٣- مخدوم بلال جي شهادت جو مسئلو

# مصنف جا ٻيا ڪتاب

## سمن جي سلطنت:

سنڌ جي تاريخ ۾ سمن ڄامن جي دور کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ان دور ۾ سنڌ جون حدون اچ، لس ٻيلي، سبي ۽ ڪڇ تائين پکڙيل هيون. هن دور ۾ سنڌ جي بادشاهن پنهنجي ملڪ کي ترقي ڏيارڻ ۾ وڏي دلچسپي ورتي. علم ۽ ادب جي ترقي ٿي. معيشت ۽ واپار ۾ واڌ ٿي. زراعت ۽ صنعت زور ورتو. اهڙي اهم دور بابت ڪو به هڪ ڪتاب لکيل نه هو. مصنف وڏي محنت سان پهريون ڀيرو ڄامن جي دور تي هي ڪتاب لکيو. اهو ڪتاب پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سال ١٩٨٧ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب جو ٻيو وڌايل ايڊيشن سال ١٩٩٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي نروار ڪيو آهي.

## ڳالهيون منهنجي سنڌ جون:

سيد حسام الدين راشدي ويهين صديءَ جو وڏو سنڌي اسڪالر، محقق ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي. پاڻ اردو، سنڌي ۽ فارسي ٻولين ۾ پنجيتاليهه ڪتاب تيار ڪري ڇپرايائون. راشدي صاحب جي ٽڙيل پکڙيل مقالن، مضمونن ۽ انٽرويوز کي، غلام محمد لاکي سهيڙيو ۽ ان تي هڪ ڀرپور مقدمو لکيو. هي ڪتاب سال ١٩٩٢ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

## مطالعو سنڌ جو:

هن ڪتاب جي لکندڙ ڪجهه معياري مقالاءَ مضمون. انگريزي زبان مان ترجمو ڪيا. اهڙن مقالن ۽ لکڻن کي سهيڙي ”مطالعو سنڌ جو“ جي نالي سان، سنڌ تحقيقي بورڊ پاران محترم ناز سنائي ڇپرايو. سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب جي وڏي اهميت آهي.

**دوله دریاخان:**

دریاخان سمن جي دور جو مشهور سپهہ سالار، وزیراعظم ۽ امیر ڪبیر ٿي گذريو آهي. سنڌ جي هن سپوت بابت پهريون پيرو لکيل هي ڪتابڙو، ٻارڻي ادب سيريز لاءِ تيار ڪيو ويو. هي ڪتاب ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، ڊهوڪي سيڪريٽري ڪلچر، حڪومت سنڌ، سال ١٩٩٠ع ۾ ڇپرايو هو.



ٻه دوست، مصنف ۽ پبلشر: غلام علي ٻاگاڻي ۽ غلام محمد لاکو (ٽيويهه سال اڳ)



سنڌ جو سدابهار عالم مولانا غلام محمد گرامي



مقبرو شهيد مخدوم بلال سمون



ٿل مير رکڻ، ٻڌ اسٽوپا (تعلقو دولت پور صفن)



مزار دوله دریاخان



خزانة الاعظم، پهريون ورق (مؤلف جا هٿ اکر)


ٻيا ڪين شڪرانا | جه
پڻ صلواة ۽ سلام رسول اُتي منجهه آخر اوّلا | جنهن جي نا هڪو
۽ پڻ سڀني صحابن جي هو عنان لُتيا | مٿي آل اصحاب حضرتن
سو لها سيم خلق جا جي هادي ڪا صَنمَا | هاڻي پوءِ وڌ محبتن
و دين سڀني ايمان سڀ جي ڪلمو جون مُهَا | لا اله الا الله محمد رسول الله صلى الله عليه وسلم

قد وقع الفراغ من نسخة خزانة الاعظم بيد مؤلفه
شعبان الاعظم يوم الثلثاء وقت ضحى سنه الف ۱۱۸۲
ومائة واثنان وثمانين على صاحبها افضل الصلاة واشرف التسليمات
واكمل التحيات المخلوقات وعدد الرمل والقطرات
وعدد النجوم والايات صلاة تدوم الحيات وتبقى
ببقاء وحدانيت
لا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم تمام شد

خزانة الاعظم، آخري ورق (سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو)



سنڌسڀا جا ڪجهه ڪردار (ساڄي کان)
ديوان ڏيارام، ديوان ڪوڙومل، ساڌو هيرانند (بيٺل)
ديوان تاراچند، ديوان ميٺارام (ويٺل)
مسٽر گپتا (اسٽول تي)



مرزا قليچ بيگ ايراني پوشاڪ سان (نوجوانيءَ ۾)



مؤلف عزت بن سليمان جو هڪ ورق (ديلي عبرت، ٢٧ مارچ ١٩٨٢ع)



شاهه جو رسالو، هڪ ورق (انڊيا آفيس)


بسمله جو پڻ وڏو عظيما، ڪير پڇا پئيڊو
لکي ڪري تفسير ا، پر ڪارڻ تسلي
مؤمن جي لکئم ڪو قدرا، تڪرير
ختم من عاصي جي ڪاذبي لکه دعا،
محمد کي مهر منجا دعا سپ ڪجاه، نه
تيئين شفاعت منجا بسمله جي ڪو بهرو
نصيبا، جو رسا ٻنهي جنتم پڻ نورا
ٻنهين لقاءُ، ته خليفيکي خيري ايمان
ڪري عطا، پڻ مرن مؤمن ڪلمو
سارڻ مرڻ موءِ مرجي ڪلمو ڪهڻ تا

تفسير بسم الله، آخري ورق (انڊيا آفيس)


رضوان الله عليهم اجمعين

لا اله الا الله
محمد رسول الله

قصو شهادت امام حسين، آخري ورق (انديا آفيس)


لا اله الا الله
محمد رسول الله

تفسیر سورة الملک، آخری ورق (انديا آفیس)

بيان سنڌي تصنيف زبدة الواصلين شاه عبداللطيف
رحمة الله عليه اول

سُرود بسم الله الرحمن الرحيم سيمي

بيت پڙتو بتو هجو جر جن جالا ڏي
آيته آر يکي نه وتو راه رڙو ما ڪن

بيت پڙتو بتو هجو لڪ جاڻي لڪ اس
قربانی ڪس آهي ڪر ٻڪر ري

بيت پڙتو بتو هجو ڪياڻي راحت
پارنيا ڏيه پوار ساجن ڪئي صحت
منجهي مصيبت آهي آري جا مجي

شاه جو رسالو، پهريون ورق (برٽش-ميوزم)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَذَ ائِيْ تِهْ وَاحِدَ کِيْ وَ ذِيْ جَنِّيْ وَصَفَا

کَنْدُ وُکِيْرُ تِهَجِيْ وَ ا تَا وَ ا کَا نَا

پُنْ هُوْءِ صَلوٰةْ سِيَجِيْ رَسُوْلَ اَتِيْ دَائِمْ مُدَامَا

جِنِّيْءَ اَلْهِيْ اِيْرِيْ کَرِيْ شَمْسَ شُعَاعُ

هَانِيْ پِلَاءِيْ آيَةُ الْکُرْسِيَ جِيْ سُنِهُوْ مَبُوْتُحَا

تہ قَادِ رُمُکِيْ قُرَآنَمْ پِلِيْ آيَتَ جَا

سَا اَهِيْ آيَةُ الْکُرْسِيْ رِهِيْمْ شَکَ شُبْهَا

مَنْجِسِ وَحْدَتَ وَاحِدَ جِيْ ءِ هِيْکَرَائِيْ اللّٰهُ

اِسْمُ اَعْظَمُ اِنْکِيْ لِکِنْ تَا عُلْمَا ءُ

سُوْ لَفْظُ اللّٰهُ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ سُتِيْ يَادِ کِجَاهُ

ءِ کَنِ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ جُوْ لِکِئُوْ قَوْلَا

١ي

تفسير آية الكرسي، پهريون ورق (برٽش ميوزم)



بسم الله الرحمن الرحيم

وڏائي ته واحد کي جل وعلا وڏي جنهن وصفا

ڪنهن وڪير تهجي واتا وآڪانا

پڻ هو صلوات سڀ رسول اتي دائم مدام

جيئن سڀئي الهي ايري ڪري شمس شعا

هاڻي ٻڌاءِ آية الڪرسي جي سنهو سبوجها

ته قادر مڪي قرآن ۾ ٻلي آيت جا

سا آهي آية الڪرسي ڀيهم شڪ شبها

منجهس وحدت واحد جي هيڪڙائي الله

تفسير آية الڪرسي، پهريون ورق (سنڌي ادبي بورڊ)




قصو جمجمه بادشاهہ جو، پهريون ورق (برٽش ميوزم)


قصه شهادت حضرت علي اكبر رضي الله تعالى عنه

بسم الله الرحمن الرحيم

قصو شهادت علي اڪبر، ابتدائي ورق (برٽش ميوزم)



هڪ يادگار تصوير: خانم احمد زينوا، سيد حسام الدين راشدي ۽ رئيسہ ياگوراوا (ساچي ڪان)

# غلام محمد لاکو

بقول ڏاڪٽر تنوير عباسي ته ”اسان کان الله پاڪ پير حسام الدين راشدي جدا ڪيو ته ان جي بدلي ۾ غلام محمد لاکو ڏنائين.“ ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته ادب جي تحقيق واري ميدان ۾ غلام محمد لاکو ئي پير حسام الدين راشدي مرحوم جو صحيح پوئلڳ آهي. ڇاڪاڻ ته هن کي به پير صاحب وانگر سنڌ جي هر شيءِ سان محبت آهي. سندس دل ۾ هميشه اها خواهش هوندي آهي ته، سنڌ متعلق هر ڪتاب ڇپجي وڃي.

سنڌ متعلق تحقيق واري ميدان ۾ غلام محمد لاکي جون تمام گهڻيون ڪاوشون آهن. هن پنهنجي وت ۽ وجود کان گهڻو وڌيڪ لکيو آهي ۽ جيڪي لکيو آهي، سو گهڻو ڪري سنڌ متعلق آهي.

غلام محمد لاکي جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي ته سنڌ تي تحقيق ڪندڙ هر هڪ لکندڙ کي هر وقت همٿائيندو رهي ٿو ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ هر ڪا مدد فراهم ڪندو رهي ٿو. ايتريقدر جو گهربل ڪتاب به مهيا ڪري ڏئي ٿو. اهڙن خوش نصيبن مان آءُ به هڪ آهيان، جنهن کي حقيقت ۾ مطالعي جو شوق ڏيارڻ ۽ تحقيقي ميدان ۾ آڻڻ جو سهرو به سائين غلام محمد جي سر تي آهي.

سنڌ متعلق تقريباً هر موضوع تي هن پنهنجي قلم کي تحقيق جي ميدان ۾ تمام تيز ڊوڙايو آهي ۽ ٿوري وقت اندر باوجود ذاتي مصروفيات جي ڪيترائي تحقيقي ڪتاب ادبي ميدان ۾ ظاهر ڪيا آهن. مثلاً ١- سنڌ صدين کان ٢- سنڌي ادب (ترجمو) ٣- سمن جي سلطنت ۴- مطالعو سنڌ جو ۵- ڳالهيون منهنجي سنڌ جون (ترتيب) ٦ - دولهه دريا خان.

انهن ڪتابن کان علاوه سندس سترڪن لکيل تحقيقي مقالا سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڇپجندڙ مختلف رسالن جي زينت پڻ بنيل آهن. خدا ڪيس وڏي عمر عطا ڪري ته جيئن وڌ کان وڌ سنڌ جو علمي ذخيرو، هن جي قلم سان لکجي تحقيق واري ميدان ۾ نروار ٿي سگهي.

غلام محمد لاکو پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر تمام گهڻي مڃتا حاصل ڪري چڪو آهي، جنهن ڪري ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي ادارن جو ميمبر پڻ آهي.

**محمد پنهل ڏهر**